# سنڌي لسانيات

# تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس

تحقيق

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# سنڌي لسانيات

# تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس

ڊاڪٽر غلام علي الانا

سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو

حيدرآباد، سنڌ

2020ع

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو ڪتاب نمبر (333)

سڀ حق ۽ واسطا محفوظ

# سنڌي لسانيات: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس


| | |
|---|---|
| محقق: | ڊاڪٽر غلام علي الانا |
| ڇاپو پهريون: | ڊسمبر 2020 |
| ڪمپوزنگ: | محمد بخش ڀنگر |
| ٽائيٽل: | اسد الله ڀٽو |
| تعداد: | 500 |
| قيمت: | 500 |
| ناشر: | سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو |

**Catalogue Reference**
Allana, Dr. Ghulam Ali
Sindhi Linguistics, Research and
Critical Study
Sindhi Language
Sindhi Language Authority
ISBN: 978-969-625-180-4

Sindhi Lisaniyat: Tahqeeqi aen Tanqeedi Abhiyas

| | |
|---|---|
| By: | Dr. Ghulam Ali Allana |
| First edition: | December,2020 |
| Quantity: | 500 |
| Price: | 500 |
| Composing: | Muhammad Bux Bhangar |
| Title: | Asadullah Bhutto |
| Published by· | Secretary,Sindhi Language Authority, National Highway, Hyderabad, Sindh, 71000, Pakistan. |
| Tel: | 022-9240050-3 |
| Fax: | 022-9240051 |
| E-mail: | contact@sindhila.edu.pk |
| Website: | www.sindhila.org |
| Printed by: | M/S Pakiza Printers, Hyderabad. |

هيءَ ڪتاب، شبنم گل، سيڪريٽري، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ميسرس پاڪيزه پرنٽرز حيدرآباد مان ڇپرائي، اداري جي آفيس، نيشنل هاءِ وي، حيدرآباد، سنڌ مان پڌرو ڪيو.


پاران ايم ايڇ پنهور انسٽيٽيوٽ آف سنڌ اسٽڊيز، ڄامشورو.
Digitized by M. H. Panhwar Institute of Sindh Studies, Jamshoro.

# انتساب

آءٌ پنهنجي هيءَ ڪاوش، سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اوائلي اُستاد، ماهر ۽ بزرگ، پروفيسر پيرو مل مهرچند آڏواڻيءَ جي نالي منسوب ڪندي دلي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان. هن بزرگ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي وياڪرڻ جي کيتر ۾ جيڪا خدمت ڪئي هئي، سا سنڌي ٻوليءَ ۾ اڄ بہ بنيادي حيثيت تي رکي. سنڌي ماڻهن وٽ سندس ڪيل اُها خدمت هميشہ يادگار طور رهندي.

غلام علي الانا

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# فهرست


• ناشر پاران 7

• مهاڳ 9

1. سنڌي آوازن جا قسم: وينجن ۽ سُرَ، اُنهن جون خصوصيتون 1
2. سنڌي ٻوليءَ جا لهجا ۽ اُنهن جو تعارف 8
3. سنڌي صورتخطيءَ ۾ سُرَ صوتين جي استعمال جا عام مسئلا 19
4. سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جا گهاڙيٽا 42
5. عربي- سنڌي رسم الخط جي ابتدا لاءِ ماهرن جا ويچار 67
6. رومن- سنڌي رسم الخط: سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهم ضرورت 89
7. سنڌي ٻوليءَ جو مزاج: سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اُبتي ٻوليءَ جو تجربو 114
8. سماجي لسانيات: تعارف ۽ مقصد 129
9. ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ 139
10. ساميءَ جي سلوڪن جي ٻولي ۽ اُن جون نحوي بناوتون 159
11. سنڌي ٻوليءَ جون ڪي حسناڪيون 173
12. سنڌي ٻوليءَ جو تاريخي ۽ فني جائزو 183
13. ذريعہ تعليم طور سنڌي ٻوليءَ جو استعمال 202
14. هر ٻار کي سندس مادري ٻوليءَ ۾ تعليم ڏيڻ ڇو ضروري آهي؟ 214
15. شمس العلماء مرزا قليچ بيگ: سنڌي لسانيات جو هڪ اوائلي عالم 220
16. سنڌي لسانيات، صوتيات، گرامر ۽ سنڌي لغت تي ٿيل تحقيق 235
17. تفصيلي ببليو گرافي 243


books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# ناشر پاران

منهنجي لاءِ اها اعزاز جي ڳالهہ آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾ چيئرمئن جي حيثيت سان ڪم جي شروعات، سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم، لسانيات جي ماهر ۽ هن اداري جي اڳوڻي چيئرمئن ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ڪتابن جي ڇپائيءَ سان ٿي رهي آهي. هنن ڪتابن ۾ ڊاڪٽر الانا صاحب جو هڪ ڪتاب 'سنڌي لسانيات: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس' آهي، جيڪو ٻولي ۽ لسانيات بابت مختلف تحقيقي مقالن تي ٻڌل آهي ۽ ٻيو ڪتاب 'Evolution of Sindhi Language' آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ سنڌس ڇپيل ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' جو انگريزي ترجمو آهي. هي ٻئي ڪتاب، سنڌي ٻولي ۽ لسانيات تي ڪم ڪندڙ محققن توڙي شاگردن لاءِ بيحد ڪارائتا آهن.

هيءُ ڪتاب 'سنڌي لسانيات: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس' ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي مختلف تحقيقي جرنلن ۽ رسالن توڙي مخزنن ۾ ڇپيل، تحقيقي مقالن ۽ مضمونن تي مشتمل آهي. هي ڪتاب ڊاڪٽر صاحب پاڻ ئي سهيڙي، مسودو هن اداري کي شايع ڪرڻ لاءِ ڏنو هو. ڪتاب جي تياريءَ دوران ئي ڊاڪٽر صاحب جن هي فاني جهان ڇڏي ويا. افسوس جو پاڻ ڪتاب کي شايع ٿيندو نہ ڏسي سگهيا. البت ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب تي مهاڳ لکي اداري حوالي ڪيو هو جيڪو جيئن جو تيئن شايع ڪيو پيو وڃي.

مٿي ذڪر ٿي چڪو آهي تہ هن ڪتاب ۾ شامل تحقيقي مقالا ۽ مضمون، لسانيات ۽ ٻوليءَ بابت آهن، جيڪي بيحد ڪارائتا آهن تہ ساڳئي وقت اهي ٻولي ۽ لسانيات جي ڪيترن ئي نون پهلوئن ۽ پاسن کي، وڌيڪ تحقيق لاءِ اجاگر ڪن ٿا. اميد تہ مستقبل جا محقق، هن ڪتاب ۾ بحث هيٺ آيل نڪتن ۽ پاسن مان فائدو حاصل ڪري، تحقيق ۽ تنقيد جا نوان رخ اجاگر ڪندا.

اداري جي پبليڪيشن ۽ پراڊڪشن بيورو جي عملي هن ڪتاب جي تياريءَ ۾ تمام گهڻي محنت سان ڪم ڪيو آهي. مون کي اميد آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري جو هيءُ نهايت ئي اهم ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم ڊاڪٽر غلام علي الانا کي خراج پيش ڪرڻ سان گڏوگڏ، ٻولي ۽ لسانيات جي موضوع تي ڪم ڪندڙن لاءِ هڪ اهم ماخذ ثابت ٿيندو.

20 ڊسمبر 2020ع

ڊاڪٽر محمد علي مانجهي
چيئرمئن

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# مهاڳ

سنڌي هڪ امر ٻولي آهي. هن ٻوليءَ سان سنڌي قوم جو اَڻ ٽُٽ نفسياتي ڳانڍاپو آهي. سنڌي قوم جا ماڻهو پلي دنيا جي کهڙي بہ حصي ۾ رهندا هجن، پر سندن اُن ڳانڍاپي جو سنڌي ٻوليءَ کان ٽُٽي وڃڻ کنهن بہ لحاظ کان ممکن نہ آهي. اڄ تہ اليڪٽرانڪ ميڊيا ۽ انٽرنيٽ سندن اُن ڳانڍاپي کي پاڻ وڌيڪ مضبوط ڪري ڇڏيو آهي.

تاريخ شاهد آهي تہ ڌارين ۽ حملہ آور قومن، قديم سنڌ ملڪ تي، قديم زماني کان ڪاهون پئي ڪيون هيون ۽ ڪن قومن اُن تي فتح بہ حاصل ڪئي، پر اُنهن (حملہ آوارن) جي اڪثريت سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سڀيتا کي هرگز ختم ڪري نہ سگهي، البت ايراني، عرب ۽ انگريز اهڙيون قومون آهن، جن نہ فقط سنڌ کي فتح ڪيو پر اُنهن جي ٻولي ۽ تهذيب، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تهذيب کي تمام گهڻو متاثر ڪيو ۽ اڄ بہ انهن قومن جي ٻولين ۽ تهذيب جا اثر ۽ اُهڃاڻ سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تهذيب تي چٽا نظر اچن ٿا. سن 93هہ/712ع ۾، سنڌ ۾ اسلام ۽ اسلامي تهذيب جي اچڻ کان پوءِ، عام ماڻهن جي سوچ ۽ فڪر ۾ وڏي تبديلي آئي. اسلامي تهذيب ۽ خاص ڪري صوفي دوريشن جي تعليم، ماڻهن جي سوچ ۽ فڪر ۾ انقلابي تبديلي آندي، عام ماڻهن جي طبيعت تي رواداري ۽ انسان دوستيءَ واري سوچ ايتري قدر تہ اثر انداز ٿي، جو هن خطي ۾ رهندڙ ماڻهو هڪ ٻئي سان رواداري ۽ مذهبي ڀيد ڀاءَ کان آزاد سوچ سان رهڻ لڳا ۽ انسان دوستيءَ واري جذبي جا قائل ٿي ويا.

انگريزن سنڌ کان پهرين ننڍي کنڊ جي ٻين علائقن تي فتح حاصل ڪئي. اُنهن پوءِ 1843ع ۾ سنڌ کي بہ فتح ڪيو. سنڌ کي فتح حاصل ڪرڻ کان پوءِ اُنهن، سنڌ سميت ننڍي کنڊ ۾ تعليم ۽ سماجي سڌاري واري ڪم لاءِ جاڳرتا آندي، اُنهن پنهنجي حڪمران طبقي جي ماڻهن ذريعي، سڄي ملڪ ۾ تعليم، تدريس، انساني ڀائيچاري ۽ انساني ڀهبوديءَ وارن عملي قدمن سان ماڻهن جي وڏي خدمت ڪئي ۽ ملڪ ۾ اقتصادي ۽ تعليمي ترقي آندي، انهيءَ ڪري روشن خيالي ۽ ترقي پسنديءَ جا جديد لاڙا، اديبن، شاعرن، عالمن ۽ فاضلن توڙي عام ماڻهن جي ذهنن تي ڇانئجي ويا.

تاريخ شاهد آهي تہ اسلامي دنيا ۾، عباسي ۽ فاطمي دور ۾، مسلمان مفڪرن، عالمن ۽ فلسفين وٽان، يونان، برطانيہ، فرانس، جرمني، اٽلي ۽ اسپين توڙي يورپ جي ٻين ملڪن جي مفڪرن ۽ عالمن گهڻو ئي ڪجهہ حاصل ڪيو. يورپ جي ملڪن جي اُنهن توڙي اڳتي هلي ٻين مفڪرن ۽ فلسفين، مسلمان عالمن ۽ مفڪرن جي ڇڏي ويل علمي ۽ سائنسي نظرين تي نوان تجربا ڪيا ۽ اُنهن علمن کي اڳتي وڌايائون، اُهي پوءِ اُن ڏس ۾ علم ۽ سائنس جا اڳواڻ بڻجي ويا. پر مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ مسلمان ملڪن جي ماهرن مان اڳتي هلي، علم ۽ سائنس جو شوق موڪلائي ويو ۽ مسلمان ملڪ، اُن ڏس ۾ پوئتي رهجي ويا.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

علم اللسان، سماجي سائنس جو هڪ اهو وسيع علم آهي، جنهن ۾ اڄ، يورپ ۽ آمريڪا جا لسانيات جا ماهر دنيا ۾ اڳتي وڌي ويا آهن. اُنهن ماهرن هن علم جي باري ۾ هر دور ۾ نوان تجربا پئي ڪيا آهن ۽ اُنهن ۾ نوان نوان موضوع ۽ نوان نظريا پيش ڪيا اٿن. اڄ به انهن ملڪن جا عالم هن علم ۾ دنيا وارن جي اڳواڻي ڪري رهيا آهن.

مون کي معلوم نه آهي ته اڄ، مسلمان ملڪن جهڙوڪ: تيونس، لبيا، شام، سوڊان، مصر، سعودي عرب، ايران، انڊونيشيا ۽ ملائيشيا وغيره ۾ اُنهن ملڪن جي ماهرن، لسانيات توڙي سندن ملڪن جي ٻولين جي حوالي سان، ڪهڙي نئين تحقيق ڪئي آهي ۽ ڪهڙا ڪهڙا نوان نظريا پيش ڪيا اٿن. اُن سلسلي ۾ آءٌ بلڪل اڻڄاڻ آهيان، البت فارسي زبان جي باري ۾ ڪجهه نه ڪجهه ڄاڻ ضرور اٿم ۽ اهو به معلوم اٿم ته ايران ۾ لسانيات جي دانشورن، پنهنجي ٻوليءَ جي سلسلي ۾ گهڻو ئي تحقيقي ڪم ڪيو آهي، پر اُن جي باري ۾، ڪراچي ۽ حيدرآباد ۾ قائم ڪيل ’خانہ فرهنگ‘ جي منتظمين ڪا به پذيرائي ڪا نه ڪئي آهي.

پاڪستان ۾ ٻولين کي ته بلڪل سياسي مسئلن سبب نظر انداز ڪيو ويو آهي، خاص ڪري مقامي ۽ مادري زبانن کي ڪا به اهميت نه ڏني وئي آهي. اهو ئي سبب آهي جو سواءِ سنڌي ٻوليءَ جي، باقي سڀني مادري زبانن کي اهو به حق نه ڏنو ويو آهي، جيڪو اُنهن کي پنهنجن پنهنجن صوبن ۾ ملڻ گهرجي. افسوس جي ڳالهه هيءَ آهي ته پاڪستان جي ڪنهن به يونيورسٽيءَ ۾ علم اللسان جهڙي مضمون جي سکيا لاءِ به ڪو شعبو يا ادارو قائم نه ڪيو ويو آهي، البت سنڌ جي يونيورسٽين ۾، ايم اي سنڌيءَ ۾ سنڌي لسانيات بطور هڪ مضمون ضرور شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ شاگردن کي هن علم جو ڇڙ ته تعارف ئي ڪرايو ويندو آهي.

البت هن وقت سنڌي ٻوليءَ ۾ لسانيات تي جيترو تحقيقي ڪم ڪيو ويو آهي، اوترو پاڪستان ۾ ٻي ڪنهن به ٻوليءَ ۾، يا ٻوليءَ تي اڃا ڪو نه ٿيو آهي. ايتري قدر جو ’مقتدره اردو زبان‘ ادارو جيڪو خاص طور اردو زبان جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي جي زماني کان وٺي، وفاقي سرڪار جي هڪ اداري طور، قائم ڪيو ويو آهي، پر اُن اداري به علم اللسان جي حوالي سان، اردو زبان لاءِ ڪو خاص تحقيقي ڪم ڪو نه ڪيو آهي. هن ڏس ۾ سنڌي ادبي بورڊ، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کان سواءِ سنڌ جي خانگي ادارن، خاص ڪري سنڌيڪا اڪيڊمي، سنڌي ٻوليءَ جي سلسلي ۾، لسانيات جي حوالي سان پڻ ڪم ڪيو آهي. ’مقتدره اردو زبان ‘ کي ته وڏي عرصي کان وٺي وفاقي حڪومت طرفان هر سال ڪروڙين روپيا گرانٽ به ملندي رهي آهي، پر اُن اداري، سنڌ جي ادارن جي مقابلي ۾ اردو لسانيات تي ڪو به خاطر خواه ڪم نه ڪيو آهي.

حقيقت هيءَ آهي ته هن موضوع تي، پنهنجيءَ ڄاڻ موجب مون ڪجهه نه ڪجهه ڪم پئي ڪيو آهي ۽ شڪر آهي جو سنڌ جي ادارن منهنجن ڪتابن ۽ مقالن کي ڪليءَ دل سان شايع پئي ڪيو آهي. اُن سلسلي ۾ منهنجا گهڻي ۾ گهڻا مقالا، سنڌي ادبي بورڊ جي ٽماهي رسالي ’مهراڻ‘ جي مختلف شمارن ۾



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

1964ع کان وٺي شايع ٿيندا رهيا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ تي، ۽ سنڌي، اردو ۽ انگريزي ٻولين ۾ منهنجا ڪتاب، سنڌ جي اِنهن ادارن کان سواءِ، علامہ اقبال اوپن يونيورسٽي بہ شايع ڪيا آهن. هڪ ڪتاب زيب ادبي مرڪز حيدرآباد، 1974ع ۾ شايع ڪيو هو ۽ هڪ ڪتاب 'ادبيات' اداري بہ شايع ڪيو هو. انهن مان پهرئين ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' جو ٻيو سڌاريل، سنواريل ۽ وڌايل ڇاپو سال 2002ع ۾، 'سنڌيڪا اڪيڊميءَ' طرفان شايع ڪيو ويو ۽ ٻئي 'سنڌي صوتيات' جو سڌاريل، سنواريل ۽ وڌايل ڇاپو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان 2009ع ۾ شايع ڪيو ويو آهي.

هيءَ منهنجو نئون ڪتاب، جنهن جو عنوان 'سنڌي لسانيات: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس' آهي، سنڌي لسانيات جي مختلف پهلوئن جي حوالي سان، 16 مقالن تي مشتمل آهي. هر مقالي ۾ لسانيات جي ڌار ڌار پهلوئن تي تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس پيش ڪيو ويو آهي. انهن مقالن مان ٽي اهڙا مقالا آهن. جيڪي اڳ ۾ ڪنهن بہ رسالي ۾ شايع نہ ٿيا آهن. باقي تيرهن مقالا اُهي آهن، جيڪي هن کان اڳ تماهي مهراڻ، نئين زندگي، سنڌي ادب ۽ ڪينجهر رسالن ۾ ڇپيا هئا، پر اُنهن سڀني مقالن تي بہ نئين سر نظر وڌي وئي آهي، اُنهن کي ڪافي سڌاريو بہ ويو آهي ۽ ڇڻ تہ انهن کي بہ نئين سر لکيو ويو آهي. اهي سڀ مقالا، سنڌي صوتيات، لسانياتي جاگرافي، علم صرف، سنڌي صورتخطي، سنڌي ويا ڪرڻ، سماجي لسانيات، ذريعہ تعليم طور سنڌي ٻوليءَ جو استعمال ۽ مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ جو ضروري آهي، جهڙن موضوعن جي باري ۾ لکيا ويا آهن. جيڪي علم اللسان جي اڀياس جي لحاظ کان تمام اهم مقالا آهن.

حقيقت هيءَ آهي تہ سنڌي لسانيات جي اڪثر موضوعن جي باري ۾، پارت ۾ لسانيات جي سنڌي ودوانن وڏو ڪم ڪيو آهي. اُنهن مان ڪن جا نالا هن ڪتاب ۾ هڪ مقالي ۾ ڏنا ويا آهن. سنڌ ۾ هن علم تي ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويي، مخدوم محمد زمان 'طالب المولي'، ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، پروفيسر علي نواز جتوئي، عبدالقيوم، واحد بخش شيخ، آغا تاج محمد، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر محبت برڙي، شيخ محمد فاضل، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، سراج الحق ميمڻ، ڊاڪٽر هدايت آخوند، ڊاڪٽر داد محمد بروهي، تاج جويي، امداد حسيني، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر الطاف جوکيي ۽ مختيار ملاح تعريف جوڳو ڪم ڪيو آهي.

تازو علم اللسان جي موضوع تي، ڪراچي يونيورسٽيءَ مان ٻن محققن آفتاب ابڙي ۽ شازيہ پتافي Ph.D جي ڊگري حاصل ڪئي آهي، انهن ٻنهي محققن مان ڊاڪٽر آفتاب ابڙو ڪافي وقت کان سنڌي لغت نويسيءَ جي موضوع تي لکندو رهيو آهي.

پڙهندڙن کي شايد معلوم هجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا (Teaching of Sindhi Language) واري موضوع تي، ورهاڱي کان پوءِ مرحوم محمد صديق مسافر، علامہ ڊاڪٽر دائود پوٽي، واحد بخش شيخ، محمد اسماعيل عرساڻي، محمد ابراهيم جويي ۽ ٻين بہ ڪيترن ئي ماهرن، سنڌي درسي ڪتابن جي حوالي سان گهڻو ڪم ڪيو هو. پر 1970ع واري ڏهاڪي کان وٺي، جڏهن کان 'سنڌ بيورو آف ڪريڪيولم' وارو ادارو قائم ڪيو ويو آهي، تڏهن کان وٺي، هن اداري، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي تعليم جي ماهرن، جهڙوڪ: ابن



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

الياس سومري، عبدالواحد شيخ، رحيم بخش ميمڻ ۽ پوءِ اڳتي هلي سيد شير شاهہ کان سواءِ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي ماهرن جهڙوڪ: سيد محمد صالح شاهہ، سيد قادن شاهہ، امداد حسيني ۽ ويجهڙائيءَ ۾ شفيع محمد چانڊيي کان سواءِ سنڌ جي ڪيترن ئي اديبن ۽ اُستادن: تاج جويي، زاهده کهاوڙ سليم ميمڻ ۽ ٻين، سنڌي نصاب ٺاهڻ واري ڪميٽيءَ جي ميمبرن جي حيثيت ۾، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا جي سلسلي ۾، سنڌي لفظن، فقرن ۽ جملن جي ساخت، سناءَ توڙي سنڌي ويا ڪرڻ ۽ سنڌي لسانيات جي ٻين پهلوئن تي ٻڌل نصاب کي ٺاهيو ۽ تشڪيل پئي ڏني آهي.

گذريل ڏهن سالن کان، 'بيورو آف ڪريڪيولم' سنڌي نصاب ۾ نئين گهرجن سبب، سڌاري ۽ واڌاري لاءِ ۽ سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان لڪرايل نصابي ڪتابن تي نظرثاني ڪرائڻ لاءِ، نئين ڪميٽي جوڙي آهي. هن ڪميٽيءَ تي امداد حسيني، تاج جويي، سيد اڪبر شاهہ نمائيءَ کان سواءِ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ جي نمائندي شفيع محمد چانڊيي کان سواءِ سنڌ ڪريڪيولم بيورو جي نمائندن هر هڪ: ادريس جتوئي، محترمہ تحسين انصاري ۽ دلشاد ڏيٿي کي ميمبر طور مقرر ڪيو ويو آهي. هيءَ ڪميٽيءَ ڪلاس پهرئين کان وٺي ڪلاس نائين- ڏهين تائين، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان لڪرايل سنڌي نصابي ڪتابن تي نظرثاني ڪندي رهي آهي.

پاڪستان جي آئين ۾ 18 ترميم جي منظور ٿيڻ کان پوءِ ٻين ڪيترن ئي مسئلن جا حل هاڻي صوبن جي حوالي ڪيا ويا آهن، جن ۾ تعليم ۽ خواندگي بہ شامل آهي. انهيءَ ڪري سنڌ سرڪار سنڌ ۾ تعليم جي سلسلي ۾ سڄي نصاب تي ملڪ جي ضرورتن کي سامهون رکي، نظرثاني ڪرائڻ جو اصولي فيصلو ڪيو آهي. اُن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا تي نظرثاني جي نصاب واري ڪميٽيءَ جو پهرين ميمبر ۽ پوءِ ڪنوينر رهيو آهيان.

سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ ۽ سنڌ بيورو آف ڪريڪيولم جي ماهرن سان، سنڌي نصاب تي ڪم ڪرڻ کان پوءِ، مون کي احساس ٿيو آهي تہ مون سميت، سنڌي لسانيات جي سنڌي ٻوليءَ جي ڏار ڏار پهلوئن تي لکڻ وقت، سنڌي درسي ڪتابن ۽ اُنهن ۾ ڪم آندل ٻوليءَ توڙي ٻوليءَ جي سکيا لاءِ ڪم آندل اصولن تي ڪڏهن بہ ڪا نظر ڪا نہ وڌي آهي ۽ اُنهن سڀني کي سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن طور قبول ئي نہ ڪيو ويو آهي، جن هن ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. ويجهڙائيءَ ۾، گذريل ٽن سالن کان سنڌ بيورو آف ڪريڪيولم جي ٽن ماهرن، هر هڪ: محترمہ تحسين انصاري، ادريس جتوئي ۽ دلشاد ڏيٿي سان سنڌي نصاب جي سناءَ تي ڪلاڪن جا ڪلاڪ ويهي گڏ ڪم ڪرڻ سان مون محسوس ڪيو تہ اهي صاحب توڙي ڪي ٻيا سڄڻ، سنڌي ٻوليءَ جي سيکارڻ جي سلسلي ۾، سنڌي لسانيات، سنڌي وياڪرڻ جي ڌار ڌار پهلوئن کان سواءِ تشريحي لسانيات جي درجيوار گُهرجن کان بہ ڪافي ڄاڻو آهن. اُن باري ۾ (مون سميت) سنڌي ٻوليءَ تي لکندڙ سڄڻ بلڪل اڻڄاڻ آهن. اُن جو وڏو ڪارڻ هي آهي تہ عام ماڻهن يا عام اديبن ۽ شاعرن کي، سنڌي سکيا جي نصاب جوڙڻ واري طريقہ ڪار ۽ ان لاءِ گهربل مواد ۾ ڪا بہ دلچسپي ڪا نہ هوندي آهي. هن سلسلي ۾، عام اديبن ۽ شاعرن مان اُهي اديب هن موضوع تي دلچسپي رکندا آهن، جن کي ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان، درسي ڪتابن جي لکڻ جي آڇ ڪئي ويندي آهي يا اُنهن مان ڪن کي نصابي ڪتابن تي نظرثاني ڪرڻ لاءِ مقرر ڪيو ويندو آهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مون کي اهو بہ احساس آهي تہ علم اللسان هڪ خشڪ موضوع آهي، انهيءَ ڪري هن موضوع تي لکڻ وارن جو تعداد، آڱرين تي ڳڻن جيترو مس ٿيندو. انهيءَ هوندي بہ ڪي دوست هن موضوع تي لکڻ جي مشق ڪندا رهيا آهن، اُنهن ۾ ڊاڪٽر الطاف جوکيي ۽ مختيار احمد ملاح جا لکيل مقالا ۽ ڪتاب تعريف جوڳا آهن.

آءٌ پنهنجو هي ڪتاب پڙهندڙن جي خدمت ۾ پيش ڪندي خوشي محسوس ڪري رهيو آهيان. سنڌ جي اديبن ۽ شاعرن کي اهو معلوم آهي تہ سنڌي لسانيات منهنجو دل پسند موضوع آهي. مون کي اميد آهي تہ عام پڙهندڙ اديب، اُستاد ۽ شاگرد، خاص ڪري اُستادن جي تربيت وارن ادارن جا اُستاد، شاگرد ۽ ماهر هن ڪتاب ۾ شامل مقالن جي مطالعي مان گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ حاصل ڪري سگهندا.

آءٌ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي چيئرمئن محترم پروفيسر ڊاڪٽر عبدالغفور ميمڻ جو ٿورائتو آهيان، جن منهنجي هن ڪتاب کي سنڌي ٻوليءَ جي اديبن، شاعرن، اُستادن ۽ شاگردن لاءِ فائديمند سمجهي، اُن جي شايع ڪرڻ ۾ منهنجي مدد ڪئي آهي.

هن ڪتاب ۾ ڪي اوڻايون ضرور نظر اينديون. سڀني پڙهندڙن کي گذارش آهي تہ انهن اوڻاين تي پنهنجي تنقيد، اخبارن يا رسالن ۾ شايع ڪرائڻ کان اڳ، مون سان رابطو ڪن ۽ پنهنجو تنقيدي رايو مون کي موڪلي ڏين تہ جيئن آءٌ پاڻ پهرين اُن کي ڏسان ۽ ان تنقيد مان فائدو حاصل ڪريان.

حيدرآباد، سنڌ
21 مارچ 2018ع

سنڌي ٻوليءَ جو فدائي
غلام علي الانا



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# سنڌي آوازن جا قسم:وينجن ۽ سُرَ، اُنهن جون خصوصيتون

1. (الف) ماهرن، ڳالهائڻ جي آوازن کي ٻن مکيه قسمن ۾ ورهايو آهي: (i) وينجن (Consonants) ۽ (ii) سُرَ (Vowels) . سنڌي ٻوليءَ جي پراڻن وياڪرڻين عام طور، پنهنجن وياڪرڻن ۾ Consonant لاءِ 'حرف صحيح' ۽ Vowel لاءِ 'حرف علت' لفظ ڪم آندا آهن، پر حقيقت ۾ انگريزي ٻوليءَ جي لفظن Consonantt ۽ Vowel لاءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم آندل لفظ 'حرف صحيح' ۽ 'حرف علت' موزون نعم البدل نہ آهن. دراصل 'حرف' مان مراد، آواز جي لکيل صورت آهي ۽ انهيءَ ڪري 'حرف صحيح' (Consonantal Letter) 'وينجن' جي لکيل صورت کي چئبو. مثال طور 'ب' حرف، [ب] وينجن آواز جي لکيل صورت آهي، تنهن ڪري 'ب' کي 'وينجني حرف' چئبو پر [ب] کي 'وينجن' چئبو. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ حرف صحيح ۽ حرف علت، انگريزي ٻوليءَ جي لفظن 'Consonant' ۽ 'Vowel' جا موزون نعم البدل نہ آهن (Jhamatamal Waswani, 1892: 17&19).

اهڙيءَ طرح 'اَ، آ،اِ، اي، اُ، اوُ اي، آي، او ۽ آو' حرف، [اَ، آ،اِ،اِي، اُ، اُو، اي، آي، او ۽ آو] سر آوازن، جون لکيل صورتون آهن، تنهن ڪري اِنهن کي 'سر صورتون' يا 'سرن نما اکر يا حرف' (Vowel Letters) چئبو ۽ نہ ڪ 'سر'. اردو ٻوليءَ ۾ لسانيات جا ماهر، حرف صحيح لاءِ 'مصمت' ۽ حرف علت لاءِ 'مصوّت' لفظ ڪم آڻيندا آهن ( ڊاڪٽر محمود حسن خان، 1961: 111 ۽ 217)

اهڙيءَ ئي طرح عربي زبان جي صوتياتي اصول موجب Consonant کي مصمّة ۽ Vowel کي مصوّة چئبو آهي (Khalil, i-suleman, 1963: 48).

**2.وينجن جي وصف:**

(الف) ابتدائي زماني کان وٺي، جڏهن کان انسان ڳالهائڻ شروع ڪيو آهي، تڏهن کان وٺي، هر زبان جي صوتياتي نظام ۾ 'وينجن' ۽ 'سُر' ضرور موجود رهيا آهن. ڇاڪاڻ تہ سُر کان سواءِ صرف 'وينجن جا ميڙ'، 'پد' يعني Syllable ۽ 'لفظ' (Words) ٺاهي نٿا سگهن. البت ڪو بہ هڪ سر يا هڪ کان وڌيڪ سر گڏجي، ڪو 'پد' يا لفظ ٺاهي سگهن ٿا، پر ڪو بہ هڪ وينجن يا هڪ کان وڌيڪ وينجنن جا ميڙ سر کان سواءِ، پنهنجي سِر ڪو بہ پد يا لفظ ٺاهي نٿا سگهن. انهيءَ ڪري هر ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ 'وينجنن' ۽ 'سرن' جو موجود هئڻ ضروري آهي.

انهيءَ ڪري هيءَ دعويٰ تہ: "اسان جي هاٽوڪي زبان جي لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ جيئن اڳ تيئن الفاظ حروف صحيح مان بنيل هئا، يعني منجهن حرف علت بلڪل گهٽ هئا يا مورڳو نہ هئا. هاٽوڪا بنا حرف علت (ا، و ۽ ي) کان سواءِ لفظ جهڙوڪ: ٻہ، تہ، نہ، مک، نٽ، ڪکڙ، مکڙ ۽ ڪڙ شايد انهيءَ تاريخي اصليت ڏانهن اشارو ڪن ٿا. لفظ جي اهڙي بيهڪ ۽ بناوت جي ماضيءَ جي مطالعي مان پائنجي ٿو تہ عربيءَ جي اثر کان اڳ، سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح مان مرڪبات هئا." (بلوچ



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

نبي بخش خان، 1961: مهاڳ) ، سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي اصولن موجب قبول ڪري نہ سگهبي. هن ڏس ۾ ٻارٽل مالمبرگ جي راءِ نهايت ئي وزندار آهي، جنهن موجب:

"Consonants always sound with same thing, and cannot alone. The vowels are abo called 'sumants' because they can sound without the support of anything else" (Bertil Malmberg, 1936: 5)

(ب) 'وينجن' ۽ 'سُر' جي اُچارڻ جي طريقي ۾ بہ وڏو فرق آهي، تنهن ڪري ٻنهي يعني 'وينجن' ۽ 'سُر' جي وصف ۾ بہ فرق هئڻ گهرجي. مثال طور وينجن اُنهن آوازن کي چئبو آهي:

(i) جن جي اُچار ڪرڻ مهل، ڦڦڙن کان ڌوڪي ايندڙ هوا کي، وات واري ڪوبي ۾ يا نڙيءَ ۾، ڪنهن خاص هنڌ تي ڪجهہ قدر يا مڪمل طور يعني 'سُڪ' روڪي سگهجي، جيئن [ب، ت، ٿ، ڌ، ڏ، ڄ ۽ ڇ] وغيره جي اُچار ڪرڻ وقت محسوس ڪبو آهي.

(ii) جن جي اُچار ڪرڻ مهل، ڦڦڙن کان ڌوڪي ايندڙ هوا کي ڪنهن گهٽيل ۽ تنگ لنگهہ مان لنگهڻو پوندو آهي، اهڙيءَ حالت ۾ 'گهڪيدار' يا 'گيسڙو' آواز (Frictional Sound) پيدا ٿيندو آهي، جيئن: [ف، و س، ز ۽ ش] وغيره.

3. وينجنن جون خصوصيتون:

(الف) (i) وينجن هلڪا ۽ ڳرا ٿيندا آهن. هر انسان جي نڙگهٽ ۾ 'آوازي تندون' (Vocal Cords) ٿينديون آهن. اُهي تندون، مشڪن وسيلي ڇڪي بہ سگهبيون آهن ۽ ڍريون بہ ڪري سگهبيون آهن. جڏهن ڪنهن آواز جي اُچار ڪرڻ مهل، اهي آوازي تندون ڇڪجي، هڪ ٻئي جي ويجهو اچي ۽ هڪ ٻئي سان ملي، هوا جو لنگهہ بند ڪري ڇڏين، تڏهن ڦڦڙن کان ڌوڪي ايندڙ هوا جي داٻ ڪري، اُهي آوازي تندون لرزش ۾ اينديون آهن ۽ انهيءَ لرزش جي ڪري ئي، هوا کي لنگهڻ ڏين ٿيون. اُنهيءَ حالت ۾ اُچاريل آوازن کي 'ڳرا آواز' (Voiced Sounds) چئبو آهي، اهڙا ڳرا آواز آهن: [ب، ڀ، م، ڌ، ن، ڊ، ڍ، ڏ، ڻ، ڙ ج، جهہ ڳ، گهہ گ، و ۽ ي]. پروفيسر پيرو مل آڏواڻي اهڙن ڳرن آوازن کي "'ڪٺور' يا 'سخت' آواز سڏيو آهي."

پر جڏهن آوازي تندون ڍريون هئڻ ڪري، هڪ ٻئي کان پري هونديون آهن، تڏهن انهن جي وچ ۾ هڪ خال ٺهي پوندو آهي. اهڙيءَ حالت ۾ ڦڦڙن کان ڌوڪي ايندڙ هوا، اُن خال مان بنا ڪنهن رڪاوٽ جي، آسانيءَ سان لنگهي ويندي آهي ۽ آوازي تندون خاموش حالت ۾ بيٺل هونديون آهن. يعني ڪنهن بہ قسم جي حرڪت/ لرزش ڪو نہ ڪنديون آهن. لهاذا ڪنهن بہ آواز جي اُچار ڪرڻ جي اُها حالت جنهن ۾ آوازي تندون، لرزش نہ ڪنديون هجن، اهڙو آواز جنهن ۾ آوازي تندون تحرڪ ۾ نہ اينديون هجن، 'هلڪا' (Voiceless) 'نرم' آواز سڏبو آهي (پيرو مل اڏواڻي، 1925:) انهيءَ وضاحت کان پوءِ هيئن چئبو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ اُچاريل آواز 'هلڪا ۽ ڳرا' ٿيندا آهن.

(ii) سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾، ڪن آوازن جا ٻہ ٻہ جوڙ اُچاريا ويندا آهن. يعني 'هلڪا ۽ ڳرا جوڙ'، يعني ڳرن آوازن سان انهن جي هلڪن آوازن جا جوڙ بہ شامل هوندا آهن. سنڌي صوتياتي نظام ۾ ڪيترائي ڳرا آواز ڪم ايندا آهن، جن جا 'هلڪا جوڙ' (Voiceless counter parts) بہ هوندا آهن. اهڙا



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

هلڪا ۽ ڳرا آواز ساڳئي مخرج (point of articulation) ڪان ساڳيءَ ريت اُچاريا ويندا آهن، جيئن:

[ت ۽ د] هڪ ٻئي جا جوڙ آهن. [ت] ڏندن وارو هلڪو اَوسرگ ڌماڪيدار آواز آهي ۽ [ڏ] ڏندن وارو ڳرو وسرگ ڌماڪيدار آواز آهي، سنڌ جي پراڻن وياڪرڻين [ت] ۽ [د] کي 'نرم' (Soft) آواز سڏيو آهي، پر [ٽ ۽ ڊ] کي 'ڳرا' (hard) آواز سڏيو اٿن. (نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، 1962ع: 7). جيڪا راءِ صحيح نہ آهي.

**(iii) سنڌي صوتيات ۾ ڪم ايندڙ اهڙن هلڪن ۽ ڳرن آوازن جي جوڙ جي فهرست هيٺ ڏجي ٿي:**

| هلڪا | ڳرا | هلڪا | ڳرا | هلڪا | ڳرا | هلڪا | ڳرا |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| پ | ب | – | ن | ڪ | گ | ف | و |
| ڦ | ڀ | – | نھ | ک | گھ | س | ز |
| – | م | – | ڻ | – | ڱ | ش | – |
| – | مھ | – | ٽھ | – | ڳ | ھ | – |
| – | د | – | ر | چ | ڇ | خ | غ |
| ت | ڏ | – | ڙ | ج | جھ | پ | – |
| ٿ | ڊ | – | ڙھ | – | ڄ | | |
| ٽ | ڍ | – | ل | – | ڃ | | |
| ٺ | ڌ | – | لھ | – | ي | | |

هلڪن ۽ ڳرن آوازن جي وچ وارو فرق، علم صوتيات ۾ نمايان حيثيت رکي ٿو. ڪيترائي پڙهيل ماڻهو اهو فرق محسوس ڪري نہ سگهندا آهن.

**(ب) وسرگ (aspirated) ۽ اَوسرگ (unaspirated) آواز:**

وينجن آوازن جي ٻي خصوصيت 'وسرگائي' (Aspiration) آهي. هيءَ خصوصيت نہ فقط سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ اهم حصو ادا ڪري ٿي، پر پاڪ۔ هند جي ٻين بہ سيني آريائي ٻولين ۽ قديم يوناني زبان ۾ بہ هيءَ خصوصيت نظر ايندي آهي. (Allen, W.S. 1957:5, also Bertinl malmbrg: 43)

اهو خيال ۾ رهي تہ وسرگ آواز انگريزي ٻوليءَ ۾ بہ اچاريا ويندا آهن. (Ginson, A.C, 1964: 146)، پر انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ 'وسرگائي' ۽ اسان جي ٻوليءَ جي وسرگائيءَ ۾ وڏو فرق آهي. انگريزي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ وسرگائي، 'صوتي' (Phonenic) نہ آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ وسرگائي صوتي آهي، يعني سنڌي ٻولي جي صوتياتي نظام موجب [پ] جو وسرگ جوڙ [ڦ] آهي، پر انگريزي ٻوليءَ ۾ ائين نہ آهي. سنڌي صوتيات موجب، وسرگ وينجن آواز هڪ ڌار 'صوتيہ' (Phoneme) جي حيثيت رکن ٿا، جڏهن تہ انگريزي ٻولي ۾ وسرگ آواز ڌار صوتيہ طور ڪم نٿا اچن. مطلب تہ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام موجب، [پ] ۽ [ڦ] بہ ڌار ڌار صوتيہ (Phonemes) آهن. سنڌي صوتيات ۾، وينجنن جي مدد سان، لفظن جي ساختن ۾ اهڙين ٻن صوتين جي استعمال سان، يا ٻنهي صوتين کي، ڪنهن خاص جاءِ تان تبديل ڪرڻ



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سان، يعني هڪ صوتيه جي بدران ڪنهن ٻيءَ صوتيه جي ڪم آڻڻ سان، انهن لفظن جي معنيٰ بدلجي ويندي آهي. هيٺ ڏنل مثالن مان معلوم ٿيندو ته ڪنهن به لفظ جي 'مُنڍ' يا وچ واريءَ حالت ۾ ڪم آيل /پ/ ۽ /ڦ/ توڙي ٻين صوتين جي بدلائڻ جي ڪري، لفظن جي معنيٰ به بدلجي ٿي وڃي، جيئن:

(i) مُنڍ ۾ ڪم آيل صوتيه جي تبديلي:

| صوتيه | اوسرگ صوتيه | وسرگ صوتيه |
|---|---|---|
| /ڪ ۽ ک/ | ڪَپ | کَپ |
| /ٽ ۽ ٺ/ | ٽِر | ٺِر |
| /پ ۽ ڦ/ | پَر | ڦَر |
| /چ ۽ ڇ/ | چنڊ | ڇنڊ |

(ii) وچئين صوتيه جي تبديلي:

| صوتيه | اوسرگ صوتيه | وسرگ صوتيه |
|---|---|---|
| /ڪ ۽ ک/ | ڪڪِ | ڪکِ |
| /ٽ ۽ ٺ/ | لَٽ | لِٺ |
| /چ ۽ ڇ/ | لُچ | لُڇ |

**(ت) وسرگائي (aspiration):**

(i) اهو هڪ اهم سوال آهي ته 'وسرگائي' (Aspiration) ڇاڪي ٿو چئجي؟ اها ته مجيل ڳالهه آهي ته آوازن جي اُچارڻ مهل، ڦڦڙن کان ڌوڪي ايندڙ هوا جو زور ڪن حالتن ۾ وڌيڪ هوندو آهي، ته ڪن حالتن ۾ گهٽ هوندو آهي. هوا جو زور، 'پيٽ ڇهه' (diaphragm) جي وسيلي ڏنل زور تي مدار رکي ٿو. جڏهن هوا جي داٻ جو زور گهٽو هوندو آهي ۽ هوا جي لنگهه وٽ رڪاوٽ پيل هوندي آهي، تڏهن اُنهيءَ رڪاوٽ جي هٽي وڃڻ سان، 'هوا جي ڦوڪ' (Putt of breath)، هڪدم آواز جي پويان، اُن سان گڏوگڏ ڌوڪيندي ٻاهر ايندي آهي. هوا جي انهيءَ 'ڦوڪُ' کي 'وسرگائي' يا اردو ٻوليءَ ۾ 'تنفيس' (aspiration) چئبو آهي (شوڪت سبزواري، 1966ع: 101، 103 ۽ 104).

اهڙيءَ طرح اُهي آواز جن سان هوا جي ڦوڪ گڏجي ايندي آهي، اهڙن آوازن کي 'وسرگ آواز' (aspirated sounds) چئبو آهي، اهڙا آواز آهن: ڦ، ڀ، ٿ، ٺ، ڌ، ٿ، ڍ، نهه، ٺهه، ڇ، جهه، ڙهه، ک، گهه ۽ لهه. اِنهن آوازن ۾ وسرگائي محسوس ڪرڻ لاءِ آسان طريقو هي آهي ته وسرگ آوازن جي اُچارڻ مهل، پنهنجي هٿ جي پُٺ، چپن جي ويجهو جهلجي، وسرگ آواز جي اُچارڻ وقت هوا جي ڦوڪ (وسرگائي)، هٿ جي پُٺ تي محسوس ڪري سگهجي ٿي.

اهڙيءَ طرح اُهي آواز جن سان هوا جي ڦوڪ گڏيل نه هوندي آهي، تن کي 'اوَسرگ' (unaspirated) آواز چئبو آهي، اهڙا آواز هي آهن:

پ، ٻ، ٻ، م، ت، د، ٽ، ڊ، ڏ، ن، چ، ج، ڄ، ڃ، ڙ، ڪ، گ، ڳ، ڱ ۽ ل.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ٻوليءَ جي ڪن وياڪرڻين جي خيال موجب [جهہ] ۽ [گهہ] مرڪب آواز آهن (محمود حسين ڊاڪٽر، 1961ع: 111) جيڪي [ج] ۽ [هہ]، ۽ [گهہ ۽ هہ] جي گڏيل آوازن جي نمائندگي ڪن ٿا، پر جن اکرن جهڙوڪ: ٻ، ڄ، ڃ ۽ ڪ وغيره ۾ هہ گڏيل نہ آهي، اهڙن اکرن لاءِ وري ڪي صاحب هيءَ راءِ ڏيندا آهن تہ اهي بہ مرڪب آواز آهن، پر انهن ۾ 'هہ' پهرئين آواز ۾ سمائجي يعني 'مُدغم' ٿي وئي آهي (شوڪت سبزواري، ڊاڪٽر، 1966ع: 106) ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ انهن ماهرن جي راءِ موجب [ ٺ، ڏ، ٿ] ۾ [هہ]، [ت]، [د] ۽ [ٽ] آواز ۾ بلڪل سمائجي يعني اُن ۾ مدغم ٿي چڪي آهي، انهيءَ ۾ ڪري انهن جي راءِ موجب [ ٻ، ڏ، ٿ، ڊ، ڦ، ڇ ۽ ک] جي وسرگائي ظاهر ڪرڻ لاءِ بنيادي حرفن سان 'هہ' ملائڻ جي ڪا ضرورت ڪانهي، پر سنڌي صوتياتي نظام ۾ وسرگ آوازن جي مطالعي جي سلسلي ۾ اهڙا نظريا قبول ڪرڻ جهڙا نہ آهن.

وسرگ آوازن جي جديد مطالعي جي سلسلي ۾، ننڍي کنڊ پاڪ- هند جي لسانيات جو مشهور ماهر، پروفيسر ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجي لکي ٿو:

> "The aspirated stops kh, gh, ch, jh, th and bh were felt by the ancient indian phonetiocians as compound sounds, made up of the stops (spars'a) element accompanied by emission of breath (usman, prana): Hence they were called mata prana, i.e 'great breath' or much breath Sounds. Later on, in adopting the Persio- Arabic Script for Hindi in india, the aspirate were indicated by the letter for stops plus هہ=h"
>
> (Chatterji, S.k. 1942:256)

(iii) جديد لسانيات جي اصولن موجب [جهہ ۽ گهہ] يا [ ڦ، ڀ، ٺ، ڏ، ٿ، ڊ ۽ ک] مرڪب آواز نہ پرر مفرد آواز آهن. انهن آوازن ۾ 'هہ' حرف ڪنهن بہ ڌار آواز جي نمائندگي نٿو ڪري جو ڪٽي چئجي تہ [ج+هہ] گڏيل يا مرڪب آواز آهي. دراصل 'جهہ' حرف ۾ 'هہ' صورت، وسرگائيءَ جي موجودگيءَ جو اُهڃاڻ آهي، تنهن ڪري اهڙن حرفن يا اکرن يعني 'جهہ ۽ گهہ' کي گڏيل يا مرڪب آوازن جون لکيل صورتون سڏڻ درست راءِ نہ آهي.

سنڌي صورتخطيءَ ۾ 'نڙ گهٽ' واري گهڪيدار آواز [هہ] کي، مرڪب آوازن ۾، عربيءَ مان اُڌارن ورتل لفظن جي لکيل صورت ۾ پهرينءَ صورت مٿان، جزم ڏني ويندي آهي، هيٺ اهڙو هڪ مثال پيش ڪجي ٿو. جنهن ۾ وسرگائي ڏيکاريندڙ 'هہ' ۽ مرڪب آواز ۾ ڪم ايندڙ پوئين جُز [هہ] جي پيٽ ڪئي وئي آهي.

| وسرگ آواز جي لکيل صورت | | مرڪب آواز ۾ 'هہ' جي لکيل صورت |
|---|---|---|
| [مهہ] سامهون | مہ+هہ | تمهيد (پر هن قسم جا مثال ديسي لفظن ۾ ملڻ مشڪل آهن، صرف عربي ۽ فارسي ٻولين مان اُڌارن ورتل لفظن ۾ ئي ممڪن آهن.) |

مٿي ڪيل بحث مان هي نتيجو ٿو نڪري تہ ڦ، ڀ، ٺ، ٿ، ڊ، ڍهہ، نهہ، ڇ، جهہ، گهہ، ڙهہ ۽ لهہ حرف، مرڪب آوازن جي لکيل صورتن جي نمائندگي نٿا ڪن، پر اهي سڀ مفرد وسرگ آوازن جون لکيل صورتون آهن. انهن مان مهہ، نهہ، جهہ، ڙهہ، لهہ ۽ گهہ ۾ 'هہ' صورت ملائي، اُنهن آوازن جي وسرگائي ظاهر



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪئي وئي آهي، جڏهن تہ ڦ، ٿ، ٺ، ڍ، ڌ ۽ ڇ جي حالت ۾، اوسرگ صورتن ۾ زائد نقطا ملائي، ظاهر ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ طرح 'ک' حرف بہ [ڪ] آواز جي وسرگ صورت آهي. انهيءَ ڪري هيٺ اوسرگ ۽ وسرگ آوازن جي فهرست ڏجي ٿي:

| هلڪا | | ڳرا | |
|---|---|---|---|
| اوسرگ | وسرگ | اوسرگ | وسرگ |
| پ | ڦ | ب | ڀ |
| – | – | م | مهہ |
| – | – | ٻ | – |
| ت | ٿ | د | ڌ |
| ٽ | ٺ | ڊ | ڍ |
| – | – | ڻ | ڻهہ |
| – | – | ڏ | – |
| – | – | ن | نهہ |
| چ | ڇ | ج | جهہ |
| – | – | ڄ | – |
| – | – | ڃ | – |
| ڪ | ک | گ | گهہ |
| – | – | ڱ | – |
| – | – | ڳ | – |
| – | – | ل | لهہ |
| – | – | ڙ | ڙهہ |
| ف | – | و | – |
| س | – | ز | – |
| ش | – | – | – |
| – | – | ي | – |
| خ | – | غ | – |
| ق | – | – | – |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

**(ث) صوتيہ (Phoneme) ڇا آهي؟**

صوتيہ ساڳين صوتي آوازن جو هڪ گروهہ آهي (ڊينئل جونز هن کي Family of Sound سڏيو آهي) اهي آواز ٻوليءَ ۾ سيني هڪ گروهہ جي آوازن ۾ فرق ڏيکارين ٿا ۽ ساڳئي وقت اُهي پاڻ ۾ علحدگي بہ رکن ٿا. يعني اُهي هڪ جهڙا نہ آهن. انهيءَ ڪري چئبو تہ اهي آواز جيڪي ساڳيءَ صوتيہ سان نسبت رکندا هجن ۽ گڏجي ساڳي صوتيہ ٿا هين. اهڙن آوازن کي 'صوتيہ ـ ياتي' (Allo Phons) چئبو آهي.

حاصل مطلب تہ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ آوازن جا ٻہ قسم ٿيندا آهن: (i) وينجن ۽ (ii) سُرَ.

سُر جي باري ۾ ايندڙ صفحن ۾ 'سنڌي صورتخطيءَ ۾ سرُ صوتين جا مسئلا' جي عنوان واري مضمون ۾ سر جي باري ۾ تفصيل سان لکيو ويو آهي. انهيءَ ڪري هن مضمون ۾ 'سُر' جي باري ۾ ڪجهہ بہ لکجي ها تہ دهراءُ ٿئي ها. بهرحال 'سُر' جي باري ۾ اُهو مضمون ڪافي واضح آهي.

**حوالا**


1. Allen, W. S, 1957, Phonetics in Ancient India, Some Phonological Characteristics of Rajasthan, BSOAS, xx, p.5.

2. Bartil, Malmberg, 1936, Phonetics, Newyork: Dover publication, INC., pp.5 and 43

3. Chatterji, S.K., 1942, Indo-Aryan and Hindhi, Ahmedabad: Gujrat Varnanlar Society, p. 256

4. Gimson, A.C., 1964, An Introduction to the Pronunciation of English, London: Edward Arnold (publishers) Ltd., P. 146

5. Jhamatmal Waswani, 1892, New Sindhi Grammar, Karachi: Government Central Book Depart, pp. 17 and 18.

6. Khalil I., Suleman, 1963, Arabic Phonetics, Translation of Indo-Sina's Silsalah, Sh. Mohammad Ashraf, Kashmir Bazaar, Lahore: p. 48

7. Nabi Bux Khan Baloch Dr. 1962, Jamae-Sindhi Lughat, Preface, Hyderabad: Sindhi Adabi Board, p.7.

8. Whiteney, W. D, Sanskrit Grammar, Geoffrey Cumbarlege, London: pp. 13, 27 and 28.

اردو کتاب

9۔ شوکت سبزواری، ڈاکٹر: 1966ع، اردو لسانیات، کراچی: مکتب تخلیق ادب، ص ص 37 ، 101 ، 103 ، 104 اور 190۔

10۔ محمود حسن خان، ڈاکٹر: 1961ع اردو صوتیات کا خاکہ، اردوئے معلیٰ کے لسانیات نمبر، جلد سوم میں شامل مقالہ، دہلی: دہلی، یونیورسٹی، ص ص 111 اور 217۔

**سنڌي ڪتاب**

11. پيرو مل آڏواڻي: 1925ع، وڏو سنڌي وياڪرڻ.





books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# سنڌي ٻوليءَ جا لهجا ۽ اُنهن جو تعارف

**ٻولي:**

1. (الف) ٻوليءَ جي باري ۾ سنڌ جي وڏي مفڪر ۽ تعليمي ماهر، محمد ابراهيم جويي، 'سنڌي ذات هنجن' ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو آهي تہ:

آواز- دانهن ۽ دانهن جو جواب، ٻوليءَ جا لفظ ٻوليءَ جون ڳالهيون، زندگيءَ جي وڏي وٿ آهي، ۽ اُن لاءِ وڏو آڌت آهن، بلڪ ماڻهن لاءِ ماڻهپي سان جيئڻ جو بنياد آهن." (محمد ابراهيم جويو، 1983ع: 8)

(ب) تاريخ جي هر دور ۾ علم اللسان جي ماهرن، لفظ ٻوليءَ جي وصف ۽ اُن جي ڪارج تي روشني پئي وڌي آهي. قديم زماني ۾ ننڌي ڪنڌ ۾ پنڊت پاڻينيءَ جهڙي وڏي ودوان، هن موضوع تي پهريون دفعو روشني وڌي هئي. اڄ جديد لسانيات جي ماهرن، ٻولي جو واسطو سماجي علمن سان ثابت ڪيو آهي.

2. **سماج ڇا آهي؟**

(الف) (i) عمرانيات جي نقادن ۽ ماهرن، سماج جون مختلف وصفون بيان ڪيون آهن. هن سلسلي ۾ سنڌ جي مشهور نقاد ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي، سماج جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي تہ:

"سماج، انساني لاڳاپن جو هڪ پڪو ۽ ڳُتيل مانڊاڻ آهي، اُهي لاڳاپا، هڪ عمل جو نتيجو آهن، اهو عمل، وسيلن ۽ مقصدن تي مدار رکي ٿو اهي مقصد ۽ لاڳاپا، يا اندريان ۽ سياويڪ آهن يا اُهجاڻ آهن" (الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر، 11977ع: 1).

(ii) سنڌي ادب جي هڪ نامور محقق ۽ نقاد، ڊاڪٽر نور افروز خواجہ، سماج جي وصف بيان ڪندي هن طرح لکيو آهي:

"ڪنهن بہ قوم يا قبيلي جا هڪ ڪان وڌيڪ ماڻهو پاڻ ۾ گڏجي رهن تہ گڏجي رهڻ جي اهڙي طريقي کي، اُن قوم جو سماج چئبو آهي" (نور افروز خواجہ ڊاڪٽر، 2010ع: 288)

(iii) ڊاڪٽر نور افروز هڪ ٻئي وڏي نقاد، گڊنگ، ايف ايچ (Gidding F.H) جي حوالي سان، سماج جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي تہ:

"سماج يا معاشرو هڪ جهڙن خيال رکندڙ فردن جو مجموعو آهي، جيڪي هم خيال هجڻ ڪري، مشترڪ مفادن لاءِ هڪ ٻئي سان تعاون ڪن ٿا" (نور افروز خواجہ ڊاڪٽر، 2010ع: 289).

انهن وصفن، جي بيان ڪرڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر نور افروز سماج جي مجموعي وصف، هن ريت بيان ڪئي آهي:

"ڪو بہ سماج، مختلف انساني گروهن جي اهڙي ميڙ جي پيداوار آهي، جنهن ۾ اُنهن (انساني گروهن) جي چاهڻ جي باوجود، اُنهن جو هڪبئي سان معاشرتي توڙي اقتصادي لحاظ کان دارومدار هوندو آهي، هنن جي ٻولي، ادب ۽ ثقافت هڪ ئي هوندي آهي ۽ اُنهن جون ريتيون رسمون توڙي رواج پڻ هڪجهڙا هوندا آهن ۽ انهن جا فرد، خارجي زندگيءَ طرفان مڙهيل مشترڪ مفادن هيٺ زندگي بسر ڪندا آهن. مطلب تہ ڪنهن بہ هڪ قوم هڪ قبيلي ۽ اُن



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

قبيلي جي فردن جي گڏجي رهڻ کي سماج چئجي ٿو" (نورافروز خواجہ ڊاڪٽر 2010ع: 289).

(ب) (i) علم الانسان (بشريات) جديد ماهرن جي نظر ۾ : "هر ڪا زبان پنهنجي ملڪ، پنهنجي ملڪ جي ماحول، تهذيب، تمدن ۽ سماج جي علامت هوندي آهي." اُنهن ماهرن جي راءِ موجب، هر ڪا زبان، انساني معاشري ۾ ئي زنده رهي سگهي ٿي، ۽ اُها زبان، اُنهيءَ معاشري ۾ ئي نشونما وٺندي آهي، ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ ڪا بہ زبان، ڪنهن بہ معاشري کان سواءِ هرگز زنده رهي نہ سگهندي آهي. اُنهن ماهرن جو اهو بہ رايو آهي تہ جيستائين ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ڳالهائيندڙن مان فقط هڪ ڳالهائيندڙ بہ زنده هوندو، تيستائين اُن ٻوليءَ کي زنده ٻولي ئي تسليم ڪيو ويندو. (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر 2006ع:1)

(ii) هن ئي سلسلي ۾ 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾ ڄاڻايو ويو آهي تہ:"انسان ذات جي رهڻي ڪهڻي، اُٿڻي ويهڻيءَ ۾ روز مره جي زندگيءَ جو سڀ کان اعليٰ رڪارڊ ۽ انمول خزانو هر دور ۾ ٻولي ئي رهي آهي، جيئن جيئن ڪنهن قوم جي رهڻي ڪهڻي ۽ اُن جي سماجي قدرن ۾ فرق ايندو ويندو آهي، تيئن تيئن، انهيءَ فرق ۽ تبديليءَ جو اثر، اُن قوم جي ٻوليءَ تي پڻ ٿيندو رهندو آهي ۽ اُن قوم ۾ ترقي ۽ تبديلي ايندي رهندي آهي. اهڙيءَ طرح دنيا جو وهنوارِ هر دور ۾ جاري رهندو آهي ۽ آئنده پڻ جاري رهندو ايندو." (الانا، غلام علي ڊاڪٽر 1987ع: 244).

(iii) سنڌ جي مشهور محقق، ڊاڪٽر جميل جالبيءَ جو هن سلسلي ۾ رايو آهي تہ: "زبان، جيئن تہ هڪ سماجي فعل آهي، اُن ڪري ڪنهن بہ معاشري جو پورو ڪلچر، اُن زبان سان ئي پنهنجون تارون اُٽيندو آهي. زبان ذريعي ئي، اُن زبان جي ڳالهائيندڙن جي مزاج ۾ مطابقت پيدا ٿيندي آهي ۽ اُن طرز ۽ عمل جي اشتراڪ، تهذيبي يڪجهتيءَ جو عمل پيدا ٿيندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو ڪنهن بہ هڪ زبان جا ڳالهائيندڙ ڪنهن ٻيءَ زبان جي ڳالهائيندڙن جي ڀيٽ ۾ ثقافت جي هڪ سطح تي، هڪ ٻئي جي گهڻو ويجهو هوندا آهن. مشترڪ زبان جي ذريعي ئي، معاشري ۾ پنهنجي اجتماعي ۽ قومي وجود جو محور پيدا ٿيندو آهي." (جميل جالبي، ڊاڪٽر 1985ع: 185).

(iv) علم اللسان جي مشهور آمريڪي عالم، بلوم فيلڊ (Bloomfield) جو رايو آهي تہ: "قومن جو ٺهڻ ۽ ڊهڻ ٻوليءَ جي عمل (Activity) سان ئي واسطو ٿو رکي" (Bloomfield, L. 1961:42).

اُن ڪري ڪنهن بہ سماج يا سماجي گروهہ جي مطالعي لاءِ لازمي آهي تہ اول ان قوم يا اُن قوم جي سماج، اُن جي طور طريقن ۽ اُن قوم جي تاريخ جو اونهو اڀياس ڪجي. اهڙي اڀياس لاءِ محقق کي گهرجي تہ اُن قوم جي ٻوليءَ جو باقاعدگيءَ سان اونهو اڀياس ڪري، ڇاڪاڻ تہ ڪنهن بہ قوم جو سماج ۽ اُن سماج ۾ ڪم ايندڙ ٻولي هڪٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم هوندا آهن. ڇاڪاڻ تہ ڪا بہ ٻولي صرف پنهنجي، سماج ۽ سماجي گروهہ ۾ ئي زندهہ رهي سگهي ٿي.

3. (الف) علم اللسان جي ماهرن جي نظر ۾ ٻوليءَ جو مطالعو ثقافت جي مطالعي ۾ شامل هوندو آهي، ڇاڪاڻ تہ هر انسان جون سماجي ڪارگذاريون، سرگرميون ۽ عمل، ثقافت جي دائري ۾ ئي شامل هوندا آهن. اُنهن ماهرن جي نظر ۾ هر ڪا ٻولي نہ فقط ثقافت جو هڪ جز آهي، پر اُها (ٻولي)، ثقافت جي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سپني سرگرمين جو بنياد پڻ آهي. انهيءَ ڪري ڪنهن بہ ٻوليءَ جي مطالعي لاءِ اهو بہ ضروري آهي تہ ڄاڻجي تہ ڪنهن بہ قوم جي ثقافت ۾، اُن قوم جي ٻولي ڪهڙو ڪردار ادا ڪري ٿي، پر انهيءَ اڀياس لاءِ پهرين ڄاڻجي تہ ثقافت ڇا کي چئبو آهي، ۽ اُن (ثقافت) جو ٻوليءَ سان ڪيئن ۽ ڪهڙو واسطو آهي؟

(ب) (i) علم اللسان جي ماهرن، ثقافت جي باري ۾ جدا جدا وصفون بيان ڪيون آهن، مثال طور The Advanced Learners Dictionary ۾ ثقافت جي وصف هن ريت بيان ڪئي وئي آهي:

"ثقافت، انسان جي تهذيب ۽ تمدن جي اعليٰ ترين ترقي آهي. هن ترقيءَ ۾ طبعي، ذهني ۽ روحاني ترقي اچي وڃي ٿي. اها ترقي، تربيت ۽ تجربي تي مدار رکي ٿي". (Hornby, S& others Q, 1963: 238)

علم اللسان جو ٻيو ماهر، ڪارٽر. وي گڊ (Carter, V. good) ثقافت جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو:

"ثقافت، ڪنهن گروهہ، جماعت ۽ قوم جي سماجي، اخلاقي، ذهني، فني ۽ صنعتي خوبين جو مجموعو آهي، جنهن جي وسيلي ڪنهن گروهہ، جماعت يا ڪنهن قوم جي، ڪنهن ٻئي گروهہ يا جماعت کان ڌار حيثيت لکي سگهبي آهي. اُن جي مدد سان، ڪنهن گروهہ، جماعت يا قوم جي نظرين، عملن، سرشتي ۽ دستور جي باري ۾ خبر پئجي سگهي ٿي."(Carter, of good, 1960: 350)

اهڙيءَ طرح عمرانيات جي اِنسائيڪلو پيڊيا (Encyclopedia of Social Sciencs) ۾ ثقافت جي وصف هن طرح ڏني وئي آهي:

"ثقافت هڪ حقيقت آهي، جيڪا انسان ذات جي خواهش ۽ ضرورت کي پوري ڪرڻ لاءِ وجود ۾ آئي آهي. ثقافت فرد کي منظم گروهہ ۾ بدلائي ٿي ۽ گروهن کي وري قومن ۾ تبديل ڪري ٿي، اُنهن لاءِ رسمون ۽ رواج مقرر ڪري ٿي ۽ هر فرد کي اُنهن رسمن، رواجن ۽ قانونن کي قبول ڪرڻ لاءِ مجبور ڪري ٿي." (Encyclopaedia V. Social Sciencs, 1963: 621 & 645)

(ب) سنڌ شناسيءَ جي بين الاقوامي دانشور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ثقافت کي پنجن حصن ۾ ورهايو آهي. اُهي آهن: (i) جاگرافيائي حالتون، (ii) تاريخ، (iii) انسان جي مختلف نسلن جي ارتقائي تاريخ، (iv) ٻولي ۽ (v) ماڻهن جو مذهب.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، ثقافت جي انهن پنجن ئي حصن جي وضاحت ڪندي لکي ٿو:

"ثقافت جي انهن جزن کان متاثر ٿي، ماڻهن پنهنجي زندگي گذارڻ لاءِ جيڪي وسيلا اختيار ڪيا آهن، کاڌ خوراڪ، لباس، رهڻي ڪهڻي، ريتيون رسمون ۽ رواج، روحاني ۽ مذهبي لاڙا، وهم، وسوسا، پرم ۽ سنيا، اُنهن ۾ خاص اهميت رکن ٿا ۽ اُهي ثقافت جي دائري ۾ اچن ٿا"(Baloch, N. A. Dr. 1963:3)

(ت) ماهرن جي نظر ۾ هر ڪا زبان، انساني معاشري ۽ ثقافت کي زندهہ رکڻ جو واحد وسيلو آهي، يعني ڪنهن بہ زبان کان سواءِ انساني زندگيءَ جو تصور ئي نٿو ڪري سگهجي، ڇاڪاڻ تہ هر قوم جي تهذيب ۽ تمدن جو خالق معاشرو ئي هوندو آهي ۽ هر ڪا زبان، معاشري لاءِ هڪ آئيني وانگر هوندي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آهي، جنهن ۾ اُن تهذيب، تمدن توڙي ثقافت جو عڪس نمايان نظر ايندو آهي.

(ث) ماهرن ثقافت کي اڳتي 'مادي ثقافت' ۽ 'غير_مادي ثقافت' ۾ ورهايو آهي (Bloch, B. & Trager G.L. 1942:5) مادي ثقافت ۾ اهي سڀ طبعي شيون اچي وڃن ٿيون، جن سان هر فرد جو تعلق رهي ٿو جيئن: گهر، لباس، سينگار ۽ سجاوٽ جو سامان وغيره. غير_ مادي ثقافت ۾ اُنهن ماهرن، مذهب، قانون ۽ ٻولي کي شامل ڪيو آهي. (Bloch, B., & Trager, G.L., 1942:5)

4. (الف) علم اللسان ۽ علم التاريخ، هڪ ٻئي سان گهاٽو ۽ گهرو تعلق رکن ٿا. تاريخدان به ٻوليءَ جي مطالعي ۾ مدد کان سواءِ پنهنجي تحقيق ۾ ڪنهن به نتيجي تي پهچي نه سگهندا آهن. اُن جو خاص سبب هيءُ آهي ته ٻولي جو مطالعو مؤرخن کي تاريخ کان اڳ واري دور (Prehistoric Period) جي ٻوليءَ جو علم، ٻين علمن سان پلي واسطو نه به رکندو هجي، پر ٻوليءَ جي علم جي اهميت ان مان ئي ظاهر آهي ته دنيا جا سڀ علم پنهنجا مسئلا، نظريا ۽ نتيجا ٻوليءَ ذريعي ئي بيان ڪري سگهندا آهن. انهيءَ ڪري چئبو ته علم اللسان، موجوده زماني ۾ به اهم علمن مان هڪ آهي.

(ب) علم اللسان جي ماهرن جي حوالي سان اڳ ۾ چيو ويو آهي ته اجوڪي زماني ۾ علم اللسان، سماجي علم جي حيثيت وٺي چڪو آهي، ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته موجوده زماني ۾، علم اللسان به جديد سماجي علمن مان هڪ اهم علم آهي. هن علم کي به علم عمرانيات، يعني 'سماجي سائنس' (Social Sciences) ۾ شمار ڪيو ويو آهي. علم اقتصاديات، قومن جي جديد معاشي حالتن جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿو جڏهن ته علم اللسان، ٻين معاشرن ۽ تهذيبن جو جديد مطالعو آهي، علم اللسان جا ڪي ماهر، هن علم جي مطالعي دوران، ڪنهن خاص قوم جي غير مادي ثقافت جي مطالعي تي وڌيڪ ڌيان ڏيندا آهن، پر ساڳئي وقت هن علم جا ڪي محقق، ٻولين جي مطالعي ۾ وڌيڪ دلچسپي ۽ لاڙو ڏيکاريندا آهن.

5. (الف) اڳ ۾ سماج جي وصف بيان ڪندي اهو ٻڌايو ويو آهي ته هر انسان، ڪنهن نه ڪنهن سماجي گروهه جو هڪ فرد آهي. هو ڪڏهن ڪڏهن هڪ کان وڌيڪ گروهن ۾ به شامل هوندو آهي، تنهن ڪري هو سماجي ۽ معاشي معاملن ۾ زبان تي گهڻو مدار رکندو آهي، ڇاڪاڻ ته ٻوليءَ کان سواءِ ڪنهن به انساني معاشري کي سمجهڻ مشڪل آهي. ٻولي هڪ ذريعو آهي، جنهن جي وسيلي هڪ انسان جي 'طلب' (Stimuli) جو ٻيو انسان 'جواب' (Response) ڏئي ٿو. ماهرن جو رايو آهي ته ٻولي تهذيب ۽ ثقافت جي پاڙ آهي.

اڳ ۾ اهو به چيو ويو آهي ته هر ڪا ٻولي، هڪ سماجي گروهه ۾ ئي زنده رهي سگهندي آهي، جيئن ڪو سماجي گروهه ٻوليءَ لاءِ ضروري هوندو آهي، تيئن ڪا ٻولي به، هر سماجي گروهه لاءِ ضروري هوندي آهي. حاصل مطلب ته ٻولي هڪ اهڙو وسيلو آهي، جيڪو هڪ انسان، پنهنجين سڀني سرگرمين ۾ استعمال ڪري ٿو مثال طور رهڻي ڪهڻي، وڻج واپار ۽ روزمره جي زندگيءَ جي ڪاروبار ۾.

(ب) علم اللسان، انسان ذات جي ٻولين جي اڀياس ۽ ڇنڊ ڇاڻ جو علم آهي، هيءُ اُهو علم آهي جيڪو ٻولين جي آوازن، آوازي سٽائن، آوازي ميلن ۽ ميڙن، صوتين، صرفين، فقرن، لفظن ۽ جملن جي ترتيب، گهاڙيٽن، يعني هر ٻوليءَ جي صوتياتي، صرفياتي، نحوي ۽ معنوي علمن ۽ اصولن جي ڇاڻ بابت



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

رهنمائي ڪري ٿو.

مطلب تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ يا مختلف ٻولين جي صوتياتي، صرفي ۽ لغوي شرستي ۽ نظام جي مطالعي کي 'علم اللسان' جو مطالعو چئبو آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ علم اللسان، ڪنهن بہ ٻوليءَ جي آوازن، اُنهن آوازن جي تنظيم، سٽاءُ ۽ ساخت جي، اهل زبان يا غير اهل زبان لاءِ هڪ تشريح آهي. هي علم، زندهہ ۽ روز مرهہ وارين ٻولين جي سرشتي ۽ نظام جي اُپٽار بلڪل ائين ئو ڪري جيئن اُهي، اُن وقت ۾ اُن حالت ۾ ڳالهائبيون يا ٻڌبيون هيون ۽ اڄ بہ ڳالهائجن ۽ ٻڌجن ٿيون. علم اللسان، ٻولين جي ماضي ۽ موجوده ترڪيبن، لفظن جي اشتقاقن ۽ ڏاتن تي بہ روشني وجهي ٿو.

6. لهجو ڇاکي ٿو چئجي؟

(الف) دنيا جون اڪثر قومون، ٻولين جي لحاظ کان بہ هڪ ٻئي کان علحدگي رکن ٿيون. ڪي قومون تہ ٻولين جي نالن مان ئي سڏيون ويندون آهن ۽ انهن نالن جي استعمال سان ئي پنهنجا جدا جدا گروهہ بنائين ٿيون (Bloomfied, L., 1961:43) ڪيترن ئي ملڪن ۾ اُتي جا رهواسي پنهنجين ڌار ڌار ٻولين جي ڳالهائڻ ڪري، اُنهن نالن پئيان، اُن ملڪ/ملڪن جون ننڍيون ننڍيون قومون سڏبيون آهن. اُهي قومون سواءِ ڪنهن متڀيد يا جهيڙي جهڳڙي جي، هڪ ئي ملڪ ۾ گڏ رهن ٿيون. مثال طور پولينڊ ملڪ جو هڪ شهر، 'پولش' (Polish) ۽ جرمن (German) ٻوليون ڳالهائيندڙ قومن تي مشتمل آهي، مذهبي لحاظ کان، اُنهن مان پهريان يعني 'پولش'، 'ڪئٿلڪ' آهن ۽ پويان يعني جرمن، 'يهودي' آهن. ساڳيءَ طرح پاڪستان ۾ ٻولين جي ڪري هڪڙا سنڌي آهن تہ ٻيا پنجابي، سرائيڪي، بلوچ، پختون، بروهي ۽ بلتي وغيره قومن تي ٻڌل آهن ۽ اڪثريت جو مذهب اسلام آهي.

(ب) ٻوليءَ جي هن سائنسي مطالعي مان اها حقيقت ثابت ٿي آهي تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جا ڪي بہ بہ ڳالهائيندڙ ماڻهو هڪ جهڙو يا هڪ جهڙي انداز سان هرگز ڳالهائي نہ سگهندا آهن، ڀلي اُهي بہ ماڻهو ساڳئي علائقي جي، ساڳئي ئي شهر ۾ ڇو نہ رهندا هجن (Jones. D., 1960:11)، مثال طور سنڌ ۾ ئي ڪٺي ڏسو تہ لاڙڪاڻي شهر جو ڪو بہ رهاڪو حيدرآبادين جي محفل ۾ جڏهن بہ ويهندو آهي، حالانڪ اُن جي ٻوليءَ بہ سنڌي آهي، پر اُچار جي طريقي (Accent) ۽ 'جهيلار' (Tone) مان ٻنهي، يعني لاڙڪاڻي جو رهاڪو ۽ حيدرآباد جي رهاڪوءَ جي ٻوليءَ ۾ هرڪو ٻڌندڙ آسانيءَ سان فرق محسوس ڪري سگهندو آهي. بلڪل ساڳيءَ طرح، حيدرآباد شهر جا ڪي بہ ٻہ ماڻهو هڪ جهڙي انداز سان هرگز ڳالهائي نہ سگهندا آهن. ٻنهي ماڻهن جي 'گفتار' (Utterance) ۾ فرق واضح هوندو آهي. نہ رڳو اهو پر جيڪڏهن ڌيان سان ٻڌبو تہ معلوم ٿيندو تہ ڪو بہ ماڻهو، ڌار ڌار موقعن ۽ حالتن ۾، ساڳيو جملو ساڳئي انداز سان ڳالهائي نہ سگهندو آهي (Jones, D., 1960:12&53) اهڙي قسم جو فرق، هر ٻوليءَ جي گفتار ۾ اهم حصو ادا ڪري ٿو.

هر هڪ ٻوليءَ جي انهيءَ موضوع تي تحقيق ڪندڙ محقق، محسوس ڪندو آهي تہ مذڪوره فرق، فردن کان گروهن تائين ۽ گروهن کان سڄي قوم تائين، ڳالهائيندڙن جي عادت بڻجي ويندو آهي، تان جو لسانياتي نقطہ نگاهہ کان، اهڙي ٻوليءَ ڳالهائيندڙ گروهہ جو ڪو هڪ خاص نالو مقرر ٿي ويندو آهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

لهاذا ٻوليءَ (ڀاشا) ۾ اهڙن گروهن کي، علم اللسان جي اصولن موجب، 'لهجا' يا 'اُپڀاشائون' چئبو آهي.

مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته، سنڌي ٻوليءَ جي هڪ مها ودوان 'لهجي' جي بدران 'محاورو' لفظ ڪم آندو آهي، پر عربي ۽ فارسي ٻولين جي لغتن ۾ به ٻوليءَ جي اهڙي لسانياتي گروهه کي 'لهجو' چيو ويو آهي. (Lane's Arabic- English lexicon, book-1 part-11, 1865: 665) ۽ پڻ ڏسو: (Haims, S., 1936: 774 &829)

(ت) مطالعي مان اهو به معلوم ٿيو آهي ته لهجا وري اڳتي ننڍين ننڍين لسانياتي گروهن ۾ ورهايل هوندا آهن، ايتري قدر جو هڪ لهجي واري ماحول ۾ رهندڙ ماڻهو به، هڪ ٻئي سان، ساڳئي ۽ ملندڙ جلندڙ لهجي ۾ ڳالهائي نه سگهندا آهن ۽ اهڙا ماڻهو، پنهنجي ماحول يا پنهنجي راڄ کان ٻاهر واري ماحول ۾ ڳالهائي ويندڙ لهجي يا اُن لهجي جي محاوري يعني idiolect کي پنهنجو محاورو نه سمجهندا آهن. مثال طور، لاڙ ۾ بلوچ قوم واري ماحول ۾ ڪم ايندڙ سنڌي محاور (Idiolect) لسانياتي نقطه نگاهه کان، ماڇري محاوري واري اصول ۾ ڪم ايندڙ محاوري کان ڌار حيثيت رکندو آهي.

(ث) سنڌي ٻولي توڙي ڪنهن به ٻي ٻوليءَ جي لهجن ۾ محاوري جي لسانياتي مطالعي دوران اهو محسوس ڪيو ويو آهي ته ڪنهن به ملڪ، يا اُن ملڪ جي صوبي يا اُن صوبي جي ڪنهن به خطي جي ٻوليءَ جي مٿي بيان ڪيل گروهن (لهجن ۽ محاورن) جي وچ ۾ جيڪو فرق هوندو آهي، اُن فرق جي سمجهڻ لاءِ به، لسانيات جي ماهرن ڪي اصول مقرر ڪيا آهن. اهڙن اصولن مان ڪي هي آهن:

(i) اُن ملڪ يا صوبي جون سماجي حالتون

(ii) اُن ملڪ يا صوبي جون جاگرافيائي حالتون

(iii) اُن ملڪ يا صوبي جون سياسي حالتون

(iv) اُن ملڪ يا صوبي جي ساڳي حڪومت

(v) اُن ملڪ يا صوبي جون ساڳيون رسمون ۽ رواج

(vi) اُن ملڪ يا صوبي ۾ گڏيل شاديون ۽ سماجي توڙي ثقافتي ميل جول

مطالعي مان ائين به معلوم ٿيو آهي ته اُهو ملڪ جتي لساني گروهه ويجهڙائيءَ ۾ وڏيو ۽ اُسريو آهي، اُتي لساني لحاظ کان، مقامي فرق ۽ تفاوت بلڪل گهٽ هوندو آهي، جيئن آمريڪا جي اولهه واري حصي ۾، يا روس ۾، پر اُهي ملڪ جتي ساڳي ٻولي ڳالهائيندڙ وڏي عرصي کان آباد هوندا آهن، اُتي به مقامي لهجن ۾ وڏو فرق محسوس ڪبو آهي، مثال طور برطانيه ۾، جتي انگريزي ٻولي، 1500 سالن کان به وڌيڪ عرصي کان ڳالهائي پيئي وڃي، يا فرانس ۾، جتي فرينچ ٻولي ٻن هزار سالن کان به وڌيڪ عرصي کان ڳالهائي پيئي وڃي، اهڙن ملڪن ۾ ٻوليءَ جي مقامي لهجن ۾ وڏو فرق محسوس ڪيو ويندو آهي.

### 7. سنڌي ٻوليءَ جا لهجا:

(الف) (i) ڪنهن به ٻوليءَ کي، جدا جدا لهجن ۽ انهن لهجن کي وري محاورن ۾ تقسيم ڪرڻ لاءِ



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اڳ ۾ جيڪي ڏار ڏار اصول ڇاڻايا ويا آهن، سماجي حالتون، اُنهن ۾ اهم حيثيت رکن ٿيون. اُهي ٻار جيڪي مهذب ۽ تعليم يافتہ گهرن ۾ پيدا ٿين ٿا ۽ جن جو ميل جول ٻين مهذب ۽ تعليم يافتہ ڪٽنبن جي ٻارن سان هوندو آهي، اهڙن ٻارن جي ٻولي بہ 'مهذب'، 'اعليٰ طبقي واري' ۽ 'معياري' ليکي ويندي آهي، علم اللسان جي ماهرن اهڙي لهجي کي، جيڪو سرڪاري طور اسڪولن ۽ ٻين تعليمي ادارن کان سواءِ نشرو اشاعت، سرڪاري اطلاعن، ڪورٽن، ملڪ جي اسيمبلين توڙي مهذب ماڻهن جي ماحول ۾ استعمال ٿيندو آهي، اُن لهجي کي 'معياري لهجو' (Standard dialect) سڏيو آهي. ملڪ يا صوبي جي سرڪاري ٻولي، اُن معياري لهجي کي ئي تسليم ڪيو ويندو آهي. مثال طور سنڌ جي زبان 'سنڌي' آهي، پر سنڌي زبان جو جيڪو لهجو اسين اسڪولن توڙي ٻين تعليمي ادارن ۾ پڙهون يا پڙهايون ٿا، يعني جيڪو لهجو اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ذريعہ تعليم طور ڪم آندو ويندو آهي يا ريڊيي ۽ ٽيليويزنن تي سرڪاري طور اعلانن ۾ ٻڌندا آهيون، يا جنهن لهجي ۾ اسان جا عالم، اديب ۽ شاعر، سنڌي ادب جون صنفون لکن ٿا ۽ تقريرون ڪن ٿا. اُهو لهجو سڄيءَ سنڌ لاءِ هڪڙو ئي هوندو آهي. اُن لهجي کي 'معياري لهجو' (Standard Dialect) چئبو آهي، جيتوڻيڪ لاڙڪاڻي جا ماڻهو ائين ڪو نہ ٿا ڳالهائين جيئن اُنهن جا ٻار نصابي ڪتابن ۾ پڙهن ٿا، اهڙيءَ طرح شڪارپور، اُباوڙي ۽ ڀني عاقل يا ڪاري واري خطي ۾ رهندڙ ماڻهو اُها ٻولي ڪو نہ ٿا ڳالهائين، جيڪا سنڌن ٻار درسي ڪتابن ۾ پڙهن ٿا.

(ii) مطلب تہ 'معياري لهجو' سرڪاري طور تسليم ڪيل لهجو هوندو آهي. انهيءَ ڪري هر ملڪ يا اُن ملڪ جي هر صوبي جي زبان، اُن لهجي (معياري لهجي) پنيان ئي تسليم ڪئي ويندي آهي. مثال طور برطانيہ ۾ جيڪا ٻولي سرڪاري طور ملڪ جي سرڪاري زبان طور تسليم ڪيل آهي، جنهن ٻوليءَ کي اُتي جا ماڻهو معياري انگريزي (Standard English) چوندا آهن، اُن ٻولي ۽ برطانيہ جي ٻين خطن ۾ ڳالهائي ويندڙ انگريزي ٻوليءَ جي اُچار ۽ ادائگيءَ واري طرز ۾ گهڻو فرق هوندو آهي.* اُن ٻوليءَ کي، برطانيہ جي ڏاکڻي علائقي واري انگريزي (Southern English) يا 'شاهي انگريزي' (Queen's English) بہ چوندا آهن. 'شاهي خاندان' جي ٻولي هئڻ ڪري، برطانيہ جي ڏاکڻي خطي واري انگريزي ٻوليءَ کي 'معياري انگريزي' هئڻ جو فخر حاصل آهي (Jones, D., 1956: Introduction). انهيءَ ڪري اهو چوڻ بلڪل درست آهي تہ سماجي حالتن ۽ سماجي گروهن جي ماڻهن جو هر ملڪ جي ٻوليءَ تي وڏو اثر ٿيندو آهي. هن سلسلي ۾، پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ جو رايو آهي تہ:

> "حالانڪ سنڌ جي ساهتيہ خطي وارو لهجو زياده معياري آهي، پر ڇاڪاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ جي صورتخطي ٺاهڻ واري ڪميٽيءَ توڙي سرڪاري تعليم کاتي ۾، حيدرآباد جا رهاڪو گهڻا هئا ۽ درسي ڪتابن لکڻ وارن ۾ بہ حيدرآبادي ئي اڪثريت ۾ هئا، تنهن ڪري ئي حيدرآبادي لهجي کي سرڪاري طور اهميت ملي وئي ۽ اُن کي معياري لهجو تسليم ڪيو ويو." (پيرومل، آڏواڻي، 1956ع: 63)

انهيءَ مان ائين ٿو ثابت ٿئي تہ حيدرآباد جا عامل توڙي مسلمان تعليمي ماهر، مهذب ۽ تعليم يافتہ هئڻ ڪري، انگريزي عملدارن تائين رسائي حاصل ڪري ويا، ۽ اِهو ئي سبب آهي جو حيدرآبادي لهجي کي، سرڪاري طور ڪتابن، نشرو اشاعت، ڪورٽن ۽ ذريعہ تعليم ۾، معياري لهجي جي حيثيت ۾ قبول



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪيو ويو. اُن وقت ڪان وٺي اڄ ڏينهن تائين، سنڌي ٻوليءَ جون سڀ تصنيفون، هن ئي لهجي ۾ لکجي رهيون آهن. اهو (حيدرآبادي) لهجو ئي، سنڌي ٻوليءَ جي صرف و نحو ۽ لغت لاءِ بنيادي ۽ معياري لهجي طور ڪم اچڻ لڳو. ايتري قدر جو غير ملڪي ماڻهن ڪي سنڌي ٻولي سيکارڻ لاءِ ڪتاب ۾ ڀيو مواد پڻ هن ئي لهجي ۾ لکيو ويو.

(ب) ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لهجن ۽ محاورن جي تقسيم لاءِ ٻيو اصول، جاگرافيائي حالتون ٻڌايو ويو آهي. سنڌ جي جاگرافيائي حالت جي لحاظ ڪان سنڌي ٻولي جن لهجن ۾ ورهائي وئي آهي، اُهي لهجا هي آهن:

(i) اُترادي ٻولي، (ii) وچولي ٻولي، (iii) لاڙي ٻولي، (iv) ٿري ٻولي، (v) پارڪري ٻولي، (vi) ڪوهستاني ٻولي (vii) ڪڇي ٻولي، (viii) فراڪي ٻولي (ix) ماڇڪي واري ٻولي ۽ (x) جدگالي ٻولي. اهي سڀ لهجا وري اڳتي مقامي لحاظ ڪان ننڍين ننڍين 'محاورن' (Idiolects) ۾ ورهايل آهن. مثال طور ٺٽي ۽ ميرپور ساڪري يا سجاول ضلعي جي ڪاري واري خطي توڙي 'ماڇر' واري خطي جي رهاڪن ڪي، سنڌن پنهنجي محاوري ۾ ڳالهائيندي ٻڌي، لاڙ جو ماڻهو سڃاڻي وٺندو آهي تہ هيءُ ماڻهو 'ٺٽئي' آهي، يا 'ساڪرائي' آهي يا هي 'ماڇري' ۽ 'ڪارائي' آهي. حالانڪ 'ٺٽئي' يا 'ماڇري' يا 'ڪارائي' ڪي ٻوليون نہ آهن، پر اِهي لاڙي لهجي جا ڌار ڌار 'محاورا' (idiolects) آهن، جيڪي جاگرافيائي اثرن جي ڪري، پنهنجي رنگ ۾ ڳالهايا ويندا آهن. اهڙيءَ طرح وري ٿر واري خطي ۾ وٽ/ ڳس، پارڪر ۽ ڍٽ وارن خطن جي ماڻهن جي ڳالهائڻ جي 'جهيل' (Tone) مان سڃاڻي وٺبو آهي تہ هيءُ ماڻهو ٿر جي ڪهڙي خطي جو رهاڪو آهي. اهڙيءَ طرح، ڪوهستان ۾، ڪاڇي ۾، رهندڙ ماڻهن جي جهيل هڪڙي تہ وري ٽاٽي بولا خان، يا منڇر جي ماڻهن جي جهيل ۾ وڏو فرق هوندو آهي.اهڙن سڀني گروهن جي ڳالهائڻ جي طور طريقي، تلفظ اُچار ۽ جملن جي 'جهيل' ۾ وڏو فرق هوندو آهي، پر ان قسم جي فني مطالعي کي اڃا هٿ بہ نہ لاتو ويو آهي.

اڪثر ائين بہ ڏٺو ويو آهي تہ ڪن ڳوٺن جا ماڻهو پنهنجي پرواري ڳوٺ جي ماڻهن کي سنڌن محاوري جي ڪن خاص لفظن جي اُچارن جي ڪري چيڙائيندا بہ آهن. اهڙيءَ طرح هڪ ڳوٺ ڪان ٻئي ڳوٺ تائين اهڙو فرق وڌندو ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو پروفيسر ڀيرو مل آڏواڻيءَ پنهنجي ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ' ۾، انهيءَ قسم جي فرق لاءِ لکيو هو تہ: "ٻارهين ڪوهين ٻولي ٻي".

(ت) علم اللسان جي ماهرن جو رايو آهي تہ جڏهن بہ ڪنهن ملڪ جي ڪنهن بہ خطي ۾ هڪ طرف هليو وڃبو ۽ جيئن جيئن اڳتي وڃبو تئين تئين ٻوليءَ ۾ فرق محسوس ٿيندو ويندو، تان جو هڪ اهڙي هنڌ پهچي وڃبو جتي لسانياتي خيال ڪان ٻوليءَ ۾ وڏو فرق محسوس ڪيو ويندو آهي. جيتوڻيڪ اهڙي لساني فرق ڏيکارڻ لاءِ اُتي ظاهري طور ڪا بہ حد مقرر ٿيل ڪا نہ هوندي آهي، پر ٻولي جا ماهر اُن لهجي جي خاتمي جي حد واريون نشانيون نمايان ڪندا ويندا آهن. اهڙيءَ لساني حد کي اُن لهجي جي حد يعني Dialect Area چيو ويندو آهي.

(ٽ) ٽيون اصول، 'سياسي حالتون' ٻڌايو ويو آهي. حقيقت ۾ ڪنهن بہ ملڪ جون سياسي ۽ سماجي حالتون، اُن ملڪ جي ساڳي حڪومت، ساڳئي مذهب، گڏيل شادين ۽ سماجي ۽ ثقافتي ميل جول جي ڪري، اُن ملڪ يا اُن ملڪ جي صوبن جي ٻوليءَ جي لهجن ۽ محاورن جي تقسيم جو ڪارڻ بڻبا آهن. مثال طور: جيئن 'لاسي' ۽ 'ڪڇي' لهجا، سياسي سببن، باهمي شادين ۽ سماجي ۽ ثقافتي ميل جول



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪري، سنڌي زبان جا لهجا بڻيا. لس ٻيلو ۽ ڪڇ، سوين ورهين تائين، سنڌ جي سياسي تسلط هيٺ رهيا آهن. ٻنهي علائقن جي سمن ڄامن (حاڪمن) سان، سنڌ ملڪ جي سمن حاڪمن جي مائٽي هئڻ سبب، ٻنهي علائقن (لس ٻيلو ۽ ڪڇ) سان سنڌ جي عام ماڻهن جو ميل جول گهڻو رهيو هو. موجوده وقت جيتوڻيڪ ڪڇ، جهونا ڳڙهه ۽ ڪاٺياواڙ جون ڪي اڳوڻيون رياستون توڙي لس ٻيلو سياسي ۽ جاگرافيائي لحاظ کان، سنڌ کان ٻاهر آهن، پر لساني حدون ڏيکاريندڙ ليڪون، يعني Issoglosses، صدين کان، سياسي حدن تي اڄ به حاوي آهن ۽ اهي 'لساني ليڪون' 'ڪڇي'، 'لاسي'، 'جهونا ڳڙهه' ۽ 'ڪاٺياواڙي' لهجن کي، سنڌي زبان جي لهجن طور قائم رکيو بيٺيون آهن.

بلڪل ساڳيءَ طرح ٿرپارڪر جي علائقي جو 'ڍٽ' وارو خطو سياسي لحاظ کان سنڌ جو حصو آهي، پر لساني حدون ڏيکاريندڙ ليڪون، اُن خطي جي ٻوليءَ جي تقسيم ڪنديون، اُن خطي ۾ ڳالهائجندڙ ڍاٽڪي لهجي، کي راجستان واري علائقي ۾ ڳالهائي ويندڙ راجستاني ٻوليءَ جو لهجو شمار ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح، ٻوليءَ جي ماهرن، بلوچستان جي ساحلي 'گوادري'، 'اورماڙا' ۽ 'مڪران' وارن خطن ۾ ڳالهايو ويندو جدگالي لهجو سنڌي ٻوليءَ جو لهجو تسليم ڪيو آهي. ساڳيءَ طرح سبي ۽ جهاروان خطي کان سواءِ سليمان جبلن جي پيرانديءَ ۾ ڳالهائي ويندڙ 'کيتراني' ٻوليءَ کي به سنڌي ٻوليءَ جو لهجو مڃيو ويو آهي.

(ث) اڳ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جي فهرست ڏني وئي آهي، انهن لهجن مان هر هڪ لهجو وري، اڳتي ڏار ڏار محاورن ۽ خطي وار ٻولين ۾ تقسيم ٿيل هوندو آهي، پر انهيءَ قسم جو ڪو تفصيلي اڀياس ڪيو نه ويو آهي. جيتوڻيڪ اُن سلسلي ۾ ديوان ڀيرو مل آڏوانيءَ ۽ سرگريئرسن پنهنجن ڪتابن ۾ تفصيلي طور ذڪر ڪيو آهي.

(ج) ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ صاحب سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان هڪ اهڙي تحقيقي رٿا جي شروعات به ڪئي هئي، ۽ ڪن محققن کي سنڌن خطن ۾ رائج لهجن تي تحقيق ڪرڻ جا عنوان پڻ ڏنا ويا هئا. ڊاڪٽر صاحب جي دور ۾ جن جن لهجن يا انهن لهجن جي محاورن تي تحقيقي ڪم ٿيو هو اُهي ڪتابي صورت ۾ شايع به ٿيا. اُنهن رٿائن جا عنوان هي هئا:

(i) شڪارپور جي ٻولي: ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي
(ii) ٿري ٻولي : ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو ۽ ڊاڪٽر هدايت پريم
(iii) ماچر ۽ ڪڪرالي جي ٻولي : حافظ حبيب سنڌي
(iv) ماڻيلي اُباوڙي جي ٻولي: پروفيسر شيخ محمد فاضل
(v) اترادي ٻولي: هدايت پريم

حقيقت ۾ هن سموريءَ 'رٿا' لاءِ اٿارٽيءَ جي رڪارڊ ۾ ڪو به فائيل وغيره مون کي هٿ نه آيو جيڪي ڪجهه ڪيو ويو، اهو ڊاڪٽر صاحب جي ذهني سوچ ۽ پروگرام مطابق ڪيو ويو هو انهيءَ ڪري اهو پروگرام پوءِ اڳتي هلي نه سگهيو.

منهنجي خيال ۾ هن قسم جي تحقيق لاءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي ڪنهن 'رٿا' ناهڻ جي ضرورت آهي. منهنجي راءِ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن جي هڪ ٽيم، سڀ کان پهرين سنڌي ٻوليءَ جا لهجا، هر لهجي جا ڏار ڏار محاورا، جاتيوار محاورا ۽ پيشي/ڌنڌي جي لحاظ کان ٻوليءَ جا محاورا طئي ڪن ۽



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پوءِ هن رٿا تي باقاعدگيءَ سان ڪو تحقيقي پروگرام ناهيو ويو. منهنجي نظر ۾ هيٺ ڄاڻايل رٿا موجب ڪو تحقيقي پروگرام ناهي سگهجي ٿو.

(i) اترادي لهجو: هي لهجو هيٺين ڌار ڌار محاورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

شڪارپوري محاورو، لاڙڪاڻي وارو محاورو، ساکرو محاورو، اُبيجي محاورو، خيرپوري محاورو.

(ii) وچولي جو لهجو: هي لهجو هيٺين ڌار ڌار محاورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

نوشهري فيروز واري ساهتيه خطي جو محاورو، سيوهاڻي محاورو، حيدرآبادي محاورو، مٽياري - هالا وارو محاورو، نواب شاهه وارو محاورو.

(iii) لاڙي لهجو: هي لهجو هيٺين محاورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

ٺٽائي محاورو، بديڻائي محاورو.

(iv) ٿري لهجو: هي لهجو هيٺ ڄاڻايل محاورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

ڪڇ/ وٽ وارو محاورو، مُهراڻوي محاورو، ڏيپلائي محاورو، پارڪري محاورو، ڍٽ وارو/ ۽ ڍاٽڪي محاورو

(v) ڪوهستاني لهجو: هيءُ لهجو هيٺ ڄاڻايل محاورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

ڪاڇي وارو محاورو، منڇري محاورو، ڪرچات وارو محاورو، دريائي محاورو، ٿاڻي بولا خان وارو (ڪوهستاني) محاورو

(vi) ماڇڪي وارو لهجو: هيءُ لهجو هيٺ ڄاڻايل محاورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

پونگ شريف وارو محاورو، رحيم يار خان وارو محاورو، سبزل ڪوٽ وارو محاورو.

(vii) لاسي لهجو - هي لهجو هيٺ ڄاڻايل محاورن ۾ ورهائي سگهجي ٿو:

لس ٻيلي وارو محاورو، گوادري محاورو (هن ۾ اورماڙي ۽ پسنيءَ وارو محاورو به شامل آهي)

(viii) جدگالي لهجو:

(ix) فراڪي لهجو: هي لهجو سبيءَ جي آسپاس وارن خطن ۾ ڳالهايو ويندڙ محاورن تي مشتمل آهي، جيئن: فراڪي محاورو، خچڪ محاورو، ڪيتراني محاورو، جهل مگسي خطي وارو محاورو، جعفر آباد واري خطي جو محاورو.

اهڙي طرح سنڌي ٻولي، جدا جدا قوميتن جي محاورن ۾ به ورهايل آهي جيئن:

جتڪي ٻولي، ميمڻڪي ٻولي، سوڏڪي ٻولي، ميگهواڙي ٻولي، خوجڪي ٻولي، ريباڙي ٻولي، سومرن جي ٻولي، منڇري ٻولي، مهاڻڪي ٻولي وغيره.

(x) اهڙيءَ طرح ٻوليءَ جي ماهرن، ڌنڌي وار ٻوليءَ جا به ڪيترائي نمونا ڏنا آهن، جيئن:

لوهارڪي ٻولي، ڪنڀارڪي ٻولي، سونارڪي ٻولي، ڪورڪي ٻولي، کهنباٽڪي ٻولي ۽ واڍڪي ٻولي وغيره.

مطلب ته هن موضوع تي ڪم ڪرڻ لاءِ اٿارٽيءَ طرفان ٻوليءَ جي ڄاڻو ماڻهن جي ڪا ڪميٽي ناهي، اهو تحقيقي ڪم اُن ڪميٽيءَ جي حوالي ڪيو وڃي. هيءُ هڪ اهم رٿا آهي جنهن تي اٿارٽيءَ جي چيئرمئن کي سوچي ڪا ڪميٽي ناهڻ گهرجي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# ببليوگرافي

## سنڌي ڪتاب ۽ مقالا


1_ الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 1987ع، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ٻهريون ڇاپو، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 244

2_ الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 2006ع، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ص 1

3_ الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر: 1977ع، ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 1

4_ پيرومل آڏواڻي: 1956ع، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، 93 ص

5_ علي نواز جتوئي، پروفيسر : 1983ع، علم لسان ۽ سنڌي زبان، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص ص 9، 1، 13 ۽ 15

6_ محمدابراهيم جويو: 1983ع، سنڌي ذات هنجن ڪتاب جو مهاڳ، ص 8

7_ نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1962ع، سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ڇاپو ٻهريون، حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز ص 8

8_ نور افروز خواجه ڊاڪٽر: 2010ع ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر، ڪراچي: شيخ شوڪت علي ائنڊ سنز ص ص 288 ۽ 289


## English Books Studies


9- Baloch, N.A. Dr. 1963, Traditional Cultures in west Pakistan, an articale, published in Sindh University Journal of Education, Vol: III, January, 1963, HyderabadL P.3

10- Baloch, B & Trager, G.L, 1942, An Outline of Lingustic Analysis, Baltimore: Lingustic Society of America, 6.5

11-Bloomfield, L., 1961, Language, London: George Allen and Universal ltd. pp.41, 42 and 43

12- Carter, V. Good, 1960, Dictionary of Educations, Newyork: Mc Graw- Hill, INC., Mec Millan Company, P.350.

13- Hain, S, 1936, New Persian- English Dictionary, TehranL Berowkhim Publishes, Book sellers and Printers, PP. 774 and 287.

14- Horby, S. and others, 1963, the Advanced Leorner's Dictionary of English, London: Oxford University Press, Pl 238.

15- Jones,D, 1960, An Outline of English phoneties, Cambridge:.

16- Jones, D, 1956, An English Pronouncing of Dictionary, Dent, London: Introduction

17- Lanes, 1865, Arabic-English Lexicas, Book I, Part-II, London: 665.

18- Lane's, 1885, Arabic- English Lexican, Book-I, Part- VII, LondonL P.2676

19_ جميل جالبي، ڊاڪٽر: 1985ع، ص 185





books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# سنڌي صورتخطيءَ ۾ سُرَ صوتين جي استعمال جا عام مسئلا

1ـ (الف) ’سنڌي صورتخطيءَ جا مسئلا‘ وارو عنوان، سنڌي لسانيات جي اڀياس جي سلسلي ۾ ڪو نئون موضوع نہ آهي. هن موضوع تي، جڏهن ڪان وٺي، سنڌي ٻوليءَ لاءِ ’عربي- سنڌي رسم الخط‘ اختيار ڪيو ويو آهي، تڏهن ڪان وٺي بحث مباحثا ٿيندا پئي رهيا آهن ۽ سنڌي الف-ب جي پٽي ۽ سنڌي صورتخطيءَ ۾ سڌارا ۽ واڌارا ٿيندا پئي رهيا آهن. اُن سلسلي ۾ ڊاڪٽر ٽرمپ پنهنجي ڪتاب A Grammar of Sindhi Language سر گريئرسن، مرزا قليچ بيگ، ڪاڪي ڀيرومل ۽ واحد بخش شيخ صاحب ڪان سواءِ، ٻين ماهرن بہ پنهنجا رايا پئي ڏنا آهن ۽ ويجهڙائيءَ ۾ بہ ڪن ماهرن پنهنجا خيال ظاهر ڪيا آهن.

(ب) هن ئي موضوع تي، ’آواز‘، ’اکر يا حرف‘، ’الف-ب‘، ’رسم الخط‘، ’صورتخطي‘، ’لفظ‘ وارن عنوانن تي، ڌار ڌار ماهرن، پنهنجا معلوماتي مضمون ۽ مقالا پڻ لکيا آهن. ۽ سيمينارن ۾ بحث مباحثا پڻ ڪيا آهن.

مون بہ لسانيات جي هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ ’سنڌي صوتيات‘، ’سنڌي صورتخطي‘ ’سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد‘، ’سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس‘ ۽ ’سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي‘ ڪتابن ۾ ماهرن جي نظرين جي حوالي سان، پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي.

2ـ (الف) اڳ ۾ عرض ڪيو اٿم تہ ڊاڪٽر ٽرمپ، سر گريئرسن، جارج اسٽئڪ، واٿن، ديوان ڏولي مل، مرزا قليچ بيگ، ڪاڪي ڀيرومل، تيرٿ وسنت، خليفي گل محمد، خان بهادر محمد صديق ميمڻ، محمد صديق مسافر، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي، مخدوم محمد زمان ’طالب المولىٰ‘، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سيد حسام الدين شاهہ راشدي، لطف الله بدويءَ، واحد بخش شيخ، محمد ابراهيم جويي، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي، سراج، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، عبدالڪريم لغاري، ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ ٻين ڪيترن ئي سڄڻن، جيتوڻيڪ هن موضوع تي پنهنجا ماهراڻا ويچار ونڊيا آهن، پر تڏهن بہ اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات، سنڌي لسانيات ۽ خاص ڪري سنڌي وياڪرڻ جي سکيا ڏيڻ جي ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي ٻين لسانياتي موضوعن ۽ مسئلن طرف، شاگردن ۽ استادن جو ڌيان خير ڪو رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ جا مسئلا حل ڪرڻ تہ ٺهيو پر سنڌي اخبارن جي خاطوئن ۽ ڊيسڪن تي ڪم ڪندڙ ڪارڪنن، ايڊيٽرن ۽ اخبارن جي مالڪن جي عدم ڌيانيءَ سبب، اخبارن ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ جي غلط استعمال تہ پاڻ، ٻوليءَ کي بگاڙڻ طرف تيزيءَ سان ڏکي چڙيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي قائم ٿيڻ سان ئي، اٿارٽيءَ جي باني چيئرمئن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پرائمري اسڪولن، اخبارن، ٽيڪسٽ بڪ بورڊ طرفان شايع ٿيندڙ درسي ڪتابن ڪان سواءِ، ريڊيي ۽ ٽي وي چئنلن تي ڪم ايندڙ سنڌي ٻوليءَ جي استعمال طرف ڌيان ڏيڻ شروع ڪيو.

(ت) آگسٽ 1998ع ڪان وٺي اٿارٽيءَ طرفان هن سلسلي ۾ حيدرآباد، ڪراچي، ميرپورخاص،



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

موري، لاڙڪاڻي، سکر ۽ جيڪب آباد ۾ سيمينارن ۽ ورڪشاپن جو اهتمام ڪيو ويو هو. انهن سيمينارن ۽ ورڪشاپن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ڌار ڌار مسئلن تي تمام ڪارائتا ۽ معلوماتي مقالا ماهرن طرفان پڙهيا ويا ۽ شرڪت ڪندڙن طرفان مشورا پڻ ڏنا ويا. اهي سڀ مقالا پوءِ اٿارٽيءَ طرفان ڪتابي صورت ۾ ڇپايا به ويا. انهن سيني سيمينارن ۽ ورڪشاپن ۾ ماهرن، معياري سنڌي ٻوليءَ جي استعمال تي گهڻو زور ڏنو.

انهن موضوعن تي، اٿارٽيءَ طرفان، انهن سيمينارن ۾ اهو به عرض ڪيو ويو هو ته اٿارٽيءَ جا ڪارڪن، سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪندڙن جون ڇڪون پڪڙڻ ۽ انهن جي عيب جوئي ڪرڻ جي خواهش نٿا رکن. پر اٿارٽيءَ جي طرفان اهو فيصلو ڪيو ويو آهي ته سنڌ جي نوجوان ۽ ناتجربيڪار صحافين، ڪالم نگارن، ريڊيي ۽ ٽيليويزن جي چئنلن ۽ مختلف نشرياتي شعبن ۾ ڪم ڪندڙ نوجوانن کي درست ۽ معياري سنڌي ٻوليءَ جي استعمال ڪرڻ لاءِ تربيتي ورڪشاپن ۽ ادبي ڪلاسن ذريعي، سکيا ۽ تربيت ڏني وڃي. انهيءَ لاءِ ته جيئن ماهر ۽ تجربيڪار صحافين جي مدد سان، نشرياتي ٻوليءَ جي ڄاڻو ڪارڪنن جي ٻڻجڻ ۾ آساني ٿئي.

اهڙن سيمينارن ۾، اٿارٽيءَ طرفان اها به وضاحت ڪئي وئي ته اسين تعميري نيت ۽ جذبي سان نوجوانن جي مدد ڪرڻ چاهيون ٿا. انهن کي ٻوليءَ جي ڌار ڌار شعبن ۾ تيار ڪرايل مئنيوئلز جي مدد سان، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي ڍانچي، سنڌي صوتيات، ٻوليءَ جي لغوي ذخيري کي صحيح طرح سان اُچارڻ، انهن کي صحيح صورتخطيءَ ۾ لکڻ، سنڌي ٻوليءَ جي املا، بيهڪ جي نشانين، پروفن پڙهڻ ۽ ايڊٽنگ ڪرڻ جو فن سيکارڻ چاهيون ٿا.

(ث) پڙهندڙن مان، ڪيترن ئي سڄڻن کي اهو معلوم هوندو ته پرائمري اسڪولن کان وٺي، يونيورسٽين تائين، سنڌي ٻولي، اُن جي صوتيات، لسانيات، سنڌي وياڪرڻ خاص ڪري اُستادن جي تربيتي ادارن جي نصاب ۾، ٻوليءَ جي سکيا ناليءَ ماتر وڃي رهي آهي، اهو ئي سبب آهي جو اڄ جي پرائمري يا سيڪنڊري اسڪولن جا اُستاد، ٻوليءَ جي مسئلن بابت ڪا به رهنمائي ڪري نٿا سگهن، بلڪ اٿين به چئي سگهجي ٿو ته اسان جي اُستادن مان ڪيترائي ٻوليءَ جي مسئلن جي باري ۾ ڪا به ڄاڻ نٿا رکن.

3_ (الف) سنڌي ٻوليءَ جا ڪيئي مسئلا آهن، پر في الحال جيڪڏهن سنڌي صورتخطيءَ جي مسئلن تي ئي ويچار ڪجي ته ان ۾ ڪيترائي مسئلا سامهون ايندا. مثال طور هڪ مسئلو هي آهي ته سون جي تعداد ۾لفظ ، ڌار ڌار نمونن سان پيا لکجن، جيتوڻيڪ انگريزن جي دور ۾، انهيءَ مسئلي تي 1923ع ۽ ان کان پوءِ به ماهرن جون جدا جدا گڏجاڻيون ٿيون به هيون. انهن گڏجاڻين ۾ ماهرن جي طرفان ڪي فيصلا پڻ ڪيا ويا هئا. انهن فيصلن جي روشنيءَ ۾، سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪي سڌارا به آندا ويا. پر تنهن هوندي به جيئن جيئن ٻوليءَ ۾، نوان نوان لفظ شامل ٿيندا ويا، تيئن تيئن صورتخطيءَ ۾، انهن لفظن جي لکجڻ جون ڌار ڌار صورتون، اخبارن، رسالن ۽ مضمونن ۾ لکت ۾ ڪم پئي آنديون ويون آهن.

هن مسئلي جي سلسلي ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ وقت بوقت، ماهرن جا اجلاس پئي سڏايا آهن،



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

۽ اهڙن لفظن جا چارٽ تيار ڪرائي، انهن اجلاسن ۾ماهرن جي توجهه ۽ راءِ لاءِ پيش پئي ڪيا ويا آهن.
مثال طور اخبارن، رسالن ۾ ڇپيل مضمونن ۾ هيٺ ڏنل لفظ ڏار ڏار صورتن ۾ شايع ٿيندا رهيا آهن:

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| وَئي | ۽ | ويئي | آيا | ۽ | آيان |
| ويون | ۽ | وئيون | آما | ۽ | آمان |
| ڏئي | ۽ | ڏيئي | ڪڏهن | ۽ | ڪڏهين |
| پئي | ۽ | پيئي | پيو | ۽ | پيون |
| ايئن | ۽ | ائين | ٿيو | ۽ | ٿيون |

اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترائي لفظ آهن، جن جا چارٽ اٿارٽيءَ طرفان تيار ڪرايا ويا هئا، ۽ هن موضوع تي رهنمائيءَ لاءِ محترم محمد ابراهيم جويي، شيخ محمد فاضل، امداد حسينيءَ، شمشير الحيدري، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، ڊاڪٽر فهميده حسين، تاج جويي ۽ ڪن ٻين صاحبن جي رهنمائيءَ ۾ ڪوئايل سيمينارن ۾، انهن لفظن جي هڪ هڪ صورت مقرر ڪئي وَئي. هن سلسلي ۾، ڪراچي، حيدرآباد، سکر ۽ ميرپورخاص ۾ سيمينارن ۽ ادبي ڪلاسن جو اهتمام پڻ ڪيو ويو.

(ب) هي مقالو دراصل، اهڙن ادبي ڪلاسن مان هڪ ڪلاس ۾ پيش ڪيو ويو هو ۽ اُن جو عنوان هو: 'سنڌي صورتخطيءَ ۾ سُر صوتين جا مسئلا'.

هن مقالي ۾ جن عنوانن يا 'ضمني عنوانن' تي بحث ڪيو ويو آهي يا جن عنوانن ۽ ضمني عنوانن جي باري ۾ دليلن سان روشني وڌي وئي آهي، اُهي عنوان يا ضمني عنوان هي آهن:

(i) 'سُر' (vowel) ڇا کي چئبو آهي، ۽ 'سُر' ۽ 'وينجن' ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

(ii) سنڌي ٻوليءَ ۾ 'سُر صوتيہ' (Vowel Phonms) ڪيترا آهن ۽ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟

(iii) سُرن جون ڪهڙيون ڪهڙيون خاصيتون آهن؟

(iv) ڇوٽن (short) ۽ ڊگهن (long) سرن جي لکت واري صورت مقرر ڪرڻ لاءِ، ماهرن ڪهڙا ڪهڙا اصول مقرر ڪيا آهن. يعني اُنهن سرن کي، سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪيئن لکجي؟

(v) سُر آوازن (vowel sounds) جي، سنڌي صورتخطيءَ ۾ نمائندگي ڪندڙ اکرن يا حرفن جي مٿان جزم جو نشان ڏجي يا نہ ڏجي؟

(VI) گُهڻن سُرن (انوناسڪ/Nasal Vowels) ۽ گهڻائن سُرن (انوسوار/Nazlized Vowels) ۾ ڪهڙو فرق آهي.

(VII) صورتخطيءَ ۾ لکيل سُرَ جي هِجي (Spelling) ڪيئن ڪجي؟

(VIII سنڌي صوتيات ۾ گُهڻن سر صوتين تي، سَنڌيءَ (assimilation) جو اثر ڪيئن ۽ ڪهڙو ٿئي ٿو؟ يعني 'سر سَنڌي' ڇا آهي؟

(IX) سنڌي صوتيات ۾ 'ءَ' جي حيثيت ڪهڙي آهي؟ ڇا 'همزو' بہ سنڌي صوتيات موجب ڪو آواز آهي؟

(ت) انهن نون ئي ضمني عنوانن تي ڪن مختصر حوالن سان ڪي ڳالهيون عرض ڪيون ويون آهن. اهي سڀ ضمني عنوان نہ صرف سنڌي صورتخطيءَ لاءِ پر 'سنڌي صوتيات' ۽ 'سنڌي صرف' جي


books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مطالعي لاءِ بہ نهايت ئي اهم آهن.هن مقالي ۾ 'اعراب' واري عنوان تي بحث نہ ڪيو ويو آهي. هيٺ تفصيل سان، مٿي ڄاڻايل نون ئي ضمني عنوان تي روشني وڌي وئي آهي.

(i) سر (vowel) ڇا ڪي ڇئبو آهي ۽ سر ۽ وينجن ۾ ڪهڙو فرق آهي؟

'سُرَ' جي وصف، گهڻو ڪري سِيني وياڪرڻين بيان ڪئي آهي. مرزا قليچ بيگ، 'سُرَ' کي 'حرف علت' سڏيو آهي. حرف علت جي وصف بيان ڪندي، مرزا صاحب لکي ٿو تہ:

"عربي زبان موجب، تي اکر آهن جن کي 'حرف علت' چوندا آهن. يعني 'بيمار اکر' ڇا لاءِ جو اُهي ٻين جي مدد سان ڪم ايندا آهن ۽ انهن کان سواءِ ٻين اکرن کي 'حرف صحيح' يعني 'سگها' يا 'چڱا ڀلا' اکر چوندا آهن." (مرزا قليچ بيگ 1992ع: 208)

پروفيسر پيرو مل بہ سُر کي 'حرف علت' سڏيو آهي. حرف علت جي وصف بيان ڪندي، پروفيسر پيرومل لکي ٿو:

"حرف علت معنيٰ ضعيف يا بيمار اکر اهي برابر ڪمزور آهن. ڇاڪاڻ تہ اهي پنهنجو اُچار سولائيءَ سان ٿا بدلائين." (پيرومل آڏواڻي: 1926: 10)

پروفيسر پيرو مل اڳتي لکي ٿو: "علت معنيٰ بيماري بہ آهي. تنهن ڪري ڪي چون تہ 'حرف علت' معنيٰ 'بيمار اکر' ۽ 'حرف صحيح' معنيٰ 'چڱا ڀلا اکر'. اِهي معنائون ونبيون تہ ڇئبو تہ جيئن بيمار ماڻهو پاڻمرادو پيو ڪرڪندو ۽ ڪِنجهندو آهي، تيئن حرف علت بہ پاڻمرادو آواز ڪن ٿا. باقي حرف صحيح چڱن ڀلن وانگر ماٺ ڪيو ويٺا هوندا آهن. (پيرومل آڏواڻي، 1926: 10)

هن سلسلي ۾ واحد بخش شيخ صاحب، سُرَ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو تہ: "علت جا حرف ٽي آهن: ا-و-ي علت جي معنيٰ آهي بيماري، ضعيف يا ڪمزوري، ڇاڪاڻ تہ مذڪور ٽي ئي حرف ڪمزور آهن. جو عربي زبان ۾انهن جي صورت پئي مٽبي آهي، تنهن ڪري انهن کي علت جا حرف سڏبو آهي (واحد بخش شيخ، 1986ع، 17)

(ٿ) (i) انهن ۽ اهڙين سِيني وصفن تي لسانيات جي جديد ماهرن هاڻ نئين نظر سان هن موضوع تي سوچيو آهي ۽ ان تي روشني وڌي آهي. هن سلسلي ۾ جديد لسانيات جي جڳ مشهور آمريڪي ماهر، 'بلومفليڊ'، پنهنجي ڪتاب ۾ 'سُر' جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي تہ:

"سُر، هڪ ڳرو آواز آهي، جنهن جي اُچارڻ مهل، ڦڦڙن کان ڌوڪي ايندڙ هوا، نڙيءَ مان لنگهي مٿي اچي، وات واري ڪوپي مان، روان لهر (Continuous Stream) جي صورت ۾ لنگهندي آهي. وات واري ڪوپي مان لنگهڻ مهل ان (هوا) کي ڪٿي بہ نہ روڪي سگهبو آهي ۽ نہ ئي وري مخرج وٽ، اُچار ڪرڻ مهل اُن (هوا) جي لنگهہ ۾، ان ۾ ڪا 'سوڙهہ' يا 'گهٽ' پيدا ڪبي آهي. انهيءَ ڪري هوا جي لنگهڻ مهل مخرج وٽ، ڪا بہ 'سوڙهہ' يا 'گهٽ' نہ ٿيڻ ڪري، ڪنهن بہ قسم جو ڪو گهڪو (friction) بہ ڪو نہ ٿي سگهندو آهي، جنهن آواز جي اُچار ڪرڻ ۾ اهي سڀ خصوصيتون موجود هجن، تنهن آواز



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪي 'سُر' يعني vowel چئبو آهي." (Bloomfield, L. 1961:21)

هن وصف مان اهو واضح ٿو ٿئي تہ 'سُر' (vowel) جي اُچار ڪرڻ لاءِ مخرج وٽ نہ ڪا رڪاوٽ ٿئي ٿي ۽ نہ ئي وري ان کي ڪنهن 'ساڪن صورت' ۾ اُچاري سگهجي ٿو يعني سر هميشہ 'متحرڪ' آواز آهن. جيڪي هر گز ساڪن صورت ۾ اُچاري نہ سگهبا آهن.

(ii) مٿي 'سُر' جي وصف کي سمجهائڻ کان پوءِ اهو مناسب ٿيندو تہ هاڻ 'وينجن' (Consonant) جي وصف کي بہ سمجهڻ جي ڪوشش ڪجي.

(a) جن آوازن جي اُچار ڪرڻ مهل، ڦڦڙن کان ڌوڪي ايندڙ هوا جو وات واري ڪوپي ۾ مختلف مخرجن وٽ لنگهہ سُڪ بند ڪيو وڃي تہ اهڙا آواز 'وينجن' سڏبا آهن. جيئن: [ ب، ٻ، پ، ڀ، ت، ٿ، ٽ، ٺ، د، ڌ، ڏ، ڊ، ڍ، ج، ڄ، جهہ، چ، ڇ، ڪ، ک، گ، ڳ، گهہ، ڱ، ل، م ۽ ڻ]. اهي سڀ آواز وينجن آهن.

(b) ڪن آوازن جي اُچار ڪرڻ مهل، ڦڦڙن کان ڌوڪي ايندڙ هوا کي، نڙيءَ، نڙگهٽ، يا وات واري ڪوپي ۾ ڪنهن خاص مخرج وٽ، صرف ڪجهہ لمحن لاءِ روڪي سگهبو آهي. اهڙن آوازن جي اُچار ڪرڻ مهل، ڦڦڙ کان ڌوڪي ايندڙ هوا کي، جڏهن ڪنهن مقرر مخرج وٽ گُهٽيل ۽ تنگ لنگهہ مان لنگهڻو پوندو آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ اُچاريل آوازن مخرجن وٽ گسٽا يا 'گيسڙي' آواز (frictional sounds) پيدا ٿيندا آهن. اهڙا آواز آهن [ ف، و س، ش، ز ۽ و]. اهي سڀ آواز وينجن آهن.

(c) جديد لسانيات جي ماهرن جي طرفان 'سر ۽ وينجن' جي بيان ڪيل انهن وصفن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ وينجن ۽ سر جي اُچار ڪرڻ جي طريقي ۾ بہ وڏو فرق آهي. انهيءَ ڪري ٻنهي قسمن وارن آوازن، يعني 'وينجنن' ۽ 'سرن' جي وصفن ۾ بہ وڏو فرق نمايان آهي. جيئن مٿي ڏنل وصفن مان معلوم ٿئي ٿو.

(d) اهو بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ سڀ سُرَ ڳرا ٿيندا آهن، پر وينجنن مان ڪي وينجن 'هلڪا' (voiceless) ٿيندا آهن تہ ڪي وري ڳرا (voiced) ٿيندا آهن (الانا، غلام علي 1967ع: 67)

## 4- (الف) سنڌي ٻوليءَ ۾ سر صوتيہ ڪيترا ۽ ڪهڙا ڪهڙا آهن؟

(i) سنڌي ٻوليءَ جي ڪن وياڪرڻين، هيءَ دعويٰ ڪئي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ سر فقط ٽي آهن، اُهي آهن: الف، و ۽ ي. مثال طور مرزا قليچ بيگ لکي ٿو: "عربي زبان موجب ٽي اکر آهن، جن کي حرف علت چوندا آهن. اُهي آهن: ا، و ۽ ي (مرزا قليچ بيگ، 1992ع : 266)

(ii) اڳ ۾ واحد بخش شيخ صاحب جي ڪتاب مان، حرف علت جي وصف ڏني وئي آهي، جنهن ۾ هن بہ ا، و ۽ ي کي سَر سڏيو آهي (واحد بخش شيخ 1986ع: 17)

(iii) سنڌي ٻوليءَ جي وڏي وياڪرڻي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ تہ وچان ٽين ۽ هڪ نئين دعويٰ ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو:

- اسان جي هاڻوڪيءَ زبان جي لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ جيئن اڳ ٽيئن الفاظ، حروف صحيح سان ٻنيل هئا، ۽ ڊگها حروف علت (ا، و ۽ ي) بلڪل ئي گهٽ هئا، يا مورڳو نہ هئا "(نبي بخش خان بلوچ، 1999ع: 36)



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو:

" لفظن جي اهڙي بيهڪ ۽ بناوت جي ماضيءَ جي مطالعي مان پائنجي ٿو تہ عربيءَ جي اثر کان اڳ، سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح جا مرڪبات هئا" (نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، 1999ع: 36)

(iv) ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي هن راءِ مان ائين ٿو معلوم ٿئي تہ عربن جي سنڌ ۾ اچڻ کان اڳ، سنڌي ٻوليءَ جا لفظ سرن کان سواءِ ٺهندا هئا. يعني وينجن پاڻ ۾ ملي، لفظ يا پد ٺاهيندا هئا. ڊاڪٽر صاحب جي هيءَ راءِ لسانيات جي ڪنهن بہ ماهر قبول ڪا نہ ڪئي آهي.

دراصل، سنڌي ٻوليءَ ۾ هر پد يا لفظ جي ساخت ۽ رچنا لاءِ ضروري آهي تہ ڪي وينجن ۽ سر، يا ڪو هڪ وينجن ۽ ڪو سُر، صوتياتي قانون موجب پاڻ ۾ ملي، ڪو پد يا لفظ ٺاهيندا آهن. صوتياتي اصولن موجب، جيستائين ڪي وينجن ۽ سر پاڻ ۾ نہ گڏبا، يا گڏجي ڪم نہ ايندا، تيستائين ڪنهن بہ پد يا ڪن بہ پدن، يا ڪنهن بہ لفظ يا، ڪن بہ لفظن جو جڙڻ/ ٺهڻ ممڪن ئي نہ آهي. انهيءَ ڪري اها راءِ صحيح نہ آهي تہ ڪي بہ وينجن يا وينجنن جا ڪي ميڙ پاڻ ۾ گڏجي ڪو پد يا لفظ ٺاهي سگهندا آهن.

(i) مرزا قليچ بيگ جي اڳ ۾ ڏنل راءِ موجب "سنڌي ٻوليءَ ۾ حرف علت ٽي آهن. اُهي آهن: ا، و ۽ ي. "پروفيسر پيرومل بہ ا، و ۽ ي کي سنڌي ٻوليءَ جا حروف علت يعني سر ٿو ڄاڻائي. ڊاڪٽر بلوچ صاحب بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ ٽي حروف علت هجڻ جي دعويٰ ٿو ڪري، هو لکي ٿو تہ:

"ڏگهن حروف علت (ا، و ۽ ي) کان سواءِ الفاظ، جهڙوڪ: ٻہ، تہ، نہ،مک، ڪڪڙ، مڪڙ ۽ گدڙ_ شايد انهيءَ تاريخي اصليت ڏانهن اشارو ڪن ٿا. لفظن جي اهڙي بيهڪ ۽ بناوت جي ماضيءَ جي مطالعي مان پائنجي ٿو تہ عربيءَ جي اثر کان اڳ، سنڌي الفاظ اڪثر حروف صحيح جا مرڪبات هئا" (نبي بخش خان، بلوچ، ڊاڪٽر، 1993ع:36)

(ii) ڊاڪٽر صاحب جي انهيءَ راءِ کي ڏيهي توڙي پرڏيهي ماهرن قبول نہ ڪيو آهي. هن ڏس ۾ مسٽر بارٽل مالم برگ جي راءِ آهي تہ: "ڪو بہ وينجن، اڪيلي سر، يعني ڪنهن بہ سر کان سواءِ متحرڪ ٿي نٿو سگهي، جڏهن تہ سُرُ، پنهنجي سر، اڪيلو ئي متحرڪ ٿي سگهي ٿو. ڪنهن بہ سُرَ کي متحرڪ ٿيڻ لاءِ ڪنهن بہ ٻئي آواز جي ضرورت، اصل ڪا نہ ٿيندي آهي، ڇاڪاڻ تہ اُهي يعني سُرَ پاڻ بہ متحرڪ هوندا آهن، پر ڪنهن بہ وينجن کي متحرڪ ٿيڻ لاءِ، هميشہ ڪنهن سر يا ڪن سرن جي مدد جي ضرورت ٿيندي آهي". (Bartel Malam bearg ,1963 :65 )مالم برگ اڳتي لکي ٿو: "سُرَ، هر گز ساڪن استعمال ٿي نہ سگهندا آهن" (ص 13) اڳ ۾ بہ اهو چيو ويو آهي تہ سرن جي مدد کان سواءِ، وينجن پنهنجي سر يا پاڻ ۾ ملي، ڪو بہ پد يا لفظ ٺاهي نہ سگهندا آهن.

(iii) اڳ ۾ اهو بہ چيو ويو آهي تہ سرن کي، پنهنجي سر يا اڪيلي صورت ۾ اُچاري سگهبو آهي، پر سُرَ يا سُرن جي مدد کان سواءِ، ڪو بہ وينجن يا وينجنَ، پنهنجي سر يا سُرَن جي مدد کان سواءِ، متحرڪ ٿي نٿا سگهن. انهيءَ ڪري هر ٻوليءَ ۾ ’سُر‘ کي خاص اهميت حاصل هوندي آهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ث) سنڌي ٻوليءَ جي صوتيات جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين، ’سُر‘ جي ڪارج کي ڪا گهڻي اهميت به ڪا نه ڏني آهي. اُن جو خاص سبب هيءُ ٿي سگهي ٿو ته انهن صرف ا، و ۽ ي کي ئي سنڌي ٻوليءَ جا سر سمجهي، خاص ڪري عربي صرف و نحو جي اصولن کي سامهون رکي، سِنڌي وياڪرڻ جو جائزو ورتو هو. جڏهن ته سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي ساخت جو، عربي ٻوليءَ جي وياڪرڻي ساخت سان، ڪنهن به قسم جو ڪو به واسطو ڪونهي.

جديد لسانيات جا ڄاڻو جهڙوڪ: ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر يشودرا واڌواڻي، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻي، ڊاڪٽر سندري پرچاڻي، ڊاڪٽر ڪنيو ليکواڻي، پروفيسر علي نواز جتوئي ۽ سراج الحق ميمڻ هن راءِ جا آهن ته سنڌي صوتيات جي اصولن موجب، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڏهه سر صوتيه آهن. اُهي آهن: اَ، آ، اِ، اِي، اُ، اُو، اي، اَي، او ۽ اَو. انهن ڏهن ئي سُرن جو سنڌي ٻوليءَ ۾، ٻوليءَ جي اوائلي زماني کان وٺي موجود هجڻ جا ثبوت، رگ ويد کان وٺي ڇچنامي جهڙي سنڌ جي پراڻي تاريخن ۾ موجود. سنڌي لفظن مان ملن ٿا ۽ هن ڏس ۾ البيرونيءَ جا، سندس ڪتابن ۾ ڏنل سنڌي لفظ به وڏي ثابتي پيش ڪن ٿا. ايلس واري، سڀ کان پهرين ٺهيل عربي – سنڌي صورتخطيءَ ۾ به واضح طور اِهي ئي ڏهه سُر ڄاڻايا ويا آهن. اهي ڏهه ئي سر وري ’ڇوٽن‘ (Short) ۽ ’ڊگهن‘ (Long) سرن ۽ انهن تي مشتمل جوڙين ۾ ورهايل آهن. (الانا غلام علي 1967ع: ۽ 81_82).

اُهي جوڙيون هن طرح آهن:

[اَ ۽ آ] : انهيءَ جوڙيءَ ۾ [اَ] ڇوٽو سر آهي ۽ [آ] اُن جو ڊگهو جوڙ آهي.

[اِ ۽ اِي]: هن جوڙيءَ ۾ [اِ] ڇوٽو سر آهي ۽ [اِي] اُن جو ڊگهو جوڙ آهي.

[اُ ۽ اُو] : هن جوڙيءَ ۾ [اُ] ڇوٽو سر آهي ۽ [اُو] اُن جو ڊگهو جوڙ آهي.

[اي] ۽ [او]: اِهي ٻئي ڊگها سر آهن. جڏهن ته:

[اَي] ۽ [اَو] ٻئي ’يڪپدا ڏهرا سر‘ (diphthongs) آهن.

(ث) سنڌي سُرن جون خاصيتون ڪهڙيون ڪهڙيون آهن؟ هن موضوع جو اهو ٽيون ضمني عنوان آهي. هن عنوان جي وضاحت ڪندي، سنڌي ٻوليءَ جي سرن جون خاصيتون بيان ڪيون ويون آهن. مطالعي دوران سنڌي ٻوليءَ جي سرن ۾ جيڪي خاصيتون نظر آيون آهن. اُهي هي آهن:

(i) سُرَ هميشه متحرڪ ٿيندا آهن. ۽ ڪنهن به صورت ۾ ڪنهن به لفظ ۾ سُر، ساڪن اُچاري نٿا سگهجن.

(ii) سڀ سُرَ، ڳرا آواز آهن.

(iii) سُرن مان ڪي ڇوٽا سر هوندا آهن. جيئن اَ، اِ ۽ اُ ته ڪي وري ڊگها سر جيئن:

آ، اِي، اُو، اي، اَي ۽ اَو. انهن ڊگهن سُرن ۾ اَي ۽ اَو، ’يڪپدا ڏهرا‘ (diphthongs) آهن.

(iv) اڳ ۾ ٻڌايو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ سرن جون ٽي جوڙيون ڪم اينديون آهن. اُهي جوڙيون آهن:

اَ ۽ آ، اِ ۽ اِي، اُ ۽ اُو

(v) سر صفا (oral) يعني گهڻائڻ واريءَ خاصيت کان سواءِ، يعني non-nasal به استعمال ٿيندا آهن. جيئن:



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| لفظ | ڪم آيل/صاف سُرَ |
|---|---|
| آسِي | آ ۽ اِي |
| آسَ | آ ۽ آ |
| اوٺو | او |
| اُٺَ | اُ ۽ آ وغيره |

(vi) سپ سُر، 'گُهٽا' (nasalied) به ڪم ايندا آهن، جيئن:

| لفظ | گهُٽا سر |
|---|---|
| آسين | اِين |
| تُون | اُون |
| آنبُ | آن |

هي نقطو به ڌيان ۾ رکڻ گهرجي ته سُرن جي گهٽائڻ متعلق به خاصيتون نظر ايندڙون آهن. هڪڙا آهن 'گُهٽا سر' (nasal vowel) جن کي ڊاڪٽر ترمپ ۽ ٻين ماهرن 'آنوناسڪ' يعني nasal vowels سڏيو آهي. گُهٽا سر، سڌا سنوان، نڪ مان اُچاريا ويندا آهن. سنڌي صورتخطيءَ ۾ کليل صورت ۾ گهٽن سرن (nasal vowel) کي، 'ن' حرف سان ظاهر ڪيو آهي؛ جيئن اڳ ۾ ڪن لفظن ۾ ڏنو ويو. اهڙا ڪي لفظ هي آهن: آسِين، آسان، آوهين، تُون، وِچُون، اُونڌو جَنهِن ۽ تنهِن وغيره. انهن لفظن ۾ 'ن' حرف ڪم آڻي گهٽن سرن کي لکيل صورت ۾ ظاهر ڪيو ويو آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻيا اهڙا به سر آهن، جيڪي گُهٽن وينجنن جي اڳيان يا پٺيان استعمال ٿيڻ سبب، انهن گهٽن وينجنن جي اثر ڪري، گهٽائڻ واري خاصيت وارا يعني 'گهٽاٽا' آنو سوار (nasalisal) گهٽا ڪو نه هوندا آهن؛ جيئن هيٺ ڏنل لفظن جي اُچار ڪرڻ مان محسوس ڪجي ٿو:

آچا، آما، ماٺهو ناٺُو ڪاٺُو داٺو ماٺو ماني، ناني، آنڱ راڱُو راٺي ۽ پاٺي وغيره.

ڪي احباب پڇندا آهن ته 'آچا' 'اما' يا 'ماٺهو'، 'ناٺو' 'سچاٺو' يا 'ناني'، 'راٺي' ۽ 'پاٺي'، وغيره لفظن جي آخري پد ۾آيل 'آ'، 'اُو' يا 'اِي' سرن جي پٺيان، 'ن' حرف ملائجي يا نه جڏهن ته 'وڃان' فعل جي آخري پد ۾ 'ن' حرف ڪم آندو ويندو آهي. اهڙن احبابن جي ڄاڻ لاءِ هي عرض آهي ته 'وڃ' لفظ فعل آهي. اُن فعل (وڃ) جو زمان مضارع ۾ گردان هن ريت ڪيو ويندو آهي:

| | |
|---|---|
| آءُ وڃان | آسين وڃون |
| تون وڃ/وڃين | توهين وڃو |
| هيءُ/هُو وڃي | هي/هو وَڃَن |
| هيءَ/هُوءَ وڃي | |

اهڙيءَ طرح 'لِک' فعل جو زمان مضارع ۾ گردان هن ريت ڪيو ويندو آهي:

| | |
|---|---|
| آءُ لکان | اسين لکون |
| تون لکين | توهين لکو |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

هيءُ/ هُولکي　　　　هي/ هولکن

هيءَ/ هُوءَ لکي

هاڻي ’وڃ‘ ۽ ’لکُ‘ فعلن جي گردانن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي تہ زمان مضارع جي حالت ۾ ضمير متڪلم واحد سان ’آن‘ پڇاڙي زمان مضارع جي علامت طور ملائي ويندي آهي، ۽ ضمير متڪلم جمع سان، ’اُون‘ پڇاڙي زمان مضارع جي علامت طور ملائي ويندي آهي. اها ڳالھہ گھڻي توجھہ سان نوٽ ڪرڻ گھرجي تہ ’وڃ‘ فعل جو ضمير متڪلم واحد جي صورت ۾ زمان مضارع ۾ گردان ڪرڻ لاءِ فعل سان ’ان‘ پڇاڙي ملائي وئي آهي. انهي پڇاڙيءَ ۾ ’ن‘ حرف اڳي ئي شامل هوندو آهي. پر ’اجا‘ لفظ فعل نہ آهي، پر اهو ظرف طور ڪم آيو آهي. ان ڪري اهو لفظ ’ن‘ حرف کان سواءِ ئي لکڻ گھرجي، ۽ جيڪي ماڻهو انهيءَ لفظ کي ’اجان‘ جي صورت ۾ لکڻ پسند ڪندا آهن، اُنهن کي سوچڻو پوندو تہ ان صورت ۾ اهڙيءَ طرح ٻيا لفظ، جهڙوڪ: اما، ماڻهو، ٽاٽو ڪاٽو ساٽو نانو ناني، راڻي ۽ ڪاٽي وغيره. سڀ گھڻي سر وارا نہ آهن، البت انهن لفظن جي اُچار ڪرڻ مهل گھڻن وينجنن کان پوءِ اڳ يا پوءِ ايندڙ سرن تي گھڻي وينجن کي گھڻائڻ واري خاصيت جو اثر ٿيندو آهي، پر اهڙن لفظن جي لکڻ ۾ ’ن‘ صرف ڪم آڻڻ صحيح نہ آهي.

(vii) سرن ۾ گُھڻيل، کُليل ۽ وچٿرن قسمن وارا سر بہ ٿيندا آهن، اهي بہ سرن جون خاصيتون آهن، جيئن:

گُھڻيل سر　　　اِي ۽ اُو

کليل سر　　　آ، او، اِي ۽ آي

وچٿرا سر　　　اَ، اِ ۽ اُ

**(viii) ڊگھن ۽ ڇوٽن سرن کي لکيل صورت ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ، ماهرن ڪهڙا اصول مقرر ڪيا آهن؟**

هن کان اڳ ، سرن جي خاصيتن ۽ اُنهن جي درجي بنديءَ يعني سرن جي قسمن کي بيان ڪندي، اهو ٻڌايو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي سرن جا قسم هي آهن.

ڊگھا سر، جهڙوڪ: آ، اِي اُو اي ۽ او

ڇوٽا سر، جهڙوڪ: اَ، اِ ۽ اُ

يڪپدا ڍُھرا سر، جهڙوڪ: آي ۽ آو

اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪل ملائي ڏھہ سُرَ ڪم ايندا آهن. اهو بہ نوٽ ڪرڻ گھرجي تہ سنڌي ٻوليءَ جي صوتياتي اصولن موجب اهي ڏھہ ئي سُرَ لفظن جي مُنڍ ۾، وچ ۾ ۽ آخر ۾ ڪم آڻي سگھبا آهن. جن جي تحريري صورت لاءِ، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين، هيٺيان اصول مقرر ڪيا آهن، ۽ ڏار ڏار لفظن ۾ ضرورت مطابق ا، و ي ۽ ’ء‘ حرفن جي مدد سان اهي سُر لکيا ويندا آهن، جيئن:

**لفظن جي مُنڍ ۾ استعمال:**

(a) لفظن جي منڍ ۾ ڪم ايندڙ ڇوٽا سر، مثلاً:

اَ: اَٽو اَسين، اَڇو اَڪِ ۽ اَوھين وغيره



books.sindhsalamat.com　sindhsalamat.com

اِ:  اِٽي، اِڪي، اِڇهو ۽ اِهو وغيره
اُ:  اُٺُ، اُسَ، اُٺُ ۽ اُپُ وغيره
(b)  لفظن جي مُنڍ ۾ ڊگهن سرن جو استعمال:
آ:  آدم، آسَ، آهَٽَ، آسرو ۽ آهِرَ وغيره.
اِي: اِيسَ، اِيندو
اُو:  اُوري، اُونڌو
اي: ايترو
او:  اوٺي، اوڏر، اوطاقَ
پر اِهي ئي سُرَ جڏهن ڪن لفظن جي وچ ۾ يا پڇاڙيءَ ۾ استعمال ڪبا آهن، تڏهن اِنهن سرن جي لکيل صورت هن طرح هوندي آهي.

**ڇوٽا سر:**

| سُر | لفظن جي مُنڍ ۾ استعمال | لفظن جي وچ ۾ استعمال | لفظن جي آخر ۾ استعمال |
|---|---|---|---|
| اَ | اَٽو اَڇو اَڪ | پَکو پَڙ (زبر جي صورت ۾) | نَٽَ، هَٽَ (زبر جي صورت ۾) |
| اِ | اِڇهو، اِهو، اِٽي | پتو پڪَ (زير جي صورت ۾) | لَٺِ، مَٽِ (زير جي صورت ۾) |
| اُ | اُٺُ، اُسَ، اُٺُ | ٻُڪَ (پيش جي صورت ۾) | نڪُ، اُپُ (پيش جي صورت ۾) |

**ڊگها سُرَ:**

| سُر | لفظن جي مُنڍ ۾ استعمال | لفظن جي وچ ۾ استعمال | لفظن جي آخر ۾ استعمال |
|---|---|---|---|
| آ | آسَ، آهَٽَ<br>(مد جي صورت ۾ | پاءُ، ساهہ، واٽ<br>(الف جي صورت ۾) | پلا، حيا، دوا<br>(الف جي صورت ۾) |
| اِي | اِيسَ (اي جي صورت ۾) | رِيت، ڄِيس (اي جي صورت ۾) | پکي، ڇڳي (اي جي صورت ۾) |
| اُو | اُوڇو (واو جي صورت ۾) | ڇُوهو (واو جي صورت ۾) | چالُو ڇُرو (واو جي صورت ۾) |
| اي | ايترو (ي جي صورت ۾) | پيتي، پيٽي (ي جي صورت ۾) | ڪپي، ليپي (ي جي صورت ۾) |

(viii) **سرصوتين (vowel phonemes) جي نمائندگي ڪندڙ حرفن جي مٿان جزم جو نشان ڏجي يا نہ ڏجي؟**
ڏٺو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي درسي ڪتابن توڙي سنڌي لغتن ۾ صاف توڙي گهٽڻ سرن جي لکيل حرفن مٿان، جزم جو نشان ڏنو ويو آهي. سوال آهي تہ سُرَ جي لکيل صورت جي مٿان جزم جو نشان ڏيڻ درست آهي يا نہ؟
اڳ ۾ وينجنن جي وصف بيان ڪندي اهو چيو ويو آهي تہ سنڌي صوتياتي نظام ۾، وينجن تہ ساڪن بہ اُچاري سگهبا آهن، پر سُر هر گز ساڪن استعمال ٿي نٿا سگهن. سُرَ هميشہ متحرڪ رهندا آهن، انهيءَ ڪري ڪنهن بہ لفظ يا ڪن ٻن لفظن جي لکيل صورت/صورتن ۾ سُرن لاءِ استعمال ٿيل حرفن جي مٿان، جزم يعني سُڪون جو نشان ڏيڻ هر گز صحيح نہ آهي، بلڪ غلط آهي. مثال طور سنڌي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ٻوليءَ جي درسي ڪتابن توڙي سنڌي لغتن، سُرن لاءِ ڪم آيل حرفن مٿان جزم ڏني وئي آهي جيئن:

ڳِيتَ، ڳَڏجَي، وَسائِي ۽ سار اهيوَن وغيره لفظن ۾ انهن لفظن جي صورتن ۾ [ اِي، اي ۽ اُون] ڊگها سر آهن. انهن سرن جي لکڻ لاءِ صورتخطيءَ ۾ اُنهن سرن کي نمايان ڪندڙ حرفن مٿان جزم ڏيڻ، صحيح نہ آهي، مثال طور:

| لفظ | وضاحت |
|---|---|
| ڳِيت | هن لفظ ۾ وينجن [ڳ] جي پٺيان [اِي] سر جي استعمال سان 'ڳي' پد ٺهيو آهي. |

اڳ ۾ اهو ٻڌايو ويو آهي تہ سُرَ ئي هميشہ وينجنن کي متحرڪ ڪندا آهن. پر اُهي پاڻ، پنهنجي سِرِ هميشہ متحرڪ هوندا آهن. لهاذا، سنڌي صورتخطيءَ ۾ متحرڪ آوازن جي لکت ۾ نمائندگي ڪندڙ حرفن جي مٿان، جزم يا سُڪون جو استعمال، صوتياتي لحاظ کان بلڪل غلط آهي. انهيءَ ڪري سيني درسي ڪتابن ۽ سنڌي لغتن ۾ اهڙن سيني لفظن کي نئين سر سڌاري لکڻ جي ضرورت آهي ۽ اُهي لفظ هن طرح لکڻ گهرجن:

| درسي ڪتابن ۽ لغتن ۾ لکيل صورتون | درست صورتن ۾ لکڻ جي سفارش |
|---|---|
| آهِيَ | آهي |
| هُيءَ | هُيءَ |
| مُورِيَ | مُورِي |
| ٻِيرَ | ٻِيرَ |
| ڳِيتَ | ڳِيت |
| ڳَڏجِيَ | ڳَڏجي |
| وَسَائِيَ | وَسَائِي |
| سار اهِيوَنَ | سار اهِيون |

(IX) سُرَ جي هِجي (Spelling) ڪيئن ڪجي؟

سنڌي پرائمري اسڪولن جي اُستادن کي سنڌن تربيتي ادارن ۾ سکيا دوران، سُرَن جي هِجي جي سلسلي ۾ ڪو بہ اصول سيکاريو ڪو نہ ويندو آهي، پر انهن استادن جي شاگرديءَ واري زماني ۾ سنڌن پراڻن اُستادن، ڪين لفظن جي هِجي ڪرڻ ضرور سيکاري هوندي، ڇاڪاڻ تہ ورهاڱي کان اڳ، انهن ئي تربيتي ادارن جا اُستاد، پنهنجن شاگردن کي، سنڌي وياڪرڻ ۽ اُن جا سڀ اصول ضرور سيکاريندا هئا. انهيءَ قسم جي تربيت، هاڻ سنڌي نصاب مان خارج ڪئي وئي آهي.

تحقيق دوران معلوم ٿيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي هِجي ڪرڻ ۾ بہ هِجي وارن اصولن ۾ ڪا بہ هڪجهڙائي ڪانهي ۽ نہ ئي وري تربيتي ادارن ۾ هن مسئلي طرف ڪو ڌيان ئي ڏنو ويندو آهي. هن سلسلي ۾ ڪي مثال پيش ڪجن ٿا:

| پد | هِجي | وضاحت |
|---|---|---|
| بَ | ب زبَر بَ | ب حرف جي مٿان زبر آئي آهي |
| با | ب الف با | درسي ڪتابن ۾ 'با' جي بدران عربي قانون موجب 'بآ' پد جي |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| هِجي، هن طرح سيکاريندا آهن:<br>بآ: ب الف زبر بآ<br>هن هجي مان ائين ٿو ظاهر ٿئي تہ ’ب‘ کان پوءِ بہ سُرَ استعمال ٿيا آهن:<br>هڪڙو ’الف‘ يعني ’آ‘ ۽ ٻيو ’زبر‘. سنڌي صوتيات جي اصولن موجب، ’با‘ ۾ ’مد‘ جي مٿان زبر ڏيڻ جي ڪا بہ ضرورت نہ آهي. | | |

هن سلسلي ۾ وڏيڪ اپياس مان اهو بہ معلوم ٿو ٿئي تہ اُستاد، اسڪولن ۾ هجي ڪرڻ جو جيڪو طريقو پاڻ سکيا هئا، اُهو طريقو هڪڙو هو ۽ ڇپيل درسي ڪتابن ۾ وري لفظن تي زيرون، زَبرون ۽ پيش وغيره ٻئي نموني ڏنا ويندا آهن. انهيءَ ڪري ٻار تہ خير پر خود اُستاد بہ منجهي ٿا پون. مثال طور ’هي‘ لفظ ۾ ’زير‘، ’هہ‘ اکر هيٺان ڏني ويندي آهي. جڏهن تہ ٻار اهو سوال پڇندا آهن تہ ’هِي‘ لفظ لکڻ لاءِ ’زير‘، ’هہ‘ حرف هيٺان ڏجي يا ’ي‘ حرف هيٺان ڏيڻ گهرجي تہ جيئن ’اِي‘ حرف، ’اِي‘ سر جي، لکت ۾ نمائندگي ڪري سگهي. انهيءَ ڪري ’هہ‘ حرف جي هيٺان ’زير‘ ڏيڻ، صوتياتي لحاظ کان صحيح نہ آهي.

’زيرن‘ ۽ ’زبرن‘ وغيره کي ’ماترائون‘ بہ چئبو آهي. ديوناگري-سنڌي رسم الخط ۾، ماترائن ڏيڻ جو طريقو بلڪل صاف ۽ واضح آهي. مثال طور، ديوناگري رسم الخط ۾ ’ڪ‘ حرف کي (क) صورت ۾ لکيو ويندو آهي، يعني تہ زبر واري ماترا، ان ۾ شامل هوندي آهي. انهيءَ حرف، يعني (क) کي، ٻڌهين ۽ چوٿين ماترائن سان لکت ۾ هن طرح واضح ڪيو ويندو آهي.

(क) = ڪَ (का) = ڪا، (कि) = ڪِ، (की) = ڪِي

(कु) = ڪُ، (कू) = ڪوُ، (के) = ڪي، (कै) = ڪَي

(को) = ڪوءِ (कौ) = ڪوَ

اهڙيءَ طرح، سنڌي درسي ڪتابن ۾ ’مُور‘ لفظ جي لکيل صورت ۾، ’م‘ وينجن جي پٺيان ’اوُ‘ سر آهي. هن لفظ ۾ ’مُو‘ پد لکڻ لاءِ ماترا يعني سر صرف ’م‘ حرف جي مٿان لکجي يا ’و‘ حرف جي مٿان، ڇاڪاڻ تہ سُر آهي ’اوُ‘. انهيءَ ڪري جيڪڏهن ’اوُ‘ سر کي، لکت ۾ ظاهر ڪرڻو آهي تہ پوءِ پيش، سُر واري حرف ’واو‘ مٿان لکڻ گهرجي ۽ نہ ڪ ’م‘ حرف مٿان، يعني: لفظ ’موُر‘ لکجي ۽ نہ ڪ ’مُور‘.

هن سلسلي ۾ پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ماهوار سنڌو رسالي جي، ڊسمبر 1945ع واري پرچي ۾ ۽ وري ساڳئي رسالي جي مارچ 1946ع واري پرچي ۾، هن موضوع تي بحث ڪيو هو. پروفيسر ملڪاڻيءَ لکيو هو تہ:



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

”چَتونُ لفظ ۾ پيش ’ن‘ حرف مٿان ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ’چتون‘ لفظ جي هجي ڪرڻ مهل، اُستاد سيکاريندا آهن:

| لفظ | هجي |
|---|---|
| چَتونُ | ’چ‘ زبر چَ، ’ت واو‘’ن‘، پيش ’تونُ‘ |

انهيءَ سبب جي ڪري ’پيش‘، ’ن‘ حرف جي مٿان ڏيڻ گهرجي.

هن کان اڳ، گُهڻن سرن جي وضاحت ڪندي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ ’مُون‘، ٿُون‘ ۽ ’چَتوُن‘ يا اهڙن بين لفظن ۾ ’ن‘ صورت، گُهڻي سر جي گُهڻائڻ ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم آندي وَئي آهي. انهن لفظن ۾ ’ن‘ حرف جي حيثيت، وينجن واري هر گز نہ آهي. اِهو ئي سبب آهي جو اردو زبان جي اِملا ۾ اهڙا ’ن‘ حرف، بنا نقطي جي لکيا ويندا آهن. جيئن:

| سنڌي رسم الخط | اردو رسم الخط |
|---|---|
| سائِين | سائیں |
| اسِين | اسیں |
| رَوان | رواں |
| چُروُن | چُروں |

اِنهن مثالن ۾ ’اِين، آن ۽ اُون‘ ڊگها سُر آهن. اهڙن ڊگهن گهڻن سُرن جي لکت وارين صورتن ۾ اُنهن جي گُهڻائڻ واريءَ خاصيت جي ظاهر ڪرڻ لاءِ، ’ن‘ حرف ڪم آندو ويندو آهي، پر اهڙن لفظن ۾ ماترائون، ’ن‘ حرف مٿان نہ، پر سرن جي نمائندگي ڪندڙ حرفن هيٺان يا مٿان ڏيڻ گهرجن. جيڪڏهن ’چَتون‘ لفظ جي لکڻ ۽ ان جي هِجي ڪرڻ لاءِ ’پيش‘ ’ن‘ حرف مٿان لکبو تہ پوءِ پروفيسر ملڪاڻي ۽ سندس هم خيال ساٿي، هيٺ ڏنل لفظن جي هجي ڪيئن ڪندا؟

| لفظ | پروفيسر ملڪاڻيءَ جي ڏسيل هجي | صوتياتي اصولن موجب هجي لاءِ سفارش |
|---|---|---|
| آهِي | الف مد آ، ’هہ‘ زير هِي= آهِي | ساڳي |
| آهِين | الف مد آ، ’هہ‘ ’ي‘ ’ن‘ زير هِينِ=آهينِ | الف مد آ، ’هہ‘ ’ي‘ زير ’ن‘ هين = آهين |
| ڪائِين | ڪ الف ڪا، همزو ’ي‘ ’ن‘ زير ئِين=ڪائينِ | ڪ الف ڪا، ’همزو‘ ’ي‘ زير ’ن‘ ئين=ڪائِين |
| روا | ’ر‘ زبر ’رَ‘، واو الف وا = رَوا | ’ر‘ زبر ’رَ‘، واو الف وا= روا |
| روان | ’ر‘ زبر ’رَ‘، واو الف ’ن‘ وان ‘= رَوان | ’ر‘ زبر ’رَ‘، واو الف ن= وان = روان |
| چَروُ | ’چ‘ زبر ’چَ‘، ’ر‘، واو پيش روُ= چَروُ | ’چ‘ زبر ’چَ‘، ’ر‘ واو پيش، رُو=چَرُو |


books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| چَرُوَن | ’چ‘ زبر ’چَ‘، ’ر‘ واوَ ’ن‘ پيشُ، رُون=چَرُون | ’چ‘ زبر ’چَ‘، ’ر‘ واو پيشُ، ’ن‘ رُون=چَرُون |
| مَنجو | ’م‘، ’ن‘ زبر ’مَن‘، ’ج‘ واو جو= منجو | ’م‘، ’ن‘، مَن، ’ج‘ واو جو= مَنجو |
| جِندِ | ’ج‘ ’ن‘ زبر جنِ، ’دال‘ زيردِ= جند | ’ج‘ زير ’ن‘ جِن، ’د‘ زيردِ= جِند |

انهن مثالن جي روشنيءَ ۾ هي نتيجو نڪري ٿو تہ ’آهي‘ ’آهين‘ ۽ اهڙن ٻين لفظن ۾ ’زير‘ ’ي‘ حرف هيٺيان ڏيڻ گهرجي ۽ ’چَروُ‘، ’چَرُون‘ ۽ اهڙن ٻين لفظن ۾ پيش، ’واو‘ مٿان لکڻ گهرجي.

اهو نقطو بہ ذهن ۾ رکڻ گهرجي تہ ’صاف‘ ۽ ’گهڻن سرن‘ جي ’هجي‘ ڪرڻ وقت، ’هجي‘ ۾ فرق ڪرڻ نہ ڪرڻ گهرجي، جيئن:

| لفظ | صاف سر جي هجي | لفظ | گهڻي سر جي هجي |
|---|---|---|---|
| هِي | ’ھ‘ ’ي‘ زير= هِي | هِين | ’ھ‘ ’ي‘ زير ’ن‘ = هِين |
| ما | ’م‘ الف ما | مان | ’م‘ الف ’ن‘ = مان |
| توُ | ’ت‘ وارو پيش ۾ توُ | تون | ’ت‘ واو پيش ’ن‘ =توُن |

جيئن ’روان‘ لفظ جي هجي ڪرڻ لاءِ ’آن‘ پد جي هجي ڪرڻ مهل ’آ‘ سر کان پوءِ ’ن‘ حرف چيو ويندو آهي ۽ جيئن ’چَروُ‘ لفظ جي هجي ۾ ’روُ‘، پد جي ’ر‘ واو پيش ’روُ‘ ڪبي آهي، تيئن انهيءَ اصول کي سامهون رکي، ’اين‘ ۽ ’اوُن‘ سُرن جي هجي ڪرڻ لاءِ بہ ’سُر‘ پهرين چوڻ گهرجي ۽ اُن کان پوءِ اُن سُر جي گُهڻائڻ ظاهر ڪندڙ ’ن‘ چوڻ گهرجي.

**(X) گُهڻن (آنوناسڪ سَر nasal vowels) ۽ گُهڻائن سُرن يعني آنوسوار (nasalised vowel) ۾ فرق:**

سُرن جون خاصيتون بيان ڪندي اڳ ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ سُرَ صاف (oral) يعني گُهڻائڻ کان سواءِ بہ ٿيندا آهن تہ سُرَ گُهڻا (nasal vowels) بہ ٿيندا آهن. اڳ ۾ اهو بہ ٻڌايو ويو آهي تہ گُهڻن سُرن کي ’انوناسڪ سُر‘ يعني nasal vowels چئبو آهي، پر اُهي سر جيڪڏهن لفظن ۾ گهڻن وينجنن جي اڳيان يا پٺيان اچڻ جي ڪري، انهن گهڻن وينجنن جي گُهڻي خاصيت کان متاثر ٿي گُهڻائجي ٿي پوندا آهن تہ اهڙن گُهڻن سرن کي ’آنوسوار‘ يعني گُهڻائجا سُر (nasalized vowel) چئبو آهي. اهڙا سر خود، گُهڻا ڪو نہ هوندا آهن، پر ڪن لفظن ۾ گهڻن وينجنن جهڙوڪ: ’م ن، ڻ، ڃ ۽ ڱ‘ جي پر ۾ اُنهن جي اڳيان يا پٺيان اچڻ سبب، اُنهن جي اڳيان يا پويان ايندڙ اُهي صاف سر اُنهن گُهڻن وينجنن جي، گُهڻائڻ واريءَ خاصيت جي اثر جي ڪري گُهڻا اُچاريا ويندا آهن. جيئن اڳ ۾ سُرن جي گُهڻائڻ واريءَ خاصيت بيان ڪندي، تفصيل سان سمجهايو ويو آهي. اهو ئي سبب آهي جو وڏا وڏا اديب، اهو واضح ڪري نہ سگهيا آهن تہ:



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

لفظ اجا لکجي يا اجان

لفظ اما لکجي يا امان

لفظ ماٺھو لکجي يا ماٺھون

جڏھن تہ گھڻو ڪري اُھي ساڳيا اديب ’پاڻي‘ لفظ لاءِ ’پاڻي‘ صورت ڪم آڻيندا آھن، ۽ نہ ڪ ’پاڻين‘، ’وچي‘ لفظ کي ’وچي‘ صورت ۾ لکندا آھن ۽ نہ ڪہ ’وچين‘ صورت ۾، ’ڇاڇي‘ لفظ کي ’ڇاڇي‘ لکندا آھن، ۽ نہ ڪہ ’ڇاڇين‘ صورت ۾. اھڙيءَ طرح اھي ئي ساڳيا اديب:

’آنا‘ لفظ کي ’آنا‘ لکندا آھن; نہ ڪہ ’آنان‘

’ٽاڻو‘ لفظ کي ’ٽاڻو‘ ئي لکندا آھن; نہ ڪہ ’ٽاڻون‘

’ڪاڻو‘ لفظ کي ’ڪاڻو‘ ئي لکندا آھن; نہ ڪہ ’ڪاڻون‘

’ياڱو‘ لفظ کي ’ياڱو‘ ئي لکندا آھن; ڪہ ’ياڱون‘

’راڱو‘ لفظ کي ’راڱو‘ ئي لکندا آھن; ڪہ ’راڱون‘

’گھاڻو‘ لفظ کي ’گھاڻو‘ ئي لکندا آھن; ڪہ ’گھاڻون‘

’سڱ‘ لفظ کي ’سڱ‘ ئي لکندا آھن، نہ ڪہ ’سڱن‘

’سڱيڻو‘ لفظ کي ’سڱيڻو‘ ئي لکندا آھن، نہ ڪہ ’سڱيڻون‘

’سياڻي‘ لفظ کي ’سياڻي‘ ئي لکندا آھن، ۽ نہ ڪہ ’سياڻين‘.

ايتريءَ وضاحت کان پوءِ بہ ڏنو ويو آھي تہ ڪي اديب، ’اجا‘، ’اما‘ ۽ ’رڱ‘ لفظن کي ’اجان‘، ’امان‘ ۽ ’رنگ‘ صورتن ۾ لکندا آھن. اُھي ائين ڇو ٿا لکن، اُن لاءِ اُھي صاحب ئي جواب ڏيئي سگھن ٿا.

اڳ ۾ اھا بہ وضاحت ڪئي وئي آھي تہ ’آنوسوار‘ يعني ’گھڻاڻڻ‘ سُرن جي اُچار ۾ اُنھن سرن کان اڳ آيل گُھڻن وينجنن جي اثر ڪري، اُنھن سرن جو اُچار ’گھڻو‘ ضرور ڪيو ويندو آھي، پر صورتخطيءَ ۾ اُنھن گُھڻن سرن جي، گُھڻي اُچار لاءِ، گُھڻاڻڻ واري خاصيت کي، ظاھر ڪندڙ نشاني، يعني ’ن‘ حرف نٿو لکيو وڃي، منھنجي خيال ۾، جڏھن سنڌي صوتيات جو گھرو مطالعو (detailed study) ڪيو ويندو، تڏھن سرن جي اھا خاصيت بيان ڪندي، انھيءَ خاصيت (گُھڻاڻڻ) جو ضرور جائزو ورتو ويندو تہ جيئن تحقيق ڪندڙ شائقين جي رھنمائي ٿي سگھي.

ھيءُ نقطو بہ ضرور ذھن ۾ رکڻ گھرجي تہ ’انوناسڪ‘ ۽ ’انوسوار‘ يعني اھي ٻئي خاصيتون، فقط سُرن ۾ ئي موجود ملن ٿيون، پر وينجنن ۾ فقط ’آنوناسڪ‘، يعني گُھڻي خاصيت وارا ئي وينجن ھوندا آھن.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(XI) سُرَ سَنڌي vowel assimilation ڇا آهي؟ سنڌي صوتيات ۾ گهٽن سُر صوتين تي، سَنڌيءَ (assimilation) جي باري ۾ ، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب ۾ تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي. 'سُرَ' سنڌيءَ وارو موضوع، سنڌي صوتيات ۾ خاص ڪري سنڌي صورتخطيءَ جي اڀياس جي لاءِ نهايت ئي اهميت وارو موضوع آهي.

سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪيترائي اهڙا لفظ موجود آهن، جن جي پهرئين 'پد' ۾ جڏهن ڇوٽا گُهٽا سُر (shortnasal vowel) ٻن چپن وارن ڌوڪٽن وينجنن (bialabial plosives) کان فوراً اڳ ڪم آڻبا آهن، تہ اهڙيءَ حالت ۾ اهي گهٽا سر ڪائنن بلڪل پوءِ، اُنهن لفظن جي ٻئي پد جي مُنڍ ۾ آيل ڌوڪٽن وينجنن (positive Consonants) کان متاثر ٿيندا آهن. ۽ پهرئين پد ۾ ڪم آيل ڇوٽن گُهٽن سرن جهڙوڪ 'اَن' 'اِن' يا 'اُن' جي گهٽائڻ واري خاصيت، سُر سنڌيءَ جي قانون موجب ڇوٽي گهٽي سر کان پوءِ آيل ڌوڪٽي وينجن جي اثر جي ڪري ساڳئي مخرج واري گهٽي وينجن ۾تبديل ٿي ويندي آهي ۽ سُرَ پنهنجي گهٽائڻ واري خاصيت وڃائي 'صاف سرن' (oral vowels) وارن آوازن ۾ بدلجي ويندا آهن. گهٽن سرن جي اهڙيءَ تبديليءَ کي، سُر سنڌي چيو ويندو آهي. جيئن:

| لفظ جيئن لکبو | جيئن اُچار ڪبو آهي | تبديليءَ جي وضاحت |
|---|---|---|
| آنبُ | اَمَبُ | 'اَن' سر جي گهٽائڻ واري خاصيت 'ب' وينجن جي اثر جي ڪري گهٽي وينجن 'م' ۾ بدلجي وئي ۽ آنبُ، لفظ جو اُچار ٿيو 'اَمَبُ' |
| رَنبو | رَمَبو | ساڳي |
| سَنپِ | سَمَپِ | 'اَن' سر جي گهٽائڻ واري خاصيت، 'پ' وينجن جي اثر ڪري گهٽي وينجن 'م' ۾ بدلجي وئي ۽ 'سنپ' لفظ جو اُچار 'سَمَپ' ٿي ويو |

اهڙيءَ طرح، سر سنڌيءَ جي اصولن موجب، ڇوٽي گهٽي سر جي، گهٽائڻ واري خاصيت جي 'گُهٽن



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

وينجنن' ۾ بدلجي وڃڻ جا پيا به ڪيترائي مثال ملن ٿا، جيئن:

| لکيل صورت | اُچار واري صورت | ٿيل تبديليءَ جي وضاحت |
|---|---|---|
| قَنبرَ | قَمّبرَ | 'اَن' سر جي گهٽائڻ 'م' گهٽي وينجن ۾ بدلجي وَئي |
| لنبو | لمّبو | ساڳي |
| سُنبُ | سمّبُ | ساڳي |
| پُنبُ | پمّبُ | ساڳي |
| ڏُنبُ | ڏمّبُ | ساڳي |
| ڪَنبُ | ڪمّبُ | ساڳي |
| پنيور | پَمّيور | ساڳي |
| ڏُنبالو | ڏمبالو | ساڳي |

گُهٽڻ سر جي گهٽائڻ واري خاصيت جي تبديل ٿيڻ جا، 'سر سنڌيءَ' جي اصولن موجب پيا به اهڙا ڪيترا ئي مثال ملن ٿا، جن تي ڌيان ڏيڻ جي گهٽي ضرورت آهي. مثال طور، ٻن چپن وارن ڌوڪڻ وينجنن جي اثر ڪان، جيڪا تبديلي ايندي آهي، اُن جا مثال اڳ ڄڻائا ويا آهن. پر پيا به اهڙا هلڪا ۽ ڳرا وينجن جيڪي لفظن ۾ ڪانئن اڳ پهرئين پد جي آخر ۾ آيل گُهٽي سر جي گُهٽائڻ واري خاصيت تي اثر انداز ٿين ٿا. پر سنڌي ٻوليءَ جي سنڌي صورتخطيءَ ۾ انهن پيدا ٿيل نون آوازن لاءِ ڪو به نئون اکر يا ڪي به نوان اکر موجود نه هئڻ ڪري، اُهي پيدا ٿيل نوان آواز عربي سنڌي صورتخطيءَ ۾ هرگز لکي نٿا سگهجن. البت ديوناگري سنڌي رسم الخط ۾ اهڙا نوان آواز لکي سگهبا آهن. مثال طور:

| لکيل لفظ | اُچار ۾ صورت | تبديليءَ جي وضاحت |
|---|---|---|
| ننڍو | ننڍو | هن لفظ جي اُچار ڪرڻ مهل گهٽي سر جي گهٽائڻ، مورڌني، ڌوڪڻي وينجن 'ڊ' جي اثر ڪري 'مُورڌني گُهٽي وينجن' جي صورت ۾ بدلجي ويندي آهي. عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ اهڙي گهٽي وينجن لاءِ ڪو به حرف موجود ڪونهي، پر ديوناگري رسم الخط ۾ اهو اُچاريل لفظ (नंढो) صورت ۾ لکي سگهبو آهي. |
| سَنڌِ | سَنڌِ | اُچاريل لفظ' سَنڌِ ۾ سَن پد ۾ 'اَن' سر جي گُهٽائڻ، ڏندن واري گُهٽي وينجن 'ن' ۾ بدلجي وَئي آهي، پر اُن (ڏندن واري گهٽي وينجن) لاءِ عربي- سنڌي رسم الخط ۾ ڪو به حرف موجود |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| | | ڪونهي. انهيءَ ڪري اهو لفظ جنهن نموني سان اُچاريو ويندو آهي، تنهن نموني سان لکي نہ سگهبو آهي، پر ديوناگري رسم الخط ۾ اُهو اُچاريل لفظ صورت ۾ لکي سگهبو آهي. جيئن: |
| گنجو | گڄجو | گُهٽي وينجن جي گهٽائڻ واري خاصيت، سخت تارونءَ واري ڏوڪٽي وينجن 'ج' جي اثر ڪري، سخت تارونءَ واري گهٽي وينجن 'ڄ' جي روپ ۾ بدلجي وئي آهي ۽ اهو لفظ لکبو تہ آهي 'گنجو'، ان جو اُچار ڪبو آهي 'گڄجو'. هن لفظ جي لکت بہ ديوناگري- سنڌي رسم الخط ۾ صحيح لکي سگهبي آهي. اهڙيءَ طرح ٻيا لفظ بہ توجهہ طلب آهن، جيئن: هنڊو سُنڊ، ڪنڊو ۽ هَنڌ وغيره. |

اهو ڌيان ۾ رکڻ گهرجي تہ جڏهن ڪنهن بہ لفظ جي پهرئين پد ۾ ڇوٽو گهٽو سر نہ پر ڊگهو گُهٽو سر ڪم ايندو آهي تہ لفظ جي پهرئين پد ۾ استعمال ٿيل ڏوڪٽي وينجن يا ٻئي ڪنهن بہ قسم جي ڏوڪٽي وينجن جو سُرَ تي ڪو بہ اثر ڪو نہ ٿيندو آهي ۽ اهڙيءَ حالت ۾ گهٽي سر جي گُهٽائڻ واري خاصيت قائم رهندي آهي.

جيئن:

| لکيل صورت | اُچاريل صورت | گهٽي سر جي خاصيت ۾ تبديلي |
|---|---|---|
| ساند | ساند | گهٽي سر جي خاصيت ۾ ڪا بہ تبديلي ڪا نہ آئي آهي |
| ڪانڌ | ڪانڌ | ساڳي |
| ٻانيڻ | ٻانيڻ | ساڳي |
| ڀانيري | ڀانيري | ساڳي |

هن ڪان اڳ، ضمني عنوان (VIII) هيٺ، سر صوتين جي لکت ۾ نمائندگي ڪندڙ حرفن جي مثان، جزم جو نشان ڏجي يا نہ ڏجي واري عنوان تي تفصيل سان روشني وڌي وئي آهي.

مطالعي مان اهو بہ معلوم ٿيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين ۽ درسي ڪتابن جي لکندڙ صاحبن، سنڌي صورتخطيءَ ۾، گُهٽي سر جي، گُهٽائڻ واريءَ خاصيت کي ظاهر ڪندڙ 'ن' حرف مٿان بہ جزم جو نشان ڏنو آهي، جيئن لکيو اٿن:

آهِينْ، آنڊي ۽ توهِين وغيره.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

انهن ماهرن جو خيال آهي تہ انهن ۾ اهڙن ٻين لفظن ۾ 'ن' ساڪن حرف آهي، اُن ڪري، 'ن' حرف مثان جزم ڏيڻ گهرجي، جڏهن تہ انهيءَ صورت ۾ 'ن' حرف صرف گهڻي سر جي گهڻي هجڻ واري خاصيت کي ظاهر ڪرڻ لاءِ، سُر حرف جي پٺيان گُهڻائڻ جي علامت طور لکيو ويندو آهي. انهيءَ حالت ۾، 'ن' حرف جي حيثيت، وينجن واري اصل ڪانهي، ديوناگري رسم الخط ۾ گُهڻن سرن جي گهڻائڻ واري خاصيت نمايان ڪرڻ لاءِ، اهڙن سر حرفن مٿان 'ٻڙي يا نقطي جو نشان ڏنو ويندو آهي جيئن:

آهِين= (आहीं)، ڪرين (कीं) ۽ سَن (स)

تعجب جي ڳالهہ هي بہ آهي تہ سنڌي لسانيات ۽ سنڌي لغت نويسيءَ جي وڏي ڏاهي ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلي بہ، گهڻي سر جي گُهڻي خاصيت کي لکت ۾ ظاهرڪندڙ 'ن' حرف ۽ گهڻي وينجن 'ن' ۾ فرق محسوس نہ ڪيو آهي. ڊاڪٽر سنديلو صاحب، انهيءَ سلسلي ۾ سندس لکيل لغت 'تحقيق لغات سنڌي' ۾ 'رَنجن' لفظ جو مثال ڏيندي لکيو آهي تہ:

"رَنجَن لفظ ۾ پهريون 'ن'، گُهڻو وينجن آهي ۽ پويون 'ن' سالم 'ن' آهي. اهڙيءَ طرح 'ڪَنَيا' لفظ وارو 'ن' 'اڌ نون' آهي" (عبدالڪريم سنديلو ڊاڪٽر، 1955ع: 15) سنديلي صاحب جي انهيءَ ڇنڊڇاڻ مان هي نتيجو ٿو نڪري تہ 'رَنجَن' ۽ 'ڪَنَيا' لفظن ۾ 'ن' حرف ٽن نمونن سان ڪم آيو آهي، پر ڊاڪٽر سنديلي مرحوم جي اها راءِ صحيح نہ آهي. ڊاڪٽر سنديلي صاحب جي خيال موجب: "خالي 'ن' معنيٰ 'غنو' يا نڪ وارو اُچار." دراصل اُهو آواز جيڪو گهڻو اُچارجي، تنهن کي 'گهڻو آواز' چئبو آهي، پوءِ چاهي اهو آواز وينجن هجي يا سُر. مثال طور 'م، ن، ڃ، ڻ ۽ ڱ'، سڀ نڪ مان اُچاريل وينجن آهن انهن سڀني آوازن کي گُهڻا آواز سڏيو ويندو آهي. جيڪڏهن ڊاڪٽر سنديلي صاحب جي خيال موجب، 'رَنجَن' لفظ جي پهرئين پد ۾ آيل 'ن' حرف کي گُهڻو 'ن' چئجي تہ پوءِ 'م، ن، ڻ، ڃ ۽ ڱ' کي وري ڪهڙي قسم وارا آواز چئبو؟ دراصل اِهي پنج ئي، گُهڻا، يعني 'آنوناسڪ وينجن' آهن.

اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي تہ سنڌي صوتيات ۾ جيئن گُهڻا وينجن ٿيندا آهن، تيئن گهڻا سر بہ ٿيندا آهن. عربي-سنڌي صورتخطيءَ ۾، گُهڻي سر جي تحريري صورت لاءِ، اُن سر جي گهڻائڻ ظاهر ڪرڻ لاءِ، اُن سر جي پويان 'ن' صرف لکيو ويندو آهي.

جيئن: مان، اسين، تون، توهين، اوهين، مون، سان، هلان وغيره. انهن سڀني لفظن ۾، 'ن' حرف جي ڪا بہ حيثيت ڪانهي، سواءِ اُن جي تہ اهو 'ن' صرف لکت ۾، گهڻي سر جي گهڻائڻ واريءَ خاصيت جي نمائندگي ڪري ٿو. جڏهن تہ ديوناگري رسم الخط ۾، ڪنهن بہ گهڻي سر جي، گهڻائڻ ڏيکارڻ لاءِ، اُن سر جي مٿان، 'ٻڙي' ۾ 'ٽِبڪي' وارو نشان ڏنو ويندو آهي، جيئن اڳ ۾ بہ چيو ويو آهي.

عربي-سنڌي صورتخطيءَ ۾، جيئن تہ گهڻي وينجن 'ن' ۽ گهڻي سر جي لکت ۾ نمايان ڪندڙ



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

حرف ’ن‘ جي وچ ۾ لکت ۾ ڪو بہ ظاهري فرق نہ آهي، پر اردو املا ۾ گهٽي سر جي لکت ۾ نمائندگي ڪندڙ حرف ’ن‘، بنا نقطي جي لکيو ويندو آهي، اهو ئي سبب آهي جو سنڌي صورتخطيءَ ۾ مونجهارو ڪيل آهي ۽ سنڌي صورتخطيءَ ۾ گهٽي سر کي نمايان ڪندڙ ’ن‘ حرف مٿان جزم ڏني ويندي آهي، جيڪو بلڪل غلط طريقو آهي.

هاڻي ’رَنجن‘ ۽ ’ڪَنيا‘ لفظن ۾ استعمال ٿيل ’ن‘ حرفن جي باري ۾ وضاحت ڪرڻ ضروري آهي. ’رَنجن‘ لفظ ۾ ڪم آيل پهريون ’ن‘ حرف گهٽي وينجن ’ن‘ جي لکيل صورت نہ آهي، پر انهيءَ جاءِ تي اهو ’ن‘ حرف، چوٿي گُهٽي سر ’اَن‘ جي گُهٽائڻ واري خاصيت کي لکيل صورت ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم آندو ويو آهي. انهيءَ ڪري انهيءَ جاءِ تي، ’ن‘ حرف جي، گُهٽي وينجن واري حيثيت بلڪل ڪانهي، پر اهو حرف ’ن‘ چوٿي گُهٽي سر، آن جي گُهٽائڻ واريءَ خاصيت کي لکيل صورت ۾ ظاهر ڪرڻ لاءِ ڪم آندو ويو آهي. ديوناگري رسم الخط ۾ انهيءَ صورت يعني [رَن] کي، (रं) صورت ۾ لکيو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح ساڳئي لفظ ’رَنجَن‘ ۾ پويون حرف ’ن‘ ، گهٽي وينجن ’ن‘ جي لکيل صورت آهي. ديوناگري رسم الخط ۾ انهيءَ حرف کي (न) حرف جي صورت ۾ لکيو ويندو آهي.

اهڙيءَ طرح ’ڪنيا‘ لفظ ۾ ’ن‘ حرف، گهٽي وينجن ’ن‘ جي لکيل صورت آهي، پر ’ڪَنيا‘ لفظ ۾ گهٽي وينجن ’ن‘ سان گڏ، يعني sequence ۾ فوراً پوءِ ’نيم سَر‘، ’ي‘ اُچارجي ٿو ۽ اهڙيءَ طرح ’ن‘ ۽ ’ي‘ آواز گڏجي، هڪ ئي ميل يعني sequence ۾ اُچارجن ٿا. ’ن‘ ۽ ’ي‘ جي اهڙي گڏيل اُچار ڪندي، انهن آوازن جي ميل جو پهريون جُزيعني ’ن‘ ساڪن وين
جن طور اُچاريو ويندو آهي ۽ سنڌي صوتيات جي اصولن موجب، ساڪن آواز جي لکيل صورت مٿان ، ’جزم‘ يعني ’سڪون‘ جو نشان ڏنو ويندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ’ن‘ حرف مٿان جزم ڏني وئي آهي، ۽ اهو وينجن، اڌ نہ پر مڪمل آهي، ڊاڪٽر سنڌيلي صاحب ، ’ن‘ حرف جي اهڙيءَ حيثيت کي ’اڌ ن‘ وارو آواز ٿو سڏي، جيڪا راءِ صحيح نہ آهي.

(XII) سنڌي صوتيات ۾ ’ء‘ جي صحيح حيثيت ڇا آهي؟

سوال ٿو پيدا ٿئي تہ ڇا ’ء‘ بہ سنڌي ٻوليءَ جو ڪو آواز آهي؟ هيءَ هڪ اهم سوال آهي. ’ء‘ سنڌي صورتخطيءَ جي پٽيءَ موجب، سنڌي ٻوليءَ جو 51 حرف آهي. انهيءَ ڪري عام طور ائين سمجهيو ويندو آهي تہ ’ء‘ بہ سنڌي ٻوليءَ جي الف- ب واريءَ پٽيءَ ۾، ڪنهن سنڌي آواز جي لکيل صورت ۾ نمائندگي ڪري ٿو. دراصل عربي صوتيات ۾ ’ء‘ ڪو بہ آواز نہ آهي، پر فقط سر آواز جي لکيل صورت ۾ ئي ڪم ايندو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ’ء‘ جي لسانياتي ڪارج سمجهڻ جي گهٽي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ هن کان اڳ، هن موضوع تي، سنڌيءَ يا ٻي ڪنهن بہ پاڪستاني ٻوليءَ ۾ ڪنهن بہ وياڪرڻي ڪا بہ روشني ڪا نہ وڌي آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي هر اُستاد، اديب ۽ شاعر کي اها تہ خبر آهي تہ پاڪستاني ٻولين جي لغوي خزاني ۾ ڪن لفظن ۾ جڏهن بہ سر (ڪڏهن ڪڏهن ٽي سر بہ) گڏجي، هڪ ئي ميل يعني sequence ۾ هڪ ٻئي سان گڏيل، يعني هڪ ئي ميل يعني sequence ۾ اُچاريا ويندا آهن. تڏهن سرن جي اهڙي اُچار



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

واري حالت ۾ اُنهن ٻن سرن جي ’ميل‘ يا ’جوڙ‘ (sequence) ۾ اُچاريل ٻنهي سُرن مان، پويون سر (جيڪڏهن ميل ٻن سرن جو آهي ته) سنڌي صورتخطيءَ ۾ همزي جي صورت ۾ لکيو ويندو آهي. مثال طور:

(a) ٻن سرن واري ميل ۾ ڪم آيل آخري ڇوٽي سر جي بدران ’ء‘ جو استعمال:

| لفظ | سُرن جا ميل/جوڙ | نتيجو |
|---|---|---|
| ڏِيءَ | ڏ+اِي_اَ | هن لفظ ۾ ’اِي‘ ۽ ’اَ‘ سُرن جي ميل جو پويون جُز اَ، ’ءَ‘ جي صورت ۾ لکيو ويندو آهي. |
| هُوءَ | هـ+اُو_اَ | ساڳيو |
| ماءُ | م+آ_ءُ | هن لفظ ۾ آ ’اُ‘ سرن جي ميل ۾ پوئين جُز ’اُ‘ کي ’ءُ‘ جي صورت ۾ لکيو ويندو آهي. |
| لاءِ | ل+آ_اِ | هن لفظ ۾ ’آ‘ ۽ ’اِ‘ سُرن جي ميل جي پوئين جُز ’اِ‘ کي، ’ءِ‘ جي صورت ۾ لکيو ويندو آهي. |
| پيءُ | پ+اِي_اُ | هن لفظ ۾ ’اِي‘ ۽ ’اُ‘ سرن جي ميل جي پوئين جز ۾ ’اُ‘ کي ’ءُ‘ ۾ لکيو ويو آهي |

مٿين لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته ’اَ‘، ’اِ‘ ۽ ’اُ‘ سر جڏهن ٻن سرن جي ميل ۾ پوئين جز طور ڪم آندا ويندا آهن، تڏهن اِهي سر صورتخطيءَ ۾ ’ءَ‘، ’ءِ‘ ۽ ’ءُ‘ حرفن ۾ لکيا ويا آهن.

(b) ٽن پدن واري لفظ ۾ وچئين ڇوٽي سُر کي، سرن جي ميل جي حالت ۾ ’ء‘ حرف سان لکيو ويندو آهي:

هيٺ ڏنل لفظن جي اڀياس مان معلوم ٿيندو ته انهن لفظن ۾ وچئين پد ۾ آيل ڇوٽي سر کي ’ء‘ جي مدد سان لکيو ويندو آهي.

جيئن ته:

| لفظ | سُرن جا ميل/جوڙ | وچئين پد ۾ آيل ڇوٽي سر جي لکيل صورت |
|---|---|---|
| مٿَئِل | م+اُ+اَ+ل+اِ | وچئين پد ۾ آيل ڇوٽو سر ’اَ‘ کي ’ءَ‘ صورت ۾ لکيو ويندو آهي |
| جِيئَرو | ج+اِي+آ+ر+او | ساڳي |
| سوُئَرِي | س+اُو_اَ_ڙ+اِي | ساڳي |
| پائُر | پ+آ+اُ+ر+اَ | وچئين پد ۾ استعمال ٿيل ڇوٽي سر ’اُ‘ کي ’ءُ‘ صورت ۾ لکت ۾ ظاهر ڪيو ويندو آهي. |

(c) ٽن پدن واري وچئين ڊگهي سر کي ’ء‘ جي صورت ۾ لکيو ويندو آهي جيئن:

| لفظ | سُرن جا ميل/جوڙ | وچئين پد ۾ آيل ڊگهي سر جي لکيل صورت |
|---|---|---|
| ڏَئيتِ | ڏ+اَ_اي_ت+اِ | وچئين پد ۾ آيل ڊگهي سر ’اي‘ کي ’ئيـ‘ صورت ۾ لکيو |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| اسم مذڪر | اسم مؤنث جي نشاني | نوان ٺهيل لفظ |
|---|---|---|
| هندوُ | +آڻي | اُو← آ← وا هندواڻي |
| لاڏوُ | +آنَ | اُو← آ← وان لاڏوان |

ساڳيءَ طرح 'اِي' سر جي پويان آيل سر، بنا روڪجڻ جي فوراً اُچارڻ جي ڪري 'ڳاٽ' سان ي آواز پيدا ٿيندو آهي. اهو 'ي' آواز نيم سر آهي. مثال طور:

| لفظ | پڇاڙي | 'ڳاٽ' جهٽڪو آواز/ نيم سر | نئون ٺهيل لفظ |
|---|---|---|---|
| ڪانِي | اَرُ | اِي← آ← يَ | ڪانيَرُ |
| هاري | اَپ | اِي← آ← يَ | هاريَپ |
| موتي | آئُون | اِي← آ← يَ | موتيائون |
| پاڻي | آئو | اِي← آ← يَ | پاڻيائو |
| آني | آرو | اِي← آ← يَ | آنيارو |

انهن مثالن جي اڀياس ۾ ڏنل دليلن ڪان پوءِ اهو واضح ٿئي ٿو ته سنڌي صورتخطيءَ ۾ سُر آواز ڪي حرفن يا اکرن ۾ لکڻ لاءِ ڪيترا ئي مسئلا آهن جن تي سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن کي سوچڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

## ببليوگرافي


### سنڌي ڪتاب ۽ مقالا

1_ الانا غلام علي ڊاڪٽر: 1967ع، سنڌي صوتيات، حيدرآباد: ادبيات پبليڪيشن ص 67، 81 ۽ 82
2_ الانا غلام علي، ڊاڪٽر: 1993ع، سنڌي صورتخطي، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ص 111
3_ بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر: سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو چوٿون، ڄامشورو: پاڪستان اسٽڊي سينٽر، ص 36
4_ پيرومل آڏواڻي: 1926ع، وڏو سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱو_2 ڪراچي: هندو پريس، ص 10
5_ عبدالڪريم سنديلو 1955ع، تحقيق لغات سنڌي لاڙڪاڻو: ص 15
6_ مرزا قليچ بيگ، 1992ع، سنڌي وياڪرڻ_ چار ڀاڱا، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص 208.
7_ واحد بخش شيخ: 1986ع، سنڌي ٻوليءَ جو صرف و نحو ڀاڱو پهريون، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص 17

### English Books

8- Bloomfield: 1961, Language, London: George Allen & duwin Ltd. P.2
9- Bartel Malmberg, 1963, Phonetics, NewYork: Dover Publications INC, P. 65.




books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظن جا گهاڙيٽا

سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ تي هونئن تہ گهڻو ئي ڪم ٿيو آهي، پر جڏهن سنڌي ٻوليءَ جي آوازن، صوتين، لفظن، صرفين، فقرن ۽ جملن جو اڀياس ٿو ڪجي تہ معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ وارو موضوع اڃا گهڻو وسيع آهي. ٻيا موضوع تہ ڇڏيو پر فقط لفظن جي گهاڙيٽن، نون لفظن جي گهڙجڻ ۽ جُڙڻ يا جوڙڻ جي اصولن جي باري ۾ بہ پورو مواد اڃا اسان جي سامهون ڪو نہ آيو آهي.

'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب (ڇاپو پهريون) ۾ صفحي 17 کان 65 تائين هن موضوع تي بحث ڪيو ويو آهي (i) مذڪوره ڪتاب (سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس) جي شايع ٿيڻ کان پوءِ 1990ع ۾ پارت ۾ سنڌي لسانيات جي مشهور عالم، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، هن موضوع تي مقالو لکيو جيڪو تماهي مهراڻ رسالي جي 1990/4 ع واري شماري ۾ صفحي 25 کان 42 تائين شايع ٿيل آهي.

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي مقالي جو عنوان آهي: 'سنڌيءَ ۾ مرڪب لفظ' (2). ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب جي حوالي سان، هن موضوع تي ٿيل تحقيق جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

> "سنڌي عالمن ۾ ڊاڪٽر الانا پهريون عالم آهي، جنهن سنڌي گرامر جي مسئلن هيٺ لفظ، سنڌي ڌاتو ۽ مصدر وغيره موضوعن تي، جديد لسانيات جي اصولن مطابق بحث ڪيو آهي. انهيءَ ڏس ۾ سندس تازو شايع ٿيل ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' هڪ ساراهہ جوڳو اضافو آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ هن، لفظن جي قسمن، بناوت، مرڪب ۽ مرتب وغيره لفظن جي رچنا ۽ 'سنڌي صرفيات' جي ٻين پهلوئن تي ٿوري ۾ بحث ڪيو آهي" (3)

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب اڳتي لکي ٿو تہ

> "سنڌي ٻوليءَ ۾ لفظ جي وصف، لفظن جا قسم، مرڪب، مرتب ۽ 'دهراءَ وارن لفظن' (reduplicated words) جي بناوت، 'صرفيہ' ۽ 'صرف' جي سمجهاڻي وغيره موضوعن تي غلام علي الانا جيڪي ڪجهہ لکيو آهي، انهيءَ ۾ ڪيترن هنڌن تي سڌارن ۽ واڌارن جي ضرورت آهي. فرصت ۾ ساڻس گڏ ويهي، انهن سوالن جي ويچارن جي ڏي وٺ ڪرڻ جي گهڻي خواهش هئم، جيڪا پوري ٿي نہ سگهي." (4)

پڙهندڙن جي اطلاع لاءِ آءٌ اهو عرض ڪرڻ مناسب ٿو سمجهان تہ مون پنهنجن ڪتابن يا مقالن ۾ ڪٿي بہ اها دعوي ڪا نہ ڪئي آهي تہ منهنجي طرفان بيان ڪيل وصفون يا انهن جون



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سمجهاڻيون، ڪي هر طرح سان حرف آخر آهن. وياڪرڻ (grammar) هڪ اٿاهه مها ساگر آهي، جنهن تي مهارت رکڻ جي دعوي، ماهر ئي ڪري سگهن ٿا. آءُ ته ان ڏس ۾ اڃا شاگرد آهيان. مون ته دراصل علم اللسان جي جڳ مشهور ماهرن، جهڙوڪ، بلومفيلڊ، بلاڪ ۽ ٽرئگر، رابنس، گلسين، نائڊا، بيبس پرسن ۽ ٻين مها وياڪرڻين طرفان ڏنل وصفن تان مدد وٺي، انهن کي سنڌي زبان جي وياڪرڻي اصولن جي سمجهڻ لاءِ ڪم آندو آهي. انهن وصفن ۾ سڌارا ۽ واڌارا آڻي سگهجن ٿا. مون به ته سنڌي ٻوليءَ جي مها وياڪرڻين طرفان ٻڌايل ۽ مقرر ڪيل اصولن ۽ قانونن تي نئين سر سوچڻ ۽ انهن ۾ سڌارن ۽ واڌارن آڻڻ جي سفارش ڪئي آهي، ته پوءِ اهو ساڳيو اصول، منهنجي طرفان بيان ڪيل وصفن تي به لاڳو ٿي سگهجي ٿو.

ڊاڪٽر جيتلي صاحب، سندس مقالي ۾ 26 صفحي تي لکي ٿو ته:

> ”سنڌي ٻوليءَ جي صرفي بناوت“ نالي پنهنجي ٿيسز (5) ۾ مون سنڌي لفظن جي بناوت، قسمن ۽ ٻين واسطيدار سوالن تي وستار سان بحث ڪيو آهي، هتي انهن مڙني ڳالهين کي پيش ڪرڻ مشڪل آهي. انهيءَ ڪري هن مضمون جي محدود دائري ۾ فقط ’سنڌي مرڪب لفظن‘ جي بناوت ۽ انهن جي مکيه قسمن تي پنهنجا ويچار رکڻ منهنجو مقصد آهي“ (6).

2_ وياڪرڻ جي ماهرن، ڪنهن به ٻوليءَ جي وياڪرڻ کي، ٻن مکيه ڀاڱن يا حصن ۾ ورهايو آهي. اُهي به ڀاڱا آهن: ’علم صرف‘ (morphology) ۽ ’علم نحو‘ (syntax) (7). انهن مان ’صرف‘ جو واسطو لفظن جي جوڙجڪ، رچنا، سٽاءَ ۽ گهاڙيٽن سان آهي، ۽ ’نحو‘ جو واسطو فقرن ۽ جملن ۾، لفظن جي ٻيهڪ، انهن جي وياڪرڻي ڪارج ۽ استعمال، جملن جي سٽاءَ ۽ قسمن، اسمن، فعلن جي ڦيرن، صيغن، حالتن ۽ عددن مطابق گردانن ۽ ’جهيلار‘ (intonation) جي استعمال، ۽ ’جهيلار‘ ۾ ’اُتار‘ ۽ ’چڙهاءَ‘ جي ڪري، جملن جي معنائن ۾ ڦير ڦار يعني تبديليءَ سان آهي. ان لحاظ سان جيستائين علم صرف ۽ علم نحوءَ جي قانونن، اصولن ۽ انهن ٻنهي ڀاڱن جي دائري اندر يعني ’علم صرف‘ موجب لفظن جي گهاڙيٽن، جوڙجڪ، سٽاءَ ۽ رچنا ۽ ’علم نحو‘ موجب، فقرن ۽ جملن اندر لفظن جي ٻيهڪ، وياڪرڻي ڪارج ۽ استعمال، اسمن ۾ فعلن جي گردانن توڙي جهيلار جي ڪري جملن ۾ آيل معنيٰ ۽ مفهوم جي تبديليءَ جي ڄاڻ هوندي، تيستائين ڪنهن به زبان جي ساخت، سٽاءَ ۽ وياڪرڻي اصولن، ’صوتيه‘ (phoneme) ۽ ’صرفيه‘ (morpheme)، ۽ انهن جي پنهنجي پنهنجي دائري اندر انهن جي ’گروهن ۽ جوڙن (sets) ۾ ڪم ايندڙ لفظن اندر ’ترتيب‘ (order) ۽ ’چونڊ/انتخاب‘ (selection) جي باري ۾ خبر پئجي نه سگهندي (8).



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

’سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس‘ ڪتاب ۾ علم صرف ۽ سنڌي ٻوليءَ واري باب ۾ محترم سراج الحق ميمڻ جي طرفان ’نئين زندگي‘ رسالي ۾ پڇيل سوالن ۽ ان مضمون ۾ ڪيل بحث کي ورجايو ويو آهي ۽ انهن سوالن جا جواب ڏنا ويا آهن. جيڪي دراصل سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي گهاڙيٽن ۽ رچنائن واري موضوع سان واسطو رکن ٿا. سراج صاحب پنهنجي مقالي ۾ هڪ سوال ڪيو هو جنهن ۾ هن فرمايو هو تہ:

”’ڪارنهن‘، ’ڪاراڻ‘ ۽ ’ڪارٺ‘ (ڪاراٺ) لفظن ۾ جيڪي اڳياڙيون (prefixes) يا پڇاڙيون جا پد (suffixes) آهن، يعني ’آ‘، ’نَهن‘ يا ’اَنهن‘، ’آڻ‘ ۽ ’ٺ‘ يا ’آٺ‘، اِهي اصل ۾ ڇا آهن. انهن جي پنهنجن ذاتن جي ڪهڙي صورت آهي يا هئي؟ اِن پوئين سوال تي اچجي ٿو تہ ڇا ٻين اهڙين صفتن ۾ انهن جو استعمال محدود ٿو نظر اچي؟ مثلاً: ’ڳاڙهو‘ مان ’ڳاڙهاڻ‘ ۽ ’ڳاڙهہ‘ اسم ٺهن ٿا، پر ’ڳاڙنهن‘ يا ’ڳاڙٺ‘ نٿا ٺهن. لفظ ’سائو‘ مان ’ساءَ‘ يا ’و‘ ۽ ’سائنهن‘ يا ’سائٺ‘ يا ’ساوٺ‘ ڪونہ ٿا ٺهن. انهن جي برعڪس ’ساواڻ‘ ۽ ’ساوڪ‘ لفظن جو نئون نمونو ۽ نئين ترڪيب ملي ٿي، لفظ ’پيلو‘ مان هڪ ئي لفظ ’پيلاڻ‘ ٺهي ٿو ۽ باقي ٻي ڪا بہ ترڪيب ان مان نٿي ٺهي. جڏهن اهي سمورا لفظ هڪ ئي گروهہ جا ۽ نحوي طرح رنگن سان لاڳاپيل صفتون آهن تہ انهن مان اسم ٺهڻ جا قاعدا قانون الڳ الڳ ڇو آهن“؟ (9).

سنڌي ٻوليءَ جا وياڪرڻي ٿي اهو چاهن ٿا تہ محترم سراج جا اٿاريل اهي سوال، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي اڀياس لاءِ ڪيتري قدر نہ اهم آهن. سراج صاحب طرفان پڇيل سوال تہ: ”جڏهن اهي سمورا لفظ هڪ ئي گروهہ جا ۽ نحوي طرح رنگن سان لاڳاپيل صفتون آهن تہ انهن مان اسم ٺهڻ جا قاعدا قانون الڳ الڳ ڇو آهن؟“ انهيءَ سوال ۽ اهڙيءَ طرح اهڙن ٻين سوالن جا جواب، علم صرف جي قانونن ۽ قاعدن جي مدد سان ڏيئي سگهجن ٿا. انهن سوالن جا جواب لفظن جي گهاڙيٽن ۽ رچنائن جي ڇنڊڇاڻ ڪرڻ سان ئي ڏيئي سگهجن ٿا، پر اڳتي وڌڻ کان اڳ آءٌ هڪ ڳالهہ جي وضاحت ڪري ڇڏيان تہ لفظن جي گهاڙيٽن ۽ رچنائن جو اڀياس، ’علم صرف‘ سان واسطو رکي ٿو ۽ نہ ڪي علم نحو سان، جيئن سراج صاحب جو خيال آهي.

3- (الف) علم صرف موجب، لفظ هر ٻوليءَ ۾ خاص اهميت ٿو رکي. هڪ لفظ مان، ٻين لفظن يعني ’ڪُردنتن‘ (مشتق) جي ٺهڻ، ڦُٽي نڪرڻ يا جُڙڻ واري عمل ۽ اصول کي ’لفظن جو جڙڻ‘، ’ٺهڻ‘ ۽ انهن جو ’گهڙجڻ‘ يا ’رَچنا‘ چئبو آهي. انهيءَ عمل جي حاصلات کي ’لفظن جا گهاڙيٽا‘ يا ’لفظن جون رچنائون‘ چئبو ۽ انهيءَ عمل ۽ اصول جي اڀياس کي ئي ’لفظن جي گهاڙيٽن جو اڀياس چئبو. لفظن جي گهاڙيٽن يا انهن لفظن جي جڙڻ واري عمل جي اڀياس، يا هن علم (علم صرف) جي مطالعي مان پتو پوي ٿو



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تہ ’ڪردنتن‘ جي نهڻ يا ’مشتق‘ لفظن جي گهاڙيتن يا رچنا لاءِ بہ ڪي اصول آهن، جن جي اڀياس مان اها خبر پوي ٿي تہ انهن يا اهڙن لفظن جي بناوت ۽ رچنا لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون ’واٽون‘ يا ’اصول‘ آهن. يعني سنڌي ٻوليءَ جا نوان لفظ هڪ ٻئي مان يا صرفين (morphemes) جي مدد سان ڪيئن ٺا جُڙن ۽ ٺهن، اهي اصول سمجهڻ جي ضرورت آهي.

ماهرن جو خيال آهي تہ جيئن ڪنهن بہ ٻوليءَ جي صوتياتي نظام ۾ ’صوت‘ (sound/phone) ۽ ’صوتيہ‘ (phoneme) خاص اهميت رکن ٿا، تيئن لفظن جي ’صوتياتي‘ (phonological) ’ساخت‘، ’بناوت‘ ۽ ’رچنا‘ ۾ ’صوت‘ ۽ ’صوتيہ‘ بہ ڪارفرما هوندا آهن. مثال طور: ’ڳڪ‘ ۽ ’ڪَک‘ لفظن ۾ آخري ’صوتيا‘ (phonemes) /ڪ/۽/ک صوتي آوازن جي ساڳئي خاندان يعني گروهہ يا جوڙ وارا آواز آهن. يعني تہ اهي ’ڌوڪٽا آواز (plosive sounds) آهن. اهي ٻئي آواز [ ڪ ۽ ک ] ، ساڳئي مخرج يعني ’نرم تارونءَ‘ (velum) وٽ اچاريا ويندا آهن، پر ساڳئي وقت انهن ٻنهي آوازن ۾ جيڪو فرق آهي، اهو انهن کي ڌار ڌار صوتين (phonemes) ۾ ورهائي ٿو. انهن آوازن ۾ [ڪ] هلڪو اَوسرگ ڌوڪٽو آواز آهي، جڏهن تہ [ک] هلڪو وسرگ ڌوڪٽو آواز آهي.[ ک] جي وسرگائيءَ واري خصوصيت جي ڪري ٻنهي آوازن، کي سنڌن ’صوتياتي ڪارج‘ (phonology) ۾ ٻن ڌار ڌار صوتين ۾ ظاهر ڪري ٿو. /ک/صوتيہ جي ’وسرگائي‘، ’ڪَڪ‘۽’ڪَک‘ لفظن جي معنيٰ ۾ فرق کي نمايان ڪري ٿي. اهڙيءَ طرح هيٺ ڏنل لفظن ۾ ڪم آيل هلڪن ۽ ڳرن آوازن واريون خصوصيتون هجڻ جي ڪري اِهي خصوصيتون، انهن آوازن کي ڌار ڌار صوتين ۾ ورهائين ٿيون. جيتوڻيڪ اِهي آواز ساڳئي گروهہ، خاندان يا جوڙ وارا آواز آهن ۽ ساڳئي مخرج وٽ اُچارجن ٿا، پر ڳري آواز واري خصوصيت، صوتيہ ۾ فرق کي ظاهر ڪريو ڇڏي، لفظن جي معنيٰ ۾ بہ فرق ظاهر ڪري ٿي: مثال طور:

| آخري صوتيہ ۾ فرق | ابتدائي صوتيہ ۾ فرق |
|---|---|
| رڄُ/ڄ/: رڃ/ڃ/ | تر/ت/: در/د/ |
| اک/ک/: آگهہ/گهہ/ | ڪارو/ڪ/:کارو/ک/ |
| اُڇو/ڇ/: آجهو/جهہ/ | چَمر/چ/:ڄَمر/ڄ/ |
| لات/ت/: لاٽ/ٽ/ | تار/ت/: ٽار/ٽ/ |
| مَٽُ/ٽ/: مَٺ/ٺ/ | ٺار/ٺ/: ڍار/ڍ/ |
| لَپ/پ/: لِڦ/ڦ/ | پار/پ/:ٻار/ٻ/ |

هيءَ نوٽ ڪريو تہ // سڌيون ليڪون صوتيہ طرف اشارو ڪن ٿيون، جڏهن تہ { } صرفيہ ۽ [ ] ليڪون آوازن لاءِ آهن.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ب) اهڙيءَ طرح 'سنڌي وياڪرڻ' جي 'علم صرف' (morphology) واري حصي جي مطالعي دوران، 'صرفيہ' (morpheme) جي مفهوم ۽ ان جي ڪارج واري اڀياس کي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي اڀياس لاءِ سمجهڻ ضروري آهي، انهيءَ لاءِ تہ جيئن لفظن جي وياڪرڻي بناوت يا گهاڙيٽن کي سمجهڻ ۾ آساني ٿئي. 'صرفيہ' اها 'وياڪرڻي معنيٰ پري صورت' (form) آهي، جيڪا ڪنهن ماڻهوءَ جي 'گفتار' يا 'ڳالهاءَ' جو وياڪرڻ 'حصو يا جُز' هوندي آهي، مثال طور: چڱو ماڻهو ڊوڙيو.

هن مثال ۾ 'چڱو'، 'ماڻهو' ۽ 'ڊوڙيو' ٽي ڌار ڌار وياڪرڻي صورتون آهن. اهڙيءَ طرح 'ماڻهو'، 'پُٽ'، 'چاڙ'، 'پَٽ' ۽ 'ڇوڪرو' وغيره بہ ٻين الڳ الڳ صورتن جا مثال آهن. ساڳيءَ طرح هيٺ ڏنل صورتون بہ ڪنهن نہ ڪنهن گفتگو ۾ استعمال ٿينديون آهن:

'ڪَرُ'، 'ڪِرُ'، 'ڪندي'، 'ڪيل'، 'ڪيو'، 'ڪرٽو' ۽ 'ڪري' وغيره.

اِهي ۽ اهڙيون ٻيو صورتون، اڳتي ٻن قسمن ۾ ورهايل آهن، يعني هڪڙيون 'خودمختيار صورتون' (free forms) آهن تہ ٻيون وري 'پَرَ-وَس صورتون' (bound forms) آهن. انهن مان خودمختيار صورتن جي وصف بيان ڪندي ماهرن ڄاڻايو آهي تہ:

"اهي 'صورتون' (forms) جيڪي ڪنهن گفتار ۾ پنهنجي سر يا پنهنجي ليکي ڪم اينديون هجن، ۽ اُهي مڪمل ۽ دائمي معنيٰ/ معنائون رکنديون هجن، ۽ ٻوليءَ اندر معنيٰ يا مفهوم لاءِ ڪنهن ٻي صورت تي مدار يا آسرو نہ رکنديون هجن تہ اهڙيءَ صورت يا اهڙين صورتن کي 'خودمختيار' صورت يا صورتون (free form) چئبو آهي."

اهڙيون صورتون، 'اڪيلي سر' يا 'پنهنجي ليکي' ٻوليءَ جي وياڪرڻي سرشتي ۾ ڪم اچي، ڪا نہ ڪا معنيٰ يا ڪو نہ ڪو مفهوم رکنديون آهن. اهڙيون صورتون معنيٰ يا مفهوم لاءِ ڪنهن ٻيءَ صورت تي مدار نہ رکنديون آهن. اهڙين صورتن کي 'خودمختيار' يا 'پاڻ وسيڪيون' يا 'آزاد صورتون' (free forms) چئبو آهي.

(ت) ڪن ٻولين اندر وري ڪي صورتون 'پنهنجي سر' يا 'پنهنجي ليکي'، 'اڪيلي سر' وياڪرڻي ڪارج يا معنيٰ لاءِ ڪم اچي نہ سگهنديون آهن، پر اُهي صورتون، وياڪرڻي معنيٰ ۽ مفهوم لاءِ ڪنهن ٻي صورت يا صورتن تي مدار رکنديون آهن، يعني پنهنجي وياڪرڻي معنيٰ ۽ مفهوم لاءِ ڪنهن ٻي صورت جي 'وَس' ۾ هونديون آهن، يعني اهڙيون صورتون معنيٰ واريون يا معنيٰ ڀريون تڏهن ٿينديون آهن، جڏهن اُهي ڪن ٻين صورتن سان اڳياڙين يا پڇاڙين جي صورت ۾ گڏجي ڪم اينديون آهن. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ اهڙيون صورتون، ڪنهن ٻيءَ صورت يا ٻين صورتن سان گڏ ڪم اچڻ سان ئي معنيٰ واريون، معنيٰ ڀريون يا معنيٰ دار ٿين ٿيون، ۽ ڪو مفهوم يا مطلب ڏيکارين ٿيون. اهڙين صورتن کي 'پابند/پَرَوس صورتون' (bound forms) چئبو آهي (10). مثال طور: سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ماڻهو'، 'پُٽ'، 'چاڙ'، 'ڇوڪر' ۽ 'عقل' وغيره سڀ 'خودمختيار' يا 'آزاد



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

صورتون' آهن. چاڪاڻ تہ جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ اهي لفظ يا اِهي صورتون پنهنجي ليکي اڪيلي سر ٿي ڪا معنيٰ رکن ٿيون ۽ جملن ۾ ڪم اچن ٿيون. پر 'آسروند'، 'عقلمند'، 'اچاڻ'، 'اَٿهوند'، 'پُٽيتو'، 'سُچيت'، 'ساواڻ'، 'ساوڪ'، 'ڪاراٽ'، 'ڪارٽ' ۽ 'ڪُپت' وغيره لفظن ۾ '-وَند'، '-مند'، '-آ'، 'آڻ-ا'، '-ايتو'، 'سُ-'، '-آڻ'، '-ڪَ'، '- آٽ'، '- ٽَ' ۽ 'ڪُ -' اهڙي صورتون آهن. جيڪي سنڌي ٻولي ۾ 'اڪيلي سر' يا 'پنهنجي سر' يا 'پنهنجي ليکي' ڪنهن بہ ڳالهہ ٻولهہ ۾ ڳالهايون نہ ويندِيون آهن. ۽ نہ ئي وري اهي صورتون اڪيلي سر ڪا معنيٰ ئي رکن ٿيون. اِهي صورتون 'معنيٰ دار' يا 'معنيٰ پريون' تڏهن ٿين ٿيون. جڏهن اِهي ڪنهن آزاد/خودمختيار صورت جي اڳيان يا انهن (خودمختيار صورتن) جي پٺيان. 'اڳياڙين يا پڇاڙين' جي صورت ۾ ملي /شامل ٿي ڪم اچن ٿيون. جيئن هيٺ ڏنل مثالن مان معلوم ٿئي ٿو:

| لفظ | اڳياڙي | لفظ | پڇاڙي |
|---|---|---|---|
| اَچاڻ | آ_ | آسروند | _وَند |
| اَٿهوند | اَڻ _ | عقلمند | _ مند |
| سُچيت | سُ _ | ساواڻ | _آڻ |
| ڪُپت | ڪُ _ | ڪاراٽ | آٽ |

'علم صرف' ۾ اهڙين سڀني صورتن کي. پوءِ چاهي اُهي 'خودمختيار' صورتون هجن يا 'پر-وس' صورتون هجن. 'صرفيہ' (morpheme) چئبو آهي. ۽ 'صرفيات' يعني 'علم صرف' کي morphology چئبو آهي. تنهنڪري وياڪرڻ موجب:

"صرفيہ اُهو ننڍي ۾ ننڍو معنيٰ دار يا معنيٰ پريو جُزو يا ڀاڱو آهي. جنهن کي اڳتي وڌيڪ ننڍي/ننڍين معنيٰ دار/ معنيٰ پرين. جزي/جُزن ۾ ورڇي/ٽوڙي نہ سگهجي. 'ننڍي ۾ ننڍي معنيٰ دار يعني معنيٰ پرئي جُزي' (smallest meaningful unit) مان مراد اهو ننڍي ۾ ننڍو معنيٰ پريو جزو. جيڪو ڇيد ڪرڻ سان. وڌيڪ معنيٰ دار/معنيٰ پريل جزن ۾ ورهائي نہ سگهجي" (11)

(ٿ) ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي. پنهنجي مقالي (ٽماهي مهراڻ 1990/4ع). 'سنڌي ۾ مرڪب لفظ' ۾ 'صرف ۽ صرفيو' سري هيٺ. صفحي 31 تي صرف جي وصف بيان ڪندي ساڳي ڳالهہ ڪئي آهي. سندس بيان ڪيل وصف ۾ ڪا بہ نئين ڳالهہ وڌايل ڪانهي. مثال طور هو لکي ٿو تہ:

"اسان ڏٺو تہ ٻوليءَ جي وياڪرڻي سرشتي ۾. ننڍي ۾ ننڍو معنيٰ پريو جزو آهي 'صرف' اُهو يا آزاد هوندو آهي. جيئن تہ: هوا. باهہ. پاڻي. ها. نہ يا 'پَروَس' هوندو آهي. جيئن: 'سُڪار' لفظ ۾ 'سُ-'. ۽ 'دلدار' لفظ ۾ '- دار'. ٻوليءَ ۾ ڪجهہ 'صرف' اهڙا بہ هوندا آهن. جن جي صورت ۾ ڪڏهن بہ ڪا تبديلي ڪانہ ايندي آهي. مثال طور: هوا. ها. صاف. بہ. پر ۽ ٻيا بہ گهڻا ئي صرف اهڙا آهن. جن جي صورت ۾ تبديلي ايندي آهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جيئن: 'راتيون'. اِن لفظ ۾ عدد جمع جي پڇاڙي/_اُون/لڳائڻ کان اڳ ۾ / رات/جي صورت ڦري/ راتيہ/ ٿئي ٿي. /_ڪو/ پڇاڙي لڳائڻ سان 'رات' جي صورت ڦري/راتوڪو ٿئي ٿي، /1راتوڪو'/ آڇوڪو ڏينهونڪو ۽ هِندُڪو وغيره (12).

جيئنلي صاحب، هن نُڪتي جي سمجهاڻيءَ کي ختم ڪندي لکي ٿو تہ:

"صرفيو (morpheme) ڪنهن ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾ اهو معنيٰ ڀريو 'بنيادي ايڪو' (unit) آهي، جنهن جي ترتيبوار ورهاست تي ئي، ٻوليءَ جي وياڪرڻي سرشتي جو مانڊاڻ منڊيل آهي" (13).

(ج) هن ساري بيان مان هي نتيجو نڪري ٿو تہ 'صرفيہ' (morpheme) جا ٻہ قسم آهن:

(i) آزاد يا خودمختيار صرفيہ ۽ (ii) پَر- وس يا پابند صرفيہ. انهن مان خودمختيار صرفين، جهڙوڪ: 'پَٽُ'، 'پُٽ' ۽ 'چاڻ' وغيره مان، هر هڪ صورت کي جيڪڏهن اڳتي 'پ ۽ ت'، 'پُ ۽ ٿُ'، 'چا' ۽ ڻ' جهڙن جزن يا ڀاڱن ۾ 'ڀڃڻ' جي ڪوشش ڪبي تہ پوءِ اهڙيءَ ڀڃڻيءَ مان حاصل ڪيل جزن 'پ' ۽ 'ت' جي ڏار ڏار حيثيت ۾ ڪا بہ معنيٰ ڪانهي. اهڙيءَ طرح ٻين آزاد يا خودمختيار صورتن کي ڀڃڻ سان، حاصل ٿيل جزا بہ ڪا معنيٰ نٿا رکن. تنهن ڪري چئبو تہ 'پَٽ'، 'پُٽ' ۽ 'چاڻ' صورتون، سنڌي ٻوليءَ ۾ ننڍيون، معنيٰ ڀريون صورتون آهن، جن کي اڳتي وڌيڪ معنيٰ وارن/ معنيٰ ڀرين جُزن ۾ ڀڃي نٿو سگهجي، پر 'سُپت'، 'آسروند' ۽ 'عقلمند'. توڙي اهڙين ٻين صورتن جو جڏهن ڇيد ٿو ڪجي، يا انهن صورتن کي اڳتي وڌيڪ جزن ۾ جڏهن ڀڃجي ٿو تہ پوءِ اهي صورتون اڳتي، 'آسر+وند'، 'عقل + مند' ۽ 'سُ + پت' ڀاڱن يا جزن يا صرفين ۾ ورهائجي وڃن ٿيون. انهن مان هر هڪ صورت يا هر هڪ صرفيو لفظ جي 'اشتقاق/ڇيد' کان پوءِ ئي معنيٰ رکي ٿو. يعني 'وَند' صرفيو 'پر- وس' صورت آهي، جيڪا آزاد صورت، 'آسر' سان ملڻ کان پوءِ ئي معنيٰ واري / معنيٰ ڀري/ معنيٰ دار/ٿي وئي آهي. اهڙيءَ طرح'عقلمند' لفظ ۾ '_مند'، صرفيو بہ هڪ 'پَر- وَس' صورت آهي، جيڪا آزاد صورت، 'عقل' سان، پڇاڙيءَ جي صورت ۾ ملي، معنيٰ دار ٿي وئي آهي. مطلب تہ 'خودمختيار' ۽ 'پَر-وَس' صورتن جي، مٿي بيان ڪيل وصفن جي آڌار تي ئي، 'لفظ' جي وصف مقرر ڪري سگهبي.

4 _ لفظ:

(الف) مٿي خودمختيار ۽ پر- وس صورتن جي بيان ڪيل وصفن جي روشنيءَ ۾ چئي سگهجي ٿو تہ: 'لفظ'، اها ننڍي ۾ننڍي 'خودمختيار' يا 'آزاد صورت' آهي، جنهن کي اڳتي، ٻين ننڍين بامعنيٰ يا معنيٰ دار يعني معنيٰ ڀرين صورتن يا جزن ۾ هر گز ڀڃي يا ورهائي نٿو سگهجي، ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ لفظ اها ننڍي با معنيٰ/ معنيٰ ڀري خودمختيار يا آزاد صورت آهي، جنهن کي اڳتي ٻين ننڍين بامعنيٰ يا معنيٰ دار يعني معنيٰ ڀرين صورتن يا جزن ۾ هر گز ڀڃي ورهائي نٿو سگهجي، ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ ننڍي ۾ ننڍي بامعنيٰ/معنيٰ ڀري خودمختيار يا آزاد صورت کي 'مفرد لفظ' چئبو آهي(14).



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، لفظ جي وصف سمجهائيندي، پنهنجي مقالي ۾ لکي ٿو تہ:

”ڪو بہ معنيٰ ڀريو روپ، جيڪو عام طور ڳالهائڻ ۾ اڪيلي سر اُچاري سگهجي ٿو تنهن کي ’آزاد روپ‘ يا ’لفظ‘ (Free from or word) چئجي ٿو“ (15).

لفظ جي هن وصف مان اهو واضح ٿو ٿئي تہ وياڪرڻ ۾ جهڙيءَ طرح ’خودمختيار صورتون‘ اهميت رکن ٿيون، تهڙيءَ طرح ٻوليءَ ۾ ’پر- وس صورتن‘ جي موجودگي پڻ غير-اهم يا غير ضروري نہ پر اهميت واري آهي (16).

(ب) لفظن جا قسم:

سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي گهاڙيٽن کي سمجهڻ کان اڳ، انهن (لفظن) جي قسمن کي سمجهڻ بہ گهڻو ضروري آهي. سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻين، سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي ذخيري کي ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي. اُهي ٻہ قسم آهن: (17)

(i) ابتدائي يا بنيادي لفظ (primary words)

(ii) ثانوي لفظ (secondary words) (18)

انهن ماهرن جي راءِ موجب ’بنيادي يا ابتدائي لفظ‘ (primary words) اهي آهن، جن مان ’ثانوي لفظ‘ (secondary words) نهن/ڦٽن ٿا، يا جُڙن ٿا. پر اهو ياد رکڻ گهرجي تہ ’بنيادي‘ يا ’ابتدائي‘ لفظ خود، ڪنهن ٻئي لفظ يا ٻين لفظن مان جُڙيل/ڦٽي نڪتل/’مشتق‘ ڪو نہ هوندا آهن. ان اصول موجب، سنڌي ٻوليءَ جا لفظ جهڙوڪ: ’وڏو‘، ’چوڪر‘ ۽ ’ماٺهو‘ وغيره. ’ابتدائي‘يا ’بنيادي‘ لفظ آهن. اِهي لفظ ڪنهن بہ ٻئي ڌاتوءَ يا ’بنيادي لفظ‘ مان جُڙيل يا ڦٽي نڪتل نہ آهن. پر اُهي لفظ تہ خود ئي ’بنياد‘ يا ’ڌاتو‘ آهن. اهڙن مڙني ’بنيادي‘ يا ’ابتدائي‘ لفظن کي ’مفرد لفظ‘ (simple words) يا ’سادا لفظ‘ يا اِبتدائي يعني بنيادي لفظ چئبو آهي. اُهي ۽ اهڙا ٻيا سڀ بنيادي لفظ پنهنجي طور ننڍي ۾ ننڍا معنيٰ دار/معنيٰ وارا لفظ آهن. اهڙن لفظن کي اڳتي وڌيڪ معنيٰ دار يا معنيٰ ڀريل لفظن يا جُزن ۾ ٽوڙي يا ڀڃي نٿو سگهجي. ڊاڪٽر جيٽلي هن سلسلي ۾ وضاحت ڪندي لکي ٿو تہ:

”اِهي اهڙا لفظ آهن، جن ۾ هر هڪ لفظ هڪ صرف مان ٺهيل آهي. ’يڪ- صرف‘ لفظ کي ’مفرد‘ يا ’سادو لفظ‘ (simple word) چئبو آهي“ (19).

اهڙيءَ طرح ’وڏڙو‘، ’وڏپڻ‘، ’چوڪراٽي‘، ’چوڪرپائي‘ ۽ ’ماٺهپو‘ وغيره لفظ بنيادي يا ابتدائي لفظ يا ’ڌاتو‘ نہ آهن. پر اِهي لفظ تہ خود، ’وڏو‘، ’چوڪر‘ ۽ ’ماٺهو‘ ڌاتوءَ مان ڦٽي نڪتل صورتون آهن. انهن لفظن کي اڳتي معنيٰ/ معنيٰ ڀرين جُزن ۾ ڀڃي سگهجي ٿو. جيئن:

| ڌاتو/بنيادي لفظ | ثانوي لفظ/مشتق | ثانوي لفظ جو چيد ۽ جزا |
|---|---|---|
| وڏو | وڏڙو | وڏو+ تڻ : ٻہ جُزا |
| وڏو | وڏپڻ | وڏو+ پڻ : ٻہ جُزا |
| چوڪر | چوڪراٽي | چوڪر+ آٽي : ٻہ جُزا |
| چوڪر | چوڪرپائي | چوڪر+ پائي : ٻہ جُزا |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| ماٺُو | ماٺُيو | ماٺُو + يو: ٻه جُزا |
| چيت | سُچيتائي | سُ + چيت + آئي: ٽي جُزا |


اِهي ۽ اهڙا ٻيا لفظ ثانوي لفظن جا مثال ۽ نمونا آهن ۽ اهڙا ٻيا سڀ لفظ بنيادي يا ابتدائي لفظن مان جُڙيا/ ٺهيا آهن. اهڙيءَ طرح ٻيا لفظ جهڙوڪ: گهرَ ڌڻي، مَلڪ راج، مُنهن جوت، سَت ڪُٽ ۽ ڏي۔ وَٺ وغيره ٻه بنيادي لفظ يا ڌاتو نه آهن. پر اِهي سڀيئي لفظ ثانوي لفظن جا مثال ۽ نمونا آهن. ثابت ٿيو ته ثانوي لفظ ابتدائي يعني بنيادي لفظن مان ئي جُڙن ۽ ٺهن ٿا.

ثانوي لفظن جي ذخيري کي ماهرن اڳتي ٻن قسمن ۾ ورهايو آهي، اُهي ٻه قسم آهن:


مرتب لفظ (composite/ complex words) ۽

مرڪب لفظ (compound words)

لفظن جي هن ورهاست کي آسانيءَ سان سمجهڻ لاءِ هيٺ خاڪو/نقشو ڏجي ٿو (20).




ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي، پنهنجي مقالي 'سنڌيءَ ۾ مرڪب لفظ' ۾ جيڪو نقشو ڏنو آهي تنهن ۾ هن لفظن جا قسم هيٺ موجب ڏنا آهن (21).




(ت) سنڌي ٻوليءَ جي اڳوڻن وياڪرڻين 'مرتب ۽ 'مرڪب لفظن' جي وچ ۾ جيڪو فرق آهي ان فرق کي انهن نظر انداز ڪيو آهي. انهن ماهرن لفظن جي 'مرتب' ۽ 'مرڪب' قسمن کي هڪ ئي قسم يعني 'مرڪب لفظ' سڏيو آهي. ايتري قدر جو مرزا قليچ بيگ، پروفيسر ڀيرومل جهڙن مها وياڪرڻين، ۽ انهن کان سواءِ غير ملڪي ماهرن جهڙوڪ: ڊاڪٽر ٽرمپ ۽ مسٽر هيسڪل ٻه 'مرتب' ۽ 'مرڪب' لفظن کي گڏي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

هڪ ٻئي قسم يعني 'مرڪب لفظ' سڏيو آهي. هن ڏس ۾ پروفيسر پيرومل، مرڪب لفظن جي باري ۾ لکي ٿو تہ:
"اهڙيءَ طرح ڪن اڳياڙين گڏڻ سان مرڪب لفظ ٺهن ٿا" (22).

ساڳيءَ طرح مرزا قليچ بيگ بہ 'ناچڱو'، 'بي لڄو'، 'اَوَتڙ'، 'سَقلو'، ۽ 'سَبوجهو'، لفظن کي 'مرڪب لفظ' ڪوٺيو آهي (23). جيڪي حقيقت ۾ 'مرڪب لفظ' نہ پر 'مرتب لفظ' آهن. لهاذا، مرڪب ۽ مرتب لفظن جي وچ ۾ علم صرف جي لحاظ کان جيڪو فرق آهي، تنهن کي هيٺ واضح طرح سان سمجهايو ويو آهي:

(i) **مرتب لفظ:** هن سلسلي ۾ اول تہ اها وضاحت ڪرڻي آهي تہ 'ثانوي لفظن' جا بيان ڪيل قسم، يعني 'مرتب' ۽ 'مرڪب لفظ' ڪيئن ٿا جڙن. يعني انهن لفظن جا 'گهاڙيٽا' ڪهڙن اصولن موجب ٺهن ٿا؟ انهن لفظن جي 'جڙڻ' يا 'ٺهڻ' لاءِ ڪي اصول، قانون، قاعدا ۽ پابنديون بہ آهن يا نہ.

هن کان اڳ مٿي 'بنيادي'، 'ابتدائي' يا 'سادن' يعني 'مفرد لفظن' جي باري ۾ وضاحت ڪئي وئي آهي ۽ چيو ويو آهي تہ 'چوڪر'، 'پيءُ'، 'پُٽ'، 'پِٽ'، 'اَچو'، 'ڪارو'، 'سائو'، 'پيلو'، 'وڏو' ۽ 'ننڍو' وغيره ابتدائي بنيادي، سادا يعني مفرد لفظ آهن. انهن کي 'مفرد لفظ' ڪري ٿو چئجي. انهن سان ڪا بہ 'پر-وس' صورت/ صورتون شامل ڪيل هجن، تہ اهڙي يا اهڙن لفظن کي 'مرتب لفظ' (complex words) چئبو آهي (26). انهيءَ وصف جي آڌار 'سُپت'، 'واڇٽ'، 'پٽيتو'، 'ڪتمنڙو'، 'اَڻچاڻپ'، 'سجڻ'، 'سُچيتائي' ۽ 'ڪُپتيو'، مرتب لفظ جا مثال آهن. انهن لفظن جو جڏهن چيد ٿو ڪجي تہ هيٺيان نتيجا ٿا نڪرن:

| مرتب لفظ | چيد | بنيادي لفظ/ڌاتو | پر-وس صورت | پر-وس صورت جي وياڪرڻي حيثيت |
|---|---|---|---|---|
| سُپت | سُ + پت | پت | سُ- | اڳياڙي |
| واڇٽ | وَاڇَ + ٽ | وڄ | -ٽ | پڇاڙي |
| پُٽيتو | پُٽ + ايتو | پُٽ | -ايتو | پڇاڙي |
| ڪتَمِنڙو | ڪتو + منو + ڙو | ڪتو { منو | -ڙو | پڇاڙي |
| اَڻچاڻپ | اَڻ + چاڻ + پ | چاڻ | { اَڻ- -پَ | اڳياڙي پڇاڙي |
| ڏنتڙ | ڏُ + تڙ | تڙ | ڏ- | اڳياڙي |
| سَجڻ | سَ + جڻ | جڻ | سَ | اڳياڙي |
| سُچيتائي | سُ + چيت + آئي | چيت | { سُ- -آئي | اڳياڙي پڇاڙي |
| ڪُپتيو | ڪُ + پت + يو | پت | { ڪُ- -يو | اڳياڙي پڇاڙي |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

انهن مثالن ۾ جيڪي پر- وس صورتون آهن اُهي ۽ اهڙيون پيون پر-وس صورتون، جڏهن ڪنهن آزاد خودمختيار صورت جي اڳيان يا انهن جي پٺيان شامل ڪجن ٿيون، تڏهن اهڙيءَ حاصل صورت (لفظ) کي 'مرتب لفظ' چئبو آهي.

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، پنهنجي مقالي ۾ صفحي 28 تي 'مرتب لفظ' جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

"ٻئي طرف اُهو لفظ جنهن کي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ پر- وس صرفين (روپن) ۾ ورهائي سگهجي، تنهن کي 'مرتب لفظ' (complex word) چئبو آهي" (27).

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، ساڳئي صفحي تي، مرتب لفظ جي وصف جي باري ۾ هيئن به فرمايو آهي:

"مرتب لفظ (complex word) اُهو آهي جنهن ۾ هڪڙو ويجهن جُزن مان گهٽ ۾ گهٽ هڪ جزو پر — وس روپ هجي" (28).

ڊاڪٽر جيٽلي، مرتب لفظن جي گهاڙيٽن جي سلسلي ۾ ڪن نون روپن جو به ذڪر ڪيو آهي. مثال طور هُو لکي ٿو ته:

"مرتب لفظن جا اهڙا به مثال، سنڌيءَ ۾ ملن ٿا، جن جي رَچنا ٻن پر- وس روپن مان ٿيل هوندي آهي: مثال طور: 'آٽاٽ' (آڻ + آٽ). 'سٽائو' ۽ 'آٽائو'" (29).

(ii) **مرڪب لفظ:** ساڳيءَ طرح 'ثانوي لفظن' جو ٻيو قسم يا گروهه 'مرڪب لفظ' آهن. اڳ ۾ عرض ڪيو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي اڳوڻن وياڪرڻين، مرتب ۽ مرڪب لفظن جي وچ ۾ فرق کي اهم نه سمجهيو آهي. بلڪ ان فرق کي نظر انداز ڪيو اٿن. انهن جي ويچارن جا هن کان اڳ مثال به ڏنا ويا آهن. مرزا قليچ بيگ صاحب، مرڪب لفظن جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو ته:

"پهرين انڪاري حرف آ، اڻ، نا، نر، نه ۽ مَ، لفظن جي اڳيان آڻڻ سان، مرڪب لفظ جُڙن ٿا: مثال طور: 'اَچيت'، 'اِچيتائي'، 'اَٽيڙو'، 'ناڪارو'، 'ناچڱو'، 'نَڪمو'، 'مڄڏ'، 'نراس' ۽ 'نڌٽڪو' (30)

پروفيسر پيرومل مٽي بيان ڪيل، پنهنجي وصف کان سواءِ مرڪب لفظن جي هڪ ٻي وصف ڏني آهي. هُو لکي ٿو ته:

"سنڌيءَ ۾ ڪنهن به مرڪب لفظ ۾ ٻن کان وڌيڪ اسم ٻيهاري سگهجن ٿا." (31)

پنهنجيءَ هن وصف جي آڌار تي پروفيسر پيرومل نه فقط 'گهر ڌڻي'، 'چگمڙسي' ۽ 'آگ گاڏي' لفظن کي 'مرڪب لفظ' ٿو ڪوٺي، پر ساڳئي وقت 'سُپٽيو'، 'ڪُپٽيو' ۽ 'آٽيو' جهڙن لفظن کي به هُو مرڪب لفظ ٿو سمجهي.

مرڪب لفظن جي باري ۾ ڊاڪٽر جيٽلي فرمائي ٿو ته:

"هاڻي لفظن جا ڪجهه وڌيڪ مثال ڏسو: 'گهر ڌڻي'، 'اُتر واءُ'، 'خوشبوءِ'، 'ڍڳي گاڏي'، 'هردلعزيز' ۽ 'هر فن مولا'. انهن لفظن کي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظن ۾ ورهائي سگهجي ٿو: جيئن: 'گهرَ ڌڻي' (گهرُ + ڌڻي = گهر جو ڌڻي)، اتر واءُ (اُتر + واءُ = اُتر جو واءُ) وغيره اهو لفظ جنهن کي هڪ يا هڪ کان وڌيڪ لفظن ۾ ورهائي سگهجي، تنهن کي 'مرڪب لفظ' (compound word) چئبو آهي" (32)-



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

حقيقت ۾ جيڪڏهن ڏٺو وڃي ته هاڻ اسان کي، اسان جي مها وياڪرڻين جي تاهيل وصف ۾ سڌارن ۽ واڌارن آڻڻ جي ضرورت محسوس ٿي رهي آهي. اها ڪا نئين ڳالهه ڪانهي. زنده قومن جي زنده ٻولين ۾ اهو ۽ اهڙو دستور هميشه جاري رهندو آيو آهي.

لهاذا مرڪب لفظ ان صورت يا روپ کي چئبو آهي، جنهن ۾ ٻه يا ٻن کان وڌيڪ خودمختيار يا آزاد صورتون، يعني ٻه يا ٻن کان وڌيڪ مفرد لفظ گڏجي، هڪ لفظ يا هڪ صورت يا هڪ روپ ۾ ٺهيا هجن. اهڙن لفظن يا صورتن/ روپن سان ڪنهن به پر- وس صورت جي گڏجي ڪم اچڻ يا گڏجڻ يا ملائڻ جي اجازت ڪا نه هوندي آهي. پر اهڙن (مرڪب) لفظن سان، جيڪڏهن ڪا پر- وس صورت ملائي وئي يا جوڙي وئي هوندي، جيئن: 'ڪتمنڙو' لفظ سان '-ڙو' پر-وس صورت مليل آهي، يا 'پِڙ- وسيڪو' لفظ ۾ '-ايڪو' پر-وس صورت آهي. اهڙيءَ طرح 'چگمڙسي' لفظ سان '-اِي' پر- وس صورت شامل ڪيل آهي. اهڙن لفظن کي، مرڪب لفظ نه، پر مرتب لفظ چئبو. مرتب ۽ مرڪب لفظن جي روپن ۾ اهو ئي ته خاص ۽ اهم فرق آهي. لهاذا جيئن مفرد لفظ يا آزاد صورت سان ڪا به پر- وس صورت شامل ٿيل ڪا نه هوندي آهي، تيئن مرڪب لفظن سان به ڪي پر-وس صورتون مليل نه هونديون آهن. جيئن:

| مفرد لفظ | مرڪب لفظ | مرتب لفظ |
|---|---|---|
| گهڙ + ڏٽي | گهڙ ڏٽي | چگيلائي |
| آڳ + گاڏي | آڳ گاڏي | متگهرو |
| بُت + خانو | بت خانو | چگمڙسي |

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، پنهنجي مقالي ۾ صفحي 38 تي 'رت ورنو'، 'سون ورنو'، 'ننڍاڪڙو' ۽ 'ڪتمنڙو' لفظن کي به مرڪب لفظ (مرڪب صفت) سڏيو آهي پر منهنجي خيال موجب اهي سڀئي لفظ مرڪب لفظ نه پر مرتب لفظ آهن. جيئن:

| لفظ | ڇيد | شامل پر-وس صورت | حيثيت |
|---|---|---|---|
| رت ورنو | رت + ورن + اوُ | -اُو | مرتب لفظ |
| سون ورنو | سون + ورن+اوُ | -اوُ | مرتب لفظ |
| ننڍاڪڙو | ننڍ + آڪڙ+ او | - او | مرتب لفظ |
| ڪتمنڙو | ڪتو + منو + ڙو | -ڙو | مرتب لفظ |

اهڙيءَ طرح 'نياڳو'، 'نپٽو'، 'نامراد' ۽ 'نروڳي' لفظن ۾ 'نہ' ۽ 'نا' آزاد صورتون نه پر پر- وس صورتون آهن. انهيءَ ڪري انهن لفظن کي به مرتب لفظ چئبو ۽ نه ڪِ مرڪب لفظ(33).

هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر جيٽلي پنهنجي مقالي ۾، صفحي 38 تي لکي ٿو ته:

"مرڪب لفظ ۾ جڏهن پر- وس روپ لڳائي، ان مان ٻيو لفظ ٺاهجي ٿو تڏهن اهو 'مرتب' ٿي پوندو آهي. جيئن ته پنجٽيهه (پنج +ٽيهه) مرڪب لفظ آهي، پر 'پنجٽيهون' مرتب لفظ آهي. ڇاڪاڻ ته هتي 'پنجٽيهه + اُون' هڪدم ويجها جزا آهن، جن ۾ '-اون' پروس روپ آهي"(34).



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب پنهنجي ساڳئي مقالي ۾، صفحي 40 تي، مرڪب لفظن جي باري ۾ هڪ نئين ڳالهه به ڪئي آهي، هُو لکي ٿو تہ:

"سنڌيءَ ۾ ٻن لفظن وارا مرڪب لفظ تہ گهڻي ئي ملن ٿا، پر ٽن لفظن مان ٺهيل مرڪب لفظ تمام گهٽ آهن. ڪجهہ مثال هن ريت آهن: هر فن مولا، هر دل عزيز، هر ديگي چمچو، تن من ڌن، وڏيءَ دل داتا، امر لال سائين، جل ٿل واسي، جئجئڪار وغيره. اهڙي طرح ڪيترائي سنڌي نالا (اسم خاص)، ٽن لفظن سان ٺهيل، مرڪب اسم هوندا، جيئن:

ستر امداس (ست+رام+ داس)

جٿرامداس (جٿہ +رام+داس)

هرنامداس (هر +نام+داس)

پيتامبر لال (پيت+آمبر+ لال)" (35).

پر منهنجي سمجهہ مطابق، ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي صفحي 40 تي ڏنل انهيءَ لڙهيءَ ۾ شامل ڪيل لفظن مان 'هر ديگي چمچو'، 'وڏيءَ دل داتا' ۽ 'جل ٿل واسي' مرڪب لفظ نہ پر مرتب لفظ آهن، ڇاڪاڻ تہ پهرئين لفظ 'هر ديگي چمچو'، ۾ ديگ + اِي، ٻئي لفظ 'وڏيءَ دل داتا' ۾ وڏو + ايءَ ۽ ٽئين لفظ 'جل ٿل واسي' واس +اِي، ۾ 'اِي'، 'اِيءَ' ۽ 'اِي' وچياڙيون ۽ پڇاڙيون آهن، جنهن ڪري اُهي مرتب لفظ آهن ۽ نہ ڪي مرڪب لفظ.

5۔ لفظن جا گهاڙيٽا/ رچنائون:

(الف) جڳ مشهور مفڪر علامہ — آءِ — آءِ قاضي صاحب، ٻولين جي وياڪرڻي اصولن جي باري ۾ 1967ع ۾ عبرت اخبار کي انٽرويو ڏيندي، اعليٰ ويچارن جو اظهار ڪيو هو. هن پنهنجي انٽرويو ۾ فرمايو تہ:

"ٻوليون چند سالن ۾ نہ پر هزارن سالن ۾ ٺهنديون آهن، ۽ انهن جو بنياد، موسيقيءَ جي بنياد تي هوندو آهي. گرامر پوءِ ٺهي ٿو ٻولي پهريائين ٺهي ٿي. گرامر رڳو هڪ بہ صديون اڳ جي پيداوار آهي، ان کان اڳ، زبان جي ترقي ۽ نشوونما، موسيقيءَ جي بنيادن تي ٿيندي رهندي آئي آهي (36).

(ب) سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جي گهاڙيٽن جو اڀياس ڪندي، ڪي اهڙا اصول ۽ قانون بہ نظر اچن ٿا، جيڪي اڃا تائين لکيل صورت ۾ ڪتابن ۾ آندا نہ ويا آهن. اُهي اصول، ڪنهن وياڪرڻي يا ڪن وياڪرڻين ويهي ڪو نہ ٺاهيا آهن، پر وقت ۽ زماني سان گڏ جيئن، جيئن ٻوليءَ جي لغوي خزاني ۾ واڌارو ٿيندو ويو آهي، تيئن تيئن زبان جا ڳالهائيندڙ لاشعوري طور، مفرد لفظن مان مرتب ۽ مرڪب لفظ ٺاهيندا ويا آهن ۽ اهڙيءَ طرح نوان نوان لفظ گهڙيندا ويا آهن، يعني ڪن مفرد لفظن جي اڳيان يا پٺيان، پر — وس صورتون، اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي صورت ۾ ملائي، انهن ماڻهن نوان لفظ گهڙيا. اهڙيءَ طرح بہ يا ٻن کان وڌيڪ مفرد لفظ ملائي مرڪب لفظ جوڙيائون. ڪي نوان لفظ بنيادي لفظن اندر صوتي تبديلين، يا اعرابن جي بدلائڻ سان ٺاهيائون.

(ت) سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ ۽ ارتقا جو جڏهن اڀياس ٿو ڪجي تہ معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌ جي وڏن ۽ خاص ڪري عوامي شاعرن، سگهڙن، لوڪ ادب جي تخليقڪارن هن ڏس ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. هنن پنهنجي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

خيال جي اظهار لاءِ ويهي ويچار ڪرڻ جي بدران پنهنجي خداداد ذات جي مدد سان نوان نوان لفظ جوڙيا. انهن تخليقڪارن ۾ پير صدر الدين جي گنانن کان وٺي، قاضي قادن، شاهه ڪريم بلڙائي، شاهه لطف الله قادري، مخدوم نوح سرور، لاکي لطف الله، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، شاهه عنات رضوي، مخدوم محمد زمان لنواري واري، سچل سرمست، سامي، حمل فقير، مير عبدالحسين خان سانگيءَ کان سواءِ بيدل، صوفي دلپت، مرزا قليچ بيگ، مصري شاهه، مخدوم محمد زمان طالب المولي، حافظ عبدالله بسمل ۽ جديد شاعرن ۾ حيدر بخش جتوئي، ڪشنچند بيوس، هري دلگير، شيخ اياز، استاد بخاري، نارائڻ شيام، نياز همايوني، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، عبدالڪريم گدائي ۽ امداد حسينيءَ کان سواءِ لوڪ ادب جي شاعرن، سگهڙن ۽ سنڌي ادب جي نثر نويسن جي تحقيقي ۽ تخليقي ادب جو مطالعو ڪري، ڇنڊڇاڻ ڪرڻي پوندي.

اهڙيءَ طرح سنڌي وياڪرڻ جي ماهرن ڌار ڌار قسمن جي لفظن جي جُڙڻ، گهڙجڻ يا رچنائن واري طريقي جو جائزو وٺي، انهن لاءِ قانون لکيا ۽ انهن قانونن جي سمجهاڻي ڏيندي ٻڌايائون ته ڪهڙيون ڪهڙيون پر- وس صورتون، ڪهڙن ڪهڙن بنيادي يا ابتدائي لفظن جي اڳيان ملائي سگهبيون ۽ اهڙيءَ طرح ڪهڙيون ڪهڙيون پر -وس صورتون بنيادي يا ابتدائي لفظن جي پٺيان شامل ٿي يا ملي، 'نون لفظن' جي ٺاهڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. اهڙيءَ طرح وياڪرڻ جي ماهرن اهو به سمجهايو ته ڪهڙيون ڪهڙيون اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون، بنيادي لفظن جي ڪهڙي ڪهڙي گروهه يا ميڙ (set) سان ملي، نون نون لفظن جي ٺاهڻ ۾ مدد ڪن ٿيون. انهن اصولن جي ڇنڊڇاڻ مان اها به خبر پوي ٿي ته هر اڳياڙي يا پڇاڙي، هر هڪ بنيادي لفظ سان ملائي نٿي سگهجي، پر هر هڪ اڳياڙيءَ ۽ پڇاڙيءَ جو پنهنجن پنهنجن لفظن جو گروهه يا ميڙ (set) هوندو آهي جنهن سان اُهي ملائي سگهبيون آهن.

اهڙيءَ طرح مرڪب لفظن جي اڀياس لاءِ اها خبر رکڻ به ضروري آهي ته اهو (مرڪب لفظ) لفظ ڳالهائڻ جي لفظن (part of speech) مان ڪهڙي قسم جو لفظ آهي يعني وياڪرڻ ۾ ان جي ڪهڙي حيثيت آهي يا ان جو وياڪرڻي نالو ڇا آهي؟ اهڙيءَ طرح اهو ڄاڻڻ به ضروري آهي ته ڪهڙا ڪهڙا وياڪرڻي گروهه پاڻ ۾ ملي، نوان وياڪرڻي روپ، يعني ڳالهائڻ جا لفظ ٺاهين ٿا.

(ت) سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب، لفظن جي گهاڙيٽن جا جيڪي اصول ۽ قانون، اڀياس ڪندي محسوس ڪيا ويا، اُهي هي آهن:

(i) ترتيب (order)

(ii) انتخاب (selection)

(iii) مقرر گروهن يا لفظن جا مقرر ميڙ (set)

(i) **ترتيب:** انهن اصولن مان پهريون اصول ترتيب آهي. ترتيب واري اصول (order) موجب، ڏسڻو هيءُ آهي ته ڪنهن به 'مرتب لفظ' جي 'ٺاهڻ/جوڙڻ' يا 'گهڙڻ'/ 'رچنا' واري حالت ۾ ڪهڙيون ڪهڙيون پر-وس صورتون، ڪهڙن ڪهڙن لفظن جون اڳياڙيون ٿي ڪم اچن ٿيون ۽ ڪهڙيون ڪهڙيون پر-وس صورتون، بنيادي لفظن جون پڇاڙيون ٿي ڪم اينديون آهن. اهڙيءَ طرح 'مرڪب لفظن' جي حالت ۾ به 'ترتيب وارو اصول' (order)، مرڪب لفظن جي گهاڙيٽن جي اڀياس ۾، ساڳي مدد ڪري ٿو. يعني ڪهڙا ڪهڙا مفرد لفظ پاڻ



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

۾ ملي مرڪب لفظ ٺاهين ٿا، ۽ ساڳئي وقت اهو بہ ڏسڻو آهي تہ ڪهڙا ڪهڙا مفرد لفظ مرڪب لفظن ۾ 'پهرئين جُز' (constituent) طور ڪم اچي سگهن ٿا. ۽ ساڳئي وقت ڪهڙا ڪهڙا مفرد لفظ مرڪب لفظن ۾ ٻئي يا پوئين جُز طور ڪم اچي سگهن ٿا. مثال طور، 'گهرَ ڌڻي' مرڪب لفظ ۾ ترتيب واري اصول موجب 'گهر' مفرد لفظ پهرئين جُز طور جاءِ، يعني بيهڪ ورتي تہ جڏهن تہ 'ڌڻي' مفرد لفظ مرڪب لفظ ۾ پوئين جُز طور پنهنجي جاءِ ورتي تہ ائين هرگز ممڪن ڪونهي تہ 'گهرَ ڌڻي' لفظ جي بدران اسين، 'ڌڻي گهر' چئون. سنڌي وياڪرڻ جي اصولن موجب، مرڪب لفظ جي اهڙي 'ترڪيب' يعني 'ڌڻي گهر' جي استعمال کي صحيح استعمال نہ سمجهبو پر جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ 'ڌڻي گهر' لفظ استعمال بہ ڪيو تہ پهرين تہ هيءَ سمجهبو 'ڌڻيءَ گهر' روپ، مرڪب لفظ نہ پر مرتب لفظ آهي ۽ ٻيو تہ جيڪا معنيٰ ۽ مفهوم، 'گهر ڌڻي' لفظ جي آهي، اها ساڳي معنيٰ ۽ مفهوم 'ڌڻيءَ گهر' لفظ جي نہ آهي، ۽ ٻنهي لفظن مان ساڳي مراد بہ حاصل نٿي ٿئي، جيئن:

گهرَ ڌڻي = گهر جو مالڪ /ڌڻي: ڌڻيءَ گهر = ڌڻيءَ جو گهرَ

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، پنهنجي مقالي ۾ 28 کان 30 صفحي تائين، مرتب ۽ مرڪب لفظن اندر صرفين (morphemes) جي ترتيب تي مثالن سان روشني وڌي آهي. 'لفظن جي ترتيب ۾ پختائي' سري هيٺ، صفحي 32 ۽ 33 تي هو لکي ٿو:

> "سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻي سرشتي جو اڀياس ڪرڻ لاءِ اسان کي انهيءَ سرشتي ۾ صرفن جي سڃاڻپ ڪرڻي پوندي، ان بعد اهو فيصلو ڪرڻو پوندو تہ ڪهڙا صرف، ڪهڙن صرفن جي اندر رکجن" (37).

مرڪب لفظن ۾ ترتيب واري اصول جو ذڪر ڪندي، پنهنجي ساڳئي مقالي ۾ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب صفحي 33 تي لکي ٿو تہ:

> "هتي ٻئي مثال ۾ 'اچ — وڃ' مرڪب لفظ آهي، اُن ۾ لفظن جي ترتيب، ٻوليءَ جي رواج موجب مقرر ٿي وئي آهي، ان کي بدلائي، اسين 'وڃ — اچ' مرڪب لفظ ٺاهي نہ سگهنداسين. ساڳيءَ طرح 'اُٿ ـ ويھ' کي بدلائي 'ويھ ـ اٿ' چوڻ ٻوليءَ جي رواج موجب غلط آهي" (38).

(ii) اهڙيءَ طرح ٻيو قانون آهي 'انتخاب' (selection) يا 'چونڊ'. هن قانون موجب اهو ڏسڻو آهي تہ مرتب لفظن جي صورت ۾، ڪهڙيون ڪهڙيون پڇ ـ وس صورتون، ڪهڙن ڪهڙن بنيادي لفظن سان ملي، مرتب لفظ ٺاهين ٿيون. مثال طور جيئن شروع ۾، سراج صاحب جي مقالي جي حوالي سان، بيان ڪيو ويو آهي. سراج صاحب سوال ڪيو هو تہ:

> 'ڪارنهن، ڪاراڻ، ڪارٿ/ لفظن ۾ جيڪي پڇاڙيون يا پڇاڙيءَ جا پد (suffixes) آهن، يعني 'آ، نهن، آنهن، آن، ٿ يا آٿ'، اهي اصل ۾ ڇا آهن، انهن جي پنهنجن ذاتن جي ڪهڙي صورت آهي يا هئي؟ اِن پوئين سوال تي اچجي ٿو تہ ٻين اهڙن صفتن ۾ انهن جو استعمال محدود ٿو نظر اچي: مثلا:'ڳاڙهو مان ڳاڙهاڻ' ۽ 'ڳاڙهہ' اسم ٺهن ٿا، پر 'ڳاڙنهن' ۽ 'ڳاڙٿ' نٿا ٺهن. لفظ 'سائو' مان 'ساءَ' يا 'وَ' ۽ 'سائنهن' يا 'سائٿ' يا 'ساوٺ' ڪو



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

نہ ٿا ٺهن، انهن جي برعڪس ’ساواڻ‘ ۽ ’ساوڪ‘ جو نئون نمونو ۽ نئين ترڪيب ملي ٿي،
لفظ ’پيلو‘ مان هڪ ٿي لفظ ’پيلاڻ‘ ٺهي ٿو ۽ باقي ٻي ڪا بہ ترڪيب اُن مان نٿي ٺهي“ (39).

سراج صاحب جي هن نُڪتي جي وضاحت لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي لفظن يا ڏاتن سان اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون شامل ڪرڻ واري اصول جو دارومدار انتخاب واري اصول تي آهي. هن اصول جي اڀياس سان خبر ٿي پوي تہ ’ـ آڻ‘ پڇاڙي، ڪهڙن ڪهڙن ڏاتن (بنيادي لفظن) سان ملي سگهي ٿي ۽ اهڙيءَ طرح ’ـ ٽ يا ـ آٽ‘ پڇاڙيون ’آچو‘، ’پيلو‘ ۽ ’سائو‘ وغيره روپن سان انهيءَ ڪري ملائي نٿيون سگهجن، جو اهي پڇاڙيون، انهيءَ گروهہ ۽ جوڙ (set) واريون نہ آهن. اهڙيءَ طرح انتخاب وارو قانون، مرڪب لفظن سان بہ لڳندو آهي، جيئن ’گهر ڏٺي‘ مرڪب لفظ جي مثال ۾ سمجهايو ويو آهي.

اِن وضاحتي بيان کان پوءِ مرتب ۽ مرڪب لفظن جي ڪن مثالن جي مدد سان ’ترتيب‘ ۽ ’انتخاب‘ وارن اصولن جو اڀياس ڪبو ۽ ڏسبو تہ سنڌي وياڪرڻ موجب، اهي اصول، ٻوليءَ ۾ ڪيئن ٿا عمل ڪن:

| ترتيب واري اصول موجب حيثيت يعني اڳياڙي | انتخاب واري اصول موجب ممڪن بنيادي لفظن جا گروهہ / ميڙ | نوان جُڙيل / گهڙيل لفظ |
|---|---|---|
| آـ | چاڻ، مر، مُلهہ، ڪُٽ | آچاڻ، آمر، آمُلهہ، آڪُٽ |
| آڻـ | چاڻ، هوند، پڙهيل | آڻچاڻ، آڻهوند، آڻپڙهيل |
| اُپـ | ڀاشا، ڀيٽ، سمنڊ، ڪنڊ | اُپڀاشا، اپڀيٽ، اُپسمنڊ، اُپڪنڊ |
| آوَـ | گڻ، تڙ | آوَگڻ، آوَتڙُ |
| ڏ (در) | چڙ، ٻَل، تڙ، ڪال (ڪار) | ڏچڙ، ڏٻَل، ڏتڙ، ڏڪار |
| سَـ | چڻ، ڀاڳ، پُٽ | سچڻ، سڀاڳ، سپوٽ |
| سُـ | ڪال (ڪار)، پت، لَڇڻ | سُڪار، سُپت، سُلڇڻ |
| ستـ | گر، جَن | سَتگُر، ستجن (سَجن > سَجڻ) |
| نِـ | ڀاڳ | نڀاڳ |
| نِرـ | مل، ٻل، آس، گڻ، لج | نرمل، نرٻل، نراس، نرگڻ، نرلجو |
| ڪُـ | لڇڻ، پت، مهل | ڪُلڇڻ، ڪُپت، ڪُمهلو |

اهڙيءَ طرح عربي ۽ فارسي ٻوليءَ جون اڳياڙيون جهڙوڪ: با، بي، بالا، بَر، پُر، پَس، زير، زبر، ڪم، نا ۽ لا وغيره لفظن جي مخصوص گروهن يا جوڙين سان ملي نوان لفظ ٺاهين ٿيون.

ساڳيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ ۾ پڇاڙيون بہ بنيادي لفظن جي مخصوص گروهن يا جوڙين سان ملي نوان لفظ ٺاهين ٿيون. هيٺ لفظن جا اهڙا گروهہ پڇاڙين سان ملي جيڪي نوان لفظ ٺاهين ٿا، انهن جو جائزو ترتيب ۽ انتخاب وارن اصولن جي روشنيءَ ۾ پيش ڪجي ٿو:



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

وس : س>ٿ+او= وٿو

ٻيهه : هه>ٺ + او=ٻيٺو

ٻَچ : چ>گ + او= ٻڳو

لَهُہ : هه>ٿ + او = لَٿو

ڪاڍ : ڍ>ڌ + او= ڪاڌو

ٻچ : چ>ڪ + او= ٻڪو

پهچُ : چ>ت + او= پهتو

ڦاس : س>ٿ + او= ڦاٿو

روءُ : ءُ>ن + او= رُنو(40)

(> نشانيءَ جو مطلب آهي تہ 'بدلجي ٿيو'، جيئن: س>ٿ)

انهيءَ ڏس ۾ تفصيل لاءِ 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب (ڇاپو ٻيهريون) ۾ صفحي 51 کان 57 تائين ڏنل مواد پڙهي سگهجي ٿو.

سنڌي ٻوليءَ ۾ اندروني تبديليءَ جا ڀيا بہ ڪجهہ نمونا آهن. ڪن لفظن جا ڪي 'بنيادي مادا' يا 'ڌاتو' اهڙا بہ آهن، جن ۾ اندروني صوتي تبديلي آڻڻ سان نوان نوان لفظ ٺاهي سگهجن ٿا. مثال طور، ڪنهن مفرد لفظ جي آخري پد واريءَ اعراب کي ڦيرائڻ سان نوان لفظ جُڙن ٿا، جيئن:

| فعل مان اسم ٺاهڻ | تبديل | فعل مان اسم ٺاهڻ | تبديل |
|---|---|---|---|
| تورِ>تورَ | اِ>اَ | موٽُ>موٽَ | اُ>اَ |
| روڪِ>روڪَ | | وَٽُ>وَٽَ | |
| پوڪِ>پوڪَ | | ٻوڙُ>ٻوڙَ | |
| لُٽِ>لُٽَ | | رڪُ>رڪَ | |
| مارِ>مارَ | | ڪِلُ>ڪِلَ | |
| گهورِ>گهورَ | | گهُرُ>گهُرَ | |
| | | لِڪُ>لِڪَ | |

اهڙي لفظ جي پهرئين پد جي اعراب ۾ تبديلي آڻڻ سان نوان لفظ ٺهن ٿا، جيئن:

| فعل مان اسم ٺاهڻ | تبديل | فعل مان اسم ٺاهڻ | تبديل |
|---|---|---|---|
| ڦِسُ>ڦيهہ | اِ>اِي | ٻُڏُ>ٻوڙ | اُ>او |
| نَچُ>ناچ | | ٽُٽُ>ٽوڙ | |
| سَڙُ>ساڙ | | جُڙُ>جوڙ | |
| پَچ>پاچ | اَ>آ | | |
| ٻَرُ>ٻار | | | |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ii) **ڪاٽو تبديل:** هن تبديل مان مراد اِها آهي تہ بنيادي لفظن سان اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائڻ کان اڳ، بنيادي لفظ جي ڪا صوتيہ حذف ڪرڻي پوندي آهي، يعني ڪاٽڻي پوندي آهي، معنيٰ نون لفظن ٺاهڻ لاءِ بنيادي لفظن سان جڏهن ڪي اڳياڙيون يا پڇاڙيون ملائبيون آهن، تڏهن علم صرف جي اصولن موجب بنيادي لفظ جي ڪنهن صوتيہ کي حذف ڪرڻو پوندو يا ڪاٽڻو پوندو آهي. اهڙيءَ تبديل کي 'ڪاٽو تبديل' چئبو آهي، مثال طور:

ڪر + يو = ڪيو : 'ر' صوتيہ حذف ڪئي وئي

وڪڻ + يو = وڪيو : 'ڻ' صوتيہ حذف ڪئي وئي

سُڻ + يو = سُٺو : 'ي' صوتيہ حذف ڪئي وئي

(iii) **ٻڙي تبديل:** علم صرف جي اڀياس دوران اهو پڻ معلوم ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ اهڙا بہ آهن، جن جون جمع صورتون ٺاهڻ لاءِ ڌاتوءَ جي پويان ڪا بہ پڇاڙي نہ ٿي ملائجي، ۽ نہ ئي وري ڌاتوءَ جي بناوت ۾ ڪا تبديلي اچي ٿي، تنهن هوندي بہ انهن نون روپن مان جمع صورت جي معنيٰ نڪري ٿي، جيئن (41):

| جمع صورت | واحد صورت |
|---|---|
| هاٿي | هاٿي |
| هاري | هاري |
| داتا | داتا |
| وڇون | وڇون |
| ماٺهو | ماٺهو |

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب سندس مقالي جي صفحي 32 تي ٻڙي پڇاڙيءَ جو ذڪر ڪري ٿو ۽ لکي ٿو تہ:

”ٻڙي پڇاڙي: جتي عدد جمع ڏيکارينڌڙ ڪا بہ پڇاڙي ڪا نہ ٿي لڳي، ان کي ٻڙي صرف چئبو آهي“ (42).

مٿي انتخاب واري اصول هيٺ، ممڪن بنيادي لفظن جا گروهہ ڏنا ويا آهن ۽ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي تہ انتخاب هڪ اهڙو اصول آهي، جنهن جي مدد سان خبر پوي ٿي تہ هڪ اڳياڙي يا پڇاڙي ڪهڙن ڪهڙن آزاد صورتن يا بنيادي لفظن سان ملائي سگهجي ٿي، يعني سَ- سُ - ڪَ - ۽ ڪُ- اڳياڙيون ڪهڙن ڪهڙن بنيادي لفظن سان ملي، نوان لفظ جوڙي سگهن ٿيون. اهڙيءَ طرح اها بہ خبر پوي ٿي تہ 'آڻ آٽ، -آٽ، آنهن' وغيره پڇاڙيون، ڪهڙن ڪهڙن بنيادي لفظن سان ملي، نوان لفظ ٺاهي سگهن ٿيون.

ٻولين جي رچنا ۾ بنيادي لفظن جي اهڙي گروهبندي، ڪو ماهر ويهي ڪو نہ ٺاهيندو آهي، ۽ نہ ئي وري هن جي ڪا وس جي ڳالهہ هوندي آهي، پر اهڙيون گروهہ بنديون، ٻوليءَ جي ڍانچي اندر پاڻمرادو ٿهنديون وينديون آهن، ۽ ماهر فقط انهن جي نشاندهي ڪندا آهن، ۽ اصول مقرر ڪندا آهن.

'ترتيب' ۽ 'انتخاب' وارا اصول، مرڪب لفظن جي رچنا ۾ پڻ ڪارفرما آهن، جيئن هن کان اڳ 'گهر ڏٺي' مرڪب لفظ جو مثال ڏيئي، 'ڏٺيءَ گهر' لفظ سان ان جي ڀيٽ ڪئي وئي آهي. مرڪب لفظن جي گهاڙيٽن



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي سلسلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪتاب' (ڇاپي پهرئين) ۾ صفحي 32 کان وٺي 33 تائين، تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو آهي (43). اهڙيءَ طرح ڊاڪٽر جيٽلي صاحب پڻ سندس مقالي ۾ صفحي 36 کان 40 تائين، هن موضوع تي تفصيل سان لکيو آهي (44).

7_ ڌهرايل (reduplicated) يا ٻٽا لفظ:

سنڌي ٻوليءَ جي علم صرف واري حصي ۾ 'ڌهرايل' يا 'ٻٽا لفظ'، هر لحاظ کان توجهه گهرن ٿا. هن حوالي سان مرزا قليچ بيگ سنڌي وياڪرڻ، ڀاڱي ٽئين ۾ لکي ٿو ته:

"سنڌيءَ ۾ ڪيترائي لفظ اهڙا آهن، جيڪي ٻن يا ٻن کان وڌيڪ لفظن مان جُڙيل آهن. جن مان ڪي ساڳيا، ٻه ٻه ڀيرا ٿا اچن، ڪي هڪجهڙا ۽ موافق آهن، ۽ ڪي مخالف آهن. ڪن ۾ ساڳئي قسم يا قافئي يا وزن جو لفظ ڪم آيل آهي، جنهن جي ڪا به معنيٰ ڪانهي، فقط استعمال ۽ اصطلاح ۾ ڪم ايندا آهن، ڪن ۾ جدا جدا فعل جا موافق يا مخالف زمان ڪم آيل آهن، ڪي اسم ۽ فعل گڏ، ڪي اسم ۽ صفت گڏ، ڪي عربي ۽ فارسي ۽ سنڌي گڏ. مثال طور:

(i) ناچڱو نردوئي، نڊٽڪو ٻي لڄو اَوَتڙ سهوجهو ۽ اَپوجهو

(ii) پل پل، دم دم، سراسر، سربسر، ويراور، ٽٽ سٽ، ياچي ٻيٽي، ٻڪ شڪ ۽ پٽسو پنجڙ" (45).

مرزا صاحب جي ڏنل هن وصف مطابق انهن مان ڪي لفظ مرڪب لفظن جي دائري يا قسمن ۾ داخل ٿي سگهن ٿا، پر مرزا صاحب جو هيءُ بيان ته:

"ڪن ۾ ساڳئي قسم يا قافئي يا وزن جو لفظ ڪم آيل آهي جنهن جي ڪا به معنيٰ ڪانهي، فقط استعمال ۽ اصطلاح ۾ ڪم ايندا آهن". (46).

مرزا صاحب جي اها وصف جديد لسانيات موجب، مرڪب لفظن جي وصف جي خلاف آهي.

ڌُهرايل (تڪراري يا مڪرر) لفظن جي معنيٰ، انهن جو استعمال، مفهوم ۽ وياڪرڻي ڪارج، مطالعي جو هڪ اهم موضوع آهي، مثال طور: چلم ڏلم، ڪٽولو ٻٽولو وهٽ وانو ۽ ڪپ ڪپ، ڪپ ڀپ، ڪارا ڪارا يا ڪارا سارا وغيره. ڌُهريل يا ٻٽن لفظن جو وياڪرڻي مفهوم ۽ استعمال مرڪب لفظن جهڙوڪ: گهر ڏٽي ۽ ڏي_ وٺ وغيره لفظن جي مفهوم کان بلڪل نرالو آهي، لهاذا، ڌُهرايل لفظن کي مرتب يا مرڪب لفظن واري گروهه ۾ نه، پر نئين قسم يعني ڌُهرايل يا ٻٽن لفظن واري قسم هيٺ رکڻو پوندو. جيئن ٽيڪ مرحوم مرزا صاحب ۽ پروفيسر پيرومل انهن لفظن کي مرڪب لفظ سڏين ٿا، پر اهي مرڪب لفظ نه پر 'تڪراري' يا 'ڌهرايل' (reduplicated) لفظ آهن.

ڌهرايل لفظن جي باري ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، سندس مقالي ۾ صفحي 38 تي لکي ٿو ته:

"لفظ جي رچنا جو هڪ ٻيو قسم ڏسو:

گهر گهر، هٽو هٽ، مٺائي ٻٺائي، ڦٽ ڦٽ، ڪڙ ڪڙ، ڦٿاڦٽ ۽ ٻڪ ٻڪيو وغيره. انهن لفظن ۾ بنيادي روپ يا لفظ جو هُوبهو يا ڪي قدر تبديل سان ڌُهراءُ آهي. 'گهر گهر' ۾ 'گهر' لفظ ٻه دفعا آيو آهي. 'هٽون هٽ' ۾ 'هٽ' لفظ ڪي قدر تبديل سان ٻه دفعا ڪتب آيو آهي. 'ٻڪ ٻڪيو' ۾ 'ٻڪ' لفظ کي ٻه دفعا ڌهرائي، پٺيان 'يو' پڇاڙي لڳائي وئي آهي. اهڙن لفظن کي ڌُهراءَ وارا يا ڌُهرايل لفظ (reduplicatede words) چئجي ٿو" (47)



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جيٽلي صاحب، سندس مقالي ۾ (صفحي 28 تي) لفظن جي قسمن جو جيڪو خاڪو ڏنو آهي، ان ۾ڌهرايل لفظن کي 'مشتق' (derived) قسم وارن لفظن ۾ شامل ڪيو اٿس ۽ صفحي 40 تي انهن کي 'ٻُهرايل مرڪب' لفظن جو سرو ڏيئي لکي ٿو:

"ڌهرايل (reduplicated compound words) لفظن جي رچنا، عام رواجي لفظن کان علحدي آهي، اهي مرتب هوندا آهن (جيئن ٻڪ ٻڪيو ڦڻڦڻي) يا مرڪب هوندا آهن. ٻُهرايل لفظن ۾ بنيادي لفظ سمورو يا انهيءَ جو ڪو حصو ٻُهرايو ويندو آهي. اِهو ٻُهراءُ بنيادي روپ جي اڳيان يا پٺيان، اندروني تبديل سان گڏ، يا انهيءَ ڪانسواءِ، يا ٻُهراءَ جي وچ ۾ ڪو ظرف وجهڻ سان گڏ هوندو آهي." (48).

جيٽلي صاحب صفحي 41 تي، هن قسم وارن لفظن جا ڪيترا ئي مثال به ڏنا آهن.

مون 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب (ڇاپو ٻيهريون) ۾ صفحي 60 کان وٺي صفحي 65 تائين هن موضوع تي، 'تڪرار' (reduplication) جي عنوان سان ۽ مثالن جي مدد سان بحث ڪيو آهي. ٻُهرايل لفظن کي مون 'پورن' (مڪمل) ۽ 'آپورن' (partial) قسمن ۾ ورهايو آهي. منهنجي سمجهه مطابق ٻُهرايل (مڪرر) لفظن کي نه مرڪب لفظ چئبو ۽ نه ئي وري مرتب لفظ چئبو. پل پل، دم دم وغيره مقرر يا ٻُهرايل لفظ آهن، جن کي 'ٻٽا لفظ' ته چئي سگهجي ٿو پر مرڪب لفظ هرگز چئي نه سگهبو. مون مذڪوره ڪتاب ۾ (سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس) مرڪب ۽ مرتب لفظن جي گهاڙيٽن جو ذڪر ڪندي لکيو آهي ته:

"سنڌي بزرگ وياڪرڻين نه فقط مرتب ۽ مرڪب لفظن جي وصف، ۽ سندن طرفان ڏنل مثالن ۾ ڪو به فرق ڪو نه ڏيکاريو آهي. پر لسانيات جي هڪ ٻئي نقطي، 'تڪرار' (reduplication) يعني 'مڪرر لفظن' جهڙوڪ: هنڌ هنڌ، وک وک، ويراوير، راند روند، هلڻ چلڻ، ڏسڻ وائسڻ ۽ ماني ٽاني وغيره جي مفهوم ۽ ڪارج کي به درست نموني نه سمجهايو آهي. 'تڪرار' جي مفهوم ۽ ڪارج تي، لسانيات جي اصولن موجب ڪنهن ڌار مقالي لکڻ جي ضرورت آهي" (49).

آءٌ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب سان، سندس هن راءِ (مقالي جي صفحي 40) سان اتفاق ڪريان ٿو، جنهن ۾ هن لکيو آهي ته:

"ٻُهرايل لفظن جي رچنا، عام رواجي لفظن جي رچنا کان علحدي آهي" (50)

پر ڊاڪٽر جيٽلي سان، سندس هن راءِ سان اختلاف ٿو ڪريان، جنهن ۾هن لکيو آهي ته "اهي 'ٻُهرايل لفظ) مرتب هوندا آهن (جيئن ٻڪ ٻڪيو ڦڻڦڻي) يا مرڪب هوندا آهن" (51).

جيڪڏهن ٻُهرايل لفظن مان ڪي مرتب آهن ۽ ڪي مرڪب آهن، ته پوءِ انهن لفظن جي رچنا کي عام رواجي لفظن جي رچنا کان علحدو ڇو سمجهجي، جيئن جيٽلي صاحب جو رايو آهي، ۽ جيڪڏهن انهن مان ڪي لفظ مرتب آهن ۽ ڪي مرڪب، ته پوءِ جيٽلي صاحب، پنهنجي مقالي تي ڏنل چارٽ ۾، انهن لفظن کي مشتق جو ٽيون قسم هجڻ جي دعوا ڪيئن ٿو ڪري؟ ڪيس ڪرڻ هيئن کپندو هو ته ٻُهرايل لفظن مان جيڪي مُرتب لفظ آهن، انهن کي مرتب لفظن جي لڙهيءَ ۾ شامل ڪري ها، ۽ انهن (ٻُهرايل) لفظن مان جيڪي مرڪب لفظ آهن، اُنهن کي مرڪب لفظن ۾ شامل ڪري ها. پر ائين ڪرڻ به غلط ٿيندو، ڇاڪاڻ ته وياڪرڻ ۾ انهن (ڌهرايل) لفظن جو ڪارج بلڪل نرالو آهي. انهن جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ به فرق آهي. تنهن ڪري انهن (ڌهرايل) لفظن جي ذخيري کي الڳ سري يعني 'ٻُهرايل يا ٻٽا لفظ' عنوان هيٺ ڌار قسم ڪري ڏيکارڻ وڌيڪ مناسب ٿيندو پر جيڪڏهن انهن جي رچنا، عام رواجي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

لفظن جي رچنا کان علحدي آهي ته پوءِ انهن (ڏُهرايل) لفظن کي ثانوي لفظ (مشتق) جو هڪ ڌار قسم قبول ڪجي ۽ انهن کي ڌار سري يا عنوان هيٺ رکجي. جيئن آمريڪي برطانوي ۽ بين ماهرن ڪيو آهي.

ڊاڪٽر جيٽلي صاحب سان سندس هن مقالي جي شايع ٿيڻ کان پوءِ هن موضوع (ڏُهرايل لفظن) تي مون اختلاف ڪيو هو ۽ ڪيس خط به لکيو هئم ته انهن (ڏُهرايل لفظن) ۽ اهڙن ٻين لفظن کي مرڪب لفظ سڏڻ منهنجي خيال ۾ مناسب نه آهي. منهنجي خط جي جواب ۾ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب، سندس خط مورخه 29 جون 1990ع ۾ لکيو ته:

"'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ۾ اوهان تڪراري لفظن (reduplicated words) کي جدا قسم ڄاڻايو آهي، اهو طريقو پڻ درست آهي. جيئن اندروني بناوت جي لحاظ کان تڪراري لفظ مرڪب ۽ مرتب لفظن جي قسمن جا ملن ٿا، انهيءَ ڪري انهن کي مرڪب ۽ مرتب لفظن جي دفعي ۾ هڪ نرالو قسم به ڳڻي سگهجي ٿو جيئن مون پنهنجي مضمون ۾ ڄاڻايو آهي. مطلب ته ٻئي طريقا ٺيڪ آهن".

جيٽلي صاحب 'ٻئي طريقا ٺيڪ آهن' جملو چئي، صحيح فتوي ڪا نه ڏني ۽ نه ئي وري هن منهنجي رهنمائي ڪئي، بلڪ هيءَ راهه ورتي: هيئن به سچڻ واهه واهه هوئڻ به سچڻ واهه واهه. جيٽلي صاحب جي جواب مون کي مطمئن نه ڪيو البت سندس مضمون ۾ لکيل هنن لفظن ته:

"ڏهرايل لفظن جي رچنا، عام رواجي لفظن جي رچنا کان علحدي آهي"، منهنجي رهنمائي ڪئي ۽ مون 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ڪتاب (ڇاپو پهريون) ۾ ڏنل نقشي ۾ ترميم آندي ۽ مون منهنجي ناهيل اڳوڻي نقشي ۾ ثانوي لفظن هيٺ ڏُهرايل لفظن جي عنوان هيٺ هڪ نئين قسم کي شامل ڪيو. لفظن جي قسمن جي سلسلي ۾ منهنجو ناهيل اهو نئون نقشو جيٽلي صاحب واري نقشي (ص 28) سان ڀيٽ هڪجهڙائي رکي ٿو نئون وڌايل / ڦيرايل نقشو هن ريت ٿيندو.

لفظ

ابتدائي يا بنيادي لفظ (مفرد لفظ)
(primary words)

ثانوي لفظ
(composite or secondary words)

ڏُهرايل يا ٻٽا لفظ
(reduplicated words)

مرڪب لفظ
(compound words)

مرتب لفظ
(complex words)

مطلب ته ڏُهرايل يا ٻٽن لفظن جي رچنا، سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾ عام رواجي لفظن يعني مرتب ۽ مرڪب لفظن جي رچنا کان علحدي آهي. جنهن تي گهڻي تحقيق ڪرڻ جي ضرورت آهي.

لهاذا 'سنڌي ٻوليءَ جي لفظن جا گهاڙيٽا' هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي يا ته تفصيل سان نئين سر لکجي ۽ يا ته ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جي Ph.D لاءِ پيش ڪيل ٿيسز ڇپائي پڌري ڪجي ته جيئن 'سنڌي لسانيات' جي 'علم صرف' (morphology) واري هن موضوع تي 'تشريحي لسانيات' (descriptive linguistics) ۽ سنڌي وياڪرڻ جي هن پهلوءَ موجب پڙهندڙن جي پياس پوري ٿي سگهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# حوالا:


1_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1987ع سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڇاپو پهريون، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
ص ص 13 کان 65.

2_ مرليڌر جيتلي، ڊاڪٽر: 1990ع سنڌيءَ ۾ مرڪب لفظ، ٽماهي مهراڻ 1990/4ع ۾ ڇپيل مضمون، ڄامشورو:
سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 25_ 42

3_ مرليڌر جيتلي، ڊاڪٽر، ايضاً ص 25

4_ مرليڌر جيتلي، ڊاڪٽر، ايضاً

5_ مرليڌر جيتلي، ڊاڪٽر: 1964ع سنڌي ٻوليءَ جي صرفي بناوت، Ph.D ٿيسز، پوني يونيورسٽيءَ ۾ 1964ع ۾
پيش ڪئي وئي. هن ٿيسز جو عنوان هو: Morphology of Sindhi

6_ حوالو 2، ص 26.

7- Baloch, B.R Trager, k.L. 1942, An out line of Linguistic Analysis, Linguistic Society of Ameraica, R53

Also see: Gleason, H.A, 1961, An Introduction to Descriptive Linguistics, revised edition, Rinebart and Wilson, Newyork: P.129

8- Gleason, H.A, 1961, Opcit, P.53

9_ سراج الحق ميمڻ، مقالو سنڌي ٻوليءَ جا وياڪرڻي مسئلا، ماهوار نئين زندگي ڪراچي

10- Bloomfield, L. 1961, Language, LondonL George Allen and Unwin Ltd. P. 209

11- Ergen A. Nida, 1962, Morphology, 2nd Edition, An Arbor, the University of Michigam Press, P. 81

Also See Gleason, H.A, Opcit, P.53

12_ مرليڌر جيتلي، ڊاڪٽر: ڏسو سوال 2، ص 81.

13_ ايضاً

14- Bloch B.2 Trager, K, 2, Opcit, Ref7. R. 54

15_ مرليڌر جيتلي، ڊاڪٽر، حوالو نمبر 2

16_ الانا، غلام علي ڊاڪٽر، حوالو نمبر پهريون، ص.20

17_ مرزا قليچ بيگ، 1960ع سنڌي وياڪرڻ ڀاڱو ٻيون، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ، ص.97

18_ مرليڌر جيتلي ڊاڪٽر، حوالو 2، ص.23

19_ ايضاً، ص 28

20_ الانا، غلام علي ڊاڪٽر، حوالو پهريون ص.23

21_ مرليڌر جيتلي، ڊاڪٽر: حوالو 2، ص.28

22_ پيرومل آڏواڻي، 1926ع وڏو سنڌي وياڪرڻ، حيدرآباد هندو پريس، ص.94





books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

23_ مرزا قليچ بيگ، حوالو نمبر 17، ص.188
24_ الانا غلام علي ڊاڪٽر، حوالو نمبر پهريون ص.28
25_ ايضاً، ص.25
26_ ايضاً
27_ مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر: حوالو نمبر 2، ص 28
28_ ايضاً
29_ ايضاً ص 81
30_ مرزا قليچ بيگ، حوالو 17، 94، 97 ۽ 188
31_ پيرومل آڏواڻي، حوالو 22، ص 286
32_ مرليڌر جيٽلي ڊاڪٽر: حوالو نمبر 2، ص 28
33_ ايضاً، ص ص 38 ۽ 39
34_ ايضاً ص 31
35_ ايضاً ص 40
36_ ء لامہ آءِ آءِ قاضي: 1967ع روزانہ عبرت اخبار ۾ ڏنل انٽرويو 22 آڪٽوبر 1967ع
۽ پڻ ڏسو سنڌي ٻولي تحقيقي جرنل حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ بااختيار ادارو اپريل - ۽ -جون 1994ع
شمارو جلد پيو سرورق جو اندريون صفحو.
37_ مرليڌر جيٽلي ڊاڪٽر: حوالو نمبر 2، ص 32
38_ ايضاً، ص— 33
39_ سراج الحق ميمڻ، حوالو نمبر 9
40_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: حوالو نمبر پهريون، ص ص 55_ 57
41_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر، حوالو پهريون، ص 58
42_ مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر، حوالو نمبر 2، ص 32
44_ مرزا قليچ بيگ، حوالو 17، ص 94
45_ ايضاً
46_ مرليڌر جيٽلي، حوالو 2، ص 30
47_ ايضاً، ص ص 40 ۽ 41
48_ الانا، غلام علي ڊاڪٽر: حوالو پهريون ص ص 23 ۽ 24
49_ مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر، حوالو نمبر 2، ص 40
50_ ايضاً
51_ ايضاً



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# عربي-سنڌي رسم الخط جي ابتدا لاءِ ماهرن جا ويچار

1. (الف) سنڌي زبان، دنيا جي ٻين زبانن وانگر هميشہ ۽ هر دور ۾ تحقيق ۽ تجسس جو موضوع رهي آهي، هر دور جي عالمن ۽ ودوانن، سنڌي زبان جي مختلف موضوعن تي کوجنا پئي ڪئي آهي. تحقيق مان معلوم ٿو ٿئي تہ قبلِ مسيح ۾ آيل چيني سياحن کان وٺي پوءِ جيڪي بہ ماهر ۽ ودوان، واديءِ سنڌ ۾ پهتا، انهن سنڌ جي ماڻهن، انهن جي ثقافت، رهڻي ڪهڻيءَ، معاشي ۽ معاشرتي حالتن ۽ ٻوليءَ جي باري ۾ پنهنجا قيمتي رايا ڏنا آهن. اهو سلسلو هر دور ۾ جاري رهيو آهي.

سنڌي ٻولي جيئن تہ قديم زماني ۾ روزمره جي استعمال، وڻج واپار، لوڪ ادب ۽ عوام جي وهنوار ۾ مروج ٻولي رهي آهي، انهيءَ ڪري سنڌ جي سماجي زندگيءَ تي سنڌي ٻولي بہ اثر انداز رهندي آئي آهي. سڀ کان وڏي ڳالهہ هيءَ آهي تہ قديم زماني کان وٺي هن ٻوليءَ کي هڪ کان وڌيڪ رسم الخط حاصل رهيا آهن، جنهن ڪري هيءَ ٻولي سدائين لکيل صورت ۾ بہ رهندي آئي آهي، جنهن ڪري ئي هيءَ ٻولي زنده ٻولين ۾ شامل رهي آهي، ۽ هميشہ زنده رهندي. لکڻ واري صلاحيت حاصل ڪرڻ سبب، هن ٻولي، پنهنجي سماج جي قدرن ۽ ان ۾ جيڪي تبديليون ايندڙيون رهيون آهن، تن کي رڪارڊ طور محفوظ رکيو آهي. مون پنهنجي هڪ مقالي بعنوان 'سنڌي لسانيات، صوتيات، لغت ۽ گرامر تي ٿيل تحقيق ۽ اشاعت' ۾ عرض ڪيو هو:

> "سنڌي ٻوليءَ جي اڀياس اندر سنڌ جي معاشي، معاشرتي زندگي، ذهني ۽ فڪري ترقيءَ جي تصوير چٽي نظر ايندي آهي. سنڌي ٻولي هڪ سماجي قوت، علم ۽ عقل جي اٿاهہ مهاساگر، لغت، معنيٰ ۽ علم ادب، خيالن ۽ اظهار جو هڪ گنج آهي. ٻين انساني ٻولين وانگر، هيءَ ٻولي بہ ڪنهن هڪ ماڻهو ڪنهن هڪ عالم يا ڪنهن هڪ ماهر يا استاد ويهي ڪا نہ ٺاهي آهي، پر ٻين انساني ٻولين وانگر، هيءَ ٻولي بہ قدرت طرفان عطا ٿيل آهي، ۽ هيءَ ٻولي سنڌ جي ڌرتي ۽ پوڻ سان گڏ وجود ۾ آئي، ۽ جڳان جڳ جيئندي، ترقي ڪندي، منزلون طي ڪندي، مقابلن کي منهن ڏيندي، سختيون سهندي، ساٿيهہ سان گڏ ساهہ کڻندي، اڳتي وڌي رهي آهي، ۽ وڌندي رهندي، ۽ انهيءَ لحاظ سان هن جون پاڙون سنڌي سماج ۽ سنڌ جي ڌرتيءَ اندر ايتريون تہ اونهيون کُتل رهيون آهن، جن کي اکوڙڻ ۽ پٽي ڪيڻ مشڪل ڪم ۽ ناممڪن ڪوشش آهي. هيءَ ٻولي هر زماني ۾ عوامي ٻولي رهندي آئي آهي، ۽ روزمره جي ماحول ۾ سدائين مروج، سدائين جاري ۽ استعمال واري، ۽ سندس حيثيت مواتر، سندس مقام هر زماني ۾ سدائين مجيل ۽ مؤثر رهيو آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ سنڌي ٻوليءَ جو سرچشمو سدائين عوام ئي رهيو آهي."[1]

2 (الف). سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي ارتقا جي سلسلي ۾ اهو عرض ڪيو ويو هو تہ سنڌي ٻولي، قديم

---

[1] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: 1983ع مقالو: سنڌي لسانيات، صوتيات، لغت ۽ گرامر تي ٿيل تحقيق ۽ اشاعت، سماهي مهراڻ، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان بہ گھڻو اڳ، عوام جي روزمره جي زندگي ۽ وهنوار ۾ ڪم ايندڙ ۽ روزانو استعمال ۾ ايندڙ زبان هئي، جنهن ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ کان سواءِ واپاري ۽ تاجر پنهنجو ليکو چوکو لکت ۾ رکندا هئا. ان زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جي لکت لاءِ مختلف رسم الخط ڪم ايندا هئا، جن جو ذڪر ۽ نالا، ڏار ڏار مقالن، مضمونن ۽ ڪتابن ۾ ملن ٿا.

(ب) هن سلسلي ۾ موهن جي دڙي واري لکت جي باري ۾ ڪنهن آخري راءِ، ثبوتن ۽ دليلن سان ظاهر ٿيڻ کان اڳ، سنڌ ۾ رسم الخط جا ٻيا ڪئي نمونا پڻ مليا آهن (2). جن ۾ برهمي ۽ کروشتيءَ کان سواءِ، ارڌناگري نموني تي ٺاهيل رسم الخطن جا جيڪي نمونا حاصل ٿيا آهن، اهي هي آهن:

(i) **لوهاڻڪو رسم الخط:** هي رسم الخط ٺٽي، برهمڻ آباد ٻين شهرن ۾ رهندڙ لوهاڻا استعمال ڪندا هئا.

(ii) **ڀاٽيا رسم الخط:** هي رسم الخط ٺٽي ۽ سکر جا ڀاٽيا ڪم آڻيندا هئا.

(iii) **لاڙائي يا لاڙي رسم الخط:** هي رسم الخط لاڙ ۾، لاڙي بندر، فتح باغ، جوڻ، رڙي، بدين، ۽ راهموڪي بازار جا عام ماڻهو ۽ واپاري ڪم آڻيندا هئا.

(iv) **راجائي رسم الخط:** هي رسم الخط ڏٻي، ميرپور ساڪري، جاکي بندر ۽ سنڌي بندر جا واپاري ۽ عام ماڻهو ڪم آڻيندا هئا.

(v) **ميمڻڪو رسم الخط:** هي رسم الخط ٺٽي، حيدرآباد، راهموڪي بازار ۽ ٻين شهرن جا ميمڻ (واپاري ۽ عام ماڻهو) ڪم آڻيندا هئا.

(vi) **خواجڪا اکر:** هي رسم الخط نو مسلم خواجہ جيڪي اڪثر لوهاڻن ۽ هندن جي ٻين ذاتين مان مسلمان ٿيا هئا، سي ڪم آڻيندا هئا. هي رسم الخط لوهاڻڪي خط ۾ تبديليون ۽ واڌارا آڻي پير صدر الدين طرفان ٺاهيو ويو هو.

(vii) **ڏاڪٽي لهندا رسم الخط:** هي رسم الخط چاچڪان سرڪار جي جوڻ، فتح باغ، بدين ۽ لاڙ جي ٻين حصن ۾ لوهاڻن ۽ ڀاٽين کان سواءِ ٻيا هندو واپاري ۽ عام ماڻهو ڪم آڻيندا هئا.

(viii) **لُنڊايا واڻڪا اکر:** هي رسم الخط ڀائيبند واڻيا، واپاري بندين ۾ ڪم آڻيندا هئا.

(ix) **ونگائي رسم الخط:** هي رسم الخط بدين طرف جي ونگي پٽڻ، ڪوچي، باغ جي پٽڻ، ٻنگهار جي شهر ۽ وَلهار جا واپاري ۽ عام ماڻهو ڪم آڻيندا هئا.

(x) **خداوادي رسم الخط (1):** هي رسم الخط خدا آباد جا واپاري ۽ عام ماڻهو ڪم آڻيندا هئا. هن کي واڻڪا اکر بہ چئبو هو.

(xi) **سيوهاڻي ٻاٻڙڪا اکر:** هي رسم الخط سيوهڻ ۾ ڪم آندو ويندو هو. سيوهڻ جا ٻاٻڙا قوم وارا واپاري ڪم آڻيندا هئا.

(xii) **شڪارپوري رسم الخط:** هي رسم الخط شڪارپور جا واپاري ۽ عام ماڻهو پنهنجو شڪارپوري رسم الخط ڪم آڻيندا هئا.

(xiii) **ساکرو رسم الخط:** هي رسم الخط سکر ۾ عام هوندو هو.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(xiv) **گرمکي اکر:** سنڌ ۾ گرو نانڪ جا پوئلڳ نانڪ – پنٿي هندو هي رسم الخط ڪم آڻيندا هئا.[1]

انهن کان سواءِ البيروني به ڪن رسم الخطن جا نالا ڏنا آهن، جيئن اڳتي بيان ڪيو ويو آهي. البيرونيءَ کان اڳ، اسان کي عرب سياحن جي سفرنامن مان، سنڌي ٻوليءَ جي رسم الخطن جي فقط تعداد جي باري ۾ معلومات ملي ٿي. هن (البيروني) عالم کان پوءِ انگريز ماهرن نه فقط رسم الخطن جا نالا ڏنا، پر انهن لکتن ۽ لپين جا نمونا پيش ڪيا.

(ب) هن ڏس ۾ ڀنڀور ۽ برهمڻ آباد جي کنڊرن جي کوٽاين مان حاصل ٿيل ٺڪرين تي لکيل اکرن، عرب سياحن جي دعويٰ کي دليل طور پيش ڪيو. ڀنڀور مان لڌل ٺڪرين کي پڙهڻ کان پوءِ،[2] نه فقط رسم الخط جي باري ۾ ڪجهه چيو ويو آهي، پر ان وقت ڪم ايندڙ سنڌي ٻوليءَ جي ساخت، سٽاءَ، مواد ۽ ٻوليءَ جي مزاج جي باري ۾ پڻ راءِ ڏني وئي آهي[3] . البت برهمڻ آباد (المنصوره) مان لڌل ٺڪرين تي لکيل اکرن (رسم الخط) جي باري ۾ اڃا ڪا راءِ يا رايو ڪو نه ڏنو ويو آهي، جنهن جي آڌار تي ڪجهه چئي سگهجي، پر ايترو سو چئي سگهجي ٿو ته ڀنڀور ۽ برهمڻ آباد جي کنڊرن جي کوٽائيءَ مان حاصل ٿيل ٺڪرين تي لکيل اکر ثابت ٿا ڪن ته هنن شهرن جا ماڻهو نه فقط پراڻي تهذيب ۽ ثقافت جا ڌڻي هئا، پر اُهي، پنهنجي روزاني زندگي، وهنوار ۽ اٿڻي ويهڻيءَ ۾ پنهنجي ٻولي (سنڌي) ڪم آڻيندا هئا، جيڪا هو نه فقط ڳالهائي سگهندا هئا، پر هو اها ٻولي باقاعدگيءَ سان لکي به سگهندا هئا.[4]

3. (الف) سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ جي سماجي، تجارتي، علمي، ادبي ۽ لساني ڪارج جي سلسلي ۾، اسان کي سڀ کان آڳاٽي ۾ آڳاٽي، ۽ ان وقت جي لحاظ کان گهڻي ۾ گهڻي معلومات، عرب سياحن جي سفرنامن مان ملي ٿي، انهن سياحن ۽ ماهرن ۾ (1) جاحظ (864ع) (2)[5] اصطخريءَ (951ع)[6] (3) المسعودي (957ع)[7] (4) ابن حوقل (245هـ/956ع)[8] (5) بشاري المقدسي (958ع)[9] (6) ابن نديم (985ع) ڏاري[10] ۽ (7) البيرونيءَ 1017ع کان 1031ع پنهنجن پنهنجن ڪتابن ۽ تذڪرن ۾، ان وقت جي ماڻهن جي حالت، ثقافتي ۽ سماجي

---

. Stack, G, Grammar of Sindhi Language, also seeL Aikten E.H, 1907, Gazzatteer of the Province of Sindh, Karachi: Merchantile Steam Press.

' Burton, R.F 1851, Sindh and the races that inhabit the valley of river Indus, W.H. Allen and Co. P.152.

[3] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: 84_ 1983ع مقالو: ڀنڀور جا آثار – سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جو مطالعو ٽماهي مهراڻ، ص ص 16 ۽ 62

[4] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: 84_1983 مقالو: ڀنڀور جا آثار_ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جو مطالعو ٽماهي مهراڻ ص ص_61_62.

[5] جاحظ: 1960ع رسالت فخر السودان علي البيضان، اردو ترجمو: هندوستان عربون کي نظر مين، حصہ اول اعظم ڳڙهہ حصو اول، دارلمصنفين، ص ص 73_ 74

[6] اصطخري: 1960ع المسالک الممالک، ايضاً، ص 375

[7] ابوالحسن المسعودي: مروج الذهب و معاون الجوهر ايضاً، ص ص 288 ۽ 289

[8] ابن حوقل، ڏار ڏر ملڪن جا نقشا تيار ڪيا، ان ۾ هن سنڌ جو نقشو پڻ ٺاهيو هو جو غالباً سنڌ جو پهريون نقشو هو جنهن ۾ پهريون دفعو سنڌ جي شهرن جا نالا عربي رسم الخط ۾ لکيائين.

[9] بشاري المقدسي: 1960ع احسن التقاسيم في معرفت، اردو ترجمو حوالو ڏنو ويو آهي، ص ص 386_356

[10] ابن نديم: الفهرست، اردو ترجمو جلد دوم، 1962ع، ص ص 3_4



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

زندگيءَ جي پهلوئن، وڻج واپار ۽ ٻوليءَ لاءِ مستعمل رسم الخط جو ذڪر ڪيو آهي. انهن سياحن، ماهرن ۽ محققن ۾ البيرونيءَ ته ان وقت جي چالو رسم الخطن جا نالا پڻ ڏنا آهن. هو لکي ٿو:

"ڏکڻ سنڌ ۾ ڪاري واري خطي تائين، 'مالو شائو' (Malwashau) نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي، ان کي 'مالواڙي' (ملقاري) به چئبو آهي، ٻهمنوا (المنصوره) ۾ 'سئندو' رسم الخط ڪم ايندو آهي. لاڙي خط 'لاڙي ديس' ۾ ڪم ايندو آهي. 'اردناگري' رسم الخط 'ڀاٽيا' ۽ سنڌ جي ڪن ٻين حصن ۾ استعمال ڪيو ويندو آهي"[1].

البيرونيءَ جي هن راءِ، ٻين عرب سياحن طرفان رسم الخط جي باري ۾ ڏنل معلومات، ڀنڀور ۽ برهمڻ آباد (المنصوره) مان رسم الخط جا حاصل ٿيل نمونا، جارج اسٽئڪ[2] ۽ سر گريئرسن جي جڳ مشهور تحقيق[3] مان ائين نٿو معلوم ٿئي ته سنڌي زبان لاءِ عربي-سنڌي رسم الخط يا عربي حروف تهجيءَ جي ابتدا ڪڏهن ٿي هئي؟ سنڌي صورتخطي ڪتاب (ڇاپي ٿئين) ۾ صفحي 27 تي، عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي عنوان هيٺ، هڪ سوال ڪيو ويو هو، اهو سوال هو:

"هي سوال اجا تحقيق طلب آهي ته سنڌ ۾ عربي- سنڌي صورتخطيءَ جي شروعات ڪيئن ٿي ۽ ڪڏهن ٿي؟"[4]

(ب) (i) ڊاڪٽر دائودپوٽي مرحوم جي خيال موجب:

"عربي-سنڌي خط جو قديم نمونو شاهه ڪريم بلڙائيءَ (1597ع 1683ع) جي ڪلام ۾ ملي ٿو. شاهه ڪريم کان پوءِ ٻين بزرگن جو ڪلام به عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکيل آهي"[5].

هن سلسلي ۾ البيرونيءَ جي راءِ جو جائزو وٺندي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

"پنهنجي هن بيان ۾ البيروني، ڪم از ڪم ٽن صورتخطين جو پتو ڏنو آهي، جيڪي 1020ع-1030ع واري عرصي اندر رائج هيون. ڀاٽيه (جيسلمير) ۽ سنڌ جي ڪن ڀاڱن ۾ يعني جيسلمير واري سرحد لڳ سنڌ جي اپرندين ڀاڱن ۾ 'اڌ-اکري ناگري' هلندڙ هئي. انهيءَ مان ڀانئجي ٿو ته اندازاً موجوده سکر، خيرپور، سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر ضلعن جي اپرندين ڀاڱن ۾ 'اڌ — اکري ناگري' هلندڙ هئي. سامونڊي ڪناري يعني موجوده ٺٽي ضلعي جي ڏاکڻي ڀاڱي ۾ 'ملقاري' رسم الخط رائج هئي. تاريخي اعتبار سان، درياءَ کان اولهه طرف ميرپور ساڪري واري علائقي ۾ آڳاٽي وقت کان 'لُڱامرا' قوم آباد هئي، ۽ ٿي سگهي ٿو ته انهن جي صورتخطي 'لُڱامري' ڏانهن اشارو هجي. وچ سنڌ واري علائقي ۾ گاديءَ جي شهر ٻهمنوا يا منصوره ۾ 'سيندَب' يعني 'سئندو' يا 'سنڌي صورتخطي' هلندڙ هئي. اها 'عربي-

---

[1] Sachau, E. c. 1910, Alberuni's India, London: Kegan Paul Trench Trubner, P.173

[2] See Stack G.Op. Cit.

[3] Grierson E. H. 1927, "Linguistic Servey of India, VolL viii.

[4] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: 1969ع سنڌي صورتخطي حيدرآباد: سنڌي زبان پبلڪيشن 27

[5] Daudpota, U.M., 1955 Article, Sindhi Literature, Cultural Heritage, of Pakistan, Karachi: Oxford University Press P.156.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌي' صورتخطي هئي، جيڪا پهرين منصوره واري علائقي ۾ استعمال ٿي، ۽ اتان آهستي آهستي سڄيءَ سنڌ ۾ رائج ٿي" [1]

(ii) ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو:

"عربي-سنڌي صورتخطيءَ جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو نمونو خود محقق بيرونيءَ جي لکت ۾ ملي ٿو. هن 'ملقاري' لفظ ۾ 'ق' حرف ڪم آندو آهي، 'مگر' (منگر) ۽ 'اڱل' (آڱر) لفظن 'گ' جي اُچار لاءِ 'گ' حرف ڪم آندو اٿس، يعني تہ خود محقق بيروني، سنڌ جي مقامي اُچارن کي ادا ڪرڻ لاءِ عربي حرفن مٿان ٽٻڪا ڏيئي نوان اکر ڪڍيا. [2]

(iii) عرب سياحن جي سفرنامن ۽ انهن کان اڳ جي لکيل تاريخي مواد جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ انهن ڪتابن ۾، سنڌ جي باري ۾ لکيل احوالن ۾ ڪيترن ئي مقامي سنڌي لفظن کي عربي رسم الخط ۾ لکڻ جو رواج يا ابتدا البيرونيءَ جي سنڌ ۾ آمد واري دور (1017-1031ع) کان گهٽ۾ اڳ ٿي چڪي هئي. البيروني 1017ع کان 1031ع واري عرصي ۾ سنڌ آيو. جڏهن تہ پهريون عرب سياح جاحظ هو جنهن جو احوال 864ع ۾ ملي ٿو يعني البيرونيءَ جي اچڻ کان 153 سال اڳ. جاحظ کان پوءِ هڪ ٻئي پٺيان ٻيا سياح بہ آيا. جيئن اصطخريءَ جو سن 951ع آهي؛ ابن حوقل جو سن 245هہ/956ع جي لڳ ڀڳ آهي؛ جاگرافيدان مسعودي 247هہ/957ع ڌاري سنڌ ۾ آيو. بشاري المقدسيءَ جي تصنيف جو سن 995ع/375هہ آهي؛ ابن نديم 397هہ/86-755ع ڌاري سنڌ جو احوال لکيو پر البيرونيءَ جو احوال 1017ع کان 1031ع واري عرصي جو آهي. انهن سيني سياحن مورخن، ماهرن ۽ جاگرافيدانن جي سفرنامن ۽ تذڪرن مان نہ فقط سنڌ جي ثقافت، وڻج واپار، علم ادب ۽ ٻين ڳالهين کي لکت ۾ بيان ڪيو ويو آهي، پر انهن سفرنامن مان سنڌي ٻولي، ان لاءِ ڪم ايندڙ رسم الخطن جي تعداد جي باري ۾ بہ خبر پوي ٿي ۽ البيرونيءَ تہ انهن رسم الخطن جا نالا بہ ڏنا آهن. انهن سفرنامن ۽ تذڪرن ۾ سنڌي ماڻهن، سنڌ جي ماڳن، مڪانن ۽ دريائن وغيره جا نالا عربي رسم الخط ۾ ڪجهہ تبديليءَ کان پوءِ ڏنا ويا. ان ڪري جو سنڌي زبان ۾ ڪافي وسعت اچي چڪي هئي. هزارن جي تعداد ۾ عربي ٻوليءَ جا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿي ويا ۽ سنڌي لغت جو حصو بڻيا.

4 (الف) توجهہ جي لائق هڪ ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ عرب سياحن ۽ جاگرافيدانن جي اچڻ واري عرصي جي لڳ ڀڳ ڪيترائي تاريخي ڪتاب قلمبند ٿي چڪا هئا. جن ۾ سنڌ ۾ اسلامي فتوحات جي باري ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو ويو هو. هن وقت تائين جن تاريخي ڪتابن جا نالا مليا آهن، انهن مان ڪي هي آهن.

(i) **فتوح البلدان:** هيءَ 'بلاذريءَ' جي لکيل تاريخ آهي، هن تاريخ ۾ هڪ باب، سنڌ جي فتوحات جي عنوان سان آهي. بلاذريءَ جي وفات 991ع/279هہ ۾ ٿي، يعني ابن حوقل کان 34-35 سال پوءِ.

(ii) **تاريخ يعقوبي:** هن تاريخ ۾، محمد بن قاسم جي سنڌ جي فتح جو احوال تفصيل سان ڏنل آهي. يعقوبيءَ جي وفات 254هہ ۾ ٿي.

---

[1] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڇاپو پهريون، حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز ص 74 ۽ 75

[2] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڇاپو پهريون، حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز ص ص 74 ۽ 75



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(iii) **تاريخ طبري:** هن تاريخ جو مصنف، ابوجعفر محمد بن جرير الطبري آهي. هيءُ 224هه ۾ ڄائو هو ۽ 310 هه ۾ وفات ڪيائين. هن تاريخ ۾ سنڌ جي فتوحات جي باري ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي ۽ حوالا به ڏنل آهن. گويا هن تاريخ جو مصنف ابن حوقل جو همر عصر هو.

(vi) **الڪامل في التاريخ:** هي ڪتاب، ابن الڪثير جو لکيل آهي. هي عالم 555هه کان 630هه تائين ٿي گذريو آهي. هن ڪتاب ۾ سنڌ جي اوائلي فتوحات جي باري ۾ ذڪر ڪيل آهي.

(v) **فتح نامہ سنڌ عرف چچنامو:** سنڌ جي تاريخ بابت هي پهريون مڪمل ڪتاب آهي. هي ڪتاب اصل ۾ عربيءَ ۾ لکيو ويو هو جنهن جو فارسي ترجمو 613هه (1213ع) ۾ ٿيو. هن ڪتاب ۾ هزارن جي تعداد ۾ سنڌ جي ماڻهن، ماڳن، دريائن، ندين، ڍنڍن، قومن ۽ ذاتين جا نالا، عربي- سنڌي حروف تهجيءَ ۾ ڏنل آهن.

(ب) انهن سيني تاريخي ڪتابن ۾سنڌ جي ڳوٺن، ماڻهن، دريائن، ماڳن ۽ مڪانن جا نالا عربي- سنڌي رسم الخط جي نموني ۾ لکيا ويا آهن. پر هن ڏس ۾ سڀ کان وڌيڪ اهم ڪتاب 'چچنامو' آهي، جنهن ۾ سنڌي ٻوليءَ جا هزارين لفظ عربي-سنڌي رسم الخط ۾ لکيل آهن، جيئن اڳ ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي.

عربن جي دورِ حڪومت ۾، سنڌي ٻوليءَ جي معيار، مقام ۽ شڪل جو ذڪر ڪندي ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

> ”عربي دور حڪومت ۾ ٻوليءَ ۾ مرڪزيت پيدا ٿي. سنڌ جي مختلف پاڳن ۽ قبيلن جي ٻولين ۾ وڌيڪ مرڪزيت پيدا ٿي، جنهن ڪري هڪ جامع سنڌي ٻوليءَ جي تشڪيل وجود ۾ آئي. سنڌ ۾، عربي دور جي ابتدا کان ئي عربن جون آباديون قائم ٿيون. سنڌ وارن جا عرب ملازمن، ڪاريگرن ۽ عالمن سان گهرا معاشرتي لاڳاپا پيدا ٿيا. عربن سنڌ کي پنهنجو وطن بنايو. سندن دائمي سڪونت سبب، عربن ۽ سنڌين جي وچ ۾ شادين مرادين ۾ مِٽين مائٽين جا سلسلا قائم ٿيا. عرب ۽ سنڌي پاڻ ۾ ايتري قدر ته سڱيڻا ٿيا، جنهن ڪري سنڌ وارن جي سماجي زندگيءَ تي اثر وڌيو. اسلام جي اثر ماڻهن جي روزانه زندگيءَ تي وڏو اثر ڪيو. انهيءَ اجتماعي نفسيات جو ٻوليءَ جي نفسيات تي اثر گهڻو پيو. بيشمار عربيءَ جا لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا، انهيءَ ڪري ٻوليءَ جي لغت ۾ واڌارو ٿيو. انهن ۾ مذهب، معاشيات، معاشرتي زندگي، زراعت، تجارت، ابلاغ، صنعت، مواصلات (Communication)، جنگ، انتظامي اُمور ۽ ٻين ڪيترن ئي شعبن جا لفظ داخل ٿيا“.[1]

(ت) اسلامي حڪومت جي اثر ڪري، جتي هزارن جي تعداد ۾ عربي لفظ سنڌي لغت جو حصو بڻيا، اُتي ٻنهي تهذيبن جي ميل جول ڪري، ڪيترائي سنڌي لفظ عربي ٻوليءَ ۾ شامل ٿي ويا. عرب سياحن ۽ محققن، پنهنجي سفر دوران، سنڌ ۾ بيشمار سنڌي لفظ عربي ٻوليءَ ۾ استعمال ٿيندي ڏٺا. سنڌي ٻوليءَ جي انهن ۽ اهڙن ٻين لفظن جي عربيءَ ۾ عام استعمال جو خاص سبب هي به هو جو ڪيتريون ئي پسارڪيون

---

1 نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر 1980ع حوالو ڏنل آهي، ص ص 74_75.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

شيون ۽ وکر، توڙي روزمره جي استعمال جا وڏ جهڙوڪ، 'ٿوم'، 'گرم مصالحو'، 'ڪپڙو'، 'ستيون ڦڪيون' ۽ پيون شيون، سنڌ جي منڊين ذريعي عربستان، ايران، بصري، بغداد، يمن ۽ ٻين ملڪن ڏانهن اُماڻيون وينديون هيون. سنڌي ويدن، ويڇن ۽ طبيبن، طب جي ڪتابن ۽ ويدن کي عربي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيو. انهيءَ ڪري سَوَن جي تعداد ۾ سنڌي لفظ معمولي صوتي تبديلين سان، عربي ٻوليءَ ۾ جيئن جو تيئن رکيا ويا، جيڪي اڄ بہ سڃاڻي سگهجن ٿا. البت ڪي لفظ گهڻي صوتي تبديل سبب، عربيءَ ۾ اهڙا تہ مدغم ٿي ويا، جو اهي هاڻ سڃاڻڻ ۾ ئي نٿا اچي سگهن. مثلاً اهڙا لفظ آهن:

| سنڌي لفظ | عربيءَ ۾ شموليت کان پوءِ | سنڌي لفظ | عربيءَ ۾ شموليت کان پوءِ |
|---|---|---|---|
| ٿوم | ثوم/فوم | کنڊ | قند[1] |
| سڙهہ | شرعه | ڪک | ڪخ |
| ڄت | زُط | گچ | قز |
| ڪاروبار/ڪاٻاڙو | قباله | ڪپور | ڪافور |
| ڦردو | فرضه | نيل | نيلج |
| ڪرمچ | ڪرمز | ڪرڻ ڦل | قرنفل |
| پوتي/پوتو | فوطه | جاءِ ڦل | جائفل |
| هندورو | هندول | ترِڦلو | اَطرفل |
| ٻيانو | بعيانہ | سِک | سِخ |
| ڇيٽ | شِيت | | |

(ث) اهڙيءَ طرح هيٺ مثال طور اهي سنڌي لفظ ڏجن ٿا، جيڪي سنڌ ۾ رهندڙ عربن جي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا، جن کي هنن جيئن جو تيئن قائم رکيو. اهڙن لفظن مان ڪي هي آهن:

| سنڌي | عربيءَ ۾ شموليت کان پوءِ | سنڌي | عربيءَ ۾ شموليت کان پوءِ |
|---|---|---|---|
| انب | انبه، انبج | سڪاڻ | سُڪان |
| ٻت | بهطه، بهطا | ڪات | قاطع |
| ڪاسو | ڪاسه | مُترڪو | مطرقه |
| سنداڻ | سندان[2] | هليلا | هليله |
| آڪرو | عاڪره | | |

مٿي ڏنل لفظن توڙي اهڙن ٻين لفظن کي عربي حروف تهجيءَ ۾ لکڻ لاءِ ڪيترن ئي سنڌي آوازن کي، عربي اکرن ۾ لکيو ويو يا عربي اکرن ۾ واڌارو ڪري نوان اکر جوڙيا ويا، ڇو تہ عربي رسم الخط ۾ اُنهن سنڌي آوازن لاءِ حروف هئا ئي ڪو نہ. مثلاً:

[1] سيد سليمان ندوي: 1930ع عرب و هند ڪي تعلقات هندوستان اڪيڊمي، ص 69 ۽ پڻ ڏسو بزرگ بن شهريار: "عجائب الهند"، اردو ترجمو ص 202

[2] جاحظ: 1960ع رسالہ فخر السودان علي البيضان، اردو ترجمہ حوالو ڏنل آهي، ص 55



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| سنڌي آواز | عربي سنڌي حروف | سنڌي آواز | عربي سنڌي حرف |
|---|---|---|---|
| ڦ | ف | ک | ڪ |
| ڙ | ر | پ | ف |
| ڻ | ن | گ | ق/ک |
| ڀ | ٻه | ڱ | نگ |
| ٿ | ف/ث | ڃ | نج |
| ٻ | ب | | |

(ج) سنڌي ٻوليءَ جا اُهي لفظ جيڪي 'او' پڇاڙيءَ وارا هوندا هئا، اهڙن لفظن کي عربي – سنڌي رسم الخط ۾ لکڻ لاءِ 'او' کي 'ـه' ۾ تبديل ڪيو ويو. مثلاً:

| سنڌي | عربي |
|---|---|
| مترڪو | مطرقه |
| ڪاسو | ڪاسه |
| بيانو | بيانه |
| ڪاٻاڙو | قباله |
| ڦڙدو | فرضه |
| توتيو | توتيه |

5 (الف) اٺين صدي عيسويءَ ۾ بغداد جي عباسي خليفن، سنڌ مان ڪيترائي پنڊت، ودوان، طبيب ۽ ويد گهرايا، ۽ ڪين تعليمي ۽ طبي عهدن تي مقرر ڪيو.[1] انهن مان ڪِن جا نالا هئا: پنڊت ماڻڪ، پنڊت پلو، پنڊت ڏنو پنڊت ٻکر ۽ پنڊت گنگو وغيره. انهن پنڊتن، ودوانن، ويدن ۽ حڪيمن بغداد ۾ رهي، عربي زبان ۾ ويد، طب، ستارن جي علم ۽ ٻين علمن جا ڪتاب ترجمو ڪرڻ ۾ مدد ڪئي. هنن جڙين ٻوٽين، پسارڪي وٿن ۽ وکرن ۽ دوائن جا ڪيترائي سنڌي لفظ ۽ نالا جيئن جو تيئن عربيءَ ۾ قائم رکيا. اهڙن لفظن جانالا اڳ ۾ ڏنا ويا آهن ۽ اڳتي پڻ مثال طور ڏنا ويندا. هن ڏس ۾ ڊاڪٽربلوچ صاحب جو خيال آهي ته :

"عربن ۽ سنڌين جي مسلسل ميل جول ۽ عرب عالمن جي سنڌي داني ۽ علمي تصنيفن جي اضافي سان، لفظن جي اُچارن جي صحت ۽ صورتخطيءَ تي توجهه ٿيو. سنڌ ۾ ئي اڪثر سنسڪرت ڪتابن جا ترجما شهر منصوره ۾ ٿيا. جيڪي قابل عالم ۽ اديب موجود هئا، ۽ سنڌيءَ سان گڏ 'هندي'، ٻولين جا پڻ ڄاڻو هئا، تن يقيني طور ترجمن وقت لفظن جي صحت ۽ صحيح تلفظ تي ڌيان ڏنو هوندو. هن علمي ماحول ۾ سنڌي ٻوليءَ

[1] بزرگ بن شهريار: 1960ع عجائب الهند، حوالو ڏنو ويو آهي، ص 101 ۽ پڻ ڏسو سيد سليمان ندوي: حوالو ڏنو ويو آهي، ص ص 67 ۽ 69



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي لفظن کي صحيح صورتخطيءَ مطابق لکيو ويو. جنهن ڪري اڄ بہ سنڌي لفظن جي ذريعي اصلي پراڪرت لفظن جو پتو لڳائي سگهجي ٿو. سنڌي ٻولي، پهريون پيرو عربي رسم الخط ۾ لکجڻ لڳي". [1]

(ب) سنڌ جي عالمن ۾ ابو عطا سنڌي ٻي صدي هجريءَ ۾هڪ وڏو سنڌي عالم ۽ شاعر ٿي گذريو آهي. هن پنهنجي دور ۾ سنڌي لفظن کي عربي- سنڌي حروف تهجيءَ ۾ لکيو هوندو. اهڙيءَ طرح ابو معشر سنڌي، تاريخ جو وڏو راوي ٿي گذريو آهي. هن بہ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ لکيا هوندا. اهڙيءَ طرح ابو ضلع سنڌي ۽ ٻيا سنڌي عالم بہ سنڌي ٻوليءَ جا لفظ عربي — سنڌي رسم الخط ۾ لکندا هوندا. هڪ طرف سنڌي نسل جي عالمن، عربي علوم ۾ شهرت حاصل ڪئي تہ ٻئي طرف وري عربي نسل جي عالمن، سنڌ ۾، سنڌي ۽ هندي ٻولين جي مطالعي ۾ مهارت حاصل ڪئي. سنڌ ۾ هڪ طرف منصوره علم ادب جو مرڪز هو تہ ٻئي طرف ديبل بہ پنهنجو مٽ پاڻ هو. هن سلسلي ۾ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ:

"سرزمين سنڌ ۾ نہ صرف عربيءَ جي اڀياس لاءِ درسگاهون هيون، مگر سنڌي بلڪ هند جي زبانن جي مطالعي لاءِ بہ جوڳو بندوبست ٿيل هو. سنڌ ۾، سنڌي توڙي عربي ٻنهي ٻولين کي وڏي اهميت هئي، ڇو تہ عربن ۽ سنڌين جي گڏيل رهڻي ڪهڻيءَ سبب ٻئي، هڪٻئي جي ٻولي سمجهندا ۽ ڳالهائيندا هئا. سيني عرب سياحن جو بيان آهي تہ سنڌ ۾ سنڌي توڙي عربي ٻولي، ٻئي رائج هيون، جنهن مان ثابت آهي تہ عرب حڪومت، سنڌي ٻوليءَ کي وڏي اهميت ٿي ڏني ۽ ان جي ترقي ۽ واڌاري جو باقاعده انتظام هو[2]."

(ت) سيني محققن جو هي بہ رايو آهي تہ 'سنڌي زبان' جي هڪ شاعر، سنڌي زبان ۾، بغداد جي برمڪي وزيرن جي تعريف ۾ هڪ قصيدو ٺاهيو. هي قصيدو يحيٰ برمڪيءَ جي درٻار ۾ پڙهيو ويو. ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو خيال آهي تہ:

"جيئن تہ هارون الرشيد، جعفر بن يحيٰ برمڪيءَ کي 187ع ۾ مارايو هو انهيءَ ڪري ان مان ظاهر آهي تہ بيت 187هہ کان اڳ قلمبند ڪيو ويو هوندو". [3]

اهو بيت هو:

اره بره كنكره كرا كري مندره

هن مصرع مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻوليءَ کي عربي — سنڌي رسم الخط ۾ پهريون ڀيرو 187هہ کان بہ اڳ ۾ لکيو ويو هو. يعني سنڌي زبان ۾ چيل هن بيت جي عربي — سنڌي رسم الخط ۾ هيءَ پهرين لکڻي آهي، جيڪا هاڻ اهڙي صورت اختيار ڪري چڪي آهي، جو اصل لفظن جي مفهوم جو پتوئي نٿو پوي. انهيءَ هوندي بہ بقول ڊاڪٽر بلوچ صاحب تہ:

---

[1] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: حوالو ڏنو ويو آهي، ص 49

[2] ايضاً حوالو ڏنو ويو آهي. ص 60

[3] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر 1980ع حوالو ڏنو ويو آهي، ص 60



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

”هيءُ آڳاٽو حوالو سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لاءِ هڪ قيمتي وٿ آهي. هي سنڌي ٻوليءَ جو عربي-سنڌي صورتخطيءَ ۾ سڀ کان پهريون لکيل نمونو آهي.“ [1]

6 (الف) چوٿين صدي هجري (ڏهين صدي عيسوي) جي وچ ڌاري، يعني ته عرب حڪومت جي قائم ٿيڻ کان وٺي ٻن اڍائي سون سالن واري عرصي ۾، سنڌي ۽ عربي ٻنهي ٻولين کي اهميت حاصل هئي. هن دور ۾ عرب، سياح ۽ جاگرافيدان سنڌ ۾ آيا، جن جو مٿي ذڪر ڪيو ويو آهي. انهن سنڌ ۽ سنڌي زبان جي باري ۾ اکين ڏٺا احوال قلمبند ڪيا. انهن جي احوالن مان ظاهر ٿو ٿئي ته سنڌ کان ملتان تائين، سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي. هنن سنڌي زبان جي مختلف محاورن ۽ رسم الخطن جو به ذڪر ڪيو آهي. البيرونيءَ ته پنهنجي ڪتاب، ’ڪتاب الهند‘ ۾ 1017ع کان 1031ع تائين واري عرصي ۾ پشاور کان وٺي ملتان تائين، هند-سنڌ جي ماڻهن جي تهذيب ۽ ثقافت جو مطالعو ڪيو ۽ ان جو ذڪر پڻ ڪيو. البيرونيءَ کان اڳ آيل سياحن ۽ جاگرافيدانن، پنهنجن سفرنامن ۾ جابجا اصل سنڌي، هندي ۽ سنسڪرت وارا لفظ ۽ فقرا، جدولون، ماڻهن، ماڳن، مڪانن، دريائن ۽ جڙين ٻوٽين جا نالا، ان وقت ۾ رائج مقامي ٻولين جا لفظ عربي – سنڌي رسم الخط ۾ ڏنا آهن. البيرونيءَ سميت سيني ماهرن، خالص سنڌي حروف، عربي رسم الخط جي حروفن ۾ تبديليون آڻي جوڙيا. اهڙيءَ طرح سنڌي ٻوليءَ جا ڪي لفظ ان وقت عربي حروف تهجيءَ جي مدد سان، جنهن نموني جوڙي لکيا ويا، ان نموني کي عربي- سنڌي حروف تهجي چئي سگهجي ٿو ۽ اها دعوا ڪري سگهجي ٿي ته عربي- سنڌي رسم الخط جي ابتدا 187 هه کان اڳ ٿي چڪي هئي، جنهن جو هڪ نمونو ’اره بره ڪنڪره، ڪرا ڪري مندره‘ مان ته ملي ٿو پر ٻيا نمونا ابو عطا سنڌي، ابو معشر سنڌي ۽ ابو ضلع سنڌيءَ جي لکڻين ۾ به ڳولڻ کپن. هن جا ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:

| علائقن/ملڪن جا نالا | | | | ڳوٺن، ماڳن، مڪانن ۽ شهرن جا نالا | | | | ماڻهن جا نالا | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| سنڌي | عربي | عربي حروف | سنڌي حروف | سنڌي | عربي | عربي حروف | سنڌي حروف | سنڌي | عربي | عربي حروف | سنڌي حروف |
| مڪران | مکران | ک<br>ن | ڪ<br>ن | ٻڏا<br>ڪيچ | بده<br>کيز | ب<br>ز | ٻ<br>چ | راسڪ | راسک | ک | ڪ |
| توران | طوران | ط | ت | ڪنزپور | قنزپور | ق<br>ب | ڪ<br>پ | ٻلهرا<br>رتن<br>(رياضي دان جو نالو) | –<br>رتن | –<br>– | –<br>– |
| سبي | سيوي | س<br>و | س<br>ٻ | برهمڻ آباد<br>ٻرج | برهنا باد<br>بهرج | ن<br>ٻه | ڻ<br>ٻ | گنگو<br>(طبيب جو نالو) | کنکہ | ک | گ |
| پنج آب | بنج آب | ب | پ | اروڙ | الرور | ر | ڙ | سنجهر<br>(طبيب جو نالو) | سنجهل | جهه<br>ل | جهه<br>ر |
| | | | | مهراڻ | مهران | ن | ڻ | ڏاهر | داهر | د | ڏ |

[1] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1980ع حوالو ڏنو ويو آهي. ص 63.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| | | بلڙي بلري | ر ڙ | مالڪ منڪ<br>(طبيب جونالو) | ن ڻ<br>ک ڪ |
| | | مستونگ مستنج | گ ج | ڏنو دهن<br>(طبيب جونالو) | دھ ڏ |
| | | ڪنگ/ڪنگو ڪنک<br>ڪنيات ڪنبايہ | ک گ<br>کہ ک | پلو پهلہ<br>(طبيب جونالو) | بھ پ |
| | | بڪار بکار<br>بکر باگهر | ک ڪ<br>کھ ک | جوڏو جودر | در د |

| ميون جانالا | | ڪاڌا، طعام ۽ داليون | | جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جانالا | |
|---|---|---|---|---|---|
| سنڌي عربي | حروف | سنڌي عربي | حروف | سنڌي عربي | حروف |
| | عربي سنڌي | | عربي سنڌي | | عربي سنڌي |
| ليسو ليمولہ | – – | سنبوسا سموسک<br>(مختلف مغزن ۾ پڪل<br>گوشت) | | ڪرڙقل ڪزنفل | ن ڻ<br>ف ڦ |
| انب انبج | – – | | | | |
| نارنگي نارنج | ج گ | مڱ منج | ج ڃ | دارچيني دارصيني | ص چ |
| ميوا مهوا | – – | ڪچڙي ڪشري | ک ڪ<br>ش چ<br>ر ڙ | چندن صندل | ص چ |

(ب) چچنامو اصل ۾ عربي ٻوليءَ ۾ لکيو ويو هو جنهن کي پوءِ ’علي ڪوفي‘ نالي هڪ عالم سنہ 613 ھ (1216ع) ڌاري فارسيءَ ۾ ترجمو ڪيو. اُن ۾ نج سنڌي لفظن کي عربي- سنڌي صورتخطيءَ ۾ هيٺ موجب لکيو ويو:

| موجوده سنڌي صورتخطي | عربي سنڌي رسم الخط | حروف | |
|---|---|---|---|
| ٻڌ رکو | بده رکهو | عربي | سنڌي |
| | } | ب<br>دھ<br>کھ | ٻ<br>ڌ<br>ک |
| ياٽيا | بهاتيہ } | بھ<br>ت | ڀ<br>ٽ |
| ڀٽي | بهتي } | بھ<br>ت | ڀ<br>ٽ |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| ٽاٽو | تانہ | ت<br>ن | ٽ<br>ڻ |
| جھم | جھيم | جھ | جھ |
| راوڙ | راؤر | ر | ڙ |
| ٻيٽ | بيت | ب<br>ت | ٻ<br>ٽ |
| ٽڪر | تکر } | ک<br>ت | ڪ<br>ٽ |
| ڪاڪا راڄ | کاکا راج | ک<br>ج | ڪ<br>ڄ |
| ڍنڍ | دندھ | دھ<br>د | ڍ<br>ڍ |
| ڏاهر | داہر | د | ڏ |
| جوڻو | جونہ | ن | ن |
| چڱي | چنگي | گ | ڱ |

(ت) مرحوم عبدالڪريم لغاري، چچنامي ۾ نج سنڌي آوازن لاءِ ڪم آيل جيڪو عربي-سنڌي حروفن جو چارٽ ڏنو آهي، سو هيٺ نقل ڪري ڏجي ٿو:

| نج سنڌي آوازن لاءِ موجوده سنڌي صورتخطيءَ ۾ حرف | چچنامي ۾ ڪم آندل حرف |
|---|---|
| ٻ ءِ ڌ | ب + دھ |
| ڀ ءِ ڌ | بھ + د |
| ٻ ءِ د | ب + د |
| ٽ ءِ ڍ | ت + دھ |
| ٽ ءِ ڙ | ت + ر |
| ٽ ءِ ڪ | ت + ک |
| ق ءِ ڳ | ؟ + گ |
| ڄ ءِ گھ | ج + گھ |
| جھ ءِ ڱ | جھ + لگ |
| ڃ ءِ ڻ | نج + ن |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

لغاري صاحب لکي ٿو تہ:

”مٿئين چارٽ کي ڏسڻ کان پوءِ هيءَ ڳالهہ البت ڏيان ۾ رکڻي پوندي تہ ان وقت جي انهن عربي ۽ فارسيءَ جي مصنفن، سنڌي لفظن کي لکڻ وقت سنڌي الف-ب ٺاهڻ جو قصد ڪري، نج سنڌي اُچارن لاءِ مٿيان حرف مقرر نہ ڪيا، محض پنهنجي مقصد کي ظاهر ڪرڻ خاطر انهن اهي حرف مقرر ڪيا ۽ لکيا، تاهم اڳتي هلي ٻين فارسيدانن بہ اها ئي واٽ ورتي ۽ نج سنڌي اچارن کي انهن ئي حروف ۾ تحرير ڪيو“[1].

(ٿ) مٿي ڏنل لفظن جي لڙهين جي جائزي کان پوءِ، ائين چئي سگهجي ٿو تہ عرب ماهرن، سنڌيءَ جي خاص آوازن لاءِ عربي حروفن جي مدد ورتي ۽ انهن ۾تبديليون آڻي، سنڌي آوازن لاءِ عربي- سنڌي حروف جوڙيا. هنن اهي نوان ٺاهيل حروف ڪم آڻي، انهن جي مدد سان نج سنڌي آواز لکيا ۽ حروفن جون چار ئي صورتون- ابتدائي، وچين، آخري ۽ سالم – ڪم آنديون.

مثلاً 'ب' جو مثال ونو:

| ابتدائي صورت | وچين صورت | آخري صورت | سالم صورت |
|---|---|---|---|
| بـ | ـبـ | ـب | ب |

(7) (الف): حاصل مطلب تہ عرب ماهرن، محققن ۽ مؤرخن، سنڌي ماڻهن، ماڳن، مڪانن، جڙين ٻوٽين وغيره لاءِ عربي – سنڌي حروف تهجيءَ لاءِ عربيءَ جا 28 حروف ڪم آندا، جن ۾ 16 حروف اُهي هئا، جيڪي عربي ۽ سنڌي زبانن ۾ عام طور ڪم ايندا هئا، 13 حروف اهي هئا، جيڪي خالص عربي آوازن لاءِ ڪم ايندا هئا، ۽ اهڙيءَ طرح نج سنڌي آوازن لاءِ 23 حروف عربي حروفن ۾ واڌارا يا ڦيرڦار آڻي، ٺپڪا ڏيئي جوڙيا ويا، تفصيل هن ريت آهي:

**عربي ۽ سنڌيءَ ۾ هڪجهڙن آوازن لاءِ حروف:**

ا، ب، ت، ج، د، ر، ز، س، ش، ل، ڪ، م، ن، و، هہ ۽ ي = جملي 16 حروف، عربن 'ک'، حرف 'ڪ' لاءِ ڪم آندو.

**عربيءَ جي خالص آوازن لاءِ حروف:**

ث، ح، خ، ذ، ص، ض، ط، ظ، ع، غ، ش، ف ۽ ق = جملي 13 حروف.

**خالص سنڌي آوازن لاءِ جوڙيل عربي–سنڌي حروف:**

| نج سنڌي آواز | جوڙيل حرف | نج سنڌي آواز | جوڙيل حرف |
|---|---|---|---|
| ٻ | ب | ڇ | ش |
| پ | ف | ڃ | – |
| ڀ | ٻهہ | ڌ | دهہ |
| ٿ | ف/ت | ڏ | د |

[1] عبالڪريم لغاري: 1976ع سنڌي الف – ب جي ارتقا، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي سنڌ يونيورسٽي، ص ص 32 ۽ 33.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| ٿ | تر | ڊ | در | |
| ٽ | ت | ڍ | در | |
| ڦ | ف | ڙ | ر | |
| ڄ | ج | ک | ک | |
| جھ | جھ | ک | گ | |
| ڃ | نج | ڳ | گ | |
| | | گھ | گھ | |
| | | ڱ | نگ/لج | |
| | | ڻ | ن | جملي 23 حروف |

اهڙيءَ طرح، عربي_سنڌي حروف تهجيءَ لاءِ جملي 52 حروف ڪم آندا ويا، جن جي مدد سان عرب سياحن، مؤرخن، ماهرن ۽ محققن سنڌي ٻوليءَ جا لفظ لکي، پهريون پيرو عربي_سنڌي رسم الخط جي شروعات عربن جي ابتدائي دور ۾ ڪئي. هنن جي لکت مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌيءَ جي سُر صوتين لاءِ آٺَ حروف ڪم آندا ويا، اهي آهن:

اَ، آ، اِ، اِي، اُ، اوُ اي ۽ او.

(ب) هن سلسلي ۾ سڀ کان وڏي مدد چچنامي، البيرونيءَ جي تحقيق 'ڪتاب الهند' ۽ ٻين عرب عالمن ۽ ماهرن جي تذڪرن ۽ سفرنامن مان ملي ٿي. چچنامي ۾ ته هزارين نج سنڌي لفظ ڪم آندل آهن، جن ۾ ماڻهن جا نالا، ملڪن، ماڳن، مڪانن، ذاتين، قومن، قبيلن، دريائن، ڍنڍن، واهن ۽ شين جا نالا اچي وڃن ٿا. اهڙيءَ طرح عرب سياحن ۾ جاحظ، اصطخري، ابن حوقل، مسعودي، بزرگ بن شهريار ۽ ابن نديم به گهڻائي نج سنڌي لفظ عربي_ سنڌي رسم الخط ۾ لکيا آهن، جيڪي هن ڏس ۾ ڪا راهه قائم ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

(ت) چچنامي کان پوءِ، گهڻي ۾ گهڻا نج سنڌي لفظ محقق البيرونيءَ بيان ڪيا آهن. هن چيو ته 'ڪتاب الهند' ته سنڌ ۽ هند جي سماجي ۽ ثقافتي تاريخ آهي، جنهن ۾ ٻاڻيٽي جي انگن کان سواءِ، ڏينهن، هفتن، مهينن ۽ رنگن جا نالا، علم هيئت جا لفظ گرهن ۽ سيارن جا نالا، طرفن ۽ ڏسن جا نالا، مهل ۽ گهڙيون، جدولون، مفاصلي جي ماپ لاءِ لفظن جون لڙهيون وغيره ڏنيون ويون آهن. انهن مان ڪي هي آهن:[1]

| سخاؤ جي ڪتاب جو صفحو | البيرونيءَ جا لکيل لفظ | موجوده سنڌي | حروف البيروني | سنڌي |
|---|---|---|---|---|
| 19 | مليج | مليڇ | ج | ڇ |
| 40 | دهرم | ڌرم | ده | ڌ |
| 42 | وِديت | وڄ | ڏيَ | ڄ |
| 62 | روپ | روپ | پ | پ |

[1] غلام علي الانا، ڊاڪٽر: 1969ع سنڌي صورتخطي، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد: سنڌي زبان پبليڪيشن، ص ص 93 ۽ 98

۽ پڻ ڏسو: نبي بخش بلوچ: ڊاڪٽر: 1980ع سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، حوالو ڏنل آهي. ص71



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| 70 | سرڪش | موک | ڪش | ک |
| 101 | ڪشتري | کتري | ڪش | ک |
| 115 | سموندر | سمنڊ | در | ڊ |
| 116 | وِنستي | وِتي | ست | ٿ |
| 117 | جيتر | چيٽ | تر | ٽ |
| 117 | جيشت | چيٺ | ج<br>شت | ڄ<br>ٺ |
| 117 | باگن | ڦڳڻ | ب<br>گ<br>ڻ | ڦ<br>ڳ<br>ن |

(ث) اهڙيءَ طرح ٻيا بہ بيشمار لفظ ’ڪتاب الهند‘ ۾ مطالعو ڪري سگهجن ٿا. البيرونيءَ جي طرفان ڏنل لفظن جي اڀياس مان، اُن وقت جي رائج سنڌي لفظن جو ’صوتياتي‘ (Phonetical) ۽ ’اصواتي‘ (Phonological) جائزو توجهہ جي لائق آهي. هڪ تہ هُن (البيرونيءَ)، نج سنڌي آوازن لاءِ ٻہ ٻہ نوان حرف جوڙيا ۽ ٻيا تہ اُن آواز جي ويجهو عربي حروف رکي پنهنجو مقصد ظاهر ڪيو اٿن. مثال طور:

| سنڌي آواز | جوڙيل حروف | سنڌي آواز | ويجهو حرف | سنڌي آواز | ويجهو حرف |
|---|---|---|---|---|---|
| نوان جوڙيل حروف | | | نج سنڌي آوازن جي ويجهو حرف | | |
| ڌ | ڌه | ڄ | ج | ٿ | ت |
| ڊ | در | ڦ | ب | ڳ | ک |
| | | ڳ | ک | | |
| | | ڻ | ن | | |
| | | ڄ | ج | | |
| | | ڃ | ج | | |

(ج) اهڙيءَ طرح سنسڪرت جي مرڪب آوازن (Compound sounds) لاءِ ’سَنڌيءَ جي قانون‘ (Law of assimilation) جو سهارو ورتو اٿس. سَنڌيءَ جي قانون موجب، مرڪب آواز ۾ ڪم ايندڙ آواز هڪ ٻئي تي اثر ڪري ڪنهن نئين آواز ۾ تبديل ٿي ويندا آهن. هيٺ البيرونيءَ جا ڏنل مثال ڪٺي اهو قانون سمجهايو ويو آهي:

| البيرونيءَ وارو لفظ | مرڪب آواز | مرڪب آواز جا جزا | آواز ۾ جزن جي اثر ڪان پوءِ نئون ٺهيل آواز |
|---|---|---|---|
| وديَت | ديَ | د+ي | ج |
| پرڪش | ڪش | ڪ+ش | ک |
| ڪشتري | ڪش | ڪ + ش | ک |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| سمونڊر | ڊر | ڊ+ر | ڊ<br>[ اُترادي لهجي ۾ ’ڊر‘ بہ استعمال ٿيندو آهي ] |
| جيٽر | ٽر | ٽ+ر | ٽ |
| جيشٽ | شٽ | ش + ٽ | ٽ |
| وتستي | ست | س + ت | ٿ |

سنڌي ٻوليءَ ۾ ’سنڌيءَ وارو مطالعو‘ ڏاڍو دلچسپ آهي، پر هن مقالي واري موضوع سان هن نئين موضوع جو واسطو ڪونهي.[1]

| عددقطاري | | | | عددقطاري | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|
| | | حروف | | | | حروف | |
| البيروني | موجوده سنڌي | البيروني | سنڌي | البيروني | موجوده سنڌي | البيروني | موجوده سنڌي |
| برقه | برک، برڪت | ق | ک/ڪ | نوين | نائون | د | ڏ |
| بيه | ٻيو | ب | ب | دهين | ڏهون | – | – |
| تربة | ٽيو | تر | ٽ | يارهِي | يارهون | دوَ | ب |
| چوٗت | چوٿون | ت | ٿ | دواهي | ٻارهون | دوَ | ٻ |
| پنجي | پنجون | – | – | تروهي/ترهي | تيرهون | تر | ت |
| ست | ڇهون | س | ڇ | چودهي | چوڏهون | – | – |
| اتين | اٺون | ت | ٺ | پنچاهي | پنجاهون | – | – |

(الف) (i) مٿي پيش ڪيل مثالن کان پوءِ هي سوال ٿو پيدا ٿئي تہ عربي- سنڌي رسم الخط جي شروعات ڪڏهن ٿي، ڪٿي ٿي ۽ پهرين پهرين هيءُ رسم الخط ڪنهن شروع ڪيو؟ هن ڏس ۾ ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي راءِ ڏيندي لکي ٿو:

”پنهنجي هن ڪتاب ’ڪتاب الهند‘ ۾ بيرونيءَ ڪم از ڪم ٽن صورتخطين جو پتو ڏنو آهي، جيڪي 1020ع -1030ع واري عرصي ۾ سنڌ اندر رائج هيون. ڀاٽيہ (جيسلمير) ۽ سنڌ جي ڪن ڀاڱن، يعني تہ جيسلمير واري سرحد لڳ سنڌ جي اُپرندين ڀاڱن ” ’اڏاڪري ناگري‘ هلندڙ هئي. انهيءَ مان ڀانئجي ٿو تہ اندازن موجوده سکر، خيرپور، سانگهڙ ۽ ٿرپارڪر ضلعن جي اُپرندين ڀاڱن ۾ ’اڏاڪري ناگري‘ هلندڙ هئي، ساموندي ڪناري يعني موجوده ٺٽي ضلعي جي ڏاکڻي ڀاڱي ۾ ’ملقاري‘ رسم الخط رائج هو. تاريخي اعتبار سان درياءَ کان اولهہ طرف ميرپور ساڪري واري علائقي ۾ آڳاٽي وقت کان ’نگامرا‘ قوم آباد هئي ۽ ٿي سگهي ٿو تہ انهن جي صورتخطي ’نگامري‘ ڏانهن اشارو هجي. وچ- سنڌ واري علائقي ۾ گنديءَ واري

[1] سنڌيءَ جي اڀياس لاءِ ڏسو: غلام علي الانا، ڊاڪٽر: 1987ع سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڄام شورو انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي (2) نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: 1780ع حوالو ڏنل آهي، ص 71



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

شهر ٻهمنوا يا منصوره ۾ 'سينڌَبَ' يعني 'سينڌوَ' يا 'سنڌي صورتخطي' هلندڙ هئي. اها عربي- سنڌي صورتخطي هئي، جيڪا پهريائين منصوره واري علائقي ۾ استعمال ٿي ۽ اُتان آهستي آهستي سڄيءَ سنڌ ۾ رائج ٿي."[1]

(ii) هي هڪ اهڙو رايو آهي جنهن تي بحث ڪري سگهجي ٿو ۽ اهو قبول ڪري نٿو سگهجي ته 'سَئندو رسم الخط' عربي- سنڌي رسم الخط جو نالو هو. برهمڻ آباد (المنصوره) مان جيڪو ديسي رسم الخط نڪرين تي لکيل آهي، اهو لوهاڻڪي رسم الخط جهڙو آهي ۽ اهو ئي 'سَئندو رسم الخط' هو.

(ب) 'سَئندو' 'عربي-سنڌي رسم الخط' جو نالو نه هو جنهن منصوره ۾ اها شڪل اختيار ڪئي، پر جيڪڏهن اهو ڪٿي قبول به ڪجي ته 'سَئندو' عربي — سنڌي رسم الخط جو نالو هو ته پوءِ اهو قبول ڪري نٿو سگهجي ته هي رسم الخط ڪو البيرونيءَ ايجاد ڪيو هو. ڇو ته جيئن ته مٿي بيان ڪيو ويو آهي ته البيرونيءَ کان گهٽ وا اڳ، جاحظ اصطخري، مسعودي، ابن حوقل ۽ ٻين سياحن جي تاريخي ڪتابن ۾ ڪن نج سنڌي لفظن کي، عربي سنڌي حروفن ۾ تبديليون آڻي، عربي-سنڌي رسم الخط ۾ لکڻ جي ڪوشش ڪئي وئي هئي. اُهي تاريخون، جن جا نالا مٿي ڏنا ويا آهن. البيرونيءَ جي آمد کان ٽي- چار سئو سال اڳ لکجي چڪيون هيون. انهن ۾ عربي — سنڌي رسم الخط ڪم آندو ويو هو ۽ عربي حروفن جي مدد سان نج سنڌي آوازن لاءِ حروف — تهجي جوڙي وئي هئي. انهيءَ دليل جي آڌار تي قابل احترام شخصيت، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جي راءِ سان، گهڻي معذرت سان، اتفاق نٿو ڪري سگهجي، جنهن ۾ ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو ته:

"عربي — سنڌي صورتخطيءَ جو آڳاٽي ۾ آڳاٽو نمونو خود محقق بيرونيءَ جي لکت ۾ ملي ٿو. هن 'ملقاري' لفظ ۾ 'ق' حرف آندو آهي. 'مگَر' (منگر) ۽ اگَل (آگر) لفظن ۾ 'گَ' جي اُچار لاءِ 'گَ' حرف آندو اٿس. يعني ته خود محقق بيروني سنڌ جي مقامي اُچارن کي ادا ڪرڻ لاءِ عربي حرفن تي ٽبڪا ڏيئي، نوان اکر ڪيا. اُن مان ظاهر آهي ته 'سنڌي عربي صورتخطي' جيڪا اسان تائين پهتي آهي، اُن جا لکت ۾ تاريخي آثار 1025ع- 1230ع واري عرصي ۾ ملن ٿا"[2]

(ت) انهيءَ حقيقت کان انڪار نٿو ڪري سگهجي ته محقق البيروني، ڪن نج سنڌي آوازن لاءِ نوان حروف گهڙيا، اُن لاءِ هن عربي حروفن ۾ ٽبڪا ڏيئي، يا ٻئي طريقي سان نج سنڌي آوازن لاءِ حرف جوڙيا. پر البيرونيءَ کان لڳ ڀڳ ٽي — چار سئو سال اڳ، عربي ۽ مقامي ماهرن نج سنڌي آوازن لاءِ حرف ٺاهڻ لاءِ، عربي حروفن ۾ تبديليون آنديون، يا اُن نج سنڌي آواز جي ويجهو عربي ٻوليءَ جا حروف مقرر ڪيا. منهنجي هن راءِ کي خود ڊاڪٽر بلوچ صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ اڳتي هلي، صفحي 75 تي قبول ڪيو آهي، ۽ لکي ٿو:

---

[1] نبي بخش بلوچ، ڊاڪٽر: 1980ع حوالو ڏنل آهي.

[2] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر 1982ع حوالو ڏنل آهي، ص 24.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

”عرب –اسلامي دور ۾، نئين علمي، ثقافتي سماجي ۽ سياسي ماحول جي زير اثر، سنڌي ۽ عربيءَ جو پاڻ ۾ گهاٽو رشتو عمل ۽ رد عمل پيدا ٿيو جنهن سان سنڌي ٻوليءَ جي لساني انفراديت مضبوط ٿي ۽ پڻ اها بين الاقوامي سطح تي تسليم ڪئي وئي. انهيءَ انفرادي حيثيت ۽ اهميت سببان، سنڌي ٻوليءَ بابت بين الاقوامي سطح تي تحقيق شروع ٿي، جنهن ۾ جاحظ ابن حوقل ۽ ٻين عالمن سنڌي ٻوليءَ متعلق حوالا قلمبند ڪيا. چوٿين صدي هجريءَ جي ٻئي مصنف ۾ اسحاق ابن النديم انهيءَ تحقيق ۾ اڳتي وک وڌائي ۽ پڻ ساڳئي دور ۾ بشر بن عبدالوهاب الفزاريءَ سنڌي لغت جو وڏيڪ گهرو مطالعو ڪيو. ان بعد پنجين صدي هجريءَ جي پهرئين اڌ ۾، بيروني، سنڌ ۽ سنڌي ٻوليءَ بابت وسيع پيماني تي معلومات قلمبند ڪئي“.[1]

ڊاڪٽر صاحب اڳتي لکي ٿو:

”ٻين ٽين صدي هجريءَ کان وٺي، عرب عالمن علم طب تي تحقيق شروع ڪئي ۽ دوائن ۾ استعمال ٿيندڙ معدنيات، جڙين ٻوٽين ۽ پسارڪي وکر بابت ڪتاب لکجڻ لڳا. جدا جدا ملڪن، جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جي سمجهه ۽ سڃاڻپ خاطر ضروري هو ته انهن جا نالا ٻين اهڙين ٻولين ۾ ڏنا وڃن، جن جي ان دور ۾ بين الاقوامي حيثيت تسليم ٿيل هئي، يا جن ۾جڙين ٻوٽين ۽ پسار جي ڄاڻ جو علم ڪافي ترقي ڪري چڪو هو. سنڌ نه فقط ان وقت ۾ بين الاقوامي حيثيت رکندڙ هئي، پر سنڌ ۾ پسارڪي وکر جو واپار ايترو ته وڌيل هو، جو هند جي ٻين ڀاڱن جون جڙيون ٻوٽيون پڻ سنڌ مان ئي اولهه طرف ٻين ملڪن ڏانهن موڪليون وينديون هيون. انهيءَ ڪري ٻين معاصر ٻولين سان گڏ سنڌي ٻوليءَ ۾ جڙين ٻوٽين ۽ پسارڪي وکرن جا نالا ڏيڻ ضروري سمجهيو ويو.[2]“

ڊاڪٽر صاحب ساڳئي صفحي تي، اڳتي لکي ٿو:

”اهو چئي نٿو سگهجي ته سڀ کان پهريائين ڪڏهن کان وٺي پسارڪي وکر جا نالا سنڌي ۽ هنديءَ ۾ڏنا ويا. غالباً اهو سلسلو ٻي صديءَ هجريءَ ۾ سنڌ ۾، منصوره جي عالمن کان شروع ٿيو ۽ پوءِ بغداد تائين پهتو.[3]“

ڊاڪٽر صاحب جي، هن راءِ جي آخري پئراگراف مان صاف ظاهر آهي ته محقق البيرونيءَ کان لڳ ڀڳ ٻه سئو سال اڳ، سنڌي زبان ۾ پسارڪي وکرن، دوائن ۽ جڙين ٻوٽين جي نالن کي عربي – سنڌي رسم الخط ۾ لکڻ شروع ڪيو ويو هو ۽ نج سنڌي آوازن لاءِ عربي حروفن ۾ ڦير ڦار ڪري، موزون حروف بڻايا ويا هئا. ڊاڪٽر صاحب جي هن حوالي مان معلوم ٿو ٿئي ته:

---

[1]نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر 1982ع حوالو ڏنل آهي، ص 75.

[2]نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر 1980، حوالو ڏنل آهي، ص 76.

[3]البيرونيءَ ولادت جو سن 973ع ۽ وفات جو سن 1045ع بيان ڪيل آهي، انهيءَ حساب سان هي ڪتاب 1051ع – 1070ع کان اڳ لکيو هوندائين، ممڪن آهي ته شايع 1050 – 1051ع ۾ ٿيو هجي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

”چوٿين صدي هجريءَ جي آخر ۾ بشر بن عبدالوهاب الفزاري، پنهنجي ڪتاب، ’تفاسير الادويہ‘ ۾ پسارڪي وکرن ۽ دوائن جا سنڌي ۽ هندي نالا، وڏيڪ تفسير سان درج ڪيا. ان کان پوءِ محقق البيرونيءَ سن 1050_1051ع ۾ پنهنجو ڪتاب، ’ الصيدلہ في الطب‘ لکيو جنهن ۾ جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جا نالا يوناني، سرياني، عربي، فارسي، سنڌي ۽ هندي توڙي ٻين مقامي ٻولين ۾ قلمبند ڪيائين. بيروني منصوره پڻ آيو. “

ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

”بيرونيءَ پنهنجي ڪتاب، ’ڪتاب الصيدليہ في الطب‘ ۾ مني سئو کن جڙين ٻوٽين ۽ دوائن جا نالا سنڌيءَ ۾ ڏنا آهن، جن مان اڌ کان وڏيڪ بشر جي ڪتاب ’ڪتاب تفاسير الادويہ‘ جي حوالن سان ڏنا اٿس ۽ باقي پنهنجي طرفان تحقيق ڪري لکيا اٿس. اهي نالا، سنڌي ٻوليءَ جي انفرادي اهميت ۽ بين الاقوامي علمي حيثيت بابت هڪ تاريخي دستاويز جي حيثيت رکن ٿا“[1].

(ث) هيٺ بشر بن عبدالوهاب ۽ البيرونيءَ جي ڪتابن ۾ ڏنل، انهن دوائن ۽ جڙين ٻوٽين جا نالا، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي ڪتاب مان، سندن حوالي سان ڏجن ٿا ته جيئن انهن لفظن جي صورتخطين جي باري ۾ خبر پوي:

| | البيرونيءَ جي ڪتاب، ڪتاب في الطب ۾ لکت | موجوده سنڌي لفظ | حرفن ۾ ڦير ۽ تبديل | |
|---|---|---|---|---|
| | | | عربي_سنڌي لکت | سنڌي لکت |
| لِمُر | لِمُر | لِمر/ليمُر | – | – |
| – | وَنُ | وَڻُ | ڻ | ن |
| – | جاماها | جاماهو/ڊراماهو/ڊاماهو | ڊر | ڊ |
| بنج | دهطورا | ڀنگ/ڌاتورو | ب<br>نج<br>ده | ڀ<br>ڪ<br>ڌ |
| توتيہ | توتيہ | توتيو | – | – |
| – | منبهل | ميڻ ڦل | بهہ | ڦ |
| حَرمُل | هملو | هرملو/هرمرو | ل<br>ح | ر<br>هہ |
| – | هين | هڱ | ن | ڱ |
| – | رفاقُطي | رُپاڪٽي (چانديءَ جي | ف | پ |

[1] نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1980ع، حوالو ڏنل آهي ص. 78.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | | | |
|---|---|---|---|---|
| | | ڪٽ) | ط<br>ق | ٽ<br>ڪ |
| – | بولو | ٻلھڻ | ب | ٻ |
| – | سُند | سُنڊ | د | ڊ |
| – | ڪتوره | ڪٽوري | ت | ٽ |
| – | شنڪر | سگر | ک | ڳ |

مٿين مثالن مان ثابت ٿو ٿئي تہ عربي-سنڌي رسم الخط جي ابتدا، 187ھہ کان اڳ لڳ ڀڳ 864ع ڌاري عرب سياح جاحظ ڪئي هئي، جنهن جا مثال جاحظ جي ڪتاب 'رسالتہ فخر السودان علي البيضان' مان ملن ٿا، يعني البيروني جي سنڌ ۾ آمد (پنجين صدي هجري) کان ٽي سئو کن سال اڳ ٿي چڪي هئي، البت اهو تسليم ڪرڻو پوندو تہ محقق البيرونيءَ اُن ۾ هي تبديليون آنديون ۽ اُن کي وڌيڪ مناسب ۽ معياري بنايو، جنهن کي نستعليق توڙي نسخ رسم الخطن ۾ لکيو ويندو هو. سنڌيءَ جي انهن ٻنهي قسمن جي لکت جا نمونا، ڪيترن ئي عربي ۽ فارسي ڪتابن توڙي ڪتبن، تختين ۽ تحريرن ۾ ملن ٿا.[1]

(الف) حاصل مطلب تہ عربي- سنڌي رسم الخط جا سڀ کان پهريان ۽ آڳاٽا مثال عربي-سنڌي رسم الخط جو نمونو اُن قصيدي ۾ ملي ٿو جيڪو 187ھہ/864ع کان اڳ قلمبند ڪيو ويو' جيڪو يحيٰ بن خالد برمڪيءَ جي دربار ۾ پڙهيو ويو هو. بلوچ صاحب پڻ اها ئي دعوي ڪئي هئي ۽ لکيو هو تہ:

سنڌي زبان جي هڪ شاعر سنڌي زبان ۾ بغداد جي برمڪي وزيرن جي تعريف ۾ هڪ قصيدو ناهيو. هي قصيدو يحيٰ بن خالد برمڪيءَ جي دربار ۾ پڙهيو ويو هو. جيئن تہ 187ھہ ۾ هارون الرشيد، جعفر بن يحيٰ برمڪيءَ کي مارايو هو انهيءَ مان ظاهر آهي تہ هي بيت 187ھہ کان اڳ قلمبند ڪيو ويو هوندو. اهو بيت هو:

اره بره ڪنڪره، ڪرا ڪري مندره

ڊاڪٽر صاحب اڳتي فرمائي ٿو:

"سنڌي زبان ۾ چيل بيت جي، عربي رسم الخط ۾ هيءَ پهرين لکٽي آهي، جيڪا هاڻ اهڙي

---

[1] جاحظ سنڌي حرفن لاءِ ويجهي ۾ ويجها عربي حرف ڪم آندا:

'ڻ لاءِ ن' جهڙوڪ 'سنداڻ لاءِ سندان'. هو لکي ٿو تہ سنڌ لوهارڪي ڌنڌي ۾ شهرت رکندڙ هئي. سنڌ مان ٺهي سامان سان گڏ تلوارون بہ عربستان موڪليون وينديون هيون. (ص 5).

ٻيا مثال آهن: 'چ' لاءِ 'ش' ۽ 'ٽ' لاءِ 'ت' — چيٽ ← شيت

'چ' لاءِ 'ص' — چندن ← صندل

'و' لاءِ 'ب' — واڻيا ← بنياليہ

'ڪ' لاءِ 'ک' ۽ 'پ' لاءِ 'ف' — ڪپور ← ڪافور

'گ' لاءِ 'ج' — دلگي ← دَليج

'ڊ' لاءِ 'د' — هنڊول ← هندول



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

صورت اختيار ڪري چڪي آهي، جو اصل لفظن جو پتو ئي نٿو پوي، انهيءَ هوندي بہ هيءُ آڳاٽو حوالو سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ لاءِ هڪ قيمتي 'وٿ' آهي. سڀ کان اول تہ هي سنڌي ٻوليءَ جو عربي – سنڌي صورتخطيءَ ۾ سڀ کان پهريون لکيل نمونو آهي"[1]

بهرحال مٿي ڏنل دليلن جي روشنيءَ ۾ اهو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي- سنڌي رسم الخط جي ابتدا پهرين اُن قصيدي مان ملي ٿي ۽ ان کان پوءِ 1841ع ۾ جاحظ جي ڪتاب، 'رسالتہ فخر السودان في علي البيضان' ۾ نج سنڌي لفظن کي عربي – سنڌي رسم الخط ۾ لکڻ سان ٿي. انهيءَ عرصي کان سنڌ ۾ عربن جي حڪومت شروع ٿيندي (93هہ ۾ عربن جي حڪومت سنڌ ۾ شروع ٿي هئي)، هڪ سئو کن سال گذريا هئا. هن رسم الخط ۾ اڳتي هلي چچنامي جي مصنف، البيروني ۽ ٻين ماهرن ۽ محققن پنهنجي نموني سڌارا ۽ واڌارا آڻي، اُن کي وڌيڪ معياري بڻايو.

---

[1]نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1980ع حوالو ڏنو ويو آهي، ص 60.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# حوالا


**سنڌي ڪتاب**

8. پيرومل آڏواڻي، الف – ب ڪيئن ٿهي؟، حيدرآباد، پارتواسي پريس، ص 6.
9. عبدالڪريم لغاري: 1976ع، سنڌي ا–ب جي ارتقا، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص، ص 32 ۽ 33
11. غلام علي الانا، 1969ع، سنڌي صورتخطي، ڇاپو ٽيون، حيدرآباد، سنڌ، سنڌي زبان پبليڪيشنس، ص، ص 27، 93_ 95.
12. ايضا: 1977ع، لاڙ جي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي،
13. ايضاً: مقالو 1983ع، سنڌي لسانيات، صوتيات، لغت ۽ گرامر تي ٿيل تحقيق ۽ اشاعت، سماهي مهراڻ، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ.
14. ايضاً: 1984ع، مقالي پنيور جا آثار– سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جو مطالعو سماهي مهراڻ، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 61_ 62
15. ايضاً: 1987ع سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.
16. نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر 1980ع، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڇاپو ٻيو حيدرآباد زيب ادبي مرڪز ص ص 49_60، 63، 65، 71، 44_78.

**اردو ڪتاب**

1. ابن نديم : 1962ع، الفهرست، اردو ترجمو جلد دوم، *"ہندوستاں عربوں کی نظر میں"* اعظم ڳڙهه: دارالمصنفين، ص ص 3_4.
2. ابو الحسن مسعودي: 1962ع مروج الذهب و معاون الجواهر، اردو ترجمو حصو اول، *"ہندوستاں عربوں کی نظر میں"* حوالو ڏنو آهي. صص 256 ۽ 288.
3. اصطخري: 1960ع المسالک الممالک، اردو ترجمو حصو اول، حوالو ڏنو آهي، ص ص 23 ۽ 74
4. بشاري ال مقدسي: 1960ع، احسن التقاسم في معرفته، اردو ترجمو حصو اول، حوالو ڏنل آهي، ص ص 385 ۽ 386.
5. بزرگ بن شهريار: عجائب الهند، اردو ترجمو جلد اول، حوالو ڏنل آهي، ص ص 101 ۽ 102.
6. جاحظ: 1960ع، رسالته فخر السودان علي البيضان، اردو ترجمو حوالو ڏنل آهي. ص ص 55، 73 ۽ 74
7. سيد سليمان ندوي: *" عرب وہند کے تعلقات دہلی، ہندستان اکیڈمی"* 1930ع، ص ص 67 ۽ 69.

**انگريزي ڪتاب**

17. Aitken, E.H 19027, Gazeeteer of the province of Sindh, Karachi: American Steam Press.
18. Burton, R.F, 1851 Sindh and the Races that inhabit the valley of River Indus, London: W.H Allen and CoL P. 152
19. Daudpota, H.M. Dr. 1955, Articale, "Sindhi Literature", Published in Cultureal Heritage of Pakistan, Karachi: Oxford University Press, P.156.
20. Sachau. E.C. 1910, Alberuni's India, London, Kegan Paul Trench, Trubner, p.173.
21. Stack, G, 1849, Grammar of Sindhi Language, PP. 3-8.





books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# رومن-سنڌي رسم الخط- سنڌي ٻوليءَ جي هڪ اهم ضرورت

(هي مقالو رومن-سنڌي رسم الخط جي سلسلي ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان ڪوٺايل مذاڪري ۾ ڪليدي مقالي طور پيش ڪيو ويو هو.)

1. (الف) ڪافي عرصي کان وٺي، سنڌي ٻوليءَ لاءِ رومن- سنڌي رسم الخط جي باري ۾ اخبارن ۾ ڪالمن ذريعي، بحث مباحثو هلندڙ آهي. ڪن احبابن ته مون سان روبرو ڪيترائي دفعا، انهيءَ موضوع تي ڳالهايو به آهي. اُن سلسلي ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي تحقيقي جرنل، 'سنڌي ٻوليءَ' ۾ محترمه ڊاڪٽر فهميده حسين، هڪ مقالي ۾ رومن-سنڌي رسم الخط جي سلسلي ۾ دليلن سان پنهنجن خيالن جو اظهار پڻ ڪيو هو. پر ڪن سڄڻن ته وري رومن-سنڌي ٽرانسليٽريشن ڪي ضروري ئي نه سمجهيو آهي ته ڪن وري اها راءِ ڏني ته موجوده عربي — سنڌي الف —ب کي، هميشه لاءِ رومن-سنڌي الف — ب ۾ تبديل ڪيو وڃي ته جيئن سنڌي ٻولي، انٽرنيٽ تي آسانيءَ سان اچي سگهي، پر حقيقت هيءَ آهي ته اسان مان ماڻهن جي اڪثريت، عربي- سنڌي رسم الخط کي رومن- سنڌي الف — ب ۾ تبديل ڪرڻ جي حق ۾ بلڪل ڪانهي، ۽ ان جي مخالفت ڪن ٿا. ساڳئي قسم جو بحث، اردو ۽ فارسي ٻولين جي رسم الخطن لاءِ پڻ هلندڙ آهي.

(ب) (i) اُن سلسلي ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي جنهن ضرورت کي سامهون رکي، رومن سنڌيءَ لاءِ هڪ معياري ٽرانسليٽريشن اختيار ڪرڻ لاءِ، سنڌ جي ڏيڍ سئو کن مختلف ماهرن کي خط لکي، انهن کي اٿارٽيءَ طرفان تيار ڪيل رومن- سنڌي الف — ب جو چارٽ نموني طور موڪلي، کين اُن ڏس ۾ اٿارٽيءَ کي پنهنجي راءِ موڪلڻ لاءِ گذارش ڪئي وئي ته جيئن اٿارٽيءَ جي ڪن ڪارڪنن (مون سميت، تاج جويي، امين محمد لغاريءَ) جي راءِ نه، پر ٻوليءَ جي ماهرن جي اڪثريت جي راءِ کي سامهون رکي، ڪو هڪ مستند ۽ معياري رومن- سنڌي رسم الخط رائج ڪري سگهجي.

(ii) اٿارٽيءَ جي دوستن اهو پڻ رايو ڏنو ته هڪ اهڙي مذاڪري جو اهتمام ڪجي، جنهن ۾ سڄيءَ سنڌ مان، سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن کي گهرائي، اڪثريت جي مشوري سان، رومن- سنڌي رسم الخط ٺاهجي.

آءٌ هتي اهو ٻڌائڻ به ضروري ٿو سمجهان ته اسان جي نيڪ ارادي کي ڪن سڄڻن صحيح نه سمجهيو هو ۽ ڪن ته اخبارن ۾ ائين به لکيو ته: "عربي- سنڌي الف —ب کي، رومن- سنڌي الف — ب ۾ بدلائڻ جي ڪا به ضرورت ڪانهي" ته ڪن سڄڻن وري تعريف ڀريا خط لکيا ته "اوهين هيءَ هڪ وقتائتو قدم کڻي رهيا آهيو." اُنهن احبابن مان ڪن لکيو ته هيٺ موجب فيصلا ڪيا وڃن:

(i) عربي- سنڌي رسم الخط جي بدران اهڙو رومن- سنڌي رسم الخط ٺاهيو وڃي، جيڪو عربي — سنڌي رسم الخط جي جاءِ وٺي ۽ سنڌي ٻوليءَ کي بين الاقوامي ٻولي بنائڻ لاءِ اِهو رسم الخط انٽرنيٽ تي اچي سگهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ii) سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪي حرف ڌار ڌار نموني، عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکجي رهيا آهن. رومن- سنڌي رسم الخط ۾، اُنهن ڌار ڌار حرفن لاءِ رومن- سنڌي رسم الخط ۾ ڪو هڪ ئي حرف مقرر ڪيو وڃي. اُهي ڌار ڌار حرف، نئين جوڙيل، هڪ ئي حرف سان لکيا وڃن. جيئن:

- ا ۽ ع
- ت ۽ ط
- ث، س ۽ ص
- ذ، ز ض ۽ ظ
- هه ۽ ح
- ک ۽ خ

2. (الف) اٿارٽيءَ جي طرفان، تجويز ڪيل رومن-سنڌي رسم الخط جو جيڪو خاڪو ڪن دوستن کي موڪليو ويو هو سو روسي ماهرن، لائبرري آف ڪانگريس، اسڪول آف اوريئنٽل اينڊ آفريڪن اسٽڊيز لنڊن جي 'ڊپارٽمينٽ آف جنرل لنگئسٽڪس اينڊ فونيٽڪس' ۾ سنڌي ٻوليءَ تي ٺيل ڪم ۾ ڪم آندل رومن سنڌي رسم الخط انڊين اسڪول آف سنڌالاجيءَ طرفان ڪم ايندڙ رومن –سنڌي رسم الخط جي آڌار تي ڪيو ويو هو. هن وقت تائين آمريڪا، برطانيا ۽ روس ۾ سنڌي ٻوليءَ تي تمام گهڻو ڪم ٿيو آهي. ايتري قدر جو سنڌي ٻوليءَ تي ايم اي، ايم فل ۽ پي ايڇ ڊي لاءِ ڪيترائي تحقيقي مقالا پڻ پيش ڪيا ويا آهن. ٿي سگهي ٿو ته فار- ايسٽ جي ملڪن، جهڙوڪ، سنگاپور، جپان، ملائيشيا ۽ انڊونيشيا کان سواءِ آفريڪا جي ملڪ سوڊان جي خرطوم يونيورسٽيءَ ۾ به ڪو اهڙو تحقيقي ڪم ٿيو هجي.

(ب) سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ مون ۽ منهنجن ڪن ساٿين، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ واري 1872ع ۾ ڇپيل سنڌي گرامر ۽ سر گريئرسن جي تحقيق، لئنگئسٽڪ سروي آف انڊيا (1927ع) کان به اڳ، 1836ع ۾ 'واٿن' جي لکيل سنڌي گرامر ۽ پوءِ ڊولي مل بولچند ۽ ويجهڙائيءَ ۾ ڪئناڊا کان آيل ڪرسچن مشنرين جي طرفان، شڪارپور (سنڌ) ۾ قائم ڪيل مرڪز ۾ تيار ڪيل Functional Sindhi يا پارٽ ۾، 1994ع ۾، ديوناگري لپيءَ ذريعي سنڌي ٻولي سکيل ماڻهن کي عربي- سنڌي رسم الخط سيکارڻ لاءِ تيار ڪيل سنڌي پهرئين ڪتاب ۾ ڏنل رومن- سنڌي الف-ب جو گهرو مطالعو ڪري، اٿارٽيءَ جي طرفان، رومن، سنڌي چارٽ ٺاهي، ڪيترن ئي ماهرن کي موڪلي ڏنو هو.

(ت) (i) اسان رومن- سنڌي الف –ب جي ٺاهڻ جي ضرورت انهيءَ ڪري هر گز محسوس ڪا نه ڪئي آهي، ۽ نه ئي وري اسان جو ڪو اهڙو ارادو آهي ته موجوده عربي- سنڌي رسم الخط کي خدا حافظ چيو وڃي. اسين عربي-سنڌي رسم الخط جا هميشه حامي رهيا آهيون. ۽ سنڌ جي ماڻهن جي وڏي اڪثريت به اهو ئي چاهي ٿي ته عربي- سنڌي رسم الخط کي ئي قائم رکيو وڃي.

(ii) هونئن ته اسان سان ڪن سڄڻن روبرو به بحث ڪيو آهي، پر ساڳئي وقت اخبارن ۾ به هن موضوع تي ڪافي بحث ٿيو آهي. مثال طور 'سنڌي ٻولي' جرنل ۾ ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبه 'چا ڪن



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

خاص مقصدن لاءِ سنڌي ٻوليءَ جي لپي مٿائجي' واري عنوان تي، رومن۔ سنڌي رسم الخط جي فائدي ۾ پنهنجا دليل ڏيندي بحث ڪيو آهي. ايڊيٽر جي طرفان، هن مقالي جي عنوان هيٺ باڪس ۾ هي نوٽ لڳايو ويو هو.

"هيءَ هڪ بحث طلب موضوع آهي. انهيءَ ڪري اداري جو ليکڪ جي راين سان متفق هجڻ ضروري نہ آهي، هن بحث تي آيل راين کي بہ هن جرنل ۾ شايع ڪيو ويندو. اداري جي پنهنجي راءِ موجب ڊاڪٽر صاحبہ کي علم صوتيات جي اصولن جو گهري نظر سان مطالعو ڪرڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ ڪيترين ئي ڳالهين ۾ ڊاڪٽر صاحبہ پاڻ بہ منجهيل آهي."

(iii) ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ رومن۔ سنڌي رسم الخط جي فائدي ۾ دليل ڏيندي لکيو آهي تہ:

"هاڻي email تي ملاقات، جهڙوڪر روبرو ملاقات آهي، پر مون کي جنهن ڳالهہ جي پريشاني ٿيندي هئي، سا اها تہ پنهنجن پائرن، پيٽن ۽ مِٽن مائٽن يا دوستن سان، سنڌيءَ ۾ رهاڻ ڪرڻ جو جيڪو مزو ايندو آهي، سو حاصل نہ ٿيندو هو. پوءِ مون اهو حل ڳوليو جو خط سنڌيءَ ۾ لکيم، سو بہ رومن رسم الخط جي مدد سان، شروع شروع ۾ ٿوري ڏکيائي ٿي، پر پوءِ عادت ٿي وئي. هُتان جواب بہ ساڳيءَ ريت اچڻ لڳا. انٽرنيٽ تي ويٺل، سنگاپور، هانگ ڪانگ، هندستان، آمريڪا، لنڊن ۽ دبئيءَ ۾ رهندڙ سنڌين سان ويب سائيٽ تي ويهڻ سان، ڪيترن ئي ماڻهن سان ملاقات ٿي، جن ساڳيءَ طرح سان سنڌيءَ جا پوڳ ، چرچا، پهاڪا، بيت، گيت ۽ ٻيون ڳالهيون، رومن لپيءَ ۾ لکي، انٽرنيٽ ذريعي دنيا ۾ عام ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي."

ڊاڪٽر صاحبہ پنهنجي ساڳيءَ راءِ لاءِ وڌيڪ دليل ڏيندي لکيو تہ:

"هن وقت اسان جي ٻولي پنهنجي ملڪ جي هڪ صوبي جي هڪ علائقائي ٻولي آهي، جنهن کي ڪا سرڪاري سرپرستي حاصل ڪانهي ۽ اها پنهنجي صوبي اندر بہ صرف اندرين سنڌ جي ٻولي قرار ڏني وڃي ٿي ۽ ڏينهون ڏينهن اُن جو دائرو محدود ٿيندو وڃي. اُن کي اسين وسيع دائري ۾ ڪيئن ٿا ڦهلائي سگهون؟ ڪيئن اُن کي ميڊيا ذريعي يا اليڪٽرانڪ سهوليتن ذريعي علائقائيءَ مان بين الاقوامي سطح جي ٻولي بڻائي ٿا سگهون. انهيءَ سوال تي مون بار بار پئي سوچيو آهي. اسان جي ملڪ جي وڏن شهرن کان وٺي، مٿي ذڪر ڪيل ملڪن جي ڪيترن ئي شهرن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ وڏي تعداد ۾ رهن ٿا. انهن سڀني ۾ مشترڪ اسان جي ٻولي آهي، جيڪا هو صرف ڳالهائي سگهن ٿا، پر لکي ۽ پڙهي نٿا سگهن. اهي سڀ انگريزيءَ جا اکر سڃاڻن ٿا. هاڻي ٻوليءَ وارو مشترڪ قدر ۽ اکرن وارو مشترڪ قدر گڏي اسان انٽرنيٽ ۽ اي ميل ذريعي، پنهنجي ٻوليءَ کي بين الاقوامي سطح تي وڌيڪ ڦهلاءَ ڏئي سگهون ٿا. انهن اليڪٽرانڪ ذريعن، سموريءَ دنيا کي سُسائي، سوڙهو ڪري، 'هڪ ڳوٺڙو' (global village) بنائي ڇڏيو آهي."



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(iv) رومن- سنڌي رسم الخط جي حوالي سان، 'سنڌ فورم' رسالي جو ايڊيٽر، 'رومن اسڪرپٽ سان مشروط قومي ترقيءَ' جي عنوان هيٺ لکي ٿو:

"سڀ کان اهم ڳالهه هيءَ آهي ته هن وقت جيڪي ترقي يافته قومون آهن، انهن سڀنيءَ جي ٻولين جو اسڪرپٽ رومن ڪونهي، چيني، جپاني ۽ ڪوريائي اُن جا وڏا مثال آهن. دنيا جي انهن ڏکهي ۽ مشڪل ترين اسڪرپٽ هوندي به دنيا جي ڪيترن ئي ملڪن جو اسڪرپٽ رومن آهي، پر اُن جي باوجود اُهي ترقي يافته ملڪن ۾ شامل ڪونهن. لاطيني آمريڪا جا ملڪ، ترڪي ۽ ٻيا به ڪيترائي ملڪ اُن صف ۾ ڳڻي سگهجن ٿا."

3. (الف) ڊاڪٽر فهميده حسين، دُنيا جي ڌار ڌار ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين کي ٻن طبقن ۾ ورهايو آهي، هڪڙا اُهي آهن، جيڪي عربي-سنڌي رسم الخط کان واقف آهن ۽ ان رسم الخط ۾ خط و ڪتابت ڪن ٿا ۽ ٻيا اُهي جيڪي سنڌي ٻولي ڳالهائي ته سگهن ٿا، پر اُهي موجوده عربي- سنڌي رسم الخط کان واقف نه آهن. ڊاڪٽر صاحبه ڪي، دنيا ۾ رهندڙ انهن ٻنهي طبقن جي ماڻهن جو فڪر آهي. انهيءَ ڪري هن صاحبه رومن- سنڌي رسم الخط جي استعمال ڪرڻ جي سفارش ڪئي آهي.

(ب) ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي، پروفيسر ڊاڪٽر پرسوگدواڻي ۽ سندس ڪي ساٿي، اها ڪوشش ڪري رهيا آهن ته دنيا جي ڌار ڌار ملڪن ۾ مرڪز ڪولي، اُتي رهندڙ سنڌين کي، عربي- سنڌي رسم الخط سيکاريو وڃي، چاڪاڻ ته ڊاڪٽر گدواڻيءَ سميت انهن سڀني جو اهو ئي رايو آهي ته جيڪڏهن اسان عربي-سنڌي رسم الخط ڇڏي ڏنو ۽ اُن جي جاءِ تي ديوناگري يا رومن-سنڌي رسم الخط اختيار ڪيوسين ته اسين صدين کان لکيل اسان جي علمي، ادبي، تهذيبي، تاريخي ۽ مذهبي سرمايي کان آهستي آهستي ڪٽجي ويندا سين. انهيءَ ڪري پنهنجي سرمايي کي بچائڻ ۽ سلامت رکڻ لاءِ، اسان کي عربي- سنڌي رسم الخط ضرور سکڻ گهرجي. اهو ئي دليل، اردوءَ وارن ۽ ايران جي ماڻهن جو به آهي.

(ت) سنڌ ۾ پرائيويٽ ادبي ادارن جا مالڪ، سرڪاري ادارن کي هميشه مِهڻا ڏيندا آهن ته سرڪاري ادارن، سنڌي ٻولي ۽ ادب لاءِ ڪجهه به نه ڪيو آهي. اج هن مذاڪري ۾ آءٌ دعويٰ سان چوندس ته سنڌي ٽائيپ رائيٽر ڪنهن به خانگي اداري نه، پر سنڌ يونيورسٽيءَ جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ، پنهنجيءَ ساليانى گرانٽ مان وڏي رقم خرچ ڪري، حبيب بئنڪ جي تعاون سان 'هرمز ڪمپنيءَ' کان ڀهرين المصطفيٰ سنڌي ٽائيپ رائيٽر ٺهرايو ۽ ان کان پوءِ انهيءَ ساڳئي اداري (انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي)، سنڌي ٽائيپ رائيٽر جو ٻيو ايڊيشن (TIP) ٽيليفون انڊسٽري آف پاڪستان وارن کان، هري پور هزاره مان ٺهرايو.

(ث) اهڙيءَ طرح ورهاڱي کان اڳ، تيار ڪرايل 'سنڌي شارٽ هئنڊ' واري مئنيوئل کي، نئين سر تيار ڪرائي، ان کي ڇپائي، مارڪيٽ ۾ ڪنهن به پرائيويٽ اداري ڪو نه آندو پر سنڌي ٻوليءَ جي اهڙيءَ شاندار ڪاميابيءَ جو سهرو وري به سنڌالاجيءَ کي ٻڌايو ويو جنهن پنهنجيءَ مختصر گرانٽ مان ٽي لک روپيا خرچ ڪري، سنڌي شارٽ هئنڊ جو نئون مئنيوئل تيار ڪرائي، اُن کي ڇپائي، ۽ اُن (سنڌي شارٽ هئنڊ) جي سکيا جو اهتمام پڻ ڪيو.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

4. (الف) سنڌي ٻوليءَ کي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي مدد سان ترقي ڏيارڻ ۾ اهم ڪردار ادبي بورڊ جو به آهي، جنهن 1984ع ۾ ڪمپاٽا ڪمپنيءَ جي معرفت، سنڌي ٻوليءَ ۾ ڪمپيوٽنگ جي سلسلي ۾ پهريون ڪمپيوٽر تهرائي مارڪيٽ ۾ آندو. موجوده وقت سنڌي ٻوليءَ کي جديد ترقيءَ واريءَ منزل تي پهچائڻ جي سلسلي ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌي انفرميٽڪس جي سلسلي ۾ وڏو ڪم ڪيو آهي. هن اداري، سنڌي ٻوليءَ ۾، انٽرنيٽ جون سهولتون مهيا ڪري، سنڌي ٻوليءَ کي بين الاقوامي ٻولي بنائڻ ۾ ڪامياب قدم کنيو آهي.

(ب) (i) 'سنڌ فورم' رسالي ۾ سرڪاري ادارن کي وري هڪ نئون مِهڻو ڏنو ويو آهي. ايڊيٽر صاحب لکيو آهي ته:

"هڪ دليل هيءَ پيو ڏنو وڃي ته موجوده صورتخطي، انٽرنيٽ تي هلي نه ٿي سگهي، ان ڪري به رومن اسڪرپٽ ضروري آهي. ان سلسلي ۾ اها هڪ غلط فهمي آهي ته ڪو سنڌي ٻولي انٽرنيٽ تي هلي نٿي سگهي. اصل ۾ جڏهن کان ڪمپيوٽر جو عام رواج ٿيو آهي، تڏهن کان وٺي، ٻولي ۽ ادب جي ترقيءَ لاءِ قائم ڪنهن به سرڪاري اداري، سنڌي سسٽم ٺاهڻ جي لاءِ ڪا به ڪوشش ڪا نه ورتي آهي. هي ته خدا چڱو ڪري عربن جو، جو انهن عربي ٻوليءَ جي سسٽم ٺاهڻ لاءِ پيشرفت ڪري ورتي آهي، ۽ اسان ڇپائيءَ جي مقصدن لاءِ اُنهن جي ٺاهيل سسٽم ۾ نقطن جي ڦير ڦار ڪري، ڪمپيوٽر ذريعي ڪمپوزنگ ڪري رهيا آهيون، ليڪن ٻوليءَ جي مڪمل سسٽم ٺاهڻ جي ضرورت پنهنجيءَ جاءِ تي آهي، جيڪا عربن پنهنجي لاءِ پوري ڪري ڇڏي آهي، ۽ سڄيءَ دنيا ۾ هو انٽرنيٽ ذريعي معلومات جي ڏيڻ ۽ وٺڻ جو فائدو حاصل ڪن ٿا. ساڳي شيءِ سنڌيءَ ۾ نهڻ لاءِ جيڪا مستعدي ۽ فيصلاتي قوت گهرجي، تنهن جي اڻاٺ جي باري ۾، ادارن جي موجوده اڳواڻن جي حوالي سان اخبارن ۾ گهڻو ڪجهه ڇپجي چڪو آهي. جڏهن به اسان جا ادارا سنجيده ٿيا ته اهو ڪم اوکو ڪونهي. انهيءَ ڪري هيءَ سوچ ته اسان ڪمپيوٽر جا تابع ٿيون، تبديل ڪري، اها سوچ پيدا ڪئي وڃي ته ڪمپيوٽر اسان جو تابع ٿئي. سڄيءَ دنيا ۾ ائين ئي ٿئي پيو. پسپائيءَ جو مظاهرو رڳو اسان پيا ڪريون."

(ii) 'سنڌ فورم' رسالي جي ايڊيٽر صاحب جي مذڪوره مهڻي جي جواب ۾ مون کي هيءُ عرض ڪرڻو آهي ته اسان جي ادبي ۽ ثقافتي ادارن جا سربراهه بيشڪ بيڪار آهن، پوڙها آهن، منجهن ڪا به اهليت ڪانهي، پر ايڊيٽر صاحب اهو به ته ٻڌائي ته عربي، دنيا جي هڪ وڏي ۽ مڃيل بين الاقوامي ٻولي آهي، اُن جي مقابلي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت ڪهڙي آهي؟ ٻيو ته عربن وٽ پئسو آهي، اسين سنڌي ٻوليءَ کي عربي ٻوليءَ جهڙي حيثيت ڏيارڻ لاءِ پئسا ڪٿان آڻيون؟ ان سلسلي ۾ به ڪا راءِ ڏيو ها. اُن کان سواءِ هن سلسلي ۾ خانگي ادارا ته صرف ڪتيو ڪائڻ لاءِ هر وقت تيار آهن، پر هن پروجيڪٽ تي ايندڙ خرچ لاءِ هُو ڪيتري رقم ڏيندا؟



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(iii) مون عرض ڪيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪمپيوٽر تي ڇپائيءَ جو اهتمام سڀ کان پهرين، سنڌي ادبي بورڊ ڪيو هو. ماجد ڀرڳڙي صاحب کان سواءِ ڪن ٻين نوجوانن، pc تي سنڌي سافٽ ويئر پوءِ ٺاهيو هو. انهيءَ ڪري سنڌ جي ماڻهن کي، سنڌي ادبي بورڊ ۽ ڪمياڻا ڪمپنيءَ وارن جا ٿورا مڃڻ گهرجن ۽ سنڌي ادبي بورڊ جي انهيءَ اهم خدمت کي سونهري اکرن ۾ لکڻ گهرجي، پر خبر نہ آهي ڪنياڻا وارن جي ٺهرايل ڪمپيوٽر جو ڇا ٿيو؟

(iv) 'سنڌ فورم' رسالي جي ايڊيٽر صاحب جي اطلاع لاءِ منهنجو نماڻو عرض هي آهي تہ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي سلسلي ۾ ڪي عملي قدم ضرور کنيا آهن، اُنهن مان ڪي هي آهن:

- اداري ۾ سنڌي انفرميٽڪس سسٽم شعبو قائم ڪيو ويو آهي، جنهن کي سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي سلسلي ۾ پروگرام ٺاهڻا آهن.
- سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي سلسلي ۾ اٿارٽيءَ هڪ ايڊوائيزري ڪميٽي پڻ ٺاهي آهي. انهيءَ ڪميٽيءَ ۾ سيد اياز شاهہ سيد دانيال شاهہ اعجاز جعفري ۽ سارنگ رام کي شامل ڪيو ويو آهي. اها ڪميٽي، اٿارٽيءَ کي سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي سلسلي ۾ پروگرام ۽ فونٽ ٺاهي ڏيندي.
- محترم ماجد ڀرڳڙي، جيڪو هن وقت پاڪستان ڇڏي آمريڪا هليو ويو آهي، اُن سان اٿارٽيءَ رابطو قائم ڪيو آهي ۽ اُن کي مائڪرو سافٽ ڪمپنيءَ سان رابطو رکڻ لاءِ اٿارٽيءَ جو نمائندو مقرر ڪيو ويو آهي.
- ماجد ڀرڳڙي صاحب، سنڌي ٻوليءَ کي انٽرنيٽ جي ٻوليءَ ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ، اٿارٽيءَ طرفان پروگرام ٺاهڻ ۾ مشغول آهي.
- اٿارٽيءَ جي پروگرامن ۾ سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم تي ڪم هلي رهيو آهي، جنهن جا نتيجا جلد معلوم ٿي ويندا.

5. (الف) محترمہ ڊاڪٽر فهميده حسين، رومن سنڌي رسم الخط ذريعي جنهن رهاڻ جو ذڪر ڪيو آهي، اُن لاءِ هن، سنڌي ٻوليءَ لاءِ صرف رومن ـ سنڌي رسم الخط ئي واحد ذريعو سمجهيو آهي، پر سنڌ ۾ ڪمپيوٽر جي باڪمال نوجوان ماهر سيد اياز شاهہ جي مدد سان، سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ڊاڪٽر فهميده حسين طرفان ڄاڻايل مسئلي جي حل ڪيڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. اسين سيد اياز شاهہ جا دل جي گهرائين سان شڪر گذار آهيون.

سيد اياز شاهہ جنهن ماجد ڀرڳڙي صاحب کان پوءِ ڪمپيوٽر ذريعي سنڌي ٻوليءَ کي بين الاقوامي طور سٽريل ٻولين جي صف ۾ آڻي بيهاريو آهي، تنهن سنڌي ٻوليءَ جي بين الاقواميہ استعمال لاءِ، ڪمپيوٽر جي 'سنڌي يوني ڪوڊ سسٽم' ٺاهڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪئي آهي. انهيءَ 'سنڌي يوني ڪوڊ سسٽم' جي افتتاح لاءِ، تاريخ 19 اپريل، 2000ع تي، سنڌ جي ماڻهن جي مادر علمي، يعني سنڌ يونيورسٽيءَ



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي ٽڏهوڪي وائيس چانسلر، جناب سيد ڊاڪٽر رشيد احمد شاهه کي خاص طور دعوت ڏيئي تڪليف ڏني وئي. سنڌ ۾ علم ادب جي لحاظ کان ۽ سنڌي ٻوليءَ جي خدمت ڪرڻ وارن ۾ وڏا ۽ قداور ماڻهو ٿيا به هئا، پر منهنجيءَ ذاتي راءِ موجب، سنڌي ٻولي ۽ سنڌ يونيورسٽيءَ کي هڪ ٻئي کان ڌار ڪري نٿو سگهجي. سنڌ يونيورسٽي ماضيءَ ۾ يا موجوده وقت، سنڌي ٻوليءَ جي وڏي خدمت ڪئي آهي. اِها سنڌ يونيورسٽي ئي آهي، جنهن دراصل سنڌي ٻولي، سنڌي ادب ۽ سنڌ جي ثقافت جي ميدان ۾ بين الاقوامي اديب، عالم، فاضل، محقق ۽ تخليقي ماهر پيدا ڪيا آهن. انهيءَ ڪري اهو مناسب سمجهيو ويو ته ايڪيهين صديءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اليڪٽرانڪ جي ميدان ۾ ترقيءَ جي هن نئين منزل ۾ داخل ٿيڻ واري عملي قدم جو افتتاح به سنڌ يونيورسٽيءَ جي ان وقت جي سرواڻ، سيد ڊاڪٽر رشيد احمد شاهه جي هٿان ڪرايو وڃي.

(ب) سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ جي سلسلي ۾ هيءُ هڪ نئون ۽ نهايت ئي اهم قدم آهي. سنڌي ٻوليءَ کي هن اليڪٽرانڪ ميڊيا جي دور ۾ بين الاقوامي سطح جي ٻولي بنائڻ ۾ اٿارٽيءَ طرفان کنيل هيءُ هڪ ڪامياب قدم ثابت ٿيندو ۽ هيءُ قدم سنڌي ٻوليءَ کي بين الاقوامي ٻولي بنائڻ ۾ ڪامياب ثابت ٿيندو.

اَءُ سمجهان ٿو ته سنڌي ٻولي، 'سنڌي يوني ڪوڊ سسٽم' ۾ اچڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر فهميده حسين ۽ سنڌي ٻوليءَ جي ٻين سڄڻن کي سندن سوالن جا جواب ملي ويندا، يعني:

(i) هاڻي اسين، سنڌي ٻوليءَ کي انٽرنيٽ ذريعي، وسيع دائري ۾ بلڪل آسانيءَ سان آڻي سگهون ٿا.

(ii) هاڻي، سنڌي ٻوليءَ کي ميڊيا جي مدد سان اليڪٽرانڪ سهوليتن ذريعي، علائقائيءَ مان، بين الاقوامي سطح جي ٻولي بنائڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري سگهجي ٿي.

(iii) هاڻي ڪو به سنڌي، دنيا ۾ ڪٿي به ۽ ڪنهن سان به، عربي-سنڌي رسم الخط جي ڄاڻوءَ سان، سنڌي ٻوليءَ ۾ روح رچنديون رهاڻيون ڪري سگهندو.

(iv) 'سنڌي يوني ڪوڊ سسٽم'جي ٺهي وڃڻ کان پوءِ، هر سنڌي، هاڻي پنهنجن عزيزن قريبن ۽ دوستن احبابن سان انٽرنيٽ تي، سڌيءَ طرح، سنڌي ٻوليءَ ۾ نه فقط لکپڙهه ڪري سگهندو پر هڪ نموني جي گفتگوءَ به ڪري سگهندو مون کي خوشي آهي ۽ فخر به، ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، منهنجي چيئرمينيءَ واري دور ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقي لاءِ هيءُ اهم عملي قدم کنيو آهي ۽ اٿارٽيءَ کي ايڪيهين صديءَ جي شروع وارن سالن ۾ هيءَ ڪاميابي حاصل ٿي آهي. انهيءَ ڪاميابيءَ جو سهرو نوجوان انجنيئر، سيد اياز شاهه جي سر تي ٿو سونهي، جنهن لاءِ اسين سڀ ڪيس دل جي گهراين سان مبارڪباد پيش ڪريون ٿا.

6. (الف) رومن- سنڌي لپي ٺاهڻ لاءِ ڊاڪٽر فهميده حسين جيڪو ٻيو سبب ڄاڻايو آهي، اُهو هيءُ آهي:

"اسان جي ملڪ جي وڏن شهرن ڪانسواءِ متي ذڪر ڪيل ملڪن جي ڪيترن ئي شهرن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ وڏي تعداد ۾ رهن ٿا. اُنهن سڀني ۾ مشترڪ قدر اسان جي ٻولي آهي، جيڪا هو صرف ڳالهائي سگهن ٿا، پر لکي ۽ پڙهي نٿا سگهن."



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آءُ ڊاڪٽر صاحب سان سندس انهيءَ راءِ ۾ سئو فيصد اتفاق ڪريان ٿو. سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، رومن- سنڌي رسم الخط ٺاهڻ ۾ ان کي اختيار ڪرڻ جي ضرورت ڇو محسوس ڪئي؟ تنهن لاءِ ڊاڪٽر فهميده حسين صاحب جو ڄاڻايل سبب اسان جي سامهون هو.

(ب) سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان جڏهن انٽرنيٽ ۾ اي ميل جو سلسلو شروع ڪيو ويو. تڏهن محترم مسعود لوهار جي معرفت، ملائيشيا جي هڪ يونيورسٽيءَ جي سنڌي خاتون پروفيسر، محترمه مايا ڪيماڻيءَ سان اسان جي انٽرنيٽ تي واقفيت ٿي ۽ پروفيسر مايا جي ڪيل اُن تحقيق کان واقف ٿياسين، جيڪا هِن لنڊن ۾ سنڌي ڳالهائيندڙ هندو جاتيءَ جي سلسلي ۾ ڪئي آهي. پروفيسر مايا اي ميل ذريعي پنهنجو اُهو تحقيقي مقالو اسان کي موڪلي ڏنو هو اُن تحقيق ۾ هن برطانيا ۾ رهندڙ سنڌي هندو جاتيءَ اندر رائج، سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ تحقيق ڪئي هئي. پنهنجي ان مقالي ۾ پروفيسر مايا، برطانيا، فرانس، ملائيشيا، انڊونيشيا، ٿائي لينڊ، سري لنڪا، هانگ ڪانگ ۾ بروناٿيءَ کان سواءِ ٻين ملڪن ۾ رهندڙ سنڌين جو به ذڪر ڪيو آهي، جيڪي گهرن ۾ ڪاروبار ۾ ته پاڻ ۾ سنڌي ٻولي ڳالهائين ٿا، پر اُهي، عربي- سنڌي رسم الخط ۾ سنڌي ٻولي پڙهي ۽ لکي نٿا سگهن. پروفيسر مايا جو اهو به رايو آهي ته ڪيترن ئي مالڪن، خاص ڪري برطانيا ۾ ڪيترن ئي سنڌي هندو ڪٽنب ۾ ٻارن هاڻي سنڌي ٻولي ڳالهائڻ به ڇڏي ڏني آهي.

(ت) (i) اسان اهو به ڏٺو آهي ته خود ڀارت ۾ جن جن ماڻهن، عربي-سنڌي رسم الخط جي جاءِ تي رومن- سنڌي رسم الخط استعمال ڪيو آهي. اُنهن جي رسم الخط ۾ به ڪا هڪجهڙائي ڪانهي. انهن مسئلن کانسواءِ هڪ ٻي ڳالهه، جنهن اسان جو ڌيان رومن- سنڌي رسم الخط طرف وڌيڪ ڇڪايو اُها (ڳالهه) هيءَ آهي ته سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سکيا لاءِ، عربي-سنڌي لپيءَ ۾ جڏهن CD لاءِ مسودو تيار ڪيو ويو ۽ اُهو مسودو ڏبئيءَ کان آيل هڪ نوجوانن کي ڏيکاريو ويو جنهن جو ٻين الاقوامي ادارن سان وهنوار آهي، ان صاحب اسان جو ڌيان ڇڪايو ۽ چيائين ته دنيا جي ڌار ڌار ملڪن ۾ اهڙن سنڌي ماڻهن جو وڏو تعداد رهي ٿو جيڪي رومن- سنڌي لپيءَ ذريعي سنڌي ٻولي سکڻ چاهيندا هوندا، انهن ماڻهن کي اوهان جو ادارو اهڙي سهوليت ڏيڻ کان محروم ڇو ٿو ڪري؟

اُن نوجوان جو اِهو مشورو تمام اهم، مناسب ۽ وقتائتو سمجهي اٿارٽيءَ ۾ منهنجن ساٿين، رومن- سنڌي رسم الخط تي سوچڻ شروع ڪيو. اُن نوجوان اها صلاح ڏني ته ڪمپيوٽر تي اها آساني پيدا ڪري سگهجي ٿي، جنهن موجب، اوهين ڪمپيوٽر تي مخصوص 'ڪُنجي' (key) کي دٻائڻ (ڪلڪ ڪرڻ) سان عربي- سنڌي يا رومن- سنڌي رسم الخط ۾ لکيل مواد پاڻ چونڊي سگهو ٿا. جڏهن ته اياز شاهه سان انهيءَ ڳالهه جي باري ۾ ذڪر ڪيوسين ته شاهه صاحب چيو ته اهو ڪم ته بلڪل آسان آهي، اهو ڪم آءٌ اوهان کي ڪري ڏيندس. اوهين فقط رومن- سنڌي رسم الخط جو بندوبست ڪريو. ان کانپوءِ پوءِ اٿارٽيءَ



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

۾ منهنجن ساٿين، رومن- سنڌي رسم الخط ناھڻ جو پڪو ارادو ڪيو ۽ 19 اپريل 2000ع تي مذاڪرو رکيو ويو. حيدرآباد کان سواءِ ٻين شهرن ۾ رهندڙ سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن کي ان مذاڪري ۾ شرڪت ڪرڻ جي دعوت ڏني وئي.

(ii) آءٌ هر گز اها دعويٰ نٿو ڪريان تہ جيڪي ڪجھ اسان ڪيو آهي، اُهو حرف بحرف صحيح آهي، اُن ۾ بہ اصلاح جي گھڻي گنجائش ٿي سگھي ٿي. اهو ئي سبب آهي جو اثارٽيءَ طرفان اچوڪي هن مذاڪري ۾ اوهان کي زحمت ڏني وئي آهي. اثارٽيءَ طرفان، عربي- سنڌي حرفن جي جاءِ تي، رومن- سنڌي حرف ناهي، اڄ جي هن مذاڪري ۾ بحث ڪرڻ لاءِ پيش ڪيو ويو آهي. اُنهن مان هر هڪ عربي- سنڌي حرف لاءِ بين الاقوامي ادارن طرفان مقرر ڪيل رومن- سنڌي حرف تي سوچبو ۽ اُن سلسلي ۾ ڪو فيصلو ڪبو.

(iii) اڳ ۾ سنڌي يوني ڪوڊ سسٽم جي ذڪر ڪيو ويو آهي. آءٌ اوهان کي اهو بہ ٻڌائي ڇڏيان تہ هن اداري ۾، سنڌي فانٽن ۽ سنڌي سافٽ ويئر جي پروگرام ناهڻ جي سلسلي ۾ جيڪو سنڌي انفرميٽڪس مرڪز قائم ڪيو ويوآهي، اُن ۾ سيد اياز شاهہ سيد دانيال شاهہ محمدابراهيم نظاماڻي، اعجاز جعفري، ديوان سارنگ رام ۽ محترم مسعود پٽيءَ جي مشوري سان، ڪمپيوٽر لاءِ سنڌي ڪي بورڊ کي معياري بنائڻ لاءِ، ڪنهن هڪ سنڌي فانٽ جي معيار بندي ڪري، حرفن لاءِ ڪي بورڊ اندر مناسب جاين تي مقرري يعني placement، صورتخطيءَ جي صحيح استعمال کان پوءِ ڪمپيوٽرائيزڊ سنڌي ڊڪشنريءَ وارو مسئلو بہ حل ٿي ويندو.

انهيءَ سلسلي ۾، سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي ترقي ۽ معياري سنڌي سافٽ ويئر ناهڻ لاءِ هن اداري ۾ قائم ڪيل سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم ڪميٽيءَ اڳ ۾ ڪي مشورا ڏنا آهن، جن تي اثارٽيءَ پاران ڪم ڪيو پيو وڃي.

7- ڊاڪٽر فهميده حسين صاحبہ پنهنجي مقالي ۾، رومن- سنڌي رسم الخط ناهڻ جي سلسلي ۾ ڪي سفارشون بہ ڪيون آهن. ڊاڪٽر صاحبہ لکي ٿي تہ:

”سنڌيءَ کي عملي طور قابل قدر رومن لپي ڏيڻ لاءِ، ڪن بنيادي ڳالهين کي ڌيان ۾ رکي سگھجي ٿو. مثلاً:

(1) اها گھٽ ۾ گھٽ حرفن تي مشتمل هجي، جيڪي سنڌي آوازن جيترا هجن.

(2) هر هڪ مفرد آواز لاءِ هڪ مفرد علامت طور هڪڙو ئي اکر مقرر ڪجي.

(3) هر هڪ حرف صحيح (وينجن) ۽ حرف علت (سر) جي اُن ۾ نمائندگي هجي.

(4) سنڌيءَ جي مخصوص آوازن لاءِ، صوتياتي بنيادن تي نشانيون مقرر ڪجن.

(5) سيني وسرگ آوازن لاءِ هڪڙي اصول تي عمل ڪجي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(6) ڪجھہ اهڙا آواز جن جي لکڻ ۾ غلطيءَ جو امڪان هجي، مثلاً: 'ک' ۽ 'خ' لاءِ 'kh' يا 'گھ' ۽ 'غ' لاءِ 'gh' ڪي علامت بنائڻ مهل، پنهي مان هڪ کي هيٺان ليڪ ڏريعي ڌار ڪجي.

(7) مخصوص سنڌي آوازن لاءِ بہ اهڙا مونجهارا پيدا ٿي سگهن ٿا. مثلاً: جيڪڏهن فرض ڪجي تہ 'ڳ' لاءِ 'gh' مقرر ڪجي تہ 'ڳيان' لکڻ مهل ڇا ڪجي؟ سنڌي لفظن ۾ اکرن جي متحرڪ هئڻ واري اصول تحت، 'گ' کي زير ڏجي (جيتوڻيڪ 'گيان' ۾ هنديءَ ۾ 'گيہ' مفرد علامت طور موجود آهي، پر سنڌيءَ ۾ اُنهن کي 'گيان' ۽ اڻين ئي 'ڏيان' وغيره کي اُچاريو ويندو آهي). ساڳئي نموني 'ڱ' جي لاءِ 'ng' مقرر ڪجي ۽ نہ 'نگ' (جيئن سنگ ۽ رنگ ۾ آهي). ڪنهن هڪ جي هيٺان ليڪ يا ڪا ٻي نشاني ڏجي جيڪا ڪمپيوٽر ۾ سولائيءَ سان ڏيئي سگهجي. ساڳيو اصول 'د'، 'ڊ'، 'ڌ' ۽ 'ڏ' لاءِ نشانيون مقرر ڪرڻ مهل سامهون رکجي.

(8) حرف علت/سر ـ ڊگها سر، ٻٽي اکر سان ۽ ڇوٽا سر هڪ اکر سان ظاهر ڪري سگهجن ٿا. مثلاً: اکُ akhu ۽ لاک laakha، ٻُکَ bukha ۽ ٻُوٽ boot-u،

'اِ' جي لاءِ 'i' تہ 'اِي' لاءِ 'ee'

'اي' جي لاءِ 'e' تہ آي جي لاءِ 'ai'

'اُ' جي لاءِ 'u' تہ او جي لاءِ 'o'

۽ وري 'اُو' جي لاءِ 'oo' تہ 'اَو' جي لاءِ 'aw' وغيره.

(9) سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان، رومن ـ سنڌي رسم الخط جي پٽي تيار ڪري، ماهرن ڏانهن موڪلي وئي. سنڌ جي ڪيترن ئي عالمن ۽ اُستادن، جهڙوڪ: ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر حبيب الله صديقي، مراد علي نظاماڻي ۽ ڊاڪٽر فهميده حسين کان سواءِ آفتاب ابڙي، غلام رسول چانڊيي ۽ علي موسويءَ بہ تمام سهڻيون صلاحون ڏنيون آهن ۽ پنهنجا رايا بہ موڪليا آهن.

(الف) انهن ۾ بين الاقوامي حيثيت رکندڙ عالم ڊاڪٽر نبي بخش بلوچ، اسان جي خط جي جواب ۾ جن مشورن موڪلڻ جي نوازش ڪئي، اُهي هي آهن:

(1) انفرادي طور تي اوهان ڪو قدم کڻڻ چاهيو ٿا تہ اهو اوهان جي صوابديد تي ڇڏيل آهي، پر جي سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي مُهر ۽ تصديق سان اهو چارٽ شايع ڪرڻو آهي تہ پوءِ ان تي خاطر خواه غور ڪرڻ جي ضرورت آهي ۽ تڪڙ ڪرڻ نہ گهرجي.

(2) غالباً 1989ع ۾ اورينٽل ڪانفرنس طرفان، عربي الف ـ ب لاءِ چارٽ منظور ٿيو هو جيڪو بين الاقوامي طور تي عالم استعمال ڪن ٿا. سنڌي الف ـ ب جي خاص عربي اکرن لاءِ اهي ساڳيا انگريزي اکر رکجن تہ بهتر.

(3) 1963ع ۾، آمريڪن ڪانگريس لائبريريءَ طرفان، اورينٽل زبانن جي 'ٽرانسليٽريشن' لاءِ معياري چارٽ ٺاهيا ويا هئا، ۽ هڪ گڏجاڻيءَ ۾ مون کي بہ سڏيو ويو هو اردو سنڌي، پشتو ۽ بلوچي وغيره ٻولين لاءِ جدا جدا چارٽ ٺاهيا ويا هئا. اهي ڪاپيون گهرائي سامهون رکيون وڃن.

(4) خاص سنڌي اُچارن وارن اکرن لاءِ ڪهڙيون ڪهڙيون صورتون رکجن، تن تي ويچار جي ضرورت آهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مثلاً: ’ڻ‘ جو اُچار ’ن‘ سان لاڳو آهي ۽ اُن کي ’اين‘ (n) تي ڪنهن نشان سان نروار ڪجي، پر ’ڄ‘ جو اُچار ’ج‘ سان لاڳو آهي ۽ ’جي‘ (J) تي نشان سان ان کي نروار ڪرڻ گهرجي. ’ڳ‘ جو اُچار ’گ‘ سان لاڳو آهي ۽ اُن کي ’جي‘ (g) تي نشانيءَ سان نروار ڪرڻ مناسب ٿيندو.

(5) ’ء‘ ۽ ’ٻ‘ جا متبادل حرف پڻ مقرر ڪجن.

اهڙيءَ طرح ڪي بيا مسئلا زير غور آڻڻ گهرجن.

(ب) محترم مراد علي نظامانيءَ مشورو ڏنو ته:

”منهنجي راءِ ۾ ’ٿ‘ لاءِ thh، ’ڇ‘ لاءِ ch، ’ڇ‘ لاءِ chh ۽ ’ڍ‘ dhh حرف هئڻ گهرجن.

اسان جي سفارش ڪيل رومن- سنڌي لپيءَ تي ڪن سڄڻن پنهنجا خدشا ظاهر ڪيا آهن، مثال طور:

| | سڄڻن جا رايا | اسان جي وضاحت |
|---|---|---|
| (i) | ’ڇ‘ حرف لاءِ صرف ’c‘ هئڻ بجاءِ ’ch‘ ٿيڻ سان چٽائي ٿيندي | هن نقطي لاءِ محترم نظاماڻي ۽ ڊاڪٽر حبيب الله صديقيءَ به ساڳي راءِ رکن ٿا. روسي ماهرن، لائبريري آف ڪانگريس ۽ لنڊن يونيورسٽيءَ جي SOAS، ’ڇ‘ لاءِ ’c‘ حرف ۽ ’ڇ‘ لاءِ ’ch‘ حرف مقرر ڪيو آهي. اسان به c حرف رکيو آهي. |
| (ii) | ’ڄ‘ جي لاءِ ’j‘ ۽ ’ڃ‘ لاءِ n طئي ڪيو ويو آهي ته پوءِ جيڪڏهن ’ڄڃ‘ لکڻو پوي ته ڇا jan لکجي؟ جيڪڏهن ها ته پوءِ ڇا اُن مان ’ڄڃ‘ لفظ جو تاثر اُڀري ٿو؟ | اول ته هيءَ نوٽ ڪرڻو آهي ته ’ٻ‘، ’ڏ‘، ’ڄ‘ ۽ ’ڳ‘ چو سٽا آواز آهن. اهي هڪ ئي قسم جا آواز آهن، پر انهن جا مخرج ڌار ڌار آهن. انهيءَ ڪري رومن- سنڌي پٽيءَ ۾ انهن سڀني حرفن لاءِ، رومن حرف جي هيٺان ليڪ ڏني وئي آهي، جيئن: ٻ ’b‘، ’ڏ‘d، ’ڄ‘ ’j‘ ۽ ڳ ’g‘. روسي ماهرن، لائبريري آف ڪانگريس ۽ SOAS طرفان به مقرر ڪيل رومن حرفن ۾ هڪجهڙائي ڪانهي، البت پارت جي انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان ’ڄ‘ لاءِ رومن حرف j هيٺان ليڪ ڏيئي ’j‘ حرف ٺاهيو ويو آهي. ساڳيءَ طرح گهڻن آوازن جي حرفن لاءِ به هڪ ئي طريقو رکيو ويو آهي، جيئن: م ’m‘، ن ’n‘، |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| | | ڄ 'n̈' ۽ ڱ n روسي ماهرن، لائبريري آف ڪانگريس ۽ SOAS ٻہ اِهي ئي ساڳيا رومن حرف مقرر ڪيا آهن. هاڻي جيڪڏهن ڄڄ، لفظ لکڻو هجي تہ ja̤n̈a لکبو اُن مان 'ڄڄ' جو تاثر ڇو نہ ملندو؟ جيڪي ماڻهو رومن- سنڌي رسم الخط لکڻ ۽ پڙهڻ جا عادي ٿي ويندا، اُنهن کي ڪا بہ تڪليف محسوس ڪا نہ ٿيندي. |
| (iii) | 'ع' لاءِ '■' استعمال ٿيل آهي، جيڪڏهن 'ع' لاءِ 'a' استعمال ڪجي تہ ڪهڙو حرج آهي. حقيقت ۾ 'a' استعمال ڪرڻ سان اُچار جي واضح شڪل ٿيندي. | عربي حرف لاءِ بين الاقوامي طور تي '■' نشاني منظور ٿيل آهي ۽ 'ہ' کي چوٽي سر 'آ' طور قبول ڪيو ويو آهي. اسان بہ اهو ئي طريقو اختيار ڪيو آهي. |
| (iv) | 'ص' لاءِ 's' جي بجاءِ صرف اڪيلي ٽِڪي کان سواءِ 's' يا ڪٺي ss استعمال ڪجي. | 'ص' بہ عربي رسم الخط جو حرف آهي. بينُ الاقوامي طور تي 'ص' 'س' ۽ 'ث' لاءِ جيڪي حرف مقرر ٿيل آهن، اُهي هن طرح آهن: س=s، ث =ṡ ۽ ص = ṣ اسان بہ اهي ئي رومن – سنڌي حرف مقرر ڪيا آهن. |
| (v) | 'ٽ' لاءِ 'tt' ۽ 'ڻ' لاءِ 'nn' استعمال ڪري سگهجي ٿي. | روسي آمريڪي، برطانوي ۽ ڀارتي ماهرن 'ٽ' لاءِ 't' حرف تجويز ڪيو آهي ۽ 'ڻ' لاءِ 'ṇ'. اسان بہ اهي ئي حرف رکيا آهن. |
| (vi) | ٽِڪا، يا هيٺان يا مٿان ليڪن جو استعمال نہ ڪجي تہ ڪهڙو فرق پوندو؟ | ٽِڪا يا ليڪون، بين الاقوامي سطح تي نون حرفن ٺاهڻ لاءِ اختيار ڪيا ويا آهن. استعمال ڪان پوءِ ماڻهو پاڻيهي عادي ٿي تو وڃي ۽ ڪيس رومن- سنڌي حرف سمجهہ ۾ اچي وڃن ٿا. جڏهن لائبريري آف ڪانگريس ۽ روس جي لائبريرين ۾ ڪتابن جي داخلا، انهن |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| | | رومن_ سنڌي حرفن ۾ ٿئي ٿي تہ پوءِ اسين چو نہ عادي ٿي سگهنداسين. |
| (vii) | سنڌي ٻوليءَ کي رومنائيز ڪرڻ سميت خود سنڌي تختيءَ ۾ بہ تبديليءَ جي سخت ضرورت آهي، مثال طور: 'ث/ص'، 'خ/ک'، 'ح/ه'، 'ذ/ظ/ض'، 'ع/ا'،'غ /گ'، 'ق/ڪ'، 'ف/ڦ' ۽ 'ط/ت' وغيره سميت ٻيا بہ ڪيترائي اکر جن مان هڪجهڙا اُچار (صرف معمولي فرق سان) ظاهر ٿين ٿا، پوءِ آخر ايتري ڏکهي ۽ منجهائيندڙ پٽيءَ جي ڪهڙي ضرورت آهي. | سنڌي لپيءَ کي رومنائيز ڪرڻ جي طرفداري ڪندڙ صاحب، اڪثر اها ٿي راءِ ڏين ٿا، پر عام صوتيات جي هڪ شاگرد جي حيثيت ۾ منهنجو خيال آهي تہ اُهي صاحب غلط آهن. جيڪي دعويٰ ٿا ڪن تہ 'خ' ۽ 'ک'، 'غ' ۽ 'گ' لاءِ هڪ ئي رومن حرف يعني 'kh' ۽ 'g' مقرر ڪجن. اهڙيءَ طرح 'س، ث ۽ ص'، ۽ 'ز ذ ض ۽ ظ' لاءِ هڪ ئي رومن حرف ڪم آڻجي. جيڪڏهن ائين ڪجي بہ ڪٿي تہ پوءِ 'غلام مصطفيٰ' لفظ کي 'gulam mustafa' 'مستنصر' کي 'mustansir' ۽ 'خير خواهہ' کي 'khair khawaha' لکڻو پوندو ۽ 'صورت' ۽ 'سورت' کي 'surat' لکڻ سان، انهن لفظن جو اصل مفهوم نڪري نہ سگهندو. |
| (viii) | 'ڇ، ڦ، ڀ، ٽ، ٿ، ڇ، ڃ ۽ ڄ' وغيره جا ٽپڪا ڏاڍا منجهائيندڙ آهن. انهن ايترن ٽپڪن جو بہ حل ڪڍڻ گهرجي. | ماهرن جڏهن عربي_ سنڌي الف_ب لاءِ حرف مقرر ڪيا ۽ اُنهن جي لکڻ لاءِ صورتون مقرر ڪيون، تڏهن انهن 'ا ب د ح ۽ گ' وغيره شڪليون سامهون رکي، پوءِ انهن شڪلين جي مدد سان ڌار ڌار قسمن ۽ انهن جي گروهن وارن آوازن کي، لکت واري صورت ۾ آڻڻ لاءِ، ڌار ڌار صورتون ٺاهيون. اُنهن ۾ ضروري ٽپڪن، ليڪن يا ٻين طريقن جي اختيار ڪرڻ سان ئي، ڌار ڌار آوازن کي ڌار ڌار حرفن جي مدد سان لکت ۾ ظاهر ڪيو ويو.<br>ڀارت يا يورپ جي ڪيترين ئي ٻولين کي |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| | | لکيل صورت ۾ آڻڻ لاءِ انهن رومن توڙي ديوناگريءَ جي حرفن ۾ نقطا يا ڪي ٻيون نشانيون ڏنيون. پارٽ، يورپ ۾ ڏور_ مشرق جي ٻولين جي لکڻ جو ڪو هڪ نمونو ڪونهي، اُنهن جا ڪيترائي نمونا آهن، پوءِ صرف عربي_ سنڌي رسم الخط تي اعتراض ڇو ٿو ڪيو وڃي؟ |
| (ix) | رومن خط لاڳو ڪرڻ لاءِ محترم حليم بروهيءَ ڪافي ڪم ڪيو آهي. جيڪڏهن ڪانئس صلاحون /مدد حاصل ڪئي وڃي ته ڏاڍو سٺو لڳي. | اسين سنڌ جي هر سمجهدار ماڻهوءَ کان مدد وٺڻ چاهيون ٿا، صرف حليم بروهي صاحب کان ڇو؟ حليم بروهي صاحب جو ٺاهيل رومن_ سنڌي رسم الخط وڏيڪ منجهائيندڙ ۽ غير سائنسي آهي. |

9. (الف) انهن سڀني مسئلن تي اڄ، هن مذاڪري ۾ بحث ڪيو ويندو ۽ اُنهن کي حل ڪرڻ جي ڪوشش ڪبي، ۽ رومن_ سنڌي حرفن لاءِ ڪا مناسب راءِ قائم ڪبي ته جيئن سڄيءَ دنيا لاءِ هڪ ئي معياري رومن_ سنڌي رسم الخط اختيار ڪري سگهجي. انهن سڄڻن ۽ ادارن طرفان ٺاهيل رومن_ سنڌي حرفن جي پٽي هتي ڏني وئي آهي. هن اجلاس ۾ ماهرن جي اتفاق راءِ سان، هر رومن_ سنڌي حرف جي اختيار ڪرڻ جو فيصلو ڪيو ويندو ته جيئن هن ڪم ۾ وڌيڪ دير نه ٿئي. مون کي تڪڙ انهيءَ ڪري آهي، جو سنڌي ٻوليءَ جي سکيا لاءِ تيار ڪيل CD ۾، عربي_ سنڌي رسم الخط وارو سافٽ ويئر ماهرن کي رومن_ سنڌي رسم الخط ۾ تبديل ڪرڻ لاءِ ڏيڻو آهي.

(ب) (i) هن مذاڪري ۾ منظور ڪيل رومن_ سنڌي رسم الخط اٿارٽيءَ جي ائڪيڊمڪ پلاننگ ۽ ريسرچ ڪميٽيءَ جي گڏجاڻيءَ ۾ آخري طور منظوريءَ لاءِ پيش ڪيو ويندو. BOG جا ڪيترائي ميمبر، اُن ڪميٽيءَ جا به ميمبر آهن. اُن جي منظوريءَ کان پوءِ رومن_ سنڌي رسم الخط جي چارٽ جو انٽرنيٽ تي تعارف ڪرايو ويندو.

(ii) آءٌ اهو به عرض ڪندس ته اسان IPA (International Phonetic Alphabet) جي چارٽ کي به سامهون رکيو آهي. انهيءَ لاءِ ته جيئن اسين بين الاقوامي اصولن کان به پري نه هجون.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# سنڌي آوازن لاءِ مقرر ڪيل رومن – سنڌي حرفن جو چارٽ

| سنڌي آوازن جا حرف | روسي ماهرن جا ٺاهيل حرف | لائبريري آف ڪانگريس جا ٺاهيل حرف | انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جاٺاهيل حرف | ڊاڪٽر ڏاسوانيءَ جا ٺاهيل حرف | حليم بروهيءَ جا ٺاهيل حرف | ڪرسچن مشنريءَ جا ٺاهيل حرف | سيد علي موسويءَ جا ٺاهيل حرف | ڊاڪٽر صديقيءَ جا ٺاهيل حرف | پلٽس جو ڪم آيل حرف | اٿارٽيءَ جو رايو | وضاحتي نوٽ |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ب | b | b | b | b | B | b | B | b | b | b | گهڻو ڪري سيني ادارن/ فردن 'b' حرف استعمال ڪيو آهي |
| ٻ | b̄ | b̤ | b̲ | b | BB | bb | B̲ | b̄ | b̲ | b̲ | پلٽس ۽ انڊين انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ جو ٺاهيل حرف 'b' وڌيڪ مناسب آهي. اسان به اهو ئي حرف رکيو آهي |
| ڀ | bh | bh | bh | bh | BH | bh | BH | bh | - | bh | 'ڀ' وسرگ صورت آهي اُن ڪري وسرگ صورتن لاءِ 'h' حرف وڌائي 'bh' سان ملايو ويو آهي |
| ت | t | t | t | t | TT | t | T | ẗ | t | T | سيني ادارن 't' حرف ڪم آندو آهي |
| ٿ | th | th | th | Th | THH | T | TH | ẗh | | th | سيني ادارن 'th' حرف ڪم آندو آهي |



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

| | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ٽ | ṭ | ṭ | ṭ | ṭ | T | TH | T | t | t | ṭ | روسي، آمريڪي، پارٽي ماهرن ۽ پلئٽس جي لغت ۾ 't' حرف استعمال ٿيل آهي |
| ٺ | ṭh | ṭh | ṭh | ṭh | TTH | th | TH | ṭh | ṭh | ṭh | روسي، آمريڪي، پارٽي ماهرن ۽ پلئٽس جي لغت ۾ 'ṭh' حرف استعمال ٿيل آهي |
| ث | s | s̤ | s | s | S | s | S | s | s̤ | ṡ | 'ث' عربي حرف آهي آمريڪي ماهرن 'ṣ' حرف ڪم آندو آهي، اسان 'ṡ' حرف جي سفارش ڪئي آهي |
| پ | P | P | P | P | P | P | P | P | P | P | سيني 'p' حرف ڪم آندو آهي |
| ج | j | j | j | j | J | j | J | J | J | j | گهٽو ڪري سيني ماهرن 'j' حرف ڪم آندو آهي |
| ڄ | J | j̃ | j̲ | ʃ | JJ | jj | J̲ | J̄ | - | j̲ | پارٽي ماهرن 'j' حرف ڪم آندو آهي 'ٻ' واري حرف b̲ سان هڪجهڙائي رکڻ لاءِ 'j̲' حرف رکيو ويو آهي |
| جهہ | jh | jh | jh | jh | JH | jh | Jh | Jh | - | jh | سيني ماهرن jh حرف ڪم آندو آهي |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ذ | z | z̲ | z | z | z | z | ẓ | ɜ̇ | ż | z̲ | 'ذ' عربي حرف آهي لائبريري آف ڪانگريس 'Z̲' حرف مقرر ڪيو آهي اسان به اهوئي حرف رکيو آهي |
| ر | r | r | r | r | R | r | R | r | r | r | 'ر' لاءِ اڪثر ماهرن 'r' حرف مقرر ڪيو آهي |
| ڙ | ṛ | ṛ | ṛ | ṛ | RR | R | R̲ | rr | ṛ | ṛ | 'ڙ' لاءِ اڪثر ماهرن 'ṛ' حرف مقرر ڪيو آهي |
| ز | z | z | z | z | z | z | z | ɜ | z | z | 'ز' لاءِ اڪثر ماهرن 'Z' حرف مقرر ڪيو آهي |
| س | s | s | s | s | S | s | S | s | s | s | حليم بروهي ۽ پارٽي ماهرن ڪرسچن مشنرين 'ث'، 'س' ۽ 'ص' لاءِ 'S' حرف ڪم آندو آهي اسان 'S' جي سفارش ڪئي |
| ش | s | sh | sh | - | SH | S | SH | sh | s | sh | 'ش' لاءِ روسي آمريڪا ۽ ڪئناڊا جي مشنرين ڌار ڌار حرف مقرر ڪيا آهن، اسان 'sh' حرف رکيو آهي |
| ص | s | ṣ | s | s | S | s | S̲ | ṣ | ṣ | ṣ | 'ص' لاءِ لائبرري آف ڪانگريس ۽ پلئٽس وارو حرف 'ṣ' اسان به مقرر ڪيو آهي |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | | | | | | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|---|
| ض | z | z̤ | z | ẓ | z | z | z | ə̣ | ẓ | z̤ | حليم بروهي، پارٽي ماهرن ۽ ڪرسچن مشنرين 'ذ'، 'ز'، 'ض' ۽ 'ظ' لاءِ 'Z' حرف مقرر ڪيو آهي. اسان لائبريري آف ڪانگريس وارو ٿاهيل حرف 'ẓ' ڪم آندو آهي |
| ط | t | t̤ | t | t | TT | t | Ṭ | t̤ | t̤ | t̤ | 'ط' لاءِ لائبريري آف ڪانگريس پلئنس ۽ ڪن ماهرن 'ṭ' حرف مقرر ڪيو آهي. اسان به اهوئي حرف اختيار ڪيو آهي |
| ظ | z | ẓ | z | z | Z | - | ZH | ə̤ | z̤ | ẓ | 'ظ' لاءِ لائبرري آف ڪانگريس وارن حرف 'ẓ' مقرر ڪيو آهي. اسان به اهوئي اختيار ڪيو آهي |
| ع | ʿ | | - | - | A | - | W | ã | | ʿ | 'ع' لاءِ بين الاقوامي مقرر ڪيل نشان '' آهي. اسان به اهوئي نشان ڪم آندو آهي |
| غ | gh | gh | ġ | ɣ | GGH | G | Ģ | gh | g | gh | 'غ' لاءِ اڪثر ماهرن روسي ۽ آمريڪي ماهرن جو ٺاهيل حرف gh مقرر ڪيو آهي. اسان به اختيار ڪيو آهي |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آ=aa يا ai،اِي = ii يا ii، اُو=uu يا :u ۽ او=oo يا :o

ڊاڪٽر فهميده حسين ٻه اهڙن حرفن جي سفارش ڪئي آهي ۽ پارٽ جي ماهرن ٻه اهي ئي حرف مقرر ڪيا آهن. اٽارنيءَ جي چارٽ ۾ اسان، روسي، آمريڪي ماهرن ۽ پلئٽس جا مقرر ڪيل حرف رکيا آهن.

(ٿ) صاف سرن کان سواءِ، هر ٻوليءَ ۾ گهڻا سر ٻه اهم ڪردار ادا ڪن ٿا. رومن- سنڌي رسم الخط لاءِ گهڻن سرن جي لاءِ لائبريري آف ڪانگريس، روسي ماهرن ۽ اٽارنيءَ ڪي تجويز ڪيل رومن – سنڌي حرفن ۾ سئو فيصد هڪجهڙائي آهي. مثال طور:

| عربي- سنڌي حرف | روسي ماهرن جو ٺاهيل | لائبريري آف ڪانگريس جو ٺاهيل | پارٽ جي سنڌالاجيءَ جو ٺاهيل | حليم بروهيءَ جو ٺاهيل | ڪرسچن مشنرين جون ٺاهيل | اٽارنيءَ جو تجويز ڪيل |
|---|---|---|---|---|---|---|
| اَن | ã | ã | an | UN | ã | ã |
| آن | ā̃ | ā̃ | ān | AAN | Ã | ā̃ |
| اِن | ĩ | ĩ | in | IN | Ĩ | ĩ |
| اِين | ī̃ | ī̃ | īn | EEN | - | ī̃ |
| اُن | ũ | ũ | un | UN | u | ũ |
| اُون | ū̃ | ū̃ | ūn | OON | Ũ | ū̃ |
| اين | ẽ | ẽ | en | AYN | Ẽ | ẽ |
| اَين | ãi | ãi | ain | UAYN | - | ãi |
| اون | õ | õ | on | ON | Õ | õ |
| اَون | ãu | ãu | aun | UON | | ãu |

پارٽ جي ماهرن، سر جي گهڻائڻ ڏيکارڻ لاءِ، صاف سر جي حرف پٺيان n حرف شامل ڪيو آهي.

14ـ هاڻي ڏسڻ گهرجي تہ رومن-سنڌي رسم الخط جي مدد سان، سنڌي ٻوليءَ جا لفظ جملا ۽ پيراگراف توڙي گيت وغيره ڪيئن ٿا لکي سگهجن:

**لفظ**

| | | | | | |
|---|---|---|---|---|---|
| آهي | āhe | تارو | tāro | طوطو | ṭoṭo |
| آهِي | āhī | ٽارو | ṭāro | حال | ḥālu |
| آهِين | āhī̃ | ڊَپُ | ḍapu | هال | hālu |
| اِيندو | ī̃do | ڍورُ | ḍhoru | ذاتِ | zāti |
| وَڻَ ٽِڻَ | vaṇa ṭiṇa | جاڃِي | jāñī | زالُون | zālū̃ |
| لَٺيُون | laṭhiyū̃ | ڄَڃَ | j̱aña | ضرب | ẕarba |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

Miyā̃ G̲hulām Shāh Kalhoro Sindhu jo hiku sab̲ājho, rahmdil aī sabra vāro ḥākim thī guz̲riyo āhe. hū, Sindhu je sūfī darvesh shāira, Shāha ˛abdul Laṭif Bhiṭāīa je duā sā jāo ho. sadus hukūmata vāre zamāne me Sīdhu mẽ sulḥa, sānt aī k̲h̲āmoshī hū̃dī huī. kāhī bi z̤ālim khe ihā ṭaqata kāna hū̃dī huī ta hū pāhījo kādhu mathe khaṇī, kāhī g̲h̲arība sā̃ z̤ulm aī beinsāfī kare saghe.

نظم

| | |
|---|---|
| jo khīru pīe, so vīru thie<br>d̲ada zor vathan,<br>suthā suhinā lag̲an<br>akhiyan joti vadhe<br>d̲ādhi sūha thei<br>d̲e khiru amā, pī parhan vanā | جو کير پئي سو ويرُ ٿئي<br>ڏندَ زور وٺن،<br>سٺا سهڻا لڳن<br>اکين جوت وڌي<br>ڏاڍي سونهن ٿئي<br>ڏي کير امان، پي پڙهڻ وڃان |

شاهہ لطيف جو بيت

| | |
|---|---|
| jinī d̲āda na b̲ij, tinī tuhījo āsiro,<br>poe ubhāriye siju, pahirī d̲iye unihi khe | جني ڏاند نہ ٻج تني تنهنجو آسرو<br>پوءِ اُڀارين سج، پهرين ڏئين اُنهيءَ کي |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# سنڌي ٻوليءَ جو مزاج: سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ اُبتي ٻوليءَ جو تجربو

1. (الف) سنڌي ادب، هر دور ۾ ارتقا پذير رهيو آهي. اُن جو خاص سبب هي ٿي سگهي ٿو، جو سنڌ جي سڄاڻ اديبن ۽ نقادن هميشہ پنهنجي ماحول ۽ معاشري جو مطالعو پئي ڪيو آهي ۽ اُن ماحول ۽ معاشري ۾ ايندڙ ڦيرين گهيرين جو عڪس، پنهنجي تنقيدي اپياس ذريعي، نظم يا نثر ۾ پيش پئي ڪيو آهي. انهيءَ ڪري سنڌي ادب کي، هر دؤر ۾ پنهنجي ماحول جي عڪاسي ڪندڙ هر دؤر جي ترجماني ڪندڙ ۽ جديد ادب چيو ويو آهي. سومرن جي دؤر کان وٺي موجوده دؤر تائين نظم توڙي نثري صنفن جو جڏهن جائزو وٺجي ٿو تہ محسوس ٿو ٿئي تہ اسان جو ادب، هر دؤر ۾ 'ماڻهوءَ جو ادب' رهيو آهي، ۽ معاشري کي متاثر ڪندڙ تبديليون، سنڌي ادب کي بہ هميشہ متاثر ڪنديون رهيون آهن، اهو ئي سبب آهي جو سنڌي ادب ۾ هميشہ وقت جي رفتار سان گڏ، نوان تجربا ڪيا ويا آهن، اُن ۾ نوان موڙ آندا ويا آهن ۽ نواڻ آندي وئي آهي. هن ڏس ۾ 'سنڌي ڪهاڻي' ۽ 'سنڌي شعر' جو مطالعو ڪافي دلچسپ آهي،

جڏهن فقط ڪهاڻيءَ ۾ ئي تبديلين جو تنقيدي اپياس ڪجي ٿو تڏهن اچرج ۾ پئجي وڃون ٿا، ۽ انهن نقادن جن هيءَ تنقيدي راءِ قائم ڪئي هئي تہ "علم ادب، زندگيءَ جو تفسير ۽ حياتيءَ جو آئينو آهي" دل سان داد ڏيڻ کان سواءِ رهي نٿا سگهون. ان لحاظ کان، سنڌي ڪهاڻيءَ جو تنقيدي مطالعو يقيناً سنڌ جي سماجي تاريخ ۽ قدرن جو مطالعو آهي. ڊاڪٽر الهداد ٻوهيي بلڪل درست چيو آهي:

> "ادب جو سماجي ڪارج وارو اپياس، افاديت جي خيال کان، اسان لاءِ ٻولي، سماج، ڪلچر ۽ ادب جي باري ۾ ڪئين نقطا واضح ڪري ٿو ڪئين مسئلا حل ڪري ٿو ڪئين راهون کولي ٿو ۽ ڪئين سوال اُڀاري ٿو. هن طرح اسان، هن قسم جي اپياس مان، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جي باري ۾ وڏيڪ ڪم ڪرڻ لاءِ وڏو مواد حاصل ڪري سگهنداسين" (الهداد ٻوهيو 1977: 105)

(ب) سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ڪهاڻي نويسن، نت نوان تجربا پئي ڪيا آهن، اهڙن تجربن مان ٻوليءَ جي شعبي ۾ 'اُبتي ٻولي' يا 'اُبتي گرامر جا تجربا' سرفهرست آهن. ٻوليءَ جي مزاج ۽ مسئلن جي خيال کان هي تجربو ڪيتري قدر 'علمي (scientific)' آهي، هن مضمون ۾ اُن جو جائزو ورتو ويو آهي. منهنجي ڄاڻ موجب، سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ 'اُبتي ٻولي' يا اُبتي گرامر' جي دعويٰ، نقاد جي ناتجربيڪاري ٻوليءَ جي سٽاءَ يا رچنا کان اڻ ڄاڻائپ ۽ وياڪرڻي اصولن ۽ قانونن جي علم کان بيخبريءَ جي ڪري ئي ڪئي وئي آهي، ڇاڪاڻ تہ اُهو عمل يا ڪم جيڪو فطرت جي اصولن ۽ قانونن جي انحرافي ڪندو هجي (هتي اهو بہ نوٽ ڪرڻ گهرجي تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي ارتقا جو ڪم بہ هڪ لاڳيتو فطري عمل آهي)، اهڙيءَ دعويٰ، بنا سوچ ۽ بنا سمجهہ جي، صرف نئين تجربي جي شوق ۾ ڪئي وئي آهي، جيڪا سائنسي طور درست ٿئي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

نٿي سگهجي. هن ڏس ۾ 1974ع ۾، ماهوار سوجهري رسالي ۾ ڪافي بحث ڪيل آهي. هن مقالي ۾ مثالن ۽ دليلن سان، اُبتي ٻوليءَ واريءَ اسٽائل واري تجربي جي دعويٰ کي نہ فقط رد ڪيو ويو آهي، پر هڪ غلط ۽ غير فطري عمل پڻ ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي وئي آهي.

2. ٻوليءَ جو مطالعو هڪ علم آهي؟

(الف) ٻوليءَ جو علم هڪ سائنس آهي. هيءُ علم سماجي علمن (Social Science) سان واسطو رکي ٿو. ٻولي، انسان ذات سان گڏ وجود ۾ آيل آواز نشانين ۽ علامتن جو هڪ اهڙو سرشتو آهي، هڪ اهڙو نظام، تنظيم ۽ عمل آهي، جنهن جي مدد سان هڪ سماجي گروهہ جا ماڻهو هڪ ٻئي سان تعلق رکن ٿا ۽ هڪ ٻئي کي سمجهن ٿا. (Sturtevant, E.H, 1947:2). يعني ڪنهن بہ سماجي گروهہ ۾ هڪ ٻئي سان تعاون لاءِ انسان ذات جي وات مان نڪتل آوازن جي سرشتي کي ٻولي سڏجي ٿو. هن ڏس ۾ لسانيات جي آمريڪي ماهرن بلاخ ۽ ٽرئگر (Bloch & Trager) جو رايو آهي تہ:

> ”ٻولي، صوتين، آوازي نشانين، اُهڃاڻن ۽ علامتن جي هڪ اهڙي تنظيم، هڪ اهڙو سٽاءُ ۽ سرشتو آهي جنهن جي مدد سان سماجي گروه هڪ ٻئي سان تعلق رکن ٿا“. (Bloch, B. & Trager, K.L 1942:5) انهيءَ لحاظ سان چئبو تہ ٻولي، سماج لاءِ تمام ضروري آهي. ٻوليءَ بنا، انساني سماج جو تصور ئي ناممڪن آهي، ڇو تہ هر انسان ڪنهن نہ ڪنهن سماجي گروهہ جو هڪ فرد هوندو آهي، ۽ سماجي ۽ معاشرتي معاملن ۾ هو زبان تي ئي مدار رکندو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ماهرن جو رايو آهي تہ: ”هر زبان، تهذيب ۽ ثقافت جو بنياد ۽ پاڙ آهي.“

3- ٻولي هڪ تنظيم آهي:

(الف) جيئن هيءَ ساري ڪائنات ۽ اُن جو نظام هڪ فطرتي عمل آهي، جيئن سج جو اُڀرڻ ۽ لهڻ، موسمن جو ڦرڻ ۽ بدلجڻ، فصلن جي پوکجڻ ۽ لهڻ، برسات جو وسڻ ۽ هوائن جو گُهلڻ هڪ فطرتي عمل آهي ۽ جيئن هر فطري عمل ۾، قدرت ڪارفرما هوندي آهي، تيئن ٻوليءَ بہ هڪ فطرتي عمل آهي. قدرتي نظام آهي ۽ ٻولي هڪ تنظيم آهي، جنهن ۾ جيئن آوازن جي اُچارجڻ ۽ لفظن جي جوڙڻ ۾ صوتياتي سٽاءَ، سرشتي ۽ تنظيم جو واسطو هوندو آهي، تيئن وري فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي ٻيهڪ ۽ انهن ۾ هر قسم جي تبديلي، جملن ۾ جهيلار جي لاهہ ۽ چاڙهہ، لفظن ۾ وياڪرڻي جزن جي ڦيرن، گردانن ۽ صيغن، وياڪرڻي سٽاءَ ۽ جوڙجڪ جي سرشتي، سٽاءَ، ترتيب ۽ تنظيم جو عمل دخل هوندو آهي. ٻوليءَ جي علم جا اِهي سڀ شعبا، هڪ فطرتي ۽ قدرتي نظام ۽ تنظيم جي اصولن ۽ قانونن موجب عمل ڪن ٿا. اهي سڀ حصا، ڪنهن نظام موجب جڙيل آهن، جنهن جي ٺاهڻ ۾ ڪنهن بہ انسان جو ڪو اختيار نہ هوندو آهي.

قدرت جي طرفان خلقيل هر شيءِ لاءِ ٺاهيل نظام جيڪڏهن اُبتو ٿي وڃي تہ جيڪر وڏو مانڌاڻ مچي وڃي. مثال طور ڪنهن حامله عورت جي گرڀ ۾ ٻار اتفاقاً جڏهن 'اوپر' وارو ٿيندو آهي، تڏهن اُن عورت جي گهر جو هر ڀاتي يا سندس هر عزيز ٻار جي ڄمڻ تائين، فڪرمند رهندو آهي، اهڙيءَ طرح غير



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

منداٿيون هوائون، جن کي هاري ناريءَ 'اوکڙ' واريون هوائون سڏيندا آهن. جڏهن اُهي لڳنديون آهن، تڏهن اُهي نه فقط پوکن لاءِ نقصانڪار سمجهيون وينديون آهن، پر عام ماڻهن جي صحت کي به نقصان پهچائينديون آهن. ائين ئي غير منداٿي برسات تباهي مچائيندي آهي. اهڙيءَ طرح قدرتي نظام موجب، سج، اوڀر کان اڀرندو آهي ۽ اولهه طرف لهندو آهي. قدرت جي انهيءَ نظام ۾ جيڪڏهن ڪو ڦيرو اچي وڃي ته جيڪر دنيا ۾ ڪهرام مچي وڃي. اهڙيءَ طرح مندون، پنهنجي وقت تي اچن ٿيون ۽ ڦرن ٿيون، موسمن جي آڌار تي پوکون ٿين ٿيون. ڪڻڪ، سياري ۾ پوکبي آهي ۽ بهار ۾ لهندي آهي. ساريون اونهاري ۾ پوکبيون آهن ۽ خزان ۾ لهنديون آهن ۽ انب فيبروريءَ ۾ ٻور جهليندا آهن ۽ مئي- جون ۾ فصل ڏيندا آهن. اهڙيءَ طرح قدرت جو قانون، هر ڪم ۾ ڪارفرما هوندو آهي.

(ب) ٻولي هڪ تنظيم آهي، هڪ علم آهي. اُها به هڪ قانون ۽ سرشتي تي ٻڌل هوندي آهي، جنهن ۾ ڪا ڦير ڦار ڪري اُن کي اُبتو ڪري نٿو سگهجي. جيڪڏهن ڪا به تنظيم بنا ڪنهن اصول ۽ قانون جي اُبتي ڪجي ته پوءِ اُن کي تنظيم ڪيئن چئي سگهبو؟ ڪنهن به شاعر جي منظوم ڪلام کي تڏهن ته نظم چئبو آهي، جڏهن اُن ڪلام کي، چاهي اُهو هنديءَ ۾ هجي يا سنڌيءَ ۾، عربيءَ ۾ هجي يا فارسيءَ ۾، فرينچ ۾ هجي يا انگريزيءَ ۾، پنهنجي پنهنجي طريقي جي اصولن موجب منظوم هوندو آهي. هر ڪلام، پنهنجي پنهنجي ٻوليءَ جي مزاج ۽ ماپن، بحرن، وزنن ۽ ماترائن جي علم موجب ئي جُڙيل هوندو آهي. پوءِ ڪٿي اُن کي ڇند ته ڪٿي علم عروض چون ته ڪٿي وري ميٽر چون. مطلب ته جيئن شاعريءَ لاءِ ماهرن، فطري بنياد تي ڪي قانون جوڙيا، اُنهن تي پنهنجي پنهنجي ماحول ۽ ٻوليءَ جي مزاج مطابق نالا رکيا آهن، تيئن خود ٻوليءَ به ڪن اصولن ۽ تنظيم جي پابند هوندي آهي.

ٻولي، باقاعدي آوازن جو هڪ سرشتو آهي، جنهن موجب ڪو به انسان لاشعوري طور ڳالهائيندو آهي، تنهن وقت هو ائين هر گز نه سوچيندو آهي ته صفت ڪٿي ڪم آڻيان، حرف جر ڪيئن استعمال ڪريان يا فعل ڪٿي ڪم آڻيان، پر هُو ٻوليءَ جو سڄو سرشتو پنهنجي ئي گهر جي ماحول ۾ پنهنجي ئي معاشري ۾، ٻچپڻ کان ئي پاڻمرادو سکندو ويندو آهي، ڪيس پنهنجي گهر جي ماحول ۾ ڪو به اهو نٿو ٻڌائي ته هي لفظ هت هت ڪم آڻ. البت هر ماڻهوءَ جي سوچ جي گنجائش پنهنجي هوندي آهي. ڪن ماڻهن جي سوچ، سمنڊ وانگر اونهي هوندي آهي ته ڪن جي سوچ سطحي هوندي آهي، ڪن وٽ لفظن جي کوٽ هوندي آهي ته وري ڪي لغت جي کاڻ هوندا آهن. انهن ڳالهين جو واسطو ٻوليءَ جي ستاءَ يا سرشتي سان ڪو نه هوندو آهي.

(ت) ڪي ماڻهو سمجهندا آهن ته وياڪرڻ يا گرامر جا قاعدا قانون پهرين ٺهيا ۽ ٻولي/ٻوليون پوءِ ٺهيون. اُنهن ماڻهن جي اِها سوچ صحيح نه آهي، ڪي ماڻهو وري چوندا آهن ته ٻولي پهرين ٺهي ۽ ان جو وياڪرڻ يا گرامر پوءِ ٺهيا. سنڌ جي ڏاهي امداد حسينيءَ جو هن ڏس ۾ رايو آهي ته: "ٻولي پهرين ٺهي هئي ۽ گرامر پوءِ ٺهيا" (امداد حسيني، 1972ع: 7) وري ڪي ماهر ائين سمجهن ٿا ته 'ڪنهن به ٻوليءَ جي صوتياتي يا



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

وياڪرڻي سرشتي جي سٽاءَ کي پنهنجيءَ مرضيءَ موجب ڦيرائي يا تبديل ڪري سگهجي ٿو اهو بہ ممڪن آهي'، انهن ماڻهن جي اها سوچ صحيح نہ آهي. هر ٻوليءَ جو سٽاءُ، پوءِ اُها چاهي صوتياتي هجي يا وياڪرڻي هجي، اُهو هڪ قدرتي عمل هوندو آهي، جيڪو (سٽاءُ) ٻوليءَ جي وجود سان گڏ جي وجود ۾ آيو آهي.

(ث) امداد حسيني صاحب، سوجهرو رسالي ۾، پنهنجي انٽرويوءَ ۾ جنهن گرامر طرف اشارو ڪيو آهي، اُهو ڇهين ڪلاس واري ڪورس لاءِ لکيل گرامر آهي ۽ نہ ڪي اُهو گرامر، ٻوليءَ جي وياڪرڻي سٽاءَ آهي، جيڪا هر ٻوليءَ جي لاءِ ضروري سمجهي ويندي آهي. اسين جيڪڏهن ائين ـ نون مهينن جي ڪنهن ٻار جي ٻوليءَ جو مطالعو ڪنداسين تہ هُو پهرين ڪي آواز پوءِ اُنهن آوازن مان ٺهيل لفظ پوءِ اُنهن ئي لفظن تي مشتمل جملا ڳالهائڻ سکندو آهي. انهيءَ سٽاءَ تي جيڪڏهن غور ڪنداسين تہ اسان کي معلوم ٿيندو تہ اُهو ٻار ننڍپڻ کان ئي ڪنهن سٽاءَ، ڪنهن سرشتي ۽ ڪنهن تنظيم جي اصولن موجب، پاڻمرادو لفظن کي اڳيان يا پٺيان بيهاري ٿو جيڪو هو پاڻمرادو پنهنجي ماحول ۾ سکندو ويو آهي. انهيءَ ڪري چئبو تہ ٻولي، ڪنهن قدرتي سٽاءَ يا تنظيم جو نالو آهي. اُن قدرتي نظام کي، ڪنهن قانون ۽ ڪنهن اصول کان سواءِ ڦيرائي يا تبديل ڪري نٿو سگهجي، انهيءَ ڪري ائين چيو ويو آهي تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ جي سٽاءَ ۽ سرشتي جو مطالعو معنيٰ، اُن ٻوليءَ جي صوتياتي نظام، صرفي ۽ نحوي اصولن جو مطالعو. هن ڏس ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب فرمائي ٿو:

"ڪنهن بہ نظام کي، سڌو سنئون ٻاهران جاچي نہ ڏسبو آهي، پر اُن کي جزن ۾ ورهائي، ڇيد ڪري، اُن جي عملي ڪارروائيءَ جو جائزو ورتو ويندو آهي، ٻوليءَ جي سٽاءَ سمجهڻ لاءِ بہ هوبهو ائين ڪيو ويندو آهي. پهريائين ان جا مختلف آواز معلوم ڪبا آهن، پوءِ اُنهن جو ميل ميلاپ ۽ لڳ لاڳاپو ڳولهي لهبو آهي. اُن بعد اُنهن جي عملي ڪارروائي جاچبي آهي. انهيءَ عملي ڪارروائيءَ مان بدستور لفظن جو پيدا ٿيڻ ۽ لفظن جو جُڙڻ جاچي لهبو آهي. آخر ۾ جملن جي ملي ۽ ٺهڪي اچڻ وارو نظام بيان ڪبو آهي، ٻوليءَ جي انهيءَ تنظيم جو پيو نالو 'گرامر' آهي" (علي نواز جتوئي، 1988ع: 12)

(ج) (i) پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب توڙي ٻين ماهرن جي، هن قسم واري راءِ مان ظاهر آهي تہ ٻولي، علامتن (صوتياتي ۽ وياڪرڻي) جي هڪ تنظيم آهي، هڪ سٽاءُ هڪ سرشتو آهي. اسين جيڪي ڪجهہ ڳالهايون ٿا، تنهن جو تعلق ٻاهرينءَ دنيا جي شين، واقعن ۽ وهنوار سان هوندو آهي. اسان جي هر گفتي ۽ گفتار کي ڪا معنيٰ هوندي آهي، ڪو مفهوم هوندو آهي. اسين جيڪي لفظ ڳالهايون ٿا، اُهي لفظ 'ظاهري' (لفظي) ۽ معنوي مفهوم ظاهر ڪن ٿا. پروفيسر جتوئيءَ مثال ڏيندي لکيو آهي تہ:

"جڏهن اسين چئون ٿا تہ 'ڪتو اچي ٿو'، تڏهن لفظ 'ڪتو' هوبهو شيءِ نہ آهي، پر اُن خاص شيءِ جي علامت آهي، ۽ اُن علامت مان خاص معنيٰ نڪري ٿي. اهڙيءَ طرح 'اچي ٿو'، هُوبهو ڪو واقعو نہ آهي، پر اُن خاص واقعي جي علامت آهي، جا هڪ خاص معنيٰ ظاهر ڪري ٿي." (علي نواز جتوئي، 1968ع: 12)



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ii) انهن معنائن کي پنهنجو ڪو مقصد آهي، ۽ پنهنجو ڪو مفهوم آهي. انهن معنائن کي پنهنجو ڪو ماحول ٺيندو آهي، ۽ پنهنجو ڪو معنوي ڪارج ٺيندو آهي. ڪُتي جي لفظي معنيٰ هڪڙي آهي ته معنوي ڪارج ٻيو آهي. اسان جي ٻوليءَ ۾ هڪڙو لفظ آهي 'پاٽ' اُن لفظ (پاٽ) جي ڌار ڌار ڪارجن ۾ استعمال ٿيڻ جي ڪري، اُن کي 'ڇَٽِ' به چئبو آهي، ته 'ٿيلهي' به چئبو آهي. اهڙيءَ طرح ڌار ڌار حالتن ۾ لفظ جي معنوي حيثيت بدلجي ٿي.

هن مثال مان هي ثابت ٿئي ٿو ته هر علامت جي معنيٰ ۾ ڪو لاڳاپو آهي ۽ ڪو سبب آهي، جيڪڏهن اها علامت يا اهو لفظ پنهنجي مقرر ڪيل جاءِ تان هٽائي، ڪنهن ٻيءَ جاءِ تي ڪم آڻبو ته اُن جي اصلوڪي وياڪرڻي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ به فرق اچي ويندو. تنهن ڪري امداد حسينيءَ جي هيءَ دعويٰ ته: "لفظن جو جڙاءُ، سٽن جو سٽاءُ اهي ٻئي اندر مان نڪتل آهن ۽ گرامر ٻاهرين شِيءِ آهي" (امداد حسيني، 1974ع) اها فقط هڪ شاعراڻي سوچ ۽ هڪ شاعر جي تخيل جي پرواز آهي، جنهن ۾ حقيقت گهٽ ۽ تصور وڌيڪ آهي، ڇو ته سائنس، 'ڇو ۽ ڪيئن' سوالن جا جواب ڏئي ٿي. اڳ ۾ چيو ويو ته ٻولي هڪ سائنس آهي، جنهن ۾ تخيل جي پرواز ۽ تصور گهٽ، پر حقيقت کي عمل دخل وڌيڪ هوندو آهي.

(iii) ڪنهن به تنظيم ۾ باقاعدگي ۽ تسلسل ضرور هوندو آهي ته جيئن هڪ حصي جو ٻئي حصي سان واسطو هجي، هڪ جُز جو ٻئي جز سان رابطو هجي، ته جيئن اُن تنظيم يا نظام ۾ تسلسل قائم رهي. ٻوليءَ جو سرشتو ۽ نظام به ائين ئي آهي، جيئن مٿي چيو ويو آهي: "ٻولي آوازن جو هڪ سرشتو ۽ نظام آهي، اُنهن آوازن جي اُچارڻ لاءِ به ڪو سرشتو ۽ نظام آهي. آوازن جي ان سرشتي جي اڀياس کي 'علم صوتيات' نالو ڏنو ويو آهي."

(iv) علم صوتيات جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته قدرت، انسان کي آوازن جي اُچارڻ لاءِ ڳالهائڻ جي عنصرن (زبان ۽ مخرج) کي هڪ اهڙي نموني سان، هڪ ٻئي جي آمهون سامهون بيهاري ڇڏيو آهي، جو اُنهن مان هر هڪ عضوي جي ڌار ڌار حصي جي ميلاپ سان، ڌار ڌار آواز اُچاري سگهجن ٿا. علم صوتيات جي شاگرد کي اهو معلوم آهي ته مخرج جو ڪهڙو حصو زبان سان ملي، ڪهڙو آواز پيدا ڪندو آهي، يعني 'نرم تارونءَ' وٽ، آوازن جي اُچارڻ لاءِ، زبان جو ڪهڙو حصو نرم تارونءَ سان ملندو آهي. سخت تارونءَ وٽ، آوازن جي اُچار ڪرڻ لاءِ، زبان جو ڪهڙو حصو سخت تارونءَ سان ملندو آهي. اهڙيءَ طرح 'مورڌني آوازن' جي اچارڻ لاءِ، زبان ۾ وات جي ڇت جو ڪهڙو حصو پاڻ ۾ ملي 'مورڌني آواز' پيدا ڪندو آهي، اهو سڀ ڪجهه هڪ مقرر ڪيل نظام موجب ٿئي ٿو.

صوتيات جي علم جي مدد سان خبر پوي ٿي ته ڪهڙي سبب جي ڪري، برصغير جا ماڻهو عربي ٻوليءَ جا [ع، ح، ق، خ، غ، ص، ض، ط ۽ ظ ] آواز عربن وانگر اُچاري نه سگهندا آهن. يا وري عرب سنڌي، دراوڙي ۽ ٻين ٻولين جا ڪجهه خاص مقامي آواز اُچاري نه سگهندا آهن. مطلب ته ڌار ڌار آوازن جي اُچار ڪرڻ لاءِ قدرت، ڳالهائڻ جي عضون جي بيهڪ به اهڙي ئي نموني سان بيهاري آهي، جو دنيا ۾



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جدا جدا ملڪن ۾ رهندڙ ماڻهو اُتي جي جاگرافيائي، تهذيبي ۽ تمدني حالتن مطابق، پنهجي زبان جا آواز اُچاري سگهندا آهن.

(v) جهڙيءَ طرح آوازن جي اُچارڻ لاءِ ڳالهائڻ جي عضون جي طبعي بناوت ۾ اُنهن جي بيهڪ جو هڪ نظام آهي، جنهن ڪري خاص گروهه جا ڪي آواز ڪنهن خاص مخرج کان ئي اُچاري سگهبا آهن، ۽ اُن مخرج تان ڳالهايا ويندڙ آواز ڳالهائڻ جو ڪو بيو عضوو اُچاري نه سگهندو آهي، تهڙيءَ طرح وري ڏار ڏار اُچاريل آوازن کي، هڪ ٻئي سان ملائي ڳالهائڻ سان، پڙهڻ ۽ لفظن جي جوڙڻ لاءِ به ڪو قانون يا سرشتو هوندو آهي. اهڙي سرشتي ۽ نظام کي 'صوتياتي نظام' يا 'صوتياتي سرشتو' چئبو آهي. صوتياتي نظام جي ڄاڻ سان خبر پوندي آهي ته ڪهڙا ڪهڙا آواز لفظن جي مُنڍ ۾ اُچاري سگهجن ٿا، ڪهڙا ڪهڙا آواز لفظن جي وچ ۾ اُچاري سگهجن ٿا ۽ ڪهڙا ڪهڙا آواز لفظن جي آخر ۾ اُچاري سگهجن ٿا.

سنڌ توڙي هند ۾، سنڌي ڳالهائيندڙ هر پڙهيل ماڻهوءَ کي اها خبر آهي ته سنڌي ٻوليءَ جو ڪو به لفظ [ڻ، ڃ، ڱ ۽ ڙ] آوازن سان شروع ڪو نه ڪري سگهبو آهي. سنڌي ماڻهن کي اهو به معلوم آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي هر لفظ جي آخر ۾ هميشه ڪو نه ڪو سُر (vowel) ڪم آڻبو آهي. يعني سنڌي ٻوليءَ جي هر مفرد لفظ جي آخر ۾، 'ساڪن وينجن' (Consonant) ڪم نه ايندو آهي، پوءِ چاهي اهو وينجن مفرد هجي يا مرڪب.

(vi) جهڙيءَ طرح هر ٻوليءَ جو پنهنجو صوتياتي نظام ٿيندو آهي، تهڙيءَ طرح هر ٻوليءَ جو پنهنجو وياڪرڻي نظام هوندو آهي. وياڪرڻي نظام کي ماهرن، ٻن حصن ۾ ورهايو آهي. اُنهن مان هڪ حصو اُهو آهي، جنهن ۾ لفظن جي وياڪرڻي ڦيرن، صيغن ۽ نون لفظن جي ٺاهڻ جا اصول ۽ قانون ڏنل هوندا آهن. هن حصي کي 'علم صرف' وارو حصو چئبو آهي. ٻيو حصو اهو آهي جنهن مان فقرن ۽ جملن اندر لفظن جي بيهڪ، انهن جي سٽاءَ جي قانونن جي خبر پوندي آهي. هن حصي کي 'علم نحو' چوندا آهن. ماهرن جو اهو به رايو آهي ته: "اُها مڪمل گفتار، جيڪا ڪنهن ٻوليءَ جي 'جهيلار' يا 'ڍار' (Intonation) مان ڪنهن به هڪ جهيلار يا ڍار تي ختم ٿئي، اهڙيءَ گفتار کي جملو چئبو آهي." ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته جملي جي مطالعي ۽ ڇنڊڇاڻ لاءِ 'جهيلار' يا 'ڍار' جو اڀياس نهايت ئي ضروري هوندو آهي. تنهن ڪري ڪنهن ڪهاڻيءَ، ناول يا ڊرامي ۾، ٻوليءَ واري موضوع جي ڇنڊڇاڻ لاءِ جهيلار جو اڀياس ضروري آهي.

(vii) علم صوتيات وانگر، علم صرف ۽ علم نحو لاءِ به ڪي قانون ۽ ڪي اصول مقرر ٿيل آهن. هن مقالي جو تعلق، سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جي سلسلي ۾ ڪيل ڪن نون تجربن، خاص ڪري جملن جي سٽائن جي حوالي سان ڪيل نون تجربن، يعني جملن جي سٽاءَ لاءِ مقرر ٿيل اصولن جي مطالعي جي باري ۾ آهي. اُن ڪري هن مقالي ۾، اُنهن جملن جي سٽاءَ تي بحث ڪيو ويو آهي، جن کي اسان جي ڪهاڻيڪارن، 'اُبتي ٻولي' يا 'اُبتو گرامر'، نالو ڏنو آهي، ۽ سنڌي نقادن اها دعويٰ ڪئي آهي ته: 'سنڌي ڪهاڻيءَ ۾ ٻوليءَ جي عبارت ۽ اُسلوب واري حصي ۾ اهو هڪ نئون تجربو آهي.'



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

### 4- ٻولي اُبتي ٿي سگهي ٿي ڇا؟

### (الف) هاڻ سوال ٿو پيدا ٿئي ته نقاد اُبتي ٻولي ڇا کي ٿا چون؟

ڪي سال اڳ، سنڌ جي ڪن ڪهاڻيڪارن، جملن جي سٽاءَ ۽ جوڙجڪ ۾ جملي جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ کان سواءِ، پنهنجي مرضيءَ سان جملي اندر ڪم آندل لفظن جي ويهڪ جي ترتيب ۾ ڦير ڦار آندي آهي. هنن شايد، نظماڻي نثر واريءَ صنف يا نثر مسجع ۽ نثر مقفيٰ وارين عبارتن ۾ لفظن جي سٽاءَ کي ڏسي، ڪهاڻين ۾ به ڪن ڪن جملن کي پنهنجي خيال موجب پُراثر بنائڻ لاءِ، علم نحو واري سٽاءَ ۽ اصولن جو خيال نه ڪري، نئين تجربي ۽ نواڻ جي شوق ۾، ڪن جملن جي شروع ۾ فعل ڪم آندا، ته وري ڪن جملن ۾، فعل ۽ فاعل جي مقرر جاين ۾ ڦير گهير ڪري، فعل ڪٿي ته وري فاعل ڪٿي، ضمير ڪٿي ته وري صفت ڪٿي ڪم آندي. اُنهن سڄڻن اِئين به نه سوچيو ته ائين ڪرڻ سان جملي جي معنيٰ ساڳي رهندي يا نه؟ انهن ائين به نه سوچيو ته سندن طرفان ڪم آندل جملا، ٻوليءَ جي نثري نموني کي، ڦيرائي ته نه رهيا آهن. مثال طور مشتاق شوري، پنهنجي ڪهاڻيءَ "ٽڪل جذبن جو موت" جي شروعات، هن طرح ڪئي آهي:

"اُٿيو آهيان ننڊ مان، اٿي هاڻي هلان پيو رستي تي، ميل ڏيڍ پنڌ ڪرڻ کان پوءِ پهچندس، بس تي."

هاڻي ڪهاڻيڪار خود سوچي ته: "اُٿيو آهيان ننڊ مان" جملو جنهن سان هن پنهنجيءَ ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪئي آهي، تنهن جي معنيٰ ڇا آهي؟ علم نحو جي قانون موجب، جملي جي عبارت، سنڌي ٻوليءَ جي اصولن واري آهي، يا عربي ٻوليءَ جي اصولن تي آڌاريل آهي. هر سنڌي ماڻهو چوندو ته اهو جملو عربي ٻوليءَ جي اصولن موجب لکيل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾، علم نحو جي اصولن موجب هر جملي ۾ ڪم آندل 'جهيلار' ڪنهن 'ڀار' تي ختم ٿيندو آهي. اُن جملي ۾ ڪم آندل 'جهيلار' لاءِ ڪنهن هڪ لفظ تي 'زور' (Stress) ڏنو ويندو آهي. 'اُٿيو آهيان ننڊ مان' جملي ۾ 'زور' ڪهڙي لفظ تي ڏنو ويو آهي. انهيءَ جملي ۾ 'ننڊ مان اُٿيو آهيان' جملي جي ڪم آڻڻ سان، جملي جي معنيٰ ۽ ان جي مفهوم ۾ ڪو فرق آهي يا نه؟ ٻنهي جملن ۾، علم جا ڪهڙا اصول ڪم آندا ويا آهن. مشتاق شوري صاحب کي اها خبر آهي يا نه؟

دراصل، مشتاق شوري صاحب جي مذڪوره افساني ۾ ڪم آندل جملو "اُٿيو آهيان ننڊ مان، اُٿي هاڻي هلان پيو رستي تي" جملن ۾ رابطي ۽ تسلسل واري موضوع تي بحث ڪرڻ، منهنجو مقصد نه آهي، منهنجي بحث جو مقصد هي آهي ته جيڪڏهن انهن جملن واري سٽاءَ کي 'اُبتي ٻولي' يا 'اُبتي ٻوليءَ وارو نئون تجربو' سڏبو ته پوءِ مون کي هيئن چوڻو پوندو ته انهيءَ تجربي جي دعويٰ ڪندڙ ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي اصولن کان بلڪل واقف نه آهن، جو ته اهو نئون تجربو سنڌي ٻوليءَ جي جملن جي سٽاءَ ۽ نحو جي قانونن کان اڻڄاڻ هجڻ جو وڏي ۾ وڏو ثبوت ڏئي ٿو. اُبتي ٻوليءَ جي تجربي جي طرفداري ڪندي امداد حسيني صاحب به اهو رايو ڏنو آهي ته: "عام طرح ڏسجي ته سنڌي ادب ۽ ٻوليءَ جي اتهاس جو اوسر، سنڌي اديبن گهٽ ڪيو آهي" (امداد حسيني انٽرويو)

ڪنهن به ڪهاڻي، ناول، ڊرامي ۽ مضمون وغيره جي طرز تحرير يعني لکڻ جو انداز اسٽائيل،



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اُسلوب ۽ عبارت اُن صنف کي ڏياري ٿي. جنهن اسٽائيل سان، مشتاق شوري، ڪهاڻيءَ جي شروعات ڪئي آهي. اُن لاءِ سنڌ جا ڪهاڻيڪار ۽ ٻوليءَ جي علم جا ڄاڻو ويهي فيصلو ڪن ته انهيءَ اسٽائيل ۾ بقول امداد حسيني: "لفظن ۾ ڪهڙو جڙاءُ آهي، سٽن جو ڪهڙو سٽاءُ آهي؟" ڇا ٻوليءَ ۾ جڙاءَ ۽ سٽاءَ لاءِ به ڪي اصول آهن يا نه؟ منهنجو مطلب، فعل سان جملي جي هن طرح شروعات ڪرڻ واري نقطي سان آهي. حقيقت هيءَ آهي ته جڏهن ڪو به جملو، فعل سان شروع ڪبو آهي تڏهن يا ته اُهو جملو سواليه ٿي پوندو آهي، يا اُهو جملو تعجب ڏيکاريندڙ هوندو آهي ۽ اُن ۾ بيزاري ظاهر ڪرڻ جو انداز هوندو آهي. هن طرح سان، جملي جي شروعات ڪرڻ، ٻوليءَ ۾ نئون تجربو ڪهڙيءَ طرح ٿيو. جڏهن ته جملو نه سواليه آهي، نه تعجب ۾ وجهندڙ آهي، ۽ نه ئي وري بيزاري ڏيکاريندڙ جملو آهي. ڇا هن اسٽائيل کي اندر مان نڪتل لفظن جو جڙاءُ يا سٽن جو سٽاءُ چئي سگهبو؟ مذڪوره سڄي افساني ۾ مٿي ڏنل جملا ۽ اڳتي صفحي 20 تي ڏنل هڪ جملو هي آهي:

"ڏسان ٿو بس اسٽاپ ڏانهن"

جملن کان سواءِ باقي سڄي ڪهاڻي، عام سنڌي اسلوب ۽ اسٽائيل، يعني فطري عبارت ۾ لکيل آهي، جنهن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته شورو صاحب، پنهنجي سڄي ڪهاڻيءَ ۾ اڳتي اهڙا ٻيا غير فطري اسٽائيل وارا جملا ٺاهي نه سگهيو آهي، ۽ لکندي لکندي، فطري زبان مٿس غالب پئجي وئي آهي.

اُبتي ٻوليءَ واري تجربي جي دعويٰ ڪندڙن ۾ ٻيو نالو محترمه تنوير جوڻيجي جو ورتو وڃي ٿو. هن محترمه جي ڪيل انهيءَ نئين تجربي ۾ هڪ ڪهاڻي 'سوجهرو' رسالي ۾ ڇپي هئي، ۽ محترمه کي اُن نئين تجربي لاءِ سندس ڪن هم خيال ماڻهن وٽان داد به مليو هو.

محترمه تنوير جوڻيجو جو تازو ڇپيل افسانن جو مجموعو 'امرت منجهه ڪڙاڻ' مون پڙهيو آهي، محترمه تنوير جوڻيجو جي اُبتي ٻولي، جنهن کي آءٌ غير فطري طور گڏ ڪيل لفظن جو ميڙ سڏيندس، اُن جا گهڻا ئي مثال، هن ڪتاب ۾ شامل آهن. ٻارهن افسانن مان فقط ٻن افسانن، 'ٻاهر ٻاڦ نه نڪري' ۽ 'مون کي آهي اُميد الله ۾' ۾ ملن ٿا. باقي افسانن ۾ هن روزمره جي ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ فطري يعني عام اسٽائيل ڪم آندو آهي. دراصل، عام اسٽائيل ۾ ئي، تنوير صاحبه پنهنجي تصورات، مشاهدات ۽ جذبن کي اصلي طرح بيان ڪيو آهي. هيٺ تنوير صاحبه جي افسانن مان ڪي مثال ڏجن ٿا. جن کي هوءَ 'اُبتي ٻولي' تي لکي. محترمه تنوير، 'ٻاهر ٻاڦ نه نڪري' افساني جي شروعات هن طرح ڪئي آهي:

"نهاري رهي آهي انڌي پولار ۾ پسڻ ٻنا."

ٻيا مثال هيٺ ڏجن ٿا:

"اکين ۾ رکياڻون اُمٽ سوچ جون"

"ڪا پيڙا آهي جا ڪوريس پئي من"

"وينِي آهيان تنها تنها"

"ٽُڪي رهيو آهي، هيڪلائيءَ جو احساس سندس وجود کي اُڌوهيءَ جيان"



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

”پير پير ۾ پائي، آئي گهوٽ ڪنوار جي صفحي ڏانهن
جُهڪي جهاتي پاتائين، در جي چير مان
ٻاڄائي ٻاڙهن کهنبن لٽن ۽ ويڙهيل سيڙهيل
ڀريل آهي پاءَ جي پاڪرن ۾......
چميس پيو چاهه منجهان... ڳل، چپ، ڪنڌ،
سنڌ سنڌ کي.... هٿ ترڪنس پيا ڀريل ڀريل ٻت تي....
ڇانئجي ٿا وڃنس مک تي دک ۽ پيڙا جا پاچا......
اُڀري اَچيس ٿو نفرت جو احساس من پاتال مان.“
اهڙيءَ طرح ’مون کي اميد آهي الله ۾‘ افساني مان ڪي مثال هيٺ ڏجن ٿا:
”اُتي تي، اچي تي، محبت ڏانهن، ڪيڏي تي آلبم
ڏسي تي فوٽا
پاڻهي وڏي رهي آهي سين کي پٽ تي ڇڏيندي،
آگ ڏيندي پنهنجي ماڳ ڏانهن..... نهاري ٿي
درياءَ جي ٻاهران.“

اهڙي طرح تنوير صاحب جي انهن افسانن مان پيا مثال به ڏيئي سگهجن ٿا، جن ۾ انهن جملن وانگر نه ته اُنهن ۾ بيهڪ جي نشانين جي پابندي ۽ نه ئي وري رکيو اٿس معنيٰ ۽ مفهوم جو خيال، ۽ نه ئي وري ڪٿي اٿس نحوي اصولن جي پوئواري، ليڪڪ صاحب جي اُبتي ٻوليءَ جي مثالن مان مراد شايد انهن جملن ۾ لفظن کي بنا ڪنهن اصول جي سواءِ ڪنهن معنيٰ ۽ مفهوم سمجهڻ جي لفظن کي ڦيرائي ڪڏهن جملي جي مُنڍ ۾، ڪڏهن جملي جي وچ تي ته ڪڏهن وري جملي جي آخر ۾ رکيو آهي.

هاڻي ڏسڻو هي آهي ته ٻولي اُبتي به ٿي سگهي ٿي ڇا؟ سنڌي وياڪرڻ جا اصول ۽ علم نحو جا قانون، هن ڏس ۾ ڪهڙي ٿا رهنمائي ڪن. جيڪڏهن ٻولي هڪ فطري تنظيم ۽ سائنسي سرشتو آهي ته پوءِ لفظن کي ڪنهن به جملي ۾ اڳيان يا پٺيان ڪم آڻڻ لاءِ ڪهاڻيڪارن وٽ ڪهڙو علمي جواز آهي ۽ اُن لاءِ وٽن ڪهڙا دليل آهن. پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب لکي ٿو:

> ”اسين پيا جيڪي به علامتي نظام استعمال ڪريون ٿا، سي پاڻ ٺاهيون ٿا ۽ پاڻ ڊاهي پيا ٺاهي سگهون ٿا يا مرضيءَ موجب انهن ۾ مٽا سٽا ڪري سگهون ٿا. ٻوليءَ ۾ اسين ائين ڪري نٿا سگهون، اها پاڻمرادو اٽل قانونن موجب ڦرندي رهي ٿي، ڪو به شخص پنهنجيءَ مرضيءَ مطابق، ٻوليءَ جي سٽائن ۾ دخل ڏيئي نٿو سگهي، وڌ ۾ وڌ هو نوان لفظ پيدا ڪري اُن ۾ داخل ڪري سگهي ٿو. مگر اُن لاءِ پڪ نه آهي ته اهي هلي سگهندا يا نه“ (علي نواز جتوئي، 1965ع: 15 ۽ 16)



books.sindhsalamat.com
sindhsalamat.com

5- ٻوليءَ جو سٽاءُ ۽ علم نحوءَ جا قانون:

هاڻي ڏسڻ گهرجي تہ علم نحوءَ جي اصولن موجب، جملي ۾ لفظن جي بيهڪ لاءِ ڪهڙا قانون آهن ۽ اُبتي ٻوليءَ جي تجربي جي دعويٰ ڪندڙ ڪهاڻيڪارن جي ڪم آندل ٻوليءَ ڪي غير فطري ۽ ٻوليءَ جو غلط استعمال چو سڏيو ويو آهي؟

ڪهاڻي نثر جي هڪ صنف آهي، نثر ۾ ڪم آندل فقرن ۽ جملن جو مطالعو علم نحوءَ سان واسطو ٿو رکي، جنهن لاءِ ماهرن، هر زبان جي مزاج ۽ ڪارج پٽاندڙ اُن جو مطالعو ڪري، اُن جا ڪي اصول مقرر ڪيا آهن. مٿي علم نحوءَ جي وصف بيان ڪندي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ:

"علم نحو جي مطالعي جي مدد سان، فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ اُنهن جي سٽاءَ جي خبر پوي ٿي."

(الف) اڳ ۾ جملي جي وصف بيان ڪندي اهو ٻڌايو ويو آهي تہ:

"جملو هڪ مڪمل گفتار آهي، جيڪا ڪنهن بہ هڪ 'جهيلار' يا 'ڍار' (Intonation) تي ختم ٿيندي آهي."

علم نحو جي وصف جي آڌار تي چئي سگهجي ٿو تہ ڪنهن بہ ٻوليءَ ۾ فقرا ۽ جملا، اُن ٻوليءَ جي نحوي تنظيم مطابق نهن ٿا ۽ انهن فقرن ۽ جملن ۾ لفظ اُن ٻوليءَ جي نحوي سرشتي ۽ تنظيم مطابق، پنهنجون جايون وٺن ٿا. مثال طور: سنڌي ٻوليءَ جي عام نحوي سٽاءَ موجب، عام طور ڳالهايل جملي جا ڪي نمونا هيٺ ڏجن ٿا:

گهوڙو ڊوڙي ٿو.

گهوڙو چڱو ڊوڙي ٿو.

چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو.

منهنجو چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو.

منهنجو گهوڙو چڱو ڊوڙي ٿو.

گهوڙو پاڻي پيئي ٿو.

انهن جملن ۾ هر هڪ جملي جا ٻہ ٻہ حصا آهن. انهن مان هڪ حصو آهي: 'گهوڙو'، 'چڱو گهوڙو' ۽ ٻيو حصو آهي 'ڊوڙي ٿو' يا 'چڱو ڊوڙي ٿو' انهن ٻنهي حصن مان پهرئين حصي، يعني 'گهوڙو'، 'چڱو گهوڙو'، 'منهنجو گهوڙو' يا 'منهنجو چڱو گهوڙو' کي 'فاعل' يعني ڪم جو ڪندڙ (subject) چئبو آهي ۽ ٻئي حصي، يعني 'ڊوڙي ٿو'، يا 'چڱو ڊوڙي ٿو' کي 'فعل' يا 'ڪم' (verb) چئبو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي عام نحوي سٽاءَ موجب، ڪنهن بہ جملي ۾ پهرين هميشہ 'فاعل' پنهنجي جاءِ وٺي بيهندو آهي، ۽ اُن کان پوءِ 'مفعول' ايندو آهي ۽ آخر ۾ فعل ايندو آهي. اها عام ۽ مروج نحوي سٽاءَ آهي، جنهن کي وياڪرڻ ۾ فاعل-فعل واري سٽاءَ سڏيو ويو آهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

هر ماڻهو عام وهنوار ۾ يا ڪنهن عام گفتار ۾ مٿي ڏنل جملا، انهيءَ سٽاءَ موجب ڳالهائيندو آهي، پر جيڪڏهن هو جملا ٻه هيٺ ڏنل جملن وانگر ڳالهائيندو تہ پوءِ ڪيس جملي جي عام 'جهيلار' يا 'ڍار' ۾ فرق آڻڻو پوندو. جيئن:

| ب | الف |
|---|---|
| ڊوڙي ٿو گھوڙو؟ | گھوڙو ڊوڙي ٿو |
| ڊوڙي ٿو چڱو گھوڙو؟ | چڱو گھوڙو ڊوڙي ٿو |
| چڱو ڊوڙي ٿو گھوڙو؟ | گھوڙو چڱو ڊوڙي ٿو |

مٿي 'الف' ۽ 'ب' هيٺ ڏنل ٻنهي قسمن جي جملن جي مطالعي کان پوءِ ٻہ سوال ذهن ۾ پيدا ٿين ٿا. پهريون سوال هي آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ علم نحوءَ جا، عام اصول ۽ قانون ڪهڙا آهن؟ ٻيو سوال هي آهي تہ 'ب' هيٺ ڏنل جملا، علم نحوءَ جي قانونن موجب صحيح آهن؟ پهرئين سوال جو جواب هي آهي تہ مٿي 'الف' هيٺ، جملي جي فاعل-فعل واري سٽاءَ جا مثال ڏنا ويا آهن. اها سٽاءَ، سنڌي ٻوليءَ جي عام گفتار واري آهي، جيڪا روزمره جي گفتگوءَ ۾ ڳالهائي ويندي آهي. سنڌي نثر جي هر صنف عام طور انهيءَ سٽاءَ موجب ئي لکي ويندي آهي. انهيءَ عام سنڌي نحوي سٽاءَ (فاعل-فعل يا فاعل- مفعول- فعل واري سٽاءَ) جا هيٺيان عام اصول ۽ قانون آهن:

(i) جملي جي مُنڍ ۾ فاعل جو لڳ (وڌاءُ) پهرين ۽ اُن کان پوءِ فاعل ڪم ايندو آهي.

(ii) فعل هميشہ جملي جي پڇاڙيءَ ۾ ڪم ايندو آهي.

(iii) فعل جو لڳ (وڌاءُ) ، هميشہ فعل کان اڳ ڪم ايندوآهي.

(iv) فاعل کان پوءِ ۽ فعل جي وڌاءُ کان اڳ، پهرين مفعول جو وڌاءُ ۽ ان کان پوءِ مفعول ڪم ايندو آهي.

(v) ظرف هميشہ فعل کان اڳ ۽ ان جي وڌاءُ طور ڪم ايندو آهي.

(vi) صفت هميشہ پنهنجي موصوف کان، ۽ اُن جي بلڪل پر ۾ پنهنجي جاءِ وٺندوآهي.

(vii) حرف جر هميشہ اسم، ضمير، صفت ۽ ظرف کان پوءِ، اُن جي بلڪل پر ۾ پنهنجي جاءِ وٺندو آهي.

(ب) روزمره جي گفتار واري ٻوليءَ جو هر جملو مٿي ڄاڻايل نحوي اصولن جو پابند هوندو آهي. انهن اصولن لاءِ جيڪو بنيادي سٽاءُ آهي، اُن جا چار قانون آهن.انهن مان پهريون قانون يا اصول آهي 'لفظن جو انتخاب' (Selection of words) ٻيو قانون يا اصول آهي 'لفظن جي ترتيب' (Order of words)، ٽيون قانون يا اصول آهي 'لفظن مان فعل جو لاڳاپو' ۽ چوٿون قانون يا اصول آهي 'جهيلار' يا 'ڍار' (Intonation). انهن مان هر هڪ قانون جي سمجهاڻي هيٺ ڏجي ٿي.

(i) انتخاب- ڪيترين ئي ٻولين ۾ انتخاب اهم حصو ادا ڪندو آهي. (Bloomfiled, 1961L 89) ڪنهن بہ جملي ۾ لفظن يا جزن ۾ڪم ايندڙ ترتيب ۽ سٽاءَ لاءِ انتخاب وارو اصول انهيءَ ڪري ضروري هوندو آهي، جو هر ڳالهائيندڙ لاءِ لازمي هوندو آهي تہ هو جملي جو ڪهڙو جزو پهرين ڳالهائي ۽ ڪهڙو جزو پوءِ ڳالهائي سنڌي ٻوليءَ جي هر ڳالهائيندڙ کي اها خبر آهي تہ هو هيٺ ڏنل ڪهڙو حصو پهرين ڳالهائي:



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڊوڙي ٿو گهوڙو
پاڻي ٿو پيئي ڇوڪر

مٿي ڏنل مثالن ۾ ڏنل لفظن جي ترتيب ڪي، فاعل ـ فعل يا فاعل ـ مفعول ـ فعل واري سٽاءَ ڇئي نٿو سگهجي، يعني تہ انهيءَ مثال ۾ لفظن ۾ اُنهن جي جزن کي پنهنجي مرضيءَ موجب ڦيرائي گهيرائي رکيو ويو آهي. انهيءَ ڪري ڦيرائي گهيرائي پنهنجيءَ مرضيءَ سان ڪم آندل سٽاءَ کي هر گز جملو ڇئي نٿو سگهجي، پر سنڌي ٻوليءَ جي نحوي اصولن مطابق، انهن لفظن جي ميڙ ڪي، فاعل ـ فعل يا فاعل ـ مفعول ـ فعل واري سٽاءَ موجب ڪم آڻبو تہ انهن کي جملا ڇئي سگهبو يعني سنڌي ٻوليءَ جي نحوي قانونن موجب، جملي ۾ فاعل پهرين اچڻ گهرجي ۽ فعل، فاعل کان پوءِ ڪم آڻڻ گهرجي.

انتخاب جو ٻيو اصول هيءُ آهي تہ جملي ۾ جيڪڏهن فاعل، مذڪر واحد آهي تہ فعل جو گردان بہ مذڪر واحد ۾ ڦرڻ گهرجي، پر جيڪڏهن فاعل مذڪر جمع ۾ آهي يا مونث واحد يا مونث جمع ۾ آهي تہ پوءِ فعل بہ فاعل مطابق، ڦرندو آهي: مثال طور:

| | |
|---|---|
| حالت فاعلي جنس مذڪر، عدد واحد | ڇوڪرو ڊوڙي ٿو. |
| حالت فاعلي جنس مذڪر، عدد جمع | ڇوڪرا ڊوڙن ٿا. |
| حالت فاعلي جنس مونث، عدد واحد | ڇوڪري ڊوڙي ٿي. |
| حالت فاعلي جنس مونث، عدد جمع | ڇوڪريون ڊوڙن ٿيون. |
| حالت مفعولي جنس مذڪر، عدد واحد | ڇوڪرو پاڻي پيئي ٿو. |
| حالت مفعولي جنس مذڪر، عدد جمع | ڇوڪرا پاڻي پيئن ٿا. |
| حالت مفعولي جنس مونث، عدد واحد | ڇوڪري پاڻي پيئي ٿي. |
| حالت مفعولي جنس مونث، عدد جمع | ڇوڪريون پاڻي پيئن ٿيون. |

(ii) ترتيب:

سنڌي ٻوليءَ جي نحوي سٽاءَ موجب، جملن ۾ فاعل ـ فعل واري ٻيهڪ يا ترتيب، ان جو ٻيو اصول آهي. هيءُ ئي اصول آهي، جنهن جي ڪهاڻيڪارن طرفان پرواهہ نہ ڪرڻ سبب يا ڪين انهيءَ اصول جي ڄاڻ نہ هئڻ سبب، جملي جي عام ترتيب ۾ ڦير ڦار آئي، اُن کي 'اُبتي ٻولي' سڏيو اٿن.

اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ فاعل ـ فعل واريءَ سٽاءَ موجب، فاعل، هميشہ فعل کان اڳ ايندو آهي، مثال طور:

ڇوڪر ڊوڙي ٿو.

ڇوڪر پاڻي پيئي ٿو.

انهيءَ ڪري فاعل ـ فعل يا فاعل ـ مفعول - فعل واريءَ سٽاءَ ۾ لفظن جي ٻيهڪ کي، 'ترتيب' (Order) ڇئبو آهي. پر عام گفتگو يا گفتار ۾ ترتيب واري اصول لاءِ اهو لازمي ۽ اهم هوندو آهي تہ گفتار ۾ هر جملو ڪنهن بہ هڪ 'جهيلار' يا 'ڍار' (Intonation) تي هميشہ ختم ٿيندو آهي. جهيلار



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي ڪم آڻڻ سان ئي ڪا گفتار مڪمل چئي سگهبي آهي. ترتيب واري قانون موجب جيڪڏهن ڪنهن جملي ۾ لفظن جي بيهڪ ۽ انهن جي جاءِ ۾ ڪا تبديلي آڻبي هوندي آهي يا جملي ۾ هڪڙي لفظ کي پنهنجيءَ جاءِ تان ڦيرائي ٻيءَ جاءِ تي آڻبو هوندو آهي تہ پوءِ ائين ڪرڻ لاءِ يعني لفظن جي ترتيب ۽ سٽاءَ ۾ ڦير ڦار آڻڻ لاءِ جملي جي اصلي جهيلار ۾ بہ تبديل يا ڦير ڦار آڻڻ لازمي هوندو آهي. جڏهن جهيلار ۾ تبديلي آڻبي، لفظن کي پنهنجي اصلي جاءِ تان ڦيرائي، ٻيءَ جاءِ تي آندو ويو تہ نہ فقط جهيلار ۾ تبديلي ايندي آهي، پر جهيلار ۾ تبديلي اچڻ سبب جملي جي معنيٰ ۾ بہ تبديلي ايندي آهي. لفظ کي پنهنجي جاءِ تان ڦيرائڻ سبب، لفظ جي وياڪرڻي حيثيت بہ بدلجي ويندي آهي. هن سموري بحث جو هي هڪ اهم نُڪتو آهي. مثال طور سنڌي وياڪرڻ موجب، 'چڱو' لفظ صفت آهي، پر هيٺ ڏنل جملن ۾ جڏهن 'چڱو' لفظ کي پنهنجي جاءِ تان هٽائي فعل جي اڳيان رکبو آهي تہ پوءِ نہ فقط لفظ 'چڱو' 'صفت' جي بدران 'ظرف' جو مفهوم ڏيکاري ٿو پر ساڳئي وقت جملي جي اصلوڪي جهيلار ۾ پڻ تبديلي اچي وڃي ٿي. مثال طور هيٺ ڏنل جملا ڳالهائي ڏسو ۽ پوءِ جهيلار ۾ آيل تبديليءَ ۾ فرق محسوس ڪريو:

(i) چڱو گهوڙو ڊوڙي ٿو.

(ii) گهوڙو چڱو ڊوڙي ٿو.

اهڙيءَ طرح هيٺ ڪي ٻيا بہ مثال ڏجن ٿا، جن ۾ جملي جي فاعل ۽ مفعول واري سٽاءَ ۾ تبديلي آندي وئي آهي، پر اُن تبديليءَ سان گڏوگڏ نہ فقط جهيلار ۾ تبديلي آئي آهي، پر جملي جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ بہ وڏو فرق محسوس ڪجي ٿو: مثال طور:

| عام جهيلار موجب | جهيلار ۾ تبديل، لفظن جي ترتيب ۾ تبديل، ۽ معنيٰ ۾ بہ تبديل |
|---|---|
| ڇوڪر انب کاڌو. | انب ڇوڪر کاڌو<br>انب کاڌو ڇوڪر؟<br>کاڌو ڇوڪر انب؟ |
| ڇوڪر مٺو انب کاڌو. | مٺو انب ڇوڪر کاڌو.<br>ڇوڪر انب مٺو کاڌو؟<br>ڇوڪر کاڌو مٺو انب؟<br>ڇوڪر کاڌو انب مٺو؟<br>کاڌو ڇوڪر مٺو انب؟ |
| ڇوڪر انب کاڌو ڇا؟ | ڇا، ڇوڪر انب کاڌو؟<br>ڇوڪر ڇا انب کاڌو!<br>ڇوڪر انب ڇا کاڌو!<br>انب ڇا ڇوڪر کاڌو؟ |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| | انب چوڪر چا ڪاڏو! |
| | ڪاڏو چا چوڪر انب؟ |
| | انب چوڪر ڪاڏو چا؟ |
| | چا انب چوڪر ڪاڏو؟ |

اهڙيءَ طرح ٻيا بہ ڪيترائي مثال ملي سگهن ٿا، جن جي مدد سان اهو ثابت ڪري سگهجي ٿو تہ سنڌي نحوءَ جي عام ترتيب ۾ لفظن جي بيهڪ ۾ تبديل تڏهن آڻي سگهبي، جڏهن اُن گفتار جي عام جهيلار ۾ بہ تبديلي آڻبي. اهڙيءَ حالت ۾ ڳالهايل جملي کي غير نثري جملو يا اهڙيءَ ٻوليءَ کي 'اُبتي ٻولي' يا 'غير فطري ٻولي' هرگز چئي نٿو سگهجي. مٿي مشتاق شوري ۽ تنوير جوڻيجي جي ڪهاڻيءَ مان جيڪي مثال ڏنا ويا آهن، اُهي جملا پڙهندڙ پاڻ ڳالهائي ڏسن. انهن جملن کي غير فطري يا غلط جملا انهيءَ ڪري سڏيو ويو آهي، جو اُنهن جي لکڻ مهل، يا انهن جملن ۾ لفظن جي بيهڪ کي تبديل ڪرڻ وقت، جهيلار جو ڪو بہ خيال رکيو نہ ويو آهي، بلڪ ڪهاڻيڪارن کي اهو وهم ۽ گمان ۾ بہ نہ هو تہ ڪنهن بہ گفتار ۾، جهيلار جو هجڻ اشد ضروري هوندو آهي، پر جيڪڏهن اُنهن ڪهاڻيڪارن، جهيلار واري اصول جو خيال رکي پوءِ ٿي اهي جملا ائين لکيا آهن ۽ انهيءَ اسٽائيل کي پاڻ نئين اسٽائيل ۽ نئون تجربو سڏيو اٿن تہ پوءِ ائين چئبو تہ انهن ڪهاڻيڪارن، جهيلار واري اصول جو خيال رکي پوءِ ٿي اهي جملا ائين لکيا آهن ۽ انهيءَ اسٽائيل کي پاڻ نئون اسٽائيل ۽ نئون تجربو سڏيو اٿن تہ پوءِ ائين چئبو تہ انهن ڪهاڻيڪارن کي، سنڌي وياڪرڻ جي 'نحو' واري قانون جي سلسلي ۾ ڪا بہ ڄاڻ نہ آهي، انهن سڄڻن، اها اسٽائيل دراصل پارت مان 'امپورٽ' ڪئي آهي. ڇاڪاڻ تہ پارت ۾ بہ ورهاڱي کان پوءِ، سنڌي ڪهاڻيڪار 'گني سامتاڻيءَ' پهريون دفعو پارت ۾ انهيءَ اسٽائيل جو نئون تجربو ڪري، اُن کي 'اُبتي ٻولي' سڏيو هو. نوٽ ڪرڻ جي ڳالهہ هيءَ بہ آهي تہ پارت ۾ بہ ڪنهن ٻئي ڪهاڻيڪار انهيءَ اسٽائيل کي قبول نہ ڪيو ۽ ڪنهن بہ سنڌي نقاد، هن نئين تجربي جي همت افزائي نہ ڪئي.

بهتر ٿيندو تہ هن سلسلي ۾، برطانيا جي مشهور صوتيات جي ماهر 'ڊينيئل جونز' (Daniel Jones) يا علم السان جي ٻين اميريڪي، فرانسيسي يا هندوستاني ماهرن جا ڪتاب پڙهيا وڃن، انهن سڀني ماهرن، هر ٻوليءَ جي 'علم نحو' ۾ 'جهيلار' کي ئي اهم بيان ڪيو آهي، ڇاڪاڻ تہ جهيلار مان ئي خبر پوندي آهي تہ هر ڳالهائيندڙ جي گفتار جو انداز ڪهڙو آهي؟ ڇا هو سواليہ انداز ۾ ٿو ڳالهائي، يا هو ڪا ڳالهہ بيانيہ انداز ۾ ٿو ڪري، ڇا ڳالهائيندڙ سندس ڳالهہ تعجب واري انداز ۾ ڪري رهيو آهي. انهيءَ هر تحرير يا گفتار ۾ جملي جي ترتيب، عبارت ۽ اُسلوب جي انداز ۽ جهيلار ۾ ڪا تبديلي يا ڦير ڦار آڻڻ سان، جاري رکبو آهي. ڪنهن بہ جملي ۾، جهيلار ۾ تبديلي آڻڻ سان ئي اُن جملي ۾ ڪم آندل لفظن جي ترتيب ۾ بہ تبديلي ايندي آهي. لفظن جي ترتيب ۾ تبديلي اچڻ سان، جملي جي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ بہ تبديلي اچي ويندي، اهي ئي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي، علم نحو لاءِ مقرر ٿيل عام اصول ۽ قانون آهن. حيرانيءَ جي ڳالهہ هيءَ آهي تہ هن ڏس ۾ امداد حسيني صاحب، لطيف سائينءَ جي هينئين مصرع مثال طور ڏيئي، پاڻ کي صحيح ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي:



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ويڙهيچن ويندي عمر آءُ

امداد حسيني صاحب جي خدمت ۾ منهنجي گذارش آهي تہ مٿي بيان ڪيل جهيلار واري اصول کي سامهون رکي پوءِ هن مصرع جو مطالعو ڪري. امداد حسيني هڪ وڏي شاعر هجڻ جي حيثيت ۾ اهو چڱيءَ طرح ڄاڻي ٿو تہ شاعريءَ ۾، ڪنهن بہ مصرع ۾ لفظن جي ڦير گهير لاءِ بہ وڏو جوان جهيلار ٿي هوندو آهي. هن مصرع ۾ 'آءُ' لفظ شروع ۾ آڻي پوءِ ڏسو تہ شاعر جو بيان ڪيل اهو زوردار مقصد ۽ مفهوم نڪري بہ ٿو يا نہ. جيڪو لطيف سائينءَ پنهنجيءَ مصرع ۾ ڪم آندو آهي. شاعريءَ جي سلسلي ۾ مون کي هڪ ڊار مقالو لکڻو آهي. في الحال هيئن چئبو تہ اُبتي ٻوليءَ واري دعوي، لسانيات جي عام اصولن ۽ وياڪرڻي قانونن کان اڻ ڄاڻ هجڻ جو ثبوت آهي. اها دعوي، فقط خوش فهمي آهي. هن طريقي واري عبارت لکڻ سان، سنڌي ٻوليءَ کي ڪو بہ فائدو ڪو نہ پهچندو بلڪ هن قسم جي جملن لکڻ سان، نئين نسل کي گمراهہ ڪرڻ کان سواءِ، ٻيو ڪجهہ بہ حاصل نہ ٿيندو. هاڻي پڙهندڙ پاڻ سوچين تہ:

"اُٿيو آهيان ننڊ مان اُٿي هاڻي هلان پيو رستي تي."

جملي ۾ جهيلار واري اهم نُڪتي کي بلڪل نظر انداز ڪيو ويو آهي يا نہ؟ ڪا بہ ٻولي، جهيلار واري اصول کان سواءِ، ڪنهن بہ ڳالهائيندڙ ۽ لکندڙ جو مفهوم ظاهر ڪري نہ سگهندي، ۽ جهيلار کان سواءِ ڪنهن بہ جملي ۾ ڳالهائيندڙ يا لکندڙ پنهنجو مفهوم ادا ڪري نہ سگهندو. هو جيڪي بہ لفظ ڳالهائيندو اُهي هڪ اهڙي غير فطري ميڙ جو مجموعو هوندا، جيڪي بي معنيٰ ۽ بي مقصد هوندا، يعني اُهي لفظن جو ميڙ هوندا جن کي ڪو بہ مقصد يا مفهوم ڪو نہ هوندو.

## ببليوگرافي


1_ الهداد ٻوهيو: 1977ع، ادب جو سماجي ڪارج، مقالو پرک، سالياني مخزن، ڄام شورو: سنڌي شعبو سنڌ يونيورسٽي، ص 105.

2_امداد حسيني: 1972ع، ماهوار مخزن سوجهرو جلد2، نمبر 10، ڪراچي: جولاءِ—ص 7.

3_ علي نواز جتوئي: 1968ع، علم لسان ۽ سنڌي زبان، حيدرآباد، ص. 12.

4- Baloch, B. and Trafer, G.L., 1942, An Outline Linguistic Analysis, Lingustice Society of American, P.5.

5- Blomfield, L., 1961, Language. O.85

6- Sturtevant and, E.H., 1947, An Introduction to Linguastic Science, New Heavaen yale university Press.p.21





books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# سماجي لسانيات: تعارف ۽ مقصد

1_انسان، انسانيت، انسان شناسيءَ (Humanities) جي باري ۾ ڪيل اڀياس جو رڪارڊ، هر دور ۾ ملي ٿو. چاهي اهو اڀياس پٺتي واري دور جي انسانن جي باري ۾ هجي يا تاريخ کان اڳ واري دور يا تاريخي دور جي انسان جو هجي، ۽ يا اهو مطالعو چاهي اڄ جي همعصر دور واري انسان جي باري ۾ هجي، انهيءَ قسم جو اڀياس، انسان شناسيءَ جي اڀياس ۽ اُنهيءَ جي تجزيي جو موضوع پڻ رهيو آهي. البت اهڙي اڀياس ۽ تجزيي جا ماپا ۽ ماڻا، هر دور ۾ جدا جدا رهيا آهن. آرڪيالاجيءَ جا ماهر، اُن مواد جو تجزيو پنهنجي موضوع ۽ مضمون جي لحاظ کان ڪندا آهن، علم بشريات جا ماهر، پنهنجا ماڻ ۽ ماپا استعمال ڪندا آهن تہ وري علم اللسان جي ماهرن جي نظر ۾، سماجي لسانيات (Socio-linguistic) جي مطالعي ۽ تجزيي سان ئي هن مضمون جو اڀياس ڪري سگهجي ٿو. اهڙيءَ طرح سماجيات ۽ ادبيات جا ماهر ۽ نقاد، هن سلسلي ۾ پنهنجو پنهنجو طريقو اختيار ڪندا آهن. مطلب تہ مذڪوره رڪارڊ جي مهيا ڪرڻ ۾، ڏار ڏار دورن ۾، جن جن هٿن ڪم ڪيو هوندو اُنهن ۾ فنڪار بہ هوندا، هنرمند بہ هوندا، ڏار ڏار هنرن ۽ فنن جا ڄاڻو بہ هوندا، تہ وري تاريخدان، بشريات جا ماهر ۽ لسانيات جا اڪابر بہ هوندا.

اهڙيءَ طرح اقتصاديات ۽ معاشيات ۽ معاشرتي علمن جي ڄاڻوئن بہ هن ڏس ۾ پنهنجو ڪردار ادا ڪيو هوندو. انهيءَ سموري اڀياس کي 'انسان شناسي' يعني humanities سان واسطو رکندڙ علمن ۽ موضوعن ۾ ورهائي سگهجي ٿو.

(الف) هر شاعر يا اديب، مصنف يا مؤرخ، معاشيات ۽ معاشرتي علمن جي ڄاڻو نفسيات، فلسفي ۽ ادبيات جي نقاد کي، انسان شناسيءَ جو ماهر مڃيو ويو آهي. انهن ماهرن کي، پنهنجي پنهنجي دور جي انسان ۽ اُن جي ڏار ڏار ضرورتن ۽ مسئلن جي باري ۾ گهڻي ڄاڻ هوندي آهي.

2_ آڳاٽي زماني ۾ بہ ياڳو پيان، سمنگ چارڻ ۽ مائي مرکان توڙي اڳتي هلي، ارغونن، ترخانن، مغلن ۽ ڪلهوڙن جي دور ۾، قاضي قادن، مخدوم نوح رح، شاهہ ڪريم بلڙائي، اسحاق آهنگر پوءِ شاهہ عنات رضوي، خواجہ محمد زمان لنواريءَ واري، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ، صاحبڏني فاروقيءَ، سچل سرمست، ساميءَ توڙي بين ڪلاسيڪي ۽ همعصر دور جي جديد شاعرن ۽ سگهڙن، سخنورن، ناول نويسن، ڪهاڻي نويسن، ڊراما نگارن ۽ سماجيات جي ماهرن کي اهڙن سڄاڻ ماڻهن ۾ شمار ڪيو ويندو آهي، جن کي پنهنجي پنهنجي دور جي ماڻهن، اُنهن جي ماحول، مسئلن ۽ گُهرجن جي چڱيءَ طرح ڄاڻ هوندي هئي، ۽ اُهي سڀ انسان شناسيءَ جي موضوع جي باري ۾ گهڻي ڄاڻ رکندا هئا. اُهي وڏا 'انسان شناس' (Humanists) هوندا هئا. انهن سڀني پنهنجي پنهنجي دور جي ماڻهن جي مسئلن کي، پنهنجي ڪلام ۾ اشارن، ڪناين، تشبيهن، استعارن، علامتن ۽ تمثيلن ذريعي سمجهايو آهي. اُنهن جا چٽ چٽيا



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آهن ۽ انهن جا عڪس پيش ڪيا آهن. اُنهن پنهنجي ڪلام ذريعي، پنهنجي پنهنجي دور جي ماڻهن جي اخلاقي، معاشي، معاشرتي ۽ ثقافتي قدرن کي بيان ڪيو آهي.

(ب) محقق البيروني، جنهن پنهنجي جڳ مشهور ڪتاب 'ڪتاب الهند' ۾ اڳوڻيءَ سنڌ جو نقشو پيش ڪيو آهي، تنهن اُن دور (1017ع ـ 1031ع) جي علم، ادب سائنس ۽ ثقافت جي باري ۾ تفصيل سان ذڪر ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح علم الانسان (anthropology) ۽ علم اللسان (linguistic) جا ماهر، جڏهن قاضي قادن، شاهه ڪريم، مخدوم نوح سرور ۽ ساميءَ جي ڪلام، شاه لطيف ۽ سچل سرمست جي راڳ جو جائزو وٺن ٿا، تڏهن اهي واضح طور ٻڌائين ٿا ته انهن بزرگن ۽ اعليٰ قدر وارن انسانن جي سوچ ۽ عمل ۾ ڪهڙو فرق هو. مثال طور شاهه لطيف جي درگاهه جا فقير، ڪاري رنگ جي ڪفني ڍڪيندا آهن، هٿ ۾ دنبورو کڻندا آهن ۽ ڳائڻ ۾ گهٽو ڪري 'گرام' واري انداز ۾ ڳائيندا آهن. لطيف جي ڪلام ۾ 'گيرپ ۽ گاو' هوندو آهي. اُهي فقير ويهي ڳائيندا آهن، نچڻ، ٽپڻ، هُل ۽ هنگامي کان پرهيز ڪندا آهن. انهن جي پيٽ ۾ سچل سرمست جي درگاهه جا فقير، گيڙو ـ رتا ڪپڙا پائيندا آهن؛ هٿن ۾ ڪڙا وجهندا آهن ۽ ڪنن ۾ ڪُنڍل پائيندا آهن؛ ڳائڻ مهل اوچي 'آلاپ' ۽ 'ٽيپ' واري انداز ۾ ڳائيندا آهن، هڪ هٿ ۾ يڪتارو ۽ ٻئي هٿ ۾ ڪڙتال کڻندا آهن؛ ڳائڻ مهل گوڙ ۽ گهمسان وارو رنگ ڪندا آهن ۽ نچندا ٽپندا آهن.

شاهه لطيف، شاهه ڪريم ۽ مخدوم نوح سرور جي درگاهن تي ٿيندڙ راڳ يا سماع عبادت مثل هوندي آهي. اُن ۾ بندگيءَ جو رنگ وڌيڪ هوندو آهي. سچل سرمست جي درگاهه تي ٿيندڙ راڳ ۾ جلال واري مستي زياده ۽ ڳائڻ جي لئي ۾ تيزي هوندي آهي. بهرحال هيءُ مطالعو به، سماجي مطالعي جو هڪ حصو آهي. هن مطالعي کي 'انسان شناسي'، 'لطيف شناسي'، 'مخدوم نوح شناسي' ۽ 'سچل سرمست شناسيءَ' وارن موضوعن سان شامل ڪري سگهجي ٿو.

2ـ (الف) سيني ڪلاسيڪي صوفي شاعرن جديد ادب جي سخنورن 'انسان شناسيءَ' واري موضوع تي ئي لکيو آهي. هنن اِن موضوع جا ڪئين پهلو ڇاٽايا آهن. اُنهن مان ڪي موضوع هي آهن. نياز نمرتا، نئڙت، گيرپ، گاو پاڻ سڃاڻڻ، نيڪي، نيڪ نيتي، سچائي، خدمت، شيوا، عبادت، بندگي، دنيا فاني، مرشد جو مقام، عشق، محبت، سڪ، پيار، طلب، اخلاص، اوسيئڙو جدائي، فراق، وڇوڙو وصل، ورلاپ، انتظار، وصل لاءِ پياس، پُڪارَ دانهون، فرياد، ديدار جي طلب، پڇتائڻ، توبهه ڪرڻ، صبر، شڪر، سهپ، تڪبر، هٺ ـ وڏائي، رواداري، هر انسان کي هڪجهڙو سمجهڻ، انسان دوستي، قرباني، عزم، استقلال، مستقل مزاجي، انڪساري، ٻين جي واهر ۽ مدد ڪرڻ، ايڪو ٻڌي، مان، مريادا، ماڻهپو انسانيت، لحاظ رک رکاءُ، فريب، دولاب، ٺڳي، دوکو احسان فراموشي، خودبيني، خود شناسي، خود قرباني، خود فريبي، خوش فهمي، بيغرضي، لوڀ، لالچ، مطلب، خواهش، تمنا، آس، نراس، ايمانداري، مشترڪ مفاد، خلوص، خودغرضي، باهمي عمل، ٻيائي، محنت، مشقت، تعاون، مدد ڪرڻ ۽ منافقت جهڙا موضوع شامل آهن.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ب) ڪنهن بہ ٻوليءَ جو اڀياس 'انسان شناسي' (humanaities) جي وسيع موضوع جو هڪ اهم پهلو پڻ آهي. هر ٻوليءَ کي پنهنجي ڌرتي ۽ پنهنجو سماج هوندو آهي. هر ڪا ٻولي، پنهنجي سماجي ماحول ۽ پنهنجي ڌرتيءَ مان، انسان ذات سان گڏ اُڀري ۽ اُسري آهي. اُن جون پاڙون، پنهنجي زمين ۾ ئي کتل هونديون آهن. انهيءَ ڪري 'پاٽر' (Potter) جو هي رايو بلڪل صحيح آهي تہ:

"بهترين زبان اُها آهي، جنهن جو بنياد ڪنهن سماج ۽ سماجي قدرتن ۽ روايتن تي رکيل هجي" (potter, simon, 1960L 24)

پاٽر (Potter) جي انهيءَ دعويٰ جو دليل، سنڌي سماج ۽ ٻولي پڻ آهي. سنڌي ٻوليءَ جون پاڙون، سنڌي سماج ۽ سنڌ جي ڌرتيءَ ۾ اونهيون کُتل آهن. يعني سنڌي ٻوليءَ جو سرچشمو سنڌ جي ڌرتي ۽ سنڌي سماج آهي. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر سورلي لکيو آهي تہ:

"سنڌي ٻوليءَ جي لغت تي سنڌي سماج، سنڌي معاشري ۽ سنڌ جي معاشي حالتن جو گهڻو ۽ گهرو اثر رهيو آهي." (Sorlay, H. Ta, 1940 L 24)

3_ (الف) ٻولي، ڪنهن گفتگو ۾ مقصد جي عمل جو ڪردار ادا ڪندي آهي. انهيءَ ڪري اُن جي هر لفظ هر فقري ۽ هر جملي ۾ ڪو نہ ڪو مقصد ۽ ڪو نہ ڪو مفهوم رکيل هوندو آهي. دراصل اهو مقصد ۽ مفهوم ئي آهي، جو ڪنهن زبان جي عمل يا استعمال جي ضرورت طرف اشارو ڪندو آهي. اهو ئي ڪارڻ آهي جو ڪنهن ٻوليءَ جو انساني برادري يا انساني معاشري اندر زنده رهي سگهڻ ئي هڪ وڏو دليل آهي.

(ب) هر ڪا زبان، هر زماني ۾، پنهنجي دائري اندر روزمره واري ماحول ۾ هميشہ استعمال ۽ رواج ۾ رهندي آئي آهي. زبان، انسان ذات جي سوچ، نظرين، قوت احساس ۽ سماجي وهنوار جو هڪ رڪارڊ آهي. اُهو رڪارڊ، انسان ۽ انسان جي سماج لاءِ تاريخ جو ڪم ڏيندو آهي. مٿي چيو ويو آهي تہ زبان ۽ معاشرو هڪ ٻئي لاءِ لازم ۽ ملزوم هوندا آهن. زبان جو مطالعو دراصل ڪنهن معاشري جو مطالعو آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان معاشري جو مطالعو حقيقت ۾، اُن معاشري ۾ مروج ۽ مستعمل زبان جو مطالعو ئي سمجهيو ويندو آهي. زبان جي اهڙي مطالعي کي ئي سماجي لسانيات جو مطالعو چئبو آهي. لسانيات جي هڪ شاگرد جو خيال آهي تہ:

"ڪنهن بہ ملڪ جي ٻولي، اُن ملڪ جي سماجي، ثقافتي، تهذيب ۽ تمدني تاريخ جي آئينہ دار هوندي آهي. ڪنهن بہ قوم جي ٻوليءَ جي مطالعي مان، اُن قوم جي معاشي ۽ معاشرتي قدرن، سوچ ۽ فڪر جي ارتقا، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جي خبر پوندي آهي. زبان، ثقافت جو آئينو پڻ آهي. هر قوم جي ثقافت جو مرڪزي عنصر، زبان ئي هوندي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آهي. ڇو جو زبان، علم ادب جي خالق ۽ ادبي روايتن ۽ رجحانن جي محافظ هوندي آهي. ثقافت جي مطالعي ۾ ڪنهن قوم جي ٻولي ۽ علم ادب جو اڀياس پڻ شامل هوندو آهي، ڇو ته ٻولي ۽ علم ادب جي اٿاهه ۽ بي انت بحر جي اونهائيءَ ۾ ئي، ان قوم جي سماجي، ثقافتي، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جا تهه لڪل هوندا آهن" (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر 1988ع: 50)

4۔ (الف) سنڌي ثقافت جو مطالعو صرف قديم آثارن جو مطالعو نه آهي، يا صرف لطيف فنن، فنِ تعميرات، فنِ خطاطي، اجرڪ سازي، ڇُرَ جي ڪم، ڪاشيگري ۽ جنڊيءَ جي هنر يا راڳ ۽ راڳداريءَ جي ڄاڻ تائين محدود نه آهي، پر سنڌي ثقافت جو مطالعو سنڌي زبان جو مطالعو پڻ آهي. سنڌي ثقافت جو مطالعو شاهه ڪريم، مخدوم نوح، قاضي قادن، شاهه عنايت شهيد، مخدوم محمد زمان لنواريءَ واري، صوفي شاهه عنايت، شاهه عبداللطيف ڀٽائي، سچل سرمست، سامي، سيد ثابت علي شاهه، مير عبدالحسين سانگي، مرزا قليچ بيگ، ڪوڙي مل چندن مل، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، ڊاڪٽر عمر بن محمد دائود پوٽي، سيد حسام الدين شاهه راشدي، مخدوم محمد زمان طالب المولىٰ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز رسول بخش پليجي، تنوير عباسي، شمشير الحيدري، فتاح ملڪ، رشيد ڀٽي، عبدالڪريم گدائي، نياز همايوني، مولانا غلام محمد گرامي، علي احمد بروهيءَ توڙي ٻين اديبن، شاعرن، عالمن ۽ فاضلن جي تخليق ۽ تحقيق ڪيل ادبيات جو مطالعو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ ئي، سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن جي جهلڪ ڏسي سگهجي ٿي. اها جهلڪ يا اهو عڪس، سنڌي ٻوليءَ جي ادبي صنفن ۾ ڏسي سگهجي ٿو. اهو عڪس، شاهه لطيف، سچل سرمست جي ڪلام ۾ ڏسي سگهجي ٿو. سنڌي ادب جو اهڙو لسانياتي اڀياس، سماجي لسانيات (Social Linguistic) جي اڀياس جي دائري ۾ شمار ٿئي ٿو ڇو ته شاهه لطيف، سچل سرمست، سماجي ۽ ٻين شاعرن جي ڪلام توڙي نثر نويسن جي لکيل مواد ۾، سنڌيءَ جي ڏار ڏار خطن جي ماڻهن جي تهذيبي، تمدني، ثقافتي، معاشي ۽ معاشرتي زندگيءَ جو عڪس نمايان نظر ايندو آهي. انهن جي لکڻين جي مطالعي مان، ڏار ڏار خطن جي ماڻهن جي مخصوص روايتن، اُنهن جي ذهني لاڙن، سماجي قدرن ۽ قومي مزاج جو پتو پوي ٿو. سنڌي علم ادب ۽ سنڌي ادبيات ۾ ڪم آندل ٻوليءَ جي اهڙي مطالعي کي ئي 'سنڌي ٻوليءَ جو سماجي مطالعو' چئبو آهي. اهو مطالعو ئي 'سماجي لسانيات جو مطالعو' مڃيو ويندو آهي.

(ب) سماجي لسانيات مان مراد، ڪنهن سماج ۾ ٻوليءَ جي ڪارج ۽ استعمال جو مطالعو آهي. هر ڪا ٻولي، پنهنجي سماج جي تهذيب ۽ تمدن جو اهم حصو هوندي آهي، ڇاڪاڻ ته اُن ٻوليءَ جي مطالعي مان، اُن سماج، سماجي گروهن، اُنهن گروهن جي فردن جي اُٿڻي ويهڻي، رسمن ۽ رواجن، سماجي قدرن، قومي مزاج ۽ اُن قوم جي ماڻهن جي نفسياتي ڪيفيتن وغيره جي باري ۾ خبر پوي ٿي. مطالعي مان معلوم ٿيو آهي ته هر سماج ۾ ڪم ايندڙ ٻولي ۽ اُن جي ڳالهائيندڙن جي وچ ۾ گهاٽي ۽ گهري نسبت هوندي آهي. سماج ئي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪنهن ٻوليءَ ڪي ٿاهي ۽ اُن کي ڪا صورت ڏئي ٿو. اُن کي سنواري ۽ سڌاري ٿو. اُن ۾ ترقيءَ جون راهون هموار ڪري ٿو ۽ اها ٻولي وري اُن جي عيوض، اُن سماج جي نمائندي جي حيثيت ۾ ڪم ڪري ٿي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته ڪا به ٻولي، پنهنجي سماج جي بهترين نمائندي وارو ڪردار ادا ڪندي آهي، ۽ اُن سماج جو آئينو هوندي آهي ۽ اُن سماج جي قدرن جي باري ۾ وضاحت ڪندي آهي.

5_ (الف) هر دور جو علم ادب، اُن دور جي سماج جو آئينو هوندو آهي. (الانا غلام علي، ڊاڪٽر، 1988ع: 50). شاهه عبدالڪريم ۽ مخدوم نوح جي دور ۾ پيدا ٿيل علم ادب ۾ اُن دور جي سماجي حالتن جو آئينو آهي. شاهه لطيف، سچل سرمست، سامي، سيد ثابت علي شاهه ۽ ٻين شاعرن ۽ اديبن جي دور ۾ تخليق ڪيل ادب، اُنهن جي ڌار ڌار دورن جي عڪاسي ڪري ٿو. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته شاهه لطيف ۽ سچل سرمست جي سياسي، سماجي، اقتصادي، علمي، ادبي، تهذيبي ۽ تمدني تاريخ جي معلومات جي سلسلي ۾، شاهه سائين، سچل سرمست، سامي ۽ سيد ثابت علي شاهه جو ڪلام املهه سرمايو آهي. هن سلسلي جي اڀياس جو بهترين وسيلو شاهه لطيف، سچل سرمست، سامي ۽ سيد ثابت علي شاهه جي ڪلام ۾ آندل ٻوليءَ جو اڀياس آهي. انهن شاعرن جي ڪلام ۾ آندل تشبيهون، استعاره، تمثيلون، علامتون، اشارا ۽ ڪنايا ئي آهن، جن جي مطالعي جي مدد سان، اُنهن جي دورن جي سماجي حالتن ۽ سماجي لسانيات جي مطالعي ۾ مدد ملي ٿي.

(ب) سچل سرمست ۽ سيد ثابت علي شاهه توڙي سامي، هڪٻئي جا هم‌عصر شاعر هئا. تنهي تي ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور واري ٻولي ۽ علم ادب، تهذيب ۽ تمدن جو گهڻو ۽ گهرو اثر رهيو. ثابت علي شاهه سنڌي ٻوليءَ ۾، فارسي زبان جا انيڪ لفظ فقرا، محاورا، استعاره ۽ تشبيهون ڪم آنديون، جن جو سنڌي زبان ۾ اڳ ايترو رواج ڪو نه هو. انهيءَ ڪري انهن لفظن ۽ محاورن وغيره جي استعمال ڪري سنڌي ٻوليءَ جي صورت ۽ سٽاءَ ۾ وڏي تبديلي آئي. سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ به فرق آيو.

سيد ثابت علي شاهه وانگر سچل سرمست به عربي ۽ فارسيءَ جا بيشمار لفظ فقرا، محاورا، تشبيهون ۽ استعاره پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا. شاهه ڪريم، شاهه لطيف توڙي سچل سرمست قرآن پاڪ جون انيڪ آيتون پڻ پنهنجي ڪلام ۾، تلميح طور ڪم آنديون. ان ڪري سنڌي ٻوليءَ جي مزاج ۾ وڏي تبديلي آئي ۽ عربي توڙي فارسيءَ جي لفظن ۽ ترڪيبن جي استعمال ۾ گهڻو واڌارو ٿيو. (لطف الله بدوي، پروفيسر، 1955ع)

(ت) شروع ۾ 'انسان' ۽ 'انسان شناسي' (humanities) جي باري ۾، ڪي ڳالهيون عرض ڪيون ويون آهن ۽ انسان شناسيءَ جي اڀياس لاءِ ڪن موضوعن جي نشاندهي پڻ ڪئي وئي آهي، پر جيئن ته انساني معاشرو هميشه ارتقا پذير رهيو آهي، تنهن ڪري هر انساني معاشري جي باري ۾ معلومات، اُن دور



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي علم، ادب، ٻوليءَ، لطيف فنن، هنرن ۽ ٻئي مواد مان حاصل ٿي سگهندي آهي. مثال طور موهن جي دڙي جي قديم آثارن مان هٿ آيل مواد جي مطالعي مان، اُن خطي ۽ اُن دور جي سماجي حالتن، سماجي قدرن، علم الانسان ۽ انسان شناسيءَ جي باري ۾ خبر پوي ٿي. اُن دور جي مواد مان، ڪن شين تي چٽيل چِٽن، گلن ٻوٽن، جانورن جي شڪلين، تصويرن ۽ ٻئي سامان مان، اُن دور جي سماج ۽ سماجي مطالعي ۾ مدد ملي ٿي. اُن هنڌان (موهن جي دڙي جي آثارن مان) مليل مُهرن تي لکيل ٻوليءَ جي باري ۾ ڪو آخري نتيجو مطالعي جي صورت ۾ ظاهر ٿي نہ سگهيو آهي، جنهن مان خبر پوي تہ اُن وقت جي ٻوليءَ جي صوتياتي، صرفي، ۽ نحوي ساخت ڪهڙي هئي؟ ان جو سٽاءُ ڪهڙو هو؟ اُن زماني واري ٻوليءَ جو مزاج ڪهڙو هو پر ڪجهہ ٻئي مواد مان، اُن شهر ۽ ان خطي جي ماڻهن جي تهذيب ۽ تمدن، مذهب ۽ مذهبي رجحان، فنن، هنرن، ڪرت ۽ ڌنڌن جي باري ۾ ڪي راز کلي پون تہ پوءِ هتي جي ماڻهن جي سياسي ۽ سماجي زندگيءَ بابت گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ معلوم ٿي ويندو. چاڪاڻ تہ جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ ڪنهن بہ سماج جي مطالعي لاءِ ٻولي ئي هڪ اهم ذريعو ۽ وسيلو هوندي آهي. جيتوڻيڪ لطيف فنن ۽ هنرن جي مطالعي مان بہ علم الانسان جي مدد سان، اُن دور جي سماج ۽ سماجي قدرن جي باري ۾ گهٽ ۾ گهٽ ڪجهہ حاصل ٿي سگهي ٿو پر ٻولي هن ڏس ۾ هڪ واحد ذريعو ثابت ٿي آهي.

6 (الف) سماجي لسانيات جي مطالعي جو هڪ پهلو هي بہ آهي تہ جڏهن ڪنهن بہ سماج ۾ هڪ کان وڌيڪ سماجي گروهن جا فرد هوندا تہ اهڙيءَ حالت ۾ ٻوليءَ تي ٻين سماجي گروهن جو اثر ضرور ٿيندو آهي، يعني ڪنهن بہ سماج کي، علم اللسان جي لحاظ کان، هيٺين لساني گروهن ۾ ورهائي سگهبو آهي. (Jones, 1988)

(i) يڪ_لساني گروهہ (Mono- Lingual Group)

(ii) ٻہ_ لساني گروهہ (Bi- Lingual Group)

(iii) اڪثريتي لساني گروهہ (Multi- Lingual Group)

(iv) اقليتي لساني گروهہ (Minority- Lingual Group)

انهن يا اهڙن ٻين لساني گروهن جو تفصيلي مطالعو سماجي لسانيات جي مطالعي ۾ مدد ڪري ٿو.

(ب) سنڌي سماج جو انهن چئني لساني گروهن جي لحاظ کان جائزو وٺي سگهجي ٿو چو تہ سنڌ ۾ اُتر طرف سرائڪي ٻوليءَ جو اثر، اوڀر طرف ٿرپارڪر واري ايراضيءَ ۾ ٿري لهجي تي، سرحد پار کان هڪ طرف گجراتي ٻوليءَ جو اثر رهيو آهي تہ ٻئي طرف کان راجستاني ٻولي اثر انداز رهي آهي. اهڙيءَ طرح لاسي، ڪيتراني، فراڪي، جعفرڪي، جدگالي ۽ لوري چار ئي لهجا، ڏار ڏار اثرن جا ثبوت ڏين ٿا. اهڙيءَ طرح شهرن ۾ انگريزي ۽ اردوءَ جو اثر نمايان آهي. اُن کان سواءِ فارسي ۽ عربي ٻولين جا اثر نہ فقط سنڌي ٻوليءَ جي لغوي ذخيري ۾ اضافي جو سبب بڻيا، پر انهن اثرن جي ڪري سنڌي ٻوليءَ جي مزاج، گهاڙيٽي، صوتيات، صرف ۽ نحو تي بہ اُن جو اثر ٿيو آهي. ساڳيءَ طرح، اُڌارن ورتل لفظن (borrowed words) يا (co-existance of word) ۾ انهن سيني پهلوئن جو تفصيلي جائزو ۽ مطالعو سنڌي سماج، سنڌي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ثقافت ۽ سنڌي تهذيب جي مطالعي ۾ بہ مدد ڪندو آهي، جنهن کي مجموعي طور سماجي لسانيات جو مطالعو چيو ويندو آهي.

سماجي لسانيات جي مطالعي لاءِ مٿي بيان ڪيل لساني گروهن جي گهري اڀياس دوران، جن لساني حدن (Linguistic Domain) کي سامهون رکڻو پوندو، اُهي حدون هي آهن: (غلام علي الانا، ڊاڪٽر، 1983ع)

(i) حاڪمن جي ٻولي / حڪومت طرفان منظور ڪيل سرڪاري ٻولي
(ii) ڪتبن جي ٻولي
(iii) معاشري جي روزمره واري ماحول ۾ ڪم ايندڙ ٻولي
(iv) مذهبي ڪريا ڪرمن ۾ ڪم ايندڙ ٻولي
(v) وڻج واپار واري ٻولي
(vi) راندين ۽ وندرن ۾ ڪم ايندڙ ٻولي
(vii) سياسي ۽ سماجي حالتون
(viii) آباديءَ جي لڏ پلاڻ

(ب) انهن لساني حدبندين (linguistic domains) جي ڪري، سنڌي سماج کي ڪن حالتن ۾ ٻہ-لساني سماج جي صورت اختيار ڪرڻي پئي آهي. مثال طور عربن جي حڪومت واري زماني ۾، حاڪمن جي سرڪاري ٻولي عربي هئي، پر عوام جي زبان سنڌي هئي. هن دعويٰ جي تصديق، عرب سياحن جي سفرنامن مان بہ ٿئي ٿي. هن ڏس ۾ اصطخري (951ع) ۾ لکيو هو تہ:

"منصوره، ملتان ۽ اُن جي مضافات جي ڳوٺن جي ٻولي سنڌي ۽ عربي آهي" (اصطخري، 1960ع: 375)

بشاري مقدسي (985ع) ۾ لکيو هو تہ:

"ديبل هڪ سامونڊي شهر آهي، هن سان هڪ سؤ ڳوٺ مليل آهن. هتي جا رهاڪو زياده تر هندو آهن، سمنڊ جو پاڻي، طغيانيءَ جي وقت، شهر جي ديوارن سان اچي لڳندو آهي. هتي جا باشنده واپاري آهن. سنڌي ۽ عربي ٻوليون ڳالهائين ٿا." (بشاري مقدسي، 1960ع: 385 ۽ 386)

اهڙيءَ طرح ابن حوقل پنهنجي سفرنامي ۾ لکيو آهي تہ:

"منصوره، ملتان ۽ اُنهن جي آسپاس وارن علائقن ۾ عربي ۽ سنڌي ٻوليون رائج آهن".
(Elliot, E.H., 1867:29)

7 (الف) سومرن ۽ سمن جي حڪومتن واري زماني ۾، سنڌ ۾ دفتري زبان ڪهڙي هئي، تنهن جي باري ۾ ڪو پڪو ثبوت نہ ٿو ملي. البت سمن جي حڪومت جي زماني ۾ مقبرن تي لکيل ڪتبا فارسي ٻوليءَ ۾ ملن ٿا. پر انهن ٻنهي دورن ۾ عوامي ٻولي سنڌي هئي، جيئن عربن جي حڪومت واري زماني ۾ بہ ماڻهن جي عام وهنوار ۽ وڻج واپار جي ٻولي سنڌي هئي. مذهبي پرچار لاءِ مقامي ٻوليون ڪم آنديون



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ويندڙيون هيون. البت مدرسن ۾ مذهبي تعليم عربيءَ سان گڏ سنڌي ٻوليءَ ۾ به ڏيڻ جو رواج هوندو هو. سومرن جي دور ۾، اسماعيلي فڪر جي دعوت جا ثبوت سنڌي ۽ ٻين مقامي مادري ٻولين ۾ملن ٿا.

(ب) ارغونن ۽ ترخانن جي دور ۾، دفتري ٻولي فارسي هئي، پر عوام جي روزمره ۽ وڻج واپار جي ٻولي سنڌي هئي. ڪلهوڙن ۽ ٽالپرن جي دور ۾ فارسي دفتري زبان هئي، پر عوام جي روزمره جي استعمال جي ٻولي سنڌي هئي.

(ت) اها به حقيقت آهي ته سنڌ ۾ پاسي وارن علائقن کان لڏ پلاڻ جو سلسلو هزارين سالن کان هلندو ٿو اچي. ڪلهوڙن جي دور ۾ ۽ ان کان پوءِ ٽالپرن ۽ انگريزن جي دور ۾ سرائڪي ڳالهائيندڙ ۽ براهوي ڳالهائيندڙ خطن کان بيشمار آبادي، سنڌ ۾ لڏي آئي. هن آبادي پنهنجن گهرن، ڳوٺن ۽ پنهنجن وسندين ۾پنهنجي سماجي ماحول ۾ سرائڪي ۽ بروهي ٻوليون ڪم ٿي آنديون، پر ٻاهر روزاني وهنوار ۾ اُنهن سنڌي ٻولي ئي ڪم آندي.

(ث) پاڪستان جي قيام کان پوءِ، سنڌ جي وڏن شهرن، جهڙوڪ، ڪراچي، حيدرآباد، سکر، ميرپورخاص ۾ اردو ٻوليءَ جو روزمره جي وهنوار ۾ استعمال وڌيڪ ٿيڻ لڳو. اُن جو سنڌي ٻوليءَ جي استعمال تي تمام گهڻو اثر ٿيو. سراسري طور اردو ڳالهائيندڙن جو في سيڪڙو شهرن ۾ وڌي ويو.

(ج) هت اهو ٻڌائڻ به ضروري آهي ته سماج جا مختلف طبقا (Classes) ۽ انهن ۾ رائج ٻولي/ٻوليون، سماجي لسانيات جي مطالعي ۾ گهڻي مدد ڪن ٿيون. اُها ٻولي يا اُهو لهجو جيڪو اعليٰ (privileged) طبقي ۾ ڳالهايو ويندو آهي، اُن طبقي جي ٻوليءَ / لهجي کي سماج ۾ وڌيڪ اهميت هوندي آهي. سماجي لسانيات جي شاگردن جي نظر ۾، هر طبقي ۾ مروج ٻولي يا اُن جو لهجو پنهنجي ليکي اُتم ۽ اهم هوندو آهي (الانا، غلام علي ڊاڪٽر، 1993ع)

8 (الف) سنڌي ٻوليءَ جي شاعرن ۽ اديبن، پنهنجي تحقيق ۽ تخليق ۾ خودشناسيءَ ۽ خود احتسابيءَ جو درس ڏنو آهي. هنن حق گوئي ۽ حق پرستيءَ جو سبق سيکاريو آهي. هنن کي انسان ذات ۽ انسانيت لاءِ سچو پيار ۽ احترام هو.

اُهي سڀ وڏا انسان شناس هئا. شاهه لطيف، سچل، سامي، شيخ اياز توڙي ٻيا سڀ شاعر ۽ اديب، پنهنجي پنهنجي دور جي عوام جا آواز هئا. انهن جي شاعري توڙي نثر نويسيءَ جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته اُنهن جي زماني ۾ آباد عوام، کين گهڻو ويجهو هوندو هو. شاهه سائينءَ جا بيت، وايون ۽ ڪافيون، اُن وقت جو عوام به جهونگاريندو هو ته وري سچل سرمست جون ڪافيون، سندس ئي زماني ۾، هر هنڌ مشهور ٿي ويون. هر زماني جي شاعرن جي ڪلام ۽ اديبن جي نثري صنفن ۾، مختلف طبقن جي ماڻهن ۽ اُنهن جي سماجي حالتن جو ذڪر ملي ٿو. عام ماڻهن جا دل ۽ درد، اُنهن شاعرن ۽ اديبن جي ڪلام ۽ نثري صنفن جا موضوع رهيا آهن. اُن ڪري سنڌي ادب، هر دور ۾ عوام جو آواز رهيو آهي. هر دور جو ادب، پنهنجي دور جو ترجمان رهيو آهي. هر دور جو ادب، پنهنجي دور جي سماجي حالتن جي عڪاسي ڪري ٿو. اُن جو چئجي ٿو ۽ اُن دور جي حقيقت جو بيان آهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

9 – (الف) سماجي حالتن يا سماجي طبقن جي لحاظ کان، سنڌي سماج کي جن جن سماجي گروهن يا سماجي حدن ۾ ورهائي سگهجي ٿو ۽ اُنهن جو سماجي لسانيات جي روشنيءَ ۾ تجزيو ڪري سگهجي ٿو اُهي هي آهن:

**1 ـ سماجي طبقا:**

امير، غريب، سيد، مير، پير، فقير، شاهه، گدا، ڀاڳيا، راڄن جا چڱا مڙس، حاڪم، واپاري، مزدور، هاري ناري، جهانگي، سانگي، ڪوهستاني (جابلو ماڻهو)، ڏوٿي، ڏنار، مهاڻا، ميربحر، سامي، جوڳي، نُوري، شڪاري، فنڪار، ڳائڻ وڄائڻ وارا، ڪوري، موچي، ملان ۽ مولوي عالم ۽ فاضل، اُستاد، ڊاڪٽر ۽ انجنيئر وغيره.

**2 ـ جاگرافيائي حدون:**

اُتر، وچولو لاڙ ٿر، ڪوهستان، ڪاڇو لس، ڪڇ، ڪاٺياواڙ گجرات، ڪيچ، مڪران، ماڇڪو ۽ جدگال.

**3 ـ تهذيبي ۽ ثقافتي طبقا ۽ حدون:**

لباس، کاڌو خوراڪ، رهڻي ڪهڻي، اُٿڻي ويهڻي، گهر گهاٽ، هنر، گل ٻوٽا وغيره.

مٿي ڄاڻايل لساني ۽ سماجي طبقن ۽ حدبندين جي روشنيءَ ۾، سنڌي ادب جو سماجي لسانيات جي حوالي سان مطالعو هڪ تمام وڏو ۽ وسيع موضوع آهي. سنڌي ٻوليءَ جي حوالي سان هن سلسلي ۾ تحقيق اڃا ايتري ٿي ئي ڪانهي، جنهن جي گهڻي ضرورت آهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# ببليوگرافي


## سنڌي ڪتاب ۽ مقالا

1_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1988ع. انسان، زبان ۽ ثقافت، مقالو ڇام شورو: ٽماهي مهراڻ، 1988/4، سنڌي ادبي بورڊ، ص 50.

2_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1983ع سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي.

3_ لطف الله بدوي، پروفيسر: 1955ع. لطف اللطيف، حيدرآباد: آر_ايچ_احمد ۽ برادرس.

## اردو کتب

4-اصطخری: 1960ع، المسالک والممالک، اردو ترجمولله ہندوستان عربوں کی نظر میں، جلد اول، اعظم گڑھ: دارالمصنفین، ص375

5-الانا غلام علی، ڈاکٹر 1988ع، زبان اور ثقافت، اسلام آباد: علامہ اقبال اوپن یونیورسٹی، اسلام آباد

6-بشاری المقدس: 1960ع: احسن التقاسیم فی معرفتہ، اردو ترجمہ: ہندوستان عربوں کی نظر میں، جلد اول، اعظم گڑھ: دارالمصنفین، ص ص375اور376

## English Books

7. Ellot, E.H. 1867, History of India, Vol: 1, London: Trubner & Company, P.39
8. Jones, 1988, Socio-linguistics, Islamabad, Allama Iqbal Open University.
9. Potter Simon, 1960, Language in Modern words, Harral Hoston Hd. P.24
10. Sorley, H.T., 1940, Shah Abdul Latif of Bhit, LondonL P.24





books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ

1_ سياسي لحاظ کان هن وقت ڪڇ، پاڪستان جي ڪنهن به صوبي جو حصو نه آهي، پر تاريخي جاگرافيائي، سماجي، اقتصادي، ثقافتي ۽ لساني لحاظ کان ڪڇ، قديم زماني کان، سنڌ جو حصو رهيو آهي ۽ اڄ به آهي (غلام رسول مهر 1959ع: 620)

ڪڇ جو اُڀيٽ، ڪاٺياواڙ اُڀيٽ جي اُتر ۾ ۽ سنڌ جي ڏکڻ ۾ آهي. هيءُ علائقو اوير کان اولهه طرف، 288 ڪلوميٽر، ۽ اُتر کان ڏکڻ ۾ 63 کان 120 ڪلوميٽر ويڪرو آهي. ڏکڻ طرف، ڪڇ جي نار، اولهه طرف عربي سمنڊ ۽ پراڻ نديءَ جي ڇوڙ ڪوري ڪاريءَ جي ڪري، هي خطو سنڌ سان ڳنڍيل رهيو آهي ۽ هن خطي جا سنڌ سان تمام گهاٽا لاڳاپا رهيا آهن.

2_ ڪڇ ۽ سنڌ جا ناتا:

مختلف تاريخن مان اِهي حقيقتون واضح ٿين ٿيون ته تاريخي دور جي شروع واري زماني کان وٺي، ڪڇ واري علائقي جا سنڌ سان قديم زماني کان گهاٽا ناتا رهيا آهن. بلڪ قديم سنڌ جي حڪومت جون سرحدون، اوير ۾ قنوج تائين هيون ۽ ڏکڻ، اوير ۾ ڪڇ وارو سمورو علائقو سنڌ جي حڪومت جي حدن ۾ اچي ٿئي ويو.

ايٽڪن، سنڌ گزيٽيئر ۾ لکيو آهي ته:

"ڪڇ جو رڻ، سنڌ جي ڏکڻ ۽ ڏکڻ_اوير جي سرحد تي آهي، جيڪا راجپوتانا کان عربي سمنڊ تائين ڦهليل آهي. اڄڪلهه اهو خطو ڪلر ٻڌجي ويو آهي، پر سڪندر اعظم جي اچڻ وقت هي خطو هڪ نار جي شڪل ۾ هوندو هو. هن ۾ درياءَ جو پاڻي ايندو هو پراڻ درياءَ جو پاڻي، ڪوري ڪاريءَ ذريعي، سمنڊ ۾ ڇوڙ ڪندو هو. هن درياءَ تي سنڌ ۾ علي بندر ۽ سنڌڙي بندر وڏا واپاري بندر هوندا هئا. انهن بندرن، ڪڇ جي آبادي ۽ ترقيءَ ۾ وڏو ڪم ڪيو."

ڪوري ڪاريءَ ذريعي، سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ آمدورفت جام ٿيندي هئي. ٻئي طرف، 'سيرَ ڪاريءَ' تي منڊو بندر ۽ 'مل ڪاريءَ' تي شاهه بندر واپاري بندر هئا. پراڻ درياءَ ذريعي، لکپت تائين آمدورفت جاري هوندي هئي. لکپت کان 54 ڪلوميٽر پري ۽ علي بندر کان 36 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي، سنڌڙي بندر ۽ اُن جي حفاظت لاءِ قلعو ٺهيل هوندو هو. جتي ڪڇ جي راجا هڪ سرحدي چوڪي ٺهرائي ڇڏي هئي. اهڙيءَ طرح رهمڪي بازار به هڪ سرحدي چوڪي هئي. (Ailkam, E.H. 1907:9)

(الف) سياسي ناتا:

(i) سنڌ ۽ ڪڇ جا سياسي ناتا نهايت ئي آڳاٽا آهن. سنڌ ۾ اسلام جي آمد کان گهڻو اڳ، راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني ۾، سنڌ جون سرحدون، اوير ۾ تنوج تائين ۽ ڏکڻ_اوير ۾ سورت بندر



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، هن سلسلي ۾ لکي ٿو:

"ڏکڻ – اوپر سنڌ ۾ سنڌ_ڪڇ جي سرحد، سومرن جي حڪومت جي خاص اثر ۽ طاقت جو مرڪز بڻي، ۽ انهيءَ مرڪزي ايراضيءَ ۾ سنڌي ٻولي پکڙي. سومرن جي اوائلي دور ۾ سومرن جي طاقت جو رخ ڪڇ، ڪاٺياواڙ ۽ گجرات وارين سرحدن طرف رهيو انهيءَ ڪري ڪڇ طرف، سومرا، سما ۽ ٻين سنڌي قومن جون بستيون قائم ٿيون ۽ ڪڇ ۾ سنڌي ٻولي پکڙي." (نبي بخش بلوچ، 1962ع: 54)

(ii) سومرن، سمن جي مدد سان سنڌ جي حڪومت تي قبضو ڪيو هو حاڪم ٻڻجڻ ڪان پوءِ، اُهي (سومرا حاڪم) سمن کي ستائڻ لڳا ۽ نيٺ اُنهن (سمن) کي ڪڇ ڏانهن ڀڄائي ڪڍيائون. ڪڇ ۾ اُنهن چاوڙا راجا وٽ پناهہ ورتي، پر جيڪي سما سنڌ ۾ رهجي ويا، تن نيٺ اسلام قبول ڪيو. سمن کان سواءِ، سوڍا ۽ جاڙيجا پڻ ڪڇ ڏانهن لڏي ويا.

تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ سومرن، سنڌ تي سنڌن راڄ واري زماني (ٻئي دور واري زماني ۾ 1320ع) ۾ سنڌ مان لڏي ويل سما، ڪڇ تي قبضو ڪري چڪا هئا. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر گربخشاڻي لکي ٿو:

"سما اصل جادوَ گهراڻي جا راجپوت آهن. سن 1053ع ڌاري، جڏهن سنڌ، سومرن جي هٿ آئي، تڏهن هو سمن کي ڏاڍو ستائڻ لڳا. انهيءَ ڪري ڪيترائي جاڙيجا سما سنڌ ڇڏي، ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويا ۽ اُتي 1320ع ڌاري پنهنجو راڄ ڪڙو ڪيائون. اڄ ڏينهن تائين سنڌن پويان پاڻ کي جاڙيجا سڏائيندا آهن." (گربخشاڻي هـ_م ڊاڪٽر: 57)

(iii) تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ ڪڇ جي راءَ جو خاندان، جاڙيجا راجپوتن مان آهي، جيڪو سنڌ جي سمن سان نسبت رکي ٿو. اهو خاندان، ڪڇ جي اُترين علائقي يعني سنڌ کان، جام لاکي ولد جام جاڙي جي رهنمائيءَ هيٺ، پندرهين صدي عيسويءَ ۾ ڪڇ پهتو هو. (Imperial Gazetteer)

جاڙيجا خاندان جو نالو 'جام جاڙي' جي نالي پٺيان پيل آهي، جاڙيجا، يعني 'جاڙي جو اولاد'، يا 'جاڙي جا ٻار' (Imperial Gazateer of India, VolL N.61)

ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو رايو آهي تہ:

"ڪڇ ۾ جاڙيجن سمن جي عروج جو زمانو 1300ع آهي، چاڪاڻ تہ اٽڪل 1320ع ڌاري جاڙيجن سمن، ڪڇ جي حڪومت، چاوڙن کان ورتي 1540ع تائين، يعني اٽڪل سوا ٻہ سئو سال جاڙيجن سمن جي ٽن خاندانن ڪڇ تي حڪومت ڪئي" (نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، 1958ع: 50)

اهڙيءَ طرح سمن جي حڪومت ۾ ڪڇ جو سارو علائقو سنڌ جي سياسي تسلط هيٺ هو ايتري قدر جو جڏهن سنڌ ۾ سمن جي حڪومت جو سن 1521ع ۾ خاتمو آيو تڏهن بہ ڪڇ تي سنڌ جا سما قابض



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

هٿا. انهيءَ ڪري شاهه بيگ ارغون، مرزا شاهه حسن توڙي مغليه نوابن جي راڄ ۾ ويندي، ڪلهوڙن جي سنڌ تي حڪومت واري زماني ۾ ميان غلام شاهه ڪلهوڙي جي حڪومت تائين، سنڌ جي حاڪمن ۽ باغي نوابن کي ڪڇ مان نه فقط فوري مدد ملندي هئي، پر انهن کي ڪڇ ۾ پناهه به ڏني ويندي هئي.

(iv) سمن جي حڪومت جي زماني ۾ 1772ع ۾ گجرات جي حاڪم 'محمود شاهه بيگڙي' (1459ع_1573ع) جي ڏينهن ۾ چاليهه هزار سنڌي ڌاڙيلن، گجرات جي قافلي کي لٽيو هو. انهيءَ ڪري سلطان شاهه محمود بيگڙي، سنڌ تي ڪاهيو ۽ ڪڇ ۽ ٿر تي قبضو ڪيائين. (مولائي شيدائي، 1957ع: 220)

امپيريئل گزيٽيئر آف انڊيا ۾ ڄاڻايل آهي ته:

"ڄاڙي خاندان جي ٽن نسلن، 1540ع تائين، ڪڇ تي راڄ ڪيو انهيءَ سال، يعني 1540ع ۾ احمد آباد جي مسلم حڪمران جي مدد سان، راءِ کنگهار، ڄاڙيجا خاندان جي اڳواڻ سان گڏ ڪڇ جو حاڪم بڻيو ۽ گجرات جي بادشاهه کان، 'راءِ' جو خطاب مليس. هو ساڳئي وقت 'موروي' جو حڪمران پڻ ٿيو." (Imperial Gazateer of India Vol.IV.61)

ڪڇ جي تاريخ جي اڀياس مان معلوم ٿو ٿئي ته راءِ کنگهار جي ڇهن نسلن، ڪڇ تي حڪومت ڪئي، پوءِ 'راءِ رائڌڻ' جي وفات کان پوءِ، سندس ٽئين نمبر پٽ، راءِ پراگجيءَ وڏي خون خرابيءَ کان پوءِ تخت هٿ ڪيو. هن پنهنجي ڀاءُ کي پڻ قتل ڪرائي ڇڏيو. انهيءَ ڪري هن، پنهنجي ڀائٽي کي خوش ڪرڻ لاءِ اُن کي 'مورويءَ' جو حاڪم مقرر ڪيو. (مولائي شيدائي، 1957ع: 220)

(v) تاريخ مان معلوم ٿو ٿئي ته سنڌ تي سمن جي راڄ واري زماني ۾ ڪڇ وارو علائقو پڻ سندن قبضي ۾ هو. ارغونن جي سنڌ تي قبضي کان پوءِ، سنڌ جي سمن جو مرڪز ڪڇ بڻيو. اُتان سنڌ تي ٻيهر قبضي ڪرڻ لاءِ ڄام فيروز جي مدد پڻ ڪئي وئي. سنڌ جو مشهور مؤرخ، مير محمد جلال ٺٽوي لکي ٿو ته:

"شاهه بيگ ارغون جي مرڻ کان پوءِ مرزا شاهه حسن تخت تي ويٺو حاڪم بڻجڻ کان پوءِ هن کي ٻيهرين ڄام فيروز سان مقابلو ڪرڻ لاءِ ٺٽي تي حملو ڪرڻو پيو" (مير محمد جلال ٺٽوي، 1965ع: 12)

ڄام فيروز وڙهڻ جي همت نه ساري، دريءَ ٽپي، ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويو جتان پنجاهه هزار سوارن ۽ پيادن جي فوج وٺي، ٻيهر حملو ڪيائين (مير معصوم بکري، 1953ع:184)

چاچڪن جي ڳوٺ ۽ راهمڪي بازار جي وچ ۾ جنگ لڳي، جنهن ۾ ڄام فيروز جا ويهه هزار ماڻهو مارجي ويا ۽ هو هار کائي، گجرات ڏانهن هليو ويو. هن مان ظاهر آهي ته ڪڇ جي سمن جي سنڌ جي سمن حاڪمن سان ڪافي همدردي هئي ۽ هنن، سنڌ تي سمن جي حڪومت ٻيهر قائم ڪرڻ لاءِ هر قسم جي قرباني ڏني.

(vi) ترخانن جي دور ۾، ڪڪرالا جي ڪيهر ڄامن، لاڙ جي رائوڙن، ڄاڙن، ٿلاٽين ۽ مهاڻن، مرزا محمد باقيءَ جي حڪومت جي خلاف بغاوت ڪئي، ڪڇ جي سمن سردارن سان سنڌ جي انهن سردارن



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جي رسائي هئي. اهڙيءَ طرح مرزا محمد باقيءَ جي وفات کان پوءِ، جڏهن مرزا جاني بيگ تخت نشين ٿيو تڏهن هڪ ترخان سردار مظفر بيگ بدين تي حملو ڪيو (علي شير قانع، 1957ع: 186) مظفر بيگ، خان زمان جي هٿان شڪست کائي ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويو، جتي وڃي پناهه ورتائين. اهڙيءَ طرح 'ونگي' جي نهڙين، اربابن، تماچي ۽ توڳاچي چامن ۽ آسو سومري بغاوت ڪئي. نهڙين جي ارباب، ڪانجي ڪوٽ تي مقرر ٿيل، ڪڇ جي راءِ جي نواب ۽ نواب ٽيڪراءِ، ميان نور محمد سان ڪؤنسڙ شروع ڪيو. انهيءَ وچ ۾ منڌرن جي سردار، تاجن منڌري بغاوت ڪئي، ۽ ڪانجي ڪوٽ ۾ وڃي پناهه ورتائين (علي شير قانع، 1957ع: 225ع 721)

> ميان صاحب ڪانجي ڪوٽ تي حملو ڪيو ۽ بارود سان قلعي جون ديوارون اُڏائي ڇڏيائين.
>
> ان کان پوءِ، ميان نور محمد، تاجن منڌري جي حرڪتن کي منهن ڏنو هن پهرين بلوچ خان فرد کي تاجن منڌري جي خلاف چاڙهي موڪليو پر تاجن منڌري، وجهه وٺي، اُن کي قتل ڪرائي ڇڏيو (علي شير قانع، 1957ع: 225 ۽ 721)

اُن کان پوءِ، شاهه بهاري، تاجن منڌري تي حملو ڪيو. تاجن منڌري هار کاڌي ۽ گرفتار ٿيو ميان صاحب کيس قتل ڪرائي ڇڏيو. ميان نور محمد ڪلهوڙي جي وفات کان پوءِ، ان جو فرزند، ميان غلام شاهه تخت نشين ٿيو. ميان غلام شاهه جي حڪومت واري زماني ۾ ميان غلام شاهه ۽ سندس ڀائرن جي وچ ۾ ڇڪتاڻ تي پئي. اها حالت ڏسي اُن وقت جي ننڍين ننڍين سردارن ۽ نوابن وري بغاوت ڪئي. پهرين ڪڪرالا جو ڄام هار کائي، ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويو (علي شير قانع، 1957ع: 200) . اُن کان پوءِ ميان غلام شاهه تاجن منڌري جي پٽ، راڻڻ منڌري کي منهن ڏنو جنهن پڻ بغاوت ڪئي هئي. بدين شهر کان پندرهن ڪن ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي ڏکڻ طرف راڻڻ منڌري جو ڪوٽ هو. ميان غلام شاهه راڻڻ منڌري تي حملو ڪيو. راڻڻ منڌرو ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويو. ميان صاحب، سندس ڪوٽ کي ڀسم ڪرائي ڇڏيو. اهو ڪوٽ هڪ دڙي جي حالت ۾ (1958ع) سيراڻين جي ويجهو سلامت هو. ان کي پوءِ 'مالهين جو دڙو' به چوندا هئا.

راڻڻ منڌري جي خاتمي کان پوءِ، ميان غلام شاهه ونگي بندر جي نهڙين سان مقابلو ڪيو. هن نهڙين جي اربابن 'هوتي نهڙئي' جو ڪوٽ ڊهرائي پٽ ڪري ڇڏيو. انهيءَ حالت جي ڪري نهڙيا سردار ڪڇ ڏانهن ڀڄي ويا.

انهيءَ کان پوءِ، ميان غلام شاهه ڪڇ جي راءِ کي سيکت ڏيڻ جو ارادو ڪيو، ڇو جو هو سدائين سندس مخالفن ۽ باغين کي همٿائيندو ۽ پناهه ڏيندو رهندو هو.

ميان غلام شاهه 1762ع (9، ربيع الثاني، 1176هه) ۾ ڪڇ تي حملو ڪيو (علي شير قانع، 1957ع)

ڪڇ تي حملي جي دوران، واٽ تي پراڻ درياءَ جي ڇوڙ ڪوري ڪاريءَ تي آباد، مشهور واپاري بندر 'سنڌڙي بندر' جو قلعو فتح ڪيائين. پوءِ سنڌڙي بندر کان اڳتي، جاڙي جبل وٽ ڪڇ جي راءِ جي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

لشڪر کي شڪست ڏنائين. ميان صاحب جو لشڪر پوءِ جڏهن ’ٻُج‘ شهر کان 11 ڪن ڪلوميٽر اورتي هو تڏهن ڪڇ جي راءِ، ڪيس صلح لاءِ پيغام موڪليو. انهيءَ صلح موجب، ڪڇ جي راءِ ’ستا‘ ۽ ’لکپت‘ بندر، ميان صاحب کي ڏيٽا ڪيا، ۽ ساڳئي وقت، پنهنجيءَ ڀيڻ جو سڱ پڻ آڇيائين. انهيءَ صلح کان پوءِ، ميان صاحب 1746ع (2، رجب 1177هه) ۾ ’شاهه ڳڙهه‘ (شاهه بندر جي ويجهو) واپس موٽيو. ميان صاحب جي واپس موٽي اچڻ کان پوءِ ،ڪڇ جو راءِ پنهنجي ڪيل واعدي تان ڦري ويو. تنهن ڪري ميان صاحب ڪڇ تي وري حملو ڪيو. پهرين ’موروڀءَ‘ جي قلعي تي حملو ڪيائين. جنهن ۾ بيشمار ماڻهو قتل ٿيا. جڏهن سنڌي فوج، ’ٻج‘ کان 9 ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي هئي ته ڪڇ جي راءِ وري صلح لاءِ درخواست ڪئي (علي شير قانع، 1957ع: 280) ۽ ميان صاحب کي پنهنجي سؤٽ جي ڌيءَ جو سڱ پڻ ڏيڻو ڪيائين. نيٺ صلح ٿيو. ميان صاحب هن شهزاديءَ سان شادي ڪئي ۽ هن ڪڇي شهزاديءَ کي ساڱس شاديءَ کان پوءِ سنڌ راڻيءَ جو لقب ڏنائين. (غلام رسول مهر، 1959ع: 632 ۽ 633)

هن ساري بيان مان نتيجو هي ٿو نڪري ته ڪڇ وارو علائقو راءِ گهراڻي جي حڪومت واري زماني کان وٺي، ڪلهوڙن جي حڪومت تائين، سنڌ جي ماتحت رهيو آهي. انهيءَ ڪري، سنڌ جي تهذيب ۽ تمدن، ٻولي ۽ اقتصادي توڙي ٻين حالتن جو ڪڇ تي سدائين غلبو رهيو.

(ب)تجارتي ناتا:

(i) پراڻي زماني ۾، سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾، سمنڊ ۽ خشڪيءَ رستي، واپار جام هلندو هو. سنڌ جي طبعي بيهڪ جي ڪري، لاڙ واري خطي ۾، ڪيترائي مشهور واپاري بندر هوندا هئا. عربن جي حملي وقت، ديبل، سنڌ جو مشهور سامونڊي بندر هو ۽ اهو شهر، واپار جي منڊيءَ جي حيثيت به رکندو هو. هتان، عمان، بصري، عدن، چين، جاوا ۽ سوماترا کان سواءِ، ڪڇ، ممبئي ۾ مانڊوي بندرن سان پڻ واپار هلندو هو.

چوڏهين صدي عيسويءَ ۾، سومرن جي حڪومت جي پوئين زماني ۾، لاهري بندر ۽ ٺٽو وڏا واپاري بندر هئا. انهن کان سواءِ، فتح باغ، جوڻ ۽ رڙي پڻ وڏا دريائي واپاري بندر ۽ مرڪز هوندا هئا. جتان ٻين خطن کان سواءِ، ڪڇ سان پڻ واپار هلندو هو. سترهين ۽ ارڙهين صدي عيسويءَ ۾، سمنڊ تي لاهري بندر ختم ٿي ويو جنهن ڪري اُن وقت جي مغل حاڪم اورنگزيب (1648ع ـ 1652ع) ڪڪرال واري خطي ۾، اورنگا بندر نالي نئون سامونڊي بندر تيار ڪرايو. هن بندر تان به گهڻو واپار هلندو هو. اليگزينڊر هئملٽن جي سنڌ ۾ اچڻ وقت (1699ع) 'اورنگا بندر' ۽ 'بستا بندر' مکيه سامونڊي بندر هئا، جتان وڏو واپار هلندو هو.

(ii) ميان غلام شاهه ڪلهوڙي، پنهنجي حڪومت واري زماني ۾ ’شاهه بندر‘نالي نئون سامونڊي واپاري بندر تعمير ڪرايو. جتان پرڏيهه سان وڏو واپار هلندو هو. اهڙيءَ طرح، ميان صاحب جي حڪومت واري زماني ۾ ’فتح باغ‘، ’جوڻ‘ ۽ ’رڙي‘، سنڌوءَ درياءَ جي ’ريڻ شاخ‘ تي مشهور واپاري بندر ۽ شهر هوندا هئا. ساڳيءَ طرح پراڻ درياءَ تي ’ونگو پتڻ‘، ’باغ جو پتڻ‘ ۽ ’ٻنگار جو شهر‘، راهمڪي بازار‘ ۽ ڪوري ڪاريءَ تي، ’علي بندر‘ ۽ ’سنڌڙي بندر‘ وڏا بندر هوندا هئا. جتان لکپت ۽ ڪنيات سان واپاري ڏي وٺ ٿيندي هئي. (Raverty, H.K, 1892:465 & 466)



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح مغل پيينءَ جي ويجهو سيرَ ڪاريءَ تي، ’سنڌ بندر‘ ۽ ٻئي طرف حجامڙو شاخ تي ’وڪر بندر‘ واپاري بندر هوندا هئا، جتان بہ گهڻو واپار هلندو هو. (smyth, J.W, 1919:91)

حجامڙي شاخ جي سڪي وڃڻ کان پوءِ ’وڪر بندر‘ ختم ٿي ويو ۽ ’ڪيٽي بندر‘ جو ڀاڳ کلي ويو. هن بندر (ڪيٽي بندر) تان پڻ ڪافي واپار هلندو هو. اهڙيءَ طرح ’سنڌو بندر‘ ۽ ’ڪيٽي بندر‘ توڙي ’ڪاروڇاڻ‘ ۽ ’موکي بندر‘ تان 1947ع تائين، ڪڇ سان تمام گهڻو واپار جاري رهيو. انگريزن جي حڪومت جي آخري سال (1946ع) تائين سنڌ جي سيٺين جا منيب، لکپت، مانڊوي بندر ۽ پالنپور ۾ رهندا هئا (نائون مل، 1968ع: 81 ۽ 82)

(iii) ساموئنڊي ساحل کان سواءِ، ڪڇ ۽ سنڌ جي وچ ۾ خشڪيءَ رستي پڻ واپار هلندو هو. ننڍي کان چاچڪان (بدين) ذريعي هڪ رستو ڪڇ ڏانهن ويندو هو. ٻيو رستو عمرڪوٽ کان ننگر پارڪر ويندو هو جتان ويران گائون ۽ پالنپور کان احمد آباد، ڪنيات، برهانپور ۽ سورت ڏانهن اهو رستو ويندو هو پر ننڍي ۽ چاچڪان وارو رستو انهيءَ ڪري اهم هوندو هو جو اُن جو مفاصلو گهٽ ۽ سفر سهنجو هوندو هو. انهيءَ رستي کان ئي ڄام صلاح الدين سمي، ڪڇي لشڪر آڻي، سنڌ تي قبضو ڪيو هو ۽ ڄام فيروز سمو جڏهن مرزا شاهد حسن تي ڪڇي لشڪر سان ڪاهي آيو هو تڏهن هُو بہ انهيءَ ئي رستي کان آيو هو.

**(ت) سماجي ناتا:**

(i) سماجي ۽ واپاري ناتن کان سواءِ، سنڌ ۽ ڪڇ جي حاڪمن ۽ عام ماڻهن جا پاڻ ۾ سماجي ناتا ۽ رشتا پڻ هئا. اُنهن ۾ باهمي شاديون ۽ ميل جول، ماڻهن جي لڏ پلاڻ ۽ اچ وڃ، مذهبي پرچار ميلا ملاکڙا، اوليائن ۽ درويشن جا ڏيهاڙا ۽ عرس مکيہ هوندا هئا.

اڳ ۾ چيو ويو آهي تہ ڪڇ جي راءِ جو خاندان، سنڌ جي ڄاڙي سمي جي اولاد مان هو. سنڌ تي جن سمن حاڪمن جي حڪومت هئي، اُهي ۽ ڪڇ تي جن سمن حاڪمن راڄ ٿي ڪيو سي هڪڙي ئي ڏاڏي جو اولاد هئا. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو رايو آهي تہ:

"وڏي ڄام لاکي (ڏسو شجرو) جي اولاد مان ’هوٿي‘ ٿيو.

ڄام هوٿيءَ جي پٽ، ڄام راهوءَ جي اولاد مان بہ ڄام لاکا ٿيا، جن تي پڳ هئي، ڄام لاکو پٽ ڄام ڳڙ راهو*. (Captain wildbeforce, H.Bell, 1916)

سندس پوٽو ڄام ڳاهي جو پٽ ڄام لاکو، جنهن جو پٽ ڄام جُوڻو جيڪو ننڍي جو پهريون سمو بادشاهہ ٿيو. هن ڏس ۾ ’هسٽري آف ڪاٺياواڙ‘ ۾ گجرات سنڌ ۽ ڪڇ جي سمن جو جيڪو شجرو ڏنل آهي، سو ضميمي ’الف‘ ۾ آخر ۾ ڏنو ويو آهي. اهڙيءَ طرح پير حسام الدين شاهہ راشدي صاحب جي مرتب ڪيل تحفتہ الڪرام جي حوالي سان، سمن جو شجرو ضميمي ’ب‘ تي ڏنو ويو آهي.

(ii) سمن کان سواءِ ٻيون بہ ڪيترين ئي قومون، سنڌ مان لڏي، ڪڇ ۾ وڃي آباد ٿيون ۽ ڪيترائي قبيلا،

---

*تاريخ ڪلهوڙا موجب ڄام لاکو ڄام ڳڙ راهو جو پٽ نہ هو پر دراصل لاکو ڳڙ راهو هڪ ئي شخص جو نالو آهي جيڪو لاکير جو پٽ هو ڄام لالو ڳڙ راهو سن 1520ع ڌاري تي گذاريو آهي. هن کي اٺ پٽ هئا. ڏسو شجرو



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪڇ مان لڏي، سنڌ ۾ اچي آباد ٿيا. انهن جي پاڻ ۾ مٽي مائٽيءَ سبب اُنهن جي اچ وڃ سدائين جاري هوندي هئي. ڪن قبيلن جا سردار سنڌ ۾ رهندا هئا ته انهن جي راڄ جا ڪٽنب سنڌ ۾ گهٽي تعداد ۾ آيا هوندا. اهڙيءَ حالت ۾ به اُنهن قومن جي سنڌ ۽ ڪڇ جي وچ ۾ اچ وڃ دائماً جاري هوندي ئي. انهن قومن ۾ پارڻ، نهڙيا، منڌرا ۽ جت خاص قبيلا هوندا هئا. جن جو ذڪر اهميت کان خالي نه ٿيندو. انهن قبيلن جي زبان، بنيادي طرح سنڌي هئي. انهيءَ ڪري به سنڌي ٻوليءَ جو هڪ خاص لهجو گجراتي اثر قبول ڪري ڪڇي لهجي جي روپ ۾ وجود ۾ آيو ۽ لس ٻيلي جي عوام وانگر، ڪڇ جي عوام جي ٻولي، سنڌي ٻڻجي وئي.

اڳ ۾ جن جن قبيلن جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اُنهن جي سنڌ ۾ ڪڇ جي وچ ۾ اچ وڃ، ورهاڱي (1947ع) تائين قائم رهي. ورهاڱي کان پوءِ به پاڪ- هند جي سرحد کليل هجڻ تائين اچ وڃ جاري رهي. سال 1953ع تائين جت، پارڻ ۽ منڌرا، ڪڇ ۽ سنڌ ۾ ايندا ويندا رهيا، ۽ پاڻ ۾ مِٽيون مائٽيون به ڪندا رهيا. (von Sigrid wewsphad Hellbusch, Dr. an Heinz Duneker Humbolt, Dr, 1964:76)

ڪڇ ۽ سنڌ جي جتن جي سردار جو نالو ملڪ غلام حسين هو. جتن جي برادريءَ جي سردار کي 'ملڪ' سڏيو ويندو آهي، ۽ هاڻي هو جاتي شهر کان ڪجهه ڪلوميٽرن جي مفاصلي تي 'راڄ ملڪ' نالي بستيءَ ۾ رهندو آهي. مارچ 1953ع ۾ اليڪشن جي سلسلي ۾، ملڪ صاحب، پنهنجي قبيلي جي چڱن مڙسن، وڏيرن ۽ مکيه ماڻهن جي هڪ گڏجاڻي ڪوٺائي هئي. هن گڏجاڻيءَ ۾ سنڌ ۾ ڪڇ مان، جتن جي ڏار ڏار اوڙڪن جا جملي 4700 نمائندا اچي گڏ ٿيا. اهو تعداد اڃا به گهٽ هو ڇاڪاڻ ته اُن زماني ۾ سنڌ- ڪڇ جي سرحد تي ڪجهه سختي شروع ٿي چڪي هئي. انهيءَ ڪري ڪڇ مان جتن جا سڀ نمائندا هن گڏجاڻيءَ ۾ پهچي ڪو نه سگهيا هئا. انهيءَ هوندي به مذڪوره تعداد ۾ نمائندن جو وڏو حصو ڪڇ کان آيو هو. ڪڇ مان ايڏي تعداد ۾ نمائندن جي شريڪ ٿيڻ جو ڪارڻ هي به هو ته ڪڇ جي جت قبيلن اهو به ثابت ڪرڻ ٿئي چاهيو ته سياسي طور الڳ هجڻ جي باوجود هُنن، ملڪ غلام حسين کي پنهنجو سردار ۽ ملڪ تسليم ٿئي ڪيو.

پاڪ- هند سرحد جي بلڪل بند ٿي وڃڻ کان پوءِ، ظاهري طور هي قبيلو ٻن حصن ۾ ورهائجي ويو. هاڻي، راڄ جي تنظيم خاطر، ڪڇ ۾ پڻ جتن جو ڏار سردار آهي، پر انهيءَ هوندي به سندن مرڪز پاڪستان ۾، سجاول ضلعي جي جاتي تعلقي جو ڳوٺ 'راڄ ملڪ' آهي ۽ هن وقت سندن مرڪزي سردار ملڪ غلام قادر آهي، جيڪو ڳوٺ راڄ ملڪ ۾ رهندو آهي.

(iii) جت قبيلو ڪيترين ئي 'اوڙڪن' (پاڙن) ۾ ورهايل آهي. هر هڪ اوڙڪ کي پنهنجو پنهجو چڱو مڙس آهي، جنهن کي اُهي 'وڏيرو' ڪوٺيندا آهن. انهن مان جتن جي هڪ اوڙڪ 'لاڪاڻي' آهي. اُهي مينهيون ۽ ٻڪريون پاليندا آهن. جتن جي اها اوڙڪ، 'لاکي' جي نالي پٺيان، 'لاڪاڻي' سڏبي آهي. صدري ڳالهين مان ائين معلوم ٿيو آهي ته جتن جي جن پنجن سردارن، سنڌ ۽ ڪڇ جي فتح ڪرڻ وقت، محمد بن قاسم جي مدد ڪئي هئي ۽ ساٿ ڏنو هو 'لاکو' سردار انهن مان هڪ هو. 'لاڪاڻي' جت، انهيءَ 'لاکي' جو اولاد آهن. لاڪاڻي اوڙڪ وارا جت، ڪڇ ۾، 'سراڙو' نالي مڪان ۾ رهندا آهن. سندن ملڪ جو نالو 'نور



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

محمد' هو ملڪ نور محمد ۽ سندس عزيزن کي ڪڇ ۾ جاگيرون مليل هيون. ملڪ نور محمد، پاڪ - هند جي سرحد بندي ٿي وڃڻ کان اڳ، راڄ ملڪ ۾ ملڪ غلام حسين کي پنهنجي قبيلي جو سردار ۽ ملڪ مڃيندو هو. هن وقت به لاڪاڻي جت گهڻي ڀاڱي ڪڇ ۾ آباد آهن.

اهڙيءَ طرح سنڌ ۽ ڪڇ ۾ جتن جي ٻي اوڙڪ، 'ٻجار پوٽا' نالي رهندي آهي. اِهي به ڀاڻ کي لاکي جو اولاد سمجهندا آهن. ٻجار پوٽن جتن جو وڏيرو ڀاڻ کي 'ٻجار خان' جي لقب سان سڏائيندو آهي. هن کي ڪڇ ۾ لکپت ۾ جاگيرون مليل هيون. لکپت کان سواءِ سنڌ ۾ کارو ڇاڻ ۾ پڻ هن کي زمينون هونديون هيون، پر سرحد جي بند ٿي وڃڻ کان پوءِ هن ڪڇ ۾ ئي رهي وڃڻ جو فيصلو ڪيو. انهيءَ ڪري هو سنڌ ۾ رهندڙ پنهنجيءَ اوڙڪ جي ماڻهن کان ڇڄي ويو. هن جي ڇڄي وڃڻ جو داستان، جتن وٽ مروج لوڪ گيتن ۽ آکاڻين ۾ ملي ٿو.

اهڙيءَ طرح هڪ ٻي اوڙڪ، 'فقيراڻي' سڏبي آهي. 'سانولو فقير' نالي جت، هن اوڙڪ جو وڏيرو هوندو هو. هن کي به لکپت جي ويجهو ڪڇ ۾ جاگير مليل هوندي هئي. سانولو فقير، ڪڇ ۾ 'پير گولاڙو' وٽ رهندو هو جتي هن وفات ڪئي ۽ اُتي ئي سندس قبر آهي. اُن ئي ڳوٺ ۾، 1964ع ڌاري سندس ڀڙپوٽو رهندو هو. اُن جو نالو علي محمد هو. هن کي فقيراڻي اوڙڪ جو وڏيرو مڃيو ويندو هو. سنڌ ۾ اُن جي پاران، سندس خليفو 'فقيراڻي' اوڙڪ جي نگراني ڪندو آهي.

(iv) اهڙيءَ طرح ورهاڱي کان اڳ، ڪڇ جي اقتصادي حالت جو دارومدار سدائين سنڌ تي ئي رهيو. ڪڇي ماڻهو ڏکين سکين ڏينهن ۾ يا ڏڪار ۽ سڪار جي حالت ۾ سدائين سندن ڪٽنب جي پيٽ گذر لاءِ، سنڌ ۾ لڏي ايندا هئا (ناٿون مل: 1968ع:78). برسات پوڻ کان پوءِ ڪڇ مان ڪيترائي ڪڇي مالوند، پنهنجا ڌڻ ڪاهي، گاهه پٽي جي سانگي سان، سنڌ ۾ لهي ايندا هئا. انهيءَ ڪري به سنڌ ۽ ڪڇ ۾ قومن ۽ قبيلن جي اچ وڃ جاري رهندي هئي.

(v) ٽالپرن جي حڪومت جي زماني ۾ مير غلام علي خان ٽالپر جي راڄ واري زماني (1813ع/1218هه) ۾، ڪڇ ۾ سخت ڏڪار پوڻ سبب هزارن جي تعداد ۾ ڪي ماڻهو سنڌ جي لاڙ واري حصي ۾ روزگار لاءِ لڏي آيا. مير غلام علي خان ٽالپر، اُنهن ٻي گهر ڪڇي ڪٽنبن ۾ ان جا انبار خيرات ڪيا، ۽ پنهنجي خزاني مان رقمون ڏيئي، اُهي ڪڇي ٻار خريد ڪري، ڪڇ جي 'راءِ ياڙا' ڏانهن موڪلي ڏنا. جيڪي ڪڇي ماڻهن، ڏڪار واريءَ حالت سبب سنڌ ۾ وڪيا هئا (Aitkim, E.H. 1907:118)

(vi) انهن ڏاتين کان سواءِ، سنڌ ۾ مرزا شاهه حسن ارغون جي راڄ واري زماني ۾، لاڙ ۾، فتح باغ ۽ جُوڻ ۾، 'صاحب سومرو' نالي مقامي حڪمرانن ان زماني ۾ اسماعيلي جماعت جي پنيان ڪات ڪهاڙا ڪنيا. انهيءَ ڪري فتح باغ، جوڻ، بدين، ڪڍڻ، ننديءَ، علي بندر، راهمڪي بازار، ونگي پٽڻ، باغ جي پٽڻ، ڊنڊيءَ ۽ ملاڪاتيار ۽ ٻين بستين مان، پنج سئو کن ڪٽنبن تي مشتمل اسماعيلي جماعت وارا، قافلن جي صورت ۾ لڏي، ڪڇ ۾ لکپت، مانڊويءَ ۽ ڪانياواڙ جي واپاري بندرن ۾ وڃي آباد ٿيا.

اهڙيءَ طرح ٺٽي مان، برهمڻن جي 'راڄگوڙ' جاتي لڏي وڃي، ڪڇ ۾ آباد ٿي. اهي پوءِ جاڙيجن جا



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

درٻاري برهمڻ ٿي رهيا. (لڇمڻ خوبچنداڻي، 1962ع: 5 ۽ 6). اهڙيءَ طرح سنڌ جا ڪيترائي ’سار سوت‘ برهمڻ، سنڌ مان لڏي ڪڇ ۾ وڃي آباد ٿيا. اهڙيءَ طرح ٻيا ڪمي، ڪاسبي، هندو توڙي مسلمان، وقت بوقت، سنڌ مان لڏي، ڪڇ ۾ وڃي ويٺا. جاڙيجن جي راڄ ۾، سونارن کي سنڌ مان گهرايو ويو (لڇمڻ خوبچنداڻي، 1962ع: 5 ۽ 6). اهڙيءَ طرح مٺيءَ مان ڪيترائي ياٽيا ۽ لوهاڻا ڪٽنب، ڪڇ طرف لڏي ويا. ساڳيءَ طرح ننڍي شهر مان ڪيترائي ميمڻ ڪٽنب لڏي وڃي، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ ۾ آباد ٿيا.

**(ث) باهمي شاديون:**

ماڻهن جي لڏ پلاڻ کان سواءِ، ڪيترن ئي ڪڇين ۽ سمن سردارن، هڪ ٻئي سان مِٽيون ماٽيون پڻ ڪيون، اڳتي ڏنل شجري ۾ اهو ڏيکاريو ويو آهي تہ سمن جي سردار، ڄام لاکيار سنڌ جي هڪ سوڍيءَ سان شادي ڪئي. اهڙيءَ طرح، سنڌ ۽ ڪڇ جي ٻين قومن ۽ قبيلن، منڊرن، نهڙين ۽ ٻارڻن جون بہ هڪ ٻئي جي وچ ۾ سڱابنديون ڪيل هيون. ميان غلام شاهہ ڪلهوڙي ڪڇ جي راءِ جي سئوٽ ڄي ڌيءَ سان شادي ڪئي، جنهن کي مان ۽ مرتبي وچان ميان غلام شاهہ ’سنڌراڻيءَ‘ جو خطاب ڏنو.

**(ج) مذهبي تبليغ:**

(i) سومرن ۽ سمن جي حڪومت جي زماني ۾ اسلام جي جدا جدا فرقن جا داعي، سنڌ، ڪڇ گجرات ۾ پنهنجي پنهنجي صوفياڻي فڪر جي دعوت ڏيڻ لاءِ مشغول رهيا. انهن ۾ سهروردي بزرگ ۽ اسماعيلي فڪر جا داعي پيش پيش هئا. اسماعيلي داعين جو چوڏهين صدي عيسويءَ ۾ ڪڇ ۾ ڪڙهيہ نالي ڳوٺ، مرڪز بڻجي ويو. جتان پوءِ ڪڙهيوال سيد، سنڌ ۾ اچڻ لڳا. انهيءَ ڪري اُنهن سيدن کي سنڌ ۾ ’ڪڙهيوال سيد‘ سڏيو ويندو هو. ٽنڊي محمد خان ۾ جيڪي اسماعيلي سيد آباد هوندا هئا، اُهي ’شمسي سيد‘ ۽ ڪي ’ڪڙهيوال‘ سيدن جا پوئنير هوندا هئا. انهن ۾ رڙي شهر، جوڻ، فتح باغ ۽ ٽڙ خواجہ ۾ جيڪي سيد آباد ٿيا، اُهي سڀ ڪڙهيوال سيدن جا پوئنير آهن.

(ii) سنڌ ۾ اڄ بہ اهڙيون ڪيتريون ئي درگاهون ۽ سنتن جا آستان آهن، جتي ورهاڱي کان اڳ هر سال هزارن جي تعداد ۾ ڪڇ، گجرات، راجستان، ڪاٺياواڙ ۽ ممبئيءَ جي آسپاس وارن خطن کان هندو توڙي مسلمان مريد، اوليائن ۽ سنتن جي ڏڻهاڙن ۽ عرسن جي موقعي تي اچي حاضري ڀريندا هئا. اهڙين درگاهن ۽ سنتن جي آستانن مان بدين ۾ شاهہ قادريءَ جي درگاهہ، ٽنڊي باگي طرف شاهہ طريل جي درگاهہ، جاتيءَ طرف مغل پيين ۽ حاجي شاهہ جي درگاهہ، رڙيءَ ۾ سيد نور شاهہ ڪڙهيوال جي درگاهہ ڪڙيي گهنور ۾ خليفي حاجي محمود نظاماڻيءَ جي درگاهہ، ننڍي شهر کان 18 ڪلوميٽر پري، پير پٺي ۽ جميل شاهہ گرناريءَ جي درگاهہ، چوهڙ جماليءَ جي ويجهو سيد ابن شاهہ جي درگاهہ، سکر شهر ۽ روهڙيءَ وٽ، سنڌو درياءَ جي وچ ۾ ساڌ ٻيلي وارو آستان وغيره اهڙا خاص نالا ۽ نڪاڻا آهن، جتي هر سال هزارن جي تعداد ۾ ماڻهو ڪڇ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ جي رياستن کان سفر ڪري اچي حاضري ڀريندا هئا.

(iii) ساڳيءَ طرح ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ راجستان ۾ ڪيتريون ئي اهڙيون درگاهون، مندر ۽ سنتن جا آستان ۽ تيرٿ آهن، جتي حاضري ڀرڻ لاءِ سنڌ مان، هندو توڙي مسلمان، هزارن جي تعداد ۾



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ويندا هئا. انهن مان، لکپت جي الهندي طرف ۽ ڪوري ڪاريءَ جي اُپرندي طرف ’نارائڻ سر‘ ۽ ’ڪوٽيسر‘ نالي وڏا مندر آهن، جتي ماڻهو حاضري ڀرڻ ويندا هئا. حضرت شاهه عبداللطيف ڀٽائي پڻ اتي ويو هو. اهڙو ثبوت، شاهه سائينءَ جي ڪلام ۾ موجود آهي. پاڻ فرمايو اٿن:

منجهئين بابو بکيا، منجهئين نارائڻ سر،
اوڏو آهي الله ڪوٽيس جي ڪنڌ ۾.

انهن مندرن کان سواءِ، ڪڇ ۾ نريي ۾ حاجي امير پير جي درگاهه، ڳوٺ ولسري لڳ لانگاهه پير جي درگاهه بدين جي سامهون، سنڌ ۽ ڪڇ جي ڪنڌيءَ تي حاجي پير جي درگاهه، حاجي پير جي درگاهه کان 10 ڪن ڪلوميٽر پري، ڏکڻ طرف، ڪرول پير جي درگاهه، جنگلاس ماتا جو مڙهه، ڀئونتر جک، سيکراڙ پير، ٻڙ وارو پير، نارائڻ سر کان الهندي طرف ڪوريءَ لڳ سانولي فقير جت، ميين تماچيءَ ۽ پير غوث محمد جون درگاهون، آستان ۽ تيرٿ آهن، جتي ميلا ملاکڙا لڳندا آهن ۽ اُنهن ۾ شريڪ ٿيڻ لاءِ هزارن جي تعداد ۾ سنڌ جا ياتري وڃي حاضر ٿيندا هئا. (محمد سومار شيخ، 19612ع:7)

3 ـ ڪڇي ٻوليءَ علم ادب:

(الف) اڳ ۾ سنڌ ۽ ڪڇ جي سياسي، سماجي، تجارتي ۽ مذهبي توڙي ڌرمي ناتن جو، تاريخي حوالن سان ذڪر ڪيو ويو آهي. اهڙيءَ طرح لسانيات جي ڪن ماهرن، ڪڇي ٻوليءَ لاءِ پنهنجا تاريخي حوالا ڏنا آهن. جڳ مشهور لسانيات جي ماهر، سر گريئرسن، ڪڇي ٻوليءَ کي، سنڌي ٻوليءَ جو هڪ لهجو قرار ڏنو آهي. (Graerson, G. 1919:184)

هن جي راءِ موجب ڪڇي لهجي ۾، وچولي ۽ لاڙي لهجن جا ڪيترائي عنصر ملن ٿا. (Graerson, G. 1919:184) ڊاڪٽر سورلي پڻ، 1931ع واري آدمشماريءَ جي رپورٽ ۾ ڪڇي ٻوليءَ کي، سنڌي ٻوليءَ جو لهجو ڄاڻايو آهي. (Sorley, H.T. 1931:330) هن ڏس ۾ ڪاڪو ڀيرومل لکي ٿو ته:

”ڪڇ ملڪ، اُڀيٽ آهي، ٽن پاسن کان سمنڊ جون ڇوليون ڇلڪا ڏيئي، اُن جا پٽ ٻنيون پسائين، تنهن ڪري اهو ’ڪڇ‘ يعني سمنڊ جي ڪناري وارو ملڪ سڏجي ٿو. اُتي جيڪا سنڌي ڳالهائڻ ۾ اچي ٿي سا ڪڇي سڏجي ٿي“ (ڀيرومل آڏواڻي: 15/56ع: 151)

(ب) (i) جيتوڻيڪ ڪڇ هاڻي، ڀارت جي گجرات رياستن جي هڪ ضلعي جي صورت ۾ قائم آهي، پر لساني حدبندين واريون ليڪون (Issoglosses)، سياسي حدون لتاڙي، سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافيءَ واري سرحد ۾، ڪڇي ٻوليءَ کي پڻ شامل ڪري بيٺيون آهن. ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي لکي ٿو:

”ڪڇ جو دورو ڪندي، عام ماڻهن کان معلوم ٿيو ته اُهي پنهنجي ٻوليءَ کي گجراتيءَ جي بجاءِ، سنڌيءَ جي ويجهو سمجهن ٿا. ڪن ٻڌايو ته ڪڇي ٻولي، سنڌي ۽ پنجابيءَ جي ملاوٽ مان ٺهيل آهي.“ (لڇمڻ خوبچنداڻي، 1962ع، 5 ۽ 6)

ڊاڪٽر خوبچنداڻي وڌيڪ لکي ٿو:

”ڪڇي ته سنڌي ٻوليءَ جو ئي هڪ قسم آهي، ڪڇي ۽ سنڌيءَ ۾ فرق رڳو اهو آهي ته ڪڇيءَ ۾ گهڻا گجراتي لفظ اچي ويا آهن.“ (لڇمڻ خوبچنداڻي، ڊاڪٽر، 1962ع، 5 ۽ 6)



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ii) ڊاڪٽر خوبچنداڻيءَ پارت ۾ موجود سنڌي ٻوليءَ جي مختلف نمونن جي سرشتي جو اڀياس ڪرڻ ۽ اُن ڏس ۾ کوجنا ڪرڻ جي سلسلي ۾ ڪڇ جو به دورو ڪيو هو. هُن اُتي، ڪمين، ڪاسبين، تاجرن، ڪڇ جي راءِ جي دربار جي عملي، سرڪاري عملدارن ۽ ڪن ڪڇي ودوانن سان پڻ ملاقاتون ڪيون ۽ اُنهن وٽان ڪڇي ٻولي، ڪڇي ساهت، سڀيتا ۽ تاريخ وغيره بابت ڪافي معلومات هٿ ڪئي. انهيءَ معلومات جي آڌار تي هن هڪ مقالو لکيو هو جيڪو پارت ۾ روزاني، هندواسي ماهه ڊسمبر، 1962 ۾ ويهين تاريخ واري پرچي ۾ ڇپيل آهي.

(iii) مٿي اهو بيان ڪيو ويو آهي ته سياسي، سماجي، مذهبي، تجارتي ۽ واپاري ناتن ۽ رشتن جي ڪري، ڪڇ وارو علائقو سنڌ جو هڪ حصو رهيو آهي. انهن رشتن ۽ ناتن توڙي اقتصادي مسئلن جي ڪري، هزارن جي تعداد ۾ سنڌ مان ڪي واپاري قبيلا جهڙوڪ، خواجه، ميمڻ، لوهاڻا، ڀاٽيا ۽ سونارا وغيره، شاهبندر، ڪيٽي بندر، ٺٽي، مغل ڀين، جوڻ، فتح باغ، رڙي، علي بندر، ونگي پتڻ ۽ ٻين شهرن مان لڏي ڪڇ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ جي بندرن تي وڃي آباد ٿيا، جتي اُنهن هزارين سالن جي گذري وڃڻ جي باوجود، پنهنجي مادري ٻولي تهذيب ۽ ثقافت کي قائم رکيو آهي ۽ گهرن ۾ توڙي ٻاهر ۽ وڻج واپار جي ڏي وٺ ۾ پنهنجي مادري ٻولي ڪم آڻيندا رهيا آهن. اڄ به ڪڇ ۾ آباد خواجه، ميمڻ، لوهاڻا، ڀاٽيا، جت، مڱڻهار، ميراثي، سما، سومرا، سوڍا، ٺڪر ۽ ٻيا قبيلا، سماجي، تهذيبي، ثقافتي، لوڪ ادب ۽ لوڪ ڪلا ۾، پنهنجي مادري ٻولي ڪم آڻيندا آهن. اڪثر قبيلن ۾ جاتين جون رسمون ۽ رواج به ساڳيا ئي آهن. انهن جي گفتگو ڪاڏي پيتي وغيره ۾ ڪو خاص فرق ڪونهي. لوهاڻن، خواجن ۽ ميمڻن جو 'درياءَ پير' ۾ به گهڻو وشواس آهي. ڪڇ، گجرات ۽ ڪاٺياواڙ ۾ رهندڙ خواجه جماعت وارا، اڄ به شادي مراديءَ جي رسمن ۾ اڳوڻيون رسمون ڪم آڻيندا آهن.

(iiv) ڪڇ ۾ آباد سنڌي قبيلا، قرآن مجيد جي مڪمل ڪرڻ کان پوءِ، سنڌيءَ ۾ لکيل ديني ڪتاب، جهڙوڪ: 'سنڌي نورنامو' ۽ 'بهشتي زيور' وغيره عبادت لاءِ پڙهندا آهن. ورهاڱي کان اڳ واري زماني تائين سنڌن سنڌي تعليم جاري رهندي آئي. انهن قبيلن جا ٻار، سرڪاري اسڪولن ۾ تعليم وٺڻ لاءِ وڃن يا نه، پر ڳوٺ جي ملان وٽ عربي ۽ سنڌي لپيون پڙهڻ جي تعليم ضرور وٺندا هئا، هو ته جيئن اُهي ديني ڪتاب، صحيح اُچارن سان پڙهي سگهن (لڇمڻ خوبچنداڻي 1962ع: 5 ۽ 6)

(v) مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته ڪڇ ۽ گجرات طرف، سمنڊ جي ڪناري تي رهندڙ مهاڻا، هن وقت به هندو توڙي مسلمان آهن. 'ٻڙهالي' نالي هڪ مسلم قبيلو پڻ هن ايراضيءَ ۾ رهندو هو. اهو قبيلو توڙي ٻيون سڀ قومون گهرو توڙي ٻاهرئين وهنوار ۾ عام طور ڪڇي ڳالهائين. سنڌن ٻوليءَ تي، جيتوڻيڪ مقامي ماحول، رسم ۽ رواج، اُٿڻي ويهڻي ۽ ثقافت جاگرافيائي حالتن جو اثر ضرور ٿيو آهي. سنڌن ٻولي، اُتي گجراتي ٻوليءَ جو اثر ضرور قبول ڪيو آهي، پر سنڌن ٻولي، اُهي اثر وٺندي انهيءَ اثر جي ڪري نئين روپ، نئين ڍنگ ۽ نئين ڍار سان، قائم رهندي آئي آهي، ڪٿي اُن کي 'ڪڇي' سڏيو ويندو آهي، ڪٿي ان کي 'ميمڻي' سڏيو ويو ته ڪٿي وري 'جهوناڳڙهي' سڏيو ويندو آهي. بهرحال، اها زبان، اڄ به قائم آهي، ۽ جيڪا اڄ به ڪڇ-ڪاٺياواڙ جي اڳوڻين رياستن ۾ ڪيترين ئي هندو توڙي مسلمان جاتيون ڳالهائينديون آهن.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(vi) سنڌي ٻوليءَ جي علم ادب جي تاريخ جي نقادن کي معلوم آهي تہ سنڌ ۾ داعين ۽ ديني مدرسن ۾ درس ڏيندڙ عالمن، سنڌي مسلمانن لاءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ ڪتاب لکيا تہ جيئن اُهي نوان مسلمان، سنڌي ٻوليءَ ۾ اسلام جي تعليم کان واقف ٿي سگهن.

(vii) اڳ ۾ اسماعيلي فڪر جي داعين جي تبليغ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اهو بہ ڄاڻايو ويو آهي تہ اُنهن داعين، سنڌ، ڪڇ، گجرات، راجستان، پنجاب ۽ سرائڪي خطي ۾، پنهنجي فڪر جو پيغام، عام ماڻهن جي مادري زبانن، يعني سنڌي ڪڇي، گجراتي، پورٻي، هندي، پنجابي ۽ ملتاني ٻولين ذريعي ڏنو. اُنهن اسماعيلي داعين، پنهنجن، مريدن لاءِ، اسلام جي سکيا، نظم توڙي نثر ۾ ڏني. نظم کي اُنهن 'گنان' جو نالو ڏنو. انهيءَ سموري تفصيل جو ذڪر، ماهوار نئين زندگيءَ جي فيبروري ۽ مارچ 1972ع وارن شمارن ۾ ڪيو ويو آهي. اسماعيلي داعين مان، پير ستگرنور (وفات 1079ع)، پير شمس سبزواري ملتاني (1165ع-1276ع)، پير شهاب الدين، پير صدر الدين (1290ع-1409ع)، پير حسن ڪبيرالدين (وفات: 1449ع) ۽ پير تاج الدين (وفات: 1467ع) يعني هر هڪ داعيءَ، مٿي ذڪر ڪيل مادري زبان ۾ پنهنجا گنان جوڙيا، سندن ڪلام پوءِ، خوجڪي، گجراتي، عربي- سنڌي ۽ نستعليق رسم الخطن ۾ پارت توڙي پاڪستان ۾، 'اسماعيليہ ايسوسيئيشن' طرفان ڇپايو ويو.

اسماعيلي داعين جي گنانن کان سواءِ، ڪڇ ۾ پيا بہ ڪيترائي عالم ۽ فاضل پيدا ٿيا، جن پنهنجي ڪڇي ٻوليءَ ۾، 'الف اشباع' واري قافئي ۾، ديني تعليم لاءِ منظوم ڪتاب لکيا. مخدوم عبدالله عرف ميان موريو نريي وارو ڪڇ ۾ اُنهن مان هڪ ديني عالم ٿي گذريو آهي، جيڪو پوءِ ڪڇ مان لڏي، سنڌ ۾ ننڍي ۾ اچي رهيو. هن سلسلي ۾، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي صاحب لکي ٿو:

"مخدوم عبدالله، ذات جو منڊرو هو ۽ بدين تعلقي ۾ مانڊر واري ايراضيءَ جو رهندڙ هو. ننڍي هوندي مخدوم هاشم ٺٽويءَ کان تعليم ورتائين. هُو پوءِ ڪن اٽڪر سببن جي ڪري، مانڊر مان لڏي، ڪڇ ملڪ هليو ويو ۽ اُتي نريي نالي ڳوٺ ۾ وڃي رهيو. پر اُتي بہ هن کي نہ سٺو ويو. لاچار اتان بہ لڏي ٻئي ڳوٺ، سسريءَ (تعلقو ابڙاسو) ۾ وڃي رهيو ۽ اُتي ئي لاڏاڻو ڪيائين. سندس قبو بہ سسريءَ ۾ آهي. ڪڇ جو راجا بہ مخدوم صاحب جو معتقد هو. مخدوم صاحب جو اولاد، ڪراچيءَ ۾ رهندو آهي. مخدوم صاحب جي ڪتابن جو وڏو ذخيرو سندس پوين وٽ ڪڇ ۾ رهجي ويو." (غلام مصطفيٰ قاسمي، 1961ع: ب ۽ ج)

هن سلسلي ۾، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

"مخدوم عبدالله، ڪنز العبرت جو مصنف، نريي جو رهندڙ هو." (نبي بخش بلوچ ڊاڪٽر، 1956ع: 228)

اهڙيءَ طرح، ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي لکڻ موجب ڪڇ جي ڪن شاعرن جا نالا هي آهن:

(1) پير غوث محمد لکپت وارو (2) سيد ميرس صاحب آرڪاڻي وارو (3) سيد باقر شاهہ ناڙاديي وارو (4) عمر لوهار ٻاهٽ وارو (5) سيد قاسم شاهہ مڙئي بندر وارو (6) مننار شاهہ (7) ميرڻ ملوڪ ڪوڙ لکپت وارو (8) ڇڱو جت ۽ (9) عمر منڊرو (نبي بخش خان بلوچ، 1956ع: 229)

ماستر محمد سومار شيخ، ڪم جا دورا ڪري، ڪن ڪڇي شاعرن جو ڪلام گڏ ڪيو جيڪو پوءِ هن 'ڪڇين جا قول' جي عنوان سان مرتب بہ ڪيو جنهن کي سنڌي ادبي بورڊ پوءِ شايع ڪيو.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ix) ڪڇ جي حاڪمن، راڄن جي چڱن مڙسن ۽ سرڪاري ادارن، ڪڇ جي شاعرن ۽ راڳين کي بہ گهڻو همٿايو. اُنهن چارڻ فقيرن، پٽن، پانن ۽ شاعرن کي بہ گهڻو همٿايو. اُنهن کي وڏا وڏا دان بہ ڏنا. اُنهن مان راءِ لاکي جي پيءُ، ڄام ڦل، بهاولپور جي چارڻ کي وڏا انعام ڏنا. ڄام ڏيسر، ميانجي، حسن آرڪاٽي نالي هڪ شاعر کي خوب نوازيو. ميانجي حسن، راءِ کنگهار جو درباري ڳائڻو هو (محمد سومار شيخ، 1961ع: 7)

ڪڇ جي شاعرن جي جوڙيل ڪلام جو موضوع ۽ مضمون بہ ساڳيو آهي، يعني انسان شناسي، اخلاقي ۽ ناصحاڻو ڪلام، جنهن ۾ دنيا کي فاني سمجهڻ، عبادت ۽ بندگي ڪرڻ، چڱا ڪم ڪرڻ، هٺ وڏائي، لوڀ ۽ لالچ کان پرهيز ڪرڻ وغيره جهڙا مضمون ڪڇ جي شاعرن جون پسنديده صنفون، ڪافي، وائي، بيت، دوها ۽ سورٺا آهن.

(viii) انهيءَ کان سواءِ شاهہ لطيف جي رسالي جا وڏا ڄاڻو ۽ ماهر بہ ڪڇ ۾ ٿي گذريا آهن ۽ هن وقت بہ اُتي ٿي آهن. شاهہ سائينءَ جي رسالي جا ڪيترائي قلمي نسخا بہ ڪڇ مان هٿ آيا. ماستر محمد سومار شيخ کي ڪڇ مان، شاهہ جي رسالي جو 'منو شاهہ وارو نسخو' هٿ آيو هو جيڪو هن، پوءِ ڊاڪٽر دائود پوٽي صاحب جي حوالي ڪيو. اهڙيءَ طرح، شاهہ سائينءَ جي مشهور 'لطيف شناس' ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ پڻ پنهنجيءَ هڪ تحقيق ۾، ڪڇ ۾ لکيل شاهہ جي رسالي جي قلمي نسخي جو ذڪر ڪيو آهي، جيڪو ڊاڪٽر صاحب جي راءِ موجب، 1279هہ ۾ لکيو ويو هو (ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، 1974ع: 3) ڪجهہ سال اڳ، ڪيٽي بندر ۾ احمد فقير نالي جت، شاهہ سائينءَ جي رسالي جو وڏو سگهڙ رهندو هو. هو اصل ۾ ڪڇ جو رهاڪو هو. اهڙيءَ طرح ڪڇ جي مشهور راڳي قاسم فقير کي، شاهہ سائينءَ جو گهڻو ئي ڪلام ياد هوندو هو جيڪو ڪنهن بہ ڇپيل يا قلمي نسخي ۾ موجود ڪو نہ هو. اهڙيءَ طرح سنڌ مان فقير امداد علي سرائي، پنهنجن ساٿين سان، شاهہ سائينءَ جي ڪلام کي هٿ ڪرڻ لاءِ، سنڌ يونيورسٽيءَ جي مالي مدد سان ڪڇ ويو هو جتان هن شاهہ سائينءَ جو تمام گهڻو اُهو ڪلام بہ هٿ ڪيو، جيڪو ڪنهن بہ قلمي نسخي ۾ بہ موجود ڪونهي. فقير امداد، پوءِ اهو ڪلام ڇپايو بہ هو.

اڄ پڻ ڪڇ ۾ ڪاٺياواڙ جي ريڊيو اسٽيشن ۽ ٽي وي سينٽرن تان، پڇن وارن پروگرامن ۾، شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ ٻين صوفي شاعرن جو ڪلام ڪڇي ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ ڳايو ويندو آهي. اهڙيءَ طرح اسماعيلي فڪر جي داعين جا ڪڇي ۽ ٻين ٻولين ۾ جوڙيل گنان، اسماعيلي جماعت طرفان جماعت خانن ۾ روزانو ڏار ڏار ڪريائن جي وقت پڙهيا ويندا آهن.

**4- ڪڇي لهجي جو اڀياس:**

الف) هيٺ ڪڇي ٻوليءَ جي صوتياتي، اصواتي، صرفياتي ۽ نحوي صورتن جو جائزو پيش ڪجي ٿو. سر گريئرسن لکيو آهي تہ:

> "سنڌي ٻوليءَ جي وچولي واري لهجي، لاڙي لهجي ۽ ڪڇي لهجي ۾ تمام گهڻي هڪ جهڙائي آهي، البت انهن جي نحوي ڍانچي ۾ وڏو فرق آهي. هيٺ ڪي مثال ڏجن ٿا تہ جيئن پڙهندڙن کي ڪڇي لفظن جي اُچارن ۽ سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي جي اُچارن ۾ جيڪو فرق آهي، اُن جي خبر پئجي سگهي ۽ صوتياتي فرق پڻ محسوس ٿي سگهي."



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

هن ڏس ۾ پروفيسر پيرومل آڏواڻي لکي ٿو:

”ڪڇيءَ جي اُچارن ۾ ڦير آهي، ۽ ڪيترائي لفظ ۽ اصطلاح پيا اٿس.“

هو اڳتي لکي ٿو:

”ڪڇي ۽ لاڙيءَ ۾ جيڪا مشابهت آهي، تنهن جو ثبوت هيٺ ڏنل مثالن مان ملندو:

(i) لاڙيءَ وانگر اُچارن کي سُسائڻ جي عادت اٿن، مثلاً:

| معياري اُچار | ڪڇي اُچار |
|---|---|
| ڏنائينس | ڏنينس |
| پڇيائينس | پڇينس |

(جديد لسانيات موجب ڇئبو تہ ڪڇي لهجي ۾ لاڙيءَ لهجي وانگر سرن کي حذف ڪرڻ واري خوبي آهي.)

(ii) لاڙيءَ وانگر 'هہ' کي حذف ڪريو ڇڏين، جيئن:

| معياري اُچار | ڪڇي اُچار |
|---|---|
| ڪنهن | ڪين |
| تنهن | تين |

(iii) لاڙين وانگر، 'اُتان' جي بدران چون 'اُٿان'.

| معياري اُچار | ڪڇي اُچار |
|---|---|
| گهر ويو | گهرين ويو |

(پيرومل آڏواڻيءَ 1956ع: 152)

(ب) ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو خيال آهي تہ ٻوليءَ جي مطالعي لاءِ معتبر شاعرن جو شعر چڱ ڪسوٽي آهي. پنهنجي هن دعويٰ جي دليل لاءِ ڊاڪٽر صاحب ڪڇ جي ڪن شاعرن جي شعرمان ڪي مثال ڏنا آهن. ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ:

”ڪڇي ٻوليءَ جي مطالعي واسطي ڪڇ جي شاعرن جي شعر کي پيش ڪنداسون، اهو شعر، ڪڇي ٻوليءَ جي دارجن (Colloquial) توڙي پڪي زبان (standan) ۾ چيل آهي. اسان ٻئي جنسون پيش ڪنداسون. انهيءَ لاءِ تہ اسان کي ڪڇي محاوري جي ڪماحقہ ماهيت معلوم ٿئي“ (نبي بخش خان بلوچ، 1956ع، 229)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، مئين ملوڪ ڪوڙ ۽ مننار شاهہ جون بہ ڪافيون مثال طور ڏيئي، پڪي زبان (بقول، ڊاڪٽر بلوچ صاحب) جي سمجهاڻي ڏني آهي.

1۔ ميئن ملوڪ جي ڪافي:

ٿلهہ: سچ وچي سهڻي پرندي
ساريون راتيون سمونڊ ۾

1۔ پي ني پيالو پر ٿئي، چڪي مان چاندي،
ساريون راتيون........



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

2_ لهريين لوڏي چڏئي، ڪُڇن بہ ٿياهس ڪانڏي،
ساريون راتيون.....

3_ مُحبن سان ميون ملوڪ چئي، هئان شل هيڪاندي،
ساريون راتيون...

2_مننار شاهہ جي ڪافي:

ٿلهہ: لڳو ماءُ مون کي، جوڳيئڙن جو ٻاڻ،
لڳو ماءُ مون کي، ساميئڙن جو ٻاڻ

1_ جوڳي هتڙا جوڙ ۾ الالا!
راتو ڏينهن هئي رهاڻ.

2_ سامي سنيوڙا سفر کي الالا!
ڪوئي نہ ڪيائون پرياڻ.

3_ مڙيون ڏسي ميون مننار چئي الالا"
سک نہ اچي تو هاڻ

اهي بہ ڪافيون حوالي طور ڏيڻ کان پوءِ ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو:

"متين ٻن ڪافين مان نظر ايندو تہ پڪو ڪڇي محاورو ۽ پڪي سنڌي ٻولي ڄڻ ساڳي ڳالهہ آهي. پهرين ڪافيءَ ۾ 'ٿئي' ۽ 'چڏئي' خالص ڪڇي محاوري مطابق آهن ۽ پڪي سنڌيءَ جي 'ٿي' ۽ 'ڇڏي' جي برابر آهن. ٻي ڪافيءَ ۾ 'مڙهيون' جي بدران 'مڙيون' آيل آهي. اهو 'هہ' جو ڪيرائڻ لاڙ لس ٻيلي توڙي جبل جي محاورن ۾ عام مروج آهي." (نبي بخش بلوچ 1956ع)

اهڙيءَ طرح ساڳئي مضمون ۾ اڳتي صفحي 131 تي سيد ميان شاهہ (ساڪن آرڪاٽو) جي ڪافيءَ ۾ ڪم آندل لفظن جو جائزو هن ريت آهي:

| سيد ميان شاهہ جا ڪم آندل لفظ | معياري سنڌي |
|---|---|
| آن جي | اوهان جي |
| آن جون | اوهان جون |
| آيان | آهيان |
| والنبي | بالم (پيارو محبوب) |

ڊاڪٽر صاحب، پنهنجي مقالي جي آخر ۾ ڪڇي لهجي جي باري ۾ جيڪي نتيجا ڪڍيا آهن، اُهي هن ريت آهن:

(i) پڪي ڪڇي محاوري ۽ پڪي سنڌيءَ ۾ بلڪل ٿورو فرق آهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ii) ڪڇي محاوري جون لساني خوبيون ساڳيون لاڙي ڪاريءِ لس ۽ جبل جي محاوري جهڙيون آهن.
(iii) لب و لهجي ۽ لفظن جي اُچار ۽ آواز ۾ ڪڇي محاورو جڻ نيٺ لاڙي محاوري جهڙو آهي.
(iv) 'ڊ' ۽ 'ٽ' جا اُچار ڪڇي محاوري ۾ سنڌي محاورن کان نسبتاً بهتر ۽ صحيح حالت ۾ موجود آهن.
(v) ڪڇي محاوري ۾ ڪي الفاظ هندو تهذيب جي زير اثر رائج ٿيل آهن.
(vi) ڪڇي محاوري ۾ وڏو تعداد اُنهن لفظن جو آهي، جي خود هن محاوري جي مڪاني سر زمين ۽ اُن جي تمدن جي پيداوار آهن.

جيئن لاسي لهجي ۾ اهڙا ڪيترائي لفظ موجود آهن. جيڪي معنيٰ ۽ مفهوم ۾ معياري لهجي ۾ هڪجهڙا آهن پر لغت ۾ اهي، الڳ آهن. اهڙن لفظن تي مشتمل ڪڇي لفظن جي لغت تيار ڪري سگهجي ٿي. هيٺ ڪي ٿورا لفظ مثال طور ڏجن ٿا:


| ڪڇي لهجي جا لفظ | معياري نعم البدل | ڪڇي لهجي جا لفظ | معياري نعم البدل |
|---|---|---|---|
| اوڙڪڻ | سڃاڻڻ | ورياري | وڏف |
| ٻاپو | بابو | ڏيلو | اوطاق |
| ٻائڙي | زال | ڦاريو | پٽڪو |
| پڳ | پيير | پڳرکو | جتي |
| ڦِپائڻ | اُڇلڻ | چيٽي | سٿڻ |
| ڏونگري | بصر | سيلري | ڪمند |
| لسڻ | ٿوم | هولو | ڳيرو |
| روسڻ | ڪُهڻ | سوڙو | طوطو |
| ڄهمڻ | ڪائڻ | آساڏ | آڪاڙ |
| آڍي | آڍائي | سراڻ | سائوڻ |
| ڪارو | ڪاڏو | سيراڻ | نيرن |
| سيڻ | سرڻ (پکي) | ڪُرو | ڇا |
| ڪُلاءُ | ڇا لاءِ | ڪماڙ | در |
| ريڱٽا | واڳڻ | ڳِتا | گراهه |
| جوڙو | جُتي | گيسوُڙي | توري (ٻاڇي) |
| گاگرو | ڀڙو | اِڃا | شلوار |

هن سڄي بحث جو تت هيءُ آهي تہ ڪچ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو اثر قديم زماني کان رهيو آهي ۽ لسانياتي مطالعي جي لحاظ کان ڪڇي ٻوليءَ کي، لساني جاگرافيءَ واري نقشي ۾ سنڌي ٻوليءَ جو لهجو ڪري شامل ڪرڻ گهرجي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

## سنڌ، گجرات، ڪڇ ۽ ڪاٺياواڙ جي سمن سردارن جو شجرو







books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

## ضميمو 'ب'


## سنڌ ۽ ڪڇ جي سمن جو شجرو

هي چارٽ، سيد حسام الدين شاهہ راشديءَ جي ايڊٽ ڪيل تاريخ، تحفتہ الڪرام مان صفحي 59 کان 61 تائين شامل ڪيل مواد کي سامهون رکي ٺاهيو ويو آهي. (تحفتہ الڪرام 1971ع: 59 ۽ 61)






books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com






books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# سامي ءَ جي سلوڪن جي ٻولي ۽ اُن جون نحوي بناوتون

1_ (الف) سامي، سنڌي زبان جو هڪ لاثاني ڪلاسيڪي، ويدانتي شاعر ۽ صوفي درويش ٿي گذريو آهي. هن سنڌ جي ثقافتي ۽ تاريخي شهر شڪارپور ۾ هڪ دولتمند گهر ۾ جنم ورتو. هن تي ننڍي هوندي کان ئي ويدانيت جو اثر ٿيو. انهيءَ ڪري وڻج واپار وارو ڪاروبار ڇڏي، فقيري ۽ درويشي اختيار ڪيائين. سندس شاعري، ويدانت جي ويچارن سان ڀريل آهي، پر سندس سلوڪن ۾ تصوف جا به گهڻائي نڪتا بيان ٿيل آهن.

(ب) ورهاڱي کان اڳ، سنڌ جي اسڪولن ۽ ڪاليجن جي نصاب ۾ ٻين ڪلاسيڪي شاعرن ۽ درويشن جي ڪلام سان گڏ، سامي ءَ جا سلوڪ به پڙهايا ويندا هئا، پر هاڻ ته سامي ءَ جي ٻولي ۽ انهن ويچارن کي سمجهڻ ۽ سمجهائڻ لاءِ اُهي استاد ئي ڪو نه رهيا آهن. اڳوڻن اُستادن ۾ هندو توڙي مسلمان اُستاد اهڙا ته ڄاڻو هوندا هئا، جن کي تصوف جي اڀياس سان گڏ، ويدانيت جي علم جي به چڱي ڄاڻ هوندي هئي. اُهي اُستاد، تصوف ۽ ويدانت جي انهن رازن ۽ رمزن جا طريقا، شاهه ڪريم، مخدوم نوح سرور، شاهه عنايت صوفي، شاهه لطيف، سچل سرمست، بيدل، بيڪس، روحل، دلپت ۽ سامي توڙي ٻين صوفي ۽ ويدانتي شاعرن ۽ درويشن جي ڪلام مان مثال ڏيئي سمجهائيندا هئا. اُهي اُستاد ۽ عالم دوهن، سورٺن توڙي سلوڪن ۾ بيان ڪيل نڪتن ۽ استعمال ٿيل ٻوليءَ جا وڏا ڄاڻو ۽ ماهر هوندا هئا. انهيءَ ڪري اُهي انهي ٻوليءَ ۾ بيان ٿيل صوفيانا توڙي ويدانتي نُڪتا ۽ ڳالهيون، وضاحت سان سمجهائڻ جي قابليت رکندا هئا.

هاڻي ائين بلڪل نه آهي، هاڻي تعليمي ادارن ۾ ڪو ايڪڙ ٻيڪڙ ڄاڻو استاد وڃي بچيو آهي، جيڪو تصوف ۽ ويدانيت جي ڄاڻ رکندو هجي. هندو اُستادن جي لڏي وڃڻ کان پوءِ، سامي ءَ جي سلوڪن جو اڀياس، سنڌ جي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين جي نصاب مان گهڻو ڪري ڪڍيو ويو آهي. هاڻي مخدوم نوح سرور، شاهه ڪريم ۽ شاهه لطيف جي ڪلام کي پڙهائڻ وارا ته پري رهيا، پر سنڌ ۾ هندو اُستادن ۽ عالمن ۾ به، سامي ءَ جي ويچارن ۽ ٻوليءَ کي سمجهڻ وارو خير ڪو وڃي بچيو آهي.

(ت) ائين به نه آهي ته ڪنهن مسلمان عالم کي، ويدانت، ڀڳتي مت، ناٿ پاٿ، ٻڌ مت ۽ عيسائيت جي فلسفي تي مهارت حاصل ڪرڻ نه گهرجي. مسلمان عالمن کي، انهن فلسفن تي ڄاڻ حاصل ڪرڻ کان ڪو روڪي ٿو ڇا؟ جڏهن آمريڪا، يورپ، جپان ۽ ٻين ملڪن جي تعليمي ۽ تحقيقي ادارن ۾، ڪيترائي غير مسلم عالم، اسلام، اسلام جي فلسفي، اسلامي تصوف يا تاريخ تي ڄاڻ رکندڙ موجود آهن، ته پوءِ پاڪستان ۾ مسلمان عالم اڳتي ڇو نٿا وڌن؟

سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب ۾ ڀڳتي مت، ناٿ پنٿ، ٻڌ مت، جين مت، هندو ڌرم، سک پنٿ ۽ ويدانت جي فلسفي تي تمام گهڻو مواد موجود آهي. انهن سيني پنٿن ۽ متن جي فلسفن جو سنڌ جي ثقافت، تهذيب ۽ تمدن ۽ سنڌ جي رهڻي ڪهڻيءَ تي تمام گهڻو اثر نظر اچي ٿو ته پوءِ انهن فلسفن يا انهن جي تعليم ۽ تدريس جي سلسلي ۾ تحقيق ڪرڻ ۾ عار ڇو آهي؟



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سامي ءَ جي سلوڪن جي ٻولي ۽ اُن جون نحوي بناوتون:

(الف) سامي ۽ سچل سرمست، هم عصر درويش ۽ شاعر هئا. سامي ءَ جي ولادت 1743ع ۾ ٿي. جڏهن ته سچل سرمست جي ولادت 1739ع ۾ ٿي هئي. ان وقت سنڌ تي ڪلهوڙا حڪمران هئا. پوءِ ٻئي ٽالپرن جي حڪمرانيءَ واري زماني ۾ به حيات هئا. سامي شڪارپور ۾ ڄائو هو اتي ئي پليو ۽ وڏو ٿيو. انهيءَ ڪري شڪارپوري لهجو مادري زبان طور ڳالهائيندو هو. مون، 'شڪارپور سونهن جو گهر'، ڪتاب جي مهاڳ ۾ لکيو هو ته، "شڪارپور، سهڻن، سليقي مند، سعادتمند ۽ محبتي ماڻهن جو شهر آهي. هتي جا ماڻهو سڀئا ۽ قرب وارا ۽ هتي جي ٻولي ته مٺاس سان ڀريل آهي. منجهس ماکيءَ جهڙي مٺاس آهي. هتي جي تهذيبي ۽ ثقافتي خصوصيتن جي ڪري، شڪارپوري پنهنجو مٽ پاڻ آهن.

(ب) سنڌي ٻوليءَ جي شڪارپوري لهجي ۾ سنڌي زبان جي ٻين سڀني لهجن کان نرالي، نزاڪت، جهيلار يا ڍار (Inonation) ۾ اُتار ۽ چڙهاءَ جي ڇڪ وڌيڪ آهي. شڪارپوري لهجي ۾ لاڙي، ڪڇي، ٿري ۽ ڪوهستاني لهجن وانگر ڳالهائيندڙن جي گفتگوءَ ۾ سُر، رس ۽ پاو وڌيڪ محسوس ڪبو آهي. اهو ئي سبب آهي جو جڳ مشهور مفڪر ۽ عالم علامه آءِ آءِ قاضي، سنڌي ٻوليءَ کي 'سُريلي ٻولي' سڏيو آهي. شڪارپوري، لاڙي، ٿري، ڪوهستاني ۽ ڪڇي ماڻهو پنهنجي ڳالهائڻ جي انداز ۾ پري کان ئي پڌرا هوندا آهن.

ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌيءَ پنهنجي ڪتاب، 'شڪارپور جي ٻولي' ۽ ڊاڪٽر هدايت پريم، سندس ڪتاب 'اُترادي ٻوليءَ' ۾ شڪارپوري لهجي جي خاص خاص وياڪرڻي خصوصيتن جو مثالن سان ذڪر ڪيو آهي. ساميءَ پنهنجي سلوڪن ۾ شڪارپوري لهجي واري ٻولي ڪم آندي آهي. انهيءَ ڪري ساميءَ جي سلوڪن ۾ شڪارپوري لهجي جي وياڪرڻي خصوصيتن جا بيشمار مثال ملن ٿا.

ڊاڪٽر هدايت 'پريم'، صفحي 44 تي لکي ٿو:

'آن' پڇاڙي رڳو انهن مؤنث اسمن جي پٺيان گڏي ويندي آهي، جن جي پوئين اکر تي 'زبر' هوندي آهي. يعني آخر ۾ 'اَ' سُر هوندو آهي، جيئن:

| واحد | جمع |
|---|---|
| تنگ | تنگان |
| ڪٽ | ڪٽان |
| سِرَ | سِران |
| لامَ | لامان |
| ميارَ | مياران |

انهن خصوصيتن مان، ڪي خصوصيتون جيڪي ساميءَ جي سلوڪن ۾ ملن ٿيون. اُهي هيٺ بيان ڪجن ٿيون.

(i) **عدد جمع جو استعمال:** جيئن ڊاڪٽر هدايت پريم جي ڏنل مثالن مان ظاهر آهي ته سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۾ اُهي مؤنث واحد اسم، جن جي آخر ۾ "آ" اعراب ڪم اِيندي آهي. انهن اسمن



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جون عدد جمع واريون صورتون ٺاهڻ لاءِ اسم جي عدد واحد صورت جي "آ" اعراب کي 'اوُن' اعراب ۾ تبديل ڪبو آهي، پر شڪارپوري لهجي ۾ 'اون' اعراب جي بدران 'آن' اعراب/ پڇاڙي ملائي ويندي آهي. ساميءَ بہ پنهنجي سلوڪن ۾ شڪارپوري لهجي وارو اصول قائم رکيو آهي. جيئن:

| معياري لهجو | | شڪارپوري لهجو | ساميءَ جي سلوڪن جي ٻولي |
|---|---|---|---|
| واحد صورت | | جمع صورت | |
| راهہ | راهُون | راهان | آهن آگم اپار، راهان رام ملڻ جون. |
| ڪَل | ڪَلُون | ڪلان | ڪائي ڪچڙي ڪير، ساڳ ڪلان آئون پتہ |
| خبر | خبرؤن | خبران | عشق ڪمايو جن، پڇ تني ڪؤن خبران. |
| موج | موجون | موجان | اٿئي پهر عجيب سان، ملي موجان ڪن. |
| دانهن | دانهون | دانهان | جيئن سنک ڪري، دانهان نت درد ريءَ |
| چاٽ | چاٽون | چاٽان | توڙي لک لڳن، چاٽان صرف حساب جون. |
| ساک | ساڪون | ساڪان | ساڪان سنتن جون ٻڌي، هٺ ڪؤن ڪين هتي. |
| رڳ | رڳون | رڳان | رڳان روئي ٽڪيون، ٿي لونءَ لؤن دانهن ڪري |

(ii) حالت جري (حالت اپادان) ۾ حرف جر جو استعمال:

سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۾ حرف جر 'ڪي'، '۾'، 'تي'، 'تان'، 'ڪان'، 'مان' ۽ 'سان' وغيره جڏهن حالت تغيريءَ (حالت اپادان) جي صيغي ۾ گردان ڪندا آهن، تڏهن هن طرح بدلبا آهن:

| | | |
|---|---|---|
| ڪي | بدلجي ٿيندو | ڪان |
| ۾ | بدلجي ٿيندو | مان |
| تي | بدلجي ٿيندو | تان |

پر شڪارپوري لهجي ۾ حرف جر معياري لهجي وانگر ڪو نہ بدلبو آهي. جيئن تہ:

| حرف جر | معياري لهجي ۾ تبديلي | شڪارپوري لهجي ۾ تبديل | ساميءَ جي ٻولي ۾ استعمال |
|---|---|---|---|
| ڪي | ڪان | ڪؤن | ساڪان سنتن جون ٻڌي، هٺ ڪؤن ڪين هتي. |
| | | | تنهن ڪؤن پوءِ پڇن، سامي سُڌ سروپ جي. |
| | | | عشق ڪمايو جن، پڇ تني ڪؤن خبران. |
| | | | ستگر چڏايو سامي اوديا ڏک ڪؤن. |
| | | | ڪوڙين ۾ ڪو هڪڙو، بلا ڪؤن بچي. |
| | | | پڇي ڏس تني ڪؤن، جن ديدار ڪيا. |
| تي | تان | تؤن | نہ چاڻا راجي، ٽيڙو ڪهڙيءَ ڳالهہ تؤن. |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | | |
|---|---|---|---|
| ۾ | مان | مؤن | سامي رڃي ڪين، ساڌ سنگت هر پڳت مؤن. انيئہ اروڳي، گهري لڌو جنهن گهر مؤن. |

(iii) حالت تغيريءَ (حالت اپادان) جي گردان ۾ حرف جملي ۽ ظرف کي بہ حرف جر وانگر 'اؤن' پڇاڙي ملائي، استعمال ڪيو ويو آهي. مثال طور:

| معياري لهجي ۾ | شڪارپوري لهجي موجب تبديل | ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ استعمال |
|---|---|---|
| 1 ـ حرف جملو | | |
| ۽ | آؤن | حيرت اؤن هاسي، اچي هڪ اچرج تي، ڪائي ڪچٽي ڪير، ساڳ ڪلان آئون پتہ |
| 2 ـ ظرف | | |
| ڪتان | ڪِتؤن/ ڪاٿئون | سامي چوي هي ستگرو، ڪاٿئون جڳ ٿيو؟ |
| ڏوران | ڏورئون | ڏورئون هٽي ڏنگ، ناري ڪاري نانگٽي. |
| اڳيان | اڳئيون/اڳؤن | پون پروانن جا، اڳئيون عجيبن. ڏيئي ويتو پاڻهين، اڳئيون سک سڌو. |
| منجهان | منجِهؤن | منجهؤن خواب خيال جي، ڪوڙا قصا ڪن. |

(iv) ماضي معطوفيءَ جو استعمال: سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۾ ماضي معطوفي ڪردنت جي استعمال لاءِ فعل جي ڌاتوءَ جي پٺيان 'اي'، 'اِي' يا 'يو' پڇاڙيون ملايون وينديون آهن، پر اُترادي لهجي ۾ 'يو' پڇاڙيءَ بدران 'يون' پڇاڙي ملائبي آهي. ساميءَ پنهنجن سلوڪن ۾ يا تہ 'اي' پڇاڙيءَ وارا ماضي معطوفيءَ جا ٿيرا ڪم آندا آهن ۽ يا تہ وري 'اِي' پڇاڙيءَ وارن فعلن جي پٺيان 'ڪري' فعل معاون ملائي، ماضي معطوفيءَ جو ڪردنت ڪم آندو آهي.

مثال طور:

| معياري لهجو | ساميءَ جو استعمال | ساميءَ جي سلوڪن جي ٻولي |
|---|---|---|
| اچي | اچي ڪري | ٽيٽڙو جيءُ انڌو اوديا منجهہ اچي ڪري آنت مُک اچي ڪري، سمجهي ڪو سماء. |
| اُٿاري | اُٿاري ڪري | ڪنهن پاتو ڪين ڪي، انت اٿاري ڪري |
| اُڪِري | اُڪري ڪري | آنبورن سان اُڪري ڪري، ڪس نہ ڪيڍي تن. |
| رکِي | رکي ڪري | ديا درست رکي ڪري، سپ تي ڪريا ڪن. |
| پڙهِي | پڙهي ڪري | ويد پراڻ پڙهي ڪري، لوڪن ريجائين. |
| جوڙي | جوڙي ڪري | تہ جڳتن سان جوڙي ڪري، تو کي ڏس ڏين. |
| پلي | پلي ڪري | پرم منجهہ پلي ڪري، ٿا پنا نت پڙهن. |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

آٽي آٽي الک پرک آٽي، ديرو ڪيو ديهه ۾.

(v) **ضمير متصل جو استعمال:** سنڌي ٻوليءَ جي خاص خصوصيت، ضمير متصل ۽ ٻٽي ضمير متصل جو استعمال آهي. سنڌي ٻوليءَ جي هر لهجي ۾ اها خصوصيت نمايان طور نظر ايندي آهي. ساميءَ جي سلوڪن ۾ بہ ضمير متصل ۽ ٻٽي ضمير متصل جي استعمال جا ڪيترائي مثال ملن ٿا. جيئن:

| ساميءَ جي سلوڪن ۾ استعمال | ضمير متصل |
|---|---|
| جڏهن ملندءِ يار، تڏهن پوندءِ سڌ سروپ جي | ملندءِ = توکي ملندو |
| آءُ تہ پياريانءِ، پري پيالو پريم جو. | پياريانءِ = توکي پياريان |
| سامي هن اوسر ۾، تن من سڀ ٺاريانءِ | ٺاريانءِ = آءُ تنهنجي ٺاريان |
| هر هر ڀهڙو ڻول، هٿ ۾ ايندءِ ڪين ڪي. | هٿ ۾ ايندءِ = تنهنجي هٿ ۾ ايندو |

(vi) **'ڪر' فعل ۾ 'ر' آواز کي قائم رکڻ:** شڪارپوري لهجي ۾ 'ڪر' فعل جي زمان مضارع، زمان حال ۽ زمان مستقبل جي ڦيري ۾ 'ر' کي قائم رکيو ويندو آهي، جڏهن تہ معياري لهجي ۾ 'ر' آواز کي حذف ڪبو آهي. ڊاڪٽر ميمڻ صاحب سندس ڪتاب، 'شڪارپور جي ٻوليءَ' ۾ لکي ٿو تہ:

"زمان حال ۾، جمع جي صورت ۾ فعل جي پويان 'ن'، ۽ "ٿا" علامتون ملايون وينديون آهن.

مثال طور:

گهم + نِ + ٿا =گهمن ٿا

هل + نِ + ٿا = هلن ٿا

انهيءَ قاعدي موجب 'ڪر' ڌاتوءَ سان، ضمير غائب جمع جي پڇاڙي 'نِ' ۽ زمان حال جي علامت "ٿا' ملائي، زمان حال جو ڦيرو ٺاهيندا آهن.

ڪر+نِ + ٿا = ڪرن ٿا

پر معياري لهجي ۾ 'ر' آواز حذف ٿي ويندو آهي، ۽ زمان حال جو ڦيرو معياري لهجي موجب ٿيندو. 'ڪن ٿا'. ساميءَ شڪارپوري لهجي وارو ڦيرو ڪم آندو آهي.

سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۾ ضمير غائب واحد ۽ جمع جي ڦيرن ۾ 'ر' آواز قائم رکبو آهي جيئن:

| زمان مستقبل | زمان حال | زمان مضارع | فعل |
|---|---|---|---|
| آءُ ڪندس | آءُ ڪريان ٿو | آءُ ڪريان | ڪر |
| اسين ڪنداسين | اسين ڪريون ٿا | اسين ڪريون | |
| تون ڪندين | تون ڪرين ٿو | تون ڪرين | |
| توهين ڪندا | توهين ڪريو ٿا | توهين ڪريو | |
| هيءُ ڪندو/ڪندي | هي ڪري ٿو/ڪري ٿي | هيءُ ڪري | |
| هيءُ ڪندا/ڪنديون | هي ڪن ٿا/ڪن ٿيون | هي ڪن | |

انهن مثالن مان ظاهر آهي تہ زمان مضارع ۽ زمان حال جي ڦيرن ۾ ۽ ضمير غائب جمع جي ڦيري



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

۾ 'ڪر' فعل مان 'ر' آواز حذف ٿي ويو آهي. ساڳيءَ طرح زمان مستقبل جي صيغي ۾ ضمير خالص جي هر قسم جي گردان سان 'ڪر' فعل مان 'ر' آواز حذف ٿي ويو آهي. پر شڪارپوري لهجي ۾ ضمير غائب جمع جي صورت ۾ 'ڪر' فعل ۾ 'ر' آواز کي حذف نہ ڪبو آهي ۽ ڦيرو ٿيندو: 'هو ڪرن ٿا/ڪرن ٿيون'.

ساميءَ جي سلوڪن ۾ بہ 'ر' آواز کي قائم رکيو ويو آهي. مثال طور:

**زمان مضارع جي گردان ۾:** ساميءَ جي سلوڪن ۾ زمان مضارع جي گردان ۾ ضمير حاضر واحد ۽ ضمير غائب جمع جي صيغي ۾ 'ڪري' ۽ 'ڪرين' فعلن ۾ 'ر' آواز قائم رکيو ويو آهي.

| زمان مضارع | ضمير غائب واحد يا جمع | شڪارپوري لهجو | ساميءَ جي ٻوليءَ جو استعمال |
|---|---|---|---|
| | ڪن | ڪرن | ڳالهہ نہ ڪرن ڳجهہ جي، سامي اڳهاڙي |
| | | | توڙي سڀ ساڻن ڪرين، پڙهين ويد پراڻ. |
| زمان مستقبل | ڪندو | ڪريندو | تن کي ڪوهہ ڪريندو ڪال جي مرڻ کان اڳي مئا. |
| | ڪندا | ڪريندا | سچ سچاتو جن، سي ڪوهہ ڪريندا ڪوڙ کي. |

(vii) **سَنڌيءَ جو استعمال:** سَنڌي يعني ادغام (asimilation) جو استعمال، سنڌي ٻوليءَ جي خاص خصوصيتن ۾ شامل آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ مرتب ۽ مرڪب لفظن کان سواءِ فعل جي ڌار ڌار زمانن جي ڦيرن ۾ لفظن ۾ ڪم آيل آواز هڪٻئي تي اثر ڪري يا نون آوازن ۾ بدلبا آهن، يا ڪي آواز حذف ٿي ويندا آهن. اهڙيءَ صوتياتي تبديليءَ کي 'سَنڌي' يا 'ادغام' چئبو آهي. سَنڌي يا ادغام واري موضوع تي 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ۽ 'سنڌي مخففات' ڪتاب جي مهاڳ ۾ تفصيل سان بحث ڪيو ويو آهي. هت جيڪڏهن ادغام يا سَنڌيءَ جا قسم ڏيئي وضاحت ڪبي ۽ مثال ڏبا تہ هي مقالو گهڻو ڊگهو ٿي ويندو. هت فقط درويش ساميءَ جي سلوڪن ۾ ڪم آندل ٻوليءَ مان، سنڌيءَ يا ادغام جا ڪي مثال ڏبا.

(a) **سُر جي تبديلي:**

ڪولن ڳنڍ خوشيءَ سان، ڏسي نهڪيٽ

هن مصرع ۾ 'ڪولين' فعل ۾ 'اِي' کي 'ا' سر ۾ تبديل ڪيو ويو آهي. ٻيا مثال ڏسو.

سانگ نہ وارن سر جو توڙي مڇ مچن

عينڪ ڏيئي اڻ ملهي، پرڪائن پرگهٽ

هن مصرع ۾ 'پرڪائين' فعل کي 'پرڪائن' فعل طور ڪم آندو ويو آهي.

(b) **حالت تغيري (حالت پادان) ۾ 'ر' آواز جو حذف ٿيڻ:** سامي پنهنجي سلوڪ ۾ 'پريت' اسم جي پٺيان جڏهن حرف جر ڪم آندو تڏهن اهڙيءَ حالت ۾ 'پريت' لفظ مان 'ر' آواز حذف ڪري ڇڏيائين. مثال طور:

پيتئون پيتو جن، سي مائل ٿيا مهراڻ ۾

هن مصرع ۾ 'پيتئون' لفظ مان ساميءَ جي مراد آهي 'پريتئون' يعني 'پريت مان' يا 'پريت منجهان'.

(c) **زمان مضارع جي استعمال ۾ فعل جي سُر کي حذف ڪرڻ:** ساميءَ شڪارپوري لهجي جي اصول موجب ڪن



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

فعلن جو زمان مضارع ۾ ضمير غائب جمع جي استعمال ۾ 'اِين' پڇاڙيءَ ۾ تبديلي آڻي، اُن کي 'اِن' پڇاڙيءَ طور ڪم آندو آهي. يعني 'اِيَ' ڏگهي سر کي 'اِ' ڇوٽي سر ۾ بدلايو اٿس. جيئن:

(i) پائي پد نرٻان، سامي ماڻن سانت سک

(ii) جدا جاڻي پاڻ کي، ڏارن نانا تن

هنن مصرعن ۾ 'ماڻين' کي 'ماڻِن' ۽ 'ڏارين' جي بدران 'ڏارِن' فعل ڪم آندو اٿس. يعني 'اِيَ' سر کي 'اِ' سر ۾ تبديل ڪيو اٿس.

(d) **متصل ضميرن کي حذف ڪيو ويو آهي:** ساميءَ، پنهنجي ٻوليءَ ۾ متصل ضميرن تي به سنڌيءَ/ادغام وارو قانون لڳايو آهي: مثال طور:

آئي سڀ اوديا جو آڻ هوندو اسرار

هن مصرع ۾ 'اٿيئي' يعني 'تو کي آهي' فعل ۾ ضمير متصل واري پڇاڙي 'اِيَ' حذف ڪري 'آئي' فعل ڪم آندو اٿس.

چڏ وڏائي واءُ، ته سهجي ملني سپرين

هن مصرع ۾ 'مِلَنَ' معني 'تو کي ملن' فعل ۾ فعل سان گڏ آيل ضمير متصل جي پڇاڙي 'ءِ' کي 'اِيَ' ۾ تبديل ڪيو اٿس، ۽ 'ن' تي آيل 'اَ' سر کي حذف ڪيو ويو آهي.

(e) **صوتين کي حذف ڪرڻ:** ساميءَ پنهنجي ٻوليءَ ۾ هن 'صوتين' کي به حذف ڪيو آهي، مثال طور:

ٻولي اناالحق، ملي مهد جنن سان

هن مصرع ۾ 'جنهي' لفظ کي 'جنن' لفظ طور ڪم آندو اٿس. 'جنهي' لفظ کي 'جنِن' لفظ جي صورت واري تبديليءَ کي، صوتيه جي حذف ڪرڻ واري تبديل ڇئبو ٻيو مثال ڏسو:

(i) موهن ٿئي مري، درسن ڪارڻ دوس جي

يا

(ii) ٻنا در دوس، جي، ڏسي ڪين ٻيو

هنن مصرعن ۾ 'دوست' لفظ مان 'ت' صوتيه حذف ڪئي وئي آهي، صوتين کي حذف ڪرڻ جا ساميءَ جي سلوڪن ۾ ٻيا به مثال ملن ٿا.

(f) **مفرد آوازن جو ٻن مرڪب آوازن ۾ بدلجڻ:** سنڌي ٻوليءَ ۾ 'ج' آواز کي، شڪارپوري لهجي ۾ مرڪب آواز 'نيه' ۾ بدلايو ويندو آهي. ساميءَ جي سلوڪن جي ٻوليءَ ۾ اهڙا مثال ملن ٿا. جيئن:

(i) منيائون محبوب جي، سامي سڀ رڄا.

يا

(ii) مني وينو پاڻ کي، آبناسي ناسي.

(g) **ساميءَ جي ٻوليءَ ۾، سنڌي/ادغام وارا قانون، ظرفن جي استعمال ۾ به نظر اچي ٿو:**

'جڏهن'، 'تڏهن' ۽ 'ڪڏهن' ظرفن جي استعمال ۾ ساميءَ 'هن'، پد (syllable) کي حذف ڪري، 'اِيَ' سُر ۾



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

متايو آهي. مثال طور:

| ظرف | بدليل صورت | ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ استعمال |
|---|---|---|
| جڏهن | جڏي | تڙقي تڙقي تن مؤن، ويندو ساهه جڏي |
| تڏهن | تڏي | سامي چئي تڏي، ميلو ڪندين ڪن ٿا. |
| ڪڏهن | ڪڏي | اچي اڏ مُئن تي، ڪندين مهر ڪڏي |

(h) فعل تي سنڌيءَ/ادغام جو اثر: ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ سَنڌيءَ/ادغام جي اصولن ڪان فعل بہ متاثر ٿيل ملن ٿا، جيئن:

| فعل | بدليل صورت | ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ استعمال |
|---|---|---|
| ڪئي | ڪي | اٿهوندي بازي، بازيگر بر حال ڪي |

(i) حرف جر تي سَنڌيءَ/ادغام جو اثر: سنڌي ٻوليءَ ۾ حالت اپادان جي ڦيري لاءِ، سنڌي/ادغام جي قانون موجب 'سان' يا 'کان' حرف جر حذف ڪيا ويندا آهن. هيٺ ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ 'هٿن سان' صورت بدلجي 'هٿين' ٿي آهي. مثال طور:

| حرف جر | بدليل صورت | ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ استعمال |
|---|---|---|
| هٿن سان | هٿين | پنهنجي هٿين پنهنجي، لاهي ڪل ڏين. |
| ڏور کان | ڏورڻ | ڏورڻ هٽي ڏنگ، ناري ڪاري نانگٽي. |

(viii) اسم مفعول جو اڀياس: شاهہ لطيف جي ٻوليءَ وانگر، ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ بہ ڪي وياڪرڻي صورتون، خاص ڪري اسم مفعول جو استعمال بہ توجهہ طلب آهي. مثال طور:

| فعل | وياڪرڻي صورت | ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ اسم مفعول طور استعمال |
|---|---|---|
| پڙهيا | 'پڙهہ' فعل جو ماضي مطلق واري صيغي ۾ حالت تغيريءَ ۾ ضمير غائب جمع جو گردان. | پڙهيا پڙهجن ڪين ڪي، ڏاها ڪين ڏسن. |
| ڪُٺن | 'ڪُس' فعل جي ماضي مطلق واري صيغي ۾ حالت تغيريءَ ۾ غائب جمع جو گردان. | پرين بي پرواهہ، ڦيمو ڪن ڪُٺن ڪي. |
| ڪُٺا | ساڳيو | پل پل ڪن پڪار، ڪُٺا درد فراق جا. |

(ix) اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي نوان لفظ ٺاهڻ جا مثال:

(الف) علم صرف جي قانون موجب ڪن ڌاتوئن جي پنيان يا اڳيان، پڇاڙيون يا اڳياڙيون ملائي، ڪيترائي نوان لفظ ٺاهيا ويندا آهن. سنڌي وياڪرڻ جي علم صرف واري انهيءَ خصوصيت جا، ساميءَ جي سلوڪن ۾ بہ ڪيترائي مثال ملن ٿا، جيئن:

| اڳياڙيون ملائڻ سان مرتب لفظ ٺاهڻ | ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ استعمال |
|---|---|
| س_ + روپ = سروپ | سامي مليو سروپ سان، ڪو جاڳيو جوڳي. |
| آڻ + هوندي = اٿهوندي | آٿهوندي اڳيان، رچي راند رنگ پري |
| | اٿهوندي بازي، بازيگر برحال ڪي. |
| | اُٿي سپ اوديا جو اٿهوندو اسرار. |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| اَڻ ـ+ملهي = اڻملهي | عينڪ ڏيئي اڻملهي، پرڪائن پرکهڻ |
| اَـ+وديا = اوديا | وديا وڃائي، آوديا دکڻ اندر جو. |
| اَـ+روڳ = اروگ | انيئه آروڳي، گهر لڏو جنهن گهر مون. |

(ب) عربي، فارسي، اڳياڙيون: سامي عربي ۽ فارسيءَ جون اڳياڙيون به ڪم آنديون آهن.

| عربي فارسي اڳياڙيون | ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ استعمال |
|---|---|
| بي ـ + پرواهه = بي پرواهه | پرين بي پرواهه، قيمو ڪن ڪنن کي. |

(x) پڇاڙيون ملائي مرتب لفظ ٺاهڻ: سامي ڪيترين ئي پڇاڙين جي مدد سان نوان مرتب لفظ ٺاهيا آهن. مثال طور:

| پڇاڙيون ملائي نوان مرتب لفظ ٺاهڻ | ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ استعمال |
|---|---|
| ـوان گيان + وان = گيانوان | ڪاٽي گرو گسائين گيانوان، ڪاٽي حج ڪري حاجي. |
| ـونت پل+ ونت= پلونت | جو ڪلپت ڪيڏي جيءَ مون، سامي ٿيو پلونت. |
| ـوند درد+ وند= دردوند | ڪريان ڪهڙو حال، درد وندن جي دل جو. |

(xi) وڇياڙيءَ جو استعمال: سنڌي ٻوليءَ ۾ 'و' وڇياڙي ڪم آڻي مرڪب لفظ ٺاهيا آهن. ساميءَ به 'و' وڇياڙي ڪم آندي آهي. مثال طور:

ـ'و'ـ وڇياڙي زار +- وـ + زار زاروزار پسڻ ڪارڻ پرينءَ جي، روئن زارو زار

(xii) ٻٽن لفظن يعني تڪراري لفظن جو استعمال: سنڌي ٻوليءَ ۾ ٻٽن يعني تڪراري لفظن جو استعمال به تمام گهڻو آهي. ساميءَ جي سلوڪن جي ٻوليءَ ۾ هيءَ خصوصيت گهڻي نظر اچي ٿي جيئن:

| (i) مفرد لفظ | ٻٽو يعني ڏُهرايل لفظ | ساميءَ جي سلوڪن ۾ استعمال |
|---|---|---|
| پل | پل پل | پل پل ڪن پڪار، ڪنا درد فراق جا. |
| | | پل پل ڏين پريم رس، اندر ۾ اسگاهه. |
| | | اٿندي، وهندي، سمهندي، ٿي پل پل منجهه پئي. |
| تڙڦي | تڙڦي تڙڦي | تڙڦي تڙڦي تن مؤن، ويندو ساهه ڇڏي. |
| لئون | لئون لئون | تنهنجي مهر ٿيا سان، لئون لئون سپ ٺاري، |
| | | لئون لئون منجهه لڏي، مورت پانهنجي متر جي. |
| | | لئون لئون اناالحق، ٻولي ٻيائيءَ ري سدا. |
| | | رڳان روئي تڪيون، ٿي لئون لئون دانهن ڪري. |
| هر | هَرهَر | هر هر ههڙو ٺول، هٽ ۾ ايندءِ ڪينڪي. |
| | | هر هر هٽ نه پاءِ، هيءَ ڳنڍ ڇُهنديءَ نه ڇڙي. |
| آڪار | آڪار آڪار | نر آڪار آڪار، ڌاري آيو جڳ ۾. |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ب) ٻٽن تڪراري لفظن جو ٻيو نمونو: هڪڙا تڪراري ٻٽا لفظ 'پورڻ' قسم جا ٿين ٿا ۽ ٻيا تڪراري ٻٽا لفظ 'پورڻ' نموني جا ٿين ٿا، جيئن:

| (ii) مفرد لفظ | ٻٽو يعني ڏُهرايل لفظ | ساميءَ جي سلوڪن ۾ استعمال |
|---|---|---|
| هار<br>سک | هار جيت<br>سک ڏک | هار جيت سک ڏک جو رهي هرک نه سوڳ |

(xiii) مرڪب لفظن جو استعمال:

(a) سنڌي ٻوليءَ ۾ مرڪب لفظن جا ڪيترائي قسم ڪم ايندا آهن. ساميءَ جي ٻوليءَ ۾ مرڪب لفظن جو استعمال گهٽو آهي. جيئن:

| مفرد لفظ + مفرد لفظ | مرڪب لفظ | ساميءَ جي سلوڪن ۾ استعمال |
|---|---|---|
| اڏ + مُٺا | اڏمٺا | عاشق اڏمٺا، سدا تڙڦن تن ۾ |

(b) ساميءَ ڪي گهاڙيٽا اهڙا به ڪم آندا آهن، جيڪي مرتب لفظن جي مدد سان ٺهيل آهن، مثال طور 'اوديا ڦاس'لفظ هيءَ مرتب لفظ آهي. هن لفظ کي ٽوڙڻ لاءِ پهرين 'اوديا +ڦاس' جزا ٿيندا ۽ پوءِ 'اوديا' لفظ کي آ + وديا جزن ۾ ٽوڙيو. سامي فرمائي ٿو:

سامي ڪين ڇٽي، اوديا ڦاس ڪرم سان.

هن سلوڪ ۾ ساميءَ، 'ڦاس' لفظ کي جنهن طرح سان 'اوديا' لفظ سان ملائي، مرتب لفظ ٺاهيو آهي، اهو گهاڙيٽو به توجهه طلب آهي. ممڪن آهي ته ڪي دوست چون ته اهو مرتب نه، پر مرڪب لفظ آهي. انهن دوستن کي عرض ڪندس ته منهنجي ڪتاب، 'سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس' ۽ ڊاڪٽر جيٽلي صاحب جو مهراڻ رسالي ۾ لفظن جي گهاڙيٽن جي حوالي سان ڇپيل مقالو پڙهي ڏسن. 'اوديا ڦاس' معنيٰ اوديا ۾ ڦاٿل.

(xvi) اسم فاعل جو استعمال: سنڌي ٻوليءَ ۾ اسم فاعل جي اڀياس مان پتو پوي ٿو ته اسم فاعل ٺاهڻ جو هڪ قانون اهو آهي ته حاصل مصدر جي فوراً پويان – هار پڇاڙي ملائي، اسم فاعل ٺاهيو ويندو آهي. ساميءَ به اهائي ترڪيب ڪم آندي آهي. مثال طور:

| حاصل مصدر | + | پڇاڙي | = | اسم فاعل | ساميءَ جي سلوڪن ۾ استعمال |
|---|---|---|---|---|---|
| ٻولڻ | +– | هار | = | ٻولڻهار | ڏسي ٻڏي پاڻ، ٻولي ٻولڻهار |
| سرجڻ | +– | هار | = | سرجڻهار | ته سامي سرجڻهار، ڏسين ساريءَ وَس ۾ |
| اسم | + | پڇاڙي | = | اسم فاعل | |
| ٻل | + | هار | = | ٻلهار | ٻلي ٻلهاري رهيا، ڪنهن جي ڪا نه چلي |

(xv) مرڪب فعلن جو استعمال: سنڌي ٻوليءَ جي وياڪرڻ جي خاص خوبين مان، مرڪب فعلن جو استعمال به آهي. مرڪب فعل، معاون فعلن جي مدد سان ٺهندا آهن. ساميءَ به مرڪب فعل، گهٽي قدر ڪم آندا آهن. مثال طور:



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| سامي ءَ جي سلوڪن ۾ استعمال | مرڪب فعل |
|---|---|
| اڇي ٿيو معمور، عشق اٽانگو جيءَ ۾ | اڇي ٿيو |

(xvi) فعل جي وياڪرڻي صورت ڪي حرف جر طور ڪم آڻڻ:

| سامي ءَ جي سلوڪن ۾ حرف جر طور استعمال | فعل |
|---|---|
| ننگر پڇي ڪو نہ ڪو بنا پنڌ ڪئي | پنڌ ڪئي |

هن مصرع ۾ 'ڪئي' فعل ڪي حرف جر طور ڪم آندو ويو آهي. هت 'پنڌ ڪئي' لفظ توجهه طلب آهي.

(xvii) ظرف جو استعمال: سنڌي ٻوليءَ جي معياري لهجي ۾ 'ڪٿي' ظرف جو استعمال عام آهي، پر شڪارپوري لهجي ۾ 'ڪٿي' جي بدران 'ڪاٿي' استعمال ٿيندو آهي. سامي ءَ بہ 'ڪاٿي' لفظ ڪم آندو آهي، جيئن:

ڪاٿي پير فقير امير ٿيو ڪاٿي شيخ ملان قاضي
ڪاٿي گرو گسائين گيانوان، ڪاٿي حج ڪري حاجي
ڪاٿي راجا پرجا چوڌري، ڪاٿي مهتو ميان جي
ڪاٿي سور وير داتا ٿيو ڪاٿي منٿ موٿاجي
ڪاٿي چور چغل، ٺڳ مسخرو ڪاٿي پنڊا ڪٿي پاجي
ڪاٿي ڳِٽيءَ ليکي دک ۾، ڪاٿي رضا تي راضي
سامي جڏهن ساڃي، سو ساڪي پد پارٿي.

(xviii) اسم تصغير جو استعمال: سنڌي ٻوليءَ جي ٻين شاعرن وانگر، سامي ءَ بہ فعل ڪي اسم تصغير جي روپ ۾ استعمال ڪيو آهي، جيئن:

| سامي ءَ جي سلوڪن ۾ استعمال | فعل جي تصغيري صورت |
|---|---|
| نہ ڄاڻان راڃي ٿيڙو ڪهڙيءَ ڳالهہ تؤن | ٿيڙو |

(xix) اصطلاحن جو استعمال: ٻين شاعرن وانگر سامي ءَ بہ بيشمار اصطلاح ڪم آندا آهن، جن مان ڪي هي آهن. جيءَ جهرڻ، دانهن ڪرڻ، مرڻ ڪان اڳ مرڻ، قيمو ڪرڻ، سر صدقو ڪرڻ، لاهي ڏيڻ، غرق رهڻ، عاجزي ڪرڻ، پاند ڳچيءَ ۾ پائڻ، چِت لائڻ، دل جو در کولڻ، پيهي پسڻ، داس بڻڻ، دل ڏيڻ، پٽ چٽڻ، واڪ وٽڻ، ديدار ڪرڻ، لنگهي پار پوڻ، ڳُوڇ ڪرڻ، پنڌ پوڻ، حيلا ڪرڻ، جيئري پاڻ جلائڻ، پُڪار ڪرڻ، ويس ڪرڻ، پرين پسڻ، شڪر ڪرڻ، تور ۾ ترڻ، چت ٺارڻ، هٿ ۾ اچڻ، پوڳ پوڳڻ، ڏس ڏيڻ، ڳنڍ ٻڌڻ، چڪي ڏسڻ، سڪي ٿيڻ، مگن هئڻ، لانگهو لنگهڻ، سير تي چڙهڻ، همٿ جا هٿ ٻڌڻ، نيڻ نرڻ، پٽي پاڙهڻ، ڪيپ ڪٽڻ، لئون لئون ٺارڻ، وِڪ ڪائڻ، مهر ڪرڻ، وڏائي ڇڏڻ، ڏسي نرڻ ۽ وس ڪرڻ وغيره.

(xx) صنايع ۽ بدايع جو استعمال: سنڌي ٻوليءَ جي ٻين شاعرن وانگر، سامي ءَ بہ پنهنجي ڪلام ۾ صنايع ۽ بدايع جو استعمال گهڻو ڪيو آهي. صنايع ۽ بدايع جا بہ قسم آهن. (1) صنايع لفظي (2) صنايع معنوي صنايع لفظيءَ ۾ صنعت ترصيع، صنعت مسجع، تجنيس حرفي، تجنيس خطي، تجنيس تام، تجنيس زائد،



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تجنيس مرڪب، صنعت ردالعجز علي الصدر، صنعت تضاد، صنعت توصيع ۽ صنعت تمغين شامل آهن. اهڙيءَ طرح صنايع معنويءَ ۾ صنعت تشبيهه، صنعت استعاره، صنعت مراعات النظير، صنعت تجاهل عارفانه، صنعت ايهام، صنعت مبالغه، صنعت تلميح ۽ صنعت حسن الا تعليل اچن ٿيون.

ساميءَ جي ڪلام ۾ ٻنهي قسمن جون صنعتون استعمال ٿيل آهن. مثال طور صنعت ڏسو:

رهن منجهه جهان، سدا اليپ ڪنول جان.

هن مصرع ۾ ڪنول جي گل جي دنيا ۾ رهندڙ انسان سان ڀيٽ ڪئي وئي آهي. اهڙيءَ طرح پاڻيءَ جو ڦوٽو ڪوريئڙو پؤنر، مڇي، مرگ ترشنا، چنڊ، چڪور ۽ پپيهو وغيره لفظ تشبيهه طور ڪم آندا اٿس.

اهڙيءَ طرح تجنيس تام جا مثال ڏسو تجنيس تام مان مراد اهڙا لفظ ڪم آڻڻ آهي، جيڪي لکڻ ۽ پڙهڻ ۾ هڪجهڙا هجن پر معنيٰ ۾ مختلف هجن. مثال طور:

مڙهيءَ منجهه مڙهي، تنهن ۾ مڙهي دوست جي
پاڻ مڙهيءَ ڪؤن پارٿي، چاڙهي ڏس چڙهي
پيچي پرم گهڙي، ناٿ مليو نج ناٿ سان.

اهڙيءَ طرح صنعت تضاد مان مراد آهي ته جڏهن به ڪنهن مصرع ۾ هڪ ٻئي جا ابتڙ لفظ استعمال ڪيا وڃن ته اهڙيءَ حالت ۾ لفظن جي استعمال کي صنعت تضاد چئبو آهي: مثال طور.

پڇم ڪي پورب، مورک ڄاڻن مت ري
وينا پير فقير ٿي، ڪري ڪوڙ ڪسب

هن سلوڪ ۾ 'پڇم' ۽ 'پورب' ۽ 'پير' ۽ 'فقير' لفظ هڪ ٻئي جا اُبتڙ آهن.

اهڙيءَ طرح هي مثال ڏسو:

سرگ ۽ نرگ، عاشق ڄاڻن ڪين ڪي
رهن سدا سنسي ري، گگن منجهه غرق
اندر پاهر هڪ، سامي ڏسن سپرين.

صنايع معنويءَ جي صنعتن ۾ صنعت ايهام هڪ اهڙي صنعت آهي، جنهن ۾ اهڙا لفظ ڪم آندل هوندا آهن، جن جون هڪ کان وڌيڪ معنائون هونديون آهن. هن صنعت جي استعمال ۾ لفظ جي هڪڙي معنيٰ اُها هوندي آهي، جيڪا ذهن جي ويجهو هوندي آهي ۽ هڪدم سمجهه ۾ اچي ويندي آهي، ٻي معنيٰ اُها هوندي جيڪا ذهن کان ڪجهه پري هوندي آهي، جنهن تائين رسڻ ۾ سمجهه کان ڪم وٺڻو پوندو آهي. ساميءَ صنعت ايهام کي هن طرح ڪم آندو آهي:

ٽِيڙو جيءَ انڌو اوديا منجهه اچي ڪري
ڏيئي وينو پاٿهين، اکيون سک سنڌو.

ٻيو مثال:

ڪنهن پاتو ڪينڪي، انت اٿاري ڪري
انترمک اچي ڪري، سمجهي ڪر سماءِ



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اهڙيءَ طرح ساميءَ جي سلوڪن ۾ ’صنعت مراعات النظير‘ جو استعمال ڏسو. هن صنعت جو مقصد آهي تہ هڪ لفظ سان، واسطيدار ٻيا لفظ ڪم آڻڻ. ساميءَ هن صنعت جو استعمال هن طرح ڪيو آهي:

پنهنجي پوک سنڀار، پراڻي پيهي تي چڙهي،
ڏيئي واڙ ويساهہ جي، پاڻي پريم پيار
ڪميا ڪانياڻيءَ سان، ڪڍي ڪلپ جهار
ڪٽندي بيحد ٻار، سامي انيئہ ان جا

اهڙي طرح مقالي ۾ طوالت سبب، ٻين صنعت جي استعمال جا مثال نٿا ڏجن.

ساميءَ جي ويدانتي ويچار ونديا آهن، اتي هن صوفياڻا خيال بہ ظاهر ڪيا آهن. پر ساميءَ جو ڪمال اِهو آهي تہ هن پنهنجي ڪلام ۾ سنسڪرت جي ڏکين لفظن سان گڏ، عربي ۽ فارسيءَ جا بہ سوين لفظ ڪم آندا آهن. خانبهادر محمد صديق ميمڻ پنهنجي ڪتاب ’سنڌ جي ادبي تاريخ‘ جي ٻئي ڇاپي ۾ صفحي 162 تي لکي ٿو تہ:

”سامي صاحب جيڪي عام صوفيانہ خيال يا خاص ويدانتي اصول پنهنجي ڪلام ۾ ڪم آندا آهن، تن ۾ سنسڪرت لفظ ۽ هندو ڌرم جا محاورا تمام گهڻي انداز ۾ ڪم آندا اٿس. تنهن هوندي بہ نج عربي ۽ فارسي لفظن جي بہ سامي صاحب جي ڪلام ۾ ڪوٽ ڪانهي“. (3)

ساميءَ جيڪي عربي ۽ فارسي ٻولين جا لفظ ڪم آندا آهن، انهن مان ڪي هي آهن:

اوطاق، عجيب، محبتي، مشتاق، رفيق، خام، خاڪ، خلوتن، لعل، مومن، مسلمان، وحدت، واصل، مطلب، لقب، ڪامل، دوست، عجب، عجائب، ملڪ، مالڪ، تابوت، سبق، حافظ احمق، مريد، طبق، اشارو عين، عشق، ورق، عرش، واقف، مرشد، مريد، عاشق، اناالحق، غفا، رعيت، مائل، صفا، ميخانو مسجد، نور محل، عنبر، خلل، محبوب، عمل، نغارو محلات، عاجزي، حيلا، فراق، مصور، منڪر، غرق، رضا، راضي، قاضي، حج، حاجي، چغل، ازغيبي، خواب و خيال مضبوط سخن ۽ دولت.

سامي، هندو سماج ۾ ڪم ايندڙ عربي ۽ فارسي ٻولين جا لفظ ائين اُچاريا آهن، جيئن اِنهيءَ سماج ۾ ان زماني ۾ اُچاريا ويندا هئا. مثال طور:

| اصل لفظ | هندو سماج ۾ استعمال | ساميءَ جي سلوڪ ۾ استعمال |
|---|---|---|
| لَذت | لجت | ڏني لئون لجت، ستہ جنهن ساڌؤ کي |
| نزديڪ | نجيڪ | نئنن کي نجيڪ، پيهي ڏٺائون پاڻ ۾ |
| نوازي | نواجي | نندي نواجي، خاوند کسمانو ڪري |
| محتاجي | موٿاجي | ڪنهن جي رهي ڪا نہ ڪا، منٿ موٿاجي |
| | | ڪاٽي سور وير داتا ٿيو ڪاٽي منٿ موٿاجي |
| راضي | راجي | نجاڻان راجي، ٿيڙو ڪهڙيءَ ڳالهہ تون |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مطلب تہ ساميءَ جي ٻوليءَ ۾، سنڌي ٻوليءَ جي خصوصيتن  کان سواءِ، اُن جي صرفي ۽ نحوي بناوتن، لفظن ۽ جملن جي گهاڙيٽن، ٻوليءَ ۾ حسن بياني، لفظن جي لفظي ۽ معنوي خوبين جو وڏو خزانو موجود آهي. هيءَ هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي ڪتاب لکي سگهجن ٿا. مون تہ نموني خاطر چانور چکايا آهن، پر سنيءَ ديڳ جو سواد اچا بہ ڪو ٻيو هوندو، جنهن لاءِ محنت ڪرڻي پوندي.

## مددي ڪتاب


1_ هدايت پريم، ڊاڪٽر 1995ع، اُترادي ٻولي، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ص .44

2_ عبدالمجيد ميمڻ، سنڌي ڊاڪٽر، 1993ع شڪارپورجي ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو، ص 64

3_ وندنا اشوڪ راموائي، سامي هڪ مها ويدانتي شاعر پي. ايڇ. ڊي. ٿيسز ممبئي يونيورسٽي.

4_ خان بهادر محمد صديق ميمڻ 2000ع سنڌي ادب جي تاريخ، ياڳو ٻيو، ڇاپو ٻيو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 162.





books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# سنڌي ٻوليءَ جون ڪي حسناڪيون

(1) (الف) هر ٻوليءَ جي بيان ڪرڻ جي اُسلوب ۽ بيان ڪرڻ جي طريقي کي، 'ٻوليءَ جي حسن بياني'، 'ٻوليءَ جي حسناڪي'، 'بيان ڪرڻ جو طريقو'، 'انداز بيان' يا 'انداز گفتگو' چئبو آهي. ڳالهائڻ جي اهڙي طريقي ۾ ٻوليءَ جي سونهن سمايل هوندي آهي.

هر ٻوليءَ جي ڳالهائڻ جا ڪيترائي طريقا ٿيندا. انهن مان هڪ طريقو ڍڪيل ٻولي، 'ڳجهي ٻولي'، 'علامتي ٻولي' ۽ 'اشارن واري ٻولي'، ته وري ٻيو طريقو 'بازاري ٻولي' يا 'اُگھاڙپ واري ٻولي' آهي. اُگھاڙپ واري ٻوليءَ کي، انگريزي زبان ۾ 'Slang Language' چيو ويندو آهي.

(ب) سنڌي سماج ۾ ٻوليءَ جي ڳالهائڻ جا اِهي ٻئي طريقا اڄ به رائج آهن. سنڌي سماج ۾ هڪ اهم ڳالهه هيءَ آهي ته اُن ۾ (سنڌي سماج ۾) بازاري ٻولي يا اُگھاڙپ واري ٻوليءَ کي هڪ اهڙي طريقي ۽ ڍنگ سان، علامتن، اشارن ۽ اُهڃاڻن وسيلي، اهڙي ته بااخلاق ۽ سهڻي انداز سان ڳالهايو ويندو آهي، جو عام گفتگوءَ ۾ ٻوليءَ جي اُگھاڙپ، ڍڪيل لفظن ۾ بيان ڪئي ويندي آهي ۽ ظاهري طور، اُن ۾ خوش اخلاقي، سماج جي سونهن ۽ ٻوليءَ جي حسناڪي نمايان هوندي آهي. ڳالهائيندڙ پنهنجي ڳالهه اهڙيءَ ته خوش اخلاقي ۽ حسن بيانيءَ سان ڪري ويندو آهي جو، ڳالهائيندڙ جي اندازِ بيان جو اصل مفهوم بلڪل ڳجهي ۽ ڍڪيل ٻوليءَ ۾ بيان ٿيل هوندو آهي. ظاهري طرح ڳالهائيندڙ جي طرفان، استعمال ڪيل لفظن، فقرن، يا جُملن جن جو مقصد هڪڙو هوندو آهي، پر اُنهن لفظن، فقرن ۽ جملن جي اندروني معنيٰ يا مفهوم ڪو ٻيو هوندو آهي. ٻوليءَ جي اهڙي انداز بيان يا انداز گفتگوءَ کي،'ٻوليءَ جو علامتي استعمال'، يا 'ڍڪيل استعمال' يا 'ٻوليءَ جي استعمال ۾ سُونهن وارو انداز' يا 'حسن بيانيءَ' وارو انداز چئبو آهي. ڪن حالتن ۾، اهڙي قسم جي ٻولي، يا اُن جي ڳالهائڻ جو انداز، عورتن واري ماحول ۾، مردن واري ماحول کان مختلف هوندو آهي.

(ت) مطالعي مان معلوم ٿيو آهي ته سنڌي ٻوليءَ ۾ به ڳالهائڻ واري ٻوليءَ جي اُها رنگيني ۽ سُونهن، يعني ٻوليءَ جي حسناڪيءَ واريون مڙيئي خصوصيتون موجود آهن. ٻوليءَ ۾ اهڙي سُونهن پرئي استعمال جي انداز سان، سنڌي سماج، سنڌي تهذيب ۽ تمدن جون خوش اخلاقيءَ واريون خوبيون، پليءَ پٽ نمايان طور نظر اچن ٿيون. سنڌي ٻوليءَ جون اهي خصوصيتون، خوش اخلاقيءَ واريءَ عبارت، حسن بياني ۽ ٻوليءَ جي سونهن لاءِ وڏو دليل آهن.

2 (الف) سنڌي سماج جي روزانه ڪاروهنوار ۾ ڪن حالتن ۾، يا ماحول جي لحاظ کان، ڍڪيل يا علامتن، اشارن ۽ اُهڃاڻن واري ٻولي ڪم آندي ويندي آهي، جنهن ۾ ظاهريءَ طور جيڪا ڳالهه ڪيل هوندي آهي، اُن جو مفهوم ڳجهو يعني ڍڪيل، علامتن، اشارن ۽ اُهڃاڻن ذريعي، اهڙيءَ طرح ته بيان ڪيل هوندو آهي، جو بيان ڪيل ڳالهه جو مفهوم ڳجهو هوندو آهي، پر اهڙو علامتي يا ڍڪيل اهڃاڻي استعمال، هر خطي ۾، اُن خطي جي سماجي ماحول مطابق، الڳ الڳ هوندو آهي. مطلب ته سنڌي ٻوليءَ جي ڳالهائڻ جي انداز جون



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

انيڪ لسانياتي خصوصيتون آهن. جن مان هڪ خصوصيت ڪي، ٻوليءَ جي 'معنوي خصوصيت' چئبو آهي. سنڌي ٻوليءَ جي هن خصوصيت تي اڃا تائين ڪجهه بہ نہ لکيو ويو آهي. جيتوڻيڪ ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، 'سنڌي ٻوليءَ جا پهاڪا' جي عنوان واري ڪتاب ۾ 'اُگهاڙي ٻولي' (Slang Language) جي استعمال جي باري ۾ بہ ڪجهه ضرور لکيو آهي.

(ب) هن مقالي ۾ مون، ڪوشش ڪري، سنڌي ٻوليءَ جي معنوي خوبين جا ڪي ٿورا مثال بيان ڪيا آهن. اُنهن مثالن جو واسطو سنڌي ٻوليءَ جي روزمره جي استعمال واري ٻوليءَ سان آهي. مون اهڙي ٻوليءَ کي 'ڊڪيل ٻولي'، 'علامتي ٻولي'، 'ڳجهي استعمال واري' يا 'اُهڃاڻي ٻولي' سڏيو آهي.

(ت) مطالعي مان معلوم ٿيو آهي تہ هر سماج جي روزمره واري وهنوار ۾ ٻوليءَ کي استعمال ڪندي ڪي ڳالهائيندڙ پنهنجيءَ گفتگوءَ ۾ ڪي اهڙا لفظ فقرا، گفتا ۽ ڪلما بہ ڪم آڻيندا آهن، جيڪي ٻڌندڙن کي غير مهذب، غير اخلاقي ۽ بازاري قسم واريءَ يعني اُگهاڙپ واري ٻوليءَ جا محسوس نہ ٿيندا آهن. پر اُن جي اُبتڙ ڪي ماڻهو پنهنجي گفتگوءَ ۾ جيڪڏهن ڪا اهڙي ٻولي ڳالهائيندا آهن. جنهن ۾ ڪي لفظ فقرا، گفتا ۽ ڪلما، بازاري تهذيب ۽ بازاري طريقي وارا هوندا آهن. اهڙي ٻوليءَ کي ٻڌي، ٻڌندڙ يا سامهونءَ وارا ماڻهو اُن ڳالهائيندڙ جي اهڙي انداز يا اهڙي ٻوليءَ کي، بازاري ٻولي يا اُگهاڙي ٻولي يا مُهاڙڪي ماحول واري ٻولي سڏيندا آهن.

3 (الف): سنڌ جي عالمن، اديبن ۽ شاعرن جي سرواڻ ۽ سدا حيات شاعر، شاهہ عبداللطيف ڀٽائيءَ، پنهنجي ڪلام ۾ اهڙي علامتي ٻولي يا ٻوليءَ جو اهڙو انداز بہ ڪم آندو آهي، جو سندس ڪلام پڙهندڙ يا ٻڌندڙ هر ماڻهو بلڪل ائين چوڻ لڳندو آهي تہ سنڌي سونهن واري سلوڻي ٻولي آهي. اهڙيءَ سونهن ۽ سلوڻائيءَ لاءِ شاهہ لطيف جي حوالي سان، هڪ حوالو ڏنو ويندو آهي. جيڪو آءٌ هت ورجائڻ چاهيان ٿو. چون ٿا تہ فارسي زبان جي ڪنهن شاعر جو محبوب، هڪ ڏينهن، سندس (اُن شاعر) پرسان اچي لنگهيو پر اُن (شاعر جي محبوب)، پنهنجي چاهيندڙ سان، بي رخيءَ وارو رَوَيو اختيار ڪندي، نہ ڪيس سلام ڪيو ۽ نہ ئي وري پنهنجي عاشق کي ڪيڪاريائين. شاعر کي، سندس محبوب جي اهڙي رويي تي ڏاڍو ڏک ٿيو ۽ پنهنجي هڪ سفير ذريعي، محبوب کي شڪايتي پيغام موڪليائين. جنهن ۾ چيائين تہ:

دي گذشتي از برما، بي سلام و بي عليڪ

يعني ڪالهہ تون (شاعر جو محبوب)، منهنجي پرسان اچي لنگهين، پر تو نہ مون کي ڪو سلام ڪيو ۽ نہ ئي وري ڪيڪار ـ ڀليڪار ڪيئي، پر سنڌ جو سدا حيات شاعر، لطيف سائين، پنهنجي محبوب جي اهڙي ساڳئي ئي رَوَيي تي، ساڻس (پنهنجي محبوب سان) ڪا بہ شڪايت ڪا نہ ڪئي، البت فرمايائين تہ:

مٺايان منو گهڻو ڪڙو ناهي ڪلام،
سڪوت ئي سلام، پريان سنڌي پار جو.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

لطيف سائين، پنهنجي پرينءَ جي خاموشيءَ سان، سندس پر سان لنگهي وڃڻ کي بہ سلام ڪرڻ جي برابر ٿو سمجهي، لطيف سائينءَ جو اهو پيغام، سنڌي سماج جي اعليٰ قدرن جي نمائندگي ٿو ڪري، جنهن مان اها خبر ٿي پوي تہ سنڌ جا ماڻهو صبر وارا، ساپيان طبيعت وارا ۽ خاموش طبيعت وارا هوندا آهن.

4_هر ڪا ٻولي، پنهنجي قوم جي تهذيب، تمدن ۽ ثقافت جي ترجمان هوندي آهي، جنهن جا هونئن تہ ايترا مثال ملن ٿا، جو اُنهن مثالن کي گڏ ڪرڻ سان، هڪ جامع ڪتاب تيار ڪري سگهبو، پر هن مقالي ۾ نموني طور ڪي ٿورا مثال پيش ڪجن ٿا، جن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻولي، هڪ مهذب قوم جي، وڏي ادب ۽ احترام واري، اعليٰ سماجي قدرن ۽ علامتن، اشارن ۽ اُهڃاڻن واري ٻولي آهي، جنهن جا ڪي نمونا هيٺ پيش ڪجن ٿا:

(الف) سنڌ ۾ جڏهن ڪنهن بزرگ يا عمر رسيده ماڻهوءَ جا ڏند ڪري پوندا آهن يا ڀڄي پوندا آهن تہ اهڙيءَ حالت ۾، اُن ماڻهوءَ لاءِ سنڌي سماج جي اعليٰ قدرن جي لحاظ کان، عام طور ائين ڪو نہ چوندا آهن تہ: 'فلاڻي ماڻهوءَ جا ڏند ڪِري پيا آهن'، يا 'فلاڻي ماڻهوءَ جا ڏند ڀڄي پيا آهن'، پر ڳالهائيندڙ اُن بزرگ جي ادب ۽ احترام جو خيال رکندي، علامتي ٻوليءَ ۾ چوندا تہ:

(i) هِن جا اَڇا جواهر ۽ موتي ڇڻي پيا آهن.

(ii) يا چوندا تہ: اوهان جا اڇا جواهر ۽ موتي ڇڻي پيا آهن.

(ب) جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ جو موت واقع ٿيندو يا ڪو ماڻهو مري ويندو آهي تہ اُن لاءِ علامتي ٻوليءَ ۾ چوندا آهن تہ:

(i) فلاڻي اکيون پوريون آهن.

(ii) يا چوندا تہ:

فلاڻي جون اکيون پورجي ويون.

(iii) يا چوندا تہ:

فلاڻو هي جهان ڇڏي ويو.

(iv) يا چوندا تہ:

فلاڻو الله کي پيارو ٿي ويو.

(v) يا چوندا تہ:

فلاڻو راهہ رباني وٺي ويو.

(vi) يا چوندا تہ:

فلاڻو جنت واسي/سرڳ واسي ٿي ويو.

(vii) يا چوندا تہ:

فلاڻو پرلوڪ پڌاري ويو.

(viii) اهڙيءَ طرح ڪنهن پير، فقير، ولي ۽ سجاده نشين جي مري وڃڻ لاءِ چوندا تہ:



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

فلاڻو پيالو پي ويو.
يا چوندا ته:
فلاڻي درويش پيالو پيتو.

(ت) اهڙيءَ طرح ڪنهن گذاري ويل مسلمان توڙي هندو درويش، بزرگ، سنت، ساڌو ودوان، عالم يا فاضل جي وفات ڪرڻ کان پوءِ، جيڪي جملا يا ڪلما ڪم آڻبا آهن، اُهي هن طرح آهن:

(i) مرحوم فلاڻو يا فلاڻو
(ii) مرهيات فلاڻو يا فلاڻو
iii) يا چوندا ته:
فلاڻي کي الله مرهي
(iv) ڪنهن فوت ٿي ويل هندو درويش ۽ سنت وغيره لاءِ چوندا ته:

- سرڳواسي فلاڻو يا فلاڻو
- آنجهاني فلاڻو يا فلاڻو
- مرهيات فلاڻو يا فلاڻو

(ث) جڏهن ڪو ماڻهو پنهنجي سماج ۾ ڪنهن تڪبر، هٺ يا وڏائيءَ جي ڪري، پنهنجن وڏن جو احترام ڪرڻ ڇڏي ڏيندو آهي، يا غريب ڀائرن ۽ عزيزن کي عزت جي نگاهه سان نه ڏسندو آهي، ته اهڙيءَ حالت ۾ چوندا آهن ته:

(i) فلاڻي، دولت/طاقت جي نشي ۾ اچي پنهنجون اکيون پوري ڇڏيون آهن.
(ii) 'اکيون پورڻ' يا اکيون پورجي وڃڻ وارو اصطلاح ڪنهن جي 'مري وڃڻ' يا 'مرڻ' لاءِ به ڪم آڻيندا آهن. مثال طور ڪنهن ماڻهوءَ جي مري وڃڻ تي چوندا آهن ته:

- فلاڻي اکيون پوري ڇڏيون.
- يا چوندا ته:

فلاڻي جون اکيون پورجي ويون.

5 (الف): سنڌ ۾ پيرائٽين گادين وارن شهرن ۽ وسندين ۾، گادين جي سجاده نشينن جي ديرن، آستانن ۽ حويلين ۾، سجاده نشين توڙي اُنهن جو اولاد، مريد ۽ خادم، جيڪا ٻولي ڪم آڻيندا آهن، اُها ٻولي، اعليٰ سماجي قدرن، ادب ۽ احترام سان ڀريل لفظن، فقرن ۽ گفتن واري هوندي آهي. اُها ٻولي، عام ۽ روزمره جي سماج ۾ استعمال ٿيندڙ ٻوليءَ کان بلڪل مختلف هوندي آهي. اُن سلسلي ۾ فقط هالا شهر ۾ قائم 'هالا حويلي' (مخدوم هائوس) ۾ ڪم ايندڙ ٻوليءَ جا ڪي مثال پيش ڪجن ٿا:

(i) هالا شهر ۾، حضرت مخدوم نوح سرور رح جي درگاهه جي سجاده نشين يا انهن جي اولاد لاءِ، مخدوم هائوس جي احاطي اندر جيڪا ٻولي ڳالهائي ويندي آهي، اُن جا به ٿي مثال پيش ڪجن ٿا. حالانڪ منهنجي نظر ۾، 'هالا حويلي' خود 'هڪ ادارو' (Institution) آهي، جنهن ۾ ڪم ايندڙ ٻولي، هالا



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

حويليءَ جي تهذيب ۽ تمدن، اُن حويليءَ جي رهڻي ڪهڻي ۽ اُٿڻي ويهڻي وغيره تي جيڪڏهن تحقيق ڪجي تہ اُن تحقيق سان، سنڌي ٻولي ۽ ثقافت جو هڪ وڏو دستاويز تيار ڪري سگهبو.

(ب) هالا حويليءَ ۾ ڪم ايندڙ سنڌي ٻولي، هڪ ڌار محاوري جي حيثيت رکي ٿي. انهيءَ محاوري جا لفظ فقرا، اصطلاح، چوڻيون ۽ پهاڪا، سنڌي ٻوليءَ جي هڪ وڏي خزاني جي حيثيت رکن ٿا، مثال طور:

(i) مخدوم صاحبن (سجاده نشين) جي، ڪنهن محفل، يا ڪچهريءَ مان اُٿي وڃڻ يا رواني تي وڃڻ کان پوءِ، عام ٻوليءَ ۾ جيڪر چئجي:

- مخدوم صاحب هليو ويو
- يا اجا بہ وڌيڪ احترام وچان چئبو تہ:
- مخدوم صاحب جن هليا ويا آهن

يا چئبو تہ مخدوم صاحب هاڻي اُٿي ويو آهي/ هاڻ روانو ٿي ويو آهي، پر هالا حويليءَ جي محاوري ۾ مٿي ڏنل جملا هيٺين ڳالهايا ويندا آهن:

- قبليٰ سائينين (سائينءَ جن) هاڻ ٿي اُسريا آهن.

(ii) جيڪڏهن مخدوم صاحب جن، پنهنجيءَ بيٺڪ گاهہ تي موجود ڪو نہ هوندا آهن، تہ اهڙيءَ حالت ۾ هالا حويليءَ جي محاوري موجب نوڪر خادم، يا خود سندن اولاد چوندو تہ:

- قبليٰ سائينين (سائينءَ جن) خير ڪا آهن.

(iii) خود مخدوم صاحب (سائين طالب المولیٰ جن)، پنهنجي انداز ۽ گفتگوءَ ۾، جيڪو محاورو ڪم آڻيندا هئا، اُهو بہ عام استعمال وارن جملن کان بلڪل نرالو هوندو هو. مثال طور سندن سامهون ويٺل ماڻهو جيڪڏهن اُنهن مان ڪو ماڻهو ڪٿي شاعر هوندو تہ اُن کي، سندس (يعني شاعر جي) ڪلام پڙهڻ لاءِ چوندا هئا تہ:

هاڻ پنهنجو ڪلام پڙهجي/ٻڌائجي.

يا چوندا هئا تہ:

هاڻ مشاعري ۾ شريڪ ٿجي ۽ پنهنجو ڪلام پڙهجي.

6ـ روزانہ گهرو جيوت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سُونهن، اُن کان بہ وڌيڪ دلچسپ آهي. گهريلو زندگيءَ ۾ علامتي، اشارن واري ٻولي يا ڳجهي ٻوليءَ جا تہ بيشمار مثال ملن ٿا. نموني طور ڪجهہ مثال پيش ڪجن ٿا:

(الف) سنڌي گهرن ۾ جڏهن ڪنهن بالغ زائفان کي ماهواريءَ جا ڏينهن ايندا آهن يا اُن جي ماهواريءَ جا ڏينهن جاري هوندا تہ اهڙيءَ حالت ۾ ڳجهيءَ يا اُهجاڻن واري ٻوليءَ ۾ سندس گهر ۾ يا سندس ڪنهن سهيليءَ کي، يا سندس گهر ۾ ٻيون زائفائون، اُن عورت لاءِ چونديون آهن:

(i) ڪپڙا آيا اٿس.

(ii) فلاڻيءَ کي ڪپڙا آيا آهن.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ب) اهڙيءَ طرح، ڪنهن زائفان جي ڳورهاري ٿيڻ يا اُن جي ڳورهاري هجڻ واريءَ حالت ۾ اُن زائفان جي گهر واريون ٻيون زائفائون يا سندس جيڏيون سرتيون چونديون آهن:

(i) پير ڳرو ٿي پيو اٿس.

يا چونديون آهن تہ:

(ii) فلاڻيءَ جو پير ڳرو ٿي پيو آهي.

يا چونديون آهن:

(i) چوري ڪئي اٿس

(ii) ساريو اٿس.

(iii) فلاڻي ڳورهاري آهي.

7 (الف) سنڌي سماج ۾ جانورن ۽ پکين جي جنسي ميلاپ جي بيان ڪرڻ لاءِ بہ ماڻهو اگهاڙي ٻولي ڪم ڪو نہ آڻين، پر اُن لاءِ بہ ڳجهي، ڍڪيل يا اُهيڃاڻن واري ٻولي ڪم آڻين. مثال طور:

(i) ٻڪريءَ لاءِ چوندا آهن:

ٻڪري ٻوڪجي وئي آهي.

(ii) مينهن يا ڳئون لاءِ چوندا آهن:

مينهن/ڳئون سينڌارجي وئي آهي.

(iii) ڪتي ۽ ڪُتيءَ لاءِ چوندا آهن:

ڪتي ۽ ڪتيءَ لڳ ڪيو آهي.

اهڙيءَ طرح پکين جي هم جنسيءَ واري عمل لاءِ بہ 'لڳ' لفظ ڪم آڻيندا آهن.

(ب) سماجيات جا ماهر ڄاڻن ٿا تہ هر جانور يا پکي پکڻ ۽ جيت جڻي جي 'لڳ' جي موسم ٿيندي آهي، سواءِ انسان ذات جي، جنهن جي لاءِ عام طور چوندا آهن تہ: 'ماڻهوءَ جي 'لڳ' جي ڪا هڪ موسم ڪا نہ ٿيندي آهي.

عام طور ڏٺو ويو آهي تہ جڏهن چوپائي مال جي 'لڳ' جي موسم ٿيندي آهي، يعني ٻڪري، ڳئون يا مينهن جي لڳ جي موسم ٿيندي آهي، تڏهن سجاڻ ياڳيا، اُنهن لاءِ اُگهاڙي ٻولي ڪم آڻڻ جي بدران، اُهيڃاڻن واري ٻولي ڪم آڻيندا آهن. مثال طور مينهن جي حالت ۾ چوندا تہ:

(i) ڳُجر/پتاريءَ (يا ڪنهن ٻئي لقب سان چوندا) ساريو آهي.

8 (الف): سنڌي سماج ۾ ڪنهن مادي جانور، مينهن، ڳئون، ٻڪريءَ يا رڍ جا "ٿڻ" لفظ ڪم آڻين، پر مهذب محاوري ۾ ڪنهن زائفان جي انهيءَ عضوي لاءِ ڪو بہ اگهاڙو لفظ ڪم نہ آڻبو آهي ۽ اُن کي عيب سمجهيو ويندو آهي. اُگهاڙي لفظ ڪم آڻيندڙ کي، سڀني جي نظر سان ڏٺو نہ ويندو آهي. اهڙي اُگهاڙي ٻولي، منڇر، ڪينجهر ۽ ماڇر جي خطن ۾ رهندڙ ڪي ذاتيون، جهڙوڪ: ميد مهاڻا، شڪاري، ڍيڍ، ڏاگهوري ۽ ٻالا وغيره جاتيون ڪم آڻينديون آهن. مهذب سنڌي سماج ۾ جسم جي انهيءَ حصي لاءِ 'اُره' (ڪنواري ڇوڪريءَ لاءِ)، 'سينو' يا 'ڇاتي' لفظ ڪم آڻبا آهن.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ب) جڏهن ڪا بہ شادي شده زائفان، پنهنجي ٻار ڪي ’ٿڃ‘ ڏارائيندي آهي، تڏهن اُن زائفان جي اُن عمل لاءِ بہ اُگهاڙي ٻولي يعني ’ٻُبو پيارڻ‘ جهڙو اصطلاح، مهذب سماج ۾ ڪم آڻڻ عيب آهي، پر اُن جي بدران چوندا آهن:

(i) فلاڻي، پنهنجي ٻار کي ٿڃ پيئي ڏارائي/پياري.

(ت) ڪنهن انسان ۽ جانور جي ڪن عضون لاءِ بہ ڍڪيل ۽ اُهڃاڻن واري مهذب ٻولي ڪم آڻيندا آهن، مثال طور:

(i) ڇيلي جا ڪپور يا فقرو عام طور گهرن ۾ بہ ڪم آڻبو آهي.

9۔ سنڌي سماج جي مهذب ماحول ۾، ڪنهن کي پٽ ’پاراتو‘ ڏيڻ لاءِ بہ، سنڌي ٻوليءَ ۾ هڪ خاص محاورو ڪم آڻبو آهي. اهڙي ٻوليءَ ۾، سونهن ۽ حُسناڪي گهٽي نمايان هوندي آهي. اهڙي ٻوليءَ ۾ ’پِٽَ‘ جي بدران، دعا شامل هوندي آهي، مثال طور:

(الف) ڪنهن بہ ماڻهوءَ کي، ’ٻيڙيءَ ٻڏا‘ يا ’خانو خراب ٿيئي‘ يا ’تنهنجو خانو خراب ٿئي‘ جهڙن فقرن سان مخاطب ٿيڻ جي بدران چوندا آهن:

(i) ٻيڙيءَ ترِيا

(ii) ٻيڙي ترنئي

(iii) خانو آباد ٿِيَئي

يا چوندا:

(i) ٻيڙي تريس

(ii) خانو آباد ٿئيس

(iii) گهرت مسيت ٿينَئي

(iv) اَڇو مٺو ٿينئي/اَڇو مٺو ٿئيس

(ب) دوستي ۽ پنهنجائپ ۾ يا ڪنهن سان حجت ۾، ڪنهن غير معقول ڪم يا حرڪت ڪرڻ تي، اُن ماڻهوءَ کي چوندا آهن:

(i) ٻيڙيءَ ترِيا، اهو ڪم ڪيئن ڪيُئي؟

(ii) گهر مست ٿينَئي، هي ڇا ڪيُئي؟

10 (الف)۔ ڪنهن عورت ۽ مرد جي ذاتي ڪردار لاءِ بہ اُگهاڙي ٻولي يا بازاري ٻولي، هرگز ڪم ڪو نہ آڻين، پر اهڙيءَ حالت ۾ بہ اهڙيءَ عورت يا مرد لاءِ ڍڪيل ۽ اشارن واري ٻولي ڪم آڻين، مثال طور چوندا تہ:

(i) فلاڻي، فلاڻي سان ٺهيل آهي.

(ii) فلاڻو فلاڻيءَ سان ٺهيل آهي.

(iii) فلاڻي، فلاڻي سان قتل آهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(iv) فلاڻو فلاڻيءَ سان قتل آهي.

(v) فلاڻي، فلاڻي وٽ ويٺل آهي.

(vi) فلاڻي، فلاڻيءَ کي ويهاريو آهي.

(vii) فلاڻي، فلاڻي ويهاري آهي.

(viii) فلاڻي، فلاڻي جي سَهندي آهي.

(ix) فلاڻي، فلاڻي جي سُريت آهي.

(ب) اهڙي ئي اخلاق واريءَ صورت لاءِ چوندا آهن:

(i) فلاڻي، ٻاهر ڦيري آهي

(ii) فلاڻي، چيلهه لوڏي هلي ٿي

(iii) فلاڻي عادتن کوٽي آهي

(iv) فلاڻي، اڳٽ ڍري آهي

(ت) ڪنهن بلڪل واهيات عورت لاءِ چوندا آهن:

(i) فلاڻي ليڪو لنگهيل آهي.

(ii) فلاڻي، ليڪو لنگهي وَئي آهي.

(ث) ڪنهن بدچال مرد لاءِ ڍڪيل ٻولي، هن طرح ڪم آڻيندا آهن:

(i) فلاڻو مٿي اُگهاڙو آهي.

(ii) فلاڻو بدنظر آهي.

(iii) فلاڻو لوٺيو آهي.

(ج) جيڪڏهن ڪنهن مرد ماڻهوءَ ۾ زنانيون خصلتون هونديون ته اهڙيءَ ماڻهوءَ لاءِ چوندا آهن.

(i) فلاڻو ماديءَ مُنهن آهي.

(ii) فلاڻي کي ٿاٻي جي نوڪر آهي.

11ـ (الف) سنڌي سماج جي روزانه اُٿڻي ويهڻيءَ ۾ به اشارن واري ٻولي ڪم آڻيندا آهن. مثال طور، ٻهراڙيءَ ۾ ڪنهن ماڻهوءَ کي ’ڪاڪوس‘ ڪرڻ جو خيال ٿيندو ته هو چوندو ته:

(i) جهنگ جو خيال ٿيو اٿم.

(ii) جيڪڏهن هو ڪاڪوس ڪرڻ لاءِ ويو هوندو ته اُن لاءِ چوندا ته:

- فلاڻو جهنگ کي ويو آهي.

(iii) يا چوندا ته:

- فلاڻو ضروري حاجت پوري ڪرڻ ويو آهي.

12 (الف) سنڌ ۾ عام طور ماڻٽ، ڪن ٻارن تي، اسلام جي آخري نبي صلي الله عليہ وسلم جو نالو يعني ’محمد‘ نالو رکندا آهن. اهڙيءَ طرح ٻين نبين، امامن سڳورن يا ولين جا نالا به رکندا آهن. پر سنڌي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سماج ۾ خاص ڪري ٻهراڙين ۾ جيڪڏهن ڪنهن ٻار جو نالو ’محمد‘ هوندو تہ پاڻ سڳورن حضرت محمد مصطفيٰ صلي الله عليہ وسلم جي نالي جي احترام خاطر اُن ماڻهوءَ کي سڏيندا:

(i) نالي مٺو

(ii) نالي چڱو

13 (الف) سنڌي سماج ۾ ڪنهن بہ نابين ماڻهوءَ کي ’نابين‘ يا ’انڌو‘ ڪو نہ سڏين، پر اُن لاءِ چون:

(i) اکين سڄو

(ii) حافظ

(ب) ساڳيءَ طرح، سنڌي سماج ۾ ڪنهن بہ وڏي عمر واري بزرگ کي، ’مڙهو‘، ’ٻڍو‘ يا ’مرڻو‘ سڏڻ، اخلاق جي خلاف سمجهيو ويندو آهي، پر اهڙي ماڻهوءَ کي چون:

(i) پيرسن

(ii) وار اڇا ٿي ويا اٿس

يا چوندا آهن:

ڏاڙهي چٽي ٿي وَئي اٿس.

(ت) ڪنهن هٺيلي، مغرور يا تڪبر ڪندڙ ماڻهوءَ لاءِ بہ سنڌي سماج ۾ سونهن واري ٻوليءَ ڪم آڻين، ۽ چوندا آهن:

(i) پيٽ ڀرجي ويو اٿس

(ii) ڪنڌ ۾ ڪلي لڳي وَئي اٿس

14 (الف) جيڪڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي قبضي ٿي ويئي هوندي ۽ باديءَ جو مريض ٿي ويو هوندو ۽ ’ٽتيون‘ ڏيڻ لڳندو آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ اُن ماڻهوءَ لاءِ چوندا آهن:

(i) واءُ ٿو ڪيئي

(ii) هوا پيو ڪيئي

(ب)’جڏهن ڪنهن ماڻهوءَ کي جُلاب ٿي پوندا آهن تہ اهڙي ماڻهوءَ لاءِ چوندا آهن تہ:

(i) پيٽ ٿو اچيس

(ت) روزاني زندگيءَ ۾ ڪن ضروري ڪمن يا حاجتن لاءِ بہ اشارن واري ٻوليءَ ڪم آڻبي آهي، جيئن:

| | |
|---|---|
| (i) ٽوري يا ڪاڪوس لاءِ چون: | ضروري حاجت/جهنگ |
| (ii) پيشاب لاءِ چون: | ناڙا ڇوڙ/شينَ |
| (iii) ٻهراڙيءَ جي گهرن ۾ عورتن لاءِ ٺاهيل ڪاڪوس خاني کي چون: | پٽي |
| (iv) عورتون جي ڪاڪوس ڪرڻ کي چون: | ٿسو ڪرڻ |
| (v) مردي کي غسل ڏيڻ لاءِ چون: | تڙ ڏيڻ |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | |
|---|---|
| (vi) جيئري ماڻهوءَ جي وهنجڻ لاءِ چوڻ: | تڙ ڪرڻ |
| (vii) ڪنهن عمر رسيده ماڻهوءَ جي ڏاڙهيءَ لاءِ چوڻ: | سُونهاري |
| (viii) ڏاڙهي ڪوڙڻ يا ڪوڙائڻ لاءِ چوڻ: | سنوارت ڪرڻ/ ڪرائڻ/لهرائڻ |
| (ix) ڊگهين ۽ پريل مُڇين لاءِ چوڻ: | شَهپَرَ |
| (x) اُهو ماڻهو جنهن جي نظر لڳي ويندي آهي، اُن کي چوڻ: | ڪارَ ڇپو |

15 (الف) سنڌي سماج جي روزانہ اُٿڻي ويهڻيءَ ۾ بہ حسن بيانيءَ جو خيال رکيو ويندو آهي. مثال طور: (i) جيڪڏهن ڪنهن گهر ۾ ڪو ننڍڙو ٻار 'نِڇَ' (يعني ڇِڪَ) ڏيندو آهي تہ اُن ٻار جون وڏڙيون، ماءُ يا پيڻ چونديون تہ:

• ڇُٽا پٽ

(ii) اهڙيءَ طرح جيڪڏهن ڪو ٻار هلندي يا ڊوڙندي، ٿاٻو کائيندو آهي يا ڪري پوندو آهي تہ اهڙيءَ حالت ۾ اُهي وڏڙيون فوراً چونديون:

• بسم الله

اسماعيلي ذڪر رکندڙ زائفائون، ٻار جي اهڙيءَ طرح ڪرڻ يا ٿاٻي کائڻ کي هڪدم چونديون:

• يا علي!

16_ سنڌي سماج ۾ ڀرمن، سنسن ۽ وسوسن ۾ بہ گهڻو وشواس رکيو ويندو آهي. ڪن سنڌي گهرن جون زائفائون، سج لٿي کان پوءِ يعني 'نما شام' (شام واريءَ نماز) کان پوءِ، ڪن شين، جِيوَن ۽ جانورن وغيره جا اصلوڪا نالا ڪو نہ وٺن، پر اُنهن جي اصلي نالن جي بدران، بدليل نالا وٺن، جيئن:

| | |
|---|---|
| (i) ڪُئي کي سڏين | ٺُڪُر يا گهر ڏٽي |
| (ii) ميت کي سڏين | اَڇو |
| (iii) لُوڻ کي چون | مِٺو |
| (iv) سُئيءَ کي چون | نَڪ ڦاٽي |

اهڙيءَ طرح سُونهن واريءَ ٻولي تي وڌي تحقيق جي ضرورت آهي. هن مقالي ۾ تہ صرف ڪي مثال نموني طور ڏنا ويا آهن.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# سنڌي ٻوليءَ جو تاريخي ۽ فني جائزو

1. (الف) انسان ذات جي رهڻي ڪهڻي، اُٿڻي ويهڻي ۽ روزمره جي زندگيءَ جو سڀ کان وڏو رڪارڊ هر دور ۾ ٻولي ئي رهي آهي. جيئن جيئن ڪنهن قوم جي رهڻي ڪهڻي ۽ سماجي قدرن ۾ فرق ايندو ويندو آهي، تيئن تيئن اُن ترقيءَ ۽ تبديليءَ جو اثر، اُن قوم جي ٻوليءَ تي پڻ ٿيندو رهندو آهي. اُن ۾ تبديلي ۽ ترقي ايندي رهندي آهي. دنيا جو اهو دستور، هر دور ۾ جاري رهيو آهي ۽ تا قيامت جاري رهندو ايندو. (الانا، غلام علي، 1987ع: 244)

(ب) هر ڪا ٻولي، اُن قوم جي زندگي، ثقافت ۽ رهڻي ڪهڻيءَ جو آئينو هوندي آهي. هر ٻوليءَ جي تاريخ ۾، اُن قوم جي زندگيءَ جي تاريخ سمايل هوندي آهي. انهيءَ وصف جي روشنيءَ ۾ جڏهن سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس ڪجي ٿو، تڏهن هيئن چوڻو ٿو پوي ته سنڌي ٻولي به هڪ سماجي قوت، علم ۽ عقل جو اٿاهه مهاساگر، لغت، معنيٰ، علم ادب، سوچ ۽ اظهار جو هڪ گنج آهي.

2 - سنڌي ٻوليءَ جي قدامت، اُن جي پهچ ۽ پکيڙ:

(الف) (i) ننڍي کنڊ جي لسانيات جي وڏي ماهر، سرگريئرسن، پنهنجي جڳ مشهور تحقيق Linguistic Servey of India جي جلد ائين جي حصي پهرئين (1919ع ۾ ڇپايو ويو هو) ۾ چيو آهي ته:

"سنڌي ٻولي، هند- آريائي ٻولين جي 'ٻاهرئين گروپ' (Outer Branch) جي اُتر-اولهه واري گروهه جي شاخ آهي."


جڏهن ته ويجهڙائيءَ ۾ ٿيل تحقيق موجب، سنڌي ٻولي، سنڌو ماٿر ۾ ڪٿان ٻاهران آيل ڪنهن قوم يا قومن جي ٻوليءَ جي شاخ نه آهي، پر هيءَ ٻولي، سنڌو- ماٿر جي قديم سنڌو تهذيب ۾ رائج، قديم، اصلوڪي ۽ مقامي 'سنڌو ٻولي' آهي، جيڪا اڳئي هلي، تاريخ جي ڌار ڌار دورن ۾، ڌار ڌار ٻولين ۾ ورهائجي وئي، اُهي ٻوليون آهن: سنڌو (سنڌي)، لهندي، داردي، براهوي، قديم دراوڙي، ڪشميري، راجستان جي قديم ٻولي اپڀرنش، ڪڇي، گجرات جي قديم ٻولي ناگر اپڀرنش، هرياڻا ۾ بانگڙو ٻاگڙي، گجرات ۾ ڀيلي موجوده پنجاب جي اڳوڻين رياستن جي ٻولين ۾ ورهائجي وئي.

(ii) سنڌي ٻولي، سنڌو ماٿري جي قديم ترين ۽ غير- آريائي ٻولي آهي، هن قديم ٻوليءَ جون قديم سرحدون، قديم زماني ۾، موجوده سنڌو ماٿر جي ڏکڻ ۾، عربي سمنڊ جي ٻابا پٽ ۽ منهوڙي وارن ٻيٽن تائين، اوڀر ۽ ڏکڻ- اوڀر ۾ موجوده راجستان رياست جي اڳوڻين رياستن: جيسلمير، جوڌپور، مارواڙ ميواڙ ۽ اُڏيپور تائين ۽ ڏکڻ اوڀر ۾ ڪڇ، گجرات رياست جي خانديش کان سواءِ سورت ۽ کنيات بندرن تائين، ڏکڻ- اوڀر ۾ ڪاٺياواڙ جي رياستن کان سواءِ اُتر- اوڀر ۾ ڀارت جي موجوده رياستن، هرياڻا ۽ هماچل پرديش جي حدن تائين پکڙيل هئي. اهڙيءَ طرح اُتر- اولهه ۾ داردستان جي وڏي علائقي کان سواءِ، اوڀر



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ايران جي صوبن خوزستان (موجوده نورستان)، سيستان ۽ ڪرمان صوبي جي لاڙ واري خطي، ايران جي بلوچستان جي جدگال خطي ۾ بہ پکڙيل هئي. انهيءَ سڄي علائقي يعني سنڌو ماٿر ۾ جيڪا ٻولي رائج هئي، اُن کي علم اللسان جي ماهرن 'سنڌو زبان' نالو ڏنو آهي، ۽ جنهن جنهن خطي جو ذڪر ڪيو ويو آهي، اُن خطي ۾ اُن قديم سنڌو ٻوليءَ جي شاخ ڳالهائي ويندي هئي، ۽ اڄ پڻ انهن خطن ۾ اُنهن شاخن جي باقيات جا مثال موجود آهن. اُنهن شاخن جو نقشو هيٺ ڏجي ٿو.




انهن شاخن جو وڌيڪ ذڪر 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' (ٻيو ڇاپو) ۾ ڪيو ويو آهي.

(ب) انهن سيني ٻولين جي صوتياتي، صرفي ۽ نحوي خصوصيتن جي ڀيٽ ڪرڻ سان اهو واضح ٿئي ٿو تہ قديم سنڌو ٻوليءَ جون اهي سڀ شاخون، صوتياتي، صرفي ۽ نحوي لحاظ کان هڪ ٻئي سان تمام گهڻي هڪجهڙائي رکن ٿيون پوءِ اها ڀيٽ، سنڌي ۽ راجستاني ٻولين جي جيسلميري، ميواڙي ۽ مارواڙيءَ جي وچ ۾ ڪئي وڃي يا اِها ڀيٽ، گجرات رياست جي گجراتيءَ يا خانديشي ٻوليءَ سان ڪئي وڃي، يا اِها ڀيٽ، هرياڻا رياست جي هڙوتي، بانگڙو يا باگڙي ٻولين جي وچ ۾ ڪئي وڃي. اهڙيءَ طرح ڪشميري ۽ داردي ٻولين ۽ سنڌي ٻوليءَ جي وچ ۾ بہ ڪافي هڪجهڙائي نظر ايندي آهي. اهڙي هڪجهڙائي سرائڪي، پنجابي، هندڪو اعواڻڪي، شاهہ پوري، پوٺوهاري، ڏني، ملتاني ۽ ميانواليءَ جي ٻوليءَ جي وچ ۾ بہ نظر ايندي آهي.

هن دليل جي آڌار تي، سنڌي لسانيات جي شاگردن جي اڪثريت، ڊاڪٽر ٽرومپ ۽ سر گريئرسن جي هن دعويٰ کي قبول نٿي ڪري تہ 'سنڌي ٻولي، سنسڪرت مان ڦٽي نڪتي آهي'، بلڪ سنڌي لسانيات جي ماهرن هيءَ دعويٰ ڪئي آهي تہ:

> "پراڪرت ٻوليون، سنسڪرت جون بگڙيل صورتون نہ پر اُن جي اُبتڙ سنسڪرت تہ پاڻ، اُتر- اولهہ واريءَ پراڪرت ٻوليءَ جي هڪ لهجي، 'اُديچيہ' جي هڪ شاخ جو سڌاريل ۽ سنواريل روپ آهي. لهاذا سنسڪرت جي حيثيت، ننڍي کنڊ جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي 'ماتر- ڀاشا' (mother-tongue) واري هرگز ڪانهي، پر سنسڪرت تہ پاڻ، پراڪرت جي ٻين لهجن وانگر، هڪ لهجي جهڙي رهي آهي، جيڪو (لهجو) ننڍي کنڊ جي اُتر- اولهہ واري 'تنؤل خطي' ۾ ڳالهايو ويندو هو." (Chatterji, S.K, 1942:164 & 165)



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ت) ماهرن جي اڪثريت جي اها بہ راءِ آهي تہ سنڌو ماٿر جي تهذيب، ڪٿان ٻاهران آيل ڪنهن قوم/قومن جي تهذيب ڪانهي، پر سنڌو ماٿر جي اها تهذيب ۽ اهو تمدن توڙي ثقافت ۽ ٻولي، هن سر زمين جي اصلوڪي ۽ مقامي تهذيب ۽ ٻولي آهي. هن سلسلي ۾ آثار قديمہ جي ماهرن مان سر جان مارشل، سر مارٽمر وهيلر، ڊاڪٽر هنٽر، ڊاڪٽر هريماٿ، ڊاڪٽر محمد رفيق مغل، ڊاڪٽر پرپولا، ڊاڪٽر فيئر سروس، ڊاڪٽر پديا، ڊاڪٽر مهر عبدالحق، ڊاڪٽر ڊيلس، ڊاڪٽر پرسي گدوائيءَ ۽ ڊاڪٽر مارڪ ڪنائر جون رپورٽون ڇپجي ظاهر ٿيون آهن، انهن ماهرن مان ڪن جي راءِ هيٺ پيش ڪجي ٿي. ڊاڪٽر مهر عبدالحق پنهنجيءَ راءِ ۾ لکيو آهي تہ:

(i) "اها راءِ تہ سنڌو۔ ماٿر جي تهذيب ۽ تمدن، ڪٿان ٻاهران آيل ماڻهو پاڻ سان کڻي آيا هئا يا سنڌو تهذيب، ڪٿان ٻاهران لڏي آيل ماڻهن جي تهذيب ۽ تمدن تي آڌار رکي ٿي، اها هڪ پراڻي سوچ ۽ هڪ پراڻو نظريو آهي. انهيءَ سوچ تي هاڻي نظرثاني ڪرڻ جي ضرورت آهي، ڇاڪاڻ تہ ويجهڙائيءَ ۾ ٿيل تحقيق کان پوءِ جيڪي نوان نظريا ۽ نيون سوچون سامهون آيون آهن، اُهي انهيءَ پراڻي سوچ ۽ پراڻيءَ راءِ تي حاوي بڻجي چڪيون آهن. نئين تحقيق ۽ نئين سوچ، نون نظرين کي جنم ڏنو آهي. انهن نون نظرين موجب، 7000 ق۔م ڌاري، سنڌو۔ ماٿر جي مقامي تهذيب ۽ مقامي تمدن جي نشونما ٿي هئي، ۽ آبڪلاڻيءَ ذريعي زرعي آباديءَ واري طريقي جي ابتدا ٿي هئي." (Mahar, Abdul Haq, Dr. 1991:68)

(ii) پاڪستان جي آرڪيالاجي کاتي جي ٻئي وڏي ماهر، ڊاڪٽر محمد رفيق مغل، 5 مئي، 1996ع تي، ڪراچيءَ جي روزانہ اخبار 'ڊان' ۾ پنهنجي انٽرويوءَ ۾ سنڌو تهذيب جي باري ۾ فرمايو تہ:

"وثوق وارن ثبوتن ۽ دليلن سان مون انهيءَ نظريي کي رد ڪيو آهي تہ سنڌو تهذيب ڪا ڪٿان ٻاهران يعني ميسو پوٽيميا يا ايران کان، هن علائقي ۾ آيل آهي. مون پنهنجيءَ تحقيق ذريعي ثابت ڪيو آهي تہ سنڌو۔ ماٿر جي تهذيب، ڏيهي يعني مقامي (indigenous) تهذيب آهي، جنهن جون پاڙون، سنڌو تهذيب ۾ ئي کتل آهن ۽ جيڪا سنڌو ماٿر مان ئي اُڀري، اُسري، وڌي ۽ ويجهي آهي، ۽ سنڌو۔ماٿر مان ئي پروان چڙهي آهي. هن تهذيب جو خاتمو بہ هن ئي واديءَ ۾ ٿيو هو." (Rafique Ahmed Mughal, Dr. 1996)

(iii) ساڳيءَ طرح وسڪانسن يونيورسٽيءَ جي ائنٿراپالاجي شعبي جي پروفيسر، ڊاڪٽر جي. مارڪ ڪنائر (Dr. J. Mark Kenoyer) ڪراچيءَ ۾ 1979ع ۾ Ancient cities of Indus valley جي موضوع تي ڪوٺايل هڪ سيمنار ۾ پنهنجي پيپر ۾ فرمايو تہ:



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

"اهو سمجهڻ غلط آهي تہ سنڌو تهذيب ۾ اُن جي شهرن کي ڪو ٻاهران آيل ماڻهن يا قومن اڇي تعمير ڪيو هو پر دراصل هڙپا شهر واري حصي کي، هتي جي مقامي يعني ڏيهي ماڻهن، 3300 ق-م کان 2600 ق-م ڏاري آباد ڪيو هو ۽ اهڙو ڪو بہ ثبوت نٿو ملي تہ هن علائقي ۾ ڪا ٻاهرين/ ڌارين قوم اچي قيام پذير/آباد ٿي هئي." (Kenoyer Mark,, J. 1977)

انهن اهڙن ٻين حوالن مان اهو ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌو تهذيب ڪا ٻاهران آيل تهذيب ڪانهي، پر اها تهذيب هن سرزمين جي مقامي تهذيب آهي، لهاذا واديءَ سنڌ جي تهذيب جي قديم ٻولي 'سنڌو' (سنڌوٽي) بہ سنڌو- ماٿر ۾ آرين جي اچڻ کان صديون اڳ رائج هئي، جيڪا هن واديءَ جي مقامي ۽ قديم ٻولي هئي، جنهن جون پاڙون سنڌو-ماٿر جي مقامي تهذيب ۾ ئي کتل آهن. ۽ موجوده سنڌي ٻولي بہ انهيءَ قديم 'سنڌو ٻوليءَ' جي هڪ شاخ آهي. جيئن اڳ ۾ بہ چيو ويو آهي، ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ 'سنڌو ٻولي'، آريائي خاندان جي ڪنهن بہ ٻوليءَ جي شاخ نہ آهي، پر هيءَ ٻولي تہ سنڌو ماٿر ۾ آرين جي اچڻ کان بہ ڪيئي زمانا اڳ، سنڌو ماٿر ۾ رائج هئي. يعني تہ هن ٻوليءَ جون پاڙون، سنڌو تهذيب جي پاتال ۾ اڳي ئي کتل هيون. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ سنڌو ٻولي، سنڌو- ماٿر جي تهذيب جي اصلوڪن رهاڪن يعني 'سنڌو لوڪن' جي 'سنڌو ٻولي' آهي، جنهن تي پوءِ پراڪرت، پالي، سنسڪرت، فارسي، عربي ۽ ٻين ٻولين جو گهڻو اثر پيو.

(iv) سنڌو تهذيب جي ماهرن جو اهو بہ خيال آهي تہ سنڌو تهذيب جي قديم سنڌي ٻولي مئي ڪانهي، پر اُها ٻولي اڄ بہ، هن واديءَ ۾ اُن زماني کان وٺي، موجوده زماني تائين، پنهنجو تسلسل قائم رکندي آئي آهي. انهيءَ دعويٰ لاءِ آثار قديمہ ۽ علم الانسان جي ماهرن جا رايا مثال طور پيش ڪري سگهجن ٿا.

ماهرن ائين بہ چيو آهي تہ سنڌو تهذيب جي 'سنڌو لوڪن' نہ صرف پنهنجيءَ تهذيب ۽ تمدن کي جاري رکيو آهي، پر ساڳئي وقت هنن پنهنجي تهذيب ۽ پنهنجي روزمره جي وهنوار ۾ ڪم ايندڙ 'سنڌو ٻوليءَ' کي بہ رائج رکيو هوندو. سنڌو ٻولي ۽ سنڌو تهذيب جو اهو تسلسل هر دور ۾ ۽ هر زماني ۾ قائم رهندو آيو آهي ۽ هن وقت بہ اُن قديم ٻوليءَ جي لغوي ۽ وياڪرڻي باقيات، 'ديسي لفظن' جي لغوي خزاني کان سواءِ ٻوليءَ جي صوتي، صرفي ۽ نحوي سٽاءَ جي صورت ۾ قائم رهندي آئي آهي، جن جو تفصيلي مطالعو 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ۽ انگريزي ڪتاب Original growth of Sindhi Language ۾ پيش ڪيو ويو آهي.

(v) وڏي خوشيءَ جي ڳالهہ هي بہ آهي تہ 1994ع ۾ جڳ مشهور سنڌ شناس، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ جي تحقيقي جرنل 'سنڌي ٻولي' اپريل-مئي-جون 1994ع ۾ ڇپيل پنهنجي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مقالي ۾ اهو ثابت ڪرڻ جي ڪوشش ڪئي آهي تہ سنڌو- ماٿر جي قديم زبان جا ڪافي تعداد ۾ لفظ اڄا تائين سنڌي ٻوليءَ جي وڏي لغوي ذخيري طور سنڌ ۾ ماڻهن جي روزاني زندگيءَ جي وهنوار ۾ استعمال ٿي رهيا آهن. ڊاڪٽر صاحب پنهنجي مذڪوره مقالي بعنوان 'سنڌو تهذيب جي سنڌو لکت جي پاڄ' ۾ موجوده ٻوليءَ جي قديم ۽ مقامي تهذيب واري ٻولي هجڻ جي دعوي ڪئي آهي. ڊاڪٽر صاحب لکيو آهي تہ:

"هن سلسلي ۾ 'ٽيون پانيو' هيءَ تجويز ڪري سگهجي ٿو تہ 'سنڌو-لکت' کي پڙهڻ لاءِ اُن جي ڪتبن ۽ پاڳن ۾ خود سنڌي ٻوليءَ جي لفظن ۽ فقرن جي مطابقت تلاش ڪجي. اهڙي 'پانيي' تي اعتراض ٿي سگهي ٿو تہ سنڌي هن دور جي رائج ٻولي آهي، جنهن جو قديم سنڌو تهذيب واريءَ ٻولي سان لاڳاپو تصور ڪري نٿو سگهجي، پر اهو ساڳيو اعتراض دراوڙيءَ تي بہ ٿي سگهي ٿو ڇاڪاڻ تہ اهي دراوڙي لفظ جيڪي هن وقت ڳالهائجن ٿا، جن جي معنيٰ هن وقت معلوم آهي، سي 'قديم سنڌي ٻوليءَ جي لکت' ۾ ڪيئن ٿا سمايل ٿي سگهن؟ جيڪڏهن ڪي قديم دراوڙي الفاظ 'سنڌو لکت' واري ٻوليءَ جا بچيل آثار آهن تہ موجوده سنڌيءَ ۾ رائج ڪي قديم الفاظ پڻ قديم سنڌو تهذيب واريءَ ٻوليءَ جا بچيل آثار ٿي سگهن ٿا. سنڌي ٻوليءَ جي تاريخي تجزئي مان اهو ثابت ٿي چڪو آهي تہ اهڙا عام توڙي خاص نالا جيڪي هن وقت رائج آهن، سي ڪم از ڪم پوڻا ٽيرهن سئو سال اڳ بہ رائج هئا، جو اهي اٺين صديءَ عيسويءَ جي رڪارڊ (جيڪو ڪتاب فتح نامي ۾ محفوظ آهي) ۾ لکيل صورت ۾ موجود آهن. جيتوڻيڪ اهي اڃا بہ ڪي صديون اڳ جا تسليم ڪري سگهجن ٿا. (نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، 1994ع 5)

انهيءَ تفصيلي وضاحت کان پوءِ، ڊاڪٽر بلوچ صاحب، سنڌي لغات مان ڪي اهڙا لفظ چونڊي دليل طور پيش ڪيا آهن، جن کي پاڻ 'ديسي' ۽ سنڌو تهذيب جا لفظ ٿو سڏي، ڊاڪٽر صاحب لکي ٿو تہ:

"سنڌي لغات مان اهڙا لفظ چونڊي جدا ڪريون، جن جا اشتقاق فارسي، عربي، پالي ۽ سنسڪرت يا تاريخي دور واري ٻيءَ ڪنهن معلوم ٻوليءَ مان ثابت نہ هجن، البت جيڪڏهن اُنهن جي اصل بابت قديم ٻولين، دراوڙي، پروٽو- ويدڪ، مُنڊا، سميري يا بابليءَ جو گمان هجي تہ في الحال پيل تہ تجزياتي لسٽ ۾ شامل هجن." (نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، 1994ع: 5 ۽ 6)

ڊاڪٽر صاحب انهيءَ قديم ۽ مقامي ٻوليءَ جا، سنڌي لغات مان ڪي لفظ چونڊي، نموني طور ڏنا آهن، جيڪي سندس راءِ موجب قديم سنڌو تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ جي باقيات آهن، جن کي ماهرن 'ديسي لفظ' سڏيو آهي. انهن مان ڪي لفظ هي آهن:



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

| | | |
|---|---|---|
| <u>عزازت ۽ سماج ۾ رائج</u> | <u>جمر ۽ جسم جا ڀاڱا</u> | <u>رهائش گاهہ، گهر گهرو سامان ۽ بستي</u> |
| ادو ادا، ميان، ميون، گهوٽ ۽ نهو | ڏُڪي، سُٿا، ڄَرَ، تنجڻ، ٺُونٺ، ڏؤنرو ۽ ڪُڙي | وانڍ، لوڙهو ڍنگر، ڪڙهہ، ٻُنيو ڪڙي، گهڙو ۽ رَڄُ |
| <u>کيتي ٻاڙي</u> | <u>جانور ۽ مال</u> | <u>پاڻي، مڇي ۽ مڇيءَ وارا</u> |
| اُرلو هُرلو ڪڙ گپ | ڏاند، ڍڳو رڍ، گهيٽو ڀهون، ڏاچي، رمڙ ۽ ڏڻ | ڍنڍ، ڪُرڙو ڄرڪو گوڄَ، ميد، مهاڻُ، گهاتو |
| <u>رڌ پچاءُ ۽ کاڌو</u> | <u>واءُ ۽ مينهن</u> | <u>زمين ۽ جبل</u> |
| ماني، ڍڳ تانڊو | ڳڙو ڳڙا، ڪنوڻ | پوٺو کرڙو ڏونگر |
| <u>معدنيات</u> | <u>وزن ۽ تور</u> | <u>ڳاڻيٽي جا عدد</u> |
| ٻاٽ، ڪُٽ | ڪانو مڻ | برک، ٻہ |

ڊاڪٽر بلوچ صاحب، پنهنجيءَ هن اهم ۽ نئين راءِ کي هنن لفظن سان ختم ڪيو آهي:

”مٿيان ٿورا لفظ چونڊيا ويا آهن، پر آڳاٽي وقت جا اهڙا گهڻائي لفظ هن وقت بہ سنڌيءَ ۾ رائج آهن. اهي غور طلب آهن ڇاڪاڻ جو تي سگهي ٿو تہ انهن مان گهڻا سنڌو لکت واريءَ قديم ٻوليءَ جا هجن.“ (نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، 1994ع 6)“

ڊاڪٽر صاحب هاڻ هن راءِ جو آهي تہ:

”سنڌيءَ جو خمير، سنڌ جي سر زمين ۾ تيار ٿيو اُن جو بڻ بڻياد اُن جو پنهنجو موروثي سرمايو آهي.“ (نبي بخش خان، بلوچ، ڊاڪٽر، 1994ع: 6)

2- ڇا سنڌي ٻوليءَ پنهنجي موجوده صورت، ڏهين صدي عيسويءَ ۾ ورتي هئي؟

(الف) (i) ڪن ماهرن جي نظر ۾ هي نُڪتو بہ بحث هيٺ رهيو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ پنهنجي موجوده صورت ڏهين صدي عيسويءَ ۾، يعني سومرن جي حڪومت جي پهرئين دور (1010ع-1026ع) جي شروع ٿيڻ کان اڳ ورتي هئي، جڏهن تہ ڊاڪٽر بلوچ صاحب جي مٿي ذڪر ڪيل تفصيلي بيان کان پوءِ، سنڌي ٻوليءَ جي ابتدا واري نڪتي لاءِ هي بحث ختم ٿيل سمجهڻ گهرجي، پر جڏهن پروفيسر ڀيرومل، مرزا قليچ بيگ ۽ ڊاڪٽر گربخشاڻيءَ جهڙا، سنڌي ٻوليءَ جا عالم بہ اها راءِ رکندا هئا تہ سنڌي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ٻوليءَ سنسڪرت جي شاخ آهي تہ پوءِ هن راءِ تي بحث ضرور ٿيڻ گهرجي. پروفيسر پيرو مل لکي ٿو تہ:

"سنڌي، هندي ۽ ٻيون ڏيهي آريہ ٻوليون، سن 1100ع ڌاري، سومرن جي صاحبيءَ ۾ پراڪرت مان ڦٽي، ڌار ٿيون هونديون." (پيرومل آڏواڻي، 1956:72)

پر ڊاڪٽر جيٽلي جو رايو آهي تہ سنڌي ٻوليءَ هڪ هزار عيسويءَ ڌاري موجوده صورت ورتي هوندي.

(ii) 'سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد' ڪتاب جي ٻئي ڇاپي ۾ اهو تفصيل سان بحث ڪري ثابت ڪيو ويو آهي تہ اها دعويٰ صحيح ڪانهي تہ سنڌي زبان هڪ هزار عيسويءَ ڌاري موجوده صورت ۾ آئي هوندي. مذڪوره ڪتاب ۾ ائين پڻ چيو ويو آهي تہ سنڌو-ماٿر جي مقامي قديم زبان 'سنڌوءَ' جي ذڪڻ، اوبر ۽ اوير واري شاخ يعني لهجي کي، مقامي طرح 'اپڀرنش' ۽ 'ناگر اپڀرنش' جي نالن سان سڏيو ويندو هو جيڪي نہ فقط اُنهن خطن ۾ روزمره واريون ٻوليون هيون، پر اُهي علمي ۽ ادبي ٻولين جي حيثيت پڻ حاصل ڪري ڪيون هيون.

(iii) ڀارت جي لسانيات جي مشهور سنڌي ماهر، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻيءَ جي راءِ موجب، موجوده سنڌي ٻوليءَ جا اُهڃاڻ ۽ مثال 300 ق.م ڌاري ملن ٿا. ڊاڪٽر خوبچنداڻي لکي ٿو تہ:

"ايراني ٻوليءَ ۾ لکيل آڳاٽن ۽ اوائلي اصولن ۾ سنڌ جو ذڪر مهاڀارت جي سورمن کان بہ اڳ ملي ٿو. شري جيرامداس دولترام انهن ايراني تاريخن ۽ مجمعة التاريخ توڙي ٻين تاريخن جي حوالي سان لکي ٿو تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ لکيل حوالا 300 ق.م ڌاري ملن ٿا، جيڪي اُن زماني ۾ 'سپر' (Sapar) حاڪم جي دربار جي هڪ وزير لکيا هئا. اُن کان سواءِ ڏهين صدي عيسويءَ ۾ ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجيءَ عربي ڪتابن جي حوالي سان ڪن سنڌي نالن (اسم خاص) جي صوتياتي شاعر جي ڇنڊڇاڻ ڪئي آهي." (khubchandani, Lachman, 1959L 529)

ڊاڪٽر خوبچنداڻي اڳتي لکي ٿو:

"موجوده وقت ۾ سنڌي ٻوليءَ جو پراڻي ۾ پراڻو رڪارڊ موجود ڪونهي. البت 'ڀرتشي' جي ڪتاب 'ناٽيہ شاستر'، جيڪو هن ٻين صدي عيسويءَ ۾ لکيو هو اُن ڪتاب ۾ 'سنڌو- سئووير ديش' جي ماڻهن جي معاشري ۾ رائج ٻوليءَ جو ذڪر ڪيو ويو آهي، ۽ اُن جا حوالا پڻ ڏنا اٿس. اهڙيءَ طرح هن 'اُڏيوتن' (Udhyotana) (سنڌو-سؤويرديش کي هن سئنڌ وَس (Saindhvasa) ۽ سئنڌ وَس جي رهاڪن کي هن اُڏيوتن (Udhyoyana) نالو ڏنو آهي) جو ذڪر ڪيو آهي. پنهنجو ڪتاب، ڪُوَلَيَمالا (Kvalayamala) جيڪو هن 779ع ۾ لکيو هو، ان ۾ هن ديش ڀاشائن مان 'سئنڌوَس جي ڀاشا کي خاص اهميت ڏني آهي." (Lachman Khubchandani, Dr, 1959:529)

(ب) موجوده سنڌي ٻولي ۽ اُن جي رسم الخط جي باري ۾ موهن جي دڙي، برهمڻ آباد ۽ ڀنڀور جي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

قديم آثارن جي دفينن مان پڻ وڏو مواد هٿ آيو آهي، جنهن جي مطالعي مان بہ هن موضوع جي باري ۾ وڏي مدد ملي آهي.

اُن سلسلي ۾، ڀنڀور ۽ برهمڻ آباد (المنصوره) جي قديم آثارن جي کوٽائيءَ مان هٿ آيل اهم ٺڪريون، جن تي اُن زماني ۾ رائج ٻوليءَ جي ٻن ڏار ڏار رسم الخطن ۾ لکت، سنڌي ٻوليءَ جي قدامت جي سلسلي ۾ مثبت رڪارڊ آهي. انهن ٻنهي لکتن مان هڪ تہ اهو ثابت ٿو ٿئي تہ موجوده سنڌي ٻولي، سنڌ ۾ عربن جي حڪومت جي قيام (712-AD/93 AH) کان بہ گهڻو اڳ نہ فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر ڌار ڌار مقصدن لاءِ ڌار ڌار لپين ۾ لکي بہ ويندي هئي. محقق البيرونيءَ (سنڌ ۾ قيام 1017ع_1031ع)، پنهنجي آمد واري زماني ۾، برهمڻ آباد (المنصوره) ۾ رائج رسم الخط جو نالو 'سئنڌوَ رسم الخط' ڄاڻايو آهي (Saehan, Dr., 1910:513). انهن ٻنهي قديم آثارن مان هڪ هٿ آيل ٺڪرين تي لکيل لفظن ۽ انهن جي ٻوليءَ تي 'سنڌي صورتخطي' ڪتاب جي چوٿين ڇاپي ۾، صفحي 30 کان 32 تائين تفصيل سان لکيو ويو آهي.

انهن دليلن جي آڌار تي اهو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي، سنڌ ۾ عربن جي حڪومت شروع ٿيڻ (712-AD/93 AH) کان بہ ڪيئي زمانا اڳ، نہ فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر وڻج واپار جي لکت لاءِ پڻ ڪم ايندي هئي. اُن زماني ۾ بہ سنڌي ٻولي، ڪيترن ئي رسم الخطن ۾ لکي ويندي هئي. اُنهن رسم الخطن جا نالا، البيرونيءَ کان سواءِ، عرب سياحن پڻ ڏنا آهن. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ سنڌي ٻولي، سنڌ ۾ عربن جي فتح (712-AD/93 AH) کان گهڻو اڳ، اُن وقت واپاري ڏي_ وٺ، روزاني وهنوار، گفتگو ۽ ادب جو وسيلو هئي. اُن وقت بہ سنڌي ٻوليءَ ۾ وڻج واپار واريءَ لکت کان سواءِ، پسارڪي وکرن، شين، دوائن، ڪپڙي جي نالن ۽ ڪاروبار لاءِ وڏو ذريعو هئي. (الانا، غلام علي ڊاڪٽر، 1993ع: 29_37 ۽ 50_58)

(ت) علم ادب جي تاريخ جي حوالي سان، ڊاڪٽر محمد حسن جو ڪتاب، '*ہندی ادب کی تاریخ*' ۾ جين ڌرم جي پنڊت، 'هيمچندر' جي ڪتاب، 'سدهہ هيمچندر' مان هٿ ڪيل 'وير گاٿا' (جنهن جي ٻولي هُوبهو سنڌي ٻوليءَ جهڙي آهي) نقل ڪئي آهي. اهڙيءَ طرح ڀارت جي لسانيات جي ٻئي وڏي عالم، ڊاڪٽر سينتي ڪمار چٽرجي بہ پنهنجي مشهور ڪتاب 'Indo- Aryan and Hindi' ۾ اوائلي دور جا آڳاٽا دوها ڏنا آهن. اُنهن جي ٻولي بہ سنڌي ٻوليءَ جهڙي آهي. ساڳيءَ طرح شايد هيمچندر جي ڪتاب مان، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، 'شرنگار رس' واري صنف جا جيڪي دوها، پنهنجي مهاڳ ۾ ڏنا هئا. انهن جي ٻولي بہ سنڌي ٻوليءَ جهڙي آهي. اهي دوها اهو ثابت ٿا ڪن تہ سنڌي ٻولي ٻي صدي عيسويءَ کان پنجين صدي عيسويءَ ۾ ادبي صنفن، جهڙوڪ: دوها، سورٺا، شلوڪ ۽ سوتر جي گهاڙيٽن ۾ 'گاٿا' ۽ 'شرنگار رس' جهڙين ادبي صنفن ۾ معياري بڻجي چڪي هئي. ڊاڪٽر محمد حسن، پنهنجي ڪتاب ۾ لکي ٿو تہ:

"اُن وقت جا شاعر ۽ سگهڙ راجائن ۽ سردارن جا درٻاري هئا. تنهن ڪري اُن وقت جي شاعريءَ ۾ 'رجز' ۽ 'ساراهہ' يا 'واکاڻ' جي جهلڪ نظر اچي ٿي." (محمد حسن_ ڊاڪٽر، 1955ع:16 ۽ 17)



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ٻر جنهن گاٿا جو مثال، ڊاڪٽر محمد حسن ۽ ڊاڪٽر چٽرجي، ٻنهنجن ڪتابن ۾ ڏنو آهي، اُن گاٿا جي ٻولي، هُوبهو سنڌي ٻوليءَ جهڙي آهي. مثال طور:

ڀلا هئا جه ماريو ٻيڻ، مهارو ڪنت،
لجينج تو ويڻ سين، جڙ ڀگا گهر انت

(Chatterji, SK. Dr, 1942L 64 & 65)

هن گاٿا جي شاعراڻي گهاڙيٽي ۽ ٻوليءَ جو جڏهن جائزو ونجي ٿو تڏهن معلوم ٿو ٿئي تہ هن گاٿا جو گهاڙيٽو دوهي صنف وارو آهي ۽ ان ۾ ڪم آندل ٻولي، هُوبهو سنڌي ٻوليءَ جي اوڀر ۽ ڏکڻ- اوڀر واري ڍاٽڪي لهجي جهڙي آهي. شايد، سنڌي ٻوليءَ جي انهيءَ قديم لهجي کي اُن زماني ۾ 'اپڀرنش' چوندا هئا، جيڪو دراصل سنڌو-ماٿر جي قديم ٻولي سنڌوءَ جو اُپرنديون لهجو هو جنهن کي راجستان ۾ بہ ساڳئي نالي سان سڏيو ويندو هو.

انهيءَ گاٿا (ڳاهہ) جي ٻوليءَ ۾ ڪم آندل لفظن ۾ معمولي صوتي تبديلين کان سواءِ، اڄ بہ سنڌ جي ڏکڻ- اوڀر ۽ اوڀر طرف، ٿر ۽ پارڪر وارن خطن ۾ اهي لفظ ائين ئي اُچاريا ويندا آهن. اڄ بہ 'مهارو' ۽ 'ڪنت' لفظن سميت ٻيا مڙيئي لفظ سنڌي ٻوليءَ جي انهن لهجن، خاص ڪري ڍاٽڪي ۽ پارڪري لهجن ۾ استعمال ٿيندا آهن.

ڊاڪٽر سنيتي ڪمار چٽرجيءَ کي، هيمچندرجي ڪتاب مان ٻيا بہ چار دوها هٿ آيا هئا، جن کي هُو 'الهندي اپڀرنش ٻولي' ڪوٺي ٿو ۽ لکي ٿو تہ:

"الهندي اپڀرنش ٻوليءَ ۾ چيل ڪوتائن جا ڪي نمونا هٿ آيا آهن، جيڪي جين ڌرم جي ودوان، هيمچندر رڪارڊ ڪيا هئا. هيمچندر، 1088ع کان 1172ع ڌاري گجرات ۾ رهندو هو. هيمچندر طرفان ڏنل مثالن مان ثابت ٿو ٿئي تہ اُن وقت اُن خطي ۾ عام طور ڪهڙي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي، جنهن پوءِ هندستانيءَ جي صورت ورتي هئي" (Chatterji, S.K. Dr, 1942L 169)

ڊاڪٽر چٽرجي، هيمچندر جي ڪتاب مان جيڪي مثال ڪنيا آهن، اُهي هيٺ هُوبهو ڏجن ٿا، اُنهن جو گهاڙيٽو 'دوها' صنف وارو آهي ۽ اُنهن دوهن جي ٻوليءَ جي ڀيٽ ڪرڻ سان اهو چئي سگهجي ٿو تہ انهن دوهن ۾ ڪم آندل ٻولي، سنڌي ٻوليءَ جي مشرقي لهجي واري آهي، مثال طور:

| ڊاڪٽر چٽرجيءَ جي پڙهڻي | سنڌي پڙهڻي |
|---|---|
| (i) جيوُ ڪَس نا ٻِلَ هائو ڏن ٻڻ ڪَس نا اِٿُ | جيوُ ڪَس نہ ٻلو هوءِ ڏن ٻڻ ڪس نہ اِٿُ |
| دوٽي وِي آوسَري نِوڙياِئين، تڻ سون گٽي وِست | ڏوٽي ئي اوسري نهوڙيائين، تن سون ڳٽي وِستِ |
| (ii) جٽي ناسو آوَئي دوئي گهر ڪا آهو مُہ تُجهہ | جي نہ سو آوَئي توءِ گهر ڪو آهِ مُہ تُجهہ |
| واڻ چو ڪنڊئي تتو ساهيئي، سو ٻيو هوئي نامجهہ | واڻ جو ڪنڊئي تو سائين، سو ٻيو هوءِ نہ مُجهہ |
| (iii) آمهي ٿووا، رِءِ ٻهُئا، ڪائِرا آيون ٻٽنتي | آمهي ٿورا رياڪار ٻهُئا، ڪانئر، ايئن ٻٽنت |



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مُڏي نهالي گاٿ، آُلو ڪَئي جن جوتا ڪرنتي
مُنڌي نهاري گهاٿ آلوُ ڪَئي ڇٽا مڪر ڪرنت

(iv) پُٽي جائي ڳَوَڻ گن، آوڳڻ ڳوڻ مٺيٺا
پُٽ ڄائي ڪهڙو گڻ، اَوَگڻ ڪهڙو مرڻ

جا باپ ڪي ڀومهڙي جمپي جائي آوري نا
جي باپ ڪي ڀومڙي جمپيجائي اَورن.

ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي پڻ اهو قبول ڪيو آهي تہ 'ناگر اپڀرنش'، 'ادبي اپڀرنش' هئي. ڊاڪٽر جيٽلي، ناگر اپڀرنش ۾ ڀيل ٻن ڪوتائن جا مثال ڏيئي، 'ناگر اپڀرنش' جي سنڌي ٻوليءَ سان هڪجهڙائي ثابت ڪرڻ جي ڪوشش بہ ڪئي آهي. ڊاڪٽر جيٽلي بہ اهي ٻئي دوها هيمچندر (ٻارهين صدي عيسوي) جي ڪتاب مان ئي کنيا آهن، جيڪي دراصل 'شرنگار رس' صنف ۾ چيپل دوها آهن. اهي ٻئي دوها هيٺ، مثال طور ڏجن ٿا.

| ناگر اپڀرنش ۾ چيل دوها | سنڌيءَ ۾ چيل (ڊاڪٽر جيٽلي جي پڙهڻي) دوها |
|---|---|
| (a) ڍولا ساملا ڌڻ چمپا۔ وڻي | ڍولو سانولو ڌڻ چمپا ورڻي |
| نائي سُوَڻ۔ ريھ ڪَسَوَ ٽئي ڍٽي | ڄاڻ سونا۔ ريھ ڪَسَوَٽيا ڏني |
| (b) مائي توهُون واريا، ماڪُرُ ڊيها ماڻو | ڍولا مون تو واريو مَ ڪر ڊگهو ماڻ |
| ننڊئي گماهي راتري، ڏڙوڙهوئي | ننڊ گنوائي راتڙي، جهڻ پٽ هوءِ وهانءِ |

(Jetley, M.k.Dr. 1991:18)

شرنگاررس وارن انهن ٻنهي دوهن جي گهاڙيٽي ۽ ٻوليءَ جي مطالعي کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ اهي ٻئي دوها، اُن زماني واريءَ سنڌو۔ ماٿر جي قديم ٻوليءَ، سنڌوءَ جي اوڀر واري لهجي 'اپڀرنش' ۾ چيل آهن. مقامي طرح اُن لهجي کي 'اپڀرنش' سڏيندا هئا، جيئن اڳ ۾ چيو ويو آهي، پر ڊاڪٽر جيٽلي (ڊاڪٽر گنگارام گرگ جي ڪتاب جي مهاڳ ۾)، ان ٻوليءَ کي 'ناگر اپڀرنش' جي شاخ ٿو ڪوٺي. ڊاڪٽر جيٽلي لکي ٿو تہ:

"جيتري قدر 'وچ واري هند۔ آريائي' (Middle Indo-Azyan) ٻوليءَ جي حيثيت جو واسطو آهي. موجوده سنڌي، 'ناگر' يا 'شؤرسيني اپڀرنش' سان هڪجهڙائي ڏيکاري ٿي، جيڪا (شؤرسيني اپڀرنش)، هندستان جي اُن زماني ۾ ساهتيہ ٻولي هئي، جيڪو زمانو 'نئين هند۔ آريائي' ٻولين جي وجود کان اڳ هو. پر اسان وٽ لکت ۾ ڪو بہ رڪارڊ ڪونهي، جيڪو 'ناگر اپڀرنش' جي مدد ڪري" (Jettey, M.k.Dr., 1991)

البيرونيءَ جي تحقيق مان ثابت ٿو ٿئي تہ سنڌو۔ ماٿر ۾ اُن (البيرونيءَ) جي رهائش واري زماني 1017۔1031ع) ۾ سنڌي ٻولي معياري روزمره واري ۽ وڻج واپار کان سواءِ علم ادب جي ٻولي بہ هئي، جنهن کي اُن وقت تائين رائج صورت ورتي، گهٽ ۾ گهٽ پنج۔ ڇهہ سئو ورهيہ لڳا هوندا.

عرب سياحن جي رپورٽن، البيرونيءَ جي ڪتاب ۽ چچنامي ۾ سنڌي ٻوليءَ جي موجود لغوي ذخيري جي جائزي کان پوءِ، اهو چئي سگهجي ٿو تہ سنڌي ٻولي هڪ هزار عيسويءَ ۾ بہ پنهنجيءَ موجوده



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

صورت ۾ رائج هئي، جيڪا بتدريج بدلبي رهي آهي، جنهن جا آثار ۽ اهڃاڻ ڀنڀور ۽ برهمڻ آباد جي کوٽائيءَ مان بہ مليا آهن.

لهاذا سنڌي ٻولي ايامن کان وٺي قائم ۽ دائم رهندي آئي آهي، البت تاريخ سان گڏ، اُن جي لسانياتي، علمي، ادبي، لغوي تشڪيل ۾، هر دور ۾ تبديلي ايندي رهي آهي، جيئن 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' ڪتاب ۾ مثال ڏيئي بيان ڪيو ويو آهي.

3- غير ملڪي ماهرن جي طرفان سنڌي ٻوليءَ جي باري ۾ ڪيل تحقيق:

(الف) سنڌي ٻوليءَ جي عالمي مقام واريءَ حيثيت تي سوچي، مغربي ملڪن مان برطانيا، فرانس، جرمني، اٽليءَ، روس ۽ آمريڪا توڙي آفريڪا جي ملڪن مشرق ۽ ڏور مشرق جي ملڪن، جپان، آسٽريليا، ٿائليند، هانگ ڪانگ، ڪوريا، ملائيشيا، فلپائينس، بورنيو توڙي سريلنڪا ، جتي وڏي تعداد ۾ سنڌي قوم آباد آهي، اُنهن ملڪن ۾ سنڌي لسانيات، سنڌي ادب، سنڌ جي تاريخ، سنڌو تهذيب، سنڌ جي ڪلاسيڪي توڙي جديد شاعرن ۽ نثر نويسن جي ڪلام ۾ نثري ادب جي ڌار ڌار موضوعن جي باري ۾ اُتي جي محققن ۽ مترجمن ڪافي قدر ڪم ڪيو آهي، ۽ ڪٿي ڪٿي اڄ بہ ٿي رهيو آهي.

ماضي قريب ۾ مشهور برطانوي ماهر ڊاڪٽر لئمبرڪ، ڊاڪٽر سورلي، جرمن متشرقين، محققن ۽ مفڪرن ۾ ڊاڪٽر ائنميري شمل، گرڊ ليوپڪي، شاهہ لطيف، سچل سرمست ۽ سنڌي ادب جي تاريخ تي تعريف جوڳو تحقيقي ڪم ڪيو. اهڙيءَ طرح اٽليءَ جي مسٽر تربيائي سنڌي ٻوليءَ تي آرٽيڪل لکيا، روس جي ماهرن ۾ پروفيسر گئنڪوسڪي ۽ رايا ايگورايا، سنڌي ادب، سنڌي ٻولي ۽ سنڌ جي تاريخ تي وڏو ڪم ڪيو. مسٽر ليوپڪي جي لکڻ موجب، هو گذريل پنجيتاليهن سالن کان، سنڌي اديبن خاص ڪري سنڌي شاعريءَ تي تحقيقي ڪم ڪندو رهيو آهي. اهڙيءَ طرح آمريڪا جي مشهور هارورڊ يونيورسٽيءَ ۾ ڊاڪٽر علي آسائي، گهڻي وقت کان، سنڌي ادب تي تحقيقي مقالا لکندو رهيو آهي. جپان جو هڪ ماهر، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا وٺي ويو آهي. اهڙيءَ طرح سوڊان جي خرطوم شهر ۾ قائم عربي ٻوليءَ جي هڪ اداري ۾ سنڌي ٻوليءَ تي ڪم ٿيو آهي، پر ڇاڪاڻ تہ اسان وٽ اهڙي ڪا تفصيلي معلومات موجود ڪانهي، انهيءَ ڪري سنڌو تهذيب ۽ سنڌو لکت تي ٿيندڙ تحقيقي ڪم کان سواءِ، اسان جي ادارن وٽ هن سلسلي ۾ ڪا بہ معلومات موجود ڪانهي.

(ب) سنڌو تهذيب ۽ سنڌو لکت جي باري ۾ آمريڪا جي ماهرن، جهڙوڪ: ڊاڪٽر فيئر سروس، ڊاڪٽر ڊيلس، ڊاڪٽر لوئيس فليم ۽ ڊاڪٽر ڪناير کان سواءِ فنلئنڊ جي ڊاڪٽر آسڪو پرپولا، ڊاڪٽر سيو پرپولا ۽ روس، فرانس، اٽليءَ جي قديم آثارن جي ماهرن، سنڌ جي قديم آثارن، سنڌي انٿراپالاجي ۽ سنڌو لکت جي باري ۾ تعريف جوڳو تحقيقي ڪم ڪيو آهي. انهن جو ڪم هاڻ تہ سنڌي ٻوليءَ ۾ بہ موجود آهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

4- سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل:

(الف) هن مقالي ۾ شروع ۾ بيان ڪيل ڳالهين مان اهو ظاهر ٿو ٿئي تہ سنڌي ٻولي، هر دور ۾ 'ارتقا پذير' رهي آهي. اُن جو خاص سبب هيءُ بہ آهي تہ سنڌ ۽ ڀارت جي سنڌي اديبن ۽ شاعرن توڙي ٻاهرينءَ دنيا ۾ رهندڙ سنڌي ٻوليءَ جي گهڻگهرن، چاهي اُهي دنيا جي ڪهڙي بہ حصي ۾ آباد آهن، سنڌ، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جي حوالي سان هميشہ گهرو مطالعو پيش ڪيو آهي.

(ب) ٻين ٻولين وانگر، هر دور جي ماحول ۽ معاشري جي تبديليءَ جو اثر، سنڌي ٻوليءَ تي بہ ضرور ٿيندو رهيو آهي. سنڌ ۽ ڀارت ۾ رهندڙ سنڌي اديبن ۽ شاعرن، شعوري طور اُن جا حوالا پنهنجين لکڻين ۾ پيش ڏنا آهن. اُن سلسلي جي معلومات، وقت بوقت، سنڌي ادب جي نقادن ۽ ادب جي تاريخ لکندڙن، پنهنجن تنقيدي مضمونن ۾ پيش ڏني آهي، پر هن موضوع تي باقاعدگيءَ سان تحقيق ڪرڻ جي گهڻي ضرورت آهي.

(ت) مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ جيئن سنڌي ٻوليءَ جو ماضي هميشہ شاندار رهيو آهي، تيئن هن ٻوليءَ جو مستقبل بہ هر دور ۾ روشن نظر اچي رهيو آهي. سنڌي ٻوليءَ ۾ جيڪي ڪجهہ ماضيءَ ۾ حاصل ڪيو ويو آهي، يا حال ۾ ٿي رهيو آهي، ان جو جڏهن سنڌ جي سجاڻ سياستدانن، مفڪرن، نقادن ۽ مستقبل شناس فاضلن، جهڙوڪ: شهيد ذوالفقار علي ڀُٽي، شهيد محترمہ بينظير ڀٽو مرزا قليچ بيگ، علامہ آءِ آءِ قاضي، سائين جي ايم سيد، قاضي فيض محمد، پروفيسر ٻيرومل آڏواڻي، ڊاڪٽر هوتچند مولچند گربخشاڻي، علامہ ڊاڪٽر عمر بن محمد دائودپوٽي، حڪيم فتح محمد سيوهاڻي، ڊاڪٽر ايچ. ٽي سورلي، علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي، پير علي محمد شاهہ راشدي، سيد حسام الدين شاهہ راشدي، سيد غلام مصطفيٰ شاهہ، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، محمد ابراهيم جويو، شيخ اياز اُستاد بخاري، رسول بخش پليجو، نسيم احمد کرل، ڊاڪٽر عبدالڪريم سنديلو، سراج الحق ميمڻ، پروفيسر ڊاڪٽر اياز قادري، ڊاڪٽر تنوير عباسي، شمشير الحيدري، امداد حسيني، ڊاڪٽر ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر قاضي خادم، ڊاڪٽر فهميده حسين، آغا سليم، ڊاڪٽر نجم عباسي، ڊاڪٽر نور افروز خواجہ، ڊاڪٽر سحر امداد، قمر شهباز تاج جويو، انور پيرزادي ۽ مهتاب محبوب جي تجزين، تجويزن، تحريرن ۽ تنقيدن ڪي توجهہ سان پڙهڻ سان، سنڌن ادبي معلومات ۾ نئون رنگ ۽ نئون رس پرجي ويندو نوان موضوع ملندا ۽ نرالا عنوان نظر ايندا ۽ پنهنجن خواهہ پراون جون اکيون کلي پونديون (سيد حسام الدين شاهہ راشدي، 1981ع: 68).

(ت) (i) اگ ۾ چيو ويو آهي تہ سنڌي زبان جو مستقبل بہ ڪافي روشن آهي، سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل جي باري ۾، سيد حسام الدين شاهہ راشديءَ پڻ هنڌ فرمايو آهي:



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

”هن جدوجهد ۾ هلوتاٽيءَ جي زماني ۾ اُهائي قوم قائم رهي سگهندي، جيڪا ترقي يافته قومن سان، ڪُلهو ڪلهي ۾ ڏيئي هلڻ جي ڪوشش ڪندي، هن خطرناڪ ۽ عجيب دور ۾ اُها ئي قوم جيئري رهندي، ۽ اُهو ئي ماڻهو آبرومند مقام حاصل ڪري سگهندو، جيڪو زماني جي رفتار سان گڏوگڏ، پنهجي رفتار قائم رکندو ايندو.“ (سيد حسام الدين شاهه راشدي، 1981ع: 68).

(ii) حقيقت اها آهي ته اسان جي بزرگن، جن جن ڳالهين ۽ اهم لفظن طرف اسان کي خبردار ڪيو آهي، انهن تي فوراً ڌيان ڏيڻ جي ضرورت آهي. اهو ڏسڻو آهي ته واقعي، سنڌي ٻولي، مادري يا غير- مادري زبان طور پڙهائي ويندي آهي يا نه؟ سنڌي ٻوليءَ جي منظور ڪيل ائڪٽ موجب، سنڌي ٻولي، مادري زبان توڙي غير- مادري زبان طور پڙهائڻ لازمي آهي، ۽ انهيءَ فيصلي تي عملي قدم کڻڻ سان ئي سنڌي ٻولي ترقي ڪري سگهندي. ساڳئي وقت اها به نظر رکڻ گهرجي ته خانگي توڙي انگلش ميڊيم اسڪولن يا مشنري ۽ ڪميونٽيءَ جي بنياد تي نهيل اسڪولن ۾ سنڌي ٻولي، مادري زبان يا غير – مادري زبان طور پڙهائي ويندي آهي يا نه؟

(iii) ويهارو کن سال اڳ، سنڌ يونيورسٽيءَ ۾ مرحوم ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي صاحب جي ڪوششن سان قائم ٿيل ’سنڌ سائنس سوسائٽيءَ‘، سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ادب جي فروغ لاءِ تعريف جوڳو ڪم ڪيو هو. هن اداري، ’سائنس مخزن‘ ڪان سواءِ، سائنس جي مختلف موضوعن تي، سنڌي ٻوليءَ ۾ طبعزاد ۽ ترجمو ڪيل ڪتاب شايع ڪيا. هن اداري، سائنس جي لفظن تي مشتمل ’انگريزي – سنڌي لغت‘ پڻ شايع ڪئي جيڪا ڊاڪٽر ممتاز علي قاضي صاحب مرتب ڪئي هئي، پر ڪافي سالن تائين اهو ادارو ڪارڪنن جي پاڻ ۾ لڙائي ۽ پوءِ ڪن مصلحتن جي ور چڙهي ويو ۽ اهو ادارو نيٺ پنهنجو موت پاڻ مري ويو.

(iv) سيپٽمبر 1990ع ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي قائم ڪئي وئي. هن اداري جو باني چيئرمئن، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ هو. شروع کان وٺي هن اداري جي سامهون جيڪي مقصد هئا. انهن مان هڪ مقصد هو، سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل ادب جي باري ۾ ڪتاب لکائڻ ۽ انهن جي ڇپائڻ جو بندوبست ڪرڻ. پنهنجي قيام واري زماني کان وٺي، هن اداري، اِن ڏس ۾ ڪي مثبت قدم به کنيا. ۽ سائنسي ادب جي واڌاري لاءِ، 1998ع ۾ سائنسي ادب جو شعبو پڻ قائم ڪيو ويو. هن اداري پنهنجي ٽيهه ماهي تحقيقي جرنل، ’سنڌي ٻوليءَ‘ جي شماري 2، جلد چوٿين جي اپريل، مئي ۽ جون، 1994ع واري شماري ۾ ’سنڌيءَ ۾ سائنسي ڪتابن جي واڌاري لاءِ سڏ‘ جي عنوان هيٺ سائنسي ادب جي لکندڙن کي، سائنسي موضوعن تي لکڻ جي دعوت پڻ ڏني.

1999ع ۾ سائنسي ادب جي واڌاري لاءِ قائم ڪيل ’سائنسي ادب جي شعبي‘ کي مشورن ڏيڻ لاءِ، اٿارٽيءَ طرفان ’مشاورتي ڪميٽي‘ پڻ جوڙي وئي، جيڪا وقت بوقت، سنڌي ٻوليءَ ۾ سائنسي ادب جي گهرجن کي پورو ڪرڻ ۽ گهربل مواد جي لکرائڻ ۽ ڇپائڻ لاءِ، مشورا ڏيندي رهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ج) سنڌي ٻوليءَ کي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ٻولي بنائڻ:

(i) سنڌي ٻوليءَ کي فني ۽ ٽيڪنيڪي ٻولي بنائڻ جي سلسلي ۾ سنڌ يونيورسٽيءَ جي اداري، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان، سنڌي ٻوليءَ لاءِ 'المصطفيٰ ٽائيپ رائيٽر' ٺهرائڻ، 'سنڌي شارٽ هئنڊ' جي سکيا جا ڪتاب تيار ڪرائڻ ۽ شارٽ هئنڊ جي، سڄيءَ سنڌ ۾ سکيا ڏيڻ لاءِ مينيوئل تيار ڪرائڻ جو بندوبست ڪيو ويو. سنڌالاجيءَ طرفان کنيل اهي قدم، سنڌي ٻوليءَ جي اليڪٽرانڪ ميڊيا جي ٻولي بنائڻ لاءِ گويا هڪ قسم جي ابتدا ڪئي وئي هئي. اُن کان اڳ ريڊيو ۽ پاڪستان ٽي ويءَ تي سنڌي ٻوليءَ ۾ نشريات به هن ڏس ۾ اهم قدم هئا.

ڪمپيوٽر تي سنڌي ٻوليءَ کي، سائنسي ۽ فني طريقي سان آڻڻ وارين ڪوشش جي سلسلي ۾ محترم بدر هيسباڻي ۽ ماجد پرڳڙي، سنڌي ماڻهن جي مبارڪن جا مستحق آهن. اُن سلسلي ۾ ماجد پرڳڙي صاحب، مئڪنٽوش ڪمپنيءَ جي سهڪار سان، سنڌي ٻوليءَ لاءِ، عربي سسٽم جي ڪي بورڊ تي سنڌي فانٽ تيار ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون دفعو 'پرسنل ڪمپيوٽر' (P.C) مارڪيٽ ۾ آڻي، ڪمپيوٽر تي سنڌي ٻوليءَ جي استعمال طرف، سنڌ جي عام ماڻهن جو ڌيان ڇڪايو. جيتوڻيڪ اُن کان اڳ، سنڌي ادبي بورڊ، 1980ع واري ڏهاڪي ۾ 'ڪنياتا ڪمپني' جي معرفت، سنڌي ٻوليءَ جي ڪمپوزنگ واري عمل لاءِ، ڪمپيوٽر جون مشينون ٺهرايون هيون، پر هڪ ته اُنهن جي سسٽم ۾ وڏو فرق هو ۽ ٻيو ته اُنهن مشينن تي، سنڌي ڪمپوزنگ مهانگي پئي پئي هئي. انهيءَ ڪري هاڻ سڄو ڌيان مئڪنٽوش ڪمپنيءَ جي جوڙيل پرسنل ڪمپيوٽر طرف وڃي ويو.

(ii) اُن کان پوءِ، ڪيترن ئي ٻين سنڌي نوجوانن، هن سلسلي ۾ نون سنڌي فانٽن جي ٺاهڻ تي ڪم ڪيو. اُنهن ۾ سيد اياز شاهه IBM ڪمپنيءَ لاءِ، سنڌي ڪي بورڊ ۽ نوان سنڌي فانٽ ٺاهي، ڪن سنڌي اخبارن کي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي آڻڻ جي شروعات ڪئي. هاڻ ته سڀ سنڌي اخبارون، ڪمپيوٽر استعمال ٿيون ڪن. ٻين به ڪيترن ئي سنڌي نوجوانن، ڪمپيوٽر جي سکيا کان پوءِ، پنهنجا پنهنجا فانٽ تيار ڪيا. البت اُنهن ڏينهن تائين سنڌي ٻوليءَ لاءِ ڪو 'معياري ڪي بورڊ' يا ڪوڊ پليٽ تيار ٿي نه سگهي هئي، هر ماهر، پنهنجي ٺاهيل فانٽ کي، پنهنجي ڏنل نالي سان متعارف ڪرايو هو ۽ هن وقت تائين اهڙا ڪافي سنڌي فانٽ، مارڪيٽ ۾ متعارف ڪرايا ويا آهن.

(iii) هر سڄاڻ سنڌي ماڻهو ڄاڻي ٿو ته هي دور اليڪٽرانڪ ميڊيا جو دور آهي. هن دور ۾ سنڌي ٻوليءَ کي اليڪٽرانڪ ميڊيا تي آڻڻ لاءِ ڪن ماڻهن، خانگي ادارن ۽ اخبارن پنهنجو اهم ڪردار ادا ڪيو آهي، پر سرڪاري ادارن ۾ پهرين صرف سنڌي لئنگئيج اٿارٽي ئي آهي، جنهن هن سلسلي ۾ نه فقط شروعات ڪئي، پر اُن ۾ ڪافي ڪاميابي پڻ حاصل ڪئي. اٿارٽيءَ، پاڻ سان اڪثر اُنهن نوجوانن کي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

شامل ڪيو جن پنهنجي ليکي، انفرادي طور هن ڏس ۾ ڪوششون پئي ڪيون هيون. اُنهن نوجوانن ۾ محترم عبدالماجد ڀرڳڙي، سيد اياز شاهه، سيد دانيال شاهه، اعجاز علي جعفري ۽ سارنگ رام جا نالا وڏن ٿورن سان وٺي سگهجن ٿا.

اليڪٽرانڪ ميڊيا جي پروگرامن ۽ ڪمپيوٽنگ سسٽم جي تيارين واري زماني ۾ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ ۾ ’سنڌي انفرميٽڪس شعبو‘ قائم ڪيو ويو. هن شعبي، سنڌي ڪمپيوٽنگ سسٽم جي تياريءَ واري عرصي ۾ NADRA سان ڪيل گڏجاڻين ۾ ورتل فيصلن تي عمل ڪرڻ لاءِ شعبي لاءِ قائم ڪيل مشاورتي ڪميٽيءَ جي ڏنل مشورن تي عمل ڪرڻ شروع ڪيو. مذڪوره ڪميٽيءَ، NADRA جي مشوري موجب، سنڌي ٻوليءَ لاءِ سنڌي صورتخطيءَ ۾ ڪم ايندڙ ’حرفن جي استعمال جي رفتار‘ (Frequency of letters) جي بنياد تي، معياري سنڌي ڪي بورڊ لي آئوٽ، ’سنڌي ڪوڊ پليٽ‘ ۽ سنڌي صورتخطيءَ ۾ سنڌي حرفن جي مختلف صورتن ۾ هڪ ٻئي سان ملڻ/جُڙڻ جي ترتيب، يعني Collation order بہ تيار ڪري ورتو ۽ پوءِ اهو پورو مواد، سنڌي سافٽ ويئر ٺاهڻ لاءِ ماجد ڀرڳڙي صاحب جي حوالي ڪيو ويو. جنهن ڪي انهيءَ ساري طريقي (Process) جي اڳي ئي ڄاڻ هئي. مطلب تہ انهيءَ مڪمل معلوماتي مواد جي موجود ٿي وڃڻ کان پوءِ، سنڌي ٻوليءَ جي لاءِ، هر پروگرام جي سافٽ ويئر ٺاهڻ لاءِ آساني پيدا ٿي وئي.

اٿارٽيءَ ۾ قائم ڪيل سنڌي انفرميٽڪس شعبي، سنڌيءَ ۾ اليڪٽرانڪ مواد تيار ڪرڻ جي حوالي سان، سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل ۾ ترقيءَ لاءِ، سال 2000ع ۾ هيٺيون پروگرام تيار ڪيو:

(i) مائڪرو سافٽ ڪمپنيءَ جي يونيڪوڊ جي بنياد تي، سنڌي ٻوليءَ ۾ ’اي- ميل‘ کي بنا ڪنهن رڪاوٽ جي عام ڪرڻ.

(ii) سنڌي ٻوليءَ جون ونڊوز (Windows) تيار ڪرڻ لاءِ، مختلف سافٽ ويئر ڪمپنين سان رابطو ڪرڻ.

(iii) ڪمپيوٽر جي حوالي سان، سنڌي ٻوليءَ لاءِ اهي سڀ سهوليتون مهيا ڪرڻ، جن جي سهوليت، انگريزي ٻوليءَ جي ڪي بورڊ ۾ موجود آهن، يعني ايڊيٽر، ڊڪشنري، سارٽنگ آرڊر، لئنگئيج ڪنورٽر/ٽرانسليٽر وغيره.

(iv) سنڌي ٻوليءَ جي text form ۾ ويب ڊزائننگ ڪرڻ.

(v) اٿارٽيءَ، ٿوري ئي عرصي ۾، محترم عبدالماجد ڀرڳڙيءَ جي تعاون سان، سنڌي ٻوليءَ کي انٽرنيٽ تي آڻڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪري ورتي، جيڪا سنڌي ماڻهن جي سالن کان پراڻي خواهش هئي.

محترم عبدالماجد ڀرڳڙيءَ جي انهيءَ ڪاميابيءَ کان پوءِ، اسين هاڻي دنيا ۾ ڪٿي بہ ڪنهن سان بہ، عربي- سنڌي رسم الخط ۾، انٽرنيٽ تي خط و ڪتابت ڪرڻ جي صلاحيت رکڻ ۾ ڪامياب ٿي ويا آهيون.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌي ٻوليءَ ۾ ويب سائيٽ ڊزائننگ جي سلسلي ۾ اٿارٽيءَ، IUCN جي سهڪار سان ڪوٺايل هڪ ورڪشاپ جي افتتاح جي موقعي تي، مهراڻ يونيورسٽيءَ جي ٽڏهوڪي وائيس چانسلر، ڊاڪٽر عبدالرحمان ميمڻ، پنهنجي تقرير ۾ سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل جي حوالي سان، هن طرح فرمايو هو:

"سنڌي ٻوليءَ جي marketability گهٽبي رهي آهي، اُن لاءِ سوچڻ جي گهڻي ضرورت آهي."

ميمڻ صاحب وڌيڪ چيو تہ:

"يارت برطانيا، آمريڪا، ڏور مشرق ۽ ٻين ملڪن جي رهندڙ سنڌي ماڻهن، سنڌي ٻوليءَ ۾ دلچسپي وٺڻ ڇڏي ڏني آهي. ايتري قدر جو هاڻ سنڌ ۾ بہ سنڌي ماڻهن جي، ٻارن کي سنڌي ٻوليءَ جي پڙهائڻ جي سلسلي ۾ دلچسپي ختم ٿيندي وڃي."

ڊاڪٽر ميمڻ صاحب جون اهي ڳالهيون ۽ اهي خدشا، سنڌ جي سيني يونيورسٽين، سرڪاري توڙي نيم- سرڪاري ادارن لاءِ eye opener آهن. اسان کي هاڻ سجاڳ ٿيڻ گهرجي. ميمڻ صاحب بلڪل درست فرمايو آهي تہ: "سنڌي ٻوليءَ جي هن زماني ۾ marketability جو سڄو دارومدار اليڪٽرانڪ ميڊيا واري ميدان ۾ ترقي حاصل ڪرڻ تي آهي. ان لاءِ سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، سنڌ جا اُهي سڀئي ادارا جيڪي IT جي ميدان ۾ ڪم ڪري رهيا آهن، سنڌ جي سيني يونيورسٽين، سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب لاءِ ڪم ڪندڙ سرڪاري توڙي خانگي ادارن کي گڏجي ڪو پروگرام ٺاهڻو پوندو ۽ سنڌي زبان جي marketability وڌائڻ لاءِ، انهن ادارن کي گڏجي هيٺيان قدم کڻڻا پوندا.

(i) سڀ کان اول، سنڌي ٻوليءَ کي ڪمپيوٽر جي ٻولي بڻائڻو پوندو جنهن لاءِ يونيورسٽين کي بہ پنهنجن ڪمپيوٽرن وارن شعبن ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ترقيءَ لاءِ ڪي پروگرام ٺاهڻ گهرجن.

(ii) انٽرنيٽ جي زبان بڻجي وڃڻ ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ کان پوءِ، سنڌي ٻوليءَ ۾ مختلف پروگرامن جون CDs ٺاهڻ گهرجن، جنهن لاءِ ادارن کي گڏجي محنت ڪرڻي پوندي. اسان وٽ ماهرن جي کوٽ ڪانهي، سنڌي نوجوانن ۾ وڏيون صلاحيتون آهن، پر سندن رهنمائي ڪرڻ لاءِ ڪو بہ ادارو هن وقت تائين ڪوشان نہ رهيو آهي.

(iii) انٽرنيٽ ذريعي سنڌي ٻولي سيکارڻ لاءِ CD پروگرام تيار ڪرڻ گهرجي. دنيا ۾ اُهي ملڪ جتي سنڌي ڳالهائيندڙ ماڻهو رهن ٿا، اُنهن مان اُهي ماڻهو جيڪي عربي-سنڌي رسم الخط ذريعي نہ پر رومن سنڌي ٽرانسلٽريشن يا ديوناگري رسم الخط ذريعي، سنڌي ٻولي سکڻ جي خواهش رکن ٿا. انهن کي معياري رومن- سنڌي ٽرانسلٽريشن يا ديوناگري لپيءَ ذريعي سنڌي ٻولي سيکارڻ جي سهوليت مهيا ڪرڻ گهرجي، پر اهو ڌيان ۾ رکجي تہ زور وري بہ عربي- سنڌي رسم الخط تي ڏيڻ گهرجي ڇاڪاڻ تہ عربي- سنڌي رسم الخط ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ انگريزن جي زماني کان وٺي لکن جي تعداد ۾ ڪتابي ذخيرو اڳ ۾ ئي موجود آهي.

(iv) ڪمپيوٽر تي سنڌي ٻوليءَ لاءِ موجود، هر سهوليت مهيا ڪرڻ جي ڪوشش جاري رکڻ گهرجي تہ



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جيئن سنڌي ايڊيٽر، سنڌي ڊڪشنري، ٽرانسليٽر ۽ لئنگئيج سارٽر جهڙيون سڀ سهوليتون ڪمپيوٽرتي مهيا ٿي سگهن. اهڙن پروگرامن لاءِ سنڌ جي يونيورسٽين ۾ قائم ٿيل انسٽيٽيوٽ آف انفرميشن ٽيڪنالاجي ۽ سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ کي گڏجي ڪم ڪرڻ گهرجي.

(v) سنڌي ٻوليءَ لاءِ سٽلائيٽ چئنلن جي قائم ڪرڻ ۾ سنڌ جي اخبارن ۽ خانگي ادارن ساراهه جوڳو ڪم ڪيو آهي. هن وقت سنڌي ٻوليءَ جا اٺ چئنل ڪم ڪري رهيا آهن. اُهي آهن:ڪي ٽي اين، سنڌ ٽي وي، مهراڻ ٽي وي، ڌرتي ٽي وي، ڪشش ٽي وي، آواز ٽي وي ۽ ٻيو ٽي ويءَ کان سواءِ، پارت ۾ به گرنار ٽي ويءَ تي هفتي ۾ ڪي ڪلاڪ، سنڌي ٻوليءَ ۾ پروگرام نشر ڪيا ويندا آهن.

اِهي ۽ اهڙيون ٻيون ڪوششون، سنڌي ٻوليءَ جي مستقبل ۾ بقا، بچاءَ ۽ ترقيءَ لاءِ مددگار ثابت ٿينديون. تاريخ ثابت ڪيو آهي تہ سنڌي قوم ۽ زبان امر رهيون آهن. سنڌو تهذيب واري قديم ٻولي ۽ قديم قومون، قديم زماني کان وٺي ڪيترن ئي لاهن چاڙهن جي باوجود، حملہ آور قومن جي مسئلن جي باوجود، سنّڌ ڌرتي، سنڌي قوم ۽ سنڌي ٻولي ايامن کان قائم ۽ دائم رهنديون آيون آهن. جنهن لاءِ رگ ويد ۾ بہ هڪ منتر فرمايل آهي.

(ح) سنڌي ٻوليءَ جي سرڪاري حيثيت ۽ دفترن ۽ ڪورٽن ۾ سنڌي ٻوليءَ جو استعمال:

(الف) تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ انگريزن، 1843ع ۾ سنڌ تي قبضي ڪرڻ کان فوراً پوءِ، سنڌي ٻوليءَ کي ذريعہ تعليم ۽ سرڪاري دفترن ۽ ڪورٽن ۾ استعمال ڪرڻ جو انتظام ڪيو ۽ سنڌي ٻوليءَ جو اهو سلسلو 1954ع ۾ مغربي پاڪستان جي صوبن کي ملائي، 'ون يونٽ' قائم ڪرڻ تائين جاري رهيو. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ 1859ع کان وٺي، آڪٽوبر 1954ع تائين يعني 95 سال، سنڌي ٻولي ذريعي تعليم، دفتري ۽ ڪورٽن جي ٻوليءَ طور سنڌ ۾ ڪم ايندي رهي. ان عرصي دوران، سنڌي ٻولي، سرڪاري، نيم سرڪاري، لوڪل باڊيز جي دفترن ۽ ڪورٽن ۾ سرڪاري لکپڙهہ جي زبان رهي، ۽ ساڳئي وقت پرائمري اسڪولن کان وٺي، يونيورسٽيءَ جي تعليم ۾ ذريعہ تعليم طور رائج رهي.

(ب) بمبئي پريزيڊنسيءَ جي گورنر سر جارج ڪلرڪ جي ڏينهن ۾ بہ حڪم نامو جاري ڪيو ويو هو جنهن ۾ سنڌ ۾ مقامي توڙي ٻاهرين ڪامورن لاءِ فرمايل هو تہ اهي سيئي سنڌي ٻوليءَ جو امتحان پاس ڪن. اُن کان پوءِ سنڌ جي ڪمشنر سر بارٽل فريئر، 29 آگسٽ 1857ع تي، هڪ سرڪيولر جاري ڪيو جنهن جو عڪس هيٺ ڏجي ٿو.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# پڌرو نامو

ڪمشنر صاحب بهادر سنڌ جي درٻار منجهان سڀني ماڻهن چڱن
مڙني رهندڙن سنڌ جي کي سڌ ڏجي
ته ڪيترا عرضدار عرضيون پنهنجيون لکي حضور دانهن ٿا موڪلين
تن منجهان ڪي فارسي ۾ ڪي سنڌي ۾ ٿا لکن اها ڳالهه ناموچاري آهي
تنهنڪري جيڪي عرضيون واسطي تن پنهنجي حضور ڪمشنر
صاحب بهادر سنڌ جي درٻار منجهه عرض ڪرڻيون هجن سي سنڌي ۾ وڃن
عربي اکرن ۾ لکي موڪلي جيڪڏهن ڪنهن سبب کان فارسي عرضي
لکڻ ضروري ٿئي ته انهن فارسي عرضين سان ترجمو سنڌي ۾ پڻ
ضرور موڪلي ته پڌرو ٿئي سنڌي بس تاريخ ٢٩ مهينو اگست ١٨٥١ع

H B E Frere
Commissioner in Sind.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# ببليوگرافي


سنڌي ڪتاب

1. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: 1987ع، سنڌي ٻوليءَ جو ابياس، ڇاپو ٻيو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 244
2. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: 1993ع، سنڌي صورتخطي، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ڇوٿون ڇاپو ص ص 29_37، 50_58
3. بلوچ، نبي بخش، ڊاڪٽر: 1994ع، سنڌو تهذيب جي سنڌو لکت جي پاڇ، سنڌي ٻولي (جنرل)، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو حيدرآباد: اپريل – مئي – جون، ص ص 5 ۽ 6
4. پيرومل آڏواڻي: 1956ع، سنڌي ٻولي، سنڌي ادبي بورڊ، حيدرآباد: ص 72
5. ذوالفقار علي ڀٽو: 1973ع، قومي اسيمبلي پاڪستان ۾ ڪيل تقرير
6. سيد حسام الدين شاهه راشدي: 1987ع، ڳالهيون ڳوٺ وٽن جون، ص 681
7. سيد حسام الدين شاهه راشدي، ايضاً
8. شوڪت حسين، شورو: 1999ع، ڪالم _ سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل، روزانه عبرت، 9 جولاءِ، 1999ع
9.علامه آءِ آءِ قاضي: 1967ع، انٽرويو روزانه عبرت، 22 آڪٽوبر، 1967ع
10. علامه آءِ آءِ قاضي: ايضاً
11. لکمي کلاڻي: 2000ع، سنڌي ساهت جا پنجاهه سال، تماهي سپون، جولاءِ _ آگسٽ، 2000ع، پروفيسر رام پنجواڻي لٽرري ۽ ڪلچرل سوسائٽي، موري روڊ، ماهيم، بمبئي، ص 29

اردو کتب

12. بزرگ بن شہریار:1960ع، عجائب الھند، ترجمہ: ہندوستان عربوں کی نظر میں، جلد اول، اعظم گڑھ: درالمصنفین
13. محمد حسین، ڈاکٹر:1955ع، ہندی ادب کی تاریخ، علیگڑھ، انجمن ترقی اردو، ص ص16اور17

English Books

14. Chatterji, S.K. Dr. 1942, Indo- Aryan and Hindi, Ahmadabad Gujrat Veranicular Society. Pp 164-165
15. Chutterji, S.K, Dr, Op, cit, P. 169
16. Gangaham Gag, Dr., 1991 International Encyclopedia of Indian Literature, Vol. viii, Sindhi, a brief survey, written by Dr. Murlidhar Jetterley, New Delhi: Mithal Publication, P. IX
17. Renoger, J. Mark, 1997, Lecture, given at Karachian: Ancient Cities of Indus valley, Daily Dawn, Karachi, June1-1959.
18. Khubchandani, Lachman, Dr. Dahim, Sindhi men Mahabharata jo Arabi naqaul (An Arabic version of the 10th century Sindhi Mahabharata), Sindhi Translation on of S.K. Chatterji with comments, Bombay: Kahani, may 1959, pp. 49-60
19. Mehar, Abdul Haq, Dr. 1992, The Soomras, Mulfan" Beacon Books, P. 68
20. Mughal, M. Rafique, Dr. 1996, Interview, published in Daily Dawn, Karachi, may 5, 1996





books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# ذريعہ تعليم طور سنڌي ٻوليءَ جو استعمال

1. تعليم جي ترقيءَ لاءِ ٻوليءَ جي رٿابندي ضروري آهي

(الف) دنيا جي هر ملڪ ۾ تعليم جي ترقي ۽ واڌاري لاءِ ٻولين جي رٿابندي (Language Planning) اهم سمجهي ويندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو دنيا جي ملڪن، جهڙوڪ: روس، ڀارت، ايران، افغانستان، چين، انڊونيشيا، ملائيشيا ۽ آفريڪا جي ڪيترن ئي ملڪن ٻولين جي رٿابنديءَ واري عمل سان، ذريعہ تعليم ۽ دفتري توڙي سرڪاري ٻوليءَ وارو مسئلو هميشہ لاءِ حل ڪيو ويو آهي.
آمريڪا جي تعليمي ادارن ۾ غير ملڪي يا پناهگير ٻارن، يا لڏي آيل آبادڪارن ۽ انهيءَ طبقي وارن ٻارن ڪي، ٻولي/ٻولين جي سيکارڻ لاءِ اڳواٽ رٿابندي ڪئي ويندي آهي تہ جيئن اهڙن ٻارن جي لاءِ، تعليم جي حاصل ڪرڻ جا دروازا بند ٿي نہ سگهن. ان ساري رٿابنديءَ واري عمل جي رٿا، تعليم، لسانيات ۽ سماجيات جا ماهر ئي ڪندا آهن.
(ب) (i) هر ملڪ ۾ ٻولين جي رٿابندي، ملڪ جي انتظامي، تعليمي سياسي ۽ سماجي ميدانن ۾ تمام گهڻي مددگار ثابت ٿيندي آهي. پاڪستان ۾ اڃا تائين، ٻولي/ٻولين جي رٿابنديءَ تي، باقاعدگيءَ سان ان ڪري عمل ٿي نہ سگهيو آهي. جو پاڪستان جي هر حڪومت جي دور ۾ پاڪستان جي تعليمي پاليسي ٺاهيندڙ ملڪ جا اعليٰ عملدار ۽ بيورو ڪريٽ ئي رهيا آهن. جيڪي گهڻو ڪري وزارت تعليم جا بيورو ڪريٽ ئي هوندا آهن. اُهي سڀ ڪامورا، ننڍين صوبن ۽ اُنهن صوبن ۾ آباد قوميتن، اُنهن جي مادري ٻولين ۽ اُنهن ٻولين جي لسانياتي وسعتن ۽ مائدار هجڻ کان گهڻو ڪري اڻڄاڻ هوندا آهن. يا نہ وري اهي بيورو ڪريٽ جن جي مادري زبان اُها ڪا نہ هوندي آهي، جيڪا پاڪستان جي وفاق ۾ شامل صوبن ۽ اڳوڻين رياستن جي عام ماڻهن جي مادري زبان هوندي آهي. اهڙا بيورو ڪريٽ ئي، تعليمي پاليسي ٺاهڻ ۾ پنهنجو خاص ڪردار ادا ڪندا آهن.
هن سلسلي ۾ اهو بيان ڪرڻ بہ غير ضروري نہ ٿيندو تہ پاڪستان جي وڏي صوبي پنجاب جي پنجابي بيورو ڪريٽن ۽ تعليمي ماهرن، پنجابي ٻوليءَ جهڙي شاهوڪار سرمائدار ۽ قديم ٻوليءَ کي بہ پنجاب صوبي اندر تعليم ڏيڻ جو ذريعو بڻائڻ جي هميشہ مخالفت پئي ڪئي آهي ۽ اُن جي مقابلي ۾ اردو زبان کي، پاڪستان جي سڀني صوبائي ۽ مادري زبانن تي هر لحاظ کان فوقيت پئي ڏني آهي.
(ii) پاڪستان جي هر بيورو ڪريٽ ۽ تعليمي ماهر کي اها خبر آهي تہ پاڪستان هڪ گهڻ۔ ٻوليائي (Multi-lingual) ۽ گهڻ۔ ثقافتي (Multi -Cultural) ملڪ مڃيو ويو آهي. هن ملڪ جي ڌار ڌار صوبن ۽ اُنهن (صوبن) جي ڌار ڌار خطن ۾ ڪل ملائي 73 ٻوليون ڳالهيون وينديون آهن. هر خطي کي پنهنجي پنهنجي ٻولي ۽ پنهنجي پنهنجي ثقافت آهي. اِهي ٻوليون پنهنجن پنهنجن صوبن ۽ اُنهن جي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

خطن ۾ خاص طور اهميت رکن ٿيون. پر پاڪستان ۾ هر حڪومت جي زماني ۾ انهن جي اهميت ۽ حيثيت کي تسليم ئي نه ڪيو ويو آهي. منهنجي ذاتي مطالعي موجب، پاڪستان ۾ صوبائي ٻولين، سنڌي، پنجابي، پشتو ۽ بلوچيءَ کان سواءِ، سنڌ، پنجاب، خيبر پختونخوا ۽ بلوچستان کان سواءِ، گلگت، بلتستان ۽ فاٽا ۾ 73 ٻوليون ڳالهايون وڃن ٿيون. جيڪي به پنهنجي لوڪ ادب، ڪلاسيڪي ادب، لوڪ ڪلا ۽ لوڪ فن سان مالا مال آهن. اُنهن مان ڪي ٻوليون هي آهن: سرائڪي، براهوي، هندڪو شينا، کوار، بروشڪي، ڪافر، بلتي، گوروالي، توروالي ۽ ڍاٽڪي وغيره. انهن ٻولين جو اٽلس مون پنهنجي ڪتاب، Lets Learn Sindhi ۾ ڏنو آهي.

(ت) پاڪستان ۾ اهي سڀ ٻوليون، مادري زبانون آهن. جن کي ڏار ڏار ماڻهو پنهنجن ڏار ڏار خطن ۾ روزمره جي وهنوار ۾ ڪم آڻيندا آهن. انهيءَ ڪري انهن سڀني مادري زبانن کي نظر انداز ڪرڻ، انهن زبانن ۽ اُنهن جي ڳالهائيندڙ قوميتن سان بي انصافي آهي.

پنجاب جا بيورو ڪريٽ، پنجابي ٻوليءَ جي پيٽ ۾ اردو ٻوليءَ کي، پنجاب توڙي ٻين صوبن ۽ اُنهن صوبن جي خطن ۾ تعليم ۽ دفتري ٻوليءَ طور استعمال ڪرڻ جي انهيءَ ڪري حمايت ڪن ٿا، جو اُهي ڄاڻن ٿا ته ٻولي به هڪ اقتصادي مسئلو آهي. پنجاب جا ماڻهو دراصل ٻين صوبن جي ماڻهن جي مقابلي ۾ اقتصاديات واري مسئلي کي، وڌيڪ اهم سمجهندا آهن. پنجاب ۾ خاص ڪري لاهور، فيصل آباد، گجرانوالا، گجرات، ملتان، راولپنڊي ۽ ٻين وڏن شهرن ۾ ملڪ جا وڏا وڏا ڇاپخانا، وڏا ڪتب فروش، جلدساز ڪاغذ جا ڪارخانا ۽ ڪاغذ جا ٻڏا واپاري، سڄي ملڪ جي انهيءَ ڪاروبار تي حاوي آهن.

پنجاب ۾ نشر و اشاعت جي سلسلي ۾ به وڏا وڏا ماهر رهن ٿا. اُنهن وٽ اُن ڏس ۾ وڏا وڏا وسيلا به موجود آهن. تجربي مان اهو به معلوم ٿيو آهي ته ڪتابن جي ڪمپوزنگ، ڇپائي ۽ تياري وغيره جي سلسلي ۾ ملڪ جي ٻين وڏن شهرن جي مقابلي ۾ پنجاب جا شهر لاهور، فيصل آباد، ملتان ۽ راولپنڊي وڌيڪ سستا آهن. اهو ئي وڏو سبب آهي جو پاڪستان ۾ تعليمي ادارن، سرڪاري دفتري لکپڙهه ۽ چٽاپيٽيءَ وارن امتحانن لاءِ ٻولين جي رٿابنديءَ وارو عمل هميشه سياسي مصلحتن کي سامهون رکي ڪيو ويو آهي.

(ث) هر ملڪ ۾ ٻولين جي رٿابندي، تعليم، سياست، سماجيات ۽ لسانيات جا ماهر، ڪن مجيل اصولن کي آڏو رکي ڪندا آهن، جيڪي هن مضمون ۾ بيان نه ڪيا ويا آهن. البت ايترو ضرور چيو ويو آهي ته پاڪستان گهڻين ٻولين وارو ملڪ آهي. ان ڪري مناسب آهي ته سڀني پاڪستاني ٻولين کي، قومي ٻولين جو درجو ڏيئي پوءِ اردو زبان کي ملڪ جي رابطي جي زبان بنائڻ لاءِ سوچيو وڃي. هر مادري ٻوليءَ کي، پنهنجي پنهنجي صوبي ۽ اُن صوبي جي هر خطي ۾ تعليم جو ذريعو بنايو وڃي. انگريزي ٻوليءَ



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

کي بين الاقوامي ٻوليءَ جي حيثيت ۾ تسليم ڪري، اُن کي سڄي ملڪ ۾ Functional English طور پڙهائڻ سان گڏوگڏ ان ۾ سائنسي مضمون پڙهائڻ لاءِ اهميت ڏيڻ، اهڙا مسئلا آهن، جن کي تعليم، سماجيات، اقتصاديات ۽ لسانيات جا ماهر، وفاقي حڪومت جي وزارت تعليم جي سربراهن کان سواءِ، UNESCO جي ماهرن جي مدد سان، حل ڪرڻ ضروري آهي. ٻيءَ حالت ۾ پاڪستان ۾ تعليم ڏيڻ جو هڪ طريقو نہ پر ڪئين طريقا هميشہ لاءِ رائج رهندا ايندا، جيئن اڄڪلهہ هلي رهيو آهي. اهو ئي سبب آهي جو ملڪ جي ٻهراڙين ۽ ڏورانهين ڳوٺن ۽ وسندين ۾ رهندڙ شاگردن لاءِ تعليم جو هڪڙو نظام آهي تہ وري شهرن ۾ ٻيو. ٻهراڙين جا شاگرد معياري تعليم کان هميشہ محروم ڪيا ويا آهن ۽ شهرن ۾ رهندڙ مالدار ماڻهن، ڪامورن، واپارين، سيٺين، وڏيرن، سردارن ۽ چوڌرين جا ٻار اعليٰ ۽ معياري تعليم وارن ادارن ۾ وڏيون وڏيون فيون ڏيئي، تعليم حاصل ڪندا آهن. پر شهرن ۾ رهندڙ غريب ۽ مسڪين ماڻهن جا ڪي ٻار، ذهين ۽ قابل هوندي بہ مالي سگهہ نہ هئڻ ڪري معياري تعليم جي حاصل ڪرڻ کان محروم رهجي ويندا آهن.

2. (الف) پاڪستان ۾ بلوچستان، خيبر پختونخوا صوبا ۽ گلگت- بلتستان ۽ سابقہ فاٽا وارا علائقا جتي گهڻين ٻولين ڳالهائڻ واريون قوميتون آباد آهن، اُنهن علائقن ۾ هي مسئلو اڃا بہ گهڻو ڳنڀير سمجهيو ويو آهي. منهنجي راءِ موجب، انهن صوبن ۽ ٻين علائقن ۾ بہ ٻارن کي مڊل اسڪول جي سطح تائين تعليم، سندن مادري زبانن ۾ ڏني وڃي، اُن کان پوءِ ذريعہ تعليم، مادري زبان سان گڏ، رابطي جي ٻولي اردو ۽ انگريزي ٻوليون پڻ لازمي طور پڙهايون وڃن. پر ٻارهين ڪلاس تائين تعليم جي ذريعي طور مادري زبان مقرر ڪئي وڃي.

(ب) ٻوليءَ/ ٻولين جي رٿابنديءَ موجب، مادري زبان کي ذريعہ تعليم بنائڻ لاءِ هيٺيان قدم کڻڻ ضروري هوندا آهن:

(i) صوبائي حڪومت طرفان، مادري زبان جو صوتياتي جائزو وٺڻ

(ii) جن ٻولين کي پنهنجو رسم الخط نہ آهي، اُنهن جي رسم الخط ٺاهڻ جو بندوبست ڪرڻ

(iii) ٻوليءَ جي سکيا لاءِ درسي ڪتاب لکرائڻ

(iv) ٻوليءَ/ٻولين جي وياڪرڻ جا ڪتاب لکرائڻ

(v) ٻوليءَ/ٻولين لاءِ جامع لغات کي مرتب ڪرائڻ

2. سنڌي ٻوليءَ جي لکت جي باري ۾ جاچ:

(الف) سنڌي ٻولي توڙي ان جي قديم زماني کان لکت ۽ ڳالهائڻ واري دعويٰ کان ڪنهن بہ ماهر کي انڪار ڪونهي، جيتوڻيڪ موهن جي دڙي واريءَ تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ جي باري ۾ اڃا ڪنهن بہ ماهر جي آخري راءِ جي باري ۾ بہ ڪو فيصلو ٿي نہ سگهيو آهي، پر تنهن هوندي بہ آرڪيالاجي ۽ انٿراپالاجيءَ جي هر ماهرن اهو قبول ڪيو آهي تہ سنڌو تهذيب ۾ رائج اُن ٻوليءَ کي لکيو بہ ويندو هو ۽



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

اُن جي لکت جا نمونا قديم آثارن مان هٿ آيل مهرن تي لکيل مليا آهن. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ اُن زماني ۾ بہ سنڌو تهذيب ۾ رائج ٻولي لکي بہ ويندي هئي، يعني سنڌو تهذيب ۾ رهندڙ ماڻهو ڪا ٻوليءَ ڳالهائيندا هئا ۽ اُن جي لکڻ لاءِ اُهي ماڻهو، لکت واري فن کان واقف بہ هئا.

(ب) اُنهن ماهرن جي اڪثريت، هن راءِ جي بہ آهي تہ سنڌو- ماٿر ۾ آرين جي اچڻ کان ڪئين صديون اڳ، سنڌو- ماٿر جي رهاڪن جي روزمرهہ واري وهنوار، وڻج واپار ۽ ماڻهن جي ڏنڌن، ڪرتن ۽ هڪ ٻئي سان وهنوار ۾ ڳالهائڻ ٻولهائڻ لاءِ ڪا ٻولي ضرور رائج هئي.

اهڙيءَ طرح ويدن واري زماني ۾، ۽ اُن کان پوءِ واري زماني ۾ اڳتي هلي، ايرانين، يونانين، گپتا گهراڻي جي دور ۾، ويندي سنڌو ماٿر ۾ اسلامي حڪومت جي شروع ٿيڻ کان ڪافي عرصو اڳ، سنڌ ۽ سنڌو ماٿر جي ماڻهن جي روزمره جي وهنوار لاءِ ڪا ٻولي ضرور هئي، پر اُن جو نالو ڪهڙو هو اُن لاءِ ماهرن جي ڪا آخري راءِ ملي ڪا نہ سگهي آهي.

(ت) 93 هہ/712ع ۾ عرب فوجن، سنڌ تي فتح حاصل ڪئي، عربن جي حڪومت، سنڌ ملڪ تي 712ع کان 8ع تائين رهي. انهيءَ پوري عرصي توڙي اُن کان پوءِ 1010ع تائين هباري خاندان جي سنڌ تي حڪومت تائين، سنڌ ۾ عربي ٻولي، سرڪاري ۽ دفتري لکپڙهہ سرڪاري ڪاروبار ۽ مذهبي ڪرياڪرمن ۾ ڪم اچڻ لڳي، پر اُن زماني ۾ بہ سنڌي ٻولي، سنڌ جي ماڻهن جي رهڻي ڪهڻيءَ ۾ روزمره جي وهنوار ۾ ڪم ايندي هئي، ايتري قدر جو عرب توڙي سنڌي واپاري، عربي ۽ سنڌي يعني ٻئي ٻوليون ڳالهائيندا هئا. سنڌ جا واپاري، وڻج واپار جي ڪاتابندي ۽ واپاري لکپڙهہ لاءِ پنهنجو سنڌي رسم الخط ڪم آڻيندا هئا. پر ايترو ضرور هو جو ڏار ڏار شهرن ۾ هندو واپارين جون ڏار ڏار جاتيون، پنهنجو پنهنجو رسم الخط ڪم آڻينديون هيون. ان ڏس ۾ هن دور ۾ سنڌ ۾ آيل عرب سياحن، مؤرخن، محققن ۽ جاگرافيدانن جي رپورٽن مان، هن دعويٰ لاءِ ڪافي ثبوت ملن ٿا. انهن رپورٽن مان اهو پڻ معلوم ٿو ٿئي تہ اُن زماني ۾ عام طور سڄي ملڪ ۾، سنڌي ٻولي ڳالهائي ويندي هئي. عرب سياحن مان جاحظ (864ع)، اصطخري (951ع)، مسعودي (957ع)، بشاري المقدسي (958ع)، ابن نديم (995ع)، ابن حوقل (ولادت 1304ع) ۽ البيرونيءَ (سنڌ ۾ آمد 1017ع-1031ع) جي بيانن ۾ اهڙا مثال موجود آهن. اهي سڀ سياح لکن ٿا تہ: ”ديبل، منصوره، ملتان ۽ اُن جي آسپاس وارن علائقن ۾ عربي ۽ سنڌي ٻوليون رائج هونديون هيون.“

اُن سلسلي ۾ جاحظ لکي ٿو:

> ”سنڌ (هند) جي ماڻهن کي اسان نجوم ۽ حسابن ۾ گهڻو اڳتي ڏٺو. انهن جو هڪ سنڌي (هندي) خط بہ آهي“ (جاحظ 1960ع: 4-7)

(ث) اهڙيءَ طرح ٻين عرب سياحن بہ سنڌي ٻوليءَ جي لکڻين جي باري ۾ ذڪر ڪيو آهي. بزرگ بن شهريار جي اُن بيان تہ اُنهن سيني ماڻهن جي اُن دعويٰ کي رد ڪيو آهي، جن لکيو آهي تہ سنڌي ٻولي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

يارهين صدي عيسويءَ ۾ موجوده صورت ورتي هئي. بزرگ بن شهريار جي اُن بيان مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته نائين صدي عيسويءَ ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ قرآن ڪريم جو ترجمو ۽ دين اسلام جي سکيا جون ڳالهيون، منصوره جي حاڪم جي طرفان ڪشمير جي تڏهوڪي راجا، 'مهروڪ' جي گذارش تي، تيار ڪرائي، ڪنهن سنڌي عرب عالم کي راجا جي دربار ۾ اسلامي اصولن جي سکيا لاءِ موڪليو ويو هو. هن واقعي مان، سنڌي ٻوليءَ جي اُن زماني ۾ به معياري هجڻ ۽ اُن جي حيثيت قائم هجڻ جا ثبوت ملن ٿا.

مطلب ته سنڌي ٻولي، اُن زماني ۾ نه فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر اُها ڌار ڌار رسم الخطن ۾ ۽ ڪن خاص شهرن ۾ جاتيوار يا اُنهن شهرن جي نالي وارن رسم الخطن ۾ به لکي ويندي هئي. محقق البيرونيءَ (1017ع_1031ع)، سومرن جي حڪومت جي پهرئين ڏهاڪي ۾ قديم سنڌ ۾ رهيو هو. اُن زماني ۾ سنڌ ۾ سنڌي ٻوليءَ لاءِ رائج رسم الخطن جو ذڪر ڪيو آهي ۽ انهن جا نالا به ڏنا اٿس (Sachan, C. Dr.) هن لکيو آهي ته:

> "ڏکڻ سنڌ ۾ ڪاري واري خطي ۾ 'مال وشائو' نالي جيڪو رسم الخط ڪم ايندو آهي، تنهن کي 'ملواڙي رسم الخط' به چيو ويندو آهي، 'ٻهمنوا' (المنصوره) ۾ 'سنڌو رسم الخط' ڪم ايندو آهي. لاڙي رسم الخط لاڙ ديس ۾ ڪم ايندو آهي، ۽ 'ارڌناگري رسم الخط' ڀاٽيا ۽ سنڌ جي ڪن حصن ۾ لکيو ويندو آهي" (Sachan, C. Dr. 1910:173)

(ج) لهاذا عرب سياحن جي سفرنامن ۾ نه فقط سنڌي ثقافت، وڻج واپار علم ادب ۽ ٻين ڳالهين جي باري ۾ ذڪر ڪيو ويو آهي، پر انهن سفرنامن مان، سنڌي ٻولي ۽ ان لاءِ ڪم ايندڙ رسم الخطن ۽ انهن جي نمونن جي باري ۾ پڻ پتو پوي ٿو ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو ته سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ (13 هه/712ع) واري زماني کان به ڪي صديون اڳ، سنڌي ٻولي نه فقط ڳالهائي ويندي هئي، پر لکي پڻ ويندي هئي. ڀنڀور ۽ برهمڻ آباد (المنصوره) جي قديم آثارن مان هٿ آيل ٺڪرين تي لکيل لفظ هن سلسلي ۾ ڪيل دعوي لاءِ پختا ثبوت پيش ڪن ٿا. انهيءَ سچيءَ حقيقت جو احوال، ڌار ڌار ڪتابن ۾ پڻ موجود آهي.

انهن رپورٽن مان اهو پڻ ثابت ٿو ٿئي ته جيئن سنڌي ٻولي قديم آهي، تيئن نه فقط سنڌي ٻوليءَ جي لکت قديم آهي، پر سنڌي ٻوليءَ ۾ ڌر ڌار علمن جي سکيا يعني درس ۽ تدريس جو سلسلو به قديم آهي، جنهن لاءِ چيني، ايراني، عرب ۽ انگريز سياحن جون رپورٽون پڻ گڏ ڪرڻ گهرجن.

**4. عربي_سنڌي رسم الخط جي شروعات:**

(الف) هن ئي ڪتاب ۾ هڪ مضمون، اهو به شامل ڪيو ويو آهي، جنهن ۾ اهو بحث ڪيو ويو آهي ته سنڌي ٻوليءَ لاءِ عربي_ سنڌي رسم الخط جي شروعات ڪڏهن ٿي ۽ ڪنهن ڪئي؟ عربي_ سنڌي رسم الخط درس ۽ تدريس لاءِ ڪڏهن کان ڪم اچڻ لڳو؟ ڊاڪٽر دائودپوٽي جي خيال موجب، عربي_ سنڌي رسم الخط جو قديم نمونو شاهه ڪريم بلڙائيءَ (1537ع_1636ع) جي لکيل ڪلام ۾ ملي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ٿو. شاهه ڪريم کان پوءِ ٻين بزرگن جو ڪلام بہ عربي- سنڌي رسم الخط ۾ لکيل آهي. (Daudpota, U.M, 1955:156)

(ب) هن سلسلي ۾، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ جو رايو آهي تہ سنڌ جي شاعر، بغداد جي برمڪي وزيرن جي تعريف ۾ سنڌي زبان ۾ هڪ قصيدو لکيو هو. اهو قصيدو جعفر ابن يحيٰ برمڪيءَ جي دربار ۾ پڙهيو ويو هو.

ڊاڪٽر بلوچ صاحب لکي ٿو تہ:

> "جيئن تہ هارون الرشيد، جعفر ابن يحيٰ برمڪيءَ کي، 187هہ/802ع ۾ مارايو هو، انهيءَ ڪري اُن مان ظاهر آهي تہ هيءُ قصيدو، 187هہ/802ع کان اڳ، قلمبند ڪيو ويو هوندو" (نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر 1999ع: 60)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي لکي ٿو:

> " سنڌ ۾ هڪ باقاعدي تعليمي نظام جو سلسلو هند جي ٻين سيني صوبن کان اڳ، عرب- اسلامي دور ۾ شروع ٿيو. منصوره، ديبل ۽ ٻين شهرن جي درسگاهن جي عالمن ۽ اُستادن جي تربيت سان وڏا وڏا محقق ۽ مصنف پيدا ٿيا. جن جو ذڪر مشهور عربي ڪتابن ۾ موجود آهي. انهيءَ آڳاٽي تاريخي ۽ تعليمي پس منظر جو ئي نتيجو هو جو وقت گذرڻ سان، سنڌ جي درسگاهن جي سڄاڻ اُستادن، تعليمي نظام، تعليمي طريقن ۽ اُستادن جي تربيت تي سوچڻ شروع ڪيو ۽ آخرڪار ڏهين صدي هجريءَ ۾ سنڌ جي وڏي محقق، عالم ۽ اُستاد، مخدوم جعفر بوبڪائيءَ جي ڪتاب، 'حاصل النهج' (930هہ/1524ع) ۾ عربيءَ ۾ هڪ نصابي تنظيم، پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي طريقن، شاگردن ۽ استادن جي تربيت بابت سمجهاڻي ڏنل آهي" (نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر، 1999ع: 60)

ڊاڪٽر بلوچ صاحب جو هي سمورو بيان، مڪتبن واري درس ۽ تدريس جي باري ۾ آهي، پر اسلامي تعليم جي باري ۾ مواد، مقامي ٻولين ۾ يارهين صدي عيسويءَ کان ملي ٿو.

(ت) (i) سنڌ ۾ اسلام جي آمد ۽ اثر کان پوءِ، سنڌ جي نو مسلم قبيلن مان، خواجن (نزاري اسماعيلي عقيدو رکندڙ) پنهنجو نئون رسم الخط اختيار ڪيو جنهن کي 'چاليهہ اکري' يا 'خُوجڪي سنڌي' نالو ڏنو ويو هو. اُهو رسم الخط، سنڌ ۾ لوهاڻڪي رسم الخط جي صورت ۾ اڳي ئي رائج هو. اُن وقت جي اسماعيلي، عقيدي جي داعي، پير صدر الدين (1290ع-1409ع) اُن ۾ سڌارا ۽ واڌارا آڻي، پنهنجن نون مسلمان مريدن (خواجن) کي ڏنو جيڪي سنڌ کان سواءِ، ڪڇ، گجرات، ڪاٺياواڙ ۽ اُچ شريف ۽ ان جي پسگردائيءَ ۾ رهندا هئا ۽ کين هدايت ڪئي تہ اُهي، اِهو رسم الخط، پنهنجي واپاري



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

لکت ۽ روزمره جي ڪم ڪار ۾ ڪم آڻين. تحقيق مان اهو ثابت ٿيو آهي ته اهو رسم الخط (چاليهه اکري/خوجڪي سنڌي) بلڪل اهڙو ئي رسم الخط آهي، جنهن جا ڪي نمونا، ڀنڀور جي قديم آثارن جي کوٽائيءَ کان پوءِ اُتان هٿ آيل ٺڪرين تي لکيل رسم الخط تي موجود مليا آهن. ساڳيءَ طرح، ٺٽي شهر جي ميمڻ قوم جي ماڻهن (لوهاڻن مان مسلمان ٿيڻ کان پوءِ، ٺٽائي رسم الخط کي ميمڻڪو رسم الخط نالو ڏئي، اُن کي ڪم آڻڻ شروع ڪيو.

(ii) اسماعيلي داعين، پنهنجن نو مسلم مريدن کي، دين اسلام جا اصول ۽ دعائون وغيره سنڌن مقامي ٻولين ۽ مادري زبانن، جهڙوڪ: سنڌي، سرائڪي، پنجابي، ڪڇي، گجراتي، ملتاني، هندي ۽ يورپي ٻولين ذريعي سمجهايا ۽ سيکاريا. اهڙيءَ طرح، سومرن جي دور کان وٺي، مقامي زبانون، تعليم جو ذريعو بڻيون. اسماعيلي داعين، پنهنجي طرفان جوڙيل ۽ ڪي ترجمو ڪيل دعائون ۽ اسلام جا اصول ۽ انهن جي ڪرياڪرمن جي سلسلي ۾ سمجهاڻي، مقامي ۽ مادري ٻولين ۾، مسجع ۽ مقفيٰ نثر جي عبارت ۾ يا سندن طرفان تخليق ڪيل شاعراڻي صنف، 'گنان' ذريعي ڏني ته جيئن عمر رسيده ماڻهو به اُنهن کي آسانيءَ سان سمجهي ۽ ياد ڪري سگهن.

اُن سلسلي ۾، پنجابي ٻولي ۽ ادب جو هڪ وڏو محقق، سيد سبط حسن لکي ٿو ته:

"اسماعيلي داعين جي هڪ خاص خصوصيت اِها هئي جو اُهي، اسلامي تعليمات کي مقامي تهذيب سان هم آهنگ ڪرڻ جي ڪوشش ڪندا هئا، انهيءَ لاءِ ته عام ماڻهن کي اها بدگماني نه ٿئي ته اسلام اُنهن جي رسمن يا طرز زندگيءَ جي مخالف، يا انهن جو دشمن آهي، اسلام جا اصول، سڌا سنوان، عام ماڻهن جي ٻولين ۾ بيان ڪندا هئا، ۽ عربي زبان سکڻ يا عربي تهذيب اختيار ڪرڻ تي زور ڪو نه ڏيندا هئا، يا عام ماڻهن کي پابند ڪو نه ڪندا هئا ته اُهي عربي زبان سکن يا عربي تهذيب اختيار ڪن" (سيد سبط حسن، 1984ع)

(ٿ) (i) تاريخ جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته سومرن جي حڪومت جي پهرئي دور (1051ع-1351ع) جي ابتدائي زماني کان وٺي، اسلام جي جدا جدا فرقن جا داعي، سڄيءَ سنڌو وادي ۾ پکڙجي ويا ۽ اُهي ٻڌ ڌرم توڙي جين ڌرم جي پرچارين وانگر، نون مسلمانن کي، اسلام جي تعليم، سندن مقامي ۽ مادري زبانن ۾ ڏيڻ لڳا. سيد سبط حسن، اُن سلسلي ۾ لکي ٿو:

"صوفياءِ ڪرام، عوامي ماڻهو هئا، انهن جو اٿڻ توڙي ويهڻ، عام ماڻهن سان هو، اُنهن مان جيڪي مقامي ماڻهو نه هئا، اُنهن مقامي ماڻهن جي دلين کي موهڻ ۽ اُنهن جذبن ۽ احساسن جي تهه تائين پهچڻ لاءِ، اُنهن جي ٻولين جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ ضروري سمجهيو. اُن زماني ۾ جڏهن ترڪستان، ايران ۽ افغانستان کان آيل عالم ۽ فاضل، فارسي زبان جي ڄاڻ تي فخر ڪندا هئا، ۽ مقامي ٻولين کي غير-اهم سمجهندا هئا،



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تڏهن، صوفي درويشن، مقامي ٻولين نہ فقط وڏي شوق سان سکيون، پر اُنهن، معرفت جا نڪتا ۽ تصوف جون ڳالهيون، شاعريءَ ذريعي، عام ماڻهن کي سمجهايون، انهيءَ لاءِ تہ عام ماڻهو اُنهن کي آسانيءَ سان ياد ڪري سگهن." (سيد سبط حسين 1984ع)

(ii) مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي تہ اسلام جي تعليم جي سلسلي ۾، پنجابي ۽ سرائڪي ٻولين واري علائقي ۾، مادو لال (شاهہ حسين) بابا فريد گنج شڪر، پير شمس سبزواري ملتاني، پير صدر الدين، پير حسن ڪبير الدين، سيد جلال سرخ بخاري، جهانيان جهان گشت، بابا بلهي شاهہ سلطان باهو ۽ خواجہ غلام فريد جهڙن صوفي بزرگن، مقامي ٻولين، پنجابي ۽ سرائڪيءَ ۾ عام ماڻهن جو ڌيان ڇڪايو.

'پنجابی ادب دی کہانی' جي مصنف، محترم عبدالغفور قريشيءَ جو حوالو ڏيندي، سيد سبط حسن لکي ٿو:

"ديسي ٻولين ۾ تبليغ ڪرڻ ۽ شعر چوڻ جي ريت، اسماعيلي داعين، ٻارهين صدي عيسويءَ ۾ وڌي، اُنهن ۾ سيد نور الدين المعروف ستگر نور (وفات: 1079)، پير شمس سبزواري ملتاني (1165ع_1276ع)، پير شهاب الدين ۽ پير صدر الدين (1290ع_1409ع) زياده مشهور آهن" (سيد سبط حسن، 1984ع)

(iii) محقق البيرونيءَ (سنڌ ۾ رهائش وارو عرصو 1017ع_1031ع)، وديا آشرم ۽ پانشالائن جو ذڪر ڪيو آهي، جتي گرو يعني اُستاد پنهنجن شاگردن کي ڌار ڌار مضمون پڙهائيندا هئا. اُنهن پانشالائن ۽ شاگردن کي ڌرمي ۽ درسي تعليم کان سواءِ دُنياوي تعليم، جنهن ۾ ٻوليءَ جي سکيا، وڻج واپار واري ٻولي، يعني کاتا نويسي يعني واپاري بندين جي لکڻ جي سکيا، روزنامچہ لکڻ، کاٻاڙا، هُنديون ۽ بيجڪ وغيره لکڻ، رياضي، جاگرافي ۽ تاريخ کان سواءِ، ڇند وديا جا اصول، شعر و شاعري، وياڪرڻ، علم اللسان، صوتيات ۽ علم الانسان جا مضمون پڙهايا ويندا هئا. پانشالائن يا وديا آشرمن لاءِ ڌار ڌار مضمونن تي ڪتاب بہ لکيا ويندا هئا ۽ اُهي ڪتاب، شاگردن يعني چيلن کي مفت ۾ مهيا ڪيا ويندا هئا.

انهن پانشالائن ۾ ساگردن کي اول مادري ٻوليءَ جي سکيا ڏني ويندي هئي، ٻوليءَ جي سکيا لاءِ سڀ کان پهرين، ٻوليءَ جي آوازن لاءِ مقرر اکر لکڻ ۽ پڙهڻ سيکاريا ويندا هئا. لکڻ جي مشق لاءِ شاگردن، ڪاريون تختيون (پٽيون) ڪم آڻيندا هئا، ۽ انهن ڪارين تختين تي لکڻ لاءِ، تختين جي ٻيگهہ تي لڪندا هئا. يعني تختيءَ کي ٻيگهہ واري طرف جهليو ويندو هو. علم صوتيات جي ڄاڻ لاءِ، آوازن جي قسمن، انهن جي مخرجن ۽ پوءِ وياڪرڻ جي سکيا ڏني ويندي هئي. اُن لاءِ ٻين نون لفظن جي ٺاهڻ جا اصول سيکاريا ويندا هئا. شاگردن کي علم صوتيات جي وضاحتي ڄاڻ لاءِ آوازن جي حرفن/اکرن جو چارٽ پڻ ياد ڪرايو ويندو هو.

وياڪرڻ جي سکيا لاءِ شاگردن کي پهرين لفظن جي ٺهڻ جي سکيا ڏيڻ کان پوءِ، ٻوليءَ ۾ ڪم ايندڙ 'يڪپد لفظن' پوءِ 'ٻن پدن وارن لفظن' ۽ ان کان پوءِ 'ٽن پدن' ۽ 'چئن پدن' وارن لفظن جي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سمجهائي ڏني ويندي هئي. مطالعي مان معلوم ٿيو آهي ته ٽالپرن جي حڪومت واري زماني ۾ مدرسن لاءِ تيار ڪيل، ديني تعليم لاءِ سنڌي ڪتابن ۾ ٻوليءَ جي سکيا لاءِ لفظن جي گهاڙيٽن ۾ 'دودايا' ۽ 'ته وايا' لفظن جا مثال ملن ٿا. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ لکي ٿو:

" شاگردن کي شروعاتي طور فارسي لفظن جي سمجهاڻ لاءِ هم- معنيٰ فارسي ۽ سنڌي لفظن جا 'دو-وايا' مرتب ڪيا ويا. اڳتي هلي، ساڳئي اصول تي فارسي ۽ عربي لفظن کي سمجهائڻ لاءِ هم- معنيٰ سنڌي، فارسي ۽ عربي لفظن وارا 'ٽه-وايا' مرتب ڪيا ويا. اهي ٻئي نصابي نالا، سنڌي- آميز آهن، جن ۾ وائيءَ (ٻولي) جو مفهوم سمايل آهي. شاگردن جي شوق ۽ ذوق وڌائڻ خاطر ڪن دو-واين ۾ ڪي لفظ 'تڪ-بنديءَ' سان آندائون ۽ پڻ ساڳي جنس وارا لفظ يڪجا ڪيائون" (نبي بخش بلوچ، 1999ع: 60)

اهڙيءَ طرح اڳتي، 'لفظن جي رچنا' يعني 'لفظن جا گهاڙيٽا' ۽ اُنهن گهاڙيٽن جا اصول ۽ قانون سمجهايا ويندا هئا. اهڙيءَ طرح مرحليوار اڳياڙين ۽ پڇاڙين جي ملائڻ سان، نون لفظن جي ٺاهڻ جا طريقا ۽ واٽون، يعني 'علم صرف' جا اصول سمجهايا ويندا هئا. اهڙيءَ طرح لفظن جي قسمن، يعني 'سادا يا مفرد لفظ'، 'مرتب لفظ'، 'مرڪب لفظ' ۽ ٻين لفظن جي باري ۾ سکيا ڏني ويندي هئي.

(iv) علم صرف جي سکيا کان پوءِ، شاگردن کي 'علم نحو' جي سمجهاڻ لاءِ جملا ۽ انهن جي قسمن ۽ 'گهاڙيٽن' جي باري ۾ سمجهاڻي ڏني ويندي هئي. جملن جي قسمن جي سمجهاڻ لاءِ شاگردن کي پهرين 'يڪ لفظا جملا' پوءِ 'ٻن لفظن وارا جملا' ۽ اهڙيءَ طرح جملن جي رچنا ۽ انهن (جملن) جي ڌار ڌار قسمن، اُنهن جي رچنا جي سکيا ڏني ويندي هئي.

(v) هيءُ ٻڌائڻ به نهايت ئي ضروري آهي ته ٻارن جي عمر ۽ سندن سکيا جي درجي بنديءَ جي لحاظ کان، لفظن ۽ جملن تي مشتمل، بنيادي ڪتاب، يعني پهريون 'ٻارائو ڪتاب' جوڙيو ويو. اُن ڪتاب کي، 'ٻاڙ ٻوڌ' يعني 'ٻارن جي سمجهه مطابق سکيا جو ڪتاب' نالو ڏنو ويو هو. اِن کان پوءِ 'پهلي ڪتاب'، پوءِ 'ٻيجي ڪتاب'، پوءِ 'تريجي ڪتاب' ۽ اهڙيءَ طرح اڳتي درجيوار ڪتاب تيار ڪيا ويا. اهي سڀ ڪتاب، سنڌي ٻوليءَ جي سکيا لاءِ تيار ڪيا ويا هئا، يعني ته اُن زماني ۾ سنڌ ۾ ذريعه تعليم، سنڌي ٻولي هئي.

(vi) پاٺشالائن کان سواءِ، ڪي واپاري واڻيا، پنهنجن ٻارن کي، پاٺشالائن ۾ موڪلڻ جي بدران، اُنهن کي پاڻ سان گڏ، سندن دڪانن تي وٺي ويندا هئا. جتي سندن ٻارن کي اُهي لکڻ ۽ پڙهڻ سان گڏ ڏيهي حساب ۽ واپار سان واسطو رکندڙ ڳالهيون پاڻ سيکاريندا هئا.

(vii) سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ جو اهو طريقو واپاري ماڻهن جي سماج ۾ جاري هو. سومرن ۽ سمن جي حڪومت واري زماني ۾ جڏهن اسلامي مدرسا شروع ٿيا، تڏهن تعليم جو ذريعو پهرين عربي ۽ پوءِ فارسي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ٻوليءِ مقرر ڪيو ويو. جيڪو پوءِ ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جي دور ۾ به جاري رهيو. پوءِ ڪلهوڙن جي حڪومت واري زماني ۾، مخدوم ابو الحسن جي ڪوشش سان، ننڍي جي مڪتبن ۽ مدرسن ۾ عربي-سنڌي رسم الخط جي ٺهڻ کان پوءِ، سنڌي ٻوليءَ کي مدرسن ۾ تعليم جو ذريعو بنايو ويو ۽ مخدوم ابو الحسن 'مقدمة الصلوات' جي عنوان سان، اسلام جي سکيا لاءِ سنڌي ٻوليءَ ۾ پهريون درسي ڪتاب لکي، پنهنجي مدرسي ۾ اُن کي نصابي ڪتاب طور شروع ڪيو. اُن کان پوءِ ننڍي جي ٻين عالمن، پنهنجن مدرسن ۾ سنڌي ٻوليءَ کي، ديني علمن جي سکيا جو ذريعو بڻايو.

هن سموري بيان مان ائين ثابت ٿئي ٿو ته سنڌي ٻوليءَ ۾ پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جو ذريعو سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ کان گهڻو اڳ واري زماني کان جاري رهيو آهي.

"سومرن جي حڪومت جي پهرئين دور (1010ع-1025ع) ۾ سنڌ ۾ محقق البيروني، سنڌ ۾ اچي رهيو هو. هن، ڇند جي صنفن، جهڙوڪ: سلوڪن ۽ سوترن جا نالا، پنهنجي تحقيق، 'ڪتاب الهند' ۾ ڄاڻايا آهن. هن دور ۾ لوڪ ادب ۽ لوڪ شاعريءَ جو چرچو به عام هو" (محرم خان).

اُن دور ۾ به لوڪ ادب جو وڏو ذخيرو موجود هو. جنهن ۾ ڳجهارت، ريتون، پهاڪا، ڀڳتن جا ٻول ۽ چوٽيون، سنڌي لوڪ ادب جي قدامت جا اُهڃاڻ شامل آهن. هن سلسلي ۾ ڊاڪٽر سحر امداد، 1989ع ۾ ڪينجهر رسالي ۾ قبليٰ سائين مخدوم طالب المولىٰ جي حوالي سان، ڳجهارتن تي جيڪو مضمون لکيو هو. تنهن مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته سنڌي ادب جي اوائلي دور جو لوڪ ادب، ڇند جي صنفن، سلوڪ ۽ سوتر ۾ هو. ڊاڪٽر سحر امداد اڳتي لکي ٿي:

> "سومرن جو دور، ڳجهارت جي فن جو ابتدائي ۽ تاريخي دور نه، بلڪه اُن فن جي تاريخي عروج جو دور آهي. اُن جي مڪيه ثابتي اُهو ڳجهارت جو گهاڙيٽو (form) آهي، جيڪو ڇند تي آڌارڪ آهي ۽ قديم آهي" (سحر امداد).

ڊاڪٽر سحر امداد اڳتي لکي ٿي:

> "لهاذا البيرونيءَ جي ڪتابن جي مدد سان، سومرن جي دور جي ابتدائي زماني يا اُن کان به اڳ واري زماني جي ادبي صنفن کي جيڪڏهن ڳوليو ته شايد سنڌي لوڪ ادب جي هڪ صنف، جو نالو 'ڳجهارت' به ملي وڃي. 'ڳجهارتون' 'ڀڳتن جا ٻول'، 'چوٽيون'، 'پهاڪا'، 'ڳاهون'، سنڌي لوڪ ادب جون پراڻيون صنفون آهن. هيٺ ڪن پهاڪن، ڀڳتن جي ٻولن ۽ ڳاهن جا ڪي مثال نموني طور ڏجن ٿا:
>
> **پهاڪا:**
>
> (i) ڪتيون آيون ڪاپار مورک مينهن ڳهرن
>
> (ii) انبن ٻور اکين سور
>
> (iii) ايمان، مزمان آهي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(iv) پوکي وڍجي، راهي نہ وڍجي
(v) جيترا هر، اوترا ڦر
(vi) سڳا سيئي سيڻ، پکا جني اوڏڙا

**ٻهگٽن جا ٻول:**

هن صنف ۾ چؤڪا، پنجڪا، ڇجهارتون ۽ پروليون، اُن عرصي جي اخلاقي سکيا لاءِ انمول خزانا هُئا: مثال طور هي پنجڪا ڏسو:

پنج ئي نہ ٿيا: پنج ئي ٿيا.

'ڏچر گهوڙي، سُچر زال، ڇڊي ڪٽڪ' گهاٽا ٻڙ، آڏوُرو وهاڻ، اهي پنج ئي نہ ٿيا."

بهرحال هن سموري بيان مان هي نتيجو ٿو نڪري تہ سنڌي ٻولي، سنڌ ۾ اسلام جي اچڻ کان بہ گهڻو اڳ، تعليم لکڻ ۽ پڙهڻ جو ذريعو هئي، جنهن جا ڪيترائي ثبوت، سومرن جي دور ۾، البيرونيءَ جي ڪتاب ۾ پئي مواد مان ملن ٿا.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

## حوالي ۽ مددي ڪتاب


### سنڌي ڪتاب ۽ مقالا

1.الانا غلام علي، ڊاڪٽر: 1993ع، سنڌي صورتخطي، ڇاپو چوٿون، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار اداري ص 36

2. سحر امداد، ڊاڪٽر: 1989ع

3. عبدالواحد چاچڙ: 1984ع، سنڌي ٻوليءَ جو ارتقا، مقالو: ماهوار شريعت، نومبر، 1984ع ۾ شايع ٿيل، سکر: ص 17

4. محرم خان پروفيسر: سنڌي اوائلي شاعري، مقالو: ثماهي مهراڻ ۾ شايع ٿيل، ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص

5. نبي بخش خان، بلوچ ڊاڪٽر: 1999ع، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ، ڄام شورو: ڇاپو ٽيون، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ص 60، 63، 338 ۽ 340

### اردو کتب

6- ابن ندیم: 1962ع، الفہرست، اردو ترجمہ، ہندوستان عربوں کی نظر میں، جلد دوم، اعظم گڑھ، دارالمصنفیں، ص 3-4

7. بزرگ بن شہریار: عجائب الھند، اردو ترجمہ، ہندوستان عربوں کی نظر میں، اعظم گڑھ، دارالمصنفیں- ص-193

8.اصطخری، 1960، السالک المالک، اردو ترجمہ للہ ہندستاں عربوں کی نظر میں، اعظم گڑھ: دارالمصنفیں- ص375

9.المسعودی: 1960، مروج الذہب ومعاون الجواھر، اردو ترجمہ: ہندوستان عربوں کی نظر میں، جلد اول، اعظم گڑھ: دارالمصنفیں، ص289

10. بشاری المقدسی: 1960، احسن التقاسیم فی مروتہ، اردو ترجمہ: ہندوستان عربون کی نظر میں، جلد اول، اعظم گڑھ، دارالمصنفیں ص، 358

11. جاحظ: 1960ع رسالہ فخر السودان علی البیقان، اردو ترجمہ: ہندوستان عربون کی نظر میں، جلد اول، اعظم گڑھ، دارالمصنفیں ص، ص4-7

12. سید سبط حسن: 1984ع، پاکستان میں تہذیبوں کا ارتقا، چھٹا ایڈیشن، کراچی، مکتبہ دانیال، ص

13. قاضی صاعد اندلسی: 1962 طبقات الاسم، اردو ترجمہ: ہندوستان عربوں کی نظر میں، جلد دوم، اعظم گڑھ للہ دارالمصنفین ص، 4

### English Books

14. Daudpota, U.M. Dr. 1955, Sindhi Litreature an article published in Cultural Heritage of Pakistan, Karachi, Oxford University Press. PP.156.

15. Sachan, R. Dr, 1910, Alberuni's India, LondonL kegan pant and Trench, pp.173.





books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# هر ٻار کي سنڌ ۾ مادري زبان ۾ تعليم ڏيڻ ضروري ڇو آهي ؟

1ـ (الف) هر انسان جي رهڻي ڪهڻي ۽ اٿڻي ويهڻيءَ ۾ روزمره جي زندگيءَ جو سڀ کان اعليٰ رڪارڊ ۽ املهه خزانو هر دور ۾، اُن انسان جي ٻولي ئي رهي آهي. جيئن جيئن ڪنهن قوم جي رهڻيءَ ڪهڻي ۽ سماجي قدرن ۾ تبديلي ايندي رهندي آهي، تيئن تيئن اُن تبديليءَ جو اثر، اُن قوم تي پڻ ٿيندو رهندو آهي. اهڙيءَ طرح دنيا جو اهو ڪاروهنوار هر دور ۾ جاري رهيو آهي ۽ اڳتي پڻ جاري رهندو ايندو.

(ب) هر زبان جو انسان ذات جي ڪنهن نہ ڪنهن گروهہ سان هميشہ گهرو تعلق رهيو آهي. اُن لحاظ کان، هر زبان جو مطالعو اُن زبان جي ڳالهائيندڙ قوم، اُن قوم جي سماج، اُن قوم جي تهذيب ۽ تمدن، اُن قوم ۽ اُن ملڪ جي ثقافت جو گهرو مطالعو سمجهيو ويندو آهي. ڇاڪاڻ تہ هر ڪا زبان، انساني عمل جي پيداوار آهي. ٻوليون، مري ويل ماڻهن جي لاشن يا مري ويل ماڻهن جي هڏين منجهان نٿيون نهن، اُهي (ٻوليون) زنده انسانن جي روزمره جي زندگين مان اُپرن ۽ اُسرن ٿيون ۽ ترقي ڪن ٿيون. ان ڪري ائين چئي سگهجي ٿو تہ ٻوليون، زنده قومن جي زندگين، اُنهن جي جيوت، انهن جي سماجي حالتن، اُنهن جي تهذيب ۽ تمدن، ۽ انهن جي ثقافت جون آئينہ دار هونديون آهن. اُهي زبانون ئي، انهن قومن جون مادري زبانون هونديون آهن.

2ـ (الف): دنيا ۾، هر معاشري کي پنهنجي مادري زبان هجڻ، قدرتي طور هڪ لازمي امر آهي، پوءِ اهو معاشرو ڪهڙو بہ هجي. اهو معاشرو سنڌي هجي، پنجابي هجي، بلوچي هجي، پختون هجي، براهوي هجي، يا سرائيڪي ۽ ڪشميري هجي، اهڙيءَ طرح، پاڪستان ۾، هر صوبي يا اُن صوبي جي اندر معاشري کي، قدرت طرفان، پنهنجي پنهنجي زبان عطا ٿيل آهي. ان هر معاشري اندر، روزمره جي ڪاروهنوار، اُٿڻي ويهڻي، وڻج واپار، علم، ادب، تعليم ۽ تدريس جو ذريعو هميشہ اُن معاشري جي زبان ئي هوندي آهي. انڪري اهڙي معاشري اندر، اُن قوم جي مادري زبان ئي، اُن قوم جي نفسياتي جذبن ۽ ڪيفيتن کي اُجاگر ڪرڻ جو وسيلو هوندي آهي. نفسيات ۽ لسانيات جي ماهرن جو اهو رايو آهي تہ هر معاشري ۾ جنم وٺندڙ هر ٻار، سڀ کان پهرين جيڪا ٻولي ٻڌندو آهي، اُها اُن ٻار جي مادري زبان ئي هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو جيئن جيئن اهو ٻار، پنهنجي معاشري اندر وڏندو ۽ وڏو ٿيندو ويندو آهي، تيئن تيئن، پنهنجي مادري زبان سان، اُن ٻار جو نفسياتي طور نينهن جو ناتو ڳنڍجي ويندو آهي. جنهن کان پوءِ اُن ٻار کي ان مادري زبان کان ٽوڙڻ يا جدا ڪرڻ، ڪنهن بہ ماڻهوءَ جي وس جي ڳالهہ ڪا نہ هوندي آهي. اهو ئي سبب آهي جو سنڌي معاشري ۾ جنم وٺندڙ هر ٻار جو، پنهنجي مادري زبان سنڌيءَ سان، نفسياتي طور ڳانڍاپو هوندو آهي، جنهن کان هن کي جدا ڪرڻ ممڪن ئي نہ آهي. ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ سنڌي ٻوليءَ سان



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنڌي معاشري اندر رهندڙ هر سنڌي ماڻهوءَ جو نفسياتي ڳانڍاپو آهي، جيڪو اٽوٽ آهي ۽ اُهو هر حالت ۾ قائم ۽ دائم رهندو آهي.

3. (الف) نامور مفڪر سنڌ ڄائي علامه آءِ آءِ قاضيءَ 1949ع ۾ لاڙڪاڻي ۾ منعقد ڪيل، سنڌي ادبي ڪانفرنس ۾ 'سنڌي ٻولي- اُن جي بقا ۽ بچاءَ' جي عنوان سان موڪليل پيغام ۾ فرمايو ته:

" انسان فطري طور سماجي فرد آهي، ڇو ته بغير سماجي اجتماع جي، هو 'انسان' بڻجي نٿو سگهي. بقول قرآن حڪيم، 'خلق الانسان علم البيان'. اجتماعي زندگيءَ جي هيءَ فطري تقاضا آهي، ته انسان کي بيان جي قوت هجي، ڇاڪاڻ ته تبادله خيالات هڪ لازمي ضرورت آهي. انهيءَ ڪري ئي قوم جي اجتماعي زندگي، ٻوليءَ کي تشڪيل ڏئي ٿي، اُن کي ترقي وٺائي ٿي، ۽ اُن کي باقي رکي ٿي. جيڪڏهن اهي ضرورتون باقي نٿيون رهن ته پوءِ ٻوليءَ جو باقي رهڻ به بي معنيٰ آهي."

سنڌ جو ٻيو بين الاقوامي دانشور ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پنهنجي هڪ مقالي، سنڌي ٻولي، ان جو ماضي، حال ۽ مستقبل ۾ لکي ٿو :

"انسان جي پيدائش جي اها هڪ تقاضا آهي ته ڪيس پنهنجن خيالن جي بيان ڪرڻ جي قوت هجي يعني ته انسان کي، ٻيءَ مخلوق جي ڀيٽ ۾، هڪ اهڙي مخصوص ٻولي هجي، جنهن ۾ هو مسلسل طور پنهنجي اندروني جذبات، احساسات ۽ خيالات کي بيان ڪري سگهي. انسان ذات جي مختلف گروهن جي ٻولين جو وجود، ۽ اُن جي ساخت ۽ سٽاءَ، فطرت جو هڪ ايڏو وڏو معجزو آهي، جنهن تي لسانيات جا ماهر جيئن جيئن ٿا وڌيڪ ويچار ڪن، تيئن تيئن ٿا واهه واهه ڪن."

ڊاڪٽر بلوچ صاحب اڳتي فرمائي ٿو:

"فطرت جي سوانح نگار ۽ انسانيت جي علم بردار، جلال الدين رومي ؒ فطرت جي هن معجزي کان متاثر ٿي چيو ته:

هر کسی را اصطلاحی داده ایم، هر کسی را کیرتی بنهاده ایم،

هنديان را اصطلاح هند مدح، سنديان را اصطلاح سند مدح

يعني هر ڪنهن کي پنهنجي پنهنجي جدا ٻولي مليل آهي ۽ هر ڪنهن جي هڪ جدا طرز زندگي آهي. هند وارن کي هند جي ٻولي چڱائي، ۽ سنڌ وارن کي سنڌ جي ٻولي سونهي، مطلب ته هر قوم کي پنهنجي هڪ نرالي ٻولي آهي ۽ هڪ نرالو تمدن آهي، ۽ جيئن ته اهي خصوصيتون قانون فطرت جي عين مطابق آهن، انهيءَ ڪري انهن جو احترام به لازمي آهي.

4_ سنڌ جي مشهور تعليمي ماهر، اديب ۽ نقاد، محترم عثمان علي انصاري، پنهنجي هڪ مضمون ۾ لکيو هو ته:

"دنيا جي ماهرن جو ٻارن لاءِ تعليمي زبان لاءِ فقط هڪ ئي حڪم آهي، اهو هي آهي ته ٻارن



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪي تعليم فقط انهيءَ زبان ۾ڏني وڃي جا اُن ٻار جي 'نيم شعوري زبان' آهي، يعني اُها زبان، جنهن ۾ ٻار خواب لهندو آهي، اُها زبان جا بي اختياريءَ واريءَ حالت ۾ سندس مُنهن مان نڪري ٿي، ڇو ته اهڙيءَ زبان جي ڳالهائڻ يا سمجهڻ ۾، ٻار جي ذهني قوتن تي بار نه پوندو. اهڙيءَ زبان ۾ هو هڪ ڳالهه ڪنهن ماستر يا پنهنجي ڪنهن بزرگ جي سمجهائڻ بنا، ڪنهن به تڪليف جي، سمجهي سگهندو، ڪنهن به مشڪل مسئلي ڪي، جيڪو اهڙيءَ زبان ۾ لکيل هوندو ٻار تمام ٿوري ذهني ڪاوش سان، ذهن نشين ڪري سگهندو، پر جي تعليمَ جي زبان، سندس خواب جي زبان نه آهي ۽ ٻي دنيا جي ٻي ڪهڙي به زبان آهي ته سندس ذهني تازگيءَ جو تمام وڏو حصو فقط انهيءَ زبان جي سمجهڻ ۾ خرچ ٿي ويندو ۽ معلومات جو نور، سندس ذهن ۾ داخل ٿي ڪين سگهندو. اهو ئي آهي جو 'تعليمي زبان' بابت 'تعليم' جو نظريو جو بلڪل ڇتمي ۽ آخرين نظريو آهي، جنهن ۾ ڪا به ردوبدل ٿي نٿي سگهي."

محترم انصاري، مٿي بيان ڪيل 'نيم شعوري زبان' لاءِ لکي ٿو:

"اُها نيم شعوري زبان ڪهڙيءَ طرح سکبي آهي، ڪڏهن سکبي آهي، ۽ ڪنهن کان سکبي آهي: انهن سوالن جا جواب به تعليم جي ماهرن طئي ڪري ڇڏيا آهن، ڇاڪاڻ ته دنيا جي تعليم جي ماهرن، نيم-شعوري زبان کي، دنيا جي تعليم جي بنيادي زبان قبول ڪيو آهي. تعليم جي ماهرن جي نظر ۾ دنيا جو هر ٻار اُها نيم-شعوري زبان، بنا ڪنهن ڪوشش جي، ڄمڻ کان چار-پنج مهينا پوءِ، ماءُ جي هنج ۾ سکڻ شروع ڪندو آهي. تعليم جي ماهرن جي راءِ موجب، انهيءَ عمر کان ئي ٻار جي ذهن تي اُها نيم- شعوري زبان پنهنجا نقش چٽيندي ويندي آهي. باقي سڀ زبانون هُو زماني جي مجبورين يا ضرورتن سبب سکندو آهي."

محترم انصاري، هن نُڪتي جِيءَ وضاحت ڪندي لکيو آهي ته:

"اسان مان هزارين شخص، انگريزيءَ ۾ تعليم وٺي، پنهنجن پنهنجن ڪمن ۾ ماهر ٿيا آهن، ڪي وڪيل ٿيا آهن، ڪي انجنيئر ٿيا آهن ته ڪي ڊاڪٽر ٿيا آهن، پر ڇاڪاڻ ته اهو وڪالت، ڊاڪٽري يا انجنيئريءَ جو علم هڪ اهڙيءَ زبان ۾ پرايو اٿن، جا زبان هنن مجبوريءَ کان سکي آهي، تنهن ڪري اهڙن ماڻهن ۾ نه تخليقي قوتون پيدا ٿي سگهيون، نه ئي وري ڪين جدت جي ڪا واٽ ملي. پري نه وڃو پنهنجي ڪنهن وڏي ڊاڪٽر جي لياقت جي ڀيٽ، ڪنهن انگريز ڊاڪٽر سان ڪري ڏسو اوهان کي هڪ نمايان فرق محسوس ٿيندو. اهو فرق انهيءَ ڪري نه آهي ته اسان جا جوان ڪنهن به علم پرائڻ ۾ انگريز جوانن کان ذهني قوتن ۾ گهٽ آهن، پر اهو فرق فقط هن ڪري آهي جو اسان جا جوان، اهو علم هڪ اهڙيءَ زبان ۾ ٿا حاصل ڪن، جنهن زبان جي سمجهڻ ۾ ڪين پنهنجي سموري ذهني تازگي خرچ ڪرڻي ٿي پوي، ۽ پوريءَ معلومات کي سمجهڻ لاءِ سندن دماغ ۾ باقي بلڪل ٿوري قوت وڃي ٿي بچي."



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

انهيءَ وضاحتي بيان کان پوءِ، محترم انصاري، انهيءَ ڳالهه تي زور ڏيندي فرمايو آهي تہ:

”هر اُن سنڌي ٻار کي تعليم سنڌي زبان ۾ ڏيڻ گهرجي، جنهن جي گهر ۽ ماحول جي زبان سنڌي آهي، ۽ جنهن ٻار جي شعوري ۽ نيم – شعوري حالتن ۾ سنڌي زبان سان واسطو ٿو رهي.“

پنهنجي هن دليل کي جاري رکندي، انصاري صاحب فرمايو تہ:

”جنهن ٻار جي نيم- شعوري زبان اردو آهي ۽ کيس تعليم بہ انهيءَ زبان ۾ ئي ملي ٿي، اهڙي ٻار جي ڀيٽ ۾ هڪ سنڌي ٻار ڪيئن اڳي سگهندو، جنهن جي نيم- شعوري زبان تہ سنڌي آهي، پر اعليٰ تعليم لاءِ هُو اردو، انگريزي يا ٻي ڪا زبان پڙهي ٿو. اهڙيءَ ٻار جي نہ معلومات مڪمل هوندي، نہ ئي وري زبان مڪمل هوندي. اهڙي ٻار کي پنهنجن جواهر ٻارن جي بہ ڄاڻ نہ هوندي.“

اهو ئي سبب آهي جو انصاري صاحب توڙي ٻين تعليمي ماهرن جو رايو آهي تہ هر قوم جي فطري صلاحيتن کي اجاگر ڪرڻ لاءِ مناسب قدم هي ٿيندو تہ ان قوم جي ٻارن کي سندن نيم شعوري زبان ۾ مڪمل تعليم ڏني وڃي، جڏهن کان هو اسڪول وڃڻ شروع ڪري.

اهڙن تعليمي ماهرن اها شڪايت پڻ ڪئي آهي تہ هر پاڪستاني ٻار سان ائين ٿيو آهي جو سندن گهرن ۽ گهروارين گهٽين جي زبان هڪ آهي. انهن جي اسڪولن ۽ ڪاليجن ۾ استعمال ٿيندڙ زبان ٻي آهي، تہ وري انهن جي آفيسن ۽ دفترن ۾ لکپڙهہ جي زبان وچان ئي ٽين آهي، يعني هو سوچين هڪ زبان ۾، رانديون روندڻ، وندرون ۽ ڪچهريون، پنهنجي ان زبان ۾ ئي ڪن، تعليم ٻي زبان ۾ حاصل ڪن تہ وري سندن آفيسن ۽ دفترن ۾ لکپڙهہ ٽينءَ زبان ۾ ڪن، ۽ آفيسن جا سرڪيولر ۽ نوٽيفيڪيشن بہ اُن ئي دفتري زبان ۾ نڪرن. اهڙو ظلم دنيا جي ڪنهن بہ ملڪ جي ٻارن سان شايد ئي ڪتي ٿيندو هجي.

5- تعليمي ماهرن، هر قوم جي زبان جي صلاحيتن ۽ خوبين کي، پنهنجي رپورٽن ۾ مڪمل دليلن سان اُجاگر ڪيو آهي، اُنهن ماهرن جي اهڙين رپورٽن کي، سياسي نظر سان ڏسندڙن ماڻهن کي اهي رپورٽون شايد نہ بہ آڏنديون هجن، پر يونيسڪو جهڙي اداري جي تعليمي ماهرن کي، سنڌي، پنجابي، بلوچي، پشتو سرائڪي، براهوي ۽ اهڙين ٻين زبانن جي علمي، ادبي، تهذيبي، تمدني ۽ ثقافتي اهميت جي باري ۾ پوري پوري ڄاڻ هئي.

علم اللسان، علم ادب ۽ ٻين علمن جو هر ڪو ڄاڻو اهو دعوي سان چوندو آهي تہ سنڌي زبان ۾ هر هڪ تعليمي مضمون تي علمي خزانو ۽ ڇپيل مواد، مناسب انداز ۾ موجود آهي. سنڌي زبان، هر هڪ موضوع تي، هڪ معقول حد تائين خيالن جي اظهار ڪرڻ جي اهل زبان آهي. سنڌي زبان ۾ ٻين سڌريل ۽ زنده زبانن وانگر هيءَ خصوصيت بہ موجود آهي تہ اُها دنيا جي ڪنهن بہ ٻيءَ زبان جي لفظن کي، اُڌارو وٺي، اُنهن کي پنهنجي لسانياتي ۽ وياڪرڻي سانچي ۾ وجهي، پنهنجو ڪري سگهڻ جي هر ڪا صلاحيت رکي ٿي.

6- پاڪستان جي هر تعليمي ماهر کي هيءَ خبر ضرور پوندي آهي تہ سنڌي ٻارن جي چوويهن ئي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪلاڪن جي زبان، سنڌي ئي آهي. ان ڪري ڪنهن بہ سنڌي ٻار کي صحيح معنيٰ ۾ جيڪڏهن تعليم سان روشناس ڪرڻو آهي ۽ ڪرڻ بہ گهرجي تہ اها تعليم کيس پنهنجي مادري زبان ذريعي ئي ڏيڻ گهرجي، ڇاڪاڻ تہ اهو اُن ٻار جو پيدائشي حق آهي.

محترم محمد ابراهيم جويو پنهنجي هڪ مضمون ۾ يونيسڪو جي حوالي سان، 'تعليم جي عمل ۾ مادري زبان جو ڪردار' جي باري ۾ لکي ٿو تہ:

"مادري زبانن جي تعليمي ڪردار (Education Role) جي حمايت ۾ جيڪو مادري زبانن جو فطري ۽ اصولي ڪردار آهي، عالمي پيماني تي، پهريون ڀيرو 1951ع ۾ يونيسڪو جي ماهرن جي ميٽنگ ۾ هڪ زوردار ۽ پُر اعتماد آواز اٿيو. اُن ميٽنگ واري ڪارروائيءَ جي رپورٽ، 1953ع ۾ سڄيءَ دنيا جي قومن جي عام اطلاع طور پڌري ٿي، جنهن ۾ هڪ مطلوب ڪُليي طور، اهو رايو ظاهر ڪيو ويو تہ 'تعليم جي بهترين قسم جو عمل، ماءُ جي ٻوليءَ ۾ ئي ممڪن آهي.... شاگردن کي، پنهنجي اسڪولي تعليم، ماءُ جي ٻوليءَ ۾ ئي شروع ڪرڻ گهرجي، ۽ اُن جو ستعمال تعليم جي ممڪن ڪان ممڪن مٿاهين درجي تائين وڌائبو رهجي."

جويو صاحب، ساڳئي مضمون ۾ اڳتي لکي ٿو تہ:

"اقوام متحده جي 'يونيسڪو' تنظيم طرفان تعليمي اصول ۽ عمل بابت اهي اظهار ۽ اعلانيہ رايا، اُن مسئلي تي عالمي فتويٰ جو درجو رکن ٿا، جن جي تسليميءَ کان انڪار ۽ تعميل کان گريز فقط اُهي حلقا ڪن ٿا، جي پنهنجي استحصالي بالادستي ۽ حاڪميت کي قائم رکڻ چاهيندا آهن، يا اُهي جيڪي پنهنجي زبردست حيثيت يا غلامانہ صورتحال تي راضي هوندا آهن، يا اُن تي مطمئن رهن ٿا."

اهڙيءَ طرح 1951ع ۾ اقوام متحده طرفان دنيا جي تعليمي ماهرن جي، فرانس جي مرڪزي شهر، پئرس ۾ هڪ ڪانفرنس ڪوٺائي وئي، اُن ڪانفرنس ۾ بنيادي تعليم تي متفق طور هڪ رپورٽ مرتب ڪئي وئي، جنهن ۾ هيٺيان چار اهم تعليمي اصول منظور ڪيا ويا:

(i) مادري زبان ئي هر شخص لاءِ سندس خيالن جي اظهار جو هڪ قدرتي ذريعو آهي ۽ سندس خيالن جي اظهار کي پوريءَ طرح طاقت وٺائڻ، هن جي شروعاتي ضرورتن مان هڪ نهايت ئي اهم ضرورت آهي.

(ii) هر هڪ شاگرد جي درسي تعليم لازمي طور سندس مادري زبان جي ذريعي ئي عمل ۾ اچڻ گهرجي.

(iii) ڪنهن بہ زبان جي بناوت ۾ اهڙي قسم جي ڪا بہ بنيادي ڪمزوري نہ آهي، جا کيس انسان جي موجوده علم، فن ۽ موجوده تهذيب جي اظهار جي وسيلي بڻجڻ کان روڪي سگهي.

(iv) مادري زبان جو نعم البدل ٻي ڪا بہ زبان ٿي نٿي سگهي، پوءِ چاهي اُها بين الاقوامي زبان ڇو نہ هجي، جيستائين اسان جا ٻار اسڪولن ۾ داخل ٿيڻ کان اڳ ئي انهيءَ ٻي زبان کان چڱيءَ طرح واقف نہ هجن.

8_ مادري زبانن ذريعي تعليم ڏيڻ جي سلسلي ۾ 'وارن ويبسٽر' نالي هڪ مشهور تعليمي ماهر، پاڪستان لاءِ 1965ع ۾ 'يونيسڪو' جي هڪ ٽيم طرفان تيار ڪيل هڪ رپورٽ جو ذڪر ڪيو آهي،



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جنهن (رپورٽ) ذريعي يونيسڪو جي ان ٽيم پاڪستان سرڪار کي، 1965ع ۾ پاڪستان ۾ ذريعه تعليم جي سلسلي ۾ مشورا ڏنا هئا. ان رپورٽ ۾ چاڻايل آهي تہ: ”وڏي بحث مباحثي ۽ سوچ ويچار کان پوءِ اهو فيصلو ڪيو ويو تہ ابتدائي تعليم واري درجي کان وٺي، ٻارن توڙي وڏيءَ عمر وارن ناخوانده بالغن کي تعليم ڏيڻ جو واحد ذريعو مادري زبان ئي آهي.“

هن رپورٽ ۾ وڌيڪ چاڻايل آهي تہ: ”ذريعہ تعليم لاءِ ظاهري طور مڃيل ۽ رائج اصول هيءُ آهي تہ نفسياتي طور ۽ تعليم جي سکيا جي مڃيل اصولن موجب، مادري زبان ئي ٻارن توڙي ناخوانده بالغن جي سکيا جو واحد ۽ ڪامياب ذريعو آهي.

وارن ويبسٽر يونيسڪو جي 1965ع واريءَ انهيءَ رپورٽ جي حوالي سان اڳتي لکي ٿو تہ: ”پاڪستان ۾ مادري زبانن ذريعي، ٻارن ۽ ناخوانده بالغن کي تعليم ڏيڻ علم اللسان، علم الانسان ۽ سياسي لحاظ کان وڌيڪ سمجهہ ۽ فهم وارو فيصلو ٿيندو، پر پاڪستان جهڙي ملڪ ۾ اهڙو فيصلو هميشہ سياسي مقصدن جو محتاج رهيو آهي. ڪامورا شاهي ۽ سياسي استحصاليءَ جي ڪري، مادري زبانن ۾ تعليمي مواد جي تيار ڪرڻ واري عمل کي روڪڻ ۾، بدنيتي ۽ گمراهہ ڪندڙ ڪوششون ڪارفرما رهيون آهن، جنهنڪري پاڪستان ۾ اتحاد ۽ قومي يڪجهتي واري جذبي کي رد ڪري، مادري زبانن جي ترقيءَ کي فقط هڪ ٻوليءَ جي عيوض قربان ڪيو ويو آهي.“

9- ان ڪري هڪ سنڌي ٻار جي لاءِ، سنڌي زبان کان سواءِ ٻي ڪا بہ زبان، بنيادي ۽ ابتدائي تعليم جي تدريس لاءِ نعم البدل طور ڪم آڻڻ، اُن ٻار جي مستقبل کي تباهہ ڪرڻ جي برابر ٿيندو. اهو ئي هڪ وڏو دليل آهي تہ هر سنڌي ٻار کي سنڌ ابتدائي درجي کان وٺي اڳتي مڪمل تعليم، سنڌ مادري زبان سنڌيءَ ۾ ئي ڏيڻ گهرجي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ: سنڌي لسانيات جو هڪ اوائلي عالم

1 (الف) شمس العلماء مرزا قليچ بيگ سنڌ جو هڪ اُهو يگانو عالم ٿي گذريو آهي، جنهن انگريزن جي اوائلي دور کان وٺي، 1929ع تائين، سنڌي نثر توڙي نظم جي هر صنف تي ڀرپور نمونې سان لکي، سنڌي ادب کي عالمي ادب جي ميدان ۾ مجرائي ڇڏيو. اهو ئي سبب آهي جو مون ڪيس، 1997ع ۾ پنهنجي هڪ مقالي ۾، سنڌي نثر جو ابو سڏيو هو. مرزا صاحب مرحوم سنڌي علم ادب جي گهڻو ڪري هر صنف کي، مشرقي توڙي مغربي ٻولين ۾ علم ادب تي ڪنيل ڏار ڏار صنفن مان سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪري، اُن (سنڌي ٻوليءَ) کي علم ادب جي ميدان ۾، مالا مال ڪري ڇڏيو. اهڙيءَ طرح، انهن صنفن تي مرزا صاحب پنهنجا طبعزاد ڪتاب پڻ لکيا.

هن مقالي ۾ آءٌ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جي فقط سنڌي لسانيات جي موضوع تي لکيل ۽ ترجمو ڪيل ڪتابن مان بہ فقط لکيل 'سنڌي وياڪرڻ' تي تنقيدي جائزي تائين محدود رهندس، ڇاڪاڻ تہ هيءَ هڪ اهڙو موضوع آهي، جنهن تي مرزا صاحب جي حوالي سان، گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڪتاب تہ لکي سگهجي ٿو.

(ب) لسانيات ڇا آهي، يا سنڌي لسانيات ڇا کي ٿو چئجي، اُن جي باري ۾، سنڌي زبان ۾ سنڌ ۽ هند ۾، ويجهڙائيءَ ۾ گهڻو ئي ڪجهہ لکيو ويو آهي ۽ ساڳئي وقت لکجي بہ رهيو آهي. ان کان سواءِ هن موضوع تي انگريزي، روسي، جرمن، فرينچ، هندي ۽ ٻين ٻولين ۾ بہ گهڻو ئي ڪجهہ لکجي چڪو آهي ۽ هر سال لکجي رهيو آهي. انهيءَ هوندي بہ آءٌ پنهنجي هن مقالي ۾، سنڌي لسانيات جي باري ۾ پڙهندڙن جي ڏيان ڇڪائڻ لاءِ، پنهنجا خيال ظاهر ڪرڻ چاهيان ٿو. هن مقالي ۾ اهو بہ ڇيو ويو آهي تہ سنڌي لسانيات جي باري ۾ مرحوم مرزا قليچ بيگ ڇا ڇا لکيو آهي ۽ هي بزرگ، سنڌي لسانيات جي ڪهڙين ڪهڙين شاخن جي باري ۾، 1916ع کان وٺي تاحيات پنهنجن خيالن جو اظهار ڪندو پئي رهيو.

(ت) (i) سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جا عالم اهو ڄاڻن ٿا تہ سنڌي لسانيات واري موضوع تي، مرزا صاحب مرحوم جو ڪتاب 'سنڌي وياڪرڻ' جيڪو ڇهن حصن ۾، پهريون ڇاپو ڇپجي پڌرو ٿيو هو اُن ڪتاب ۾ مرزا صاحب، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، سماجي لسانيات، سنڌي صوتيات، سنڌي صرف و نحو صنايع بدايع ۽ علم عروض جي باري ۾، اُن زماني ۾ يعني اڄ کان هڪ سئو سال اڳ، تفصيل سان بحث ڪيو آهي. اُن زماني ۾، سنڌي لسانيات جي سلسلي ۾ هڪ بهترين ڪوشش طور، هڪ لاجواب ڪتاب مڃيو ويو هو پر وقت گذرڻ سان گڏ، دنيا ۾ هر علم جي ڄاڻ ۾ وڏي ترقي ۽ تبديلي آئي آهي. انهيءَ ڪري لسانيات جي علم ۾ پڻ ڪافي تبديليون آيون آهن. اُن ۾ بہ نوان خيال، نيون سوچون ۽ عالمن طرفان، نوان نظريا پيش ڪيا ويا آهن. اهو ئي سبب آهي جو اڄ مرحوم مرزا قليچ بيگ ۽ پروفيسر ڀيرو مل آڏواڻيءَ کان سواءِ، لسانيات جي موضوع تي لکندڙ اڳوڻن عالمن جا نظريا ۽ رايا، اڄ جي لسانيات جي نظرين ۽



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سوچن جي پيٽ ۾ پراڻيون ۽ متروڪ ٿي ويل محسوس ٿين ٿا. مثال طور، مرزا صاحب مرحوم، سنڌي وياڪرڻ جي ڀاڱي ٽئين جي، باب ٻئي ۾، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، هنن لفظن ۾ بيان ڪئي آهي:

”ٻولين جي شجري موجب، سنڌي ٻولي، آرين جي قديم ۽ شريف ٻوليءَ جي ڪٽنب مان آهي، جنهن مان نڪتل ٻولين جي ڳالهائڻ وارا اڪثر جهان جي تاريخ ۾ ماڻهن جا مهندار ۽ سڌاري جا باني ٿي گذريا آهن. انهيءَ ٻوليءَ جي ايشيائي ’ٿُڙ‘ يا ’ڏار‘ مان، جن ٻن نڪتل ٻولين جو واسطو سنڌي ٻوليءَ سان رهيو آهي، سي آهن: هندي ۽ ايراني، هندي ٻولين يا شاخن مان، سيني جي سردار سنسڪرت آهي. انهيءَ جون قديم ۽ اوائلي ٻوليون: پراڪرت ۽ پالي ٻوليون هيون. انهن مان پراڪرت، پنهنجين شاخن سميت، اُتر هندستان جي ٻولين جي ماءُ آهي ۽ پالي وري ڏکڻ هندستان جي ٻولين جي پيدا ڪندڙ آهي. انهيءَ شُجري موجب، سنڌي ٻولي، پراڪرت جي ڌيءَ آهي ۽ سنسڪرت جي ڏوهٽي آهي. انهيءَ ڪري ڪٿي هڪ خيالي زال سمجهو، پر پهرين هڪڙي مسلمان عرب سان پرڻي، ۽ انهيءَ جي مرڻ کان پوءِ، اُها هڪڙي گڏيل ذات واري مسلمان سان پرڻي، جنهن ۾ تاتاري، مغل، افغان ۽ بلوچڪو رت يا نسل گڏيل هو. انهيءَ کان پوءِ هڪڙي ڪرسچن انگريز کي هٿ آئي. اها زال، ’سنڌ‘ يا ’سنڌي ٻولي‘ هئي. انهيءَ جي پهرين شادي، سن 711ع ۾ ٿي، جڏهن عربن سنڌ فتح ڪئي. ٻي شادي، 1026ع ۾ ٿي، جڏهن محمود غزنوي، سنڌ فتح ڪئي، ۽ کانئس پوءِ پٺاڻ، مغل ۽ ٻين خاندانن جا مسلمان بادشاهه آيا. ٽين شادي، 1843ع ۾ ٿي، جڏهن انگريزن سنڌ فتح ڪئي، هر هڪ مڙس مان، اُن کي اولاد ٿيو جي سڀ صلح ۾ پيا گذارين، پر افسوس آهي تہ ٿورن ڏينهن کان، ڪن سببن ڪري، انهن جي وچ ۾ اڻبڻت ۽ مخالفت ٿي آهي ۽ ڪن خير خواهن جي ڪوشش آهي تہ انهن جي وچ ۾ وري پرچاءُ ڪن ۽ اتفاق پيدا ڪن. جيئن اڳي هوندو هو (مرزا قليچ بيگ، 1992ع: 173 ۽ 174).

مرزا صاحب، پنهنجي انهيءَ ساڳي راءِ ۾ اڳتي لکيو آهي تہ:

”هاڻي ڏسڻ ۾ ايندو تہ سنڌي، اصل هندڪي زبان آهي، تنهن ڪري منجهن بيشمار لفظ اُهي آهي جي پراڪرت جي معرفت، سنسڪرت مان ورتل آهن، جن مان گهڻا صورت بدلائي ڪم اچن ٿا. انهيءَ هوندي بہ ڪي لفظ نج سنڌ جا واسي آهن، خصوصاً، ٻ، ڄ، ڃ، ڏ، ڳ، ڱ ۽ ڻ حرفن وارا، جيئن: ٻائي، ڏاهر، ڏهرسين ۽ ٻيا اهڙا نالا يا لفظ تاريخ ۾ ملن ٿا ۽ ڪي ٻيا بہ آهن جيئن تہ: ڄُنگ، ڏُنگ، ڍينگ، ڏنگ ۽ پڳڙي، انهن ۾ اصل هندي ۽ نج سنڌي لفظن کان سواءِ باقي ٻيا عربي، فارسي، ترڪي ۽ ٻين ٻولين جا لفظ آهن. حساب ڪيو اٿن تہ سنڌيءَ ۾ سنسڪرت جا اصل ٻارهن لفظ آهن. ساڍا ٽي هزار نج سنڌي لفظ آهن، اڍائي هزار عربي لفظ آهن ۽ ٻيا بہ هزار فارسي وغيره ٻولين جا لفظ آهن. پر سنڌيءَ جي نسبت ۾ ايتري تعريف ڪرڻ لازم آهي تہ اها پنهنجي ماءُ ۽ نانيءَ ڏانهن سچي، ايماندار ۽ وفادار



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

رهي آهي، جو اُنهن جون گهڻيون اصلوڪيون صورتون، سندس ہين پيٽن کان منجهن گهڻيون ۽ زياده صحيح موجود آهن. مثلاً: فعل ۽ ظرف، سي البت عربي ۽ فارسي نموني تي ٺهيل آهن. باقي ہيون سڀ صرف و نحو جون صورتون، سنسڪرت ۽ پراڪرت وياڪرڻ سان موافقت رکن ٿيون ۽ منجهس ايترا تہ سنسڪرت ۽ پراڪرت لفظ اصلوڪي يا بدليل صورت ۾ موجود آهن، جو انهن مان ڪتل ہين ٻولين ۾ نہ آهن. جيئن مرهٽي، گجراتي، پنجابي، بنگالي ۽ هندي وغيره" (مرزا قليچ بيگ، 1992ع:174)

(ث) (i) مرزا صاحب جي انهيءَ راءِ کي جديد لسانيات جي حوالي سان، سنڌي ٻولي توڙي واديءِ سنڌ جي ہين ٻولين، جهڙوڪ: پنجابي، سرائڪي، داردي، هندڪو ۽ راجستاني وغيره جي بڻ بنياد جي باري ۾ ڏنل راءِ سان ڀيٽڻ کان پوءِ اهو چئي سگهجي ٿو تہ مرزا صاحب جي اها راءِ هاڻي تمام پراڻي آهي، ۽ هن موضوع تي انهن سيني ٻولين جي ماهرن هاڻ، پنهنجا نوان خيال ظاهر ڪيا آهن. عام لسانيات جي هڪ شاگرد جي راءِ موجب، آءٌ هن راءِ جو آهيان تہ:

"سنڌي توڙي اهي سڀ ٻوليون، غير-آريائي خاندان واريون ٻوليون آهن. انهن سيني ٻولين جون پاڙون، موهن جي دڙي واري تهذيب ۾ ڪتل آهن. اهي ٻوليون، واديءِ سنڌ ۾ آرين جي اچڻ کان صديون اڳ، هن واديءَ ۾ نہ صرف ڳالهايون ويندڀون هيون، پر سنڌي ٻولي تہ لکي بہ ويندي هئي. سنڌي ٻولي، تہ دراوڙي ٻولين سان بہ ڪن خاصيتن جي ڪري هڪجهڙائي رکي ٿي. آرين جي سنڌو ماٿر ۾ اچڻ کان پوءِ سنڌي ٻولي ۾ پراڪرت ٻولين جا بيشمار لفظ داخل ٿي ويا، پر اُن (سنڌي ٻوليءَ) جي سٽاءَ (Structure) تي، آريائي ٻولين جو ڪو معمولي اثر مس ٿيو ۽ اُن سنڌي ٻوليءَ جو سٽاءُ گهڻي قدر اهو ئي ساڳيو قديم ۽ ديسي رهيو. سنڌي ٻوليءَ آريائي ٻولين کان جيتوڻيڪ ڪافي لغوي خزانو ورتو تہ موٽ ۾ اُنهن (پراڪرت ٻولين) کي گهڻو ئي ڪجهہ ڏنو. انهيءَ دعوي جا ثبوت تڏهن ملن ٿا، جڏهن آريائي ٻولين: پراڪرت، سنسڪرت ۽ فارسي ٻوليءَ جي سنڌي ٻوليءَ سان ڀيٽ ڪئي ويندي" (الانا، غلام علي، ڊاڪٽر 2000ع: بہ ٻول، ص ث)

(ii) مرزا صاحب جو هيءَ رايو بہ قبول ڪرڻ جهڙو نہ آهي، جنهن موجب مرزا صاحب، پنهنجيءَ تحقيق، سنڌي وياڪرڻ ۾، صفحي 174 تي لکيو آهي: "ڏکڻ هندستان جي ٻولين کي پيدا ڪندڙ پالي زبان آهي" (ص 174) بلڪ دنيا ۾ جديد لسانيات جا سڀ ماهر هاڻي اهو تسليم ڪري چڪا آهن تہ ڏکڻ هندستان ۾ رائج ٻوليون، دراوڙي خاندان سان تعلق رکن ٿيون، جيڪي غير-آريائي ٻوليون آهن. دراوڙي ٻولين جو واسطو واديءِ سنڌ جي قديم ۽ مقامي ٻولي (سنڌو) جي پروٽو-ڊرئويڊين شاخ سان آهي.

2 (الف) مون پنهنجي هن مقالي جي عنوان ۾ مرزا قليچ بيگ کي سنڌي لسانيات جو اوائلي عالم انهيءَ ڪري سڏيو آهي، جو مرزا صاحب جا، سنڌي ٻوليءَ جي بڻ بنياد، سنڌي صرف ۽ نحو ۽ سنڌي صوتيات جي باري بيان ڪيل رايا اوائلي آهن. مرزا صاحب، پنهنجا اِهي رايا 1916ع ۾ سندس



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

لکيل ’سنڌي وياڪرڻ‘ ۾ ڏنا هئا. هن موضوع تي مرزا صاحب کان اڳ ۽ پوءِ لسانيات جي ملڪي توڙي غير ملڪي ماهرن، وڏي ڇنڊڇاڻ ڪئي، پر هن موضوع تي تحقيق جي سلسلي ۾ سڄي دنيا ۾ انقلاب تڏهن آيو جڏهن 1931ع ۾ سر جان مارشل جي طرفان، موهن جي دڙي جي آثارن جي باري ۾ ڏنل رپورٽ ڇپجي پڌري ٿي هئي. سرجان مارشل جي انهيءَ رپورٽ کان پوءِ آرڪيالاجيءَ جي ڪيترن ئي ماهرن، قديم زماني ۾ سنڌو تهذيب ۾ رائج ٻوليءَ توڙي سنڌو ماٿر جي تهذيب ۽ تمدن جي باري ۾ مذڪوره رپورٽ، دنيا جي ماهرن جا نظريا ئي بدلائي ڇڏيا، ۽ هر ماهر اهو رايو ڏنو تہ ننڍي کنڊ جي تاريخ، هاڻ نئين سر لکڻ گهرجي.

(ب) مرزا صاحب جي، ’سنڌي وياڪرڻ‘ جي باري ۾ ڇپيل ڇئن ئي جلدن کي، سنڌي ادبي بورڊ، ملائي، هڪ ئي جلد جي صورت ۾ ان جو نئون ڇاپو 1992ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو. اُن جي 1992ع واري ڇاپي جي مهاڳ ۾ ان وقت جي سيڪريٽري محترم امداد حسينيءَ لکيو آهي تہ:

"ورهاڱي کان اڳي، سنڌي ٻولي، تحقيقي تخليقي، ترجمي توڙي تعليمي لحاظ کان، هڪ اهڙي معيار تي پهچي چڪي هئي، جو اسين اهو چئي سگهون ٿا تہ سنڌي ٻولي، جديد دور ۾ پير پائي چڪي هئي ۽ سنڌي عالمن ۽ اديبن، شاعرن ۽ تعليمي ماهرن پاڻ ارپڻ واري جذبي سان، ان ڏس ۾ جيڪو ڪم ڪيو آهي، اُهو حيرت انگيز آهي ۽ اڄ بہ لوهہ تي ليڪي وانگر آهي ۽ ان دعويٰ جو ثبوت مرزا قليچ بيگ جي هيءَ لاثاني تصنيف، سنڌي وياڪرڻ آهي (امداد حسيني 1992ع: مهاڳ)

(ت) 1916ع ۾ مرزا صاحب جي ڇپيل هن وياڪرڻ کان اڳ ۽ پوءِ، سنڌي لسانيات جي ڪيترن ئي سنڌي ۽ غير سنڌي ماهرن، سنڌي وياڪرڻ جي موضوع تي قلم کنيو هو انهن مان ڪن ماهرن جا نالا هي آهن: مسٽر واٿن، جان ڊبليو پارڪر (1834ع)، آر- ايف برٽن (1847ع) ڪئپٽن جارج اسٽئڪ (1849ع)، ڪئپٽن جارج شرٽ (1866 ۽ 1879ع)، جان بيمز (1872ع)، ڊاڪٽر ارنيسٽ ٽرمپ (1872ع)، سرگريئرسن (1902ع-1919ع) مسٽر اينٽڪن (1907ع)، سر رالف للي ٽرنر (1923ع ۽ 1924ع)، ڊينيل جونز (1933ع)، ائنٽني زيويئر (1936ع)، گراهم بيلي (1938ع) ، هيسڪل. سي ڊبليو (1942ع)، ڊاڪٽر سورلي (1953ع- 1968ع) ۽ ڊاڪٽر ايچ-ٽي لئمبرڪ (1964ع)، ان کانسواءِ ڪن روسي ماهرن بہ هن موضوع تي تحقيقي ڪم ڪيو آهي.

اهڙيءَ طرح، مرزا صاحب جي سنڌي وياڪرڻ (1916ع) کان اڳ ۽ پوءِ، ڪيترن ئي ديسي ماهرن بہ سنڌي وياڪرڻ جي باري ۾ تحقيق ڪئي، اُنهن مان ڪي ماهر هي هئا: جهمٽ مل نارو مل وسناڻي (1866ع ۽ 1892ع)، ڏيارام وسڻ مل ميرچنداڻي (1914ع)، ڊولو مل بولچند، ريجهو مل ٽڏاڻي (1940ع)، پاتيجا (43-1942ع)، پيرو مل آڏواڻي (1925ع)،حڪيم فتح محمد سيوهاڻي (1965ع)، ڊاڪٽر ايچ- ايم. ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ (1950ع)، ديوان جيرامداس دولترام (1957ع)، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي (1968ع، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي (2000ع)، ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻيءَ کانسواءِ داڪٽر پرسو گدواڻي، ڪشنچند گلاب



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

سنگهہ گدواڻي، ديوان ريواچند، دولت رام آڏواڻي، ليلا رام پريمچند واڌواڻي ۽ ڊاڪٽر ستيش روهڙا بہ جديد سنڌي لسانيات ۽ سنڌي وياڪرڻ جي باري ۾ پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. اهڙيءَ طرح ويجهڙائيءَ ۾ محمد ابراهيم جويي، ڊاڪٽر نبي بخش خان بلوچ، پروفيسر علي نواز جتوئي، ڊاڪٽر محمد ابراهيم خليل، سراج الحق ميمڻ، عبدالقيوم 'صائب'، ڊاڪٽر محبت برڙي، ڊاڪٽر عبدالمجيد ميمڻ سنڌي، ڊاڪٽر فهميده حسين، ڊاڪٽر شمس الدين عرساڻي، ڊاڪٽر هدايت پريم، ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجي، ڊاڪٽر الطاف جوکيي ۽ مختيار ملاح پڻ تعريف جوڳو تحقيقي ڪم ڪيو آهي.

(ث) حقيقت ۾ سنڌي وياڪرڻ جي سلسلي ۾ بنيادي تحقيقي ڪم، مسٽر واٽن، ڪئپٽن جارج اسٽئڪ، ڊاڪٽر ٽرمپ، سر گريئرسن، ديوان جهمٺ مل وسناڻي، مسٽر هيسڪل، مسٽر ڊولي مل، مرزا قليچ بيگ، ڀيرومل آڏواڻي ۽ سراج الحق ميمڻ ڪيو هو. پروفيسر ڀيرومل آڏواڻيءَ پنهنجي ڪتاب 'وڏو سنڌي وياڪرڻ' (1925ع) جي مهاڳ ۾ اهو اعتراف ڪيو هو تہ:

> "پڇاڙيءَ ۾ آءٌ شمس العلماءَ مرزا قليچ بيگ جي شڪر گذاري ڪرڻ فرض سمجهان ٿو جنهن صاحب پنهنجي دستخط سان سنڌي گرامر مون ڏي ڏياري موڪليو. جنهن مان توڙي سندس ڪتاب 'علم نحو' مان بہ مون ڪجهہ مدد ورتي. وري جڏهن هيءَ ڪتاب تيار ڪري رهيو هوس تڏهن بہ هن صاحب تڪليف وٺي، سڄو گرامر پنهنجي نظر مان ڪڍيو. پروفيسر گربخشاڻيءَ پڻ پويان پاڱا نظر مان ڪڍي ڏنا. جنهن لاءِ آءٌ هن صاحب جو پڻ شڪر گذار آهيان. (ڀيرومل آڏواڻي، 1925ع: مهاڳ)

(ج) تاريخي لسانيات کان سواءِ مرزا صاحب، سماجي لسانيات جي باري ۾ بہ پنهنجي لکيل ڪتاب، سنڌي وياڪرڻ ۾ صفحي 172 ۽ 173 تي، پنهنجن خيالن جو اظهار ڪيو آهي. سماجي لسانيات جي حوالي سان مرزا صاحب لکي ٿو تہ:

> "ڪنهن بہ وڏي شهر ۾ شريفن، تعليم يافتن ۽ سکر ماڻهن جي ٻولي ٻي ۽ اٻپڙهيل ۽ گهٽ درجي وارن ماڻهن جي ٻولي ٻي آهي، هڪڙي مذهب وارن ماڻهن جي ٻولي، ٻئي مذهب وارن ماڻهن جي ٻوليءَ کان، ٻي طرح جي آهي. انهيءَ طرح، ڌر ڌار ماڻهن جو اثر، قومن ۽ فردن تي بہ ٿو رهي." (مرزا قليچ بيگ 1992ع: 172)

مرزا صاحب، اڳتي لکي ٿو:

> "وري جيڪي ماڻهو زباني ۽ ڪتابي ٻوليءَ تي اثر ٿا ڪن، تن مان، ڪنهن خاص ملڪ جي پاسي وارن ملڪن ۾ سير سياحت ڪندڙن، ڪاهہ ۽ فتح ڪندڙن جو اثر، ملڪ جي ٻوليءَ تي گهڻو ٿو ٿئي، خصوصاً فتح ڪندڙن ۽ حاڪمن جو عربيءَ ۾ پهاڪو آهي تہ: 'الناس علیٰ دين ملوکهم' يعني ماڻهو اڪثر پنهنجي بادشاهہ جي دين ۽ رسم جي پيروي ڪندا آهن. انهيءَ ۾ رسم، رواج، پوشاڪ، اُٺ، ويهہ جا قاعدا ۽ ملڪي رايا سڀ اچي وڃن ٿا. (مرزا قليچ بيگ، 1992ع: 172)



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

مرزا صاحب، انهيءَ بيان کانپوءِ اڳتي لکي ٿو:

”متي جيڪي عام ٻولين جي نسبت ۾ چيو ويو آهي ، سو سنڌي ٻوليءَ سان بہ لاڳو آهي، جو انهيءَ ۾ گهڻين ئي قومن ۽ مذهبن جا مخفي ۽ ظاهري نشان موجود آهن. انهيءَ مان قديم وقت کان وٺي، هن وقت تائين، سنڌ جي تاريخ معلوم ٿي سگهي ٿي ۽ صاف طرح خبر پوي ٿي تہ ڪهڙيون ڪهڙيون قومون، هڪ ٻئي پٺيان، سنڌ تي ڪاهي آيون ۽ ڇو؟ هڪڙيءَ ئي زبان جا، ساڳئي پرڳڻي ۾، گهڻائي قسم ڳالهائڻ ۾ اچن ٿا. مسلمانن جي سنڌي ٻولي، هندن جي سنڌي ٻوليءَ کان ٻيءَ طرح جي آهي، بلڪ هندن مان بہ، جيڪي اڳوڻي هندي ٻولي ڳالهائين ٿا، ۽ ڪي هاڻوڪي عربي ۽ فارسي آميز سنڌي ٻولي.“ (مرزا قليچ بيگ، 1992ع:173)

3۔ (الف) مرزا صاحب توڙي ٻين سيني سنڌي وياڪرڻين، سنڌي لسانيات جي موضوع تي، سنڌي صوتيات، سنڌي صرف ۽ سنڌي نحو ۽ علم معانيءَ وارن شعبن تي بہ خيال آرائي ڪئي آهي، پر انهن ماهرن جا بيان ڪيل اصول ۽ قانون، جديد لسانيات جي اصولن ۽ قانونن کان بلڪل پراڻا ۽ ٻيءَ طرح جا آهن، ۽ اهو ئي سبب آهي جو انهن اوائلي ماهرن جي بيان ڪيل اڳوڻن يعني پراڻن اصولن ۽ قانونن تي هاڻي، جديد لسانيات موجب مقرر ڪيل نون اصولن ۽ قانونن جي روشنيءَ ۾ نظرثاني ڪرڻ ۽ انهن کي نئين سر بيان ڪرڻ جي ضرورت آهي. ڇاڪاڻ تہ انهن اوائلي عالمن جي بيان ڪيل اصولن ۽ قانونن جي لڳ ڀڳ هڪ صديءَ کان بہ وڌيڪ عرصو گذري چڪو آهي.

(ب) هتي اهو ٻڌائڻ بہ ضروري آهي تہ ديسي ماهرن گهڻو ڪري ڪئپٽن شرٽ، ڊاڪٽر ٽرمپ، سر گريئرسن ۽ مسٽر واٽڻ جي لکيل گرامرن ۾ بيان ڪيل وياڪرڻي اصولن کي، پنهنجي طرفان لکيل وياڪرڻي ڪتابن ۾ ترجمو ڪري پيش ڪيو آهي. انهن سيني اڳوڻن ماهرن جي لکيل گرامرن کي گهٽ ۾ گهٽ 66 کان وٺي هڪ سئو سال گذري چڪا آهن. انهن سيني ماهرن کي، ان زماني ۾ سنڌي ٻوليءَ جو وياڪرڻ جيئن محسوس ٿيو، تيئن انهن اُن جو جائزو ورتو. پر هاڻي، سنڌ ۽ ڀارت ۾، ويجهڙائيءَ واري عرصي ۾ لکيل سنڌي وياڪرڻن جي مطالعي مان اهو ئي سمجهڻ ۾ اچي ٿو تہ هاڻ ضرورت هن ڳالهہ جي آهي تہ تشريحي ۽ بياني لسانيات جي اصولن کي سامهون رکي، سنڌي ٻوليءَ جو نئون وياڪرڻ لکڻ کپي، ڇاڪاڻ تہ دنيا ۾ هر هنڌ هاڻ، جديد لسانيات جي اصولن جي روشنيءَ ۾، ٻولين جا وياڪرڻ، نئين نظر سان لکجي رهيا آهن.

4 (الف): هن مقالي ۾، مرزا قليچ بيگ جي وياڪرڻ جي 1992ع ۾ ڇپيل نئين ڇاپي (پهريون ڇاپو 1916ع ۾ شايع ڪيو ويو هو) ۾ سنڌي وياڪرڻ جي هر ڀاڱي ۾، سنڌي صوتيات، سنڌي صرف ۽ سنڌي نحو جو جائزو ورتو ويو آهي ۽ انهيءَ جائزي جي آڌار تي ڪي ضروري سفارشون بہ ڪيون ويون آهن، جن کي سامهون رکي، مرزا صاحب جي لکيل سنڌي وياڪرڻ تي نظرثاني ڪري، اُن کي نئين سر لکيو وڃي. مثال طور، مرزا صاحب جي لکيل سنڌي وياڪرڻ (نئون ڇاپو سال 1992ع) جي ڀاڱي ٽئين ۾، صفحي 97



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

تي، ’علم صرف‘ جي جيڪا وصف ڏني وئي آهي، اُن وصف ۾ مرزا صاحب لکي ٿو تہ:

> ”حرفن مان لفظن جو جڙڻ ۽ لفظن مان جملن ٺاهڻ ڪي، علم صرف چئبو آهي“ (ص: 97)

مرزا صاحب مرحوم جي لکيل ساڳئي ڪتاب جي صفحي 72 تي ’علم صرف‘ جي وصف وري هن طرح ساڳي بيان ڪيل آهي:

> ”علم صرف لفظ جي عربي لغت ۾ معنيٰ آهي ’ڦيرائڻ‘ يعني ’ڦيرو يا گردان‘، انهيءَ موجب، لفظ جدا جدا صورتن ۾ ڦرن ٿا، ۽ فعل، زمانن موجب ڦرن ٿا، ۽ سڀ قسم جي لفظن جون جدا جدا صورتون ۽ ’صيغا‘ صرف ۾ داخل آهن“ (ص: 72).

(ت) (i) حقيقت ۾ مرزا صاحب توڙي سنڌ جي ٻين سيني وڏن وياڪرڻين جون بيان ڪيل، علم صرف ۽ علم نحو جي باري ۾ اهي وصفون، جديد لسانيات جي روشنيءَ ۾، علم صرف ۽ علم نحو جي اصولن ۽ قانونن موجب، پورو وياڪرڻي مفهوم ۽ ڪارج ادا نٿيون ڪن. هن ڏس ۾ جديد لسانيات جي جڳ مشهور آمريڪي عالم بلومفيلڊ، علم صرف جي وصف هن ريت بيان ڪئي آهي:

> ”هي اُهو علم آهي جنهن جي مدد سان، ڪنهن بہ ٻوليءَ جي لفظن ۽ انهن لفظن جي سٽاءَ جوڙجڪ يا گهاڙيٽن جي باري ۾ خبر پوندي آهي.“ (بلومفيلڊ، ايل، 1961ع: 207)

بلومفيلڊ اڳتي لکي ٿو:

> ”ڪنهن بہ ٻوليءَ جي، علم صرف جي بيان سان اسان جي مراد هيءَ آهي تہ ڪنهن بہ لفظ جي اها ساخت، رچنا يا جوڙجڪ جنهن مان خبر پوي تہ اُن ٻوليءَ جي ’مفرد‘ يعني ’آزاد صورتن‘ free forms) (مثال طور سنڌي ٻوليءَ جو لفظ ’ماڻهو‘ يا ’ڇوڪر‘ آزاد صورتون آهن) جڏهن تہ ’ـپو‘، ’پائي‘ ۽ ’ـ آڻو‘ وغيره پابند صورتون آهن) يا پَرـوَس صورتن(bound forms) جي ڪارج ۽ استعمال جي خبر پئجي سگهي“ (بلومفليڊ، 1961ع: 207)

(ii) اهڙيءَ طرح جديد لسانيات جي مطالعي مان اهو بہ معلوم ٿو ٿئي تہ لفظ هر ٻوليءَ جي وياڪرڻ ۾ خاص اهميت رکن ٿا. هڪ لفظ مان ٻين لفظن ۽ ڪردنتن جي جڙڻ/ٺهڻ يا ڦٽي نڪرڻ وارن اصولن ۽ قانونن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ، علم صرف جي اصولن جي ڄاڻ لاءِ، علم صرف جي اصولن ۽ قانونن جي ڄاڻ ضروري آهي، ۽ علم صرف جي اصولن جي ڄاڻ حاصل ڪرڻ لاءِ سڀ کان پهرين ’صرفيہ‘ (morpheme) جي معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ ضروري آهي، ڇاڪاڻ تہ موجوده دور ۾ مرزا قليچ توڙي ٻين سيني پراڻن ۽ اوائلي وياڪرڻين جي ڏنل پراڻين وصفن مان، ’صرفيہ‘ (morpheme) جو مفهوم ۽ مقصد ظاهر نٿو ٿئي، جيڪو (مقصد ۽ مفهوم)، ان ’صرفيہ‘ جو جديد لسانيات جي ماهرن طرفان سمجهايو ويو آهي.

(ت) علم صرف جي بيان ۾ نون لفظن جي ٺاهڻ (formation of new words) جا اصول پڻ سمجهايا ويا آهن. علم صرف جي اصولن موجب، نون لفظن جي ٺاهڻ لاءِ، ڪيترن ئي مفرد يعني بنيادي لفظن سان ڪي اڳياڙيون ۽ پڇاڙيون ملائي، نوان لفظ جوڙيا ويندا آهن. انهن نون لفظن جي ٺاهڻ لاءِ مفرد



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

يا بنيادي لفظن يعني 'ڏاتن' ۾ 'اندروني صوتي تبديليون' (internal phonetic change) رونما ٿينديون آهن. جديد لسانيات جي روشنيءَ ۾ لفظن ۾ 'صوتي تبديلين جو' اهڙو مطالعو سنڌي ٻوليءَ جي نون لفظن جي گهاڙيٽن، ساخت ۽ جوڙجڪ (رچنا) جي مطالعي ۾ وڏي مدد ڪندو آهي. انهيءَ مطالعي کي ئي، حقيقت ۾ 'علم صرف و نحو جو مطالعو' چئبو آهي.

(ٿ) پنهنجي سنڌي وياڪرڻ جي ڀاڱي ٽئين جي باب پنجين ۾ مرزا صاحب جن جن ڳالهين تي بحث ڪيو آهي، ان باب جو عنوان آهي 'سنڌيءَ ۾ حرفن يا اکرن مان لفظ يا هڪڙن لفظن مان، ٻيا لفظ ڪيئن ٿا جڙن.'

اڄ هتي اهو واضح ڪرڻ گهران ٿو ته ڪنهن به ٻوليءَ جا لفظ حرفن يا اکرن مان نه پر اُهي لفظ آوازن مان جڙندا آهن. حقيقت ۾ مرزا صاحب جو اهو سارو بيان، علم صرف جي اصولن موجب، يعني نون لفظن جي ٺهڻ يا ٺاهڻ لاءِ اصول ۽ واڻون، جي عنوان هيٺ بيان ڪرڻ کپي، جنهن لاءِ مرزا صاحب جي وياڪرڻ جي ڀاڱي ٽئين جي باب پنجين کي نئين سر لکڻو پوندو. مرزا صاحب مرحوم جو لکيل هي باب، صفحي 210 کان شروع ٿئي ٿو ۽ صفحي 220 تي ختم ٿئي ٿو.

(ج) (i) ڪافي سال اڳ، يعني 1966ع ۾ سنڌي ٻوليءَ جي اصولن جي باري ۾ نئين سوچ رکندڙ وڏي مفڪر ۽ لسانيات جي ماهر محترم سراج الحق ميمڻ، نئين زندگي رسالي ۾ پنهنجي هڪ مقالي: 'سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر جا مسئلا' ۾ سنڌي ٻوليءَ جي ماهرن جو ڌيان ڇڪايو هو. سراج صاحب اُن مقالي ۾ لکيو هو ته:

> "ڪارنهن، ڪاراڻ ۽ ڪارٺ (ڪاراٺ) لفظن ۾ جيڪي پڇاڙيون يا پڇاڙيءَ جا پد (suffixes) آهن، يعني 'آ'، 'نهن' يا (انهن)، 'آڻ' ۽ 'ٺ' (يا آٺ)، اُهي اصل ۾ ڇا آهن؟ انهن جي پنهنجن ڏاتن جي ڪهڙي صورت آهي يا هئي؟ ان پوئين سوال تي اچجي ٿو ته ٻين اهڙين صفتن ۾ انهن جو استعمال محدود ٿو نظر اچي، مثلاً: 'ڳاڙهو' مان 'ڳاڙهاڻ' ۽ 'ڳاڙهه' اسم ٺهن ٿا، پر 'ڳاڙنهن' يا 'ڳاڙٺ' نٿا ٺهن. لفظ سائو مان 'ساءُ' (يا وَ) ۽ 'سائنهٺ' يا 'سائٺ' يا 'ساوٺ' ڪو نه ٿا ٺهن. انهن جي برعڪس 'ساواڻ' يا 'ساوڪ' لفظن جو نئون نمونو ۽ نئين ترڪيب ملي ٿي. لفظ 'پيلو' مان فقط هڪ ئي لفظ 'پيلاڻ' ٺهي ٿو ۽ باقي ٻي ڪا به ترڪيب اُن مان نٿي ٺهي. جڏهن اهي سمورا لفظ هڪ ئي گروهه جا، ۽ نحوي طرح رنگن سان لاڳاپيل صفتون آهن، ته انهن مان اسمن ٺهڻ جا قاعدا ۽ قانون الڳ الڳ ڇو آهن" (سراج الحق، نئين زندگي ڪراچي، 1966ع).

(ii) سراج صاحب جي انهن سوالن جي باري ۾ جديد لسانيات جي حوالي سان، علم صرف جي قاعدن موجب، لفظن جي گهاڙيٽن ۽ رچنا جا اصول سمجهڻ لاءِ ڪنهن به پراڻي وياڪرٽيءَ جي لکيل وياڪرڻ مان ڪو به وضاحتي جواب ملڻ مشڪل آهي. ڇاڪاڻ ته اوائلي وياڪرٽين کي، سنڌي وياڪرڻ جي انهن مسئلن جي باري ۾ اُن وقت شايد ڪا به ڄاڻ ڪا نه هئي. (غلام علي الانا، 2005ع: 31 ۽ 32)



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(iii) سراج صاحب جي انهن سيني سوالن جا جواب نه ديوان وسنائيءَ پنهنجي 'نئون سنڌي وياڪرڻ' ۾ ڏنا آهن، نه مرزا قليچ بيگ مرحوم 'سنڌي وياڪرڻ' ۾ ڏنا آهن، ۽ نه ئي وري ڪئپٽن شرٽ يا ڊاڪٽر ٽرمپ ئي پنهنجين وياڪرڻ ۾ ڏنا آهن. حقيقت ۾ پراڻن وياڪرڻن وٽ، سراج صاحب جي انهن سوالن جا جواب هئا ئي ڪو نه. سراج صاحب جي انهن سوالن جا جواب فقط جديد لسانيات جا ماهر، جهڙوڪ: ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي، ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻي، ڊاڪٽر پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر ستيش روهڙا، ڊاڪٽر يشودرا واڌواڻي، ڊاڪٽر ڪنيو ليکواڻي يا پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب ئي ڏيئي سگهن ٿا. انهن سيني ماهرن پنهنجن ڪتابن ۽ مضمونن ۾ سراج صاحب جي انهن سوالن تي وضاحت سان روشني وڌي آهي، سراج صاحب جي انهن سوالن جي باري ۾ مون، 1966ع ۾ نئين زندگي رسالي ۾ وضاحت سان لکيو هو مون پنهنجي وضاحت ۾ عرض ڪيو هو ته:

"سنڌي ٻوليءَ جي گرامرن جو جڏهن جائزو ٿو وٺجي ته ڪيترائي اهم سوال سامهون اچن ٿا ۽ انهن سوالن جي جوابن لاءِ جڏهن انهن ئي گرامرن جا صفحا اٿلائجن ٿا يا ڪنهن ڄاڻو ماڻهوءَ کان انهن سوالن جا حل معلوم ڪجن ٿا، تڏهن ائين ٿو معلوم ٿئي ته ڪنهن به صاحب، انهن لکيل وياڪرڻن ۾ بيان ٿيل ڳالهين کان اڳتي ڪا به وک وڌائي نه آهي. سنڌي ٻوليءَ جي گرامر تي لکيل اهي ڪتاب ثابت ٿا ڪن ته انهن جي لکندڙن، عربي ۽ فارسي ٻولين جي گرامرن کي سامهون رکي، سنڌي ٻوليءَ جا اهي گرامر لکيا آهن، اڄ جڏهن گرامر جي انهن ڪتابن کي جديد لسانيات جي اصولن موجب تحقيقي نظر سان ڏسجي ٿو ته معلوم ٿو ٿئي ته انهن لکيل گرامرن ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ سنڌن طرفان بيان ڪيل ڪي وصفون ۽ ڪي علمي اصطلاح، سنڌي ٻوليءَ جي صرفي ۽ نحوي اصولن موجب مناسب نه آهن. اهي اصطلاح يا ته عربي صرف و نحو سان واسطو رکن ٿا ۽ يا ته اهي (اصطلاح) انگريزي گرامر جا چربا آهن، جيڪي سنڌي ٻوليءَ جي صرف و نحو جي اصولن موجب قبول ڪري نٿا سگهجن" (الانا غلام علي نئين زندگي، 1966ع: 25)

5 (الف) (i) مرزا صاحب، سنڌي وياڪرڻ (نئين ڇاپي، 1992ع) ۾ ساڳئي صفحي (73) تي علم نحو جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي ته:

"علم نحو لفظ جي اصلي معنيٰ آهي پاسو ۽ اصطلاحي معنيٰ اٿس حرف هڪ ٻئي جي پاسي ۾ بيهاري، لفظ جوڙڻ ۽ لفظ هڪ ٻئي جي پاسي ۾ بيهاري جملا جوڙڻ ۽ جملا هڪ ٻئي جي پاسي ۾ بيهاري، بيان يا تقرير يا دليل جوڙڻ. انهيءَ ڪري نحو جي رواجي معنيٰ تي دستور يا طرز يا قانون جن موجب حرف ۽ لفظ ۽ جملا پاڻ ۾ گڏجن ٿا ۽ موافقت رکن ٿا ۽ هڪ ٻئي تي عمل هلائين ٿا." (مرزا قليچ، 1992: 73)

(ii) حقيقت ۾ مرزا صاحب، پنهنجي ساڳئي ڪتاب جي 1961ع واري ڇاپي ۾ سنڌي وياڪرڻ ڀاڱو ٻيو جي ديباچي ۾ علم نحو جي وصف ٻيءَ طرح ڏني آهي. هن سلسلي ۾ محترمه ڊاڪٽر شازيه پتافي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ايمہ اي لاءِ پيش ڪيل پنهنجي مونوگراف ۾ مرزا صاحب جي ڏنل وصف (ص:72) ڪي حوالي طور پيش ڪندي لکي ٿي تہ:

”علم صرف (morphology) تي، مرزا صاحب ڪان پهريائين بہ ڪتاب لکيا ويا هُئا، پر علم نحوءَ تي پهريون ڪتاب، مرزا قليچ بيگ ئي لکيو ڇاڪاڻ تہ ان وقت ڪو بہ سنڌي نحوءَ جو نمونو نہ هو ان ڪري هن روايتون ۽ اصول، عربي، فارسي ۽ انگريزي ٻولين تان ڪنيا، جنهن جو ذڪر ديباچي ۾ ڪري ٿو.“ (شازيہ پتافي، 2009ع: 73)

(iii) مرزا صاحب، پنهنجي وياڪرڻ جي ٻاڳي ڀڱي جي ديباچي ۾ علم نحوءَ جي وصف، هن طرح ڏني آهي:

”علم نحوءَ ۾ گهڻو ئي ڪجهہ داخل آهي، جيئن تہ لفظن جي بناوت، جملن جي بناوت، اُنهن جي تقسيم ۽ ترتيب، تفريق، اشتقاق، اصطلاح، عروض، علمي صفتون جي سڀ خوش بياني، خوش ڪلامي، عبارت آرائي، مضمون نويسي، فصاحت، بلاغت ۽ حجت دليل لاءِ نهايت ئي ضروري آهن. هڪڙو عربي پهاڪو آهي تہ ’ڪلام ۾ نحو اهڙو آهي، جهڙو طعام ۾ لوڻ‘ يعني انهيءَ ڪان سواءِ ڪلام ڦڪو ۽ بي سواد آهي، پر نحو سان سلوڻو ۽ لذيذ آهي، تنهن ڪري ڪن دوستن جي صلاح سان مون عربي، فارسي ۽ انگريزي نحوين جي گڏيل نموني تي، هيءَ سنڌي نحو جو ڪتاب لکيو آهي“ (مرزا قليچ بيگ: 1916ع 731)

(ب) (i) محترمہ ڊاڪٽر شازيہ پتافي، مرزا صاحب جي طرفان ڏنل، انهيءَ وصف سان اختلاف ڪيو آهي، هوءَ لکي ٿي:

”اُن ڪان سواءِ هن حصي ۾ مرزا قليچ بيگ، علم نحوءَ جو ٻين علمن سان واسطو بہ ڏيکاري ٿو جنهن ۾ علم اِملا، صرف، منطق، معنيات ۽ بديع اچي وڃن ٿا. علم نحو (Syntex) جو علم صرف ۽ علم اِملا (Spelling) سان ڪهڙو واسطو آهي؟‘

ڊاڪٽر شازيہ پتافي وڌيڪ لکي ٿي:

”حرفن مان لفظ ۽ لفظن مان جملا ٺا ٺين، حرفن بابت جيڪو علم آهي، تنهن کي ’علم املا‘ ٿا چون، لفظن جي صورتن ۽ حالتن ۾ ڦرڻ گهرڻ کي ’صرف‘ ٿا چون. ۽ لفظن مان جملن ٺهڻ ۽ اُنهن جي ترتيب ۽ تفريق کي ’علم نحُو‘ ٿا چون. جيئن حرفن ۽ لفظن جي سڃاڻپ، جملن لاءِ ضروري آهي، تئين علم اِملا ۽ علم صرف، علم نحو لاءِ ضروري آهي.“ (شازيہ پتافي: 76 ۽ 77).

(ii) محترمہ ڊاڪٽر شازيہ پتافيءَ جو اعتراض بلڪل صحيح آهي، علم نحوءَ جو لفظن جي بناوت ۽ اشتقاق سان ڪو بہ واسطو ڪونهي، انهن جو واسطو علم صرف سان آهي. اهڙيءَ طرح عروض ۽ علم بديع جو واسطو بہ علم نحو سان ڪونهي. اهي ٻئي ڌار ڌار علم آهن.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(iii) مرزا صاحب، مرحوم سنڌي وياڪرڻ جي هن ڀاڱي ۾ گرامر يا صرف ۽ نحو بابت ڪي ٻيون 'متفرقہ ڳالهيون' واري عنوان هيٺ، ٻيهڪ جي نشانين کي بہ هن باب ۾ شامل ڪيو آهي. (ص: 270)، پر حقيقت ۾ ٻيهڪ جي نشانين جو علم صرف يا نحو سان ڪو واسطو ڪونهي.

(ت) حقيقت ۾ جديد لسانيات، موجب، علم نحو جي وصف هن ريت بيان ڪئي وئي آهي.

"علم نحو فقرن ۽ جملن ۾ لفظن جي ٻيهڪ، اُنهن جي انتخاب ۽ سٽاءَ کي چئبو آهي."

علم نحو جي مدد سان، ٻوليءَ ۾ اسمن، فعلن، ضميرن، صفتن ۽ اُنهن جي عدد، جنس ۽ حالتن موجب گردان يا ڦيرن جي باري ۾ خبر پوندي آهي. هن علم جي مدد سان، جملي ۾ ڪم آيل لفظن جي ٻيهڪ، ترتيب ۽ سٽاءَ سان گڏ، انهن (لفظن) جو مناسب انتخاب ۽ جملي اندر هڪ ٻئي سان وياڪرڻي لاڳاپي جي خبر پوي ٿي." (الانا، غلام علي، 2005ع: 140)

(ث) اِملا جو علم نحو سان ڪو بہ واسطو ڪونهي، انهيءَ سلسلي ۾ اِملا جي وصف بيان ڪندي، ڊاڪٽر شازيہ پتافي لکي ٿي:

"املا کي، سنڌيءَ ۾ 'صورتخطي' چئبو آهي. اُن جو مطلب آهي اکر ڳنڍي لفظ ٺاهڻ. حرفن کي ملائي، لفظ ڪيئن لکجي، مثلاً: 'ماڻهو' ۽ 'ماڻهون'، انهن ٻنهي صورتن مان هڪ جي آخر ۾ 'ن' آهي، اهو 'ن' لکجي يا نہ؟ ڇا درست آهي، ڇا غلط؟ اهي مسئلا، هڪ معياري ۽ درست رسم الخط يا صورتخطيءَ ۾ مقرر ڪري، حل ڪيا ويندا آهن. انهيءَ کي اِملا چئبو آهي." (شازيہ پتافي: 77)

6 (الف) (i): پنهنجي ساڳئي ڪتاب (سنڌي وياڪرڻ) ۾ مرزا صاحب، ٻوليءَ جي جيڪا وصف بيان ڪئي آهي، اُها بہ هاڻوڪي دور ۾ جديد لسانيات جي اصولن موجب، قبول ڪرڻ جهڙي ڪانهي. مثال طور مرزا صاحب ٻوليءَ جي وصف بيان ڪندي لکي ٿو تہ:

"ٻولي لفظن مان جڙيل آهي، ۽ لفظ پورو خيال پيدا ڪن ٿا. اُهي خيال يعني اُهي مطلب، انهن لفظن جي دستوري يا رواجي معنيٰ، يعني اصطلاح تي منحصر آهن ۽ جملن جي ڳالهائڻ ۾، جي لفظ ڪم اچن ٿا، تن جو پاڻ ۾ ڪهڙو واسطو آهي يا انهن جي هڪ ٻئي سان ڪهڙي نسبت آهي. اُنهن مان ڪهڙو مطلب ٿو نڪري، سو گرامر مان معلوم ٿئي ٿو" (مرزا قليچ بيگ، 1992ع، 167)

مرزا صاحب جي ڏنل هن وقف مان بہ نتيجا ٿا نڪرن: هڪڙي نتيجي موجب، لفظ کي دستوري يا رواجي معنيٰ ٿئي ٿي، ۽ ٻئي نتيجي موجب، اهي لفظ جيڪي جملن ۾ ڪم اچن ٿا، انهن مان نڪتل معنيٰ کي گرامر واري معنيٰ چئبو (ص 167).

(ii) ان سلسلي ۾ مرزا صاحب جو هي بہ رايو آهي تہ:

"گرامر جي انهن قديم اصولن موجب ڪا بہ ٻولي، لفظن مان جڙي ٿي ۽ لفظ اُچاريل آواز نہ آهن. جن مان ڪو خيال پيدا ٿئي. اُنهن جو پاڻ ۾ واسطو معلوم ٿئي ٿو" (مرزا قليچ بيگ، 1992ع، 169)



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ب) پروفيسر پيرو مل آڏواڻيءَ بہ ٻوليءَ جي لڳ ڀڳ ساڳي، مرزا صاحب واري وصف ڏني آهي. مٿين ٻنهي وصفن جي جائزي کان پوءِ لفظ ۽ ٻوليءَ جي وصفن کي چئنبدي ڇاڻي جديد لسانيات جي اصولن موجب، ٻوليءَ جي وصف نئين سر مقرر ڪئي وئي آهي.

(ت) جديد لسانيات جي ماهرن جي راءِ موجب، ٻوليءَ جو علم، هڪ سائنس آهي، هيءَ سائنس سماجي علمن يعني Social Sciences سان واسطو رکي ٿي. اُنهن مان هڪ يعني Sturtevant جي راءِ موجب:

"ٻولي، انسان ذات سان گڏ وجود ۾ آيل، خودبخود اختيار ڪيل، آوازي نشانين ۽ علامتن جو هڪ اهڙو سرشتو ۽ هڪ اهڙو نظام، هڪ اهڙي تنظيم ۽ عمل آهي، جنهن جي مدد سان، هڪ سماجي گروهہ جا ماڻهو پنهنجي سماج ۾، هڪ ٻئي سان واهپو ۽ تعلق رکندا آهن ۽ هڪ ٻئي کي سمجهي سگهندا آهن" (Sturtevant, E.H, 1947L 21)

ٻين لفظن ۾ هيئن چئبو تہ:

"ڪنهن بہ سماجي گروهہ ۾، هڪ ٻئي سان تعلق، تعاون ۽ سهڪار لاءِ، انسان ذات جي وات مان اُچاريل يا نڪتل آوازن جي سرشتي ۽ نظام کي ٻولي چئبو آهي."

هن ڏس ۾ لسانيات جي هڪ ٻئي آمريڪي ماهر 'بلاڪ ۽ ٽرئگر' (Block & Tragev,G.L: 1942)

(ث) پاڪستان جي علائقائي ٻولين جي پهرين ڪانفرنس (اها ڪانفرنس لاهور ۾ 14، 15 ۽ 16 اپريل، 1961ع ۾ ڪوٺائي وئي هئي) جي جنرل پريزيڊنٽ، پروفيسر مولانا عبدالقادر، پشتو زبان ۾ پنهنجي صدارتي تقرير ۾ فرمايو تہ:

"ڪائنات جي عظيم معجزن مان سڀ کان وڏو معجزو زبان آهي، ائين ٿو معلوم ٿئي تہ زبان جي ايجاد، تعمير ۽ ترڪيب ۾، ڪائنات جو خالق خود بہ حصيدار آهي. ڪير ائين چئي سگهندو تہ فلاڻي زبان جو ايجاد ڪندڙ فلاڻو ماڻهو فلاڻو عالم، فلاڻو سائنسدان يا فلاڻو فيلسوف آهي. زبان تہ انسان ذات جي هزارين ورهين جي ميل جول، نشست ۽ برخاست، ڪاروهنوار، شادي غمي ۽ جنگ ۽ امن وغيره جي مسلسل عمل مان ظاهر ٿيل هڪ معجزو آهي." (مولانا عبدالقادر 1961ع: 126 ۽ 127)

7 (الف) (i): اهڙيءَ طرح پنهنجي لکيل سنڌي وياڪرڻ ۾ مرحوم مرزا قليچ بيگ، لفظن جا جيڪي قسم بيان ڪيا آهن، اُنهن تي پڻ نئين سر نظر وجهڻ جي ضرورت آهي.

(ii) مرحوم مرزا صاحب، پنهنجي وياڪرڻ جي پهرئين ڀاڱي جي باب ٻارهين ۾ 'فعل جو ڌاتو يا 'بنياد' (مصدر) جي عنوان هيٺ، صفحي 35 تي، 'مصدر' جي جيڪا وصف بيان ڪئي آهي، اُن وصف کي بہ جديد لسانيات جي ماهرن طرفان مقرر ڪيل وصف موجب قبول ڪري نٿو سگهجي. مرزا صاحب، پنهنجي مذڪوره ڪتاب ۾ مصدر جي وصف ڇاڻائيندي لکي ٿو تہ:

"اسين سڪيا آهيون تہ فعل مان هئڻ، ڪرڻ، سهڻ يا ڪنهن تي ڪو ڪم ٿيڻ جي معنيٰ نڪري ٿي، لکڻ، پڙهڻ، هئڻ، ٿيڻ يا ٻيا اهڙا لفظ جن جي پڇاڙيءَ ۾ 'آڻ' يا 'اِڻ' جو اُچار آهي، تن کي چئبو آهي مصدر (ص34)



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

(ب) (i) حقيقت ۾ سنڌي ٻوليءَ جي سيني اوائلي وياڪرڻين، عربي ۽ فارسي ٻولين ۾ لکيل وياڪرڻن کي سامهون رکي، 'اچڻ'، 'وڃڻ'، 'لکڻ' ۽ 'پڙهڻ' وغيره صورتن کي سنڌي وياڪرڻن ۾ 'مصدر' يعني 'ڌاتو' سڏيو آهي.

(ii) جديد لسانيات ۾ ڇاڻايل وصف موجب، 'مصدر' جو اصل مقصد آهي ته اهو بنيادي لفظ جنهن مان ٻيا لفظ صادر ٿين يا ڦٽي نڪرن. انهن لفظن کي 'مصدر' يا 'ڌاتو' چئبو آهي. مطالعي مان معلوم ٿو ٿئي ته عربي ۽ فارسي ٻولين جا لفظ پنهنجن ئي مصدرن يعني ڌاتن مان ئي نهن ٿا. يعني صادر ٿين ٿا. تنهن ڪري ئي سنڌي ٻوليءَ جي سيني اوائلي وياڪرڻين به 'ڌاتو' يا 'مصدر' مان اهو ئي مقصد ڪڍيو آهي. خود مرزا صاحب، پنهنجي وياڪرڻ ۾ رايو ڏيندي لکيو آهي ته:

"مصدر معنيٰ جنهن مان ٻيا لفظ صادر ٿين ٿا يا ڦٽن ٿا، مطلب ته مصدر معنيٰ ڌاتو يا بنياد. عربي ۽ فارسي ٻولين جا لفظ مصدر مان نهن ٿا، تنهن ڪري اُن تي اهو نالو رکيو اٿن. سنڌي ٻوليءَ ۾ فعلن جو بنياد مصدر نه آهي، تنهن ڪري مصدر کي ڌاتو يا بنياد ڪري ليکڻ غلط آهي" (مرزا قليچ بيگ: 35)

(iii) سنڌي ٻوليءَ جا فعل 'لکڻ' ۽ 'پڙهڻ' ۽ اهڙين ٻين صورتن لاءِ سنئون سڌو نهيل نه آهن، پر 'لکڻ' ۽ 'پڙهڻ' وغيره صورتون، خود 'حاصل مصدر' (Infinitives) آهن. دراصل سنڌي ٻوليءَ جا فصل، جهڙوڪ: لک ۽ پڙهه وغيره امر حاضر واحد جي صورتن مان نهن ٿا ۽ نه ڪه 'لکڻ' ۽ 'پڙهڻ' وغيره صورتن مان.

هي هڪ وڏو علمي بحث آهي، جنهن تي هڪ ڌار مفصل مقالي لکڻ جي ضرورت آهي. سنڌي ٻوليءَ جي اوائلي وياڪرڻين، شايد ائين سمجهيو هو ته مصدر يا ڌاتو فقط فعلن جا ئي هوندا آهن، پر جيئن 'اُٺ' اسم مان 'اوني' صفت ناهي وئي آهي ۽ اهڙيءَ طرح ٻين صورتن جي مطالعي مان اهو ثابت ٿو ٿئي ته ڪي اسم به 'ڌاتو' يا 'مصدر' بڻجي 'ڪردنتن' جي 'گهاڙيتن' ۽ رچنائن ۾ ڪم ايندا آهن. اهڙيءَ طرح سنڌي وياڪرڻ جي مطالعي مان اهو ثابت ٿيو آهي ته اهڙا ڪيترا ئي اسم آهن، جيڪي صفتن مان نهندا آهن ۽ ڪيترين ئي اهڙيون صفتون آهن، جيڪي اسمن مان نهنديون آهن. تنهن ڪري اهو سمجهڻ غلط آهي ته مصدر يا ڌاتو فقط فعلن جا ئي ٿيندا آهن.

9 ا(الف): مرحوم مرزا صاحب جي لکيل سنڌي وياڪرڻ جي ٽئين ڀاڱي جو باب ٽيون، سنڌي صوتيات جي باري ۾ آهي. مرزا صاحب جي سنڌي وياڪرڻ جي انهيءَ باب جو عنوان آهي: 'سنڌي ٻوليءَ جو سنسڪرت ۽ پراڪرت سان واسطو' (ص187).

مرزا صاحب جي سنڌي وياڪرڻ جو هيءَ باب، صفحي 187 کان شروع ٿئي ٿو ۽ صفحي 209 تي ختم ٿئي ٿو. جنهن زماني ۾ مرحوم مرزا صاحب، سنڌي ٻوليءَ جي هن موضوع تي لکڻ جي اها ڪاوش ڪئي هئي، ان زماني جي لحاظ کان اها ڪاوش، سنڌي صوتيات جي موضوع جي مطالعي لاءِ هڪ املهه خزانو هئي. پر هاڻ مرزا صاحب جي ڪيل اها ڪاوش، جديد لسانيات جي لحاظ کان، علم صوتيات جي مطالعي ۾ ڪا به مدد ڪري نه سگهندي. هن ڏس ۾ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي جي تحقيق 'سنڌي ڌوني- وگيان' (سنڌي صوتيات) جيڪو هن 2000ع ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو هو هي ڪتاب جديد لسانيات جي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

موضوع تي لکيل هڪ ’علمي ڪتاب‘ آهي، جيتوڻيڪ هن ڏس ۾ منهنجو ڪتاب، ’سنڌي صوتيات‘ جي عنوان سان جو پهريون ڇاپو 1965ع ۾، ’ادبيات‘ پبليڪيشن طرفان ڇپائي پڌرو ڪيو ويو هو. اُن ئي ڪتاب جو سڌاريل، سنواريل ۽ وڌايل ٻيو ڇاپو 2007ع ۾، سنڌي لئنگئيج اٿارٽيءَ طرفان شايع ڪيو ويو. اهڙيءَ طرح پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب جي ڪتاب ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘ جو ٻيو باب (صفحي 35 کان صفحي 107 تائين)، ’سنڌي صوتيات‘ جي باري ۾ آهي. پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب جو لکيل هي ڪتاب، جديد لسانيات جي حوالي سان هڪ علمي ڪتاب آهي. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو 1983ع ۾ انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجيءَ طرفان شايع ڪيو ويو هو.

(ب) آءُ مرزا صاحب جي لکيل هن باب تي ڪا ٻه ٽيڪا ٽپڻي ڪرڻ نٿو چاهيان. ڇاڪاڻ ته هن موضوع تي مون، لنڊن يونيورسٽيءَ جي ’اسڪول آف اورينٽيئل اينڊ آفريڪن اسٽيڊيز‘ (E.O.A.S) جي ڊپارٽمينٽ آف ’جنرل لنگئسٽڪس ائنڊ فونيٽڪس‘ جي اداري جي عالمي شهرت رکندڙ پروفيسرن ۽ اُستادن کان ’علم لسانيات ۽ صوتيات‘ جي باري ۾ جيڪي ڪجهه سکيو هو اُن جو عڪس، منهنجي لکيل ڪتاب ’سنڌي صوتيات‘ ۾ نظر اچي ٿو البته سنڌ جي اُڀرندڙ ۽ اُسرندڙ علم السان جي هڪ ماهر، ڊاڪٽر شازيه پتافيءَ ايم. اي لاءِ پيش ڪيل پنهنجي ’مونوگراف‘، ’سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نويسيءَ جي ارتقا‘ ۾ صفحي 74 کان صفحي 76 تائين، سنڌي لسانيات جي ماهرن ۽ عالمي ڪتابن جي حوالي سان، مرزا صاحب مرحوم جي، سنڌي وياڪرڻ جي هن بابت تي، ٽيڪا ٽپڻي ڪئي آهي. مرزا صاحب، پنهنجي وياڪرڻ ۾ هن سلسلي ۾ صفحي 77 تي، سُرن ۽ وينجنن جي جيڪا وصف بيان ڪئي آهي، اُها وصف، ڊاڪٽر شازيه پتافي، پنهنجي مونوگرافف ۾ ورجائي آهي، لکي ٿي ته مرزا صاحب، سر جي وصف بيان ڪندي لکيو آهي ته:

”اُن بابت الف —ب جي اکرن مان هڪڙا بيمار ٺهرايائون ۽ ٻيا چڱا ڀلا. بيمار حرفن کي حرف علت چيائون جو علت جي معنيٰ آهي بيماري، ۽ بيماريءَ کي عليل چوڻ ۽ چڱن ڀلن کي صحيح، بيمار هن ڪري چيائون جو ضعف ڪري ٻيا انهن کي پاڻ سان وٺي يا کڻي هلائيندا آهن، ۽ اُهي پنهنجي منهن ڏار هلي نه سگهندا آهن. اُهي ٽي اکر ٺهرايائون: ا، و ۽ ي. بيمار ماڻهو به وري وري ڪندو آهي ۽ حرف علت به اهي اکر ٿيا“ (ص 77)

مرزا صاحب جي انهيءَ وصف ورجائڻ کان پوءِ، ڊاڪٽر شازيه پتافي لکي ٿي ته:

”متين وصف، هن سائنسي دور ۾ قبول ڪري نٿي سگهجي، سُرَ ته پنهنجي ليکي ڌار هلي سگهندا آهن، البته وينجن، بنا سُر جي ڪو نه هلي سگهندا آهن. ان کان سواءِ سنڌيءَ ۾ سر (vowels) ٽي نه ڏهه آهن، جيڪي هيٺ ڏجن ٿا:

آ، آ، اِ، اِي، اُ، اُو، اي، اَي، او ۽ اَو“ (شازيه پتافي: 74)

(ت) ڀارت ۾ لسانيات جي ماهرن مان، ڊاڪٽر لڇمڻ خوبچنداڻي، ڊاڪٽر چندر ڏاسواڻي، ڊاڪٽر پرسي گدواڻي، ڪنيي ليکواڻي ۽ ڊاڪٽر مرليڌر جيتلي کان سواءِ، سنڌ ۾ پروفيسر علي نواز جتوئي صاحب، پنهنجي ڪتاب، ’علم لسان ۽ سنڌي زبان‘ ۾، سنڌي صوتيات جي باري ۾ جيڪي نوان خيال ۽ ويچار پيش



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

ڪيا آهن. ان جي مطالعي کان پوءِ هاڻي مرزا صاحب ۽ پروفيسر پيرومل آڏواڻيءَ جا، سنڌي صوتيات جي باري ۾ ڏنل رايا بلڪل گهٽا پراڻا ٿا لڳن.

(ث) محترمہ ڊاڪٽر شازيہ پتافيءَ، پنهنجي مذڪوره مونوگراف ۾ صفحي 68 کان وٺي صفحي 78 تائين، مرزا صاحب مرحوم جي سنڌي وياڪرڻ جي باري ۾ تنقيدي تجزيو پيش ڪيو آهي. هوءَ پنهنجي چنڊڇاڻ جو نتيجو بيان ڪندي، صفحي 78 تي لکي ٿي تہ:

”جيتوڻيڪ هن، سنڌي وياڪرڻ کي، عربي ۽ فارسي گرامر جي اصولن مطابق پيش ڪيو آهي، ان ڪري ڪي وصفون ۽ ڳالهيون، سنڌي وياڪرڻ جي حوالي سان قبول ڪري نٿيون سگهجن، پر تنهن هوندي بہ مرزا صاحب سنڌي وياڪرڻ ۾ ڪيترين ئي نئين ڳالهين کي متعارف ڪرايو آهي“ (شازيہ پتافي: ص 78)

10. منهنجي نظر ۾، سنڌي لسانيات جي سلسلي ۾ مرحوم مرزا صاحب، ديوان جهمٽ مل وسناڻيءَ کان پوءِ ٻيو ديسي عالم هو جنهن ’علم اللغات‘ جي حوالي سان، ’لغات لطيفي‘ ۽ ’لغات قديمي‘ جهڙيون ٻي بها لغتون لکي، لطيف شناسيءَ واري موضوع تي وڏو تحقيقي ڪم ڪيو.

اهڙيءَ طرح مرزا صاحب پهريون سنڌي عالم هو، جنهن ’علم بديع‘ جهڙي موضوع تي، پنهنجي وياڪرڻ جو چوٿون ڀاڱو لکيو ۽ هن علم کي، سنڌي ٻوليءَ ۾ متعارف ڪرايو. انهيءَ کان سواءِ مرزا صاحب، سنڌي لسانيات جي حوالي سان پهريون عالم هو جنهن سنڌي وياڪرڻ کان سواءِ فلالاجيءَ جي حوالي سان انگريزي ٻوليءَ ۾ (Philological curiosities) جهڙو علمي ڪتاب، سنڌ جي علم، ادب جي سلسلي ۾ سنڌ وارن کي ڏنو. يقيناً مرزا قليچ بيگ سنڌي ٻولي ۽ سنڌي ادب جو هڪ يگانو عالم ٿي گذريو آهي.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# سنڌي لسانيات، صوتيات، سنڌي وياڪرڻ ۽ سنڌي لغت تي ٿيل تحقيق

**عالم لسانيات:**


1. اشرف جاڳاڻي: 1982ع، اوڻتا (پهاڪا)، مقالو ڪلاچي، ڪراچي يونيورسٽيءَ جي سنڌي شعبي جي مخزن
2. اصغر ونڌير: سنڌي ڪٿمنڙا
3. الهہ بچايو سمو: سير ڪوهستان
4. الهہ بچايو سمو: لاڙ جو سير
5. الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر: 1978ع، سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
6. الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر: اسان جي اڻ ڳالهايل ٻولي ۽ آواز مقالو ٽماهي مهراڻ
7. الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر: ٻولي ۽ ٻار – نشان، علامت ۽ اُهڃاڻ مقالو ٽماهي مهراڻ
8. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: 1974ع، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز
9. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: 1966ع، سنڌي ٻوليءَ جي لهجن جو اڀياس، مقالو سوکڙي، سنڌ يونيورسٽيءَ جي، سنڌي شعبي جو مخزن، ڄامشورو
10. الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 1967ع، سنڌي آوازن جي تقسيم، مقالو: ڪراچي: سنڌي ادبي سوسائٽي، ڪراچي يونيورسٽي
11. الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 1968ع، اسلام جي آمد کان اڳ سنڌي ٻوليءَ جي حيثيت، مقالو: نئين زندگي، سيپٽمبر 1968ع.
12. الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 1971ع پاڪستان ۾ قومي زبان جو مسئلو مقالو: ماهوار سهڻي، اپريل 1971ع
13. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: 1976ع، ڪڇ ۾ سنڌي ٻوليءَ جو ڦهلاءُ، مقالو: سنڌ يونيورسٽيءَ جي، سنڌي شعبي جي ساليانو مخزن پرک.
14. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1976ع، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بنياد، ٽماهي مهراڻ
15. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1970ع، سنڌي، مقالو: ماهوار نئين زندگي، 1969ع
16. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1989ع، لسانيات جو مقصد، مفهوم ۽ اهميت، مقالو: ماهوار نئين زندگي، 1969ع
17. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1974ع، سنڌي پرائمري (ساٿي ايڊيٽر)، ڄامشورو: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ
18. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1975ع، سنڌي ريڊر چوٿون (ساٿي ايڊيٽر)
19. الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 1975ع، سنڌي ريڊر ڇهون (ساٿي ايڊيٽر) ڄامشورو، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ
20. الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 1976ع، سنڌي ريڊر نائون (ساٿي ايڊيٽر)، ڄامشورو، سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ





books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

21. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: 1977ع، لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڇاپو ڇاپو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
22. الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 1980ع، سنڌي ريڊر ٽيون (غير مادري زبان) ڇاپو ڇاپو: سنڌ ٽيڪسٽ بڪ بورڊ
23. الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 1984، سنڌي معلم، ڇاپو پهريون، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
24. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1987ع، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڇاپو پهريون، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
25. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي بنيادي لغت (ساڃي ايڊيشن)، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ
26. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جي وڏايل بنيادي لغت (ساڃي ايڊيشن)، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
27. الله بخش، ٽالپر: 1969ع، ٻهاڪن جي پيڙهه، حيدرآباد: آر-ايچ-احمد ائنڊ برادرس
28. ابراهيم جويو: 1964ع، مقدمو: سنڌي ٻولي (سراج وارو ڪتاب) حيدرآباد: عظيم پبليڪيشن
29.. ابراهيم جويو: 1962ع، سنڌي پهريون ڪتاب، حيدرآباد:سنڌي ادبي بورڊ
30. تاج محمد عباسي: 1976ع، مقالو: سنڌي ٻوليءَ جي لاسي اپڀاشا، نئين زندگي، جولاءِ، آگسٽ، 1976ع
31. تيرٿ وسنت: سنڌي ٻوليءَ جي لپي
32. ڀيرومل آڏواڻي: سنڌي الف-ب
33. ڀيرومل آڏواڻي: 1925ع، سنڌي زبان
34. ڀيرومل آڏواڻي: 1941ع، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ
35. ڀيرومل آڏواڻي: 1940ع، گلقند، ڪراچي
36. پريداس آنندرام شهاڻي: سنڌي ٽيون ڪتاب
37. پريداس آنندرام شهاڻي: 1860ع سنڌي چوٿون ڪتاب
38. پرسو گدواڻي، ڊاڪٽر: سنڌي ٻوليءَ جا ٽيهه سال
39. پوپٽي هيراننداڻي، پروفيسر: 1960ع، ڀاشا شاستر
40. علي نواز جتوئي، پروفيسر: 1983ع علم السان ۽ سنڌي زبان، ٻيو ڇاپو ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
41. حڪيم فتح محمد سيوهاڻي: آفتاب ادب
42. داد محمد بروهي: 1978ع، سبي علائقي ۾ سنڌي، مقالو: روزانه هلال پاڪستان، ڪراچي: 5 مارچ
43. داد محمد بروهي: فراڪي ٻولي، ٽماهي مهراڻ
44. داد محمد بروهي: 1984ع، جيڪب آبادي ٻولي ۽ ان جو لساني اڀياس، مقالو: جيڪب آباد قديم ۽ جديد ۾ ڇپيل
45. دين محمد وفائي: 1956ع، سنڌي ٻولي، مقالو: مهراڻ جون موجون ڪتاب ۾ شامل
46. سراج الحق ميمڻ: سنڌي ٻولي، 1964ع، حيدرآباد، عظيم پبليڪيشن
47. سراج الحق ميمڻ: سنڌي وياڪرڻ جا مسئلا، مقالو: ماهوار نئين زندگي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

48. سنڌيلو عبدالڪريم: پهاڪن جي پاڙ
49. طاهر علي، واءِ۔ ايس: 1966ع، رسم الخط جي تاريخ، مقالو تماهي مهراڻ، حيدرآباد: 4۔3/1966ع
50. عبدالمجيد، ميمڻ، سنڌي ڊاڪٽر: دراوڙي، مقالو: الرحيم ۾ ڇپيل
51. غلام حيدر، پرڙو ڊاڪٽر: پاڪستان جي صوبائي ٻولين ۾ سنڌيءَ جي حيثيت، پي. ايڇ. ڊي ٿيسز
52. غلام حيدر، پرڙو ڊاڪٽر: 1983ع، هندڪو يا سنڌڪو۔سنڌو ماٿر جي زبانن جو مطالعو مقالو: هلال پاڪستان مخزن، مئي، 1963ع
53. قليچ بيگ، مرزا: 1922ع، سنڌي زبان جي تاريخ
54. قليچ بيگ مرزا: 1925ع، پهاڪن جي حڪمت، حيدرآباد
55. ڪرشنچند، جيتلي: 1957ع، سنڌي ڀاشا سنسڪرت پراچيه
56. ڪيولرام، شهاڻي: گلشڪر
57. لڇمڻ خوبچنداڻي، ڊاڪٽر: 1962ع ڪڇ جون جاتيون ۽ ٻوليون، مقالو: هندواسي، ڊسمبر، 1962ع
58. لوڪناٿ: 1959ع، سنڌي ٻوليءَ جي لپي، بمبئي، مساڻ روڊ
59. محمد سومار شيخ: 1961ع، ڪڇي ۽ سنڌي ٻولي، مقالو: نئين زندگي
60. محبوب علي چنا، پروفيسر: رسم الخط جي تاريخ
61. منشي اُڌارام ٿانورداس: 1861ع، مفيد الصبيان، شاگردن لاءِ سنڌي ۽ انگريزي زبان جي گائيڊ
62. نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1962ع سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ
63. نبي بخش خان، بلوچ، ڊاڪٽر: 1956ع، سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ اُن جو ڪڇي محاورو مهراڻ جون موجون ۾ شامل مقالو
64. Allama, G.A, Dr., 1975, History of Sindhi Language and Literature and article published in the souvenir, published I in the occasion of International Seminar, Sindh through the Centuries, Karachi.
65. Allama, G.A. Dr, 1978, Origion and ancestry of Sindhi Language, and articale published in Sindhiological studies, bi- annual journal, JamshoroL Institute of Sindhology.
66. Allama, G.A, Dr. 1981, Impact of Muslim Culture in Sociologoy of Sindhi Language, paper published in International Conference of Muslim Scholors, Vol: VI.
67. Allama, G.A, Dr. 1963, The Arabic Element in Sindhi, M.A, Thesis,rubmitted to the Repartment of general Luinguistics and phonetics, university of London.
68. Asko Parpola, sepo Sino Papola and Penti Aalto, 1970, Proto-Dranidian Insciptions of the Indus Civilization, The Scandinavian Institute of Asian Studies, Copenhegan.
69. Asko Tarpola, 1970, Progress in the Decipherment of the Proto-Dravidian Indus Script.
70. Asko Parpola, 1975, Recent Devolopment in the study of the Indus Srcipt, Paper read in the occasion of Sind to through the centuries seminar, Karachi.
71. Aitken,E.H, 1907, Gazatteer of the Provinces of Sind, Karachi.
72.Anwar, S. Dil, 1969, Linguistic Study in Pakistan, Vol. V, 1969.
73. Burton, R.F, 1851, sindand the races that inhabit the valley of river.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

74. chatterji, S.K. 1942, Indo Aryan and Hindi Ahmedabad: Gujrat Vernacular Society.
75. Ellis, B.H., 1955, Report on Education in sind, Bombay.
76. Edword, C, Sachav,Dr. 1960, Alberuni's India kagan paul and Trench.
77. Gankovsky, yu V. 1972, The Reples Of Pakistan, Replees publishing House U.S.S.R. Academy of Sciences, Dravony 26, Lahore.
78. Shanshamdas Hiranandani, 1910, Sindhi Idioms, Hyderabad.
79. George Moregentiverne? Report on Linguistic Mission of North work India.
80. Gold Smid, 1892, Sindhi Vocabulary Published in J.R.A.S. of great Birtain and Ireland, Vol. 1.N.S.
81. Grierson, G, 1919, Linguistic Suervey of India, Vol VIII, Part-1.
82. Griesson, G. 1927, Linguistic somer of India, Vol: I, part-1.
83. Jairandas Daulatram, 1957, The ancestory of Sindhi, Presidential Address of Sindhi Section of the All India Oriental Conference, New Delhi: December.
84. Khilnani R. C. 1911, Sindhi Proverbs, Hyderabad.
85. Khanchand S, Adwani, 1921, A hand bookd of Sindhi Proverbs, Hyderabad.
86. Lachman Khichandani, 1969, current Trends in Linguistics, Vol. V.
87. Lambrick, H.T. 1964, Sindh. A Genral Introduction, Hyderabad/Jamshoro: Sindhi Adabi Board, Second Edition a Chapter on Sindhi Language.
88. Lockwood, 1972, A panorama of Indo-European Language, Hutchinson Univiersity Library.
89. Parso Gidwani, Dr, Socio- linguistic study of katchi of Anjor.
90. Parso Gidwani, Dr. Davidian element in Sindhi Language, Monograph.
91. Peter, J. Grainger and Nita C. Grainger, A Prelimnary suervey of the Language's os Sindh (Pakistan). In this Booklet the Languages of Kolhis and Bheel's Have been ..............
92, Risely, Herbert Hope, 1931, Ethonology, Language, Literature and religion of India, reprinted from the third edition of the Imeperial Gazetter of India. 1907-09, Oxford.
93. Yunus Baloch, Bagri Language.

### صوتيات

1. الانا، غلام علي: 1966ع، سنڌي صوتيات، پهريون ڇاپو حيدرآباد: ادبيات پبليڪيشن
2. الانا، غلام علي: 1969ع سنڌي صورتخطي، حيدرآباد: سنڌي زبان پبليڪيشن
3. الانا غلام علي: سنڌي، ٿماهي مهراڻ
4. الانا غلام علي: سنڌي آوازن جا قسم ۽ گروهه
5. حاجي امام بخش، خادم: دو- وايو
6. حاجي امام بخش، خادم: فوائد المبتدي
7. عبدالڪريم لغاري: سنڌي الف- ب جي ارتقا. ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي
8. Bordie, John, G. 1975, The Glotto-chronology of Sindhi Phonology, paper read on the reach of International Seminar, Sindh Through the Centuries, helod at Karachi from 3-5, March.
9. Pordie, John, G. 1955, A dessairptive Sindhi Phonology. Ph.D. Thesis, University of Texas.



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

10. Denial Jones, 1938, Sindhi Implosives, Studies in Nort Indian Languages.
11. Danial Jones, 1923-25, The Sindhi Recussing or voiced stops, preceded by Glottal closure B.S.S.A.S, London.
12. Danial Jones, 1924, Cerebralization in Sindhi, J.R.A.S.
13. Grahm Baily, 1923, Sindhi Implosives, B.S.O.A.S.
14. Hoyle, R.A, Implosive Phonemerr in Parkari.
15. Lachman Khubchandani 1961, the Phonology and Morphophonemics of Sindhi Language, M.A Thesis.
16. Lachman Khubchandani, 1963, The Acculfurtion of Indian Sindhi to Hindi, Ph.D. Dissortation, Univiersity of N Pennsylvania.
17. Nihalani, P, 1914, Lingual Articulation of steps in Sindhi, phonetica.
18. remanujan, A.k and Masica, Towoards a Phonological Typology for the Idiom Linguistc Area, Current Trends in Linguistics, VolL V.

**لغت:**

1. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1972ع، بنيادي سنڌي لغت (ساٿي ايڊيٽر)، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
2. الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1972ع، وڏايل بنيادي لغت (ساٿي ايڊيٽر) ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
3. الانا غلام علي، ڊاڪٽر: جامع سنڌي لغات، جلد ٻيو (ساٿي ايڊيٽر) ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
4. ابراهيم جويو: 1972ع، بنيادي سنڌي لغت (ساٿي ايڊيٽر)
5. ابراهيم جويو: 1972ع، وڏايل بنياي لغت (ساٿي ايڊيٽر)، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
6. ٻيرومل، آڏواڻي: 1907ع، غريب اللغات، ڀاڱو پهريون (شاهه جي رسالي جي لفظن جي معنيٰ)، حيدرآباد
7. پرمانند ميوارام: 1908ع، انگريزي –سنڌي لغت
8. پرمانند ميوارام: 1910ع، سنڌي – انگريزي لغت
9. حڪيم پرپداس: 1935ع، مخزن ادويات، ڪراچي: پوڪرداس بڪ سيلرس
10. حاجي امام بخش، خادم: فرهنگ طب
11. حسام الدين شاهه، راشدي: 1972ع، بنيادي لغت (چيف ايڊيٽر)
12. جهمٽ مل وسناڻي: 1886ع، وٿيپتي ڪوش (سنڌي ۽ سنسڪرت لفظن جي پاڙن جي فهرست)
13. سنديلو عبدالڪريم: تحقيق لغات سنڌي، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
14. سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر: سامي، ڏاتو ڪوش
15. سنديلو عبدالڪريم، ڊاڪٽر: جامع سنڌي لغات، ڀاڱو ٻيو، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ
16. عبدالرحيم 'وفا'، آخوند: جواهر اللغات
17. علي محمد مهري: 1920ع، سنڌي لغت
18. فتح محمد هالائي: ڪشف غمود، ڪراچي سنڌ پرنٽنگ پريس
19. قليچ بيگ، مرزا: 1914ع، لغات قديمي، حيدرآباد



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

21. محمد جعفر: فرهنگ جعفري، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ
22. مولانا، غلام مصطفيٰ قاسمي: جامع سنڌي لغات، جلد پهريون چيف ايڊيٽر
23. مولانا، غلام مصطفيٰ قاسمي: 1972ع بنيادي سنڌي لغت (ساٿي ايڊيٽر) ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
24. مولانا، غلام مقصطفيٰ قاسمي: 1972ع، وڏايل بنيادي لغت، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
25. نجف علي شاهہ 'ڪمتر' نقوي: ٻاروچي ٻولي، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي
26. نبي بخش خان بلوچ ۽ ڊاڪٽر غلام مصطفيٰ خان، ڊاڪٽر: سنڌي- اردو لغت، حيدرآباد: سنڌ يونيورسٽي
27. نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر ۽ غلام مصطفيٰ خان، ڊاڪٽر: اردو-سنڌي لغت، حيدرآباد: سنڌ يونيورسٽي
28. نبي بخش خان، بلوچ، ڊاڪٽر: جامع سنڌي لغات، ڀاڱو پهريون
29. Eastsick, E.B, Vocabulary of Sindhi
30. Shirt Captain, 1879, Sindhi-English Dictionary
31. Shirt Captain, 1893, Akhara- Datu
32.Stack, G. 1849, A Sindhi — English Dictionary, Bombay
33. Shawani, W.A, A Pocket Sindhi and English Dictionary
34. Kalich Beg Mirza, 1911, Philological Curiocities Hyderabad

**وياڪرڻ:**

1. الانا، غلام علي ڊاڪٽر: سنڌي، مقالو: ٽماهي مهراڻ
2.الانا، غلام علي ڊاڪٽر: لفظ مقالو: ٽماهي مهراڻ
3. الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 1984ع، سنڌي وياڪرڻ جا مسئلا، مقالو: ماهوار نئين زندگي
4. الانا غلام علي ڊاڪٽر: سنڌي معلم، ڇاپو پهريون، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ
5. الانا، غلام علي ڊاڪٽر: 1987ع، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ڇاپو پهريون، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي
6. اميد علي ڪريم محمد ۽ علي قلي بيگ مرزا: 1883ع، اينگلو ورنيڪيولر گرامر
7. آر- ايم رنگ ۽ بي- بي رامناڻي: نيو ماڊل گرامر، حيدرآباد: راما پاڪ بوڪ ڊيپو پبلشرز ۽ بوڪ سيلرز هير آباد، حيدرآباد
8. آغا تاج محمد: 70-1970ع، نئون سنڌي گرامر، ڀاڱو چوٿون، حيدرآباد: آر- ايچ احمد اينڊ برادرس
9. پيرومل، آڏواڻي: سنڌي وياڪرڻ (ننڍو)
10. پيرومل آڏواڻي: وڏو سنڌي وياڪرڻ
11. جهمٽ مل، نارومل، وسناڻي: 1872ع، نون سنڌي گرامر، ڪراچي: گورنمينٽ سينٽرل بوڪ ڊيپو
12.سراج الحق ميمڻ: 1984ع، سنڌي وياڪرڻ جا مسئلا، مقالو: ماهوار نئين زندگي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

13. شرف الدين اصلاحي: 1970ع, سندھی-اردو کے لسانی روابط, لاہور: مرکزی اردو بورڈ
14.شيخ واحد بخش: 56_1955ع, سنڌي صرف و نحو حيدرآباد: آر_ايچ احمد اينڊ برادرس
15. علي محمد بلوچ: 1972ع, سندھی-اردو بول چال, کراچی: اقبال بک ڈپو
16. فتح چند ڪوڙومل واسواڻي: نئون سنڌي گرامر, اسڪول ۽ ڪاليج اسٽوري, بوڪ سيلر اينڊ پبلشرز حيدرآباد
17. قليچ بيگ, مرزا: 1960ع, سنڌي وياڪرڻ, ٽي ڀاڱا, حيدرآباد, سنڌي ادبي بورڊ
18.ڏيارام وسڻمل ميرچنداڻي: سنڌي وياڪرڻ, ڀاڱو پهريون
19. گربخشاڻي, هـ_م, ڊاڪٽر: شاهه جو رسالو— شاهه جون نحوي بناوتون
20. ميان محمد حيدرآبادي: 1860ع سنڌي صرف و نحو ڪراچي
21. محمد صالح ڀٽي, هالائي ۽ محمد صديق مسافر: نئون سنڌي گرامر, ڀاڱو پهريون ۽ ٽيون
22.منشي اُڌارام ٿانورداس: 1857ع, سنڌي وياڪرڻ, ڪراچي: گورنمينٽ سينٽرل بوڪ ڊيپو
23. محمد عثمان ڏيپلائي: 1955ع, سنڌي اُستاد, حيدرآباد: اسلاميه پريس
24. Anandram Shahani, 1971, Sindhi Instructor, Jamshoro: Sindhi Adabi Board
25. Beames, John, 1872-1879, A Comparative Grammar of the Modern Aryan Language of India
26. Dhulomal, 1901, A Mannual of Sindhi
27. Haskoll, C.W.1942, A Grammar of Sindhi Language, Karachi: The Karachi Grammar School
28. Lachman Khubchandani, Dr. 1962, Promnominal Suffires in Sindhi
29. Lachman khubchandani, Dr. 1964, Non-declension in Sindhi and Hindi
30. Mocler, E.1877, A Grammar of the Balochee Language, LondonL Henry s. kings & co
31. Seymour, l.W, 1854, A Grammar of the Sindhi Language
32. Stack, G. 1850, A Grammar of Sindhi Language
33.Trumpp, E. Dr, 1872, A Grammar of Sindhi Language, London
34. Trumpp, E. Dr. 1858 Sindhi Reading in Devanagari and Arabic Script
35. Trubiani, ponominal suffires in Sindhi
36. batten, w. 1836 a Grammar and vocabulary of the Sindhi Language
37. Yegorova, R.P, 1971, The Sindhi Language Moscow. Centarl Department of oriental Litereature

(هي ببليوگرافي 1984ع, اسلام آباد ۾ ٺاهي وئي هئي, انهيءَ ڪري ئي نامڪمل آهي. ڪيترائي ڪتاب, مضمون ۽ مقالا رهجي ويا آهن ۽ ڪيترائي نوان مضمون, مقالا ۽ ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿيا آهن. انهيءَ ڪري مناسب ٿيندو ته هيءَ ڪم ڪو ادارو هٿ ۾ کڻي ۽ اُن کي هر لحاظ کان مڪمل ڪرائي. بهرحال جُزيءَ ڪي جس. هيءَ ببليوگرافي به في الحال محققن کي, سنڌن تحقيقي پروگرام لاءِ مددگار ٿي سگهي ٿي)



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# ببليوگرافي

**سنڌي ڪتاب ۽ مقالا**

1_ الانا، غلام علي: 1966ع مقالو: سنڌي گرامر جا مسئلا، نئين زندگي ڪراچي 1966ع ص 25.

2_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2004ع سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد، ڇاپو: ٻيو ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، ٻه ٻول، ص ت.

3_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2005ع سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ٻيو ڇاپو ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ص ص 33_39 ۽ 140.

4_ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2009ع سنڌي صوتيات، ٻيو ڇاپو حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي.

5_ امداد حسيني: 1992ع مرزا قليچ بيگ جو سنڌي وياڪرڻ، ڇاپو ٻيو ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، مهاڳ.

6_ سراج الحق ميمڻ: 1966ع مقالو: سنڌي گرامر جا مسئلا، ماهوار نئين زندگي 1966ع.

7_ شازيہ پتافي، 2009ع سنڌي ٻوليءَ ۾ گرامر نويسيءَ جي ارتقا، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي، ص ص 78_68

8_ علي نواز جتوئي، پروفيسر: 1983ع علم لسان ۽ سنڌي زبان، ٻيو ڇاپو ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ص ص 35_107

9_ مرزا قليچ بيگ 1992ع سنڌي وياڪرڻ ٻيو ڇاپو ڀاڱو ٽيون، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 35، 72، 70، 77، 167، 169، 173 ۽ 174.

10. مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر: 2000ع سنڌي ڌوني و گيان (سنڌي صوتيات) دهلي: اکل ڀارت سنڌي ساهتيہ ودوت پرشيد.

11_مولانا عبدالقادر پروفيسر: 1961ع ۾ پاڪستان جي علائقائي ٻولين جي پهرين ڪانفرنس ۾ ڪيل صدارتي تقرير تماهي مهراڻ_4_1965/3ع ص ص 126 ۽ 127

**English Books**

12- Bloch, B.& Trager, G.L, 1942, An Outline of Linguistic Analysis, Linguistic

13- Bloomfield, L, 1961, Language, London, George Alleir, 207

14. Sturtevant , E.H, 1947, An Introduction to Linguistic Science, New HeavenL Ysle Univeristy , P.21



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

# تفصيلي ببليوگرافي

**سنڌي ڪتاب، مضمون ۽ مقالا**


1ـ الانا، غلام علي: 1966ع، سنڌي گرامر جا مسئلا، ڪراچي: ماهوار نئين زندگي، سي، 1966ع، ص 25

2ـ الانا، غلام علي ، 1967ع، سنڌي صوتيات، پهريون ڇاپو حيدرآباد: ادبيات پبليڪيشن، ص ص 67، 81 ۽ 82

3ـ الانا، غلام علي: 1969ع، سنڌي صورتخطي، ڇاپو پهريون، حيدرآباد: سنڌي زبان پبليڪيشن

4ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1977، لاڙجي ادبي ۽ ثقافتي تاريخ، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

5ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1983ع، سنڌي لسانيات، صوتيات، لغت ۽ گرامر تي ٿيل تحقيق ۽ اشاعت، ٽماهي مهراڻ، ڄامشورو

6ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1983ع، سنڌي ٻوليءَ جي لساني جاگرافي، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي

7ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1984ع، ڀنڀور جا آثار سنڌي ٻولي ۽ سنڌي سماج جو مطالعو ٽماهي مهراڻ، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 61 ۽ 62

8ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1987ع سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، پهريون ڇاپو ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص ص 13، 65 ۽ 244

9ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1988ع، انسان ، زبان ۽ ثقافت، مقالو: ٽماهي مهراڻ 1988/4ع، ص 50

10ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 1993ع، سنڌي صورتخطي، ٽيون ڇاپو، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ص ص 29ـ137

11ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2004ع، سنڌي ٻوليءَ جو بڻ بڻياد، ٻيو ڇاپو ڪراچي: سنڌيڪا اڪيڊمي، ٻه ٻول، ص ت

12ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2005ع، سنڌي ٻوليءَ جو اڀياس، ٻيو ڇاپو ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص ص 83ـ29

13ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2006ع، سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

14ـ الانا، غلام علي، ڊاڪٽر: 2009ع سنڌي صوتيات، ٻيو ڇاپو حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي

15ـ الهداد ٻوهيو ڊاڪٽر: 1977ع، سنڌي ٻوليءَ جو سماجي ڪارج، ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ص ـ1

16ـ امداد حسيني: 1972ع، حيدرآباد، ٻوليءَ جو مزاج، سنڌي ڪهاڻي ۾ ٻي ٻوليءَ جو تجربو ص 7 جولاءِ 1972ع

17ـ امداد حسيني: 1992ع، مرزا قليچ بيگ جو سنڌي وياڪرڻ، ڇاپو ٻيو ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ، مهاڳ

18ـ پيرومل، آڏواڻي، الف ـ ب ڪيئن ٺهي، حيدرآباد: پارتواسي، ص 7





books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

19_ پيرومل، آڏواڻي، پروفيسر: 1925ع، وڏو سنڌي وياڪرڻ، ٻاڳو ٻيو ڪراچي: هندو پريس، ص ص 10 ۽ 94
20_ پيرومل، آڏواڻي، پروفيسر: 1956ع، سنڌي ٻوليءَ جي تاريخ، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص 93، 151 ۽ 152
21_ خان بهادر محمد صديق ميمڻ: 2000ع، سنڌي ادب جي تاريخ، ڀاڱو ٻيو ڇاپو ٻيو ڄامشورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص 162
22_ ذوالفقار علي ڀٽو: 1973ع پاڪستان جي قومي اسيمبليءَ ۾ ڪيل تقرير
23_ سحر امداد، ڊاڪٽر: 1989ع
24_ سراج الحق ميمڻ: 1966ع مقالو: سنڌي گرامر جا مسئلا، ماهوار نئين زندگي 1966ع
25_ سيد حسام الدين شاهہ راشدي: 1981ع ڳالهيون ڳوٺ وڻن جون، ص 681
26_ شازيہ پتافي: 2009ع، سنڌي ٻوليءَ جي گرامر نويسيءَ جي ارتقا، حيدرآباد: سنڌي لئنگئيج اٿارٽي
27_ شوڪت حسين، شورو: 1999ع ڪالم _ سنڌي ٻوليءَ جو مستقبل، روزانہ عبرت، 9 جولاءِ 1999ع
28_ عبدالڪريم، لغاري: 1976ع، سنڌي الف _ ب جو ارتقا، مونوگراف، ڄام شورو: انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، ص ص 32_ ۽ 33
29_ عبدالڪريم سنديلو: 1955ع تحقيق لغات سنڌي لاڙڪاڻو: ص 15
30_ عبدالواحد، چاچڙ: 1984ع، سنڌي ٻوليءَ جو ارتقا، مقالو: ماهوار شريعت، سکر، نومبر، 1984ع، ص 17
31_ علامہ آءِ آءِ قاضي: 1967ع، روزانہ عبرت اخبار ۾ انٽرويو 22 آڪٽوبر 1967ع
32_ علامہ غلام مصطفيٰ قاسمي: 1961ع، ڪنز العبرت جو مهاڳ، ڪراچي: مولانا مدني، ص ص ب ۽ ج
33_ علي شير قانع مير: 1957ع، تحفتہ الڪرام، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 59، 61، 78، 98، 186، 225، 280 ۽ 721
34_ علي شير قانع، مير: مقالات الشعراء فارسي، بتصحيح و حواشي سيد حسام الدين شاهہ راشدي، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 225 ۽ 721
35_ علي نواز جتوئي، پروفيسر: 1983ع علم لسان ۽ سنڌي زبان، ٻيو ڇاپو ڄام شورو، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي ص ص 1، 9، 13، 15، 35 ۽ 107
36_ غلام رسول مهر ڊاڪٽر: 1951ع تاريخ ڪلهوڙا، حصو پهريون سنڌي ترجمو ڄام شورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص 622
37_ غلام رسول مهر، ڊاڪٽر: 1959ع، تاريخ ڪلهوڙا، حصو ٻيو سنڌي ترجمو حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 620، 632 ۽ 635
38_ گربخشاڻي هـ _ م، ڊاڪٽر: روح رهاڻ، حيدرآباد: سنڌي ڪتاب گهر ص 57
39_ لڇمڻ، خوبچنداڻي، ڊاڪٽر: 1962ع، مقالو: ڪڇ جون جاتيون ۽ ٻوليون، ممبئي: هند واسي، 20 ڊسمبر، ص ص 5 ۽ 6
40_ لطف الله بدوي: 1955ع، لطف اللطيف، حيدرآباد: آر _ ايچ _ احمد اينڊ برادرس
41_ لڪمي ڪلاڻي: 2000ع، سنڌي ساهت جا پنجاهہ سال، ٽماهي سپوڻ، جولاءِ آگسٽ 2000ع، پروفيسر رام



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

پنجواڻي لائبريري ۽ ڪلچرل سوسائٽي، موري روڊ، بمبئي، ص 29
42_ مرزا قليچ بيگ: 1992ع، سنڌي وياڪرڻ ڀاڱو ٽيون، ٻيو ڇاپو ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 35، 72، 73، 77، 167، 169، 173، ۽ 174
43_ مرزا قليچ بيگ: 1922ع، سنڌي وياڪرڻ چار ڀاڱا، ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص 208
44_ محمد سومار شيخ: 1961ع مقالو: ڪڇي ۽ سنڌي ٻولي ڪراچي: ماهوار نئين زندگي جنوري 1961، ص 7
45_ مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر: 1964ع، سنڌي ٻوليءَ جي صرفي بناوت، Ph.D ٿيسز پوني يونيورسٽي 1964ع ۾ پيش ڪئي وئي (هن ٿيسز جو عنوان هو (Morphology of Sindh)
46_ مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر: 2000ع سنڌي ڌوني وگيان، (سنڌي صوتيات) دهلي: اکل ڀارت سنڌي ساهتيه ودوت پرشد
47_ مرليڌر جيٽلي، ڊاڪٽر: 1990ع، سنڌيءَ ۾ مرڪب لفظ ٽماهي مهراڻ 1990/4ع ۾ ڇپيل مقالو ڄامشورو: سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 25_42
48_ محمد ابراهيم جويو: 1983ع، سندي ذات هنجن، مجموعي جو مهاڳ، ص 8
49_ محرم خان، پروفيسر: سنڌي اوائلي شاعري، مقالو: ٽماهي مهراڻ ۾ شايع ٿيل، ڄامشورو، سنڌي ادبي بورڊ
50_ مولائي شيدائي: 1957ع، تاريخ تمدن سنڌ، حيدرآباد، سنڌ يونيورسٽي، ص ص 122، 132 ۽ 220
51_ مولانا عبدالقادر پروفيسر: 1961ع پاڪستان جي علائقائي ٻولين جي پهرين ڪانفرنس ۾ ڪيل صدارتي تقرير، ڄامشورو: مهراڻ 4_4965/3ع، ص ص 459 ۽127
52_ ميمڻ عبدالمجيد سنڌي، ڊاڪٽر: 1993ع، شڪاپور جي ٻولي، حيدرآباد، سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو
53_ مير معصوم بکري: 1953ع، تاريخ معصومي، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ، ص 184
54_ مير محمد جلال ٺٽوي: 1965ع، ترخان نامہ بصحيح و حواشي، سيد حسام الدين شاهہ راشدي، حيدرآباد: سنڌي ادبي بورڊ
55_ نائو مل: 1968ع، يادگيريون، مترجم: محمد حنيف صديقي، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص ص 81 ۽ 82
56_ نبي بخش خان، بلوچ، ڊاڪٽر: 1956ع، سنڌي ٻوليءَ جون سرحدون ۽ ان جي ڪڇي محاورو مهراڻ جون موجون ڪتاب ۾ شامل، ڪراچي: ص ص 228_ 230 ۽ 235
57_ نبي بخش خان، بلووچ، ڊاڪٽر: 1962ع، سنڌي ٻوليءَ جي مختصر تاريخ، ڇاپو پهريون، حيدرآباد: ص ص 8 ۽ 54
58_ نبي بخش خان، بلوچ، ڊاڪٽر: 1974ع، شاهہ جي رسالي جي ترتيب، حيدرآباد، شاهہ عبداللطيف ڀٽ شاهہ ثقافتي مرڪز ص_3
59_ نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1980، سنڌي ٻولي ۽ ادب جي مختصر تاريخ، ڇاپو ٻيو حيدرآباد: زيب ادبي مرڪز ص ص 49، 60، 63، 65، 71، 74 ۽ 78
60_ نبي بخش خان، بلوچ، ڊاڪٽر: 1994ع، سنڌو تهذيب جي سنڌو لکت جي ڀاڃ، سنڌي ٻولي (تحقيقي



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

جرنل)، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو جون 1944، ص ص 5 ۽ 6
61_ نبي بخش خان بلوچ، ڊاڪٽر: 1999ع، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي تاريخ، ڇاپو ٽيون، ڄامشورو: پاڪستان اسٽڊيز سينٽر سنڌ يونيورسٽي، ص ص 36، 338 ۽ 340
62_ ندنا اشوڪ، راموالي، ڊاڪٽر: 2003ع، سامي هڪ مهاويدانتي شاعر Ph.D ٿيسز ممبئي يونيورسٽي،
63_ نور افروز ڊاڪٽر: 2010ع، ورهاڱي کان پوءِ سنڌي ناول جي اوسر، ڪراچي: شيخ شوڪت علي اينڊ سنسز ص ص 288، ۽ 289
64_ هدايت پريم ڊاڪٽر: 1995ع اُترادي ٻولي، حيدرآباد: سنڌي ٻوليءَ جو بااختيار ادارو ص 44
65_ واحد بخش شيخ: 1986ع، سنڌي ٻوليءَ جو صرف ونحو پاڱو پهريون، ڄامشورو سنڌي ادبي بورڊ، ص 17
66- Aitken, E.H 1907, Gazattear of Province of Sindh, Karachi, Ameraican Press, PP.9, 18 and 72
67- Allen, W.S, 1957, Phonetics in Ancient India, som Phonological Characteristics of Rajas Tham, B.O.A.S., xx,p.5
68- Batil Malainberg, 1963 phonetics Newyork: Dover Publication, INC, pp.5.43 and 65
69- Bloch, B & Trager, G.L, 1942, an Outline of Linguistics the Analys Linguistic Society of America pp. 5 & 50
70- Bloomfield, L, 1961, Language London, George Allen, PP.12, 41, 43 & 207
71- Burton, R.F. 1851, Sindh and Rgee that inhabit the valley of River Indus London: W.H Allen and CoL P.152
72- Captain William Wilberforce, 1916, the history of Kathiawar, London, William Hinemann
73- Carter, V. Good, 1960, Dictionary of Education, NewyorkL MCGram-Held INC, Macmillam & Company, P.350
74- Chatterji, S.K, Dr, 1942, Indo-Aryan and Hindi, Ahmedabad Gujrat Vernecular Society PP. 164, 165 and 256
75- Daudpota, U.M. Dr. 1955, an article Sindhi Literature, Published in Cultural Heritage of Pakistan, Karachi, Oxford University Press P.156
76- Elliot, E.H. 1867. History of down volt I, London, Trubnand Company, P.39
77- Eugen, A. Nida, 1962, Morphology 2nd Edition, An Arabor, the University Mechigam Press, P.81
78- Graam Gorg, Dr, 1991, International Encylopedias of Indian Literature, VolL VIII, Sindhi, a brief suervey, written by Dr. Muliotha Jettley, News Delhi, Mitha publication
79- Gimson, A.C, 1964, An Introduction to Pronunciation, of English LondonL Edwoard Arnold (Publication) Ltds P. 148
80- Gleasm, H.A. An Introduction to Desaipative Linguistics, reviesed edition, Purnab and Wilson, Newyork:p 129
81- Grierson, G. 1919 Linguistics Survey of India, VolL VIII part-1, P. 184
82- Hain, S, 1936, New Pernniam-Enga Dictionary, TehranL Beroikh in Publishers, Book Sellers and printles PP. 274 and 289
83- Horn by, S. Others, 1963, The Ablers Learners Dictionary of English London, oxford University of Press, P. 238



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

84- Inperedol Gazatters of India VolL W. P.61
85- Jhamatmal Waswani, 1892, New Sindhi Grammar Karachi Government Comford Book, Deposit p p. 17 & 18.
86- Tones, D, 1956, An English Pronouncing Dictionary, Dent London, Introduced
87- Jones, D. 1960 An Outline of English Phonetics, CambridgeL W. Heffer & Sons Ltd
89- kenoyer, J. Mark, 1959, Lecture given at Karachi on, Ancent Cities of Indus valle, Karachi, daily Dawn, June 2, 1959.
90- Khalil L. Suleman, 1963 Arabic Phonetics, Translation of Ibne-Sina's Silsaler Lahore, Sh: Mohammad Ashraf Kahsmir Bazar, P.48
91- Khubcandani Lachman, Dr. 1959, Dehin adia Mer Sindhi Mahabaharata of Arabic Naquel,(An Arabic Version of t to the Cantury Sindhi Mahabharat) Sindhi Banslation of S.K Cahtterge with comments, Bombay kaham May, 1959,PP. 49 and 60
92- Lane's, 1865, Arabic, English Lexicam, Book I part-II, London O.665
93- Lane's, 1885, Arabic-English Lexicam, Book I Part- VI London P. 2676
94- Mahar Abdul Haque Dr, 1990 The Soomras, Mulfan, Beacon Books, P.68
95- Mughal, M. Rafique, Dr, 1996 Interview published in Daily Dawn Karachi, May 5, 1996.
96- Nabi Bakhsh, Kha, Dr, 1960 Jamae Sindhi Lughat, Hyderabad, Sindhi Adabi Board Vol: I. P.7
97- Petter, Sinson, 1960, Language in Modern world, Harrel Hoston, Ltd, P.24
98- Ravery, H.K. 1892 Mehran of Sindh, Calculatar PP.465 and 466
99- Sachan, E. C. Dr, 1910 Alberunis India London, Negal pant Trench Trubunes P.173
100- Donley, H.T. 1931, Cencus Report, P.330
101- Sorly, H.T, Dr. 1940, Shah Abdul Latif of Bhitt, London. P.24
102- Smyth, J.W, 1919, Gazetter of the Provicen of Sindh. Vol, B,P 95
103- Stock, G, 1849, Government of Sindhi Language, PP. 3-8
104- Sturlevant.E.H. 1947, An Introduction to Linguistics Science News HavenL Yal University, P.2
105- Thadhani, J.S., 1948, The Lohanas, and articale, Published in JHRS, VolL VIII, NL 3, Januaary 1948 P.166
106- Von Sigrid Westtho Jonal Helbubusch, Dr. and Heinz Duncee Humbolt, Dr, 1964, Jats of Pakistan, Berlin, P.76
107- Whiteney, W.D. Danskring Gramarr, London, George Cumbalege, PP. 13, 27 and 28

## اردو کتب اور مقالے

108- ابن ندیم: 1962ع، الفہرست، جلد دوم، اردو ترجمہ: ہندوستان عربوں کی نظر میں، اعظم گڑھ: دار المصنفین، ص3-4
109- ابو الحسن مسعودی: 1762ع، مروج الذہب و معاون الجواہر، اردو ترجمہ: ہندوستان عربوں کی نظر میں، حصہ اول، اعظم گڑھ: دار المصنفین، ص226 اور 268
110- اصطخری: 1960ع، المسالک والممالک، حصہ اول، ہندوستان عربوں کی نظر میں، اعظم گڑھ للہ دار المصنفین، ص74، 23 اور 375



books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

111- اعجاز الحق قدوسی: 1971ع، تاریخ سندھ، حصہ اول، لاہور: انجمن ترقی اردو، ص351

112- الانا، غلام علی، ڈاکٹر: 1988ع، زبان و ثقافت، اسلام آباد: علامہ اقبال اوپن یونیورسٹی

113- بشاری المقدسی: 1960ع، احسن التقاسیم فی مقرن، حصہ اول، اردو ترجمہ: ہندوستان عربوں کی نظر میں، اعظم گڑھ، دارالمصنفین، ص385 اور 386

114- بزرگ بن شہریار: 1960ع، عجائب الھند جلد اول، اردو ترجمہ، ہندوستان عربوں کی نظر میں اعظم گڑھ، دارالمصنفین، ص101-193 اور 209

115- جاحظ: 1960ع سالتہ فخر السودان علی البیضان، اردو ترجمہ: ہندوستان عربوں کی نظر میں، اعظم گڑھ، دارالمصنفین، ص4-7-55-73 اور 74

116- سید سبط حسین: 1984ع، پاکستان میں تہذیب کا ارتقا، چھٹا ایڈیشن، کراچی، مکتب دانیال

117- سید سلیمان ندوی: 1930ع، عرب و ہند کے تعلقات، دہلی: ہندوستاں اکیڈمی، ص67 اور 69

118- شوکت سبزواری، ڈاکٹر: 1966ع، اردو لسانیات، کراچی للہ مکتب تخلیق ادب، ص ص، 37 101 اور 103

119- قاضی صاحد اندلسی: 1962ع، طبقات الاسر، اردو ترجمہ: ہندوستان عربوں کی نظر میں، اعظم گڑھ دارالمصنفین، ص4

120- محمد حسین، ڈاکٹر: ہندی ادب کی تاریخ، علی گڑھ: انجمن ترقی اردو، ص16

121- محمود حسن خان، ڈاکٹر: 1961ع، اردو لسانیات؛ ان خاکہ، اردوئے معلی کے لسانیات نمبر جلد سوم میں شامل مقالہ، دہلی: دہلی یونیورسٹی ص ص111 اور 112




books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com

منهنجي لاءِ اها اعزاز جي ڳالهه آهي تہ سنڌي ٻوليءَ جي بااختيار اداري ۾، چيئرمئن جي حيثيت سان ڪم جي شروعات، سنڌي ٻوليءَ جي وڏي عالم، لسانيات جي ماهر ۽ هن اداري جي اڳوڻي چيئرمئن ڊاڪٽر غلام علي الانا جي ٻن ڪتابن جي ڇپائيءَ سان ٿي رهي آهي. هنن ڪتابن ۾ ڊاڪٽر الانا صاحب جو هڪ ڪتاب 'سنڌي لسانيات: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس' آهي، جيڪو ٻولي ۽ لسانيات بابت مختلف تحقيقي مقالن تي ٻڌل آهي ۽ ٻيو ڪتاب 'Evolution of Sindh Language' آهي، جيڪو سنڌيءَ ۾ سندس ڇپيل ڪتاب 'سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا' جو انگريزي ترجمو آهي. هي ٻئي ڪتاب، سنڌي ٻولي ۽ لسانيات تي ڪم ڪندڙ محققن توڙي شاگردن لاءِ بيحد ڪارائتا آهن.

هيءَ ڪتاب 'سنڌي لسانيات: تحقيقي ۽ تنقيدي اڀياس' ڊاڪٽر غلام علي الانا صاحب جي مختلف تحقيقي جرنلن ۽ رسالن توڙي مخزنن ۾ ڇپيل، تحقيقي مقالن ۽ مضمونن تي مشتمل آهي. هي ڪتاب ڊاڪٽر صاحب پاڻ ئي سهيڙي، مسودو هن اداري کي شايع ڪرڻ لاءِ ڏنو هو. ڪتاب جي تياري دوران ئي ڊاڪٽر صاحب جن هيءَ فاني جهان ڇڏي ويا، افسوس جو پاڻ ڪتاب کي شايع ٿيندو نہ ڏسي سگهيا، البت ڊاڪٽر صاحب هن ڪتاب تي مهاڳ لکي اداري حوالي ڪيو هو، جيڪو جيئن جو تيئن شايع ڪيو پيو وڃي.

– ڊاڪٽر محمد علي مانجهي

ISBN 978969625180-4
9 789696 251804

books.sindhsalamat.com sindhsalamat.com